
ڏونگر منجهه ڏيئو

بورس پوليواني

[سنڌيڪار]

پرويز



ڏونگر منجھ ڏيئو

(ناول)

بورس پوليوائي

پرويز

سنڌي ساهت گهر

حيدرآباد- سنڌ

2020ع

سمورا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

سنڌي ساهت گھر- ڪتاب نمبر 318

ڪتاب جو نالو: ڈونگر منجھ ڈيئو

ليکڪ: بورس پوليوائي

موضوع: ناول (روسي)

سنڌيڪار: پرويز

اداري طرفان پھريون ڇاپو: 2002ع

قيمت: -/600 (ڇھ سؤ رپيا)

ڪتاب ملڻ جا هنڌ

سنڌي ساهت گھر، دڪان نمبر 4، سيد آرڪيڊ، عبرت گھٽي حيدر چوڪ، حيدرآباد، سنڌ 0304-3688286

آئيڊيل ڪتاب گھر، رابعہ اسڪوائر، حيدر چوڪ، گاڏي ڪاتو، حيدرآباد، سنڌ Mobile # 0300-3946518

- دانيال ڪتاب گھر، ڈھراج سينٽر، قاسم آباد حيدرآباد. 0300-3296225
- رومي ڪتاب گھر، ايگريڪلچرل ڪمپليڪس، وحدت ڪالوني، حيدرآباد. 0333-2284354
- مدني ڪتاب گھر، دادو. 0300-3256788
- نئون نياپو ڪتاب گھر، سچل ڀوٽ، ڪراچي، سنڌ. 2638025, 2218025

DOONGAR MANJH DEEYO

By: BORUS POLYWAI

Translated by: Parvez

Published By: Naz Sanai
Chairrman
Sindhi Sahat Ghar, Hyderabad, Sindh

Book No.: 318

First Edition: 2020

Price : Rs. 600/-

بہ اکر

روسي انقلاب، روس ۾ جرمن جي جنگ تي ڪيترائي ڪتاب/ ناول، تاريخون توڙي ڊائريون ۽ جنگ جا احوال ڪيترين ئي تحريرن ۾ موجود آهن ۽ سڄي دنيا ۾ اُهي تحريرون وڏي پيار ۽ اُتساهه سان پڙهيون ويون آهن. موتمار جنگ، هزارين لاشن، هر طرف رڙين ۽ دانهن کي بہ ناول نگارن رڪارڊ ضرور ڪيو آهي، پر اهڙي طرح جو دنيا جون پيون مظلوم قومون ان کي پڙهي پاڻ ۾ همتون ۽ حوصلا ٿيون پيدا ڪن. جنگ ڪيڏو بہ نقصان ۽ تباهي آندي پر مظلوم قومن انهن کي پڙهي پنهنجي ان نموني صف بندي ڪئي ۽ روسي انقلاب ۾ ورهندڙ سپاهين جي ويڙهه جي نمونن ۽ بي جگريءَ سان سامراج ۽ وطن دشمنن سان مهاڏو اٽڪائڻ جا طور ۽ طريقا سکيا.

بورس پوليوائي بہ اهڙو ناول نگار آهي، جنهن جي هِن ناول، جنهن جو سنڌي ترجمي جو نالو اسان جي پياري ساٿي پرويز 'ڏونگر منجهه ڏيئو' رکيو، اهو دنيا جي ٻين بہ ڪيترين ئي ٻولين ۾ ترجمو ٿيو ۽ بار بار پڙهيو ويو.

سنڌيءَ ۾ اهو هڪ دفعو ڇپيو ۽ سوويت يونين جي ٽٽڻ کان پوءِ هتي ائين سمجهيو ويو تہ ان ناول جي اهميت ختم ٿي وئي پر اُهو ناول جنهن ۾ جُستجو آهي، همتون ۽ حوصلا آهن، هڪڙي بهادر پائلٽ جي مسلسل جدوجهد ۽ هماليہ جيڏن حوصلن، ان جي ٽنگن

ڪنڊجڻ کان پوءِ، اُن جي اندر ۾ ٻيهر جنگي جهاز اڏائي، دشمن کي نيست ۽ نابود ڪرڻ جا جيڪي اندر ۾ وِلولا هئا، اُن جذبي ۽ ڪوشش، ڪاڪ جي ٽنگن لڳڻ کان پوءِ ٻہ جنگي جهاز اڏائڻ واري پنهنجي ارادي کي بار بار مايوسي پلئه پوڻ کان پوءِ ٻہ پاڻ کي مايوس ٿيڻ نہ ڏنو ۽ پنهنجي مقصد ماڻڻ واري جنون سان لڳو رهيو ۽ نيٺ هن پنهنجي خوابن جي تڪميل ڪندي ٻيهر جنگي جهاز اُڏايا ۽ دشمن جا ڪيترائي جنگي جهاز نہ رڳو ڪيرائي تباهہ ۽ برباد ڪيا، پر دشمن فوجن کي توڙا چهائي نہ رڳو پاڻ کي سرخرو ڪيو، پر پنهنجي قوم جو ٻہ ڪنڈ اوچو رکيو.

هيءَ ناول رڳو جنگ ۽ ويڙهہ جو داستان ناهي، رت ۽ باهہ جي ڪهاڻي ناهي، جنگي جهازن جي ڪِرڻ، بلبنگن جي مسمار ٿيڻ تائين جي انبار ستجڻ جي ڪهاڻي ناهي، پر محبت ۽ پيار جي لاثاني ۽ لافاني ڪردارن جي ٻہ ڪهاڻي آهي. ڏڙڪندڙ دلين ۾ پيار ۽ سچن جذبن واري محبت جو داستان پڻ آهي، نہ رڳو ٻن دلين ۾ ڏڙڪندڙ پيار پر ويس ۽ ان جي ذري ذري سان پيار جي ٻہ ڪهاڻي آهي.

هن وقت جڏهن اسان سمورا سنڌي مايوسيءَ جي اونداهي ڪُن ۾ ڪِرندا پيا وڃون ۽ اسان جون محنتون ۽ پورهيا اسان جون ناڪاميون ۽ شڪستون، اسان کي اڃا ٻہ اونداهيءَ طرف ڌڪي رهيون آهن. اتي هيءُ ناول پڙهڻ سان اسان پاڻ کي ان مايوسيءَ ۽ دلشڪستيءَ واري ڪُن مان ڪڍڻ لاءِ انتهائي ڪارگر ثابت ٿيندو.

حيدرآباد، سنڌ.
3۔ ڊسمبر 2020ع

ناز سنائي
0300_3946518

سنڌيڪار طرفان

ڪجھ وضاحتون:

مون جيڪي هيستائين ڪتاب پڙهيا آهن، انهن ۾ بہ جن ڪتابن کي هڪ بہ پيرا نہ. پر تمام گھٹا پيرا پڙهيو اٿم، انهن ۾ هڪ شيخ اياز جو 'جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي' ۽ پيو روسي ليکڪ بورس پوليوائي جو ناول "ڏونگر منجھ ڏيئو" آهي. مون کي خبر ناهي تہ مون ڪيترا پيرا روسي ناول جو اردو ترجمو 'چراغ جلتا رها' پڙهيو آهي، پر تمام گھٹا پيرا پڙهيو اٿم. اهو ناول، جنهن جو مون سنڌي ترجمو ڪري مٿس نالو 'ڏونگر منجھ ڏيئو' رکيو آهي، سو منهنجي راءِ آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن مايوسين جي اٿاھ سمونڊ ۾ گھيريل، بنھ همت هاريل، حياتيءَ مان ڪڪ ۽ قبر ۾ پير لڙکائي ويٺل ماڻهوءَ کي پڙهي ٻڌائجي تہ جيڪر هو ٻيھر نئين زندگيءَ جي جذبي، جوش ۽ ولولي سان جيئڻ لاءِ نوان گونج ڪيڙ شروع ڪري ڏئي. اها منهنجي راءِ آهي. منهنجي اها پراڻي خواهش هئي تہ آئون اهو ناول سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪريان. ترجمو تہ ڪريان، پر ڇپائڻ جي پھچ مون ۾ ڪانہ هئي، سو ڪجھ سال اڳ عظمت پبليڪشن جي همراھ ڊاڪٽر عمر ميمڻ سان ڳالھايم. ڪتاب جي ضخامت ۽ لاڳت جو سوچي ڊاڪٽر صاحب معذرت ڏيکاري. پر مون ترجمون ڪرڻ شروع ڪري ڏنو ۽ مون مٿيون ڪتاب 13 ڊسمبر 1988ع کان ونڊي 10 مئي 1989ع تائينءَ جي مسلسل محنت کان پوءِ مون هي ناول ترجمو ڪري پورو ڪيو.

1988ع کان وٺي حيدرآباد نسلي فسادن جي ميدان جنگ رهندي پئي اچي. هر ڀئي ڏينهن هل هنگامان، هڙتالون، ڦرلٽ، ڏاڙا، باهيون، مارڪٽ، مارا ماري، قتل، گولين جي برسات ۽ پوءِ ڪرفيو جو نفاذ تنهن ڪري سموري ڪاروبار سان گڏ سنڌي پريسون به تمام گهڻيون متاثر ٿيون آهن. ان سبب جي ڪري ڪتاب جي ڇپائيءَ تي جيترو پبلشر کي توجهه ڏيڻ گهرجي ها، سو ڏيئي نه سگهيو آهي. ان جو ئي نتيجو آهي جو ڪتاب جي پنيان هڪ پُلنامو شامل ڪرڻ بنهه ضروري ٿي پيو آهي. ٻيو ته روسين جا نالا ڏاڍا ڏکها هوندا آهن ۽ اسان لاءِ غير معروف به. تنهن ڪري ڪيترا نالا غلط به ڇپجي ويا آهن. مثال طور ميڊيڪل ڪاليج جي شاگردياڻي گريگوري جي محبوبه جو نالو 'انيوتا' آهي، جيڪو شروع ۾ 'انبوتا' ۽ اڳتي هلي وري 'انيوتا' ڇپيو ويو آهي. ساڳي طرح 'فيدوتوف' کي 'فيدتون' ۾ ڪري ڇپيو ويو آهي. 1990ع جي شروع ۾، جيئن ئي هي ڪتاب پريس ۾ ويو آهي، تڏهن کان نسلي فسادن اهڙي صورت اختيار ڪئي آهي جو سنڌي ماڻهن جو حيدرآباد ۾ اچڻ بنهه غير محفوظ ٿي پيو آهي. ان ڪري ئي هنن وضاحتي جملن جي ضرورت محسوس ڪئي ويئي آهي.

مون هي ترجمو، جيئن مٿي ڄاڻايو اٿم، اردو ترجمي 'چراغ جلتا رها' تان ڪيو آهي. ناول جو انگريزي ترجمو ڪوشش جي باوجود به مون کي ملي ڪونه سگهيو. ترجمي ڪرڻ مهل اها منظر نگاري، جيڪا اجائي ڊيگهه اختيار ڪري ٿي ويئي يا اهي شيون، جيڪي بنهه غير ضروري سمجهيون ويون ٿي، تن کي بنهه ٿورڙو مختصر ڪيو ويو آهي. يعني اجائي پٽاڻ جو مختصر اختصار ڪيو ويو آهي. ان ڳالهه جو انتهائي خيال رکيو ويو آهي ته گفتگو يا ردعمل جا تاثرات هوبهو ڏنا وڃن. اهڙي طرح ڪٿي به ائين محسوس ڪونه ٿو ٿئي ته هتان کا ست يا جملو ڪٽيو ويو آهي.

ان جي باوجود به اردوءَ مان منهنجو هي پهريون ترجمو آهي، تنهن ڪري الاهي ڪميون پيشيون ۽ ڪوڙ ساريون ڪوتاهيون رهجي وڃڻ ممڪن آهن ۽ سنڌيڪار جي حيثيت سان اڄا منهنجي هڪ

سيکڙات شاگرد واري حيثيت آهي ۽ غلطيون ته شاگردن کان ئي ٿيندیون آهن. مون تي وڏا وڙ ٿيندا، انهن قربدارن جا، جيکي هن کتاب کي غور سان پڙهي، غلطين جي نشاندهي ڪري، ان جو مون کي اطلاع ڪندا. آئون سندن لک لائق پائيندس.

مٿين چند وضاحتن ۽ گذارشن کان پوءِ ڪجھ ڪتاب جي مھاڳ بابت: هن ناول جي ليکڪ بورس پوليوائي طرفان هن ناول جي لاءِ لکيل ڏهن صفحن تي مشتمل مھاڳ، جيکو هن نومبر 1950ع ۾ لکيو هو، سو هتي وڏي ضخامت جي لحاظ کان ڪونہ ڏنو پيو وڃي. ان کوٽ پوري ڪرڻ جي نقطي کي ذهن ۾ رکي، آئون پنهنجي طرفان هن ڪتاب جي سلسلي ۾ ٻہ اکر عرض ڪندس.

هي ناول ٻي مھاياري لڙائيءَ ۾ حصو ونڊڻ ۽ متاثر ٿيندڙن انهن ڪروڙين ماڻهن مان چند ماڻهن جي ڪردارن تي مشتمل آهي، جن جو تعلق روس ۽ جرمنيءَ سان آهي. جڏهن جرمنيءَ جي بري ۽ هوائي فوجن روس تي حملو ڪيو هو، تڏهن روسي ماڻهو پنهنجي ماتر پوميءَ جو، پنهنجن شهرن جو، ڳوٺن، واهڻن ۽ وستين جو ڪيئن بچاءُ ڪيو؟ انهيءَ جي هڪڙي جھلڪ آهي. اهي روسي ماڻهو، جيکي سڌيءَ طرح جنگ جي ميدان ۾ وڙهي رهيا هئا، تن ڪهڙا ڪارناما سرانجام ڏنا؟ جن کي تاريخ پنهنجي ورقن ۾ سميتي پاڻ تي فخر ڪري رهي آهي ۽ اهي روسي ماڻهو، جيکي جنگ جي مورچن پٽيان هئا، سي پنهنجي وطن جو دفاع ڪهڙي انداز ۾ ڪري رهيا هئا؟ تن جون پڙ ڪجھ جھلڪيون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. وطن سان محبت، فرض سان سچائي، محبت جي لطيف جذبن، اوسيئڙي، ايثار ۽ قرباني جي لازوال ۽ اٽٽ نشانن، ماءُ جي ممتا، محبوب سان وفاداري، دوستي جو نياءُ، پنهنجي پنهنجي شعبي ۾ جاڻ جو معيار، اٽل ارادو، اورچائي، اٽٽڪ محنت، لگن، جنگي فن ۾ مھارت، جنگي حڪمت عملين جي جاڻ ۽ رڃابندي، هوائي جنگ جي پيچيدگين، سمپ، رازداري ۽ ضابطي ۽ ثابت قدميءَ جا اهڙا ڪردار هن ناول ۾ شامل آهن، جيکي تاريخ ۾ فقط ڪڏهن ڪڏهن جنم ونندا آهن ۽ جڏهن ٻہ جنم ونندا آهن، تڏهن تاريخ

جي ورقن ۾ سونهري جاءِ و الارندا آهن.

اهڙن ئي تاريخ ساز ڪردارن مان هڪ ڪردار هن ناول جو هيرو آهي، اليڪسيءَ ميريسئف، جيڪو هوائي جنگي جهاز جو هواباز آهي. سندس هوائي جهاز دشمنن جي گهيري ۾ اچي وڃڻ کان پوءِ تيل ۽ گوليون کٽي وڃڻ سبب دشمنن جي مورچن پنيان جهنگل ۾ ڪري ٿو پوي. پاڻ جهاز ڪرڻ کان ٿورو اڳ جهاز مان ٽپي ٿو پوي. سندس پير جميل سخت برف تي لڳڻ ڪري خراب ٿي پون ٿا، جن کي نيٺ نگرو بيماري لڳيو پوي. هو ارڙهن ڏينهن تائين اڇيو بکيو، بيڪار پيرن سان، برفيلي جهنگ ۾ رڙهي هڪ جرمنن طرفان اجاڙيل ڳوٺ ۾ پهچي ٿو. پوءِ ماسڪو جي اسپتال ۾ سندس پير ڪاٽيا وڃن ٿا. هو نقلي پيرن سان ٻيهر جنگي جهاز اڏائڻ ۽ جنگ ۾ عملي طرح حصو وٺڻ جو عزم ۽ ارادو ڪري ٿو ۽ جيستائين ٻيهر هو عملي طور هوائي جنگ ۾ حصو وٺي، دشمن جا پنج هوائي جهاز تباهه ڪري ٿو. ان عرصي تائين جو سمورو احوال هن ناول ۾ ڏنل آهي. سندس عزم، همت، اورچائي، حوصلي، لڳاءُ ۽ ثابت قدميءَ جو احوال ناول پڙهڻ سان ئي معلوم ٿي سگهندو. باقي مختصر لفظن ۾ سندس ڀرپور شخصيت ۽ ڪردار کي هوبهو چٽڻ جي همت ٻيلي مون ۾ ته ڪانهي!

جرمنن طرفان اجاڙيل ڳوٺ جي ڳوناڻن، نانا ميخائيل ۽ سندس نوجوان پُٽ جي بيوه واريا، ماسي واسي ليسا ۽ ٻه ننڍڙا ڇوڪرا- جن کيس جنگ ۾ رڙهندي ڏٺو هو، جا ڪردار لافاني ڪردار آهن. ان کان اڳ جنهن هوائي اڏي تان پاڻ جنگي هوائي جهاز ۾ چڙهي اڏاٽو هو، اتي جا سندس دوست، خاص ڪري اندرئي ديگتيارينڪو ۽ 'موسمي سرجنٽ' وغيره. 'موسمي سرجنٽ' جي خاموش محبت ۽ ان جو عجيب ۽ انوکي نموني ۾ ڪيل اظهار، ماٽهوءَ جي روح کي جهنجهوڙيو ٿو ڇڏي. ماسڪو جي اسپتال، ان طبي اداري جو سربراهه واسيلي واسيلي وچ- هڪ معالج جي حيثيت ۾ ۽ هڪ پيءُ جي حيثيت ۾ ۽ سڀ کان وڌي ڳالهه ته هڪ انقلابي روسيءَ جي حيثيت ۾ - واهه واهه!

اسپتال جي وارڊ نمبر 42 جا مريض خصوصًا گريگوري

گووزديف، استيپان، ڪامريڊ ڪُميسار ــ هڪ سچو انسان، سوويت يونين جو هيرو. ميجر استروچڪوف ۽ مڙني ڪان وڏ اسپتال جي نرس ڪلاوديا ــ هڪ 'سوويت حور!' ڪوڪو شڪن ۽ ميڊيڪل ڪاليج جي چوڪري انيوتا. سيئي سچا موتي، سچا انسان، جن گڏجي هڪ لڙيءَ ۾ سموئجي هڪ سچن موتين جي مالها ناهي هئي. اهڙن ڪردارن کي پڙهڻ کان پوءِ ئي ماڻهن جي طبيعت سندن عظيم جذبن ۽ وطن سان وفاداري ۽ متانئس سر گهورڻ جهڙيون ڳالهيون، پنهنجي پرپور اهميت سان سمجهه ۾ اچن ٿيون. ان کان اڳتي تفريحي سيني ٿوريم ۾ ڳاڙهن وارن واري چوڪري زينوچڪا (زينا) جو لافاني ڪردار— هوائي فوج جو سرجن ميرو ولسڪي جو همدرديءَ وارو ڪردار، آزمائشي سڪيا واري اسڪول جي استاد ناؤموف جو ميريسئف سان ورتاءُ ۽ اعليٰ هوابازيءَ جي اسڪولن جي ليڪچرر ڏيندڙ استاد ڪرنل ڪپوستين جو انسان دوستيءَ ۽ بلند اخلاقيءَ وارو رويو، انهن ۽ ٻين ڪيترن ئي ڪردارن سان گڏ ناول جي هيرو جي پوڙهي ماءُ وارو ڪردار ۽ سڄي ناول ۾ موجود سمورن ڪردارن جو مهندار ڪردار يعني هيروئن اولڀا يا اولگا، واهه واهه! ڇا چئجي!! قربتن ۽ محبتن جي عظمتن کي ڇهندڙ هي ڪردار واقعي هڪ 'سچي انسان' هجڻ جو درس ڏين ٿا. روس جي عورتن جنگ جي زماني ۾ پنهنجي مردن سان گڏ ڇا ڇا نه ڪيو، سي عظيم ڪردار هن ناول جي جان آهن.

مورچن تي وڙهندڙ جانبازن ۽ زخمي ٿيل ويڙهاڪ جوڌن اڳيان اسپتال ۾ پنهنجي عزيزن، دوستن ۽ پنهنجي محبوبائن جا خط ڪيتري اهميت رکندا هئا، تن جو ذڪر وَرَ وَرَ ڏيئي ڪيو ويو آهي. انهن خطن جي سهاري اسپتال ۾ زخميءَ کي تریاق جيترو فائدو ٿيندو هو ۽ هو جيڪي مورچن تي وڙهي رهيا هئا، تن کي جڏ نه اهي خط هڪ نئين ڪُمڪ پهچائيندا هئا. خطن جي اهميت کي جهڙيءَ ريت هن ناول ۾ اجاگر ڪيو ويو آهي، تنهن جو شايد ئي ڪو مثال هجي.

روس جي ماڻهن ۾ مهاياري لڙائيءَ کان پوءِ روس جي جيڪا نئين سر اڏاوت شروع ڪئي آهي، سا اڄا اڄ تائين به جاري آهي. محترم

گوربا چوف جي تازن ڪنيل اهم قدمن کي ڏسي، اهو چئي سگھجي ٿو تہ روسي اڄ بہ 'ڏونگر منجھ ڏيئو' جي اهم ڪردار اليڪسئي ماريسئف وانگر سامھون ايندڙ هر رڪاوٽ ۽ مسئلي کي ساڻي اتل ارادي، همت ۽ جرئت سان منھن ڏيڻ جي صلاحيت رکن ٿا.

هوائي حادثي جي هن واقعي کي ۽ ان واقعي مان جنم ونندڙ داستان کي جنھن نموني ۾ حادثي جي شڪار ٿيل اليڪسيءَ ماريسئف بيان ڪيو ۽ ان کي سھيڙي سميٽي، ترتيب ڏيئي جنھن ڪمال فن سان روس جي معتبر ليکڪ ۽ صحافيءَ محترم بورس پوليوائي هڪ ناول جي حيثيت ڏني آهي، ان مان سندس گھري مشاهدي، جنگي فن جي ڄاڻ ۽ مختلف ڪردارن جي نفسيات جي پرک جي بخوبي پروڙ پوي ٿي. سندس هيءَ تخليق دنيا جي ڪيترين ئي ٻولين ۾ ترجمو ٿي چڪي آهي ۽ هن ئي تخليق کيس بين الاقوامي شهريت جو مالڪ بنائي ڇڏيو آهي.

هروپرو ائين بہ ڪونھي تہ اهڙا ڪردار، جيڪي هن ناول ۾ شامل آهن، تهڙا دنيا جي ٻئي ڪنھن بہ ملڪ ۾ موجود ڪونھن يا ٻين ملڪن جي ماڻھن ۾ حب الوطنيءَ جو جذبو ايترو شديد ڪونھي. ٻلا ٻليءَ جو ڇيھ ڪونھي. ھت ھتن کان ٻلا ٻيا آهن. هر آزاد ٿيندڙ ملڪ جي آزاديءَ جي جدوجھد واري تحريڪ کي ڏسبو تہ اها بيشمار بيش بها، املھ هيرن ۽ سر گھور ڪندڙ سورھيہ سرواٽن سان ستي پئي آهي، جن پنھنجون ڪنواريون ڪُھايون ۽ پنھنجا ڪونڊر قربان ڪيا. ڪيترن ملڪن جا نالا ڪٽجن! رڳو اسان پنھنجي سنڌ تي ئي نظر وجھنداسين تہ سنڌ جي تاريخ جو فخر کان ڳاڻ اوچو نظر ايندو. پر ڪڏھن ڪڏھن تاريخ ۾ اهڙا بہ موڙ ايندا آهن، جڏھن ڏرتيءَ ڏٽي دشمنن جي وڃايل ڪوڙڪين، اڇليل جارين ۽ ستيل سازشن جو ڪاڄ ٿي، پنھنجو ايڪو ۽ پڌي وڃائي، ڇڙوڇڙ ٿي، بنھ ڪَکُ پَنَ ٿي پوندا آهن ۽ پوءِ ڏاريون دشمن ديسي دلالن جي نالي ۾ ڏيھ ڏٽين تي قھري قيامتون برپا ڪندا آهن. ويجھڙي ماضيءَ ۽ حال ۾ اسان سنڌ واسين سان بہ ڪجھ اهڙو ئي لقاءُ آهي.

انگريزن کان آزاديءَ کان وٺي اڄ ڏينهن تائين اسين سنڌي ماڻهو پنهنجي وطن سوڏو، آزاديءَ جي نالي ۾ غلام آهيون. اسين سنڌي قوم هڪڙي عجيب صورتحال ۾ رهون ٿا. آزاديءَ هوندي به آزادي کانهي ۽ وري دنيا جي ڪنهن به ٻئي ملڪ اسان تي قبضو ڪري، اسان کي غلام به ڪونه بنايو آهي. ڏاڍي مزي جهڙي صورتحال آهي. هر مارشل لا ۾ سنڌ جو وزيراعليٰ سنڌي هوندو آهي ۽ جڏهن به ملڪ کي مارشل لا کان واندڪائي ملندي آهي، تڏهن ملڪ جو وزيراعظم پڻ سنڌي هوندو آهي ۽ سنڌ جي ڪابينه ته هونئن ئي گهٽي ياگي سنڌي هوندي آهي. پر پوءِ به اسين پاڻ کي آزاد چوائڻ جي لائق ڪونه آهيون. اهڙي صورتحال ۾ اسان کي ڇا ڪرڻ کپي؟ ان تي سنجيدگيءَ سان غور ڪرڻ جي ضرورت آهي. ڳٽڻ کان ٻاهر گروهه، ٽولا، تنظيمون ۽ تحريڪون آهن، محاذ ۽ اتحاد به آهن. پر پوءِ به اڄا تائين مسئلو پنهنجي جاءِ تي قائم آهي. هر ماڻهوءَ آزادي جي ضرورت کي محسوس ڪيو آهي. هر ماڻهوءَ ٻڌيءَ جي اهميت کي به مڃيو آهي، پر پوءِ به سنڌي قوم گڏ ٿيڻ بدران اڄا تائين ٽوڙ ڦوڙ جو شڪار آهي! جيستائين سنڌي قوم ۾ مڪمل ٻڌي نٽي ٿئي، تيستائين آزادي اسان کي ويجهو به ڪانه ايندي.

اسان کي پنهنجي انفرادي، گروهي ۽ مجموعي ڪمزورين تي نئين سر نگاهه وجهڻي پوندي. پاڻ منجهان هوڏ، انا ۽ ليڊريءَ جي چڪر جهڙيون بدعتون تڙي ڪيڏيون پونديون. الڳ الڳ يونگي ٽاهڻ بدران گڏيل حڪمت عملي ۽ طريقي کار ڳولڻو پوندو. اڪيلو اڪيلو ٿي دشمن وٽ استعمال ٿيڻ بدران گڏيل قوت ٽاهي، دشمن جي چالاڪين جو مقابلو ڪرڻو پوندو. هڪ ٻئي ۾ اعتماد ڪرڻو ۽ هڪ ٻئي کي برداشت ڪرڻ سکڻو پوندو. رڳو ٻين تي الزامن جا تير وسائڻ ۽ پنهنجي عيبن ۽ ڪمزورين تي ڪڪ به نه سهڻ واري روش ترڪ ڪرڻي پوندي. 'غداري ۽ ايجنٽي' جهڙن ٽپن ٽاهڻ جون فيڪٽريون بند ڪرڻيون پونديون. سموري قوم جو اعتماد بحال ڪرڻو پوندو. ڪارِ ميدان ۾ جيڪي پنهنجا، پنهنجا نٿا رهن، تن کي نظر ۾ رکي

پنھنجو قبلو درست ڪرڻو پوندو. وقت اچي ويو آھي تہ ھاڻي سنڌي عوام پنھنجي ڇڙواڳ سياستدانن ۽ قوم جي تقدير سان کيڏندڙ سياسي ٻھروپين جو احتساب ڪري ۽ وڌيڪ اجايو وقت زيان ڪرڻ جي کين اجازت نہ ڏين. سنڌي عوام کي پاڻ منجھان پنھنجي لاءِ 'ڏونگر منجھ ڏيئو' جھڙن ڏيئن کي ڳولي اڳيان آڻڻو آھي. اھڙن ھيرن ۽ سچن انسانن کي پنھنجي مھنداري سونپڻي آھي، جيڪي واقعي 'سچا انسان' ھجن ۽ اھڙا سچا انسان، اسان ۾ موجود بہ آھن. رڳو سجاڻڻ واري اک جي ضرورت آھي. سنڌي ماڻھن کي اکيون پوري عقيدتمنديءَ جو مظاھرو ڪرڻ بدران ڏيئو ڪٽي سچا ماڻھو ڳولڻا پوندا. جيئن لطيف سائينءَ فرمايو آھي:

"ٻاريم ٻارو چل لئہ ڏونگر منجھ ڏيئو!"

چگو سات سلامت

20 آگسٽ 1990ع

پرويز

ياسر پرويز ڪلاٿ مرچنٽ

ميرپور بٹورو، ٽنڈو، سنڌ.

ڏونگر منجھ ڏيئو

[سوويت يونين جي ليکڪ ۽ صحافي بورس پوليوائي جي روسي ناول جي اردو ترجمي 'چراغ جلتا رها' جو سنڌي ترجمو]

تارا سڄي رات جو سفر طئي ڪري صبح کي ويٺھو پھچي رھيا ھئا. پر منجھن سندن پُرنور ۽ ٺڏي روشنيءَ واري چمڪ اڃا ب موجود ھئي، توڙي جو اوپر کان آسمان ۾ پرھ ڦٽيءَ جي ڏنڏلي اڃاڻ پکڙجي رھي ھئي. آھستي آھستي اونداھيءَ ۾ وڻ پنھنجا ڪَرَ ڪڍندا پئي محسوس ٿيا. اھڙي ماڻ واري ماحول ۾ اوچتو ئي اوچتو تکي، تيز ۽ تازي ھوا وڻن جي پالوندرن کي جھنجھوڙڻ لڳي ۽ سڄو جھنگل ھڪ زوردار ۽ گونجدار آواز سان ڀُري اٿيو. جھنگل جا صدين کان پراڻا وڻ ھن اوچتي آفت کان بيقرار ٿي سُرھاڻن ۾ ھڪ ٻئي کي سڏڻ لڳا ۽ ٻوري جھڙي خشڪ برف وڻن جي پالوندرن تان ڇڻندي ڦھڪو ڪندي اڇي پَٽ تي ڪرندي رھي.

ھوا جيترو اوچتو ۽ جلدائيءَ سان لڳي ھئي، اوترو ئي تيزيءَ سان بند ٿي ويئي. وڻ ھڪ ٻيرو وري پاري جھڙي ٺڌاڻ ۾ گھيريل ننڍ ۾ ڇڄي ويا ۽ تنھن کان پوءِ ئي جھنگل ۾ اُھي سمورا آواز گونجڻ لڳا، جيڪي پرھ ڦٽيءَ جو پيغام ڏيندا آھن. پاسي واري جھنگلي ميدان مان ڪايل بگھڙن جي گميرٽن جو آواز آيو، لومڙين جي ڏنل اونائي ٻڌڻ ۾ آئي ۽ پوءِ وري ڪاڻ ڪٽي جي مبھم ڪٽ ڪٽ جو آواز آيو، جيڪو جھنگل جي مانيٽي ماحول ۾ ايترو تہ مترنم پئي معلوم ٿيو، ڇڪ ھو پنھنجي چھنب ڪاڻ تي ھڻڻ بجاءِ ڪو واڻن وجائي رھيو ھجي.

پوءِ چيل جي وڻن جي پالوندرن ۾ ھوا سُوسٽ ڪري نچڻ لڳي. صاف ٿيندڙ آسمان ۾ آخري تارا بنھ آھستي آھستي جھڪا ٿيندا گم ٿيندا پئي ويا. ائين پئي محسوس ٿيو جڻ آسمان خود سوڙھو ٿي بنھ ڳتيل ٿي ويو آھي ۽ ائين ٿي لڳو جڻ جھنگل پاري واري راتوڪي اوڍيل چادر پري اڇلائي پنھنجي سمورين سونھن، ساوڪ ۽ شادابين سان ھمڪي رھيو آھي . چيڙ ۽ فر جي گھاٽين چوٽين کي چھندڙ گلابي

لکير ان ڳالھ جي شاھدي ڏيئي رھي ھئي تہ سج ايري چڪو آھي ۽ ھڪڙي روشن، فرحت ۽ تازگي بخشيندڙ پاري جھڙي ڏينھن جو آغاز ٿي چڪو آھي.

ھاڻ روشني گھٽي قدر پکڙجي چڪي ھئي. بگھڙ راتوڪي ڪيل شڪار کي ھضم ڪرڻ لاءِ جھنگل جي گھاٽن جھڳٽن ۾ وڃي چڪا ھئا. لومڙي ب ميدان مان وڃي چڪي ھئي، پر پنھنجي چالاڪي ۽ عياريءَ کان ڪم ونڊي برف تي اھڙي طرح وڪڙ ڪائيندي پئي ويئي تہ جيئن ڪو سندس پيرن جا نشان کڻي وٽس پھچي نہ سگھي. سمورو جھنگل ھڪ اڻ کتندڙ آواز سان گونجي رھيو ھو. ان طويل، بيقرار ۽ سحر انگيز گونج ۾ جيڪا موسيقيءَ جي مانيٽي لھرن جيان مسلسل ٻُري رھي ھئي، فقط ڪاڪ ڪٽي جي ڪِٽ ڪِٽ يا تہ جھرڪين جي چُون چُون جي ڪري ڪو وقفو پيو ٿي، نہ تہ اھا گونج مسلسل گونجي رھي ھئي.

سروڪا جھرڪيءَ پنھنجي ڪاري نوڪدار چھنب بانس جي تاريءَ تي صاف ڪندي پويان مڙي نھاريو ۽ غور سان ڪجھ ڏسڻ کان پوءِ اڏامڻ لاءِ تيار ٿيڻ لڳي. وٽن جي ٽارين جو ھڪ ٻئي سان لڳڻ جو آواز پيدا ٿيو. ڪو ديو جھڙو مضبوط ۽ وڏو جانور وٽن ٻوٽن مان اڳتي وڌي رھيو ھو. ٽارين ۾ آڌ مانڊ پيدا ٿي، ڇڙ جون چوٽيون بي چينيءَ ۾ لڏڻ لڳيون، سروڪا دانھن ڪئي ۽ اڏامي ويئي.

برف سان ڍڪيل ڇڙ جي وٽن مان ھڪ ڳاڙھو ظاھر ٿيو، جنھن جي مٿي تي مختلف شاخن وارا سنگ موجود ھئا. ھن وڏي ميدان جو جائزو ورتو. ھن جي اکين ۾ خوف ھو ۽ سندس نڪ جون ناسون زور زور سان ڦڙڪي رھيون ھيون ۽ منجھائن گرم گرم ساھن کڻڻ ڪري ٻاڦ نڪري رھي ھئي.

پوڙھو ڳاڙھو ڇڙ جي وٽن جي پاڇي ۾ ڪنھن مجسمي وانگر بينو ھو. صرف سندس پنن جي ڪل ڦڙڪي رھي ھئي. خطري جي احساس کان سندس ڪن اُيا ھئا ۽ ھر آواز تي متوجھ ٿي ٽيا. ھن جي ٻڌڻ واري حس ايتري تہ تيز ھئي جو ھُن ان پونئري جو آواز پڻ ٻڌي ورتو ھو، جيڪو ڇڙ جي وڻ ۾ پنھنجي سُنڊ ڪپائي رھيو ھو. پر ھن

کي جھرڪين جي اُڏامڻ ۾ ڪاڪ ڪُتي جي ڪٽ ڪٽ ڪان سواءِ ٻيو ڪجھ ب ٻڌڻ ۾ نٿي آيو.

ڳاڙھي جي ڪنن کي ت اطمينان ٿيو ت ڪو خطرو ڪونھي. پر سندس نڪ جي ناسن خطري جي بوءِ سونگھي ورتي ھئي. ڳرندڙ برف جي خوشبوءِ ۾ ھڪ تيز، گندي ۽ اٽ وٽندڙ ڏپ ب مليل ھئي، جيڪا ان گھاٽي جھنگل لاءِ بنھ اجنبي ھئي. ان جانور جي غمگين ۽ ڪارين اکين کي چمڪندڙ سفيد برف جي تھن ۾ ڪارا ڪارا پاڇولا نظر آيا. ھو ڏرو ب ڪونہ چريو. ھو چلانگ لڳائي جھنگل ۾ پڄڻ لاءِ تيار ٿي ويو، پر برف تي پيل پاڇولا، جيڪي ھڪ ٻئي جي ويجھو ھئا ۽ ڪن ھنڌن تي ھڪ ٻئي جي مٿان سٽيا پيا ھئا، بنھ خاموش ھئا. انھن جو تعداد ت گھٽو ھو، پر انھن مان ڪوب چريو پريو ڪونہ ٿي. اتان ئي اٽوٽندڙ ۽ تيز بوءِ اچي رھي ھئي.

پوڙھو ڳاڙھو جھنگلي ميدان جي ڪناري تي بيٺو خوفزده نگاھن سان ڏسي رھيو ھو. ھن جي سمجھ ۾ نٿي آيو ت ھن خاموش ۽ ساڪت ۽ بظاھر غير نقصانڪار ماڻھن جي وَلَر کي ڇا ڪو نانگ سونگھي ويو آھي!

مٿان ھڪ آواز آيو ۽ ڳاڙھو ڏڪي ويو. ھن جي پنن جي کل ۾ ڏڪاٽي اچي ويئي ۽ ھن جون پٽيون ٽنگون پڄڻ لاءِ اڃا ب وڌيڪ تيار ٿي ويون. پر اھو آواز ب بي ضرر ھو. اھو آواز انھن پونئرن جي يُون يُون وانگر ھو، جيڪي تازن گلن مان رس چوسڻ مھل چڪر ھڻندي ڪندا آھن. ور ور ڏيئي ھڪ گھوگھاٽ پيدا ڪندڙ آواز ان يُون يُون ۾ شامل ٿي ويو.

پوءِ پاري ۾ ڏکندڙ نيري آسمان ۾ اھي پونئرا ڏسڻ ۾ آيا، جيڪي پنھنجي چمڪندڙ پکن سان نچي رھيا ھئا، ھر پيري اھي پکي اڃا ب وڌيڪ بلنديءَ تان گجندا نظر آيا. انھن مان ھڪ پونئرو پنھنجي پکڙيل پکن سميت زمين تي اچي ڪريو. باقي ٻيا پونئرا نيري آسمان ۾ نچندا رھيا. ڳاڙھي پنھنجي جسم کي ڏرو چڏيو ۽ ميدان ۾ قدم رکيو ۽ آسمان ڏانھن آڏي اک سان نھاريندي سخت برف کي چٽيائين. اوچتو ئي ھڪ ٻيو پونئرو ان نچندڙ ٽولي مان الڳ ٿيو ۽ پنھنجي پويان دونھن

جي هڪ لات چڏيندي ستو جھنگ جي اٽ ڪليل ميدان ۾ لامارو لڳايو. اھو وڏو ٽيندو ويو ۽ ايترو تہ تيزائيءَ سان وڌيو جو مشڪل سان ئي ڦاڙھي ڪي ڇلانگ لڳائي جھنگ ۾ پڃڻ جو موقعو ملي سگھيو ھوندو. ان وقت ڪا بہ وڏي آفت، جيڪا خزان جي موسم واري طوفان کان بہ وڌيڪ خطرناڪ ھئي، وٽن جي چوٽين سان ٽڪرائجندي ھڪ زبردست ڏماڪي سان اچي زمين تي ڪري، جنھن جي ڪري سمورو جھنگل گونججي ويو.

ھيءَ گونج چيڙ جي سرسبز گھراين ۾ پڏي ويئي. پوري جھڙي برف، جيڪا ڪرندڙ جھاز جي ڪري درھم برھم ٿي ويئي ھئي، سا وٽن جي چوٽين تان اڏامندي ھوا ۾ ترندي چمڪندي ۽ جڳمڳ ڪندي اچي زمين تي ڪري چڪي ھئي. ٻيھر مڪمل خاموشي ڇانئجي ويئي. انھيءَ مڪمل سانت واري ماحول ۾ ھڪ انسان جي ڪنجھ ۽ ھڪڙي ھلندڙ رڄ جي پيرن سان لتاڙجندڙ برف جو آواز صاف ٻڌڻ ۾ پئي آيو.

رڄ تمام وڏو پوڙھو ۽ مضبوط ھو، پر ايرو ٿي لڳو ۽ رڳو ڪلھن وٽ ۽ پوين ٽنگن وٽان ميرا ۽ پورا وار لڙڪي رھيا ھئا. ڪنھن زماني ۾ ھن جھنگل ۾ سواءِ شڪارين ۽ ٻيلن جي رکوالن جي ٻيو ڪير بہ ڪونہ ايندو ھو، سو بہ ڪڏھن ڪڏھن. پر ھن خزان جي موسم ۾، اجا رڄ پنھنجي مڪمل آرام جي تياري پئي ڪئي تہ جنگ شروع ٿي ويئي ۽ رڄ کي پنھنجي ٿم مان نڪرڻو پيو. ھاڻي ھو بک ۾ ساڻو ھيڏانھن ھوڏانھن ڦري رھيو ھو. ڪيس ھڪ پل بہ آرام ڪونہ ھو.

رڄ ميدان جي ڪناري تي انھيءَ جاءِ تي اچي ٻيٺو، جتي ٽورو اڳ ۾ ڦاڙھو ٻينل ھو. رڄ ڦاڙھي جي پيرن جا نشان سونگھيا. سندس وات ۾ پاڻي پرجي آيو. ھن وڏا وڏا ساھ ڪنيا ۽ ڪن اُپا ڪيائين. ھن کي محسوس ٿيو تہ ڦاڙھو تہ ھٿان نڪري چڪو آھي، پر ڪيس ويجھڙائيءَ کان ھڪ اھڙو آواز ٻڌڻ ۾ آيو، جيڪو ڪنھن زنده ۽ شايد ڪمزور شيءِ جو ٿي سگھيو ٿي. پوءِ ھو تمام آھستي آھستي پنھنجن نرم پيرن سان برف تي بنھ سنياليِ ٽنياليِ قدم کڻندو ان انساني جسم ڏانھن وڌيو، جيڪو تقريبًا برف ۾ ڍڪيو پيو ھو. ■

[2]

هوا باز ميريسئف فضائي جنگ جي ٻٽي 'چنگل' ۾ ڪاسي پيو هو. هوائي جهازن جي ويڙهه ۾ ڪنهن شخص سان ان کان وڌيڪ ٻي ڪا به خراب ڳالهه ٿي نه ٿي سگهي. هن وٽ موجود سموريون گوليون ختم ٿي چڪيون هيون ۽ ڪيس چار جرمن جهاز گهيرو ڪري سندن اڏي ڏانهن هلڻ لاءِ مجبور ڪري رهيا هئا.

ٿيو هيئن ته ليفٽيننٽ ميريسئف جي سنيال هيٺ جنگي هوائي جهازن جو هڪ دستو 'ايل' هڪ ٻئي هوائي جهازن جي دستي جي نگهباني لاءِ روانو ٿيو، جيڪو دشمن جي هوائي اڏي تي حملو ڪرڻ پئي ويو. هي دليرانه حملو ڪامياب ٿيو. هڪ قسم جا روسي هوائي جهاز، جن کي بري فوج وارا 'اڏامندڙ ٽينڪون' چوندا هئا، چيڙ جي وڻن جي چوٽين کي بنهه ڇُهندي آهستي آهستي هوائي اڏي تي پهچي ويا، جتي ڪيترا ئي 'يونڪرس' جرمن جهاز قطارون ڪري بيٺا هئا. روسي جهاز اوچتو ئي هوائي اڏي تي اچي ڪڙڪيا ۽ انهن جون مشين گنون ۽ توپون انهن وڏن ٽرانسپورٽ جهازن تي گوليون وسائڻ لڳيون ۽ دونهن وارا بم اڇلڻ لڳيون. ميريسئف پنهنجي چئن هوائي جهازن جي دستي سان ان حملي واري علائقي جي سنيال ڪري رهيو هو. هن چٽي طرح ڏٺو پئي ته هوائي اڏي تي ماٺهو پاڇولن وانگر پيڇي ڏڪي رهيا هئا. برف سان ڍڪيل ميدان تي ٽرانسپورٽ جهاز اڏامڻ لاءِ رڙهي رهيا هئا. روسي جهاز ور ور ڏئي حملو ڪري رهيا هئا ۽ 'يونڪرس' جرمن هوائي جهازن جا هواباز ان باهه جي طوفان ۾ به پنهنجن جهازن کي رن وي تي ڊوڙائي اڏائي رهيا هئا.

انهيءَ گهڙيءَ ئي ميريسئف کان اها موتمار غلطي ٿي هئي. حملي واري علائقي جي ويجهڙائيءَ کان نگهباني ڪرڻ بجاءِ هوابازن جي زبان ۾ 'وڃهه ۾ آيل شڪار' جي لالچ جو هو خود شڪار ٿي ويو. هن پنهنجي جهاز کي لامارو ڏياريو ۽ ان تمام گهري ٽرانسپورٽ جهاز تي چپ وانگر وڃي ڪريو، جنهن اوڏيءَ مهل زمين تان اڏامڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. ان پنج رنگي هوائي جهاز جي مستطيل ڏڙ کي گولين لڳڻ سان پرڻ ڪرڻ ۾ ڪيس تمام گهٽو مزو آيو. هن کي ايترو ته

اعتماد هو جو هن دشمن جي جهاز کي زمين تي ڪرندو ڏسڻ جي ضرورت ۾ محسوس نہ ڪئي. هوائي اڈي جي ٻي چيڑي تان هڪ ٻيو يونڪرس جهاز اڏاميو ۽ اليڪسيءَ ميرسئيف ان جي پويان لڳي چڑهيو. هن حملو ڪيو، پر ناڪام ٿيو. گوليون دشمن جي جهاز جي مٿان ئي هليون ويون. هن ڦڑتائيءَ سان جهاز کي گهمايو ۽ ٻيهر حملو ڪيو ۽ ٻيهر ۾ ناڪام ٿيو. هن پنهنجي شڪار کي هڪ ٻيرو وري وڃي جهليو ۽ هن پيري هن جهاز جي سگار جهڙي ڏڙ کي نشانو بنائي ڪيس جهنگل ۾ ڪيرائي ڇڏيو. يونڪرس جهاز کي ڪيرائڻ ۽ فتح جي خوشيءَ ۾ دونهين جي انهيءَ ڪاري مينار جي چوڏاري ۾ چڪر لڳائڻ بعد هو دشمن جي هوائي اڈي ڏانهن وري موٽيو.

پر هو اوستائين پهچي نہ سگهيو. هن پنهنجي تن جهازن کي دشمن جي نون 'ميسر' جهازن سان وڙهندي ڏٺو، جن کي ظاهر آهي ته جرمن هوائي اڈي جي ڪمانڊر روسي جهازن جي حملي جو جواب ڏيڻ لاءِ گهرايو هو. سندس دستي جا جهاز وڏي دليريءَ سان دشمن تي حملو ڪري رهيا هئا، جيڪي تعداد ۾ ڪائنڊ ٽيٽا هئا.

اليڪسيءَ جيڏي مهل سوچيو ته هو وجهه آيل شڪار جي لالچ ۾ اچي ويو آهي، اوڏي مهل هن پنهنجي مِتِن کي ٻرندو محسوس ڪيو. بهرحال، هن پنهنجو شڪار تاڙيو ۽ ڏند ڪرٽي باهه جي انهيءَ طوفان ۾ ٽپي پيو. هن هڪ ميسر هوائي جهاز کي تاڙيو، جيڪو نسبتًا پين جهازن کان الڳ ٿي ويو هو. اليڪسيءَ انتهائي تيزي سان جهاز کي موڙي دشمن جي جهاز جي پاسي کان مٿس حملہ آور ٿيو. هن هوائي جنگ جي فن جا سمورا گر استعمال ڪري حملو ڪيو هو. جڏهن هن گهوڑو ڏٻايو، تڏهن دشمن جي جهاز جو ڏڙ نشاني تي بنهہ صاف ظاهر هو. پر دشمن جي جهاز جو وار ۽ ونگو ڪونہ ٿيو ۽ اهو پاسي مان لنگهي ويو. اليڪسيءَ جو نشانو ڪڏهن ۽ ڪُسي نٿي سگهيو. شڪار ويجهو ۽ هيو ۽ نشاني تي ۽ بنهہ پورو هو. "گوليون!" اليڪسي سمجهي ويو ۽ هڪدم جسم ۾ هڪڙي ٽڏ جي لهر ڊوڙي ويئي. هن آزمائڻ خاطر هڪ ٻيرو ٻيهر گهوڑو ڏٻايو پر ڪيس گولين هلڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ ڪونہ آيو، جيڪو هر هواباز پنهنجي مشين گن هلائڻ مهل

پنھنجي بدن ۾ محسوس ڪندو آھي. گولين جا سمورا خانا خالي ھئا. ھن گولين جو سمورو ذخيرو ترانسپورٽ ھوائي جھازن تي حملا ڪرڻ ۾ ختم ڪري چڏيو ھو.

پر دشمن کي ان ڳالھ جي خبر ڪانہ ھئي! اليڪسيءَ فيصلو ڪيو تہ مرڪزي لڙائي ۾ ٽپي پئجي تہ جي جيئن ٻيو ڪجھ نہ تہ بہ لڙڻ وارن جھازن ۾ تہ ھڪ جو واڌارو ٿيندو ئي. پر اھا سندس سوچ بلڪل غلط ھئي. جنھن جھاز تي پاڻ ناڪام حملو ڪيو ھئائين، ان جو ھواباز بنھ تجربيڪار ۽ تيز ذھن ھو. ان جرمن ھواباز محسوس ڪري ورتو تہ دشمن جون گوليون ختم ٿي چڪيون آھن ۽ پنھنجي ساٿين کي ھدايت جاري ڪيائين. چار 'ميسر' جھازن ٻين ساٿين کان الڳ ٿي اليڪسيءَ جي جھاز کي گھيرو ڪري ورتو. ھڪ ھڪ جھاز پاسن کان، ھڪ ھيڻان ۽ ھڪ مٿان. انھن جھازن چٹني پاسن کان گولين جي برسات وسائي اليڪسيءَ کي ھڪ خاص رخ ڏانھن ھلڻ لاءِ مجبور ڪيو ۽ پنھنجي ٻٹي 'چنگل' ۾ جڪڑي ورتو.

ٿورا ئي ڏينھن الڳ اليڪسيءَ ٻڌو ھو تہ اولھ کان بھترين ھوابازن جي ڊويزن 'ريختگوفن' ھتي آيل آھي، جنھن جي اڳواڻي سڌي طرح گوئرنگ جي ھٿ ۾ ھئي. اليڪسيءَ محسوس ڪيو تہ ھو انھن فضائي بگھڙن جي چنبي ۾ ڦاسي ويو آھي ۽ ظاھر آھي تہ اھي ڪيس پنھنجي اڏي تي وٺيو پيا وڃن تہ جيئن ڪيس گرفتار ڪري سگھن. اھڙي قسم جا واقعا ٿي چڪا ھئا. پاڻ خود اکين سان ڏٺو ھئائين تہ سندس دوستن، سوويت يونين جي ھيرو، اندرئي ديگتيادينکو جي سربراھيءَ ۾ ھڪ ھوائي دستي ڪيئن نہ ھڪ جرمن ھوائي جھاز کي ھيٺ لھڻ تي مجبور ڪيو ھو ۽ ھواباز کي قيد ڪيو ھو.

جرمن قيديءَ جو ڏڪ جھڙو چھرو ۽ سندس ٽڙندڙ قدم اليڪسيءَ جي اکين اڳيان ڦري آيا. "قيدي ٿيان؟ ڪڏھن بہ نہ! اھا چالاڪي مون سان ھلي نہ سگھندي!" ھن فيصلو ڪري چڏيو.

پر ھر ڪوشش جي باوجود بہ ھو بچي نہ سگھيو. جرمن ھواباز کيس جنھن رستي تان وٺي وڃڻ تي مجبور ڪري رھيا ھئا، اتان ھو تر جيترو بہ ھٿيو ٿي تہ انھن سندس رستي ۾ گولين جي ديوار کڙي ڪري

ٽي ڇڏي. هڪ پيرو پيهر اليڪسيءَ جي اکين ۾ جرمن قيدي، سندس ڇوڪريل ڇهرو ۽ لڙکيل واڇون اُپري آيون. هن جي اکين ۾ خوف جي جهلڪ صاف ڏسڻ ۾ پئي آئي.

ميريسئف زور سان ڏند ڪَرٽيا ۽ انجڻ جي سموري گئس خارج ڪري ڇڏي ۽ عمودي پوزيشن اختيار ڪري هن ان جهاز جي هيٺان لامارو ڏنو، جيڪو ڪيس هيٺ لهڻ تي مجبور ڪري رهيو هو. هو دشمن جي جهاز هيٺان نڪرڻ ۾ ته ڪامياب ٿي ويو، پر دشمن هوابار سندس جهاز تي پوري وقت تي گهوڙو ڏهائي ڇڏيو هو. اليڪسيءَ جي جهاز هم آهنگي غائب ٿي ويئي ۽ ٿوري ٿوري دير بعد انجڻ بيهڻ لڳي. سڄو هوائي جهاز ننهن کان چوٽيءَ تائين ائين پئي ڏکيو، جڻ ڪيس سيءَ وارو بخار ٿيو هجي.

"مون تي وار ٿي چڪو آهي!" اليڪسيءَ سفيد ڪکرن جي هڪڙي ڍير ۾ لامارو ڏيئي، پويان ايندڙ جهازن کان جان ڇڏائي ويو. پر هاڻي ڇا ڪجي؟ هو زخمي جهاز جي لرزش پنهنجي سڄي جسم ۾ ائين محسوس ڪري رهيو هو، جڻ اها زخمي انجڻ جي تڙپ نه، پر سندس پنهنجي بخار جي ڪرپ آهي، جيڪا سڄي بدن ۾ ڏکاڻي پيدا ڪري رهي آهي.

انجڻ کي ڪٿي نقصان پهتو آهي؟ ايڏا کيتري دير هوائي جهاز هوا ۾ اڏامي سگهي ٿو؟ ڇا تيل جي ٽانڪي ڦاٽي پوندي؟ اليڪسيءَ انهن سوالن جي باري ۾ جيترو سوچيو ٿي، ان کان وڌيڪ محسوس ڪيو ٿي. هن محسوس ڪيو ته هو هڪ اهڙي ڊائنااميٽ جي ڍڳ تي ويٺل آهي، جنهن جي رسيءَ کي باهه لڳل آهي. هن هوائي جهاز جو رخ پنهنجي هوائي اڈي ڏانهن موڙيو ته جيئن جيڪڏهن مرڻو ئي آهي ته گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي ماڻهن هٿان ته دفن ٿجي.

اوچتو ئي اوچتو سمورو واقعو پنهنجي انتها تي پهچي ويو. انجڻ بيهي رهي، هوائي جهاز زمين طرف ڪرڻ لڳو. هن جي هيٺ جهنگل هڪ لامحدود سرمائي ۽ نيري سمنڊ وانگر ساهه ڪٽي رهيو هو..... "خير آئون قيدي ته نه ٿيندس."

ويجهي ۾ ويجها وڻ، جيڪي هڪڙي پکڙيل پٽيءَ وانگر پئي

لڳا. هن جي هوائي جهاز جي پکن هيٺان ٻوڑڻ لڳا. جڏهن جڏهن جهنگل هن تي هڪ وحشي بگھڑ وانگر ڇلانگ ڏني تہ هن بي اختيار هڪ سَٽ سان انجڻ بند ڪري ڇڏي. هڪ زبردست ڏماڪي جو آواز گونجڻ ويو ۽ هڪ پَل ۾ ئي هر شيءِ اکين کان اوجهل ٿي ويئي. جڏهو ۽ سندس هوائي جهاز، ٻئي گهري ۽ ڪاري سمنڊ ۾ ٽپي پيا هجن.

هوائي جهاز هيٺ ڪرندي صنوبر جي وڻن جي چوٽين سان ٽڪرايو، ان ڪري سندس ڪرڻ جي تيزي ڪجھ گھٽ ٿي ويئي. ڪيترن ئي وڻن کي ٽوڙيندو هوائي جهاز پاڻ ہ ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويو، پر اليڪسيءَ ان کان چند لمحا پهرين هوائي جهاز جي ڪاڪ پٽ مان ٽپي چڪو هو. هو سوين سال جهوني فر جي وڏي وڻ تي ڪريو ۽ ان جي تارين تان ترکندو برف جي ان ڍڳ تي اڇي ڪريو، جيڪو تيز هوائن وڻ جي پاڙ وٽ گڏ ڪيو هو. برف سندس جان بچائي ورتي.

اليڪسيءَ کي بلڪل ياد ڪونہ هو تہ اتي ڪيتري دير بيهوش، بي حس ۽ بنا چُرڻ پُرڻ جي پيو رهيو؟ هن محسوس ڪيو تہ اڻ ڇتا انساني پاڇا، عمارتن جا نقش ۽ عجيب وغريب مشينن جا اولڙا طوفاني تيزيءَ سان هن وٽان لنگهي هليا ٿي ويا. انهيءَ احساس سندس سموري بدن ۾ سور جون سوٽون جاڳايون. پوءِ تمام وڏي ۽ گرم شيءِ انهيءَ طوفاني هنگامي مان ظاهر ٿي، جنهن جي شڪل شبيهہ بنهہ اڻ ڇتي هئي ۽ سندس چهري تي گرم ۽ ٻدبودار ڦوڪون هڻڻ لڳي. هن پاسو ورائي انهيءَ آفت کان پري ٽيڻ ٿي چاهيو، پر هن محسوس ڪيو تہ هو برف ۾ بنهہ ڊڪجي ويو آهي. هن هڪ اڻ ڄاتل دهشت کان مجبور ٿي، جيڪا سندس چوطرف ڦري رهي هئي، سٽ ڏيئي پاسي ٽيڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هن پنهنجي ڦڦڙن ۾ ۽ متن وٽ هڪ تڏي هير جو ڇهاءُ محسوس ڪيو ۽ ان سان گڏ هڪ زبردست سور جي سوٽ پڻ. پر هن پيري سور جي اها سوٽ سڄي بدن ۾ نہ پر فقط سندس پيرن ۾ هئي.

"جيئرو آهيان!" هن جي دماغ ۾ اهو خيال اُپريو. هن اٺڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ويجهو ئي کيس ڪنهن جي پيرن جي آهٽ ۽ گرم گرم ساهن جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو.

"جرمن!" هڪدم کيس خيال آيو ۽ هن اڪ کولڻ شرط ٽپ ڏيئي

پنھنجو بچاءُ ڪرڻ جي خواھش ڪي ڏياري ڇڏيو.

"قيدي! نيٺ قيدي ٿي ويس. ھاڻي آئون ڇا ڪريان؟"

ڪيس ياد آيو تہ ڪلھہ ئي ھر فن مولي مستري يورا سنڊس پستول جي خول جي ٽٽل حصي جي مرمت ڪرڻ لاءِ چيو ھو، پر ھو مرمت ڪرائي نہ سگھيو ھو. ڇاڪاڻ تہ پستول سنڊس فلائينگ سوٽ جي ڪيسي ۾ وجھي ھلڻو ٿي پيو. ڪيسي مان پستول ڪڍڻ لاءِ ڪيس پاسو ورائڻو ٿي پيو ۽ ائين ڪرڻ سان دشمن متوجھہ ٿي ٿي سگھيو. ھو منھن ۾ پيو ھو. ھن پستول جا تيز ڪنارا پنھنجي ران ۾ چيندا محسوس ڪيا. پر ھو بي حرڪت پيو رھيو. شايد دشمن ڪيس مردو سمجھي ڇڏي ھليو وڃي!

جرمن ھن جي ويجھو ھلي رھيو ھو ۽ ڪجھہ عجيب انداز ۾ ساھہ ڪڍي رھيو ھو. پوءِ ھو سنڊس ويجھو آيو. اليڪسيءَ سنڊس وات مان نڪرندڙ بدبوءِ ۾ بيھر محسوس ڪئي. ھاڻي ھو سمجھي ويو تہ اتي فقط ھڪڙو ئي جرمن موجود آھي ۽ انھيءَ خيال سنڊس بچڻ جو امڪان وڌائي ڇڏيو. جيڪڏھن ھو جرمن ڪي مسلسل تاڙيندو رھي ۽ موقعو ملڻ ۾ تي ھڪدم ٽپ ڏئي مٿس حملو ڪري ڏي ۽ ڪيس ھٿيار استعمال ڪرڻ کان اڳ ئي گھوگھو ڏيئي ڇڏي تہ..... پر اھو سڀ ڪجھہ انتھائي احتياط ۽ ڦرتائيءَ سان ڪرڻو پوندو.

پاسو ورائڻ کان سواءِ ئي اليڪسيءَ آھستي آھستي اکيون کوليون تہ ڪيس جرمن جي جاءِ تي ھڪ پورو ڦرو ڊير نظر آيو. ھن اڃا بہ وڌيڪ اکيون کوليون ۽ ھڪدم زور سان وري بند ڪري ڇڏيائين. ھتي تہ سامھون ھڪ تمام وڏو رڇ ۽ ايرو رڇ ويٺو ھو. ■

[3]

اُس ۾ چمڪندڙ برف ۾ ڊڪيل انساني جسم جي سامھون رڇ بنھہ خاموش ويٺو ھو. ھاڻي خاموشي فقط جانور ئي اختيار ڪري سگھندا آھن. رڇ جون گدليون ناسون ڦڙڪي رھيون ھيون. ان جي اڃ ڪليل وات مان سنڊس پراٽا ۽ پيلا ڏند ڏسجي رھيا ھئا. جيڪي اڃا تمام مضبوط ھئا ۽ وات مان ڳاڙھي ڳِگ جي لار لڙڪي رھي ھئي.

لڙائيءَ سندس موسمي ننڍ حرام ڪري ڇڏي هئي ۽ هو بيحد بکيو پڙ هو، پر رڇ مئل شيءِ نہ کائيندا آهن. رڇ اليڪسيءَ جو بي حس ۽ اڻ چرندڙ جسم سونگهيو ۽ ميدان ۾ چڪر لڳايا، جتي ڪيترا ئي انساني لاش برف ۾ اڪڙيا پيا هئا، پر هڪ ڪنجهڪار ۽ سُرسُر جي آواز ڪيس وري اليڪسيءَ وٽ اچڻ لاءِ مجبور ڪيو هو.

هاٿي هو اليڪسيءَ جي پاسي ۾ آسڻ جمائي ويهي رهيو هو. بک چَڪَ پائڻ لڳس. مئل شيءِ نہ کائڻ واري عادت تي ڪيس خار اچڻ لڳا. نيٺ بک کان بيزار ٿي رڇ اٿيو ۽ هڪ ڏڳهو ساهہ ڪنيائين. هواباز جي جسم کي پنهنجن چنبن سان اٽلايو پٽلايو ۽ ننهن سان وردیءَ کي چنڻ ڦاڙڻ لڳو. پر فلائينگ سوٽ پنهنجي جاءِ تي مضبوط جميو رهيو. رڇ رنپ ڪئي. اهڙي صورتحال ۾ اليڪسيءَ اک کولڻ، پاسو ورائي هڪ طرف ٽيڻ ۽ سندس چاتيءَ تي سوار ديو جهڙي رڇ کي ڪٽي هڪ پاسي اڇلائڻ واري خواهش کي ڏاڍي مشڪل سان دٻائي ڇڏيو. هڪ اهڙي لمحي ۾، جڏهن سندس سمورو وجود ڪيس بهادري ۽ سر تري تي رکي وڙهڻ لاءِ اُکسائي رهيو هو. هن پاڻ کي مجبور ڪيو ۽ بنهہ آهستي آهستي، ايترو آهستي جو ذرو بہ خبر نہ پوي، هن هٿ پنهنجي ڪيسي ۾ وڌو ۽ پستول جي ڳڻ کي ڇهيو ۽ انتهائي احتياط سان اهڙي طرح ان جو گهوڙو چاڙهيو جو آواز بہ نہ پيدا ٿئي ۽ آهستي ان کي ڪڍي ورتو.

وحشي رڇ ڪاوڙ ۾ چتو ٿي هن کي وکوڙي ويو ۽ فلائينگ سوٽ کي چيرڻ ڦاڙڻ لڳو، پر سوٽ جو مضبوط چمڙو وتائنس ڦاٽي نہ سگهيو. رڇ غصي ۾ گجڻ لڳو ۽ پنهنجا ڏند فلائينگ سوٽ ۾ بچائي ڇڏيا، جيڪي ڪهہ ۽ پشم جي تهن مان ٽيندا اليڪسيءَ جي بدن ۾ چُهڻ لڳا، پر هن آخري قوت برداشت کان ڪم ونڊي ايذاءَ پري دانهن کي نڙيءَ ۾ ئي روڪي ڇڏيو ۽ ٽيڪ ان مهل جڏهن رڇ ڪيس برف تان مٿي ڪنيو، هن پستول جو گهوڙو دٻائي ڇڏيو.

گوليءَ هلڻ سان ڏماڪي جو آواز پيدا ٿيو ۽ هر طرف پڙاڏو بڌجي گونجندو رهيو. رڇ آهستي آهستي پنهنجي شڪار کي ڇڏي ڏنو. اليڪسي ٻيهر برف تي ڪري پيو. پر پنهنجي نظر رڇ تي رکيائين. رڇ پوين پيرن ۾ ويهي رهيو. سندس ڪارين، پچين سان پريل اکين ۾

حيراني جھلڪي پئي. سندس نوڪيلي ڏندن جي وچان وات مان ڪاري رت جي سِير ٽپڪڻ لڳي. هو ڪري ۽ خوفناڪ آواز سان گرجيو ۽ پوين پيرن تي اٿي بينو پر اليڪسيءَ جي ٻي گولي هلائڻ کان اڳ ئي زمين تي ڪري پيو. رڇ جي مٿي وٽ و گھرندڙ برف ۾ سندس رت شامل ٿيندو رهيو. هو مري چڪو هو.

اليڪسيءَ جنھن جذباتي ۽ جسماني ڪشمڪش دوران هي سڀ ڪجھ ڏٺو هو، اھا ڪيفيت ھاڻي ختم ٿي چڪي هئي. هن ٻيھر پنھنجي پيرن ۾ اپرندڙ ايذاءَ جي شيخ محسوس ڪئي. هو وري بہ برف تي ڪري پيو ۽ بيھوش ٿي ويو.

ٻيھر جڏھن ڪيس هوش آيو، تڏھن سڄ ڪافي مٿي چڙھي آيو هو. هن جي ذھن ۾ جيڪو پھريون خيال اپريو، سو هي هو تہ "ڇا مون رڇ خواب ۾ ڏٺو آھي؟"

پاسي ۾ ئي نيري برف تي ھڪ ديو جھڙو، ميرو گدلو ۽ پورو رڇ پيو هو. سڄو جھنگل آوازن سان ڀريو رهيو هو. ڪاڪ ڪٽو رڏم سان وڻ جي ٽڙ تي ڪٽ ڪٽ جو آواز ڪري رهيو هو.

"آئون جيئرو آهيان، جيئرو آهيان، جيئرو آهيان!" اليڪسيءَ پنھنجي مُنھن پُٽ پُٽ ڪئي. انھيءَ احساس سان تہ هو زنده آهي؛ هن جي سڄي وجود ۾، هن جي سڄي بدن ۾ ھڪ جادوءَ جي لھر ۽ بي ست بنائيندڙ دھشت ڊوڙي ويئي. انھيءَ احساس جو تجربو ماڻھو ڪي فقط اوڏيءَ مھل ٿئي ٿو، جيڏي مھل هو هر ٻيري موت جي منھن مان بچي وڃي ٿو.

انھيءَ ئي زبردست احساس تحت ئي هن ٽپ ڏنو ۽ اٿي بيھي رهيو پر ٻئي لمحي ئي هن کان دانھن نڪري ويئي ۽ ڦھڪو ڪري رڇ مٿان ڪري پيو. هن جي پيرن جي اذيت باھ وانگر سڄي بدن ۾ ڊوڙي ويئي. ڪيس هر شيءِ جيڪا صاف هئي، سا ڏُنڌلي پئي ٿيڻ لڳي ۽ پوءِ آهستي آهستي سُرمائي پردي پويان غائب ٿي ويئي. هو ٻيھر بيھوش ٿي ويو.

"هي تہ ڏاڍو خراب ٿيو. ڪِرڻ وقت شايد ڏکو آيو هوندو ۽ لڳي ٿو تہ پيرن ۾ ڪا خرابي ٿي پيئي آهي." اليڪسيءَ هوش ۾ اچڻ کان

پوءِ سوچيو.

هن ٽوننين پر اُتي جھنگل جي ڪناري کان اڳيان ھڪ وسيع ميدان کي حيرت پري نگاھ سان ڏٺو، جيڪو نظر جي حد تائين برف سان ڇانيل ھو.

ائين پئي لڳو ته سرءُ جي موسم ۾ يا اڃا به هيئن ڪٽي ڇڏجي ته موسم جي شروعات ۾ هن جھنگل جو آڳر ھڪ بچاءُ وارو مورچو رهيو هوندو ۽ انهيءَ مورچي تي روسي فوج جيڪي به ڏينهن قابض رهي هوندي، سا بنھ بھادريءَ ۽ بي جگريءَ سان وڙهي هوندي، جيستائين نه سيني سپاهين جو خاتمو ٿيو هوندو. جنگ جي انهن زخمن تي برف پنھنجي سفيد ڪپھ جھڙي چادر وڇائي ته ڇڏي هئي، پر پوءِ به انهن تھن هيٺان ڪڏون، ٽٽل ڦٽل مشين گنن جي ٽڪرن جا انبار، ننڍين وڏن بمن جي ڏماڪن سان ٽيل ڪڏن کوهن جو اڻ ڪتندڙ سلسلو، جيڪو جھنگل جي ڪناري وٽ تباھ ٿيل، ٻريل سڙيل ۽ اڌ ڪٽيل وڻن جي ٽڙن تائين هليو ٿي ويو، بنھ چٽو ۽ صاف نظر اچي رهيو هو. سموري ميدان ۾ ٽيڙنڪن وٽ، ڪڏن کوهن جي ڪنارن وٽ ۽ جھنگل جي دنگ وٽ روسي ۽ جرمن سپاهين جا لاشا ٽڙيل پکڙيل پيا هئا. انهن جو ڳاٽيٽو ايترو ته گھٽو هو جو ڪن جڳھين تي ته لاش ھڪ ٻئي جي مٿان سٽيا پيا هئا. لاش برف ۾ اھڙيءَ طرح اکڙيا پيا هئا، جنهن طرح کين سرءُ جي موسم کان اڳ ۾ موت اچي ورايو هو.

انهن سيني ڳالھين مان اليڪسيءَ کي اندازو ٿيو ته هتي ڪيڏي نه زبردست لڙائي ٿي هئي. هن کي معلوم ٿيو ته سندس ساٿي دنيا جي هر ڳالھ وساري فقط انهيءَ عزم سان وڙهيا هئا ته ڪنهن به صورت ۾ دشمن کي اتي ئي روڪڻو آهي ۽ اڳيان وڌڻ ڏيڻو ناهي. هتان کان ٽورو ئي پري، جھنگل جي ڪناري جي ويجھو ڇيڙ جي ھڪڙي ٽلهي وٽ جي ڇانوَ هيٺان جرمن سپاهين جا لاش پيا هئا. انهن لاشن ۾ ھڪڙو گول، چھري ۽ وڏي مٽي وارو جاننو جوان اونڌي منهن پيو هو. هن کي ڪوٽ کان سواءِ باقي سڄي فوجي وردي پاتل هئي. هن جي ويجھو ھڪ رائفل پيل هئي، جنهن جي سنگين ٽٽل هئي ۽ ان جو قنداق به رت ۾ ڳاڙهو ۽ ٽڪر ٽڪر ٿيو پيو هو.

ٿورو اڳيان، جھنگل طرف ويندڙ رستي تي واريءَ سان چيلھ تائين ڍڪيل فر جي ھڪ وڻ ھيٺ بم سان زخمي ٽيل ھڪڙيءَ سانوري ازبڪ ڇوڪري جو لاش ڪڍ ۾ پيو ھو. لاش اڌ ڪڍ ۾ ھو ۽ اڌ ٻاھر. ھن جو چھرو ڏگھو ھو ۽ ائين ٿي لڳو، جڙ ڪيس ھاٿيءَ جي عاج مان تراشي ٺاھيو ويو ھجي. ھن جي ھٿ ۾ بہ ھڪ بم ھو ۽ ھن جي پٽيان وڻ جي تارين ھينان ٻيا بہ ڪيترا ئي دستي بم پيا ھئا.

اڃا بہ اڳيان، جھنگل ڏانھن ويندڙ رستي سان لڳولڳ خاڪي رنگ جي ٽئنڪن جي ويڇھو وڏن بمن جي ڏماڪن سان ٽيندڙ ڪڏن جي ڪنارن وٽ ڪن پراڻن وٽن جي ٽڙن وٽ ڪڏن اندر، مطلب ھر جاءِ تي رڳو لاش ئي لاش پيل ھئا. انھن لاشن کي ڪپھ وارا جيڪٽ ۽ پتلونون پاتل ھيون. اھي برف جي ڍڳن ۾ بہ نظر پئي آيا ۽ جن کي لومڙين، ڪانگن ۽ ڳڄمن چُھنبون ھڏي ھڏي چيري ڦاڙي ڇڏيو ھو.

ڪيترا ئي ڪانگ ميدان مٿان لامارا ڏيئي رھيا ھئا. انھيءَ منظر اليڪسيءَ جي ذھن ۾ 'جنگ ايگور' جي ڏکوئيندڙ مگر شاندار تصوير اپاري ڇڏي، جنھن جو نقل سندس تاريخ جي ڪتاب ۾ موجود ھو.

ھن سوچيو "شايد آئون بہ انھن وانگر اتي پيو ھجان ھا!" ۽ پوءِ سندس نس نس ۾ زندگيءَ جي خوش ڪندڙ لھر ڊوڙي ويئي. ھن پاڻ کي جھنجھوڙيو. سندس پير اڳي کان بہ وڌيڪ ڏُکي ۽ جلي رھيا ھئا. ائين پئي لڳو، جڙ سندس دماغ ۾ جنڊ جا بہ ڪھرا پڙا ڦري رھيا ھئا. ھو رڄ جي مڙھ تي ويھي رھيو. ھن سوچڻ شروع ڪيو تہ ڇا ڪريان، ڪيڏانھن وڃان، پنھنجي محاذ تائين ڪيئن پھچان؟

ھو جڏھن ھوائي جھاز مان ڪريو ھو، تڏھن سندس نقشن واري پيٽي وڃائجي ويئي ھئي، پر ڪيس جنھن رستي تان وڃڻو ھو، سو سندس ذھن ۾ بنھ چٽو ۽ صاف ھو. جنھن جرمن ھوائي اڈي تي روسي جھازن حملو ڪيو ھو، سو سندن مورچي کان اولھ طرف ست ڪلوميٽر پري ھو. ھوائي لڙائيءَ ۾ دشمن جي جنگي جھازن کي سندن جھازن ويھ ڪلوميٽر ٻيو ۾ اوپر طرف ڏکي ورتو ھو. 'ٻٽي چنگل' مان جند ڇڏائڻ خاطر ھو ٻيا بہ ڪيترائي ڪلوميٽر اوپر طرف آيو ھوندو. باقي ظاھر آھي تہ ھو اٽڪل 35 ڪلوميٽر سندن مورچي کان پري ڪريو

هوندو. حقيقت ۾ تہ هو جهنگل جي وچ تي ڪريو آهي. ان سان ٻہ پهر وابستہ هڻا. روشن ٻہ تہ اوندهو پڻ. سنو ان ڪري ٿيو هو جو ساٿس ڪنهن جرمن سپاهيءَ جي منهن پوڻ جو ڪو امڪان نہ هو، ڇو تہ جرمن سپاهي عام طرح رستن ۽ شهرن کان پري نہ ويندا هڻا. خراب ان ڪري ٿيو هو جو سندس پنڊ گهٽو نہ هئڻ جي باوجود ٻہ ڏاڍو اڳاڙو ۽ ڏکيو هو. کيس گهاتن وٽن مان هلڻو هو ۽ کيس ڪنهن انساني مدد جو کوٻہ آسرو ڪونہ هو. مٿو لڪائڻ لاءِ ڪنهن اجهي، ماني ڇڪي يا برفاني سيءَ ۾ ڪنهن گرم چانهہ جي پياليءَ جي ملڻ جي ٻہ ڪا اميد ڪانہ هئي. پيو تہ سندس پير زخمي هُڻا..... ڇا اهي ڪيس اڳتي وڌي وڃي سگهندا؟، ڇا هو هلي ٻہ سگهندو؟

هو آهستي آهستي ڪري رڄ تان اڳيو. هن وري ٻہ اهو ئي ايذاءُ محسوس ڪيو، جيڪو سندس پيرن مان اُپري سڄي بدن ۾ ڊوڙي ٿي ويو. اذيت ۽ ڪرب وڃان سندس دانهن نڪري ويئي ۽ هو ٻيهر ويهي رهيو. هن بوٽن لاهڻ جي ڪوشش ڪئي، پر بوٽ پيرن مان نڪري نہ سگهيا. هر سَٽ سان سندس وات مان ڪيڪ نڪريو ٿي ويئي. پوءِ هو ڏند ڪوڙي، اکين کي زور سان بند ڪري، ٻنهي هٿن سان زور لڳائي هڪ پادر لاهڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو، پر هڪدم بيهوش ٿي ويو. جڏهن ٻيهر هوش ۾ آيو تہ هن ڏاڍي احتياط سان پير جي پٽي کولي. سندس پير سڄي پيو هو ۽ ڏڪ لڳڻ جي ڪري سڄو نيرو ٿي ويو هو. هن جي سَنڊ سَنڊ ۾ سور جون سُوٽون ۽ آڳ ٻري رهي هئي. هن پنهنجو پير برف تي رکيو ۽ اهڙي طرح ٿورو سور جهڪو ٿيو. هن هڪ ٻيرو وري اکيون پوري، ڏند ڪوڙي، ٻيو پادر ٻہ لاهي ورتو.

سندس ٻئي پير بيڪار ٿي چڪا هئا. ظاهر هو تہ جڏهن هن پنهنجي جهاز جي ڪاڪ پٽ مان ٽپو ڏنو هوندو، تڏهن سندس پير ڪٽي اٽڪي پيا هوندا ۽ سندس پيرن ۽ آڳرين جون هڏيون ڇڄي پيون هيون. ظاهر آهي تہ عام حالتن ۾ اهڙي خطرناڪ چوٽ لڳڻ کان پوءِ اٽي ٻيهڻ جو خواب ٻہ ڏسي نہ سگهجي ها. پر هينئر تہ هو اڪيلو هڪڙي ويران ۽ بيابان جهنگل ۾ پيو هو. هو دشمنن جي محاذ پٺيان هو، جتي ڪنهن ماڻهوءَ سان مٽ پيڙ جو مطلب آرام ۽ سڪون واري ڪچهري نہ

پر موت هو. هن فيصلو ڪيو تہ هو جھنگل جي اندران ئي اندران اوپر طرف وڌندو رهي ۽ ڪنھن آسان رستي يا ڪنھن انساني آبادي ۾ جي ڳولا نہ ڪري ۽ اھو تہ هر قيمت تي اڳيان وڌندو رهي.

پڪي عزم ۽ اٽل ارادي سان هو ريڇ تان اٿيو ۽ ڪِنجھندي ڪِنجھندي، ڏند ڪوڙي هن پھريون قدم کنيو. هو ھڪ پَل ائين بيٺو رهيو ۽ پوءِ ٻيو پير برف مان ڇڪيائين ۽ ٻيو قدم کنيائين. هن جي مٿي ۾ گھنڊٽيون وڄڻ لڳيون. سندس اکين اڳيان ميدان نچڻ لڳو ۽ آهستي آهستي غائب ٿي ويو.

اليڪسي ٿڪاوٽ ۽ تڪليف کان ماندو ٿيڻ لڳو. هو چپ چپيندو اڳتي وڌندو رهيو، تان جو ھڪ جھنگلي گس تي پھچي ويو، جيڪو ھڪ تباھ ٿيل ٽينڪ ۽ هٿ ۾ پکڙيل بم سان پيل ازبڪ لاش وٽان لنگھي اوپر طرف جھنگل جي گھرائين ۾ گم ٿي ويو. نرم برف تي ھلڻ ايترو ڏکيو ڪونہ هو، پر جيئن ئي سندس پير هوا سان سخت ٿي ويل برف سان ڀڪيل سخت رستي تي لڳو ٿي تہ سندس ايذاءُ ايترو تہ وڌي ٿي ويو جو اڳيون قدم کڻڻ ڏاڍو مشڪل ٿي ٿي پيو ۽ هو پريشان ٿي بيھي ٿي رهيو. سندس ٻئي ٽنگون عجيب بي ترتيبيءَ سان ھڪٻئي کان ڌار هيون. هن جو سڄو بدن لڏي رهيو هو، جڏھن هوا جي لھرن تي اڏامندو هجي. پوءِ اوچتو سندس اکين ۾ ڌُنڌ پرجڻ لڳي. رستو، چيڑ جا وڻ، وٽن جون ٽاريون، گنبڊ جھڙي آسمان جو نيرو گولو، اھي سڀ شيون ڌُنڌ ۾ گم ٿي ويون. هو پنھنجي هوائي اڏي تي سندس جنگي هوائي جھاز وٽ ٻيٺو هو ۽ مستريءَ يورا، جنھن جاندد ۽ اکيون سندس وڏيل مڇن ۽ ڏاڙھيءَ ۽ اڇ ڏوتل چھري ۾ هميشہ چمڪندا رهندا ھئا، ڪيس هوائي جھاز جي ڪاڪ پٽ ڏانھن اشارو ڪري چوندو هجي "ھليا، جھاز تيار آهي، زون ٿي وڃ.....!" اليڪسيءَ هوائي جھاز ڏانھن قدم وڌايو، پر زمين ٻرندي محسوس ڪيائين ۽ سندس پير لوساڻجي ويا، جڏھن هن تتل ڳاڙھي لوھہ تي پير رکيا هجن. ھُن ان باھہ تان ٽپو ڏيئي سندس جھاز تائين پھچڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هو ان جي ٽڏي ڏڙ سان وڃي ٽڪرايو. هو اھو ڏسي حيران ٿي ويو تہ هوائي جھاز جو اھو حصو نہ لسو هو ۽ نہ ئي ان تي پالش جي چمڪ هئي، بلڪ

اهو بنھ ڪهرو هو جھڙو ڪر چيڙ جي وڻن جا چوڏا هجن..... ليڪن اتي ڪوبہ هوائي جهاز ڪونہ هو. هُو تہ رستي تي بيٺو هڪ وڻ جي ٽُڙ ڪي هٿ سان ٽڦڪيون هڻي رهيو هو.....!

"وهم؟ مون کي جيڪو ڏڪ لڳو آهي، ان کان شايد منهنجو دماغ چڪرائجي ويو آهي!" اليڪسيءَ سوچيو، "هن رستي تي هلڻ تہ عذاب ٿي پوندو. ڇا آئون رستي کان هيٺ لهي هلان؟ ائين ڪرڻ سان تہ رفتار بنھ سُست ٿي ويندي....." هو برف تي ويهي رهيو ۽ اهڙي طرح ڏند ڪرتي هُن بوٽ لاتو، بوٽ جو مٿيون حصو ڦاڙي ڇڏيائين تہ جيئن پيرن کي ڪجھ آرام ملي. پنهنجو اسڪارف ڦاڙي پٽيون ٺاهي پيرن تي ويڙهي پوءِ بوٽ پاتائين.

هاڻي هلڻ ڪجھ آسان ٿي پيو هو، پر ان کي هلڻ چوڻ مناسب ڪونهي! هن اڳتي هلڻ نہ بلڪ اڳتي رڙهڻ شروع ڪيو. هو احتياط سان سنيالي سنيالي قدم ائين کڻي رهيو هو، جيئن ڪو ماڻهو ڏُهڙ ۾ هلندو هجي. ڪجھ وکون هلڻ کان پوءِ ٽڪاوت ۽ ايذاءَ کان ساڻو ٿي سندس مٿو ڦرڻ ٿي لڳو ۽ هر پيري هو بيهڻ تي مجبور ٿي ٿي ويو. هن اکيون بند ٿي ڪيون، ڪنهن وڻ جي ٽيڪ وٺي يا برف جي ڍڳ تي ويهي ٿي رهيو.

ائين هو ڪيترن ڪلاڪن تائين اڳيان رڙهندو وڌندو رهيو، پر جڏهن هن مڙي پويان نهاريو تہ اڃا بہ ڪيس جهنگل جو ڪنارو ڏسڻ ۾ پئي آيو. اليڪسيءَ کي ڏاڍي مايوسي ٿي. هو مايوس تہ ٿيو، پر همت نہ هاريائين. ان ڳالھ منجھس ۾ اڃا بہ تيز هلڻ جي خواهش پيدا ڪئي. هو برف جي ڍڳ تان اٿيو ۽ ڏند پڪوڙي اڳتي وڌڻ لڳو ۽ سمورو توجھ ڪنهن ويجهي منزل ڏانهن ڪپائي هلڻ لڳو ــ چيڙ جي هڪ وڻ کان پئي وڻ تائين، هڪ ٽڙ کان پئي ٽڙ تائين، برف جي هڪڙي ڍڳ کان پئي ڍڳ تائين. ■

[4]

۽ اهڙيءَ طرح هو شام تائين هلندو رهيو، جڏهن سج لهڻ ۾ارو هو، تڏهن هو هڪ اهڙيءَ واديءَ ۾ پهچي چڪو هو، جيڪا صنوبر جي سدابهار ٻوٽن سان ڀُتي پيئي هئي. اتي کيس جيڪو منظر ڏسڻ ۾ آيو،

تنھن کي ڏسي سندس وار ڪاندارجي ويا ۽ ھن محسوس ڪيو تہ جڏ سندس اڳھاڙن پٹن کان پُسيل ٽڏو ٽوال ترڪندو ويندو ھجي.

ائين تي لڳو تہ جڏھن ھن ميدان ۾ لڙائي پئي لڳي، تڏھن ڪا ميڊيڪل ڪمپني ھن وادئ ۾ مقرر ٿي ھئي. زخمين کي آڻي ھتي وٹن جي تارين تي ليٽايو ويو ھوندو، اھي زخمي اڃا تائين بہ اتي پيا ھئا. ڪي برف ۾ اڌ جيترا ڍڪجي ويا ھئا. اھو تہ صاف ظاھر ھو تہ ھو زخمن جو سور سھي ڪونہ مئا ھئا. ڇو تہ ڪنھن چاقوءَ سان سيني جا ڪنڌ ڪپي ڇڏيا ھئا. اُھي سيئي ھڪ ئي انداز ۾ مئا پيا ھئا، جڏڪ ھو پٹيان مُڙي اھو ڏسڻ چاھيندا ھجن تہ اتي ڇا پيو ٿئي ۽ اتي بہ ان پيانڪ منظر تان پردو ھٹندو پئي معلوم ٿيو. ھڪڙي وڻ ھيٺ روسي فوجيءَ جي برف سان ڍڪيل جسم وٽ ھڪڙي نرس ويني ھئي، جيڪا بہ چيلھ تائين برف ۾ ڍڪيل ھئي. سپاھيءَ جو ڪنڌ سندس ھنج ۾ ھو. ھوءَ بندري قد جي سنھڙي ۽ نازڪ ڇوڪري ھئي. ھن کي بُجن واري ٽوپي پاتل ھئي. ھن جي ٻنھي ڪلھن جي وچان ھڪ خنجر جو چمڪدار ڳڻ چمڪي رھيو ھو. پاسي ۾ ئي ھڪڙي جرمن جو لاش پيو ھو، جنھن کي "SS" واري ڪاري وردي پاتل ھئي. ان جي پاسي ۾ ئي روسي فوجيءَ جو پٹ لاش پيل ھو، جنھن جي مٿي تي رت ۾ ڳاڙھي پٽي ٻڌل ھئي. پئي جڏا ھڪ پئي جي نڙيءَ مان جھليو موت جي آخري لمحن ۾ گھوگھو ڏئي رھيا ھئا. اليڪسي ھڪدم سمجھي ورتو تہ انھيءَ ڪاري وردي واري سپاھيءَ زخمين کي قتل ڪيو ھو ۽ پوءِ جيڏي مھل ھن نرس تي وار ڪيو ھو، تيڏي مھل پاسي ۾ پيل زخمي روسي سپاھي مٿس حملو ڪري ڏنو ھوندو.

اھڙي طرح برف جي طوفان سيني کي دفن ڪري ڇڏيو ھو. اليڪسي اتي ڪي گھڙيون بنھ بت ٿي بيٹو رھيو. پوءِ نرس ڏانھن وڌيو ۽ سندس پٹن مان خنجر ڇڪي ڪڍي ورتائين. ھي خنجر بہ جرمنيءَ جو ھو ۽ مٿس "SS" جو نشان لڳل ھو. خنجر جي رنگيل ڦر تي ھي لفظ لکيل ھئا تہ "سپ ڪجھ جرمني لاءِ."

اليڪسيءَ جرمن جي جسم مان خنجر جو پوش کوليو ۽ خنجر ان ۾ وجھي پاڻ وٽ رکيائين. رستي ۾ خنجر جي ضرورت پوندي. ھن برف

ھ ڊڪيل سَوڙ ڪوٽي ڪڍي ۽ نرس جو لاش ان ھ ڏاڍي محبت سان ويڑھي دفن ڪيائين ۽ مٽائس و ٽن جون ٽاريون رکي ڇڏيائين.....

تيستائين منھن انڌارو ٿي ويو ۽ پاري وسائيندڙ انڌاري ان ننڍي وادي ۽ کي پنھنجي آغوش ھ آٽي ڇڏيو. چؤطرف ماڻ ماڻوڙو ھو. سنھي سنھي برف وسي رھي ھئي.

ھو 'والگا' جي ھيناھن ميدانن 'لامي شن' ھ پيدا ٿيو ھو ۽ شھر جو رھاڪو ھو، تنھن ڪري ڪيس ڪائين ميڙڻ جي ڪا سُڌ ڪانہ ھئي. ھيو تہ پيرن جي روح ڏکوئيندڙ ايذاءَ منجھس ڪائين گڏ ڪرڻ جي سگھ بہ ڪانہ ڇڏي ھئي. ھن رات گذارڻ يا ٽاڏي پارڻ جي ڪابہ تياري ڪانہ ڪئي. اوندھہ بہ گھري ڇانئجي ويئي ھئي، تنھن ڪري ھو گھاٽي وڻ ھيٺ سري وڃي ويٺو ۽ گوڏن تي مٿو رکي سانت ۽ سڪون مان لطف وٺڻ لڳو.

ھن پنھنجي پستول جو گھوڙو چاڑھي ڇڏيو، پر اھڙو ڪوبہ امڪان ڪونہ ھو جو ھو ان کي پھرين رات استعمال بہ ڪري ھا. ھن کي ٽڪاوت ايڏو تہ ساڻو ڪري ڇڏيو ھو جو ھو دنيا جھان کان بي خبر ھو؛ تانجو صبح ٿي ويو. ھو ائين چرڪي اٿي ويٺو، جڏ ڪيس ڪنھن ڏونڊاڙي اٽاريو ھجي. سجاڳ ٿيڻ تي ڪيس ياد آيو تہ ھو ڪٽي ھو، مٽس چا وھي واپري چڪو ھو ۽ ھُن رات ڪيڏي نہ بي پرواھيءَ سان گذاري ھئي. انھيءَ خيال ئي ڪيس خوفزدہ ڪري ڇڏيو. تيز سردي جي لھر سندس بجن واري فلائينگ سوٽ اندر داخل ٿي وڃي چاتي جھلي ھئي. ھو ڏڪي رھيو ھو، پر سڀ کان وڌيڪ خراب حالت تہ سندس پيرن جي ھئي. ھينئر جڏھن ھو آرام ڪري رھيو ھو تہ تڪليف پھريان کان ڪيترا ڀيرا وڌي چڪي ھئي. اٿي بيھڻ جي خيال کان ئي سندس ساھہ ٿي نڪتو، پر وقت ڏاڍو ملھائتو ھوندو آھي. ھن ڪالھہ جيئن ڏند ڀڪوڙي بوٽ لاٽو ۽ انھيءَ ئي عزم سان ھو ٽپ ڏيئي اٽيو.

اليڪسيءَ کي جيڪي مصيبتون سامھون ھيون، تن ھ ويتر بڪ جو بہ واڌارو ٿيس. ڪالھہ جڏھن ھن نرس جو لاش سَوڙ ھ پئي ويڑھيو، تڏھن ڪيس اتي پيل ٽيلھو ھٽ آيو ھو، جنھن تي ريڊ ڪراس جو نشان ھو. پر اوڏي مھل ھن ان تي ڪو خاص ڌيان ڪونہ ڏنو ھو. اڄ ھن اھو

ٽيلهو ڪنيو، جنهن ۾ جنگ جي ميدان جو ملم پٽيءَ جو سامان، گوشت جو ڏٻو، خطن جو هڪ پيڪٽ ۽ هڪ ننڍڙي آرسي پيل هئي. ٽيلهي ۾ ماني پڻ پيل هئي، پر جهڙڪين ۽ جانورن کائي ڇڏي هئي. الیکسيءَ گوشت جو ڏٻو ۽ پٽيون ڪيسي ۾ وڌيون ۽ پنهنجي منهن چيائين "مهرباني منهنجي پياري." هن ان جوان ڇوڪريءَ جي پيرن تي ٻيهر سوڙ پاتي، جنهن کي هوا هٿائي ڇڏيو هو ۽ هو اوپر طرف هلڻ لڳو. هاڻي هن وٽ هڪ ڪلوگرام گوشت هو. هن طئي ڪيو ته روزانو هڪ پيرو منجهند جو هو گوشت کائيندو. ■

[5]

سُور جي اذيت مان جند ڇڏائڻ خاطر الیکسيءَ رستي جي باري ۾ سوچڻ ۽ حساب لڳائڻ شروع ڪيو. جيڪڏهن هو روزانو ڏهه ٻارهن ڪلوميٽر پنڌ ڪري ته هو ڇيهه ۾ ڇيهه ٽن منزلن تي پهچي سگهي ٿو.

"اهو ٺيڪ آهي! ڇگو پلا، ڏهن ٻارهن ڪلوميٽرن جو پنڌ ڇا ٿيو؟ هڪ ڪلوميٽر ۾ ٻه هزار قدم ٿين ٿا، ان جو مطلب هي ٿيو ته ڏهن ڪلوميٽرن ۾ ويهه هزار قدم ٿيا، پر اهي ته تمام گهٽا آهن، ڇو ته مون کي ته هر پنج ڇهه سؤ قدمن کان پوءِ ساهي ڪٽڻي ٿي پوي....."

گذريل ڏينهن سفر کي آسان بنائڻ خاطر الیکسيءَ کي منزلون مقرر ڪري، هڪ کان ٻيءَ تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. ڇيڙ جو وڻ، وڻ جو ڪو ٽُڙ يا رستي ۾ موجود ڪا ڪڏ ۽ هو هڪ شيءِ کان ٻيءَ تائين پهچي ساهي پٽي وري اڳتي وڌيو ٿي. اڄ هن وري انهن شين کي انگن ۾ بدلائي ڇڏيو ته هيترن قدمن هلڻ کان پوءِ ساهي پٽڻي آهي. هن فيصلو ڪيو ته هر هزار قدمن يعني اڌ ڪلوميٽر تائين هلبو ۽ پوءِ گهڙي ڏسي پنج منٽ ويساهي ڪائبي ۽ بس! هن اندازو لڳايو ته هو سج اپرڻ کان وٽي لهڻ تائين، مشڪل سان ڏهه ڪلوميٽر هلي سگهي ٿو.

پر پهريائين هڪ هزار قدم ڪيترا ڪٽن هئا، توبهه! هن ايڏاڻ کان ڏيان هٽائڻ لاءِ پنهنجا قدم ڳڻڻ شروع ڪيا، ليڪن پنج سؤ ڳڻڻ کان پوءِ هو پلجي پيو ۽ ان کان پوءِ ڪيس ۾ انتها اذيت کان سواءِ ٻي ڪا به سوچ ڪانه هئي. ها، پر پوءِ به هن هزار قدم پورا ڪري ٿي ساهه پٽيو. جيڏيءَ

مھل ھن پھريان هزار قدم پورا ڪيا، اوڏيءَ مھل منجھس ويھڻ جي بہ سگھہ ڪانہ رھي ھئي. ھو منھن ۾ برف تي ڪري پيو ۽ ڏاڍي بي ڍنگي نموني برف چٽڻ لڳو. ھن پنھنجي جلندڙ پيشاني ۽ ٻرندڙ لونڊڙيون برف تي رکي ڇڏيون ۽ انھيءَ برفيلي ڇُھاءَ ۾ ھن ڪي ھڪ ناقابل بيان راحت محسوس ٿي.

ھو ڏڪي ويو ۽ گھڙي ڏنائين. پنج منٽ پورا ٿي رھيا ھئا. جيئن ئي پنج منٽ پورا ٿيا، ھو ٽپ ڏيئي اٿيو ۽ ڪنجھندي اڳتي وڌڻ لڳو. ٻنپھرن تائين ھو مقرر منزلن مان رڳو چار منزلون طئي ڪري سگھيو. آخري منزل تي ھو برف ۾ ڪري پيو ھو. ڇو تہ ھاڻ منجھس ايتري بہ قوت ڪانہ رھي ھئي جو رڳو ھڪ ھٽ جيتري وٿيرڪي وڻ تائين پھچي سگھي. اتي ھو ڪيتري دير تائين ويٺو رھيو؟ ھن جو مٿو سندس چاتيءَ تي ڊرڪي پيو ھو. ھن نہ ڪي سوچيو ٿي، نہ ڪجھہ ڏٺو ٿي ۽ نہ ئي ڪجھہ ٻڌو ٿي. ھاڻ تہ ڪيس بک بہ ياد ڪانہ ھئي.

ھن گھرو ساھہ کنيو ۽ ڪيترا ٻيرا چپٽيون پري برف وات ۾ وڌي ۽ پنھنجي بي حسي ۽ غفلت تي قابو پائيندي پنھنجي ڪيسي مان زنگيل ڊبو ڪڍيائين ۽ جرمن خنجر سان ان کي کوليائين. ھن چربيءَ جو ھڪ ٽڪرو وات ۾ وجھي ڇڙڪائڻ چاھيو، پر اھو ڳري ويو. ان سان گڏ زبردست بک بہ جاڳي پيس. ھن ڪيتري ئي ڪوشش ڪئي، پر ھو گوشت جو ڊبو پري ھٽائي نہ سگھيو ۽ نيٺ ھن برف ڦڪڻ شروع ڪئي. ڪا تہ شيءِ ھجي جيڪا کائجي، جيڪا نڙيءَ مان ھيٺ لھندي رھي.

اڳتي وڌڻ کان اڳ ۾ ھن پنھنجي لاءِ صنوبر مان ٻہ لٺيون وڍيون ۽ ھو انھن لٺين جي سھاري سان اتي ٻيٺو ۽ ھلڻ لڳو، پر ھر قدم کان پوءِ ڪيس اڳيون قدم کڻڻ بنھہ مشڪل ٿي لڳو. ■

[6]

..... اُن گھاتي جھنگل ۾ اليڪسيءَ جي دردناڪ سفر جو ٽيون ڏينھن ھو. ان دوران ڪيس ڪوبہ ماڻھو ڇيڙو ڪونہ ڏسڻ ۾ آيو. پر ٽئين ڏينھن تي ھڪ غير متوقع واقعو پيش آيس.

ھو جڏھن سج ايري مھل اٿيو تہ سندس جسم سيءَ ۽ بخار ۾ ڏڪي

رهيو هو. ڪيس پنهنجي فلائينگ سوٽ جي هڪڙي ڪيسي مان لائٽر هٿ آيو، جيڪو ڪيس مستريءَ يورا رائفل جي هڪ خالي ڪارتوس مان ٺاهي، سوڪڙي طور ڏنو هو.

هن ڪجھ ڪاڦيون گڏ ڪيون ۽ تاندو ٻاريو. تاندي جي پاسي ۾ ويهي اليڪسيءَ کي ڏاڍو سڪون ۽ آرام مليو. اتي ويٺي هن فلائنگ سوٽ جي زنجير کولي ۽ ڪيسي مان مروڙيل سروڙيل خط ڪڍيا. انهن مان هڪ خط منجھ ڪاغذ ۾ ويڙهيل تصوير پيل هئي. اها تصوير هڪڙي سهڻي سلوٽي چوڪريءَ جي هئي، جنهن کي چيٽ جو فراڪ پاتل هو ۽ هوءَ چهر تي ويٺل هئي. هو ڪجھ دير تصوير کي غور سان ڏسندو رهيو ۽ پوءِ ڪاغذ ۾ ويڙهي لفافي ۾ وجهي ڇڏيائين ۽ سمورا خط کيسي ۾ رکي ڇڏيائين.

"پرواھ ناهي! سپ ئيڪ ٿي ويندو." هن اهي لفظ چوڪريءَ کي چيا يا پنهنجو پاڻ کي، سو پڏائڻ مشڪل آهي. هن سوچيندي چيو "ڪا ڳالھ ڪانهي!"

هو ٽپ ڏيئي اٿيو. بوٽ لاتائين، پيرن جون پٽيون کولي کين ڏسڻ لڳو. پير پهرين کان وڌيڪ سُڄي ويا هئا ۽ آگريون سوڄ کان مختلف پاسن ڏانهن پکڙجي رهيون هيون.

اليڪسيءَ ٽڏو ساھ کنيو ۽ وسامندڙ باھ تي آخري نگاھ وڌهي، اڳيان وڌڻ لڳو. تڪليف کان پنهنجا چپ چٻيندو اڳتي وڌندو رهيو. ڪيڏي ڪيڏي مھل تہ هو بيهوش ٿي ٿي ويو. اوچتو ڪيس هڪ غير مانوس آواز پڏڻ ۾ آيو. جهنگل جي هر آواز کان هو ايترو تہ واقف هو، جو هو هن اوپري آواز کي هڪدم سجاڻي ويو. پري کان هن موٽر جو گوڙ پڏو. پهرين تہ هن سمجهيو تہ اهو سندس وهم آهي، پر پوءِ آواز صاف پڏڻ ۾ آيو. ظاهر هو تہ اهي جرمن سپاهي هئا ۽ ڏانهس وڌي رهيا هئا. اليڪسيءَ کي هڪدم پيٽ ۾ عجيب قسم جي تڌاڻ محسوس ٿي. ڊپ منجهس قوت پيدا ڪئي، هو پنهنجي تڪاوت ۽ پيرن جي تڪليف وساري ويٺو. تڪڙ ۾ رستي تان لهي وڻن جي هڪ جهڳٽي ۾ وڃي لڪو. اتان هو رستو ڇٽو ڏسي پئي سگهيو، پر ڪيس ڪير ڪونہ ٿي ڏسي سگهيو.

آواز هاڻ بنھ سندس ويجھو پھچي چڪو ھو. اليڪسي ويتر وڌيڪ برف ۾ لڪي ويو. ھن وٽن جي تارين وچان ھڪ سفيد رنگ جي بکتر بند گاڏي ڏٺي. موٽر گاڏي لوڏا کائيندي رستي جي ان حصي وٽ پھتي، جتان اليڪسي سڙڪ تان لھي وٽن ۾ لڪو ھو. گاڏي اڳتي وڌي ويئي. ان کان پوءِ ھڪ ڪليل گاڏي آئي، جيڪا ھر طرف ڏوڙي سگھي ٽي. ھڪ ماڻھو، جنھن کي ڏگھي ٽوپي پاتل ھئي ۽ ڊرائيور جي پاسي ۾ ويٺو ھو. ان جي پٺيان مشين گن ھلائڻ وارا ڪيترا ئي سپاھي پوري رنگ جا ڪوٽ ۽ رُڪ جا ٽوپَ پايو بينچن تي ويٺا ڏڏڪا کائي رھيا ھئا. ھڪ ٻي ٻہ ڪليل گاڏي پٺيان پئي آئي، جنھن ۾ ٻن قطارن ۾ پندرھن کن سپاھي ويٺا ھئا.

اليڪسي برف ۾ اڃا ٻہ وڌيڪ لڪي ويو. موٽر گاڏيون ايترو تہ ويجھو اچي چڪيون ھيون جو سڙيل پيٽرول جو دونھون سندس چھري تائين پھچي ويو. ھن محسوس ڪيو تہ سندس لنگن جا وار ڪانڊارجي ويا آھن. پر موٽر گاڏيون اڳتي وڌنديون ھليون ويون. پيٽرول جي سڙيل بوءِ پري ٽيندي ويئي ۽ پوءِ جلد ئي انجڻن جو آواز دور گھٽو دور ٽيندو ويو.

جڏھن ھر طرف سانت چانئجي ويئي، تڏھن ھو رستي تي نڪري آيو ۽ اوير طرف ھلڻ لڳو. ھو مقرر ڪيل حساب سان منزل ٻہ منزل اڳتي وڌندو رھيو ۽ اڌ ڏينھن جي سفر کان پوءِ طئي ٽيل پروگرام ۾ آرام ڪيو ۽ مانيِ کاڌائين. ھاڻي ھو ھڪ جھنگلي جانور وانگر بنھ احتياط سان اڳتي وڌڻ لڳو ۽ بنھ معمولي کڙڪي تي ٻہ ھوشيار ٿي ٽي ويو.

ھوا باز ھجڻ جي ڪري ھو ھميشہ ھوا جي بلندين ۾ وڙھڻ جو عادي ھو. ھينئر ھن پھريون پيرو زمين تي دشمن کي ڏٺو ھو. "پرواھ ناھي. سڀ ٺيڪ ٿي ويندو!" اليڪسيءَ پاڻ کي ڏيڻ خاطر چيو ۽ اھو وسارڻ جي ڪوشش ڪئي تہ سندس پيرن جو درد جيئن پوءِ تيئن وڌندو ٿو رھي ۽ اھو تہ سندس قوت ختم ٽيندي پئي وڃي. ھاڻ سندس پيٽ فر جا ڇوڏا قبول ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ھو، جن کي ھو مسلسل چھيندو ٿي رھيو ۽ نہ ئي پين وٽن جي گونچن يا ڪپ جو مٹس ڪو اثر ٿي ٽيو، جيڪو ھو ڪاڌي طور استعمال ڪندو ھو.

شام جو منهن انڌاري تائين هو فقط پنج منزلون طئي ڪري سگهيو هو. رات جو هن زمين تي پيل وڻ تي سڪل پن ۽ ڪائيون وجهي، انهن کي باهه ڏيئي وڏو مچ ٻاريو. وڻ جو ٿڙ جهڪيءَ روشنيءَ سان سڙندو ۽ دونهون ڪيندو رهيو ۽ هو مزي سان برف تي ٽنگون ٽيڙيو ستو پيو رهيو. ڪيس نند ۾ بہ زندگي بخش گرمي ڪيڏي مهل هڪ پاسي تہ ڪيڏي مهل ٻئي پاسي سڪون پهچائيندي رهي. هو خود بخود نند مان جاڳي اٿيو تي ۽ باهه ۾ تازيون ڪائيون وجهي مچ کي مچايائين ٽي. آڌي رات جو برف جو طوفان لڳو، وڻ لڏندا لمندا، جهڪندا، سر سر ڪندا ۽ وحشت مان آه زاري ڪندا رهيا. چُيندڙ برف جا ڪڪر زمين تي ڪرندا رهيا. پڙڪندڙ ۽ چمڪندڙ باه جي چوڌاري گُهگهه اوندهه نچندي رهي. پر ان طوفان بہ اليڪسيءَ کي تنگ نہ ڪيو. هو گهري نند ۾ ستو پيو هو ۽ باهه جي گرمي، سندس رکوالي ڪري رهي هئي.

باهه ڪيس جهنگل جي جانورن کان محفوظ رکيو. باقي رهيا جرمن سپاهي، سو اهڙي رات ۾ انهن جي لاءِ پريشان ٿيڻ جي ضرورت ڪانہ هئي. اهي برف جي طوفان ۾ جهنگل جي گهراين ۾ قدم رکڻ جي جرئت بہ نٿي ڪري سگهيا. انهن سمورين ڳالهين جي باوجود بہ هن جو ٽڪاوٽ کان چور بدن، باهه جي گرمي ۾ آرام ڪري رهيو هو. پر هر آواز تي سندس ڪن کڙا ٿي ٿي ويا. پرهه ڦٽڻ واري هئي، جڏهن برف جي طوفان جو زور جَهڪو ٽيو ۽ خاموش ڏرتيءَ تي ڪير جهڙي برف ڇانڻجي ويئي. تڏهن اليڪسيءَ کي ائين لڳو، جڻ پري کان لڙائي جو آواز سندس ڪنن تائين پهچڻ لڳو. ڏماڪا، مشين گنن جي ٽڙ ٽڙ ۽ رائفلن جي ٽڪا ٽوڪي. ڇا محاذ ايترو ويجهو ٿي سگهي ٿو؟ ايترو جلدي؟ ■

[7]

پر جيئن ئي صبح صاف ٽيو ۽ پکي پکڻ جو آواز پکڙجي ويو، تيئن اليڪسيءَ کي جنگ جو آواز ٻڌڻ ۾ ڪونہ آيو. هن گهٽو ئي ڪنايو، پر نہ توبن جو آواز هيو ۽ نہ وري رائفلن جا ٽڪاءَ ٻڌڻ ۾ آيا.

اليڪسيءَ صبح جو ئي باقي بچيل گوشت کائڻ جو فيصلو ڪيو. گوشت ڪهڙو هو، مڙيئي کي بہ ٿي چيڇڙا سوادي چربي ۾ لڳا پيا

هئا. هن محسوس ڪيو ته جيڪڏهن هن هينئر اهو گوشت نه کاڏو ته هو اتان چري به ڪونه سگهندو. هن خالي ٽين کي آگرين سان اگهي سگهي بنهه اڇو ڪري ڇڏيو، ايتري قدر جو دٻي جي ڪٽيل ڇهنبدار نوڪن کي لڳي، سندس آگريون رتو رت ٿي ويون، پر هن محسوس پئي ڪيو ته جڙ اڃا به چرٻي جا ڪي ذرڙا اندر چهٽيا پيا آهن. هن دٻي ۾ برف وجهي تاندي تي رکيو ۽ پوءِ گرم پاڻيءَ کي ڏاڍي مزي سان ڏڪ ڏڪ ڪري پيئڻ لڳو. پاڻي ۾ گوشت جي خوشبوءِ کيس ڏاڍو لطف ڏنو. پاڻي پي هن ڏٻو کيسي ۾ وڌو. سندس خيال هو ته ڪڏهن ڪڏهن هو دٻي ۾ چانهه ٺاهيندو ۽ گرم گرم چانهه پيئندو، گرم چانهه آهٰ! هي هڪ خوشگوار احساس هو. جيڏي مهل هو سفر تي روانو ٿيو ته هو ڏاڍو خوش هو.

پر هتي هڪ ٻي مصيبت سان کيس واسطو پيو. راتوڪي برف جي طوفان سندس گس گم ڪري ڇڏيو هو. هر طرف برف جا ڍڳ ئي ڍڳ لڳا پيا هئا. سندس سُڄيل پير برف جي ڍڳن ۾ گپيو ٿي ويا ۽ کين چڪي ڪيڙ ۾ ڏاڍي تڪليف ٿي محسوس ٿي. اوڏي مهل لنيون پڙ سندس کا گهٽي مدد ڪري ڪونه پئي سگهيون.

ٻن پهرن تائين، جيڏي مهل سج وٽن جي مٿان اچي چڪو هو، اليڪسي صرف پندرهن سؤ قدم هلي سگهيو هو. هو ٽڪ کان ايترو ته چور ٿي چڪو هو، جو کيس هر اڳيون قدم کڻڻ لاءِ ٻي پناهه قوت ارادي کان ڪم وٺڻو ٿي پيو. هن جو مٿو ڦرڻ لڳو ۽ سندس پيرن هيٺان زمين کسڪڻ لڳي. ٿوري ٿوري دير بعد هو ڪري ٿي پيو ۽ برف تي بنا ڇُرڻ ڇُرڻ جي پيو ٿي رهيو. وري ٿي اٿيو ۽ چند قدم اڳتي ٿي وڌيو. هن کي سمهڻ، ليٽڻ، هر شيءِ کي وسارڻ ۽ ٻي حس پيو رهڻ جي خواهش اچي سوڙهو ورايو. هاڻ چاهي چا به ٿئي، هو بيهي رهيو. بنهه خاموش بينو لڏندو رهيو. هن ٻيهر پنهنجا چپ پيٽيا ۽ پنهنجي سموري قوت گڏ ڪري مشڪل سان پيرن کي اڳيان گهلي به ٿي قدم کنيائين.

آخر هن کي محسوس ٿيو ته هاڻ هو هڪ قدم به هلي نٿو سگهي. ڪابه طاقت کيس اتان چرڻ تي مجبور نٿي ڪري سگهي. جيڪڏهن هينئر هو اتي ويهي رهيو ته پوءِ ڪڏهن به اٿي ڪونه سگهندو. هن حسرت سان چؤطرف نظر ڊوڙايو. رستي جي ڪناري تي چيڙ جو هڪ

گھاٽو نئون پوٽو موجود ھو. ھو پنھنجي قوت جو آخري ڦڙو سميٽي ان طرف وڌڻ لڳو ۽ پوٽي تي وڃي ڪريو. سندس ڏاڙھي ۽ شاخي تي رکيل ھئي. ان ڳالھ سندس پيرن جو بوجھ ڪجھ ھلڪو ڪيو ۽ ڪيس آرام محسوس ٿيو. ھن وڌيڪ آرام حاصل ڪرڻ لاءِ تاريءَ جي ۽ شاخيءَ تي کاڌيءَ جو زور وجھي پھرئين ھڪڙو پير ۽ پوءِ ٻيو پير گھيريو. پير برف مان آسانيءَ سان نڪري آيا ۽ انھيءَ سان ڪيس ھڪ شاندار اٽڪل ۽ سمجھ ۾ اچي وئي.

"اڙي واھ! واقعي، جيڪڏھن ھن ننڍڙي پوڙي کي وڃي، سندس تاريون ڪپي ڇڏجن ۽ باقي ۽ شاخون وڃي رھن، پوءِ ڏنڊي کي پريان ڪري ۽ شاخي تي کاڌي رکي سڄو بار ان تي وجھجي ۽ پوءِ پير اڳتي وڌائجي، جيئن ھينئر آئون ڪري رھيو آھيان. ان طريقي سان رفتار تمام سست ٿي ويندي. ھا، رفتار ته سست ٿي ويندي، پر آءٌ ايترو گھٽو ڪونہ ٽڪندس ۽ اوستائين اڳتي وڌندو رھندس، جيستائين برف جا ڍڳ جمي سخت ٿي نڪا وڃن."

ھو گوڏن ۾ ڪِري پيو ۽ پنھنجي خنجر سان ننڍي وڻ کي وڍيائين، تاريون ڪٽي الڳ ڪيائين. پنھنجو رومال ڪڍي پٽيون ٺاھي، کانيءَ کي ويڑھي ھڪدم اڳتي روانو ٿي ويو.

ان ۾ ڪو شڪ ڪونھي ته ڪوبہ انسان ھن ماڻھوءَ کي صبح کان شام تائين ھن قسم جي برف جي عجيب ڍڳن مان ڪڍونءَ جي رفتار سان ھلندو ۽ سڃي ڏينھن ۾ صرف پنج ڪلوميٽر سفر ڪندو ڏسي ھا ته ڪيس بلڪل حيرت ونڊي وڃي ھا. پر اتي ته سواءِ ڪجھن جي ٻيو ڪير بہ ڪونہ ھو، جيڪو ھي منظر ڏسي. ڪجھن بہ جڏھن سمجھي ورتو ته ھي ٽن ٽنگن وارو عجيب غريب بي ڍنگو جانور کو نقصانڪار ناھي ته انھن بہ ڪائنس ڊڄڻ ڇڏي ڏنو ۽ ويڇھو اڇڻ تي صرف ٽپي ٽورو پريرو ٿي، ڪيس عجيب مسخريءَ واري انداز سان گھورڻ لڳندیون ھيون. ■

[8]

اھڙيءَ طرح ٻن ڏينھن تائين ھو برف پوش رستي تي منڊڪائيندو ھلندو رھيو. ھاڻي سندس پير بنھ سُن ٿي چڪا ھئا، پر ھر قدم کڻڻ سان

سور جي سوٽ سندس سموري جسم ۾ ڏوڙي ويندي هئي. هاٿي ٻک جي جاءِ تي سندس پيٽ ۾ درد ۽ تڪليف کان مسلسل چڪ پوندا ٿي رهيا. ائين ٿي لڳو، جڻ سندس آندا ٻاهر نڪرندا هجن. هاٿي هو وٽن جا ڪڇڙا گوئنچ، ڳردار چوڏا وغيره کائڻ لڳو هو. هو جهنگلي ٻوٽن جي ٻچن کي جوشاندي وانگر کاڙهي گرم گرم پيئندو هو. اهو گرم گرم کاڙهو کيس ڏاڍي فرحت ۽ سکون بخشيندو هو. کاڙهي پيئڻ سان کيس پنهنجو سفر ايترو بي مقصد ڪونہ لڳندو هو.

سندس سفر جي اڄ ڇهين رات هئي. هو هڪ وڻ هيٺان پنهنجي چوڏاري ٻاهه ٻاري ويهي رهيو. اڄا ايتري اوندهه ڪانہ ٿي وئي. وڻ تي ڪو نوريئڙو ان وڻ جو ميوو ڏندن سان ڪُترينديو هيٺ ڪيرائيندو ٿي رهيو. اليڪسيءَ اهو ميوو ڪٽي ان مان ڇج ڪڍي وات ۾ وڌو ۽ چٻيائين. ڪيس مزو آيو ۽ ٻيا ٻ ميوا ڳولي انهن مان ڇج ڪڍي ڪيندو رهيو. انهيءَ منظر کيس هڪ پراڻو منظر ياد ڏياري ڇڏيو..... هڪ ننڍڙو ڪمرو، جنهن ۾ سيئي جاتل سجاتل شيون رکيل هيون. ڇت ۾ ٽنگيل بتيءَ جي هيٺان هڪ ميز. سندس ماءُ، عيد جي رنگين ڪپڙن ۾ ملبوس، شام جي عبادت کان موٽي هئي. هوءَ وڏي طمطراق سان پيتي مان ڪاغذ جو هڪ ٽيلهو ڪڍي ٿي. ان مان صنوبر جون ڦريون ڪڍي طباق ۾ وجهي ٿي. سڄو خاندان، ماءُ، ڏاڏي، سندس ٻہ ياٽر ۽ هو پاڻ— جيڪو سڀني کان ننڍو هو، سڀ ميز جي چوطرف، ڪير ٻہ ڪونہ ٿو ڳالهائي. ڏاڏي ڪانٽي سان، ماٽس سُئيءَ سان ڪلن اندران ڇج ڪڍن ٽيون ۽ جڏهن ڏڃ ٽيو وڃي ٿو تہ هو ڪنهن نہ ڪنهن ٻار جي ڪليل وات ۾ مُٺ پري وجهيو ٽيون ڇڏين. اهو خوش نصيب ٻار پنهنجي چپن تي هٿ جو لمس ۽ ڇهاءُ محسوس ڪري ٿو. هيءُ هٿ ڪهرو هو ۽ محنت ۽ مشقت جي ڪري سخت ٿي ويو هو، پر عيد جي ڪري ان هٿ مان خوشبودار صابڻ جي بوءِ ٿي آئي.

ڪامي شين..... ٻالڪپڻ! شهر جي ٻاهران اهو گهر ڏاڍو آرامده هو.....! پر هتي جهنگل ۾..... الا، توبهہ! اونداهيءَ ۾ چهري جو چرڙاٽ ايريو. لومڙ جي غراهٽ ايري. مڇ جي پاسي ۾ بيمار انسان هرندڙ اڳارن کي گهوري رهيو هو. ٽکل ٽتل گهاتي جهنگ ۾ بنهہ اڪيلو ۽ سندس

سامھون اڇاتل رستو خطرن ۾ آزمائشن سان پريل.

"پرواھ ناھي، سڀ نيڪ ٿي ويندو!" ان ماڻھوءَ جي وات مان بي اختيار نڪتو ۽ باھ جي آخري شعلن ۾ سندس چپن تي ھڪ مسڪراھٽ ايري، جيڪا پري پري پتڪيل خيالن جي نشاندھي ڪري رھي ھئي. ■

[9]

ستين ڏينھن اليڪسيءَ کي خبر پئجي وئي تہ برف جي طوفان واري رات جنگ جو آواز ڪتان پئي آيو؟ ھو ٽڪجي بنھ چور ٿي چڪو ھو. ھو قدم قدم ڪان پوءِ ساھي پٽڻ لاءِ بيھي ٿي رھيو، ليڪن پوءِ بہ رستي تي پاڻ کي گھليندو رھيو.

اوچتو ھڪ ھنڌ پھچي، جتان جھنگلي رستو ھڪدم کاپي طرف مڙيو ٿي، ھو بيھي رھيو. ھن جا پير جڙ زمين ۾ ونگجي ويا. ان ھنڌ جتي رستو بنھ سوڙھو ٿي ويو ۽ جتي ٻنھي پاسن جا وڻ پاڻ ۾ ملي وري الڳ ٿي ٽيا، اتي ڪيس اھي جرمن موٽر گاڏيون ڏسڻ ۾ آيون، جيڪي ٻہ ٽي ڏينھن اڳ ۾ ھن جي پاسي مان لنگھيون ھيون. رستي تي ٻہ وڏا وڻ پيا ھئا. انھن وڻن جي بلڪل پاسي ۾ بکتر بند ڊپل روسي گاڏي بيٺي ھئي. ان جا ٽائر سڙي چڪا ھئا. بکتربند گاڏيءَ جي پاسي ۾ ان جي ھلائڻ وارن ٽن جرمنن جا لاش پيا ھئا. ٻہ ڪليل گاڏيون، جيڪي سڙي بنھ تباھ ٿي چڪيون ھيون، سي بکتربند گاڏيءَ جي پٺيان بيٺيون ھيون. رستي جي ڪناري تي ٻوٽن ۾ ۽ ڪڏن ۾ چٿني طرفن کان رڳو جرمن سپاھين جا لاش پکڙيا پيا ھئا. اھو صاف ظاھر ھو تہ ھو دھشت کان ٻڌا ٿي ويا ۽ ڪين سمجھ ۾ نٿي آيو تہ ڇا ٿي رھيو آھي. ھر وڻ ۽ ھر ٻوٽي جي پويان موت سندن انتظار ۾ ھو. جيڪو جتي ويو، سو اتي ئي موت جي ور چڙھيو.

فوجي آفيسر جو لاش، جيڪو ڪيڙن ڪان آجو ھو، ھڪ وڻ سان ٻڌو پيو ھو. سندس ڳچيءَ ۾ ڪاغذ جو ھڪڙو ٽڪر ٻڌو پيو ھو، جنھن تي لکيل ھو: "چگو، تنھنجي مراد تہ پوري ٿي." ان لکت کان ٿورو ھيٺ لکيل ھو "رذيل ڪتا."

اليڪسيءَ جنگ جي ان منظر جو جائزو ورتو ۽ ڪاڏي جي ڪنهن شيءِ جي ڳولا ڪئي. هن ڪي هڪ ڊبل روٽيءَ کان سواءِ ٻيو ڪجھ به ڪونہ مليو. ڊبل روٽي برف ۾ پئي هئي. هن ڊبل روٽيءَ کي وات جي ويجھو آندو. ڪيس ان جي باسي بوءِ ڏاڍي وٽي. هن چاهيو تہ ڊبل روٽيءَ کي چوسي ۽ چٻاڙي ۽ چٻاڙيندو ئي رهي. پر هن ان خواهش کي زوريءَ روڪيو ۽ ڊبل روٽي جا ٽڪر ڪري ٻہ ٽڪر ڪيسي ۾ رکي ڇڏيا. باقي هڪ ٽڪر مان ذرو ذرو چني وات ۾ وجھندو رهيو، جڏڪ کا مٽائي هجي، جنھن مان ھو گھٽي کان گھٽو لطف حاصل ڪرڻ چاهيندو هجي.

هڪ ٻيرو وري هن جنگ جي منظر جو جائزو ورتو. هڪڙو خيال سندس ذهن ۾ ڊوڙي ويو: "هتي ويجھو ئي چاپي مار ساٿي ضرور هوندا!" اهو خيال ايندي ئي هن وات جي چوڌاري ٻڌي هٿ رکي سموري قوت سان رڙ ڪئي: "او چاپي مار ساٿي، ڪٿي آهيو؟"

هو حيران ٿي ويو. سندس آواز ڪيترو ڪمزور ۽ جھيڻو هو، ايتري قدر جو سندس آواز جو پڙاڏو به اصل آواز کان وڌيڪ تيز هو. "چاپي مار ساٿيو..... او هو!" اليڪسيءَ تيل سان ڪاري ۽ داغدار برف ۾ پيل لاشن جي وچ ۾ ويٺي هر هر پڪاري رهيو هو.

هن جواب ٻڌڻ لاءِ ڪن ڪڙا ڪيا، پر جواب ڪونہ مليو. هن محسوس ڪيو تہ چاپي مار ساٿي حملو ڪري پنھنجو ڪم پورو ڪري، مال غنيمت هٿ ڪري هليا ويا هئا.

واقعي، ٻلا هن سنسان ويراني ۾ رهڻ مان فائدو به ڪھڙو؟ پر پوءِ به هو سڏ، واکا ڪندو رهيو. انهيءَ آس تي تہ من ڪو معجزو ٿي پوي. من ڪتان اهي ڏاڙهي وارا ماڻهو پرگھٽ ٿي پون، جن جي باري ۾ هن گھٽو ئي ڪجھ ٻڌو هو. پر سواءِ سندس سڏ کان پڙاڏي جي ٻيو ڪجھ به ڪيس ٻڌڻ ۾ نہ آيو.

هو ماٺ ڪري ويھي رهيو. مڪمل سانت چائنجي ويئي. ٿوري دير بعد ڪيس ڪنن ۾ ڪو جاتل سجاتل آواز گونجڻ لڳو. هن وڌيڪ توجھ سان ٻڌڻ جي ڪوشش ڪئي. بيشڪ هي توپن جي گھمساني لڙائي هئي. واقعي جتي هو ٻيٺو هو، اتان رستو اوچتو ڪاهي پاسي مُڙيو

ٿي ۽ ان جي سامھون برف جي سفيد چادر وڇائي پئي ھئي. اھو توپن جو آواز ٻہ اتان اوپر کان پئي آيو. ڇاپي مارن جي پيرن جا نشان ان طرف غائب ٿي ويا ھئا. يقينًا جھنگل جا اھي بھادر سپوت ھتي ڪٽي ئي رھندا ھوندا.

اليڪسيءَ پنھنجي منھن ۾ ٻُڌ ڪئي: "ڪا ڳالھ ڪانھي، ٺيڪ آھي ساڻيو. سڀ ٺيڪ ٿي ويندو." ھن نئين عزم سان، حوصلي ۽ ھمت سان، پڪي ۽ اٽل ارادي سان پنھنجو سفر جاري رکيو. ■

[10]

ان ڏينھن ھو برف تي ڏيڍ سؤ قدم ٻہ ھلي نہ سگھيو. شام ٿي چڪي ھئي. ھن ھڪ سکل وڻ جو ٽُڙ جانچيو. ان تي پن ۽ ڪانيون وڇي پنھنجي لائٽر سان ٽانڊو پارڻ جي ڪوشش ڪئي، ڪيس پگھر اچي ويو. لائٽر جي گيس ختم ٿي چڪي ھئي. ھن لائٽر کي چنڊيو، ھيٽ مٿي ڪيو، پٿر واري چڪري کي وري وري ڦيرايو، مگر بيڪار! رات اچي ويئي. ھن مجبوراً وٽن جي جھُڳٽي ۾ پناھ ورتي ۽ گوڏن تي مٿو رکي ويھي رھيو. ان رات جيڪڏھن ھو توپن جو آواز نہ ٻڌي ھا تہ شايد سندس ھمت جواب ڏيئي وڃي ھا. ھو گولين جو آواز ۽ توپن جا ڏماڪا چٽي طرح ٻڌي ۽ سُڃاڻي ٿي سگھيو. انھن آوازن منجھس ھمت ۽ حوصلو پيدا ڪيو.

صبح جو ھو ناقابل بيان ڏک ۽ ڳڻتيءَ جي احساسن سان گڏ اٿيو. ھن ھڪدم پنھنجو پاڻ کان پڇيو: "ھي ڇا ھو؟ ڇا اھو ڪو خوفناڪ خواب ھو؟" ھن کي لائٽر ياد آيو ــ پر پوءِ سڄ جي مھربان روشنيءَ ۾ ڪيس پنھنجي بدقسمتيءَ جو احساس ڪجھ گھٽ ٿيو. ليڪن ھڪ ڳالھ ھي ٻہ خراب ٿي پيئي. ھن اٽڻ جي ڪيترا ڀيرا ڪوشش ڪئي، پر اُٽي نہ سگھيو. ايتري قدر جو اٽڻ جي ڪوشش ڪندي ٻہ نہ اٽي سگھيو. اٽڻ جي ڪوشش ۾ سندس ٻہ شاخي لٺ ٻہ ڀڄي پيئي ۽ ھن ڳوٺ وانگر اچي ھيٽ ڏھڪو ڪيو. ڪجھ دير کان پوءِ ھن ۾ ڪجھ ھمت پيدا ٿي، ليڪن سندس پيرن ۾ ڪجھ ٿي چڪو ھو ۽ اھي ھڪ پل لاءِ ٻہ سندس بوجھ برداشت ڪري نٿي سگھيا. ھو نيٺ ھڪ وڻ کي جھلي،

ان جي سماري اڻي ويهڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. پر هو هڪ قدم به کڻي نه سگهيو. انتهائي ڪمزوريءَ ۾ سور جي نئين سوٽ جي شدت کان ساڻو ٿي ٻيهر زمين تي ڪري پيو.

ڇا هي آخري گهڙيون آهن؟ ڇا آئون هتي ئي وٽن جي ڇانو ۾ مري ويندس؟ هتي ته جهنگلي جانور منهنجي لاش جي پوٽي پوٽي ڪري کائي ڇڏيندا. باقي فقط هڏ وڃي بچندا. شايد منهنجو لاش به ڪنهن کي هٿ ڪونه ايندو. ڪير به ان کي دفن ڪري نه سگهندو. ڪمزوريءَ جي شديد احساس کيس ڏاڍو نا اميد ڪيو هو ۽ هو مايوس ٿي زمين تي ڪري پيو. ليڪن پري کڻي توپن جي گجگوڙ ٿي رهي هئي. اتي زبردست جنگ ٿي رهي هئي، جتي هن جا پنهنجا ماڻهو هئا. ڇا هو هي آخري اٺ ڏهه ڪلوميٽر پنڌ ڪرڻ جي سگهه به نه ٿو ساري سگهي؟

توپن جي گجگوڙ منجهس نئون حوصلو پيدا ڪيو ۽ آخرڪار هو هٿن ۽ گوڏن جي مدد سان جانورن وانگر اڳتي سُرڻ لڳو. هن طرح هلڻ کيس ڏاڍو آسان لڳو. پيرن تان بوجهه ختم ٿي ويو هيس، تنهن ڪري منجهن گهٽ تڪليف ٿي ٿي ۽ هو هٿن ۽ گوڏن پر تڪڙو به هلي ٿي سگهيو. انهيءَ احساس جي ڪري منجهس خوشيءَ جي لهر ڊوڙي ويئي ۽ هن ڏري گهٽ روئي ڏنو. هن زور سان چيو، جڏ هو ڪنهن اهڙي ٻئي شخص کي آڌت ڏيئي رهيو هجي، جيڪو بنهه همت هاري چڪو هجي ۽ جنهن کي ان طرح سان اڳتي وڌڻ جو ذرو به يقين نه هجي.

"پرواهه ناهي يار جاني، هاڻ سپ ڪجهه ٿيڪ ٿي ويندو!"

هڪ مقرر منزل ڌڻي ڪرڻ کان پوءِ اليڪسيءَ پنهنجا هٿ بغلن ۾ لڪائي گرم ڪيا. پوءِ گسڪندو هڪ ننڍي وڻ وٽ آيو ۽ ان مان به چورس ٽڪرا ڪاٽي هٿن تي پٽڻ جو بندوبست ڪيو. سندس اوني اسڪارف مان پٽيون ٺاهي هٿ جي ترين تي ڪاڻ جا ٽڪر ٻڌائين. ڪاپي هٿ کي ته چگي طرح اڳڙيون ويڙهي مضبوط ڪري ڇڏيائين، باقي ساڄي هٿ کي وات جي مدد سان مڙيئي ايرو سيرو ٻڌائين. بهرحال، هن هٿن ۾ 'جُوتا' پاتا هئا ۽ هو پنهنجي سفر تي روانو ٿي ويو. هاڻي هن کي هلڻ زياده آسان لڳو. اڳئين منزل تي هن پنهنجي گوڏن تي

بہ وڻ جي چوڏيءَ جا ٽکر ٻڌي ڇڏيا. پنهنجن تائين جڏهن ڪافي گرمي ٽيڙ لڳي هئي، هن ڪافي پنڌ ڪري ورتو هو. تڏهن جنگ جو آواز زياده ڇٽو ٻڌڻ ۾ پئي آيو. شايد انهيءَ هنڌ کي هو ويجهو پهچي رهيو هو.

جڏهن هو ڏُهڙ مان لنگهي رهيو هو، جتي پگهريل برف ۽ ڪٽي ڪٽي گاهه جا ٻوٽا ايريا ٻيٽا هٿا ته اتي ڪيس هڪ ٻي نعمت نصيب ٿي. هن ڏٺو ته اتي موجوده ٻوٽن ۾ واڱڻائي رنگ جا گول گول ميوا موجود آهن، جيڪي ڪٽي مٿي رس سان تمتار آهن. اليڪسيءَ ڪنڌ هيٺ جهڪايو ۽ چپن جي مدد سان هڪ ميوو وات ۾ وڌائين ۽ پوءِ جلدي جلدي هڪ کان پوءِ ٻيو ۽ اهڙي طرح هو ميوو کائڻ ۾ جُنبي ويو. گذريل ڪجهه ڏينهن ۾ هن کي پهريون ڀيرو سچ پچ مزي جهڙي شيءِ کائڻ لاءِ ملي هئي. هو گاهه جي هڪ جهڳٽي کان پئي تائين وڃي رڄ وانگر زبان ۽ چپن سان ميوا کائيندو رهيو. انهن جي ڪٽي ۽ مٿي رس ڪيس ايترو ته مزو ڏنو جو اصل ڪيس ڏوڻ ئي ڪونہ پئي ٿيو. هن الٽي ڪري وڌي، پر پوءِ بہ هو کائڻ کان سواءِ رهي نہ سگهيو. هن پنهنجي هٿن جا 'ٻوٽ' لاٽا ۽ ڏهو ميوي سان ڀرڻ لڳو ۽ لوهي ٽوپلو پڻ ڀريائين. ان کي ڏور سان پنهنجي جسم سان ٻڌي اڳتي روانو ٿي ويو.

رات جو هن گسڪي فر جي هڪ پراڻي وڻ هيٺ پناهہ ورتي. گڏ ڪيل ميوو کاڏائين ۽ سمهي رهيو. پر ڪيس مزيدار ننڊ ڪانہ آئي. هو ذري ذري ڇرڪ پري اٿي ٿي وينو ۽ پستول ڪيڊي چوڪس ٿي ٿيو. هو فقط پرهہ ڦٽڻ مهل سمهي سگهيو هو. صبح جو هن ان وڻ جي چوڌاري لومڙيءَ جي پيرن جا نشان ڏٺا. هن شڪارين کان ٻڌو هو ته لومڙيءَ کي مارڻ واري جي اڳوات خبر پئجي ويندي آهي، تنهن ڪري هوءَ ان جو پيڇو ڪندي آهي ته ڇٻو ته آڻ بہ مرڻ وارو آهيان، تڏهن هيءَ منهنجي چوڌاري پئي ڦري.

"رڳو بڪواس آهي. ڪيڈي نہ فضول ڳالهہ ٿي لڳي! سڀ ٺيڪ ٿي ئي ويندو!" هن پنهنجي دل خوش ڪرڻ لاءِ چيو ۽ هٿن توڙي گوڏن پر جهڪي رڙهڻ لڳو.

ان ڏينهن سندس قسمت جو ستارو ٻيهر چمڪيو. خوشبودار

صنوبري ٻوٽن ۾ ڪٽمٺي رس وارا گول گول ميوا ڳولينديءَ ڳولينديءَ پنن ۾ ڪکن جي ڍڳ ۾ ڪيس هڪ 'جاهو' هٿ اچي ويو. هو پنهنجي سموري سفر ۾ ڪنهن جانور يا پکيءَ کي ماري، ان جو گرم گرم خون پيئڻ، گوشت کائڻ جي خواهش دل ۾ سانڍيندو پئي آيو. هن خنجر کڍي 'جاهي' کي چيري ڦاڙي سندس رت پيتو ۽ گوشت ايتري تہ بي صبريءَ سان کاڌو، جڏ پاڳل ٿي ويو هجي. هڪ پل لاءِ بہ هن اهو ڪوڙ سوچيو تہ عام عقيدي موجب 'جاهو' مردار جانور آهي. بس رڳو هن جي گوشت کائڻ جي تمنا پوري ٿي رهي هئي. جڏهن هن سمورو گوشت کائي ڏنگ ڪيو، ننڍيون وڏيون هڏيون چٻاڙي چوسي ختم ڪيائين، تڏهن سندس پيٽ ۾ ساهہ پيو ۽ ڪيس آسودگيءَ، گرميءَ ۽ غنودگيءَ جو احساس ٿيو تہ وري ڪيس ڪتي جي گوشت جهڙي سڙاند ۽ ڪراهت جو بہ احساس ٿيو.

هن ٻيهر هر ڪنهن هڏيءَ کي جانچيو، چٻاڙيو ۽ چوسيو ۽ پوءِ برف تي ليٽي گرمي جو مزو ونڊڻ لڳو. هو اتي ڪر سمهي رهي ها، پر ڪيس لومڙي جي غراهٽن چوڪس ڪيو ۽ اوچتو ڪيس اوير کان توپن جي گوڙ گمسان جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو.

هن سموري ٽڪاوٽ کي اڇلائي ڪٽي ڦٽو ڪيو ۽ آرام جي ضرورت کي بنهہ وساري چڙيو ۽ ٻيهر جهنگل جي گهرائين ۾ روانو ٿي ويو.

[11]

هو جنهن ڏٻڻ مان رڙهندو گذري رهيو هو، ان کان اڳيان هڪ ميدان هو، جنهن ۾ ڪاٽ جي تنين وارو هڪ اگڙ هو. ٽنيا زمين ۾ ڪتل هڻا ۽ انهن ۾ ٻٽيون تارون وٽن ۽ گاهہ جي تاندورن سان ٻڌل هيون. انهن نشانن مان لڳو ٿي تہ ويجهو ئي ڪٽي انساني آبادي ضرور هوندي. انهيءَ خيال ايندي ئي سندس دل خوشيءَ ۾ جهومڻ لڳي. ٿي سگهي ٿو تہ هن ڏورانهين هنڌ بہ جرمن پهچي ويا هوندا ۽ جيڪڏهن پهچي بہ ويا هجن تہ ڇا ٿي پيو؟ هن جا پنهنجا ماڻهو بہ تہ اتي هوندا ۽ پڪ سان اهي هڪ زخمي ماڻهوءَ کي پناهہ ڏيندا ۽ سندس هر قسم جي مدد ڪندا.

اليڪسيءَ پنهنجي صحرائي سفر جي پڃاڻيءَ جو خيال دل ۾

آٽي، آرام ڪرڻ کان سواءِ ئي تکو تکو اڳتي رڙهڻ لڳو. هو رڙهندو رهيو ۽ رڙهندي رڙهندي سمڪڻ ٿي لڳو ۽ منهن ۾ برف تي ڪري ٿي پيو ۽ بيهوش ٿي ٿي ويو. هو دڙي تي پهچڻ لاءِ تيز تيز رڙهڻ لڳو. من ڪي يقين هو ته دڙي جي ٻئي پاسي هو ان ڳوٺ کي ڏسي سگهندو، جيڪو سندس لاءِ بهشت هو ۽ سندس اجهو بنجڻ وارو هو. من پنهنجي هر هڪ نس جو زور لڳائي آبادي ۾ تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪئي. آخرڪار هو ٽڙندو ٽاپڙندو ۽ سهڪندو دڙي تي پهچي ويو. من اکيون مٽي ڪٽي نهاريو ۽ هڪدم اکيون پوري ڇڏيائين. سندس سامهون ڪيڏو نہ ڀيانڪ منظر هو!

ان ۾ ڪوبہ شڪ ڪونہ هو ته ڪجھ ڏينهن اڳي تائين هي هڪڙو ننڍڙو ڳوٺ هو. باقي رهيل نشانين مان بنھ ظاهر هو ته هتي گهر هئا، پهراڙي ۾ جا ماڻهو رهندا هئا. گهرن جي ٻتين تي چنبيلي جي ول جهومندي هئي. گهرن ۾ دونهي لاءِ ڇڏيل چمنين مان دونهون نڪرندو هو. پر هينئر اتي فقط اهڙا نشان هئا، جن مان رڳو اندازو لڳائي سگهيو پئي. پريان ڪوه تي چرخي لڳل هئي ۽ ان تي زنجير ۾ ٻڌل ڪاٺ جو ڊول هوا ۾ لڏي رهيو هو. ڳوٺ ۾ داخل ٿيڻ مهل اتي هڪ سهڻو محراب ٺهيل هو، جنهن جي هيٺان هڪ زنگيل لوهي ڦاٽڪ پنهنجي چُوڙ ۾ هوا تي آهستي آهستي چرپر جو آواز ڪڍي رهيو هو.

ڪوبہ ماڻهو ڇيڻو ڪونہ هو. سڄو ڳوٺ ويران ۽ سنسان لڳو پيو هو. هڪ سهو اليڪسيءَ کي ڏسي ڏپ وڃان ٽپ ڏيئي وڃي پڳو. سهو ڦاٽڪ وٽ پهچي پنهنجي پوين ٽنگن تي بيهي، ڪن ايا ڪري پويان ڏسڻ لڳو. جڏهن هن ڏنو ته هي وڏو ۽ عجيب قسم جو جانور سندس پٺيان پيو اچي، تڏهن ڇلانگ ڏيئي اجڙيل باغن ڏانهن ڀڄي ويو.

اليڪسي مشيني انداز ۾ اڳتي وڌندو رهيو. سندس وڏيل ڏاڙهي ۽ مڇن سان ڍڪيل ڳلن تي ۽ ڳوڙها ڳڙيا ۽ برف تي ڪري ان ۾ جذب ٿي ويا. هو ڦاٽڪ وٽ ٻينو ڦاٽڪ تي اڏ بچيل تي فقط "ڪنڊر....." لکيل هو. هو آسانيءَ سان سمجهي ويو ته هن سرسبز ڳوٺ جي ٻارن لاءِ ڪنڊر گارڊن باغيچو ٺاهيو ويو هو. هو اڳيان وڌيو. اجڙيل باغيچي ۾ ويو. ٻارڙن لاءِ ٺهيل ٻنڇون پيل هيون. هو هڪڙي ٻنڇ تي ويٺو، پر

سندس پڻيءَ جو ڪنڌو ڏکڻ لڳو ۽ هو برف تي ليٽي پيو.

- سندس دل ڏاڍي اداس ٿيڻ لڳي.

ٻئنچ وٽ برف ڳري رهي هئي. برف اندران ڪاري زمين ليارکا پائي رهي هئي. اليڪسيءَ متيءَ جي مٽ پري، ڪيس ان مان بوسن چيڀٽن جهڙي وٽاڻ واري بوءِ اچڻ لڳي.

هن ڪي اندازو ٿيو تہ هتي بہ ماڻهو رهندا هئا. انهن ڪڏهن، ڪجھ ڏينهن اڳ جهنگ وڍي زمين هموار ڪئي هوندي. هر ڀر ڏڳا جوٽي ڪيڙ ڪئي هوندي، ٽرڏنو هوندو، جهنگلي جانورن کان فصل بچايو هوندو. ايندڙ فصل تائين مشڪل سان ٻن وقتن جي مانيءَ جي فڪر ۾ ٻڏل زندگي - ۽ پوءِ سوويت دور ۾ هتي پئنچائتي فارم ٿيو ۽ ڳوناٽا هڪ بهتر زندگيءَ جا خواب ڏسڻ لڳا. ڪيتي ٻاڙيءَ جون مشينون آيون ۽ ان سان گڏ اطمينان ۽ آسودگي پڻ. شام جي وقت گلابي ڳٽن وارن ٻارڙن لاءِ ڳوٺ جي ماڻهن گڏجي باغيچو ٺاهيو. تنهن کان پوءِ ڪنهن ڪلب گهر، مطالعي جي ڪمري، پڪي رستي ۽ بجليءَ لاءِ سوچيو هوندو..... هينئر ان جاءِ تي هڪ ويران جهنگل ۽ بيابان کان سواءِ ٻيو ڪجھ ڪونهي. اتي موت جهڙي ماڻ ڇانيل هئي.

جيئن جيئن اليڪسيءَ زياده ٿي سوچيو، تيئن سندس دماغ تيز ڪم ڪرڻ لڳو. سندس ڳوٺ ڪامي شين جو تصور اپري سامهون آيو ــ وانگا ندیءَ جي ڪناري تي هينائين ميدان ۾ متي، گرد ۽ غبار سان اڏيل سندس ڳوٺ ڪامي شين — هڪڙو ننڍڙو شهر ڪامي شين..... اونهاري ۽ سرءُ جي موسم ۾ هينانهين ميدان جون تيز هوائون شهر کي جهنجهوڙيندیون، متيءَ ۽ واري جا ڪکر وسائيندیون رهنديون هيون ۽ اتي جا رهواسي ڏوڙ ۾ اڇا ٿي ويندا هئا. ڪوئين ۾، وراندي ۾ ۽ دوڪانن ۾ واريءَ جا ڍير ٿي ويندا هئا. اکين ۾ ۽ وات ۾ واري جي ڪرچ ڪرچ پئي ٿيندي هئي. ڪامي شين جا رهواسي نسا٠ ڪان وٺي انهيءَ گرد ۽ غبار کي روڪڻ ۽ صاف ۽ شفاف هوا ۾ مزي سان ساهہ ڪڍڻ جا خواب پيا ڏسندا ٭هيا هئا. اهو سندن خواب فقط سوويت سوشلسٽ ديس ۾ ئي پورو ٿي سگهيو هو. ڳوناٽا پاڻ ۾ گڏجي وينا، صلاح مشورو ٿيو ۽ واريءَ جي خلاف هڪ مهم جو آغاز ڪيو ويو.

هر چنچر جي ڏينهن شهر جا سمورا ماڻهو، ننڍڙا توڙي وڏا، پار توڙي ٻيڙا، مرد توڙي عورتون، ڪوڏرون، بيلچا، ڪهاڙيون وغيره ڪٽي نڪري ايندا هئا ۽ ٽورن ئي ڏينهن ۾ شهر جي چوڪ ۾ پارڪ ۽ رستن جي ڪنارن سان وٽن جون قطارون لڳي ويون. هر طرف رنگ برنگي گلن جو قطارون ٺاهيون ويون هيون، جن جي خوشبوءِ سان جڏهن سمورو وايو منڊل واسجي ويو، تڏهن سيني ماڻهن، جوانن توڙي پوڙهن ڪيتري نہ خوشيءَ جو اظهار ڪيو..... پوءِ هن پنهنجي تصور ۾ جنم پوميءَ جي رستن تي جرمن سپاهين کي مارچ ڪندي ڏٺو، جيڪي وٽن کي پارڻ واسطي وڌي رهيا هئا. هن جو پنهنجو شهر دونهي ۾ گهيريل هو، جتي سندس گهر هو، اتي هڪ پيانڪ چمني ڪنڌ ڪٽيو ٻيٺي هئي.

درد ۽ پيڙاهہ کان سندس دل پور پور ٽيڻ لڳي. "انهن کي هاٽي اڳيان وڌڻ نہ ڏجي! جيسين اسان جي جسمن ۾ ساهہ جي آخري هڏڪي ٻہ موجود آهي، تيستائين ساٽن وڙهندو رهڻ گهرجي. ان روسي سپاهي وانگر، جيڪو جهنگلي ميدان ۾ دشمنن جي لاشن متان ڪريو پيو هو."

اليڪسيءَ ان رستي تي رڙهڻ شروع ڪيو، جيڪو ڳوٺ ڏانهن ويو ٿي. رک جي ڍڳن مان لاشن جي بدبوءِ اچي رهي هئي. ڳوٺ جهنگ کان ٻہ وڌيڪ ويران لڳي رهيو هو. اوچتو کيس هڪ آواز ٻڌڻ ۾ آيو. رستي جي موڙ وٽ، رُک جي ڍير وٽ کيس هڪ ڪتو نظر آيو، جيڪو ٿلهو متارو، وڏن ڪنن وارو گهريلو ڪتو ٿي لڳو. سندس چنبن ۾ گوشت جو ڪو ٽُڪر هو، جنهن کي هو کائي رهيو هو. ڪتو، جنهن کي سيني جانورن ۾ وفادار سمجهيو وڃي ٿو، اليڪسيءَ کي ڏسي ڏند ڪڍي گهرڻ لڳو ۽ سندس اکيون ٻرڻ لڳيون. اليڪسيءَ پنهنجو پستول ڪڍيو. سندس وار ڪانڊارجي ويا. کيس ڪتي کان، جيڪو وحشي بگهڙ بنجي چڪو هو، ڊپ ٽيڻ لڳو. ڪجهہ دير هو ٻئي هڪ ٻئي کي تڪيندا رهيا ۽ پوءِ ڪتي پڇ لوڏيو ۽ گوشت جو ٽڪر وات ۾ وجهي اتان ڀڄي ويو.

"ڀڄ، جيترو جلدي ٿي سگهي، هتان ڀڄي وڃ!" اليڪسيءَ باقي سڄ جي ڪرٽن جي روشنيءَ جو فائدو وٺي، بنا ڪنهن سنئين گس جي، برف جي ڍيرن کان اڪري رڙهندو جهنگل ۾ هليو ويو ۽ بنا

ڪنھن ارادي جي، ان طرف وڌڻ لڳو، جتان توپن جو آواز اچي رھيو ھو. اھو آواز ڪيس چقمق وانگر چمڪي رھيو ھو ۽ ھو جيترو آواز کي ويجھو ٿيندو ٿي ويو، اوترو ڪشش وڌندي رھي. ■

[12]

۽ اھڙي طرح ايندڙ ۾ ٿي ڏينھن اليڪسي رڙھندو رھيو. ھن کي وقت جي ڪابہ خبر نہ ٿي پيئي. ھر شيءِ ھڪ بي اختيار جدوجھد ۾ گھيرجي ويئي ھئي. ڪڏھن ڪڏھن ڪيس ننڍ اچي ويندي ھئي، يا شايد بيھوش ٿي ويندو ھو. ھو رڙھندي رڙھندي سمھي پوندو ھو. پر اوپر طرف ڪيس جيڪا قوت چمڪي رھي ھئي، سا ايتري تہ زبردست ھئي جو ھو ان بيھوشيءَ، ننڍ ۽ خود فراموشيءَ ۾ بہ رڙھندو رھندو ھو. ايتري قدر جو ھو ڪنھن وڻ سان وڄي لڳندو ھو يا برف تان ترڪي ڪنھن ڪڏ ۾ وڃي ڪرندو ھو. سندس سموري قوت ارادي ۽ سندس سمورا اڻ چٽا خيال فقط ھڪڙي نقطي تي جمع ٿي ويا ھئا، رڙھندو رھہ، ھر قيمت تي اڳيان وڌندو رھہ ۽ بس!

رستي ۾ ھو ھر ھوٽي کي ان اميد سان ڏسندو ھو تہ من منجھس ڪو 'جاھو' ويندل ھجي. برف ۽ گاھہ ھيڻان جيڪي ڪٽنڙا ميوا ملندا ھئا، سي کائيندو ھو. ھڪ پيري ڪيس رستي جي پاسي ۾ ماڪوڙين جو ديرو ڏسڻ ۾ آيو. ماڪوڙيون اڃا ستيون پيون ھيون. اليڪسيءَ پنھنجو ھٿ ان ڍير ۾ وڌو ۽ جنھن وقت واپس ڪيائين تہ ماڪوڙيون ھٿ تي چھٽيل ھيون. ھو انھن ڪيڙن کي شوق سان کائڻ لڳو ۽ انھن جي گھاٽي رس واري مادي مان کيس ڏاڍو مزو آيو. ھن ٻيھر ھٿ اندر وڌو ۽ ٻوءِ وري وري ائين ڪندو رھيو، تانجو ان حملي سڄي ديري ۾ ھنگامو پيدا ڪري ڇڏيو. موت ۾ انھن ماڪوڙين بہ کيس ھٽن، چپن، وات ۽ منھن تي چڪ پائڻ شروع ڪيا. اھي سندس وردي ۾ گھڙي ويون. پر کيس اھي چڪ بہ خوشگوار لڳا. انھن ماڪوڙين کيس مال مليدي ۽ سيري مال پَڙي جو ڪم ڏنو. کيس اُڄ لڳي. ھن ھڪ ڪڏي ۾ گڏ ٽيل يوري رنگ جو پاڻي ڏٺو. ھو پاڻي پيئڻ لاءِ ليٽي ٻيو، پر ھڪدم پري ھٽي ويو. ڪاري پاڻيءَ ۾، نيري آسمان جي عڪس ۾ کيس ھڪ

انتهائي پيانڪ چهرو ڏسڻ ۾ آيو، جيڪو ڏانهس گهوري رهيو هو. هو هڪ هڏين جي پڃري جو چهرو هو، جنهن تي ڪاري چمڙي چڙهيل هئي ۽ جيڪو ميرن گدلن، سوئن جهڙن وارن سان ڍڪيو پيو هو. اکين جي جاءِ تي جڙ پن وڏين ڪڏن مان ٻه گول گول، وحشت ڪان چمڪندڙ اکيون لياڪا پائي رهيون هيون ۽ متي جا چڪيل وار سندس منهن تي پڻجي رهيا هئا.

"چا هي آءٌ آهيان؟" اليڪسيءَ پنهنجو پاڻ ڪان پڇيو ۽ پاڻ ڪي ٻيهر ڏسڻ جي ڊپ ڪان هن پاڻي ٻه ڪونہ پيتو ۽ برف ڪٽي وات ۾ وڏائين ۽ وري ٻه ان زبردست چقمقي چڪ جي اثر هيٺ هو اوپر ڏانهن رڙهڻ لڳو.

ان رات هن بم ڏماڪي جي نتيجي ۾ ٽيل ڪڏ ۾ ترسڻ جو ارادو ڪيو. ان ڪڏ جي تري ۾ هن کي سڪون ۽ آرام مليو، چاڪاڻ تہ ان ڪڏ ۾ هوا جو گذر ڪونہ هو.

صبح جو اليڪسي اٿيو تہ ڪيس ايڏا ٻه وڏيڪ ڪمزوري محسوس ٿي. هن چيڙ جا چوڏا ٻه ڪونہ چَٻيا، جن جو ڍڳ سندس وردي ۾ موجود هو. هن ڏاڍي تڪليف سان پاڻ کي زمين کان الڳ ڪيو، جڏڪ رات هو زمين سان چهٽي پيو هو. هن پنهنجي ڪپڙن، ڏاڙهيءَ ۽ مڃ تان برف چنبڙ ڪان سواءِ ئي ڪڏ مان ٻاهر نڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر سندس هٿ ڪڏ جي ڪناري تان ترڪيو ٿي ويا ۽ هو ٻاهر نڪري نہ سگهيو. هن ور ور ڏيئي ٻاهر نڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هر ڀيري هو ڪڏ جي تري ۾ وڃيو ٿي ڪريو. هاڻ سندس همت جواب ڏيڻ لڳي ۽ ڪمزوري مٿس چانڇجڻ لڳي. نيٺ اها ڳالهہ سوچي تہ ڪنهن ماڻهوءَ ڪان سواءِ هو هتان ٻاهر نڪو نڪري سگهي، هو ڏڪي ويو. انهيءَ خيال ڪيس هڪ ڀيرو ٻيهر مٿي چڙهڻ تي مجبور ڪيو، پر هو مشڪل سان ٿورو مٿي آيو تہ وري ٻه ترڪي ڪري پيو ۽ بي حال ۽ بيوس ٿي ڪڏ ۾ پڻجي رهيو.

"بس قصو ختم ٿيو. هاڻي سڀ ٺيڪ آهي."

هو ويڙهجي سيڙهجي ڪڏ ۾ ويهي رهيو. ڪيس هڪ خوفناڪ سڪون ۽ اطمينان جو احساس ٿيو، جنهن ان چقمقي عمل کي درهم برهم ڪري ڇڏيو ۽ سندس اٽل ارادي کي مفلوج ڪري ڇڏيو ۽ اهو احساس سندس نس نس ۾ داخل ٿي ويو. هن بي خياليءَ مان مرو ٽيل خط

کيسي مان کڏيا، پر پڙهڻ جي قوت ۾ منجهس کانه رهي هئي. هن کاغذ ۾ ويڙهيل چوکريءَ جي تصوير کڏي، جيکا چيٽ جي فراک ۾ گاهه جي ميدان تي وينِي هئي. هن هڪ غمناڪ مسڪراهٽ سان تصوير کان پڇيو:

"چا واقعي اڄ الوداع آهي؟" ـــ ۽ هڪدم هو ڏکي ويو ۽ هو تصوير کي ٻيهر هٿن ۾ جهلي خاموش ويهي رهيو. هن کي محسوس ٿيو ته جهڙوڪر هن پاري جهڙي تڏي هوا ۾ جهنگل مان هڪ جاتل سجاتل آواز ٻڌي ورتو هو.

هُن يڪدم سستيءَ کي پڃائي کڏيو. هن اهو آواز سڃاڻي ورتو هو. اهو آواز "ايل – 16" جنگي جهاز جو هو. هو اهو ئي ته جهاز اڏائيندو هو. انجڻ جو گوڙ ويجهو ۽ تيز ٿيندو ويو. هوا کي تيزيءَ سان کاٽيندي جهاز جو آواز کيڏي مهل سينڊ وانگر ٽي پي ويو ته کنهن وقت رخ موڙڻ مهل هڪ کنجهکار وانگر ٽي لڳو. نيٺ آسمان جي وسعتن ۾ اليکسيءَ اهو جهاز ٻه ڏنو، جيکو ڏُنڊ ۾ کنهن وقت لکي ويو ٽي ته کنهن وقت ظاهر ٽي ٿيو. ٽيڪ سندس مٿان جهاز لامارو ڏنو ۽ چڪر کاٽي ڏور هليو ويو. پوءِ جلدي ئي جهاز جو گوڙ ٻه ختم ٽي ويو، پر کيتري دير کان پوءِ ٻه اليکسيءَ سمجهيو ته هو اڃا تائين اهو لطيف سينڊ جهڙو آواز ٻڌي رهيو آهي.

هن تصور ئي تصور ۾ پاڻ کي جهاز جي کاڪ پٽ ۾ ڏٺو. ڪن پل ۾ هو پنهنجي جهنگل واري هوائي اڈي تي پهچي سگهيو پئي. هن جهاز ۾ ڪير ٽي سگهي ٿو؟ شايد اندر ئي ديگتيارنيڪو هجي ۽ صبح سويري پيٽرولنگ ڪري رهيو هجي. اهڙن موقعن تي هو دشمنن سان مٺ پيڙ ٽيڻ جي اميد ۾ بنهه بلنديءَ تي جهاز اڏائيندو هو..... ديگتيارنيڪو..... هوائي جهاز..... ساٿي،

اليکسيءَ جي جسم ۾ قوت جو هڪ تازو طوفان اٽيو ۽ هن کڏ جي برفيلي ديوار کي ڏٺو. "آءٌ هن طرح ته کڏهن ٻه نڪري ڪونه سگهندس." هن پنهنجو پاڻ سان ڳالهايو. "پر آءٌ هتي ويٺو ويٺو موت جو انتظار ٻه ته نٿو ڪري سگهان!" هن خنجر کڏيو ۽ جميل برف کي خنجر سان ۽ واريءَ کي ننهن سان کوٽي کڏ جي ديوار ۾ پير رکڻ جي جاءِ ٺاهڻ

لڳو ته جيئن ان جي مدد سان ٻاهر نڪري سگھي. پر هو ايترو ته ڪمزور ٿي چڪو هو جو خنجر جو ڏڪ بنھ آهستي ٿي لڳو ۽ آگرين جا ننھن بہ رتو رت ٿي ٻيا. آخرڪار هو ٻاهر نڪري آيو. ڪيس تمام گھٽي تڪليف ٿي ۽ زخم رسيا، پر انھن سيني ڳالھين جي باوجود بہ سندس ڪنن ۾ ايا جھاز جو آواز گونججي رهيو هو. هن بيحد مشڪل سان پاڻ ۾ قوت گڏ ڪئي ۽ ان پاسي رڙھڻ لڳو، جتان جھاز جو آواز اچي رهيو هو. ■

[13]

ليڪن رڙھڻ ۾ ڪيس انتھائي دشواري محسوس پئي ٿي. سندس ٻانھون ڪنبڻ لڳيون ٿي ۽ جسم جو وزن جھلي نٿي سگھيون. ڪيترا ٻيرا سندس منھن وڃيو ڳرندڙ برف تي ٿي لڳو. ائين ٿي لڳو ته زمين جي ڪشش جي قوت ۾ ڪئين ٻيرا اضافو ٿي ويو آهي ۽ ان جو مقابلو ڪرڻ بنھ ناممڪن ٿي ٻيو آهي. اليڪسيءَ جي دل گھٽو ئي چاهيو ٿي ته ليٽي پوي ۽ گھٽ ۾ گھٽ اڌ ڪلاڪ ڪن ته آرام ڪري وٺي، پر اڄ اڳتي وڌندو رهڻ جو عزم ته جنون جي حد اختيار ڪري چڪو هو. ان ڪري هو رڙھندو رهيو ۽ رڙھندو ئي رهيو. هو ڪريو ٿي، اٿيو ٿي ۽ وري رڙھيو ٿي. هن کي هاڻي نہ ته بک جو احساس هو ۽ نہ ئي درد ۽ پيڙا جو. هن کي ڪابہ سُڌ ڪانہ ٿي پيئي. هن کي توپن ۽ مشين گن جي گوڙ کان سواءِ ٻيو ڪجھ بہ ٻڌڻ ۾ نٿي آيو.

جڏھن سندس ٻانھن رڙھڻ کان جواب ڏيئي ڇڏيو، تڏھن هن ٻوٽنين سان سرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ائين ڪرڻ انتھائي اذيت ناڪ هو. پوءِ هو پاسي ۾ گلاٽيون کائڻ لڳو. ها، هن طرح ڪجھ نمونو ٿي ويندو. هن ڏٺو ته هر هر گلاٽيون کائڻ رڙھڻ کان وڌيڪ آسان هو ۽ ان طرح گھٽي تڪاوت ڪانہ ٿي ٿي. پر ائين ڪرڻ سان سندس مٿو ڦري ٿي ويو ۽ هو بار بار بيھوش ٿي ٿي ويو. ڪيس تمام گھٽي دير ترسٽو ٿي پيو ۽ ويھي زمين، آسمان ۽ جھنگل جي ناچ جي رڪجڻ جو انتظار ڪرٽو ٿي پيو.

هاڻي گھاٽو جھنگل ختم ٿي رهيو هو ۽ هنڌ هنڌ تي صاف حصا

ڏسڻ ۾ ٿي آيا، جتان وڻ وڏيا ويا هئا. اليڪسيءَ هاڻي ان پاسي بلڪل ڪونہ ٿي سوچيو تہ هو پنهنجن ماڻهن ۾ پهچي ب سگهندو يا نہ؟ هن پڪو ارادو ڪري ڇڏيو هو تہ جيستائين منجهس ذرو ب قوت موجود آهي، تيستائين هو ان طرح گيلاٽيون کائيندو اڳتي وڌندو رهندو. جيڏي مهل هو ان خوفناڪ ٽڪاوٽ کان بيهوش ٿي ٿي ويو، جنهن جي تڪليف کان سندس ڪمزور جسم جو انگ انگ ڏکي رهيو هو، تڏهن ب سندس ٻانهون ۽ جسم خود بخود گيلاٽين کائڻ جو هي ڏکيو ڪم پورو ڪري رهيا هئا ۽ هو برف ۾ گسڪندو ٿي رهيو توپن جي گوڙ ڏانهن، اوير ڏانهن.

اليڪسيءَ کي ياد ڪونہ هو تہ هن اها رات ڪيئن گذاري هئي ۽ اڳئين صبح جو هن ڪيتريون منزلون طئي ڪيون هيون؟ هرشيءِ هڪ نيم خود فراموشيءَ جي انڌيري ۾ گم ٿي ويئي هئي. پوءِ اوچتو هن کي هڪ غير معمولي آواز پنهنجي خود فراموشيءَ واري حالت مان سجاڳ ڪيو ۽ ڪيس هوش اچي ويو! هو ويهي رهيو ۽ چؤطرف جائزو وٺڻ لڳو. هو جهنگل جي هڪ صاف حصي ۾ هو، جتان وڻ وڏي ڇڏيا ويا هئا. هر طرف اُس چمڪي رهي هئي. ٻنپهرن جو سج آسمان ۾ بلند هو ۽ ڪونئر ۽ صنوبر جي خوشبوءِ برف جي گهميل هوا ۾ رچيل هئي. مٿي..... تمام مٿي هڪ چڪور ڳائي رهيو هو.

هڪ ناقابل بيان خطري جي احساس کان اليڪسيءَ چوڌاريءَ نگاهہ ڊوڙائي. جهنگ جو هي حصو تازو صاف ڪيو ويو هو. ڪي وڻ تہ بنهہ هينئر وڍي ڪيرايا ويا هئا، ڇو تہ سندن ٽاريون ۽ پن اڃا ساوا ۽ تازا هئا. ساڳئي وقت جتي جتي وڻن کي وڍ آيل هئا، اتان ڪونئر ماکيءَ جي لار وانگر ڳڙي رهيو هو. ٿي سگهي ٿو تہ جرمن پنهنجن مورچن لاءِ ڪاٺ وڍيندا هجن. ان صورت ۾ تہ خير انهيءَ ۾ آهي تہ پڇي جند ڇڏائجي، متان جرمن ڪاٽيارا پهچي نہ وڃن. پر هن پنهنجي جسم کي بي جان، ڳرو ۽ سخت پيڙا ۽ اذيت ۾ گهيريل محسوس ڪيو. منجهس چُرڻ جي طاقت ئي ڪانہ رهي هئي.

ڇا آءٌ ساڳئي طرح رڙهندو رهان؟ جهنگ ۾ رهڻ جي ڪري منجهس هڪ خاص حس پيدا ٿي پئي هئي، جنهن ڪيس هوشيار ڪري

چڏيو هو. هو ڏسي نڪي سگهيو، پر پوءِ ٻہ هن محسوس ڪيو تہ ڪو تہ آهي، جيڪو مسلسل سندس نگراني ڪري رهيو آهي. ڪير هوندو؟ جهنگ ۾ مان ڇانيل هئي. آسمان ۾ هڪ چڪور پنهنجي پرينءَ جي ياد ۾ ڳائي رهيو هو. ڪاڪ ڪُتي جي ڪٽ ڪٽ جو آواز پئي آيو، ڪي جهرڪيون وٽن جي تارين تي پاڻ ۾ وڙهي پيون هيون. انهن سيني ڳالهين جي باوجود ٻہ اليڪسيءَ جي بدن جي نس نس ۾ اهو احساس سمايل هو تہ ڪا شيءِ سندس جانچ ڪري رهي آهي.

وڻ مان هڪ تاري ٽڙڪي. هن مڙي ڏنو. ڪيس نون جاول چيڙ جي وڻن جو جهڳٽو هوا ۾ لڏندو ڏسڻ ۾ آيو، پر ٻہ ٽي تاريون اهڙيون ٻہ هيون، جن جي لڏڻ جو انداز هوا جي ڪري لڏڻ وارو ڪونہ هو ۽ اتان ڪيس ٻُڌ ٻُڌ ٻڌڻ ۾ آئي. ماڻهن جي ٻڌ ٻڌ ـــ جهڙي طرح ڪٽي ڪي ڏسي سندس وار ڪاندارجي ويا هئا، ساڳئي طرح سان هينئر ٻہ سندس لڳ ڪاندارجي ويا.

هن هڪدم وردي ۽ مان پستول ڪڍيو ۽ ٻنهي هٿن جي مدد سان گهوڙو چاڙهيو. ائين ٻڌي لڳو تہ گهوڙي چاڙهڻ جو آواز ٻڌي وٽن پڻيان ڪو حراسجي ويو هو.

"آهي چا، ماڻهو يا جانور؟" اليڪسيءَ پنهنجو پاڻ ڪان پڇيو ۽ ڪيس محسوس ٿيو تہ ان جهڳٽي پڻيان ڪنهن کي پڇندي ٻڌائين تہ "چا هي ماڻهو آهي؟" هي سندس وهم هو، سڄ پڄ روسي ٻولي ڳالهائيندي ڪنهن کي ٻڌو هئائين؟ ها، ڪنهن ڳالهائي تہ روسي ٻولي! ۽ پڪ سان ڳالهائيندڙ روسي آهن. هو خوشيءَ ۾ چريو ٿي پيو؛ هڪ لمحو ٻہ نہ سوچيائين تہ اڳيان دوست آهن يا دشمن؟ ـــ سندس وات مان رڙ نڪري ويئي. هن ٽپ ڏنو ۽ ان طرف رڙهيو، جتان آواز پئي آيو. پر هو هڪدم ڏيري ٿي ڪري پيو، جهڙوڪر ڪيس ڏڪو ڏيئي ڪيرايو ويو هجي ۽ سندس پستول برف تي ڪري پيو..... ■

[14]

اليڪسيءَ هڪ ٻيرو وري اٿڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ڪري پيو ۽ بيهوش ٿي ويو. پر خطري جي احساس وري ڪيس هوش ۾ آندو.

کيس پوري پڪ هئي تہ ڪي ماڻهو جهڳٽي جي پويان لڪي ڪيس ڏسي رهيا آهن. نيٺ هن ڪنهن کي صاف چوندي ٻڌو "ماڻهو آهي!" هن پسترل هٿ ۾ ڪنيو ۽ مرڻ مارڻ لاءِ تيار ٿي ويو.....

بلڪل اوڏي محل جهڳٽي جي پٺيان ڪنهن پار جو سهڪندڙ آواز ٻڌڻ ۾ آيو:

"اڙي، ڪير آهين تون؟ جرمن؟ سمجهي؟"

اجنبي لفظ اليڪسيءَ کي هوشيار ڪري ڇڏيو، پر هڪڙي ڳالهه ڇٽي ٿي تہ اهي لفظ ڪنهن روسي پارڙي چيا هئا.

"هتي چا پيو ڪرين؟" ڪنهن پار جو آواز ٻڌائين.

"توهان ڪير آهيو؟" اليڪسيءَ پڇيو، پر پنهنجي جهيڻي آواز تي حيران ٿي ويو.

"ڪوڙ نہ ڳالهاءِ. تون اسان کي ڏوکو نٿو ڏيئي سگهين. آءٌ ڪوهن کان ڏور جرمنن کي سڃاڻي سگهان ٿو. چا تون جرمن آهين؟"

"۽ توهين ڪير آهيو؟"

"اهو تون ڇو ٿو پڇڻ چاهين؟"

"آءٌ روسي آهيان." اليڪسيءَ وراڻيو.

"تون اسان کي بيوقوف ٿو بڻائين..... اکين جو قسم تون فاشسٽ آهين!" روسي پار جو آواز آيو.

"آءٌ روسي آهيان، روسي! هڪ هوا باز. منهنجي جهاز کي جرمنن ڪيرايو آهي." اليڪسيءَ کي يقين ٿي ويو تہ وٽن پٺيان هن جا پنهنجا ماڻهو آهن، روسي ماڻهو! — تنهن ڪري هن ڪجهه لڪائڻ جي ضرورت ڪانہ سمجهي. پر هنن کي هن تي يقين ڪونہ پئي آيو. جنگ احتياط سيکاري ٿي. جڏهن کان هو سفر تي روانو ٿيو هو، تڏهن کان اڄ پهريون پيرو هو ايترو هيٺو ۽ بيوس ٿيو هو. هن محسوس ڪيو تہ هو هٿ ۾ هٿيار بہ چوري نٿو سگهي، نہ هو سري سگهي ٿو ۽ نہ ئي پنهنجو بچاءُ ڪري سگهي ٿو. هن جي مٿن مڙان ڪارين ڪڏن مان لڙڪ لارون ڪري وهڻ لڳا.

"ڏس تہ سهي، هو روئي پيو!" وٽن جي پٺيان آواز آيو.

"اڙي ٻڌين ٿو؟ تون روئين ڇو پيو؟"

"آءٌ روسي آهيان، توهان وانگر روسي ۽ هڪ هواباز بہ....."

"ڪهڙي هوائي اڈي جو هواباز آهين؟"

"پر توهين ڪير آهيو؟"

"اهو تون چو ٿو پڇڻ چاهين؟ هان، جواب ڏي!"

"مونچالو فسڪي هوائي اڈي جو هواباز آهيان. پر توهين منهنجي مدد چو نٿا ڪريو؟ٻاهر نڪري اچو. حيف اٿو! آءٌ پيو مران ۽ توهين پيا انگل ڪريو....."

"ٻڌيئي، هو چوي ٿو تہ هو مونچالو فسڪي هوائي اڈي جو هواباز آهي..... شايد سچ ڳالهائيندو هجي..... ۽ هو روئي بہ تہ پيو....." پوءِ هڪڙي هڪل ٿي. "او هواباز! پنهنجو پستول پري اڇلي ڇڏ. پستول نہ اڇلينديں تہ اسان ٻاهر ڪونہ ايندا سين ۽ پڄي ويندا سين، سمجهيئي!"

اليڪسيءَ پستول پري اڇليو، تڏهن بہ چوڪرا ڊڄندا هٿ مٿ ڏيئي، پڇڻ لاءِ بلڪل تيار، آهستي آهستي اليڪسيءَ وٽ آيا. وڏي چوڪر وٽ هٿ مٿ ڪاڙي هئي. سندس وار سنهڙا ۽ اکيون نيريون هيون ۽ صفا سنهڙو هو. ننڍي چوڪري جا وار ڳاڙها هئا. هو حيرت ۽ تجسس مان اکين چنيڻ کان سواءِ وڏي چوڪري کان هڪ قدم پٺيان هلي رهيو هو ۽ آهستگيءَ سان چئي رهيو هو: "هيءَ تہ روئي پيو. اڙي ها، سچ پچ روئي پيو. ڏس تہ سهي، ويچارو ڪيترو نہ ايرو ٽي ويو آهي. رڳو سندس هڏن تي چمڙي چهٽل آهي!"

وڏي چوڪري اڳيان وڌي پستول کي ٽڏو هڻي پري ڪيو ۽ پڇيو:

"تون چوين ٿو تہ هواباز آهين. ڇا تو وٽ اهڙا ڪاغذ آهن؟ ڏيکار تہ سهي!"

"هتي ڪير آهن، پنهنجا ماڻهو يا جرمن؟" اليڪسيءَ بي اختيار مسڪرائي پڇيو.

"مون کي ڪهڙي خبر؟ آءٌ تہ هتي جهنگل مٿ رهندو آهيان. مون کي تہ ڪوبہ اطلاع ڪونہ ٿو پهچائي." وڏي چوڪر ڏاڍي شان ۽ مدبرانہ انداز مٿ جواب ڏنو.

اليڪسيءَ کي ڪاغذ ڏيکارٽا پيا. هن وردي‌ءَ مٿ هٿ وجهي پنهنجو سجاٽپ ڪارڊ ڪڍيو. آفيسر جي ڳاڙهي ڪارڊ چوڪرن تي

جادوءَ جو ڪم ڪيو.

"ها ها، اسان جا ماڻھو ھتي آھن. ھو تن ڏينھن کان ھتي آھن."

ھڪڙي جوڪري رڙ ڪري چيو.

"تون ايترو ايرو چو ٿي ويو آھين؟" ٻئي چيو.

"..... اسان جي ماڻھن ھنن جي چگيءَ ريت مرمت ڪئي آھي. ھتي زبردست لڙائي لڳي ھئي ۽ دشمنن جا تمام گھٽا ماڻھو مارجي ويا ھئا، تمام گھٽا."

"..... ۽ پڳا ڪيئن ٿي، بنھ ڪڙيون پئي ڪياڙيءَ سان لڳن. ھڪڙو گھوڙي تي چڙھي وڃي ٻڳو، ۽ ڦٽيل ھئا، تن ٻنھي گھوڙي جي پڇ ۾ جھليو ۽ ٽيون ان تي چڙھي ويٺو. تون جي ڏسين ھا تہ ڏاڍو مزو اچئي ھا.....! ھنن تو کي ڪٽي ڪيرايو ھو؟"

ڪجھ دير تائين ٻنھي ڇوڪرن جي زبان ڦٽنچي وانگر ھلندي رھي، پر پوءِ ڪين ايڪسيءَ جي مدد ڪرڻ جو خيال آيو. اتان سندن ڳوٺ پنج ڪلوميٽر پري ھو. وتن ڪائين ڪٽڻ لاءِ جيڪا گاڏي ھئي، سا بنھ نندي ھئي، نہ تہ ايڪسي ان گاڏيءَ تي ماپي سگھي ھا ۽ نہ ئي وري ھو ٻئي ان کي گھلي سگھن ھا. نيٺ وڏي ڇوڪري 'سيريونڪا' سندس نندي ياءُ 'فيدي' کي چيو تہ تون ڊوڙ پائي ڳوٺ وچ ۽ آءٌ ھتي رھي ايڪسيءَ جي حفاظت ٿو ڪريان.

ايڪسي چيڙ جي ٽارين ۽ پنن تي پيو، جھوٽا کائي رھيو ھو. سندس اکيون اڏ پوريل اڏ ڪليل ھيون. ھو ڇوڪر جي بک بک ٻڌي رھيو ھو، پر ڪنھن مان کي چند لفظ ئي سندس پرسکون گھل کي اورانگھي، سندس ذھن تائين پھتا. کيس پنھنجي مادري ھولي ٻڌڻ سان ڏاڍي راحت پئي آئي.

"..... بابا پنچائتي فارم جو صدر ھو ۽ جرمن ان کي مُکي چوندا ھئا." ايڪسيءَ کي سيريونڪا جو ڳالھائڻ جڙ پت جي ٻئي پاسان ٻڌڻ ۾ پئي آيو، "انھن بابا کي ماري چڏيو. منھنجي وڏي ياءُ کي پڻ ماري چڏيائون. ھو جڏو ھو، ھن جو فقط ھڪڙو ھٿ ھو. سندس ھڪڙو ھٿ ان ڳاھيندي مشين ۾ چڇرجي ويو ھو ۽ پوءِ ڪٽي چڏيائونس. انھن اسان سيني کي اھو خوني تماشو ڏسڻ تي مجبور ڪيو. مون پنھنجي

اکين سان ڏنو. بابا سخت غصي ۾ ڪاوڙ مان انھن کي چيو ھو: "بدمعاشو، توھان کي ھنن ڪرتوتن جي سيکت ضرور ملندي. توھين پنھنجي ڪئي تي رت جا ڳوڙھا ڳاڙيندؤ."

"..... ھاٽي اسان گھر ۾ فقط تي ڇڻا آھيون. فيدڪا، امان ۽ آءٌ. منھنجي ھڪ پيٽ ۾ ھئي. سندس نالو 'نيوشڪا' ھو. اھا سرءُ جي موسم ۾ مري ويئي. مرڻ کان اڳ ھوءَ ننھن کان وٽي چوٽيءَ تائين سُڄي ڏھل ٿي پئي ھئي ۽ ھڪ منھنجو ننڍڙو پاءُ ۽ ھو، سو ۽ مري ويو. ھاٽي بس اسان رڳو ٿي ڇڻا آھيون. جرمن وري ته ڪونہ ايندا. ھان تنھنجو ڇا خيال آھي؟ منھنجو نانو ھاٽي صدر آھي. اھو چوي ٿو ته جرمن ڪونہ ايندا. ڪڏھن مردا ۽ پلا قبرن مان موتي ايندا آھن؟ ليکن امان ڊڄي ٿي. ھوءَ ھتان ڀڄي وڃڻ ٿي چاھي. اھا چوي ٿي ته متان جرمن وري اچن..... ھوڏانھن ڏس، نانا ۽ فيدڪا اچن پيا."

فيدڪا ھٿ سان اشارو ڪري نانھس کي اليڪسي ڏيکاريو. گول ڪلھن وارو، ڏگھو پوڙھو 'خائيل' جنھن کي گھر جو سُبيل چتين وارو ڪوٽ پاتل ھو ۽ مٿي ۾ جرمن آفيسر جي ڏگھي ٽوپي پاتل ھئس. سندس چھرو، سينٽ نڪولاس وانگر ھو، جنھن مان ڀاجھ، محبت ۽ شفقت جو نور وسي رھيو ھو. اھڙو ئي نور ڳوٺ ۾ موجود ديوتائن جي تصويرن مان پڻ وسندو نظر ايندو آھي. ننڍڙي ٻار جھڙيون روشن روشن ۽ چمڪندڙ اکيون، نرم نرم سفيد ڏاڙھي ــ نانا ميخائيل اليکسيءَ کي ھنڌان ھنڌان چتين لڳل ريڊ جي کل مان ٺھيل ڪوٽ ۾ ويڙھيو ۽ ڏاڍي تعجب مان پُڇيو: "ويچارو، الا ويچارو چوڪرو! ابا تون ته ڳري ڪندا ٿي ويو آھين! رب منھنجي پناھ، تون ته مرڳو ھڏن جو پنجرو وڃي بچيو آھين! ٻيو ڇا! ھاءِ ھيءَ نياڳي جنگ ماڻھن تي ڪيڏو نہ عذاب ٿي آڻي. ڪيڏو نہ ظلم آھي ھي."

ھن اليکسيءَ کي تمام احتياط ۽ پاڻھ مان ڪٽي برف واري گاڏيءَ ۾ وڌو، ائين جڙ ھو ڪو تازو جاول ٻار ھجي. کيس ھڪ رسي سان ٻڌائين، ڪن پن لاءِ سوچيائين ۽ پنھنجو ڪوٽ لاھي مٿانئس وڌائين ۽ ڪجھ حصو سرڪائي مٿي ھيٺان رکيائين. پوءِ ھو گاڏي جي اڳيان ويو ۽ بکرم ۽ اڳڙين مان ٺھيل گاڏي جو جوٽو پنھنجي ڪنڌ تي

رکيائين ۽ ٻنهي ڇوڪرن کي هڪ هڪ رسو ڏيئي چيائين: "هلو- الله توهار!" ■

[15]

اڳين ٻن ڏينهن تائين اليڪسيءَ کي ائين پئي لڳو، جڙ هو گهري ۽ گرم ڏنڊ ۾ گهيريل هجي. کيس پنهنجي چوڌاري ٽيندڙ ڳالهين جي اڻ چٽي تصوير نظر پئي آئي. حقيقت، وهم ۽ گمان ۾ ٻڏي رهي هئي. گهٽو پوءِ کيس ايترو هوش آيو، جو هو حقيقي واقعن ۽ وهمن کي جدا جدا ڪري ڏسي سگهيو ٿي.

هي پناهگير ان گهاٽي جهنگل ۾ رهندا هئا. انهن جي خندقن مٿان ڏينگر پيل هئا ۽ انهن تي برف جمي پئي هئي، تنهن ڪري انهن کي ڳولڻ ڏاڍو مشڪل هو. جنهن ڏينهن اليڪسي اتي پهتو هو، فضا ۾ ڏاڍو سڪون ۽ شادابي هئي.

سيني ماڻهن ــ جن ۾ عورتون، ٻار ۽ ڪجهه پوڙها هئا، جڏهن ٻڌو ته نانا ميخائيل هڪ روسي هواباز کي هتي وٺي پيو اچي، جيڪو الائجي ڪيئن هيستائين پهتو آهي ۽ جيڪو فيدڪا جي چوڻ مطابق رڳو "هڏين جو پنجرو" آهي ته سيبيئي ان جو آڏرياڻ ڪرڻ لاءِ ڊوڙي آيا. وٽن جي جهڳٽن مان جڏهن برف گاڏي "تروئيڪا" نظر آئي ته سيبيئي عورتون ٻارڙن کي پري هٽائي گاڏيءَ جي چوطرف ڦري بيهي رهيون ۽ پوءِ روئندين اوچنگارون ڏينديون، گاڏي سان گڏوگڏ هلنديون خندقن تائين آيون. سيني عورتن جا ڪپڙا ڦاٽل ۽ چٽين لڳل هئا ۽ سيئي عورتون هڪجهڙيون ۽ پوڙهيون ٿي لڳيون. خندقن اندر دونهي سندس سدا بهار چهرا ڪاراٽي سانورا بٽائي ڇڏيا هئا. نوجوان عورتن جي سجاٽپ فقط سندن چمڪندڙ اکين جي جوت ۽ موتيءَ جهڙن ڏندن مان ئي ٿي سگهي ٿي.

"مايون، او مايون! آخر توهان هتي ميلو چو لڳايو آهي؟ هي ڪو تماشو ته ڪونهي. خدا جي واسطي گس کان ته پري هٽو. توهين ته بنهه ڪو رڍن جو ڏڻ ٿيون لڳو. پلا توهان کي ڇا ٻڌايان؟" نانا ميخائيل جوٽڻي کي زور سان ڇڪيندي چيو.

عورتن جي هجوم مان اليڪسيءَ کي آواز ٻڌا: "هاءِ ويچارو ڏکوئيل ڪيترو نہ آيرو آهي." "بلڪل هڏين جو پنجرو آهي." "ڇُري پُري بہ نٿو سگهي." "ڇا جيئرو آهي؟" "بيهوش آهي." "هن کي ڇا ٿيو آهي؟" "اوهہ، ڪيترو نہ ڳري ويو آهي." "بنهہ ڪنڌا ٿي ويو آهي ويچارو!"

انهن اڻ ڄاتل ۽ خوفناڪ تجربن جو خيال ايندي ئي عورتن تي ڪافي اثر پيو ۽ سندن حيرت وارا فقرا بہ ختم ٿيا، جن مان اليڪسي گذريو هو. هاڻي جيئن جيئن گاڏي خندقن ۽ لڪل ڳوٺ جي ويجهو پهچندي ويئي، تيئن ئي منجهن اهو بحث زور ونڊندو ويو تہ آخر اليڪسي ڪنهن جي گهر هلي؟

"منهنجو گهر سُڪل آهي. هر طرف سڪل واري موجود آهي. اتي هوا بہ سٺي ٿي اچي..... ۽ مون وٽ هڪ چُلهو بہ آهي." بندري قد ۽ ڪلندڙ — چمڪندڙ اکين ۽ گول چهري واريءَ هڪ عورت چيو.

"چلهو! توهين سڀ گهر پاتي ڪيترا آهيو؟ اتي جي بدبوءِ ئي توهان سينيِ کي ٻيءَ دنيا جو سير ڪرائڻ لاءِ ڪافي آهي. هن کي مون وٽ رهڻ ڏيو نانا! منهنجا ٽي پٽ روسي فوج ۾ آهن ۽ مون وٽ ٽورو اٽو بہ بچت ۾ آهي، آءٌ هن لاءِ تمام مزيدار ماني پچائيندس."

"نہ نہ! هن کي مون وٽ رهڻ ڏيو. اسين پاڻ ۾ فقط بہ ڇٽا آهيون اسان وٽ جاءِ بہ تمام گهٽي آهي. تون پنهنجي مزيدار ماني اتي ئي آٽي ڏجانءِ. هو ڪٽي بہ ڪائي، هن لاءِ ڪوبہ فرق ڪونہ ٿو پوي. ڪسيوشا ۽ آئون هن جي ڏاڏي خدمت چاڪري ڪنداسون. توهين بي فڪر رهو. مون وٽ ڪجهہ ٽڏي مڇي ۽ نانگ جون پوٽيون آهن..... آءٌ هن لاءِ مڇي ۽ نانگ جو شوروو ناهيندس."

"پلا مڇيءَ مان هن کي ڪهڙو فائدو پهچندو، جڏهن تہ هن جا پير قبر ۾ پيا لڙکن؟ هن کي مون وٽ وٺي اچو نانا! اسان وٽ ڳئون آهي ۽ اسين هن کي دِوَ تي ڪير پيارينداسين."

ليڪن نانا ميخائيل گاڏيءَ کي ڇڪيندو، پنهنجي خندق وٽ ڪٽي ويو، جيڪا 'زير زمين' ڳوٺ جي وچ ۾ هئي.

..... اليڪسيءَ کي ياد پيو تہ هو زمين اندر هڪ ننڍي ۽ انڌاريءَ

خندق ۾ هڪ تختي تي ستل هو. پت تي هڪ مشعل لڳي پئي هئي، جنهن مان دونهين گاڏڙ روشني پئي نڪتي. پاسي ۾ هڪ ميز پيل هئي ۽ هڪ نازڪ، سهڻو سلوٽو چهرو ٻه هو، جنهن کي مٿي تي ڪارو رومال ۽ بدن تي پوڙهين عورتن وارو لباس پاتل هو. سا هئي "وار وارا" نانا ميخائيل جي ننڍي ۾ ننڍي ننهن. ان سان گڏ ڪيس ميخائيل جو سفيد وارن جون لڙڪندڙ چڱن وارو مٿو پڙ نظر ايندو هو.

اليڪسي هڪ پتاپتي گاديلي تي پيو هو، جنهن ۾ پلال پريل هو. هو اڃا تائين ردِ جي ڪل واري اڳڙين پيل ڪوٽ ۾ ويڙهيل هو، جنهن مان گهريلو قسم جي ڪٽاڻ پريل بوءِ اچي رهي هئي..... جيتوڻيڪ سندس سنڊُ سنڊُ سور ڪري رهيو هو، جڏهن ڪيس سنگسار ڪيو ويو هجي ۽ سندس پير ٻري رهيا هئا، جڏهن مٿن تتل سرون رکيون ويون هجن، پر پوءِ ٻه ان طرح اتي پيو رهڻ ۽ اهو محسوس ڪرڻ تہ هو محفوظ جاءِ تي آهي، هن لاءِ ڏاڍو خوشگوار هو. انهيءَ احساس ۾ ڏاڍي فرحت ۽ راحت هئي تہ ڪيس هاٿي پنهنجي جاءِ کان چُرڻ جي ضرورت ڪانهي يا ڪجھ سوچڻ جي ۽ هر وقت خبردار رهڻ جي ضرورت ڪانهي.

ڪنڊ منجهان چلھ مان دونهين جا ڪڪر بلند ٿي رهيا هئا. اليڪسيءَ کي ائين پئي لڳو تہ نہ رڳو دونهون، پر ان سان گڏ ميز، نانا ميخائيل جو مٿو ۽ وار وارا جو ڪومل جسم ٻه هوا ۾ اڏامي ۽ جهومي رهيو هو. در کلڻ سان تازي هوا اندر آئي تہ هن جون اکيون ٻه ڪلي پيون. ميز وٽ هڪ عورت بيٺي هئي. هن پنهنجو ٽيلهو ميز تي رکيو هو. سندس هٿ ٽيلهي تي ٽي رکيا هئا، جڏهن هوءَ سوچي رهي هئي تہ "هي تہ ختم ٿيو پيو آهي، ڇو نہ ٽيلهو واپس ڪٽي وڃان!" هن ڏڏو ساهہ ڪنيو ۽ وار وارا کي چيو تہ: "اڇي وٽ، هن ۾ ٿوري سوجي آهي، جيڪا لڙائيءَ کان اڳ جي آهي. مون اها پنهنجي ڪوستيونڪا لاءِ بچائي رکي هئي، پر هاٿي تہ ان کي ڪنهن ٻه شيءِ جي ضرورت ڪانهي. تنهن ڪري تون هن مان ڪجھ رڌي اليڪسيءَ کي کارائج."

هوءَ مڙي در ڏانهن ويئي ۽ پنهنجي غم سان سيني کي متاثر ڪري ويئي. ڪو پاري ۾ جميل مڇيءَ جو ٻوڙ ڪٽي آيو تہ ڪو چُلھ جي پٺر تي سيڪيل ماني ڪٽي آيو ۽ اهڙي طرح سڄو ڪمرو تازي

مانيءَ ۾ ٻوڙ جي ڪتي ۾ گرم خوشبوءِ سان واسجي ويو.

سيريونڪا ۾ فيدڪا ٻہ اندر متي آيا. هنن ٽوري ڪنڊ آندي هئي، جيڪا ماٽس موڪلي هئي. وڏي ڇوڪري نانا ميخائيل ڏانهن مڙي چيو تہ "اسين وري ٻہ ان تباهہ ٽيل ڳوٺ ۾ ويا هئاسين. اسان کي هڪ لوهہ جو ٽانو، ٻہ صحيح سلامت ڪوڏاريون ۾ هڪڙي کهاڙي ملي، جيڪي ڪم اچي سگهن ٿيون." انهيءَ دوران فيدڪا پاٽس جي پٽيان بينو، لالچي نگاهن سان ڪنڊ کي تڪي رهيو هو ۾ ذري ذري ڀِيڙَ ڪهي رهيو هو.

پوءِ جڏهن اليڪسيءَ انهن سيني ڳالهين تي غور ڪيو، تڏهن ڪيس انهن سوڪڙين پاڪڙين جي قدر ۾ قيمت جو اندازو ٿيو، جيڪي سندس لاءِ ڳوٺ وارن آنديون هيون. هن ڳوٺ ۾، جنهن جو چوٽون حصو سرءُ جي فاقن ۾ مري ويو هو ۾ جتي هڪڙو ٻہ اهڙو خاندان ڪونہ هو، جنهن کي هڪ يا ٻن ڪونڊرن جي ڪُسڻ تي روئڻو نہ پيو هجي.

"اڙي مايون! توهان املهہ ماڻڪ آهيو. پڌين پيو اليڪسي، آڳ چا پيو چوان؟ آئون چوان ٿو تہ روسي عورت هڪ املهہ ماڻڪ آهي. بس رڳو سندس دل موهڻ جي ضرورت آهي ۾ پوءِ هوءَ پنهنجي آخري پونجي ٻہ توهان تي نڇاور ڪري ڇڏيندي ۾ جي ضرورت پئي تہ پنهنجي جان ٻہ قربان ڪري ڇڏيندي. اسان جي عورتن جي ڪهڙي ڳالهہ ڪجي. چا آئون غلط پيو چوان؟" نانا ميخائيل اليڪسيءَ لاءِ آندل تحفا قبول پئي ڪيا ۾ ان قسم جون ڳالهيون ٻہ پئي ڪيون ۾ ڪم منجهہ ٻہ لڳو ٿي رهيو۔ لغام، گهوڙي جي جوٽڻي يا بوٽ جي مرمت ڪندو ٿي رهيو. "۾ ڪم ۾ ٻہ اسان جون عورتون اسان کان پوئتي ڪونهن، بلڪ اسان کان ٻہ اڳتي آهن. بس مون کي جيڪا سندن ڳالهہ پسند ڪانهي، سا آهي سندن زبان!

سندن اها ئي ڳالهائڻ جي عادت منهنجي موت جو سبب بنبي! جڏهن منهنجي زال انيسيا فوت ٿي هئي، تڏهن مون دل ۾ سوچيو هو تہ: منهنجا الله! تنهنجو شڪر جو هاڻي مون کي سڪون نصيب ٿيندو. پر ڏسو تہ سهي، خدا مون کي ان جي ڪهڙي سزا ڏني آهي. اسان جا سمورا مرد فوج ۾ وڃي ڪونہ سگهيا، تنهن ڪري جرمنن سان وڙهڻ لاءِ باقي

بچيل مرد چاپا مار جٿن ۾ شامل ٿي ويا ۽ مون کي پنھنجي گناھن جي سزا طور عورتن جو سردار بنايو ويو. جيئن ھڪ جھنگلي ٻکر رڍن جي ڊڻ ۾ اڇي ڦاسندو آھي. آئون چوان ٿو تہ ھي ڪم ڏاڍو ڪٺن آھي."

اليڪسيءَ کي ھن ڳوناٽي آبادي ۾ ڪيترين ئي اھڙيون ڳالھيون نظر آيون، جن تي ڪيس ڏاڍي حيرت ٿي. "پلا وٽي ڳوٺ" جي رھواسين کان جرمنن سندن سمورو گھرو سامان توڙي پوکي راھيءَ جو سامان، ڍور ڍڳا، ڪپڙا لٽا، بس ھر اھا شيءِ ڦري ٻھاري ويا ھئا، جيڪا ھنن ابن ڏاڏن کان محنت مزوري ڪري ميڙي چونڊي ھئي ۽ ھاڻي اھي ماڻھو جھنگ ۾ انتھائي ڏک ۽ تڪليف جي زندگي گذاري رھيا ھئا. ھنن کي ھميشہ اھو الڪو ٿي رھيو تہ متان جرمن حملو نہ ڪن. ھو بک پئي مڙ ۽ سيءَ ۾ پئي ٺڙڪيا، پر ھنن پئنچاتي فارم کي تباھہ ٿيڻ نہ ڏنو. جڏھن نانا ميخائيل جي نائيءَ کي قتل ڪيو ويو ھو، تڏھن ھن پئنچاتي فارم جي صدر جو عھدو سنياليو ۽ تمام ايمانداريءَ سان ان کي نياھڻ لڳو.

سڀ لنگھڻ ويٺا ھئا، پر پوءِ بہ ھاري عورتون پنھنجو سمورو ان کٽي اڇي گڏيل خندق ۾ گڏ ٿيون. اھو ان ھنن ڳوٺ مان پڄڻ وقت پاڻ سان لڪائي آندو ھو. ھينئر اُن اَن جو داڻو داڻو جمع پئي ڪرايو ويو. انھن ڦرن جي تمام گھٽي سار سنيال پئي ٿي، جيڪي جرمنن کان بچي ويندڙ ڏڪڻ ڇڏيا ھئا. ھي ماڻھو پيٽ ٻکيا ھوندا ھئا، پر پئنچاتي فارم جو ڏور ڏڪو ڪھي ڪونہ کائيندا ھئا. ڳوٺ جا ڇوڪرا سر تريءَ تي رکي تباھہ ٿيل ڳوٺ ۾ ويندا ھئا ۽ اتي متي ۽ رک جي ڏيرن مان اڻلائي پڌلائي ھَر جو ڦار يا ڪم ڪار جون ٻيون شيون ڳولي ڪڍي ايندا ھئا تہ جيئن ھو پئنچاتي فارم تي انھن جي مرمت ڪري ڪين ڪم ۾ آڻي سگھن.

نانا ميخائيل جيتوڻيڪ پُنھنجن عورتن تي ڪاوڙبو ۽ ڪين ڇڙون بہ ڏيندو ھو، يا جڏھن ڪنھن مسئلي جي حل لاءِ سڀ گڏجي سندس خندق ۾ ايندڙ ھيون تہ ڪنن تي ھٿ رکي ڇڏيندو ھو ۽ ڪين دڙڪو ڏيئي، ماٺ ڪرائيندو ھو، پر پوءِ بہ ھي سڀ ڳالھيون ٻڌندڙ مھمان جي خاموشي جو فاعدو وٺي ھو 'عورت ذات' جي ساراھہ ڪندو

هو، جو سندن مانَ مرتبي ۾ زمين ۽ آسمان هڪ ڪري ڇڏيندو هو.

"ڏس اليڪسي، ڳالھ ڇا آهي؟ بس ڳالھ اها آهي تہ عورت هر شيءِ کي ٻئي هٿ وجهي کڻي لڪائيندي آهي. ڇا آءٌ ٺيڪ ڪونہ پيو چوان؟ هو ائين چو ٿيون ڪن؟ ان لاءِ نہ تہ ڪو عورت ڪنجوس ٿيندي آهي. نہ هرگز نہ! هوءَ ائين ان ڪري ٿي ڪري، جو ڪيس اها شيءِ وٽي ٿي. اها ئي تہ ٻارن ٻچن کي ڪارائي پياري ٿي. توهان ڇا ٻہ چئو، پر گهر جو سمورو ڪاروبار عورت ئي هلائي ٿي. هاٿي ٻڌ تہ هتي ڇا ٿيو هو. تون پاڻ ٻہ ڏسين پيو تہ اسين زندگي ڪيئن پيا گذاريون. اسان مانيءَ جي ٽُڪر پور لاءِ ڪيڏا نہ پريشان آهيون. اسين لنگهڻ پيا ڪاٿيون، پر هي قصو جنوريءَ جو آهي. ڇاپا مارن جو هڪ دستو اسان وٽ آيو. اهي اسان جا سجاٽو ڪونہ هئا. اسان ٻڌو آهي تہ اسان جا ماڻهو تہ 'اولينن' جي ويجهو ڪٽي وڍهي رهيا آهن. هي دستو اسان لاءِ بنھ اڻواقف هو. هي ڪي ريلوي جا ڇاپا مار هئا. هنن چيو تہ 'اسان بک پيا مرون.' هاٿي ٻڌاءِ، تون ڇا ٿو چوين؟ ٻئي ڏينهن انهن عورتن جا ٽيلها ڪاڏي سان پري ڇڏيا، سو ٻہ اهڙي وقت، جڏهن انهن عورتن جا سندا پار بک ۽ گهي تڙپي مري رهيا هئا. ڪيئن! آئون صحيح پيو ڳالهايان نہ؟ ها آئون بلڪل سچ پيو ڳالهايان. جيڪڏهن آئون ڪو وڏو فوجي ڪمانڊر هجان ها تہ جرمنن کي ماري ڇڄائي ڪڍڻ کان پوءِ پنهنجي سيني بهترين فوجن کي هڪ هڪ عورت جي سامهون قطارن ۾ بيهاري کين حڪم ڪريان ها تہ مارچ ڪريو. هن روسي عورت جي اڳيان ۽ کين سلامي ڏيو. بس آئون تہ ائين ڪريان ها."

پوڙهي جون ڳالهيون اليڪسيءَ تي لولیءَ جو اثر ڇڏيندیون رهيون ۽ هو سمهي ٿي پيو. ڪڏهن ڪڏهن سندس دل چاهيندي هئي تہ ڪيسي مان خط ڪڍي پڙهي ۽ تصوير ڏسي، پر هو ائين ٻہ ڪري نہ ٿي سگهيو. جڏهن نانا ميخائيل عورتن جي ساراھ ڪندو هو، تڏهن اليڪسيءَ کي ائين لڳندو هو، جڻ هو وردیءَ جي ڪيسي ۾ پيل خطن منجهان من موهيندڙ ڇهاءُ محسوس ڪري رهيو هجي.

نانا ميخائيل جي زبان هلندي گونگي ننهن ميز تي ويٺي ڪو نہ ڪو ڪم ڪندي رهندي هئي. پهرين تہ اليڪسي ڪيس کا پوڙهي

عورت سمجھيو هو. شايد ميخائيل جي زال، پر پوءِ ويجھائپ ڪري هن کي خبر پئي ته هن جي عمر ته ويهن ٻاويهن سالن کان مٿي ڪانه هئي. هن جو هلڻ ڏاڍو وٽندڙ هو. هوءَ جڏ سونهن ۽ سندرتا جو انوکو نمونو هئي. هن ڏٺو هو ته هوءَ جڏهن به ڪيس خوفزده ۽ حيران نگاهن سان ڏسندي هئي ته پنهنجو ٻاڻ ڏکي ويندي هئي ۽ ٽڏو شوڪارو پريندي هئي. جڏڪ لڙڪ پيئڻ جي ڪوشش ڪري رهي هجي. ڪڏهن ڪڏهن رات جو اوندهه ۾ اليڪسي محسوس ڪندو هو ته ڪو ماڻهو روئي پيو ۽ پنهنجي سُڏڪن کي لڪائڻ لاءِ وهاڻي ۾ چڪ هٿي سڏڪن جي آواز کي ٿمي رهيو آهي. ■

[16]

نانا ميخائيل وٽ اليڪسيءَ کي اڄ ٽيون ڏينهن هو. صبح جو پوڙهي کيس چيو ته "اليڪسي! تنهنجي جسم تي ته ٽولر پيا سُرن. ٽولر ته پيٽسان وٽاڻ جي گڏرن کان به خراب آهن ۽ توکي ته ڪنهڙ ۾ به ڏاڍي تڪليف ٿي ٿئي. توکي ٻڌايان ته چا ڪرٽو آهي؟ آئون توکي وهنجاريندس. تنهنجو ڪهڙو خيال آهي؟ توکي گرم گرم پاڻيءَ سان تڙ ڪرائجي، واهه واهه! ڏاڍو مزو ايندئي. آئون تنهنجو بدن ڏوئيندس. گرم پاڻ سان هڏن کي ڪجهه گرمي پهچندي. چا ٿو چوين؟ ڪيئن ٺيڪ آهي نه؟"

۽ هن وهنجارڙ جو انتظام ڪرڻ شروع ڪري ڏنو. هن ڪنڌ واري چُلهي جي باهه ايتري ته تيز ڪري ڇڏي جو چلهه جا پٿر به ٽچڪڻ لڳا. خندق کان ٻاهر هڪ وڏو مچ ٻاريو ويو ۽ اليڪسيءَ کي پوءِ ٻڌايو ويو ته هڪ وڏو پٿر گرم ڪيو ويو. واريا ڪاٺ جي هڪ وڏي هودي ۾ پاڻي پري ڇڏيو هو. سُنهري پلال زمين تي وڇايو ويو. تنهن کان پوءِ نانا ميخائيل رڳو لانگوٽي ٻڌي، چيلهه تائين اگهاڙو ٿي، جلدي جلدي ڪاٺ جي ننڍي بالٽيءَ ۾ سوڊيم پوتاش وجهي، وڻ جي ڪل مان وهنجڻ لاءِ موهرو ناهيو. پوءِ جڏهن خندق ايتري گرم ٿي ويئي جو مٽان ڏنگر مان پاڻيءَ جا ڦڙا ٽمڻ لڳا، تڏهن پوڙهو ٽپي ٻاهر نڪتو ۽ لوهه جي هڪ پتري تي تتل ڳاڙهو پٿر ڪٽي واپس آيو. هن اهو پٿر

هوديءَ ۾ وڏو. ٻاڦ جو هڪ طوفان اٿيو ۽ چت تائين هليو ويو ۽ چت سان لڳي هر پاسي پکڙجي ويو. ڏُنڊ ۾ ڪجھ به نظر نٿي آيو، پر اليڪسيءَ محسوس ڪيو ته پوڙهي جا مضبوط ۽ چست هٿ سندس ڪپڙا لاهي رهيا هئا. واريا سُهرس جو هٿ وندائي رهي هئي. هن گرميءَ کان پنهنجو ڪپھ وارو ڪوٽ ۽ رومال لاهي پري اڇليا ته سندس گھاٽيون چوٽيون پٺن تي لڙڪڻ لڳيون، جن جو رومال ۾ ڪو تصور به نه ٿي ڪري سگھيو. هوءَ منٽ ۾ بدلجي ويئي هئي. هينئر هوءَ پوڙهي راهبہ ڪانہ لڳي رهي هئي، پر انتهائي نازڪ، وڏين وڏين اکين واري وٽندڙ چوڪري بڻجي پئي هئي. هيءَ تبديلي ايترو ته جلد ٿي هئي جو اليڪسيءَ کي پنهنجي اگھاڙپ تي ڏاڍو شرم اچڻ لڳو.

"اليڪسي پٽ، پرواھ نہ ڪر." نانا ميخائيل سندس حوصلو وڌائيندي چيو. "هن کان سواءِ ٻيو ڪوبہ چارو ڪونهي. تنهنجو هي ڪم ته اسان کي ئي ڪرڻو آهي نہ. مون ٻڌو آهي ته فن لينڈ ۾ مرد عورتون گڏ وهنجندا آهن. ڇا واقعي سچ آهي؟ شايد گپوڑو هجي. ليڪن واريا هن وقت جڏ اسپتال جي هڪ نرس آهي ۽ هوءَ هڪ سپاهيءَ جو علاج ڪري رهي آهي. تنهن ڪري ان ۾ شرمائڻ جي ڪابہ ڳالھ ڪانهي. واريا، هن کي ٿورو سنياليج، آئون سندس قميص ٿو لاهيان. خدا جي پناھ، قميص ته بلڪل سڙي پيئي آهي. هيءَ ته سڄي پرزا پرزا ٿي پئي آهي."

اُن مهل اليڪسيءَ کي، ان نوجوان عورت جي وڏين ڪارين اکين ۾ خوف نظر آيو. ان تباهيءَ ۽ حادثي کان پوءِ هن پهريون ڀيرو پنهنجو جسم ڏٺو هو، جنهن تي رڳو ڪل چڙهيل هئي.

پوڙهي چگيءَ طرح اليڪسيءَ کي وهنجاريو. سندس جسم، جيڪو فقط هڏن جو پنجرو وڃي بچيو هو، ڏسي چيائين: "رب منهنجا تون پناھ ڏي. اليڪسي! تنهنجي حالت ته ڏاڍي خراب آهي. سمجھئي! آئون چوان ٿو ته تون جرمنن جي چنبي مان ته بچي آيو آهين، پر چا موت کان بچي سگھندين.....؟ پر تون فڪر نہ ڪر، تون ڪنهن به شيءِ جي باري ۾ نہ سوچ. پريشان نہ ٿيءُ. اسان موت جي ديوَ کي دسي وجھنداسين، تنهنجو وار ونگو ٽيڙ نہ ڏيندا سين. تنهنجي چگيءَ طرح

سار سنيال ڪنداسين. تنهنجي صحت ۽ تندرستي واپس آڻيندا سين ۽ توکي بنھ ٺيڪ ٺاڪ ڪري ڇڏيندا سين. منهنجي چوٽ تي يقين ڪر."

واريا خاموشيءَ سان پوڙهي جو هٿ وندائي رهي هئي. هن ان خوفناڪ سيٽيل جسم کي ڪونہ ٿي ڏٺو، جيڪو سندس پانهن جي گهيري ۾ هو. پر ڪيڏي مهل اوچتو سندس نگاهہ پاڻ کي اورانگهي اليڪسيءَ تائين پهتي ٿي تہ بدن مان سيسرات نڪريو ٿي ويس. هُن سوچيو ٿي تہ هي هواباز، جيڪو خبر ناهي ڪيئن سندس گهر تائين پهتو آهي، ڪو اٽواقف ڪونهي. هو تہ سندس پنهنجو 'ميشا' هو. هي ڪو اجنبي مهمان ڪونہ هو، پر هي تہ سندس گهر وارو ميشا هو، جنهن سان هن فقط هڪڙي بهار گذ گذاري هئي. ويڪري ڇاتي وارو، مضبوط ڪلهن وارو، جنهن جي چهري تي پرون ايترا تہ سنهري هئا جو سندن هجڻ يا نہ هجڻ جي خبر ئي ڪانہ ٿي پئي. سندس هٿ تمام وڏا ۽ مضبوط هئا ۽ هي اهو هو، جنهن جي دشمنن هيءَ حالت بنائي ڇڏي هئي. هي سندس پنهنجي ئي ميشا جو بيجان جسم هو، جنهن کي هوءَ پانهن ۾ جهليو بيٺي هئي. کيس خوف اچي ورايو ۽ سندس مٿو ڦرڻ لڳو، پر هوءَ پنهنجي چپن کي چڪ هڻي پاڻ کي ڪِرڻ کان بچائي رهي هئي.

ٿوري دير کان پوءِ اليڪسي پٽاپٽي گاديلي تي نانا جي چتين لڳل قميص پايو ليٽيو پيو هو. وهنجڻ کان پوءِ کيس سڃي جسم ۾ تازگي ۽ قوت محسوس ٿي رهي هئي. واريا کيس ڪاڙهو پياريو. هو فيدڪا ۽ پاٽس جي آندل ڪنڊ وات ۾ وجهي، چانهہ جا ڏُڪ پري رهيو هو. پوءِ هو سمهي پيو ۽ اهڙي تہ گهري نند ستو جو خواب بہ وٽس ڪونہ ٿي پهچي سگهيا.

جڏهن هو سجاڳ ٿيو، تڏهن کيس نانا ميخائيل جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو، جيڪو ماسي 'واسي ليسا' کي چئي رهيو هو: "تون بنھ هڪ بيوقوف عورت آهين. تنهنجو دماغ ڪٽي آهي؟ يارهن ڏينهن تائين جنهن ماڻهوءَ ٻاجهر جو هڪ داڻو بہ وات ۾ نہ وڌو آهي، تنهن جي لاءِ تو چا آندو آهي؟ ايترا سخت بيدا ناهي ڪٽي آئي آهين جو بس!" پوءِ وري

التجا ڪندي چيائين: "هن ڪي ٻيدن جي ضرورت ڪانهي. توڪي خبر آهي واسي ليسا ته هن لاءِ ڪهڙي شيءِ بهتر آهي؟ ڪڪڙ جو سنو شورووا! ها، ان شيءِ سان هن جي جسم ۾ نئون ساهه پئجي ويندو. هاڻ تون اسان کي پنهنجي 'چاپي مار' آڇي ڏي ته....."

"بس بس، نه هرگز نه. آئون ڪانه ڏيندس! قطعي ڪانه ڏيندس. مون کي چوڻ بيڪار آهي. پوڙها خبيث، وري مون کي ان باري ۾ نه چئجانءِ. هن کي پنهنجي 'چاپي مار' آڇي ڏيان! ڪڪڙ جو شورووا..... ڏسين نه ٿو ته ڳوٺ جي ماڻهن ڪيترو آڇي ڏنو آهي. ايترو راشن ته هڪ سڄي شادي لاءِ ڪافي آهي. اڃا به تون چا ٿو گهرين؟"

"واسي ليسا! توکي عورتن وانگر وڌي واکي تر تر ڪندي شرم اچڻ گهرجي. خود تنهنجا ٻه پٽ مورچن تي ويل آهن ۽ پوءِ به تون اهڙيون بيوقوفيءَ جهڙيون ڳالهيون پئي ڪرين! هن ماڻهوءَ اسان لاءِ پاڻ کي معذور بنايو آهي، اسان لاءِ خون وهايو آهي....."

"مون کي هن جو خون نه گهرجي. منهنجي لاءِ منهنجا پٽ ئي پنهنجو رت وهائي رهيا آهن. مون کي وڌيڪ چوڻ جي ضرورت ڪانهي! مون چئي جو ڇڏيو ته آئون ڪڪڙ ڪانه ڏيندس ـــ ۽ بس ڪانه ڏيندس."

اليڪسيءَ کان ڪنجهڪار نڪري ويئي. پوڙهو هڪدم ڏانهس وڌيو. واسي ليسا وڃي چڪي هئي. پوڙهي نانا چيو: "چا تون ستل ڪونه هئين اليڪسي؟ چا تو سموريون ڳالهيون ٻڌيون آهن؟ پر اليڪسي! تون دل ۾ نه ڪجانءِ. هي لفظ چا آهن؟ گلون آهن گلون. انهن لفظن جي اندر وارو مغز تمام سنو آهي. چا تون سمجهين ٿو ته هن کي ڪڪڙ سان واقعي ايترو پيار آهي؟ اليوشا! نه بلڪل نه. ائين ڪونهي. هي ڏهن ڇٽن جو هڪ ڪٽنب هو. جرمنن کي خبر پئي ته هن جو سڀ کان وڏو پٽ ڪرنل آهي. پوءِ هنن واسي ليسا جي سندن سڄو خاندان ختم ڪري ڇڏيو. گهر ساڙي ڇڏيائون. تون سمجهي سگهين ٿو ته ڪڏهن پوڙهيءَ جي هن عمر ۾ سڀ ڪجهه تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏجي ته ان جو مطلب چا ٿي سگهي ٿو؟ هينئر وٽس فقط هڪڙي ڪڪڙ بچيل آهي. اليوشا! توکي ٻڌايان ته اها ڪڪڙ ڏاڍي چالاڪ

آهي. پهرئين ئي هفتي ۾ جرمنن سيني ڪڙين ۽ بدڪن جي صفائي ڪري ڇڏي. انهن کي ڪڙيون پسند آهن. پر هيءَ ڪڙ انهن کان بچي وئي. جيڏي مهل به جرمن ايندا هئا ته هيءَ ڪڙ پڄي لڪي ويندي هئي ۽ جڏهن هو هليا ويندا هئا، تڏهن ظاهر ٿيندي هئي. تنهن ڪري ڳوٺ وارا کيس 'چاپي مار' سڏيندا آهن."

اليڪسي نند ۽ جاڳ واري سرحد جي وچ ۾ بيٺو هو. بس سندس اکيون ڪليل هيون. ميخائيل خندق ۾ ڦري رهيو هو. هن وري به ساڳيو مسئلو چيڙيو: " اليڪسي! تون هن عورت کي ٻُرو نه سمجهج منهنجا پاءُ. کيس سمجهڻ جي ڪوشش ڪج. هوءَ جهنگل جي هڪ وڏي گهاتي وڻ وانگر هئي ۽ هاڻ سندس ڏار ۽ شاخون ڪٽجي ويون آهن، رڳو سڪل ٽڙ ئي وڃي باقي بچيو آهي ۽ هيءَ ڪڙ سندس دل تي آخري ڦهو آهي. تون ڪجهه ڳالهائين نٿو. چا ستو پيو آهين؟ چگو سمهي رهه!"

اليڪسي جاڳيو به پئي ته ستو به پيو هو. هو رڌ جي کل هيڻان پيو هو، جنهن مان مانيءَ جي بوءِ اچي رهي هئي. ان نند ۽ جاڳ جي گهيرٽ ۾ کيس پنهنجي چوگرد واري زندگيءَ جو احساس هو، جڪ اها حقيقي زندگي ڪانه هئي، پر پردي تي ڪا فلم هلي رهي هئي، جيڪا جڪ خيالي به هئي ته ترتيب کان سواءِ به.

بهار جي موسم اچي چڪي هئي. ڳوناٽا ڏاڍا سخت ڏينهن ڪاٽي رهيا هئا. هنن ڪاڏي پيتي جون شيون جيڪي لڪائي رکيون هيون، سي آهستي آهستي ختم ٿي رهيون هيون. هاڻي بهار اچي ويو هو، برف پگهرجي رهي هئي، کين فصل پوکڻ ۽ پاڇين جا باغ لڳائڻ جو فڪر هو.

هڪ ڏينهن نانا ميخائيل خندق ۾ داخل ٿيو ته هو خوش به هو ته پريشان به. پاڻ سان هڪ سائي گاهه جو ٻوٽو کڻي آيو هو. اليڪسيءَ کي ڏيکاريندي چيائين: "اليڪسي! ڏس ته سهي، آئون هينئر ٻنيءَ تان پيو اچان، زمين تان برف گم پئي ٿئي ۽ زمين جي آرهه مان سرءُ جي فصل جا سَلا ڦٽن. بهار جو فصل ته اسان کان ويو، پر سرءُ جي فصل مان مڙيئي پيٽ ڀرڻ لاءِ ڏاڍا ملي پوندا. آئون وڃيو ٿو عورتن کي ٻڌايان، ويچاريون

ڏاڍو خوش ٿيندیون."

اُن رات نانا ميخائيل گھڻي دير تائين سمهي نہ سگھيو. هو پنھنجي پلال واري هنڌ تي پاسا ورائيندو رهيو. ڪنھن وقت ڪنگھيائين ٿي تہ ڪيڏي مھل بدن تي ڪنھيائين پئي ۽ ڪنھن ٽاڻي ڪنجھيو پئي. ہہ ٿي پيرا هو اٿيو ۽ اٿي پاڻي پيتائين. نيٺ هن کان برداشت ٿي نہ سگھيو. هن اٿي بتي ٻاري ۽ اليڪسي کي ڇُهي ڏنائين، جيڪو نيم بيهوشيءَ ۾ اکيون پٽيو پيو هو.

اُن رات اليڪسيءَ جي حالت بنھ نازڪ ٿي ويئي هئي. نانا ميخائيل جيڪو ڪيس غسل ڏيارِيو هو، تنھن سندس سمورا حواس بحال ڪري ڇڏيا هئا. تنھن ڪري ڪيس انتھائي ٽڪاوت، هيڻائي، پيرن جي سور جي شدت بي حال ڪري وڌو هو. هو ٻري ۾ ٽھڪي، گاديلي تي پاسا ورائي، ڪنجھي ۽ ڏند ڪرٽي ڪنھن کي سڏي رهيو هو. هُو وڏلي رهيو هو ۽ ان وڏل ۾ هو ڪجھ مطالبا ڪري رهيو هو. واريا سڄي رات سندس پاسي ۾ ويھي گذاري ڇڏي. هوءَ سندس اُين گوڏن تي پنھنجي کاڏي رکيو پنھنجي وڏين وڏين گول اکين سان ڪيس سامھون گھوري رهي هئي. ٿوري ٿوري دير کان پوءِ ھڪ پنل ٽڏو ڪپڑو اليڪسيءَ جي نراڙ ۽ سيني تي رکيائين ٿي، جنھن کي اليڪسيءَ ڪٽي اڇلائي ٿي ڇڏيو ۽ هوءَ سمورو وقت پنھنجي دلبر مڙس جي باري ۾ سوچي رهي هئي، جنھن کي جنگ جي طوفان ڪٽي الائي ڪھڑي ڪنڊ ۾ وڃي اڇليو هو.

پرھ ڦٽندي ئي پوڙھو اٿيو ۽ اليڪسيءَ تي ھڪ نگاھ وڌائين، جيڪو ان مھل ننڊ جي گھيرٽ ۾ هو. هن واريا کي آھستي ڪجھ چيو ۽ پاڻ سفر جي تياري ڪرڻ لڳو. موٽر جي ٽائر مان پنھنجي ھٿن سان ٽاھيل جوتو پيرن ۾ پاتائين، تاندوري سان چيلھ وٽ ڪوٽ کي چوڌاري ٻڌائين ۽ صنوبر جي ھڪ وڏي لٺ ھٿ ۾ کڻي ٻاھر نڪري ويو. ■

[17]

اليڪسيءَ جي حالت اھڙي هئي، جو ڪيس نانا ميخائيل جي

وڃڻ جي کابہ خبر کانہ پئي. هو اڳيون سڄو ڏينهن بيهوش رهيو. ٽئين ڏينهن وڃي کيس هوش آيو. ان وقت سڄ مٿي چڙهي آيو هو. خندق ۾ ڪير بہ ڪونہ هو. در وٽان واريا جي جهونگار ۾ پئي آئي. هوءَ ڪنهن ڪم ۾ رُڌل هئي ۽ ڪو پراٽو گيت ڳائي رهي هئي، جيڪو هن جهنگلي علاقي ۾ تمام گهٽو مقبول هو. اهو گيت 'ريبي نا' وڻ جي باري ۾ هو. ريبي نا، شاهہ بلوط جي وڻ ڏانهن وڃڻ لاءِ واجهائي رهي آهي، جيڪو ٿورو پري اڪيلو بيٺو آهي. اليڪسي اڳ بہ اهو گيت ڪيترا ڀيرا ٻڌي چڪو هو. اهي گيت اُهي ڇوڪريون ڳائيندیون هيون، جيڪي هوائي اڏي ڪي صاف ستڙو ڪرڻ لاءِ ۽ وارن ڳوٺن مان ٽولين ۾ ايندیون هيون. هن ڪي گيت جي ڏن ۽ لئي ڏاڍي وٽندي هئي، پر هن اڄ کان اڳ ڪڏهن بہ گيت جي بولن تي ايترو غور ڪونہ ڪيو هو؛ پر اهي ئي بول هن نوجوان، وڏين اکين واري عورت جي چپڙن مان ڪهڙي نہ جذبي تحت ڦٽي رهيا هئا ۽ انهن ۾ نہ رڳو شاعراٽو انداز هو، پر ايتري تہ چقمقي چڪ ۽ تڙپ هئي، جو اليڪسيءَ کي ان گيت جي گهرائيءَ جي اڄ وڃي سُڌ پئي. ڪيس خبر پئي تہ واريا جيڪا ريبي نا جو وڻ هئي، سا پنهنجي شاهہ بلوط لاءِ ڪيئن نہ واجهائي رهي هئي.

..... پر ريبي نا جي نصيب ۾ اهو ڪونهي
تہ هوءَ اڪيلي شاهہ بلوط سان ملي
سڄ تہ هن ويچاريءَ کي
صدين تائين برهہ جي ٻاهہ ۾ اڪيلو جلڻو آهي.

واريا جڏهن ڳائي رهي هئي تہ سندس آواز سان گڏ بي اختيار اکين مان لڙڪن جون لارون وهي هليون هيون.

اليڪسيءَ پنهنجي تصور ۾ ڏٺو تہ هوءَ ٻاهر وڻن هيٺ ويٺل هئي ۽ انهن وڻن جي پنن ۽ تارين سان بهار جي اس کيڏي رهي هئي ۽ هن جون وڏيون وڏيون گول اکيون پرجي آيون هيون. انهيءَ تصور ايندي ئي اليڪسيءَ پنهنجي نڙيءَ ۾ ڪا شيءِ اٽڪندي محسوس ڪئي ۽ سندس دل ۾ انهن خطن ڏسڻ جي ــ ها، پڙهڻ جي نہ فقط ڏسڻ جي ــ بي انتها خواهش پيدا ٿي. اهي خط، جن ۾ لکيل هر اکر ڪيس برزبان ياد هو. اهي خط، جيڪي سندس وردي جي ڪيسي ۾ پيا هئا. هن جي دل

چاهيو تہ هو ان نازڪ چوڪري کي ڏسي، جيڪا چراگاھ ۾ چيت جا ڪپڑا پايو ويٺي آهي. هن تصوير ڪيڏ جي ڪوشش ڪئي، پر هن جو بي ستو هٿ گاديلي تي ڪري پيو. پوءِ هر شيءِ سرمائي رنگ جي اوندھ ۾ گم ٿيڻ لڳي، جيڪو انڌلڪ جي وٽندڙ رنگن جي دائرن ۾ هڪ وڏي بدنما داغ وانگر ٿي لڳو. انڌيري کان عجيب وغريب آواز اچي رهيو هو، جڙ ڪير اوندھ کي خنجر سان چيريندو هجي. انهيءَ اوندھ ۾ ڪيس بہ آواز ٻڌڻ ۾ آيا ــ واريا جو آواز ءِ هڪ ٻيو آواز ــــ ٻيو آواز ڪنهن جاتل سجاتل پوڙهيءَ جو هو. ٻئي سرهاڻن ۾ ڳالهائي رهيون هيون.

"ڇا هو ڪجھ بہ ڪونہ تو کائي؟"

"نہ، هو ڪجھ کائي نٿو سگهي. ڪالھ هن ڪيڪ جو هڪ ٽڪر چهاڙڻ چاهيو، پر سندس هينئون اچي خراب ٿيو ءِ ڪيس الٽي اچي ويئي. هن لاءِ اهو کاڏو ٺيڪ ناهي. هو رڳو ٿورو ڪير پي سگهي ٿو، تنهن ڪري اسين ڪيس ٿورو ڪير ڏيون ٿا."

"اڇي، هي ڏس، مون ٿورو شوروو آندو آهي..... شايد ويچارو ڪجھ پي سگهي."

"ماسي واسي ليسا!" واريا جي وات مان رڙ نڪتي. "ڇا تو سچي پچي شوروو....."

"ها، هي ڪڙ جو شوروو آهي. ڇو توکي تعجب ڇو پيو ٿئي؟ هيءَ کا وڏي ڳالھ کانهي. هن کي جاڳاءِ، شايد ٿورو گھٽو پي ونئي."

اليڪسيءَ نيم بيهوشيءَ ۾ اهي سموريون ڳالهيون ٻڌي ورتيون. ڪيس واسي ليسا جي سموري خاندان ءِ ان اڪيلي ڪڙ جو قصو ياد آيو، جنهن تي "ڇاپي مار" نالو پئجي ويو. پوءِ هر شيءِ، پوڙهي عورت، واريا، ميز تي رکيل لوھ جي ٽانو مان نڪرندڙ مزيدار خوشبوءِ، سڀ شيءِ لڙکن جي سموند ۾ ترڻ لڳي. ڪيس پوڙهي عورت جي ڪڙي نگاھ نظر آئي، جيڪا بي پناھ رحم سان گڏ مٺس جميل هئي. جيڏي مهل هوءَ دروازي ڏانهن مڙي وڃڻ لڳي، تڏهن هو مشڪل سان چئي سگهيو: "نانيٰ! تنهنجي مهرباني."

دروازي وٽ پهچي ماسيءَ چيو: "ان جي ضرورت کانهي. ان ۾

مهرباني ڪهڙي؟ منهنجا بہ تہ تي پٽ محاذ تي وڙهي رهيا آهن. شايد انهن کي بہ ڪير شوروو ڏيندو هجي. پي منهنجا ٻچا، خدا ڪري ان مان توکي فائدو پهچي ۽ جلدي ٽيڪ ٿي وڃين."

"نانيِ! نانيِ!" اليڪسيءَ اٺڻ جي ڪوشش ڪئي، پر واريا ڪيس اٺڻ ڪونہ ڏنو ۽ آهستي آهستي گاديلي تي ليٽائي ڇڏيائين.

"نانا ميخائيل ڪيڏانهن ويو آهي؟" اليڪسيءَ پڇيو. "هو ڪم سان ٻاهر ويو آهي. ڪيس ضلعي ڪميٽيءَ جي خبر لهڻي آهي تہ اها ڪٿي آهي؟ هو ڪڇ ڏينهن تائين ڪونہ موٽندو، ليڪن تون هي شوروو پي وڻ. پي نہ!"

جڏهن اليڪسيءَ شروع وارا ٻہ تي چمچا پيتا تہ سندس بک جاڳي پئي ۽ هو پاڻ کي ڏاڍو بکيو محسوس ڪرڻ لڳو. سندس بک ايتري تہ وڌي ويئي جو ڪيس پيٽ ۾ سور محسوس ٿيو. پوءِ بہ هن رڳو ڏهہ چمچا شوروو پيتو ۽ ڪجهہ گوشت جا ٽڪر چٻيائين، باقي زوريءَ هٽائي پري ڪيائين. ڪيس خبر هئي تہ هن حالت ۾ وڌيڪ هڪ چمچو بہ سندس لاءِ زهر ثابت ٿيندو. شوروي معجزي جو ڪم ڪيو. اليڪسي ڪائڻ بعد سمهي رهيو. هاڻي ڪيس بي هوشي ڪانہ هئي، پر گهري ننڊ هئس. ڪجهہ دير کان پوءِ جاڳيو ۽ ٿورو گهٽو وري ڪاڏائين ۽ وري سمهي رهيو ۽ ڪا مهل ائين گهري ننڊ ۾ ستو پيو هو، جو نہ چُلهہ جي دونهي ڪيس جاڳايو، نہ تہ عورتن جي گوڙ ۽ نہ ئي وري واريا جي ڇهڻ تي جاڳيو، جنهن انهيءَ خيال کان ڪيس ڇهي پئي ڏنو تہ ڪٿي هو مري تہ نہ ڇڪو آهي.

هو زنده هو ۽ ڏاڍي مزي سان گهرا ساهہ کڻي رهيو هو. هو سڄو ڏينهن ستو، سڄي رات ستو ۽ يڪو ستو پيو هو. جڏ دنيا جي ڪابہ طاقت ڪيس جاڳائي نٿي سگهي.

اڳين صبح جو سوير ئي جهنگ ۾ چانيل مان ڪي چيريندي، پري کان آهستي آهستي ڪو شور ٻڌڻ ۾ آيو. اليڪسي چرڪي اٿيو. وهاڻي تان مٿو کڻي توجهہ سان ٻڌڻ لڳو. هڪ ناقابل تسخير ۽ چريو. ڪندڙ مسرت ۽ خوشيءَ جي لهر اليڪسيءَ جي نس نس ۾ ڊوڙي ويئي. هو بنا چرڻ پرڻ جي پيو رهيو. جوش ۽ جذبات جي ڪري سندس اکين

مان شعلا نڪرڻ لڳا. هن کي خبر پئجي ويئي تہ "او- 2" هوائي جهاز جو آواز آهي. اهو صاف ظاهر هو تہ هوائي جهاز بنھ ويجهو جهنگل مٿان لامارا ڏيئي رهيو آهي ۽ لهڻ لاءِ ڳولي رهيو آهي.

"واريا، واريا!" اليڪسيءَ ٿوڻين ۾ اٿڻ جي ڪوشش ڪندي آواز ڏنو، پر واريا خندق ۾ ڪانہ هئي. ٻاهران ڪيس عورتن جو جوشيلو آواز ۽ پيرن جي آهٽ ٻڌڻ ۾ پئي آئي. خندق جو دروازو ڪليو ۽ فيدڪا اندر آيو: "چاچي واريا، او چاچي واريا! هوائي جهاز اسان جي ڳوٺ مٿان لامارا پيو ڏي!" ۽ ان کان اڳ جو اليڪسي ڪجھ چوي، فيدڪا ڊوڙ پائي ٻاهر نڪري ويو.

انتهائي ڪوشش ڪري اليڪسي اٿي وينو.سندس دل جي ڌڙڪڻ، لوڻن وٽ رت جي ڊوڙڻ ۽ پيرن جي درد سڄي بدن ۾ زلزلو آڻي ڇڏيو هو. هو ڳڻڻ لڳو تہ هوائي جهاز ڪيترا چڪر ٿو ڏي. هڪ، ٻہ، ٽي ۽ پوءِ هو خوشيءَ ۽ جوش مان گاديلي تي ڪري پيو.

هڪ گونجدار ۽ ڳرو آواز آيو، جيڪو آواز هو پري کان بہ سڃاڻي ٿي سگھيو. سڃيءَ لڙاڪو رجمينٽ ۾ انهيءَ آواز وارو اڪيلو ئي تہ ماڻهو هو، اسڪواڊرن ڪمانڊر 'اندرئي ديگتيارنيڪو' اليڪسيءَ اڪيون کوليون، پر سمجهياسين تہ پاڻ اڃا تائين گهري ننڊ ستو پيو آهي ۽ خواب ۾ پنهنجي دوست جو اُپريل هڏين وارو، ويڪرو ۽ ڪهرو چهرو پيو ڏسي، جنهن مان ملائڪن جهڙي معصوميت پئي ٻَکي، جنهن جي نراڙ تي ڳاڙهي زخم جو نشان آهي. هلڪي رنگ جون اڪيون ۽ بي رنگ ڇَپر، جنهن کي آندرئي جا دشمن "سور جا ڇپر" چوندا هئا. ننڍيون ٻہ هلڪيون نيريون اڪيون، دونهين کي چيريندڙ ڪيس سوال پريءَ نظر سان ڏسي رهيون هيون.

"چگو نانا! هاڻي اسان کي پنهنجو لڏل خزانو ڏيکار." آندرئي چٽي يوڪريني لهجي ۾ ڳالهايو؛

آندرئي جي پنڌيان نانا ميخائيل جو ٽڪل ۽ زرد چهرو ڏسڻ ۾ آيو. جوش مان سندس اکيون ٻاهر نڪري آيون هيون. سندس پاسي ۾ اسپتال جي هڪ نرس بيٺل هئي. هيءَ هئي مڙيل نڪ واري، تيز ڇوڪري لينوچڪا، جيڪا انڊيري ۾ تجسس پريل نگاهن سان ڏسي رهي هئي.

سندس بغل ۾ هڪ ٽيلهو هو، جنهن تي ريبڪ راس لکيل هو ۽ هٿ ۾ گلن جو گلدستو هيس.

سيئي خاموش هئا. آندرئي شايد اوندهه جي ڪري گهبرايل گهبرايل ۽ چُهنجين اکين سان هيڏانهن هوڏانهن ڏسي رهيو هو. هڪ ٻه پيرا ته سندس نگاهه اليڪسيءَ جي چهري تان به ترڪندي هلي ويئي، پر هو ڪيس سُجاڻي نه سگهيو. اليڪسي اڃا به ان سچ کي کو خيال ئي سمجهيو. هن کي اڃا پڪ ڪانه هئي ته ڪو سندس دوست آندرئي به هن طرح اوچتو و ٽس پهچي سگهي ٿو.

"الله تون خير ڪر، ڇا تون هن کي ڏسي به نه ٿو سگهين؟ هي آهي اهو." واريا اليڪسيءَ تان رڍ جي کل وارو ڪوٽ هٽائيندي آهستي چيو.

پوءِ آندرئي اليڪسيءَ تي حيرت پريل نگاهه وڌي. "آندرئي!" پاڻ کي ٽوٽين جي مدد سان اتارڻ جي ڪوشش ڪندي بنهه جهيڻي آواز ۾ چيو. "ميريسئف!" آندرئي ڪيس حيرت سان ڏنو ۽ مشڪل سان پنهنجي خوف کي لڪائي سگهيو.

"آندرئي! ڇا تون مون کي سجاڻين ڪونه ٿو؟" ميريسئيف چپن ئي چپن ۾ چيو ۽ ڪيس محسوس ٿيو ته هو پيرن کان وٺي مٿي تائين ڏکي رهيو هو.

آندرئي هڪ پل ان زنده پجري کي ڏسندو رهيو، جيڪو ڪاري ڪلَ ۾ لڪو پيو هو ۽ بنهه باهه جو سڙيل ٿي لڳو. هو پنهنجي حسين دوست جا پراڻا نقش ڳولڻ لڳو. نيٺ هو رڳو پنهنجي يار جون وڏيون وڏيون ۽ گول اکيون سجاڻي سگهيو، جن مان ميرسيئف جي سچائي، عزم ۽ حوصلو جهلڪي رهيو هو. هن جو ٽيلهو پٽ تي ڪري پيو ۽ ان مان بسڪيٽن جا پيڪيٽ، بنڊل، صوف، نارنگيون ۽ ٻيو سامان و ڪري ويو.

"اليوشڪا! ڇا واقعي تون آهين؟" جذبات کان سندس آواز ڀرجي آيو ۽ سندس ڏڳها پلڪ ڀڄي پيا. "اليوشڪا! اليوشڪا!" هن ٻيهر ورجايو. هن بنهه آهستي آهستي ان ڪمزور جسم کي پنهنجي هٿن ۾ کنيو، جيئن ٽڄ پياڪ ٻار کي کڻبو آهي ۽ هن کي پنهنجي سيني سان

لڳايائين ۽ رڳو اليوشڪا، اليوشڪا چوندو رهيو. هڪ ڪن لاءِ هن اليڪسيءَ ڪي چاتيءَ ڪان الڳ ڪري وري چتائي ڏنو ۽ ٻيهر ڪيس پاڪر ۾ پري چاتيءَ سان لائي چيائين:

"ها ها، تون ئي آهين، اليوشڪا! شيطان جا ٻچا!"

واريا ۽ نرس اليڪسيءَ جي جسم ڪي آندرئي جهڙي شينهن مڙس ڪان ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪري رهيون هيون:

"خدا جي واسطي هن ڪي ڇڏي ڏي. هن ۾ ذرو بہ سهپ ڪانهي."

واريا بنهہ ڪاوڙجندي چيو.

"هن لاءِ اهڙي جذباتيت نقصانڪار آهي. هن ڪي هيٺ لاهہ." نرس سخت لهجي ۾ چيو.

ليڪن آندرئي ڪي جڏهن پڪو يقين ٿي ويو تہ هي ڪارو، سڪل ۽ بي وزن جسم "اليڪسي ميرسيئف" جو آهي، سندس پنهنجي ساٿيءَ، پنهنجي فوجي دوست، جنهن ڪي سڃي رجمينٽ مردو سمجهيو وينو هئي، تنهن جو آهي، تڏهن هو خوشيءَ ۾ نہ ڦٽي ماپيو. ڪا گهڙي هن ڪي خيال ٿيو تہ سندس ساٿي تہ ڏاڍو ڪمزور ۽ سخت زخمي آهي ۽ هن ڪيس بستري تي سمهاري ڇڏيو ۽ زور سان فتح جو نعرو هنيائين. جهڪي اليڪسيءَ جي ڪلهن ڪي جهلي سندس اکين ۾ گهوري گهوري ڏٺائين، جيڪي پنهنجي ڪڏن ۾ خوشيءَ مان ٻهڪي رهيون هيون ۽ رڙ ڪيائين: "زنده باد پاڪ مريم! زنده باد — شيطان جا ٻچا! ڪٿي هئين تون هيترا ڏينهن؟ چا ٿي ويو هو توکي؟"

پر جذبات ۾ وهلور ويندڙ هواباز ڪي نرس زور سان ڏڪي پري ڪيو. ان گول مٽول بندري قد واري نرس ڪي، جنهن جو نڪ ٿورو اُپو هو، سندس ليفٽيننٽ جي عهدي جو لحاظ ڪرڻ ڪان سواءِ ئي رڳو "لينوچڪا" يا سِسٽر (پيڻ) چوندا هئا. هوءَ هر وقت ڳائيندي ۽ ڪلندي رهندي هئي ۽ هڪ ئي وقت سمورن ليفٽيننٽن تي لطف ۽ ڪرم جي برسات وسائيندي رهندي هئي. تنهن نيٺ سختيءَ سان حڪم ڏنو:

"ڪامريڈ ڪيپٽن، مريض کي چڏي ڏي!"

هن ڪلن جو ڇڳو ميز تي اڇلي چڏيو. هاڻي انهن ڪلن جي ڪابہ ضرورت ڪانهي. هن پنهنجو ريڊڪراس وارو ٿيلهو کوليو ۽

مخصوص انداز ۾ مريض جو معائنو ڪرڻ لڳي. هن پنهنجي ٽلهين ٽُلهين ۽ سهڻين آڱرين سان اليڪسيءَ جي ٽنگن کي ٽونگا هڻي وڃائي ڏنو ۽ پڇيو:

"هتي سور ٿئي ٿو؟ هتي؟ پلا هتي؟ ۽ پلا هتي؟" اليڪسيءَ پهريون پيرو پنهنجي ٽنگن کي چگيءَ طرح جانچي ڏنو. پير سُڄي دڙو ٿي پيا هڻا ۽ ڪارا نيرا پئي ڏسڻ ۾ آيا. ٽورڙو ڇُهڻ سان بہ ايذاءُ سندس انگ انگ ۾ ڪرنٽ وانگي ڊوڙي ٿي ويو. پير جي آڱرين جو رنگ ڏسي لينوچڪا جي ذهن کي ڏڇڪو پهتو آڱريون بنهہ ڪاريون ۽ بنهہ بي حس ٿي چڪيون هيون.

نانا ميخائيل ۽ آندرئي ديگتيارينڪو ميز تي ويهي رهيا. انهن ماڻ مڻيءَ ۾ هواباز جي فلاسڪ مان، ان خوشيءَ جي موقعي تي بہ ڊُڪَ پريا ۽ زور شور سان ڳالهائڻ لڳا. نانا ميخائيل ڪيس سمورو قصو ٻڌايو تہ اليڪسي ڪين ڪيئن مليو هو؟ ظاهر آهي تہ هن اها ڪهاڻي ڪا پهريون پيرو ڪونہ پئي ٻڌائي.

آندرئي سگريٽن جو پاڪيٽ ڪڍيو ۽ نانا ميخائيل جي اڳيان وڌائي چيائين: "چا توهان سگريٽ پيئندا آهيو؟"

نانا ميخائيل سگريٽ ورتو، پنهنجي ڪيسي مان اخبار جو هڪ مُڙيل سُڙيل ٽڪرو ڪڍيو ۽ ان مان هڪ ننڍو ٽڪر ڦاڙي، ان ۾ سگريٽ وارو تماڪ وجهي، ان کي ٻيڙيءَ وانگر ورائي سگريٽ ٺاهيو ۽ ان کي دڪائي هڪ زبردست ڦوڪ ڀري. "ها سگريٽ چڪيندو آهيان، ضرور چڪيندو آهيان." هن هڪ ٻيو بہ ڪش هنيو ۽ چيو: "بس، جڏهن کان جرمن آيا آهن، تڏهن کان اسان تماڪ جي شڪل ئي ڪانہ ڏٺي آهي. آئون تہ مڙيئي وٽن جا پن يا گاهہ وغيره چڪيندو آهيان..... ها البت جيستائين اليڪسيءَ جي گيلاٽين ڪائڻ جو تعلق آهي تہ مون تہ ڪيس ائين ڪندي ڪونہ ڏٺو هو. باقي چوڪرن جو چوڻ آهي تہ هو پاسو ورائي پيٽ ۾ ٿي ٽيو ۽ وري پاسو ورائي پٺيءَ ۾ ٿي ٽيو ۽ اهڙي طرح هن گيلاٽيون پئي ڪاڍيون. ڏس، ڳالهہ هيءَ آهي تہ هن ۾ گوڏن ۾ يا ٽوننين ۾ رڙهڻ جي بہ طاقت ڪانہ رهي هئي. آهي نہ حيرت جهڙي ڳالهہ. ڪيڏي نہ حوصلي ۽ همت وارو آهي هي ماڻهو!"

آندرئي پنهنجي يار کي ڏسڻ لاءِ هر هر ٽپ ڏيئي ٽي اٽيو، جنهن کي عورتون سُرمائي ڪمبلن ۾ ويڙهي رهيون هيون، جيڪي نرس پاڻ سان آندا هئا.

"پٽ! تون ويهي رهه. نندڙي پار کي ڪچو پارائڻ مردن جو ڪم ڪونهي." نانا ميخائيل کيس چيو. "منهنجي ڳالهه تون غور سان ٻڌ. پنهنجن وڏن آفيسرن کي ضرور ٻڌائج ته هن ماڻهوءَ تمام وڏو ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي. تون ڏسين پيو ته هينئر هو ڇا ٿي ويو آهي. اسين سپ، سمورو پئنچاتي فارم هڪ هفتي کان ونڊي سندس سار سنيال ڪري رهيا آهيون ۽ هو پنهنجا هٿ پير به چوري نٿو سگهي، پر منجهس جهنگل ۽ ڏُهڙ مان رڙهندو اچڻ جي قوت هئي. اهڙن ماڻهن جو تعداد ڪو گهٽو ڪونه هوندو آهي. وڏا وڏا ساڏو پڻ پنهنجي عبادت دوران اهڙا ڪارناما ڪونه ٿا ڪن. ڪنهن ٽئيي تي بينو رهڻ ڪهڙي ڪمال جي ڳالهه آهي؟ ڪيئن، آئون ٺيڪ پيو چوان نه؟ آئون سمجهان ٿو ته آئون ٺيڪ ئي پيو چوان. پر چوڪرا! منهنجي ڳالهه ته ٻڌ....." پوڙهو آندرئي جي ڪنن ڏانهن جهڪيو ۽ چيائين: "پر مون کي اميد آهي ته مرندو ڪونه. تنهنجو ڇا خيال آهي؟ هو جرمنن جي چنبي مان بچي ويو آهي، پر ڇا ماڻهو ملڪ الموت کان بچي سگهي ٿو؟ هڏ ۽ ڪل ۽ بس! هو ڪيئن وڙهندو رهيو هو، آئون ته تصور به نٿو ڪري سگهان. هن جي دل بيحد چاهي رهي هوندي ته هو پنهنجن ماڻهن وٽ پهچي..... ڪيئن؟ بيهوشيءَ ۾ هو يڪو وڏلي رهيو هو: "هوائي اڏو! هوائي اڏو!" پيا به ڪي لفظ هئا. ها سچي، هن اولگا جو نالو پڻ ورتو هو. ڇا اوهان وٽ ان نالي واري ڪا چوڪري موجود آهي؟ يا شايد اها سندس زال هجي. ڇا تون منهنجي ڳالهه ٻڌين پيو؟ او هواباز! تو ٻڌو ته مون ڇا چيو؟"

پر آندرئي سندس ڳالهه ڪانه پئي ٻڌي. هو ان ماڻهوءَ جي باري ۾، سندس دوست جي باري ۾ سوچي رهيو هو، جيڪو هڪ معمولي چوڪرو ڏسڻ ۾ ايندو هو، جيڪو پاري ۾ جميل ۽ پنهنجي ٻگل ٽنل پيرن سان و گهرندڙ برف تي، جهنگل ۽ ڏُهڙ ۾ رڙهي رهيو هو ۽ جيڪو دشمنن کان پري پڃڻ ۽ پنهنجن ماڻهن وٽ پهچڻ لاءِ رڙهي ۽ گيلاٽيون

کائي رهيو هو. هڪ جنگي هواباز جي حيثيت سان کيس پنهنجي تجربي خطرن ۽ مشڪلاتن اڳيان بي ڊپو ۽ مڙس ماڻهو بنائي ڇڏيو هو. هو هوائي جنگ جي شعلن ۾ ٽپي پوندو هو ته کيس موت جو خيال ئي ڪونہ ايندو هو. ويتر کيس خوشي محسوس ٿيندي هئي، پر اڪيلي سر جهنگل ۾ ماڻهوءَ لاءِ هي سيڪجهہ ڪرڻ..... ڏاڍو حيرت انگيز هو!

"توهان کي هي ڪڏهن مليو؟" آندرئي پڇيو.

"ڪڏهن؟" پوڙهي جا چپ چُريا ۽ هن ڪليل ڏهي مان هڪ سگريٽ ڪڍيو. "پلا ڪڏهن؟ ها ها، ٺيڪ آهي، پورو هڪ هفتو ٿيو آهي."

آندرئي دل ئي دل ۾ تاريخون ڳڻيون ۽ هن حساب لڳايو تہ اليڪسي ميرسيئف ارڙهن ڏينهن تائين رڙهندو رهيو هو. هڪ زخمي ڦٽيل ماڻهو، جيڪو جڏو ٿي چڪو هجي، سو ايترا ڏينهن رڙهندو رهي، سو بہ ڪاڏي پيتي کان سواءِ ــ اها ڳالهہ ناقابل يقين ٿي لڳي.

"چگو نانا! توهان جي وڏي وڏي مهرباني!" هواباز زور سان پوڙهي کي ڇاتيءَ سان لڳايو ۽ چيو.

"ادا توهان جي وڏي مهرباني."

"ان جي ضرورت ڪانهي! مهرباني ڇاجي؟ 'مهرباني' ٿو چوين؟ آئون آهيان ڪير؟ ڪو اجنبي، ڪو پرديسي يا ڪير؟ ڇا آئون توهان جو پنهنجو ڪونہ آهيان؟ پوءِ مهرباني ڇا جي؟" پوءِ هن ڪاوڙ مان سندس ننهن کي جُهڙڪيو: "هي سامان پٽ تان کڻ! ڏس تہ سهي، ڪهڙيون عمديون شيون پٽ تي پکڙيون پيون آهن ۽ هو چوي ٿو تنهنجي مهرباني."

انهيءَ دوران لينوچڪا، اليڪسيءَ کي سفر لاءِ تيار ڪري ورتو ۽ چوڻ لڳي: "ٺيڪ آهي، ڪامريڊ سينيئر ليفٽيننٽ، سڀ ڪجهہ ٺيڪ آهي. ماسڪو ۾ ڊاڪٽر توکي چپٽي وڃائيندي ئي ٺيڪ ڪري ڇڏيندا. ماسڪو وڏو شهر آهي، ڪيئن، آهي نہ؟ هو توکان بہ وڌيڪ خراب حالت واري مريض کي بہ چگو پلو ڪري ٿا ڇڏين." لفظ سندس وات مان ائين پئي آيا، جڻ ڪنهن ٽيلهي مان مٽرن جا داڻا ڪري رهيا هجن.

نرس جي ڳالهائڻ مان آندرئي کي اندازو ٿيو ته سندس دوست جي حالت بنھ نازڪ آهي. اليڪسي ڪمبلن ۾ چگهيءَ طرح ويڙهيو پيو هو ۽ صرف سندس متو آجو هو. هن کي ڏسي آندرئي کي ڪنھن فرعون جي ممي ياد اچي ويئي، جنھن جي شڪل هن تاريخ جي ڪتاب ۾ ڏٺي هئي. هن پنھنجي مضبوط ۽ هٿن سان پنھنجي دوست جي ڳلن کي ڇهيو هو، جنھن کي ڏاڙهي ڏکي ڇڏيو هو.

"ائين نٿيڪ آهي اليڪسي! تون وري بہ پنھنجي پيرن سان پنڌ ڪندين. اسان کي هدايت ملي آهي تہ اسين توکي ماسڪو جي بهترين اسپتال ۾ پهچايون. اتي سپ ڊاڪٽر پروفيسر آهن. باقي جيستائين نرسن جو تعلق آهي." هن مسخريءَ مان لينوچڪا کي اڪ ڇيندي چيو، "هيءَ تہ مردن کي بہ هلڻ لاءِ مجبور ڪريو وڃي! تون ۽ آئون ــ پاڻ ٻئي وري بہ هوا ۾ اڏامنداسين....." هتي پهچي آندرئي محسوس ڪيو تہ هو بہ لينوچڪا وانگر ڪوڙي ۽ نقلي خوشيءَ مان ڳالهائي رهيو هو. اوچتو هن اليڪسيءَ جي ڳلن تي هٿ گهمايو تہ ڪيس آلاڻ محسوس ٿي، لڙڪن جي آلاڻ. "استريچر ڪٿي آهي؟ اچو اسين سپ گڏجي هن کي ٻاهر ڪڍون. وقت وڃائڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟"

واريا اليڪسيءَ جو سمورو سامان سميٽي، ويڙهي هڪ بنڊل ٺاهيو ۽ جنھن مهل هوءَ نازين وارو خنجر ان بنڊل ۾ رکڻ لڳي، تڏهن اليڪسيءَ چيو: "نانا، هيءَ منهنجي نشاني آهي. مهرباني ڪري قبول ڪجو." اليڪسيءَ گهر جي ڪم ڪار ڪرڻ وقت بہ ٿي پيرا نانا کي خنجر استعمال ڪندي ۽ ان جي واکاڻ ڪندي ٻڌو هو.

"تنهنجي مهرباني اليڪسي، وڏي مهرباني! هن جو لوھ تمام پلو آهي. ٿورو ڏسو تہ سهي، مٿس ڪجھ لکيل بہ آهي، پر اهو اسان جي هوليءَ ۾ ڪونهي." نانا اهو خنجر آندرئي کي ڏيکاريندي چيو. آندرئي خنجر تي لکيل عبارت پڙهي ۽ ان جو ترجمو ٻڌايو تہ "سپ ڪجھ جرمنيءَ لاءِ آهي."

"سپ ڪجھ جرمنيءَ لاءِ" اليڪسيءَ دهرايو تہ ڪيس ياد پيو تہ هن اهو خنجر ڪيئن هٿ ڪيو هو.

"چگو پريا مڙس! هاڻ هن کي ڪڍو." هڪ طرف کان آندرئي

استريچر جو هٿيو جھليندي چيو.

سڀ ماڻھو، جيڪي خندق ۾ گڏ ٿيا ھئا، سي 'يتيم' کان موڪلائڻ لاءِ ٻاھر وڻي پڳا. واريا اڪيلي اندر رھجي ويئي. ھن جي نظر گلن تي پيئي، جيڪي کانئس اتي وسري ويا ھئا. ھن اھي گل کنيا ۽ نڪ جي ويجھو آڻي ۽ ڏگھو ساھ کنيو. ائين ڪرڻ سان بنفشي جي مرجھايل ۽ ھيڏن گلن جي ھلڪي، لطيف ۽ تازگي آڻيندڙ سرھاڻ ان نوجوان عورت جي جيءَ ۾ واسجي ويئي، پر ھيءُ 'سُڳنڌ' ۽ مھڪ ايتري تہ پيٽي ۽ ھلڪي ھئي جو دونھي جي بوءِ ۾ ان جي سجاٽپ ڪرڻ ڏاڍي ڏکي ڳالھ ھئي. واريا پاڻ کي تختي تي ڦٽو ڪيو ۽ اوچنگارون ڏيئي روئڻ لڳي. ■

[18]

پلاوني ڳوٺ جي سموري آبادي ان غير متوقع مھمان کان موڪلائڻ لاءِ اچي ڪٺي ٿي ھئي. ھوائي جھاز جھنگ جي پٽيان ھڪ نندڙي پر ڏگھيري ڏنڊ ۾ ھيٺ ھو. ان ڏنڊ جي ڪنارن واري برف سخت ھئي. خندقن کان ڏنڊ تائين ڪوبہ رستو ڪونہ ھو، پر ڪلاڪ کن اڳ ۾ نانا ميخائيل، آندرئي، لينوچڪا جي اچڻ ڪري برف ۾ ھڪ گس نھي پيو ھو ۽ ھينئر سمورا ماڻھو ان وات تان ھلي رھيا ھئا. سيني کان اڳيان سيريونڪا ۽ فيدڪا ھلي رھيا ھئا. لينوچڪا استريچر جي پاسي کان ھلي رھي ھئي. ھوءَ ڪيڏي مھل اليڪسيءَ جو ڪمبل ٺيڪ ڪندي ھلي تہ ڪنھن وقت رومال سان سندس مٿو ٽي ڏيکيائين. سڀ کان پٽيان مايون، چوڪريون ۽ پوڙھيون ھلي رھيون ھيون ۽ گڏوگڏ سندن زبانون بہ تيز تيز ھلي رھيون ھيون.

استريچر جي پٽيان پٽيان ھي قافلو بہ آھستي آھستي ھلي رھيو ھو. ڪليل ھوا ۾ پھرين تہ اليڪسيءَ کي ڏاڍو سڪون مليو ۽ مسرت جو احساس ٿيو، پر پوءِ ھڪڙي مٺاس پري خاموش اداسيءَ اچي ورايس. لينوچڪا ھڪ نندڙي رومال سان اليڪسيءَ جا لڙڪ اڳھيا ۽ لڙڪن مان ھن اندازو لڳايو تہ شايد ڪيس استريچر جي لوڏن ڪري تڪليف پئي ٿئي، تنھن ڪري ماڻھن کي چيائين تہ آھستي آھستي ھلو.

"نہ، نہ! تکڑا هلو. اڄان بہ تکڑا هلو." اليڪسيءَ کين گذارش ڪندي چيو.

هن کي محسوس ٿي رهيو هو تہ هو بنھ آهستي، حد کان زياده آهستي پيا هلن. ڪيس انديشو ٿيڻ لڳو تہ هو هتان نڪري نہ سگھندو ۽ ماسڪو وارو هوائي جهاز سندس انتظار ڪرڻ کان سواءِ ئي اڏامي ويندو ۽ ڪڏهن بہ اسپتال پهچي ڪونہ سگھندو. اسٽريچر ڪٽي ويندڙن جي تيز هلڻ ڪري سندس پيڙا وڌي رهي هئي ۽ هو ڪنجهي رهيو هو، پر پوءِ بہ هو بار بار اهو ئي دهرائيندو رهيو تہ "مهرباني ڪري تکڑا هلو، اڃا بہ تکڑا هلو." هو انهن کي اڳتي وڌڻ لاءِ هشڪاريندو رهيو. حالانڪ ڪيس نانا ميخائيل جي ٽڪجڻ جو هانپارو بہ پڌڻ ۾ پئي آيو. هن ڏٺو پئي تہ نانا هر هر ٽڙيو پئي ۽ ٽاپا پيو کائي. ٻن عورتن نانا ميخائيل کان اسٽريچر جا هٿيا ورتا. نانا وري لينوچڪا جي پئي پاسان اسٽريچر جي پرسان هلڻ لڳو. هن پنهنجي ٽوپيءَ سان پنهنجي ٿوڙ ۽ ڳچيءَ تان پگهر اگهيو ۽ ڏاڍي اطمينان سان بڙ بڙ ڪرڻ لڳو.

"اسان کي چانڪَ پيو هٽين، هان! ايترو تکڙو آهين؟ ٺيڪ آهي اليڪسي، تون ٺيڪ ٿو چوين. هنن کي تکڙو هلڻ لاءِ چئو. جڏهن مانهو تکڙ ۾ هوندو آهي تہ ان مان ظاهر آهي تہ ان ۾ زندگي موجود آهي ۽ اها زندگي تيزيءَ سان ڌڙڪي رهي آهي. منهنجا پيارا ٻچا، ڇا آئون سچ ڪونہ پيو چوان؟ اسپتال مان اسان کي خط ضرور لکجانءِ. هي پتو ياد رکجانءِ: ڪالينن علائقو، بولو گوئي ضلعو، ٺهندڙ ڳوٺ پلاوني. ڇا؟ ٺهندڙ ڳوٺ پلاوني چيو مون. گهبراءِ نہ، خط اسان کي ضرور ملي ويندو. وسارجانءِ نہ، پتو صحيح آهي."

جيڏي مهل اسٽريچر هوائي جهاز ۾ رکيو ويو ۽ هوائي جهاز جي تيل جي تيز بوءِ اليڪسيءَ پنهنجي نڪ ۾ چيندي محسوس ڪئي، تڏهن هو خوشيءَ جي اٿاهہ سمنڊ ۾ غرق ٿيڻ لڳو. هن انهن ماڻهن کي ڪونہ تي ڏٺو، جيڪي سندس موڪلاٽيءَ لاءِ آيا هئا ۽ پنهنجا هٿ لوڏي رهيا هئا. هن اهو ڪونہ ڏٺو تہ هڪ سرڙ جي چهنب جهڙي نڪ ۽ بندري قد واري پوڙهي مائي پنهنجي سليٽي رنگ جي رومال ۾ مچريل ڪانگ وانگر لڳي رهي هئي. هن اهو بہ ڪونہ ڏٺو تہ اها پوڙهي عورت

خوف ۾ هوائي جهاز جي پنڪي مان پيدا ڪيل هوا سان مقابلو ڪندي، اڳيان وڏي ۾ ڪڙ جي باقي حصي جو بندبل ۽ آندرئي جي هٿ ۾ ٽمايو، جيڪو هوائي جهاز جي ڪاڪ پٽ ۾ وڃي چڪو هو. هن ڪونہ ڏٺو تہ نانا ميخائيل ڪهڙي طرح عورتن کي ڏڪا ڏيئي رهيو هو ۽ ٻارن کي پري ڪري رهيو هو ۽ جڏهن تيز هوا ۾ سندس متي مان ٽوپي اڏامي پريان برف تي وڃي ڪري، تڏهن ڪيئن هو پنهنجي گنجي ٽوڙ سان پريان بيهي رهيو هو. ان محل هو ڳوٺ ۾ ناهيل سينٽ نڪولاس جي تصوير سان هوبهو مليو پئي. هو پري ويندڙ جهاز کي بينو ڏسي رهيو هو.

اليڪسي نہ تہ ڪجھ ڏسي رهيو هو ۽ نہ ئي ڪجھ ٻڌي رهيو هو. هن کي پيٽرول جي بوءِ ۽ هوا ۾ پرواز ڪرڻ جي خوش ڪندڙ احساس بيهوش ڪري ڇڏيو هو. هن کي ان وقت هوش آيو، جڏهن سندس استريچر جهاز مان لاهي ٻئي ايمبولينس جهاز ۾ رکيو پئي ويو. ■

[19]

هو پنهنجي هوائي اڈي تي انتهائي مصروفيت جي وقت تي پهتو هو. اوڏي محل ۾، روزانو وانگر تمام گهٽي رش هئي، جيئن عام طرح بهار جي موسم ۾ هوندو آهي. انجڻين جو گوڙ هڪ پل لاءِ ۾ ڪونہ ٿي رُڪيو. پيٽرول ڪٽڻ لاءِ هڪ جڏو زمين تي لڏو ٿي نہ ٻئي ان جي جاءِ ٿي سنيالي ۽ اهڙي طرح وري ٽيون جڏو. هر ماڻهو، هوابازڪان وٺي پيٽرول ڏيڻ واري تائين ۽ گدام جي سنيالينڈڙ تائين، ان وقت تائين مسلسل ڪم ڪندو ٿي رهيو، جيستائين هو بيحال ٿي ڪري نہ ٿي پيو. چيف آف اسٽاف جو آواز ويهي رهيو هو ۽ هو هاٽي مشڪل سان ڳالهائي پئي سگهيو، پر سخت گرمي ۽ ڇڪ ڇڪان واري ڪيفيت ۾ ۾ ان ڏينهن هر ماڻهو ميريسئف جو انتظار ڪري رهيو هو.

"ڇا اجا تائين هو ڪونہ پهتو آهي؟" هوابازن پنهنجي جهاز کي مقرر جاءِ تي بيهارڻ کان اڳ ۾ ئي تمام گهٽي گوڙ ۾ ۾ رڙ ڪري مسترين کان اهو پڇيو ٿي. اهڙي طرح هر ماڻهوءَ جا ڪن اُيا هئا، ميريسئف جي اچڻ جي خبر ٻڌڻ لاءِ.

جيڏي مهل اليڪسيءَ کي هوش آيو تہ هن ڏٺو تہ پاڻ استريچر تي سنئون ڊگھو ٽيو پيو آهي ۽ سندس چوطرف سجاٽو چھرن جو هجوم موجود آهي. سموري هجوم جي زبان مان خوشيءَ جو اظهار ٿي رهيو هو. استريچر جي بنھ ويجھو بيٺل ونگ ڪمانڊر جو جوان ۽ خاموش چھرو، جنھن جي چپن تي هلڪي مسڪراهٽ پکڙيل هئي ۽ ان کان پوءِ کيس چيف آف اسٽاف جو ڳاڙھو چھرو ڏسڻ ۾ آيو، جنھن تي پگھر جون بوندون نمايان هيون ۽ پاسي ۾ هوائي اڈي جي انتظامي بتيلين جي ڪمانڊر جو گول گول ۽ زرد چھرو بہ ڏسر ۾ آيو، جنھن کان اليڪسي ان جي سخت اصول پرستي ۽ ڪنجوسي جي ڪري نفرت ڪندو هو. ڪيترائي ٻاتل سجاتل چھرا! اڳيان جيڪو استريچر کڻي هلي رهيو هو، سو هو يورا، جنھن جيڏي مهل بہ پويان مڙي اليڪسيءَ کي ڏسڻ جي ناڪام ڪوشش ٿي ڪئي تہ اوڏي مهل ٽاپڙجي ٿي پيو. ان جي پاسي ۾ ڳاڙھن وارن واري هڪ ننڍڙي ڇوڪري هئي، جيڪا موسميات جي اسٽيشن جي سرجنٽ هئي. پھريائين اليڪسيءَ کي شڪ هو تہ هوءَ ڪنھن سبب جي ڪري ڪيس پسند ڪانہ ٿي ڪري. هوءَ هن کان پاسو پاسو ڪندي هئي ۽ ڪيس ماڻ ماڻ ۾ عجيب نگاھہ سان ڏسي وٺندي هئي. هو ڪل پوڻ مان ڪيس "موسمي سرجنٽ" سڏيندو هو. موسمي سرجنٽ جي پاسي ۾ ڪو ڪو شڪن ٽپ ڏيندو هلي رهيو هو. سندس قد بندرو هو ۽ سندس زرقاني چھرو بنھ اڻ وٽندڙ هو. سڄي جٿي ۾ سندس بيزار ڪندڙ عادتن جي ڪري سيئي ڪائنس ڇرڪندا هئا. هو بہ مسڪرائي رهيو هو ۽ يورا جي قدمن سان قدم ملائي هلڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. اليڪسيءَ کي ياد آيو تہ پاڻ هوائي جهاز ۾ چڙھڻ کان ٿورو اڳ ۾ ان جي چگي خاصي مرمت ڪئي هئي، جو تہ هن اڏارا ورتل ڏوکڙ واپس ڪونہ ڪيا هئا ۽ اهو ئي سبب هو جو اليڪسيءَ سمجھيو ٿي تہ هو ضدي ۽ ڪيني وارو ماڻھو ڪيس ڪڏھن بہ معاف نہ ڪندو. پر هينئر هو بہ استريچر سان گڏ هلي رهيو هو ۽ ڏاڍي احتياط سان استريچر کي سھارو ڏيئي، رستي ۾ بيٺل ماڻھن کي هٽائيندو، پري ڪندو هلي رهيو هو.

اليڪسيءَ کي وهم گمان ۾ بہ ڪونہ هو تہ ڪو سندس ايترا

دوست آهن. ڪوبہ ماڻهو جڏهن پنهنجي اصليت عمل وسيلي ڪولي سامهون اچي ٿو تہ ائين ئي ٿئي ٿو. عمل عوام دوست ۽ وطن دوست آهي تہ محبتون کوڙ ۽ جي عمل عوام بيزار ۽ وطن دشمن آهي تہ نفرتون هزارا! ڪيس هاڻي 'موسمي سرجنٽ' متعلق ڏاڍو افسوس پئي ٿيو، جو خبر ناهي ڪهڙي سبب ڪري هوءَ ڪائنس خوفزده نظر ايندي هئي. هوائي اڈي جي بٽيلن جي ڪمانڊر جي سامهون ڪيس شرمساري ٿي رهي هئي، جنهن جي ڪنجوسيءَ جي باري ۾ هن خبر ناهي ڪيترا ٽوٽڪا ناهي، سڄي ڊويزن ۾ پکيڙي ڇڏيا هئا ۽ ڪيس ائين لڳو، جڙ سندس دل ڪوڪوشڪن کان معافي ونڊ چاهيندي هجي. هن جي دل چاهيو تہ هو ماڻهن کي ٻڌائي تہ هو ايترو خراب بہ ڪونهي. اليڪسي ايتريون مصيبتون سهڻ بعد نيٺ پنهنجي خاندان ۾ پهچي چڪو هو. جتي سندس واپسيءَ تي هر شخص خوشيون ملهائي رهيو هو.

هن کي ڏاڍي احتياط سان ميدان اُڪاري ايمبولينس هوائي جهاز تائين پهچايو ويو، جيڪو جهنگل جي ڪناري سان لڪو بينو هو. مسترين انجڻ بہ چالو ڪري ڇڏي هئي.

"ڪامريڊ ميجر" اليڪسيءَ اوچتو ونگ ڪمانڊر کي چيو ۽ انتهائي ڪوشش ڪري وڏي آواز ۽ اعتماد سان چوڻ لڳو. ونگ ڪمانڊر پنهنجي عادت موجب خاموشي ۽ پراسرار مسڪراهٽ سان اليڪسيءَ کي جهُڪي ويجهو ٿيو.

"ڪامريڊ ميجر..... مون کي موڪل ڏيو تہ آئون ماسڪو نہ وڃان ۽ هتي ئي رهان. توهان سان گڏ....." ڪمانڊر پنهنجو توپلو لاٿو، جنهن جي ڪري هو ڳالهہ پڌي نہ سگهيو هو.

"آئون ماسڪو نہ ٿو وڃڻ چاهيان. آئون هتي ئي ميڊيڪل بٽيلين ۾ رهڻ چاهيان ٿو....."

ميجر پنهنجي هٿ تان جوراب لاٿو ۽ ڪمبل اندر اليڪسيءَ جو هٿ ڳولي، پنهنجي هٿ ۾ جهلي زور ڏنو ۽ چيو: "توکي واقعي ڪنهن سٽي ۽ زبردست علاج جي ضرورت آهي." اليڪسيءَ ڪنڌ ڏوڙيو. هتي ڪيس ڪيترو نہ سکون ۽ آرام ملي رهيو هو. هاڻي ڪيس نہ پويان تجربا خطرناڪ ٿي لڳا ۽ نہ پيرن جي پيڙا جي شدت ئي ڪيس تنگ ٿي ڪيو.

"چا ٿو چوي؟" چيف آف استاف وينل آواز ۾ پڇيو. "هي اسان وٽ رهڻ چاهي ٿو." ڪمانڊر مسڪرائيندي چيو. اوڏي محل سندس مسڪراهٽ ڳجهارت وانگر ڪانه هئي، پر سندس مسڪراهٽ ۾ دوستي ۽ غمگساري هئي. "بيوقوف! مٿي ڦريل، عاشق ڪٽي جو، 'پراودا' لاءِ هڪ سنو مثال!" چيف آف استاف چيو. "هنن ماڻهن تہ فوج جي ڪمانڊر جي خاص حڪم سان ماسڪو مان هوائي جهاز موڪليو آهي. پر هي نوجوان..... تنهنجو ڪهڙو خيال آهي هن جي باري ۾.....؟"

ايڪسيءَ جواب ڏيڻ چاهيو ٿي تہ هو عاشق مزاج ڪونهي ۽ هن پيو بہ گهٽو ڪجهہ چوڻ چاهيو ٿي، پر ان کان اڳ جو هو ڪجهہ چوي، گهگهوءَ جي المناڪ ڪوڪ ٻڌڻ ۾ آئي.

هر چهري تي هڪ ڳڻيير ۽ پيشاورانہ ڪيفيت جهلڪڻ لڳي. ميجر بلڪل تيز لهجي ۾ ڪيترا ئي حڪم صادر ڪيا ۽ اتي موجود ماڻهو ماڪوڙين وانگر ڊوڙڻ لڳا. ڪي ماڻهو هوائي جهازن ڏانهن ڊوڙيا، ڪي ڪمانڊر پوسٽ طرف ڊوڙيا. ڪجهہ ماڻهو مشينن ڏانهن ڊوڙيا، جيڪي جهنگل ۾ لڪيل هيون. ايڪسيءَ کي آسمان ۾ دونهي جي هڪ صاف ليڪ ڏسڻ ۾ آئي. هو هڪدم سمجهي ويو تہ هوائي حملو ٿي چڪو آهي. سندس دل ڏڪڻ لڳي ۽ ناسون ڦوڪجڻ لڳيون. سندس بدن ۾ تيز سيءَ جي لهر ڊوڙي ويئي. خطرناڪ گهڙين ۾ هو هميشہ ائين ئي محسوس ڪندو هو. جيڏي محل گهگهو وڳو هو تہ لينوچڪا، يورا ۽ 'موسمي سرجنٽ' جن کي هن هنگامي حالت ۾ ڪو خاص فرض سرانجام ڏيڻو ڪونہ هو، ٽنسي اسٽريچر ڪنيو ۽ پڇي جهنگل جي ويجهي ۾ ويجهي اوٽ ۾ پناهہ ورتي. هنن قدم سان قدم ملائي هلڻ جي ڪوشش ڪئي، پر وٽ پڪڙ ۾ ائين ڪري نہ سگهيا.

ايڪسيءَ ڪنجهڪار ڪئي. هو ڊوڙڻ جي بدران آهستي آهستي هلڻ لڳا. پريان هوائي جهاز مان توپون گرجي رهيون هيون. هوائي جهازن جي هڪ جٿي پٽيان ٻيو جٿو 'اڏام واري رستي' تي نڪري آيو ٿي ۽ ڊوڙندو هوا ۾ بلند ٿي ويو. انجڻن جو جاتل سڃاتل آواز ٻڌي ايڪسيءَ جو بدن تاٽجي ٿي ويو. جيتوڻيڪ پاڻ اسٽريچر

سان ٻڌل هو، پر ائين پئي محسوس ڪيائين تہ هو جنگي هوائي جهاز جي ڪاڪ پٽ ۾ ويٺل هو ۽ هاٿي دشمن جو مقابلو ڪرڻ لاءِ هوا کي چيريندو اڳيان وڌي رهيو هو.

استريچر ان سوڙهيءَ ڪڏ ۾ سمائجي نٿي سگهيو، تنهن ڪري يورا ۽ چوڪرين کيس ياڪرن ۾ کٽي هيٺ وڃڻ ٿي چاهيو، پر اليڪسي ضد ڪرڻ لڳو تہ کيس وڻ جي هيٺان ڇڏي ڏنو وڃي. اتي ليٽي هو واقعاتن جو مشاهدو ڪرڻ لڳو، جيڪي تمام جلد جلد رونما ٿي رهيا هئا. فقط خواب ۾ ئي اهڙي تيزيءَ سان واقعا ٿيندا آهن. هوائي جهاز پونئرن جيان آسمان ۾ لامارا ڏيئي رهيا هئا. هر طرف انجڻين جو گوڙ، بمن جا ڌماڪا، توپن جي گڙگڙ ۽ دونهين جا ڪڪر آسمان تائين پکڙيل هئا. انهيءَ گوڙ گهمسان ۽ نفسانفسيءَ جي عالم ۾ 'موسمي سرجنٽ' جي چرپر اليڪسيءَ کي حيران ڪري ڇڏيو. جيڏي مهل بمن جا ڌماڪا پنهنجي عروج تي پهتا، اوڏيءَ مهل اها چوڪري ڪڏ ۾ چيلهہ تائين ڍڪيل هئي ۽ بدستور ماڻ ميٽ ۾ آڏيءَ اک سان ڪيس ڏسي رهي هئي. پوءِ اوچتو ئي اوچتو هوءَ ٽپ ڏيئي ٻاهر نڪتي ۽ استريچر ڏانهن ڊوڙي، زمين تي ڪري ۽ هن اليڪسيءَ جي جسم کي پنهنجي جسم سان لڪائي ڇڏيو ۽ ڊپ ۽ جذبات کان وهلور، ننهن کان ونڊي چوٽيءَ تائين ڏکي رهي هئي.

هڪ لمحي لاءِ هن کي پنهنجي اکين جي ويجهو هڪ بنهہ ٻاراڻو سانورو چهرو، پريل پريل چپ ۽ ٿورو مٿي اُڀريل نڪ نظر آيو. جهنگل ۾ ڪٺان هڪ ڌماڪو ٻڌڻ ۾ آيو ۽ ان کان پوءِ هڪ ٻئي پٺيان ٻيو، ٽيون ۽ چوٿون ڌماڪو تہ بنهہ ويجهو ٿيو. پنجون ڌماڪو ايترو تہ زبردست هو جو مرڪو زمين ڏکي ويئي. ان وڻ جي چوٽي، جنهن جي هينان اليڪسي پيو هو، بم جي هڪ ٽڪري سان ڪٽجي ڦهڪو ڪري اڇي هيٺ ڪري. هن ٻيهر چوڪريءَ جو چهرو ڏٺو ۽ پنهنجي ڳلن تي هن جي ٽڏن ڳلن جو ڇهاءُ محسوس ڪيو ۽ ٻن بمن جي ڌماڪن جي وچ ۾ ان چوڪريءَ آهستگيءَ سان چيو: "منهنجا پيارا! منهنجا جاني!....."

بمن جي ڌماڪن سان وڻ پاڙان اُکڙيو اڇيو پٽ تي پيا ۽ هر

طرف متيءَ جي گرد ۽ غبار ۽ دونهون چانيل هو، جنهن مان ٽوم جي بوءِ پئي آئي. جڏهن دونهون ختم ٿيو تہ هر طرف ماٺ مانوڙو لڳو پيو هو. هوائي جنگ جهنگل جي پٽيان ٽي رهي هئي، جنهن جو آواز مس ٽي پڌڻ ۾ آيو. چوڪري هاٿي اٿي بيٺي هئي. سندس چهرو هيبو نہ هو، بلڪ هينئر ان تي ڳاڙهاڻ چانيل هئي. هن جي چهري جي عجيب ڪيفيت هئي. ائين پئي لڳو تہ اجهو ٽي روئي. هن معافي طلب آواز ۾ اليڪسيءَ کان نظر بچائيندي چيو:

"مون توکي ڏکويو تہ ڪونہ، هان؟ مون کي معاف ڪجانءِ. آئون ڪيڏي نہ بيوقوف آهيان، نادان آهيان. مون کي تمام گهٽو افسوس آهي."

"هاٿي معافي ونڻ جي ضرورت ڪانهي!" يورا وهلور ويندي چيو، هو ڏاڍو شرمندو پئي ٿيو، جو موسميات استيشن جي هن چوڪريءَ سندس بدران سندس دوست کي بچائڻ لاءِ جان جوکي ۾ وڌي هئي.

هن ٻُڌ ٻُڌ ڪندي اٿي پنهنجي وردي چنڊي ۽ پنهنجي ٽوڙ ڪنهيائين ۽ ان چوٽي ڪٽيل وڻ کي حيرت ڀري نگاهہ سان ڏسڻ لڳو، جنهن جي ٽڙ مان شيشي جهڙو شفاف ڪونئر ڳڙي رهيو هو.

"ڏسو تہ سهي، هي وڻ روئي پيو." لينوچڪا چيو، جنهن خطرناڪ گهڙين ۾ بہ پنهنجو حوصلو ۽ شادابہ ڪاند وڃائي هئي.

"ڪڏهن تون ان وانگر ڪوڙها ڳاڙيندين!" يورا ٽڏو ساهہ ڪڍندي چيو. "چگو هاٿي هلو، تماشو ختم ٿيسا هضم! اميد تہ اها ئي آهي تہ ايمبولينس هوائي جهاز کي ڪو نقصان ڪونہ پهتو هوندو."

"بهار جي موسم اچي ويئي." ميريسئف وڻ جي ٽڪرا ٽڪرا ٽيل ٽڙ کي ڏسندي، زمين تي ڳڙندڙ چمڪندڙ ڪونئر جي لار ۽ گهرگلي پاتل ڪوٽ ۾ مڙيل نڪ واري 'موسمي سرجنٽ' کي ڏسندي چيو، جنهن جو نالو بہ ڪيس ڪونہ ايندو هو.

يورا اڳيان ٽيو ۽ ٻئي چوڪريون پٽيان، استريچر کڻي، بمن جي ناهيل کڏن کان پاسو ڪندا هو ايمبولينس ڏانهن وڃڻ لڳا. اليڪسيءَ وڏي فوجي ڪوٽ جي ٻانهن مان اهو مضبوط هٿ ڏٺو، جيڪو

مضبوطيءَ سان استريچر جو هٿيو جهليو پئي هليو. آخر ڪيس ڇا ٿيو هو؟ يا هن پاڻ ڊپ جي عالم ۾ رڳو تصور ۾ سوچيو هجي تہ هن ڪان اهي لفظ ٻڌا هوندا.

ان ڏينهن، جيڪو هن لاءِ زبردست واقعن سان پريل هو. اليڪسيءَ کي هڪ ڀيو واقعو ٻہ پيش آيو. ڪيس چانديءَ جي رنگ جھڙو ايمبولينس هوائي جهاز ٻہ نظر اچي ويو، جنهن کي مستري جانچي رهيو هو تہ ڪو نقصان تہ ڪونہ پهتو اٿس. ان وقت هڪ ٻيلي پڻيان جنگي هوائي جهاز موتيا ءِ لهندا ويا ءِ هر ڪو پنهنجي جاءِ تي وڃي ٻينو. ستت ئي آسمان صاف ٿي ويو ءِ بنهہ خاموشي ڇانئجي ويئي. هوائي اڈي کي صاف ڪيو ويو. انجڻن جو گوڙ بند ٿي ويو. پر پوءِ ٻہ ماڻهو هڪ ڪمانڊ پوسٽ ۾ موجود هئا ءِ پنهنجي اکين مٿان هٿ رکي آسمان ۾ ڪا شيءِ ڳولي رهيا هئا.

"9 – نمبر واپس ڪونہ ٿيو آهي، لڳي ٿو تہ ڪنهن پاسي ٽڪر ويو آهي."

اليڪسيءَ کي ڪوڪوشڪن جو زرقاني نندڙو چهرو ياد پيو، جنهن مان هميشہ بي اطميناني پئي بکندي هئي. ڪيس ياد آيو تہ سوير هن ڪيتري نہ احتياط سان استريچر کي سهارو پئي ڏنو. ڇا هو.....؟ جنگ جي همڙن گرما گرم ڏينهن ۾ هن قسم جو خيال، سو ٻہ هڪ هواباز لاءِ ڪا وڏي ڳالهہ ڪانہ هئي، پر پوءِ ٻہ سندس بدن ۾ سيانڊڙو پڳجي ويو.

انهيءَ ئي ساعت انجڻ جو گوڙ ٻڌڻ ۾ آيو ءِ يورا ڪان خوشيءَ مان رڙ نڪري ويئي: "هو اچي ويو، هو اچي ويو!" ڪمانڊ پوسٽ ۾ جيڪي ماڻهو ٻيٹا هئا، تن ۾ هلچل مچي ويئي. ڪو حادثو ٿي پيو هو. "9 نمبر" هيٺ ڪونہ ٿي لٿو، پر هوائي اڈي تان وڏو چڪر ڪاٽڻ لڳو. اليڪسيءَ ان کي پنهنجي مٿان اڏامندي ڏٺو ءِ هن هڪدم ڏسي ورتو تہ جهاز جي پک جو ٽڪر غائب هو ءِ هي ڳالهہ سڀ کان خراب هئي، جو ان جي هينان فقط هڪ ٽنگ باقي هئي. هڪ ٻئي پڻيان ٻہ ڳاڙها راڪيٽ هوا ۾ سوسات ڪندا ويا، پر ڪوڪوشڪن هڪ ڀيرو وري مٿان اڏامندو هليو ويو. سندس هوائي جهاز ان پکيءَ وانگر هو. جيڪو

پنھنجي آکيري جي چوڦرف لامارا ڏيندو ھجي ۽ کيس سمجھ ۾ نٿي آيو تہ ھو ڪٿي لھي؟ ھن ٽيون چڪر ڪاٽڻ شروع ڪيو.

"ھڪڙي منٽ ۾ ھو ڇٽيءَ ذريعي ھيٺ لھي ايندو. ھن جو تيل ختم ٿي چڪو آھي ۽ ھو آخري چند ڦڙن سان ھوائي جھاز اڏائي رھيو آھي." يورا چيو ۽ سندس نگاھ گھڙيءَ تي جميل ھئي.

جڏھن ھوائي جھاز کي ھيٺ لاھڻ ممڪن نہ ھجي تہ انھن حالتن ۾ ھواباز کي اھو اختيار ھوندو آھي تہ ھو ھوائي جھاز کي مٿي ڇڏي پاڻ ڇٽيءَ وسيلي لھي اچي. شايد "9 نمبر" کي ب ان قسم جي ھدايت ملي چڪي ھئي. پر ھو ھٽ ڏرميءَ سان ساڳئي طرح ھوائي اڈي مٿان چڪر ڪاٽي رھيو ھو.

يورا ھر ھر ھوائي جھاز کي ڏسيو وري گھڙي تي ڏٺي. جڏھن کيس محسوس ٿيو تہ ھوائي جھاز جي رفتار ڊري ٿي رھي آھي تہ ھو ويھي رھيو ۽ ھڪ پاسي منھن ڦيري ڇڏيائين. "ڇا کيس ھوائي جھاز ئي بچائڻو آھي؟" اتي موجود ھر شخص جي دماغ ۾ ھڪ ڳالھ پئي ڦري تہ "ٽپي پئہ، ٽپي پئہ يارا!"

ھڪ جنگي ھوائي جھاز، جنھن جي پڇ تي نمبر "1" لڳل ھو، ھڪدم ھوا ۾ بلند ٿيو ۽ انتھائي ھوشياريءَ سان ڪن پل ۾ زخمي "نمبر9" جو پاسو وڃي ورتائين، پر جنھن سڪون ۽ ڦرتائيءَ سان ھوائي جھاز اڏايو پئي ويو، تنھن مان اليڪسي سمجھي ويو تہ ان کي خود ونگ ڪمانڊر پاڻ اڏائي رھيو آھي. ائين پئي معلوم ٿيو تہ ونگ ڪمانڊر ۾ اندازو ٿيو تہ ڪوڪوشڪن جو يا تہ ريڊيو ڪم نٿو ڪري، يا ھواباز پنھنجو ھوش وڃائي ويٺو آھي، تنھن ڪري ھو سندس مدد لاءِ وڃي وٽس پھتو. ھن پنھنجي پرن ذريعي اشارو ڪيس تہ "جوڪجھ آئون ڪريان، سو ئي ڪر." ھن ڪوڪوشڪن کي حڪم ڏنو تہ ھڪ پاسي ھٽي ڇٽي ڪٽي ٽپي پئہ ــ پر انھيءَ پل ڪوڪوشڪن گيس گھٽ ڪري ڇڏي ۽ لھڻ جي تياري ڪرڻ لڳو. سندس جھاز باقي ھڪ سلامت ٽنگ سان ھوائي اڈي تي لٿو ۽ ھڪ ئي ڦيٽي تي ڊوڙڻ لڳو. ھن جي رفتار گھٽ ٿي ويئي. اھو ھڪ طرف جھڪيو ۽ سندس محفوظ پر زمين سان وڃي لڳو. ھوائي جھاز ٽورو

ڦيرو ڏنو ۽ برف جو هڪ طوفان اڏاٽو.

جڏهن برف صاف ٿي تہ ڪا ڪاري شيءِ زخمي هوائي جهاز جي پاسي ۾ پيل ڏٺي ويئي. ماڻهو ان ڪاري شيءِ ڏانهن ڊوڙيا ۽ هڪ ايمبولينس سيٽي وڄائيندي ان طرف اچڻ لڳي.

"هن پنهنجو هوائي جهاز بچائي ورتو. ڪيڏو نہ همت وارو ماڻهو آهي، ڪوڪوشڪن! هن اهو سڀ ڪجهہ ڪرڻ ڪڏهن سکيو؟" ايڪسي اسٽريچر تي پيو سوچي رهيو هو ۽ پنهنجي ساٿيءَ کي رشڪ سان ڏسي رهيو هو.

هن جي دل ۾ ور ور ڏيئي هڪ خواهش زور ونو رهي هئي تہ هو ان پاسي ڊوڙي وڃي، جتي اهو ننڍڙو ماڻهو پيو هو، جنهن کي سيئي پسند ڪونہ ڪندا هئا، جيڪو ايترو بهادر ۽ هوشيار هوابار ثابت ٿيو هو، ليڪن هو تہ اسٽريچر سان ٻڌو پيو هو.

ان سموري وٽ پڪڙ ۾ هڪ ڪلاڪ کن مس لڳو، پر اهي سموريون ڳالهيون ايترو تہ جلد ٿي گذريون جو ايڪسي پنهنجي ذهن ۾ انهن جو تجزيو ڪري نہ سگهيو. ها البتہ فقط اوڏيءَ مهل — جڏهن سندس اسٽريچر ايمبولينس هوائي جهاز ۾ رکيو پئي ويو ۽ جڏهن هڪ پيرو پيهر سندس نظرون 'موسمي سرجنٽ' جي نگاهن سان مليون هيون، تڏهن ئي هن انهن لفظن جو واقعي صحيح مطلب سمجهيو هو، جيڪي بمباريءَ وقت چوڪريءَ جي وات مان بي اختيار نڪتا هئا. هن ڏاڍي شرمندگي پئي محسوس ڪئي جو ڪيس ان عظيم بهادر ۽ باهمت چوڪريءَ جو نالو بہ نہ ٿي آيو.

"ڪامريڊ سرجنٽ....." ايڪسيءَ ٿورائتين اکين سان ڏانهس نهاريندي چيو.

چئي نٿو سگهجي تہ هن انجڻ جي گوڙ ۾ ايڪسيءَ جو آواز بہ ٻڌو هو يا نہ؟ پر هوءَ اڳيان وڌي ۽ هن هڪ ننڍڙو پيڪيٽ اڳيان وڌائي چيو:

"ڪامريڊ سينيئر ليفٽيننٽ، هي توهان جا خط آهن. مون انهن کي سنياڻي رکيو هو، ان ڪري جو مون کي خبر هئي تہ توهان زنده سلامت ۽ جيئرا جاڳندا آهيو ۽ هڪڙي ڏينهن ضرور موٽي ايندا. اهو

منھنجي دل جو آواز ھو.“

ھن خطن جو نندڙو بنڊل اليڪسيءَ جي سيني تي رکي ڇڏيو. ھن ڏٺو تہ انھن مان ڪيترا خط سندس ماءُ جا آھن ۽ ٻيا ڪيترا خط انھن جاتل سجاتل لفافن ۾ ھئا، جھڙا لفافا سندس وردیءَ جي ڪيسي ۾ ھميشہ موجود ھوندا ھئا. سندس چھرو انھن لفافن کي ڏسي ٽڙي پيو.

”ڇا ھي خط ڪنھن چوڪريءَ جا آھن؟“ موسمي سرجنٽ ڏاڍي اداسيءَ مان ھڪ پيرو وري ڳاڙھو ٽيندي پڇيو. سندس اکيون لڙکن سان ڀرجي ويون ۽ سندس دلکش ڏڳھا ڏڳھا پلڪ پُسي ويا ھئا.

ميريسئف محسوس ڪيو تہ ھن بمباريءَ جي وقت اھي لفظ رڳو تصور ۾ ڪونہ ٻڌا ھئا، پر سچي پچي ان چوڪريءَ چيا ھئا، جيڪا ھينئر بہ سندس سامھون ھئي ۽ اھا حقيقت سمجھڻ کان پوءِ منجھس سچ ڳالھائڻ جي ھمت ڪانہ رھي.

”ھي خط منھنجي پرٽيل پيٽ جا آھن، ھاٽي ھن جو نالو تبديل ٿي ويو آھي.“

ھن اھو جواب تہ ڏنو، پر ڪيس پنھنجو پاڻ کان نفرت ٿيڻ لڳي.

انجڻ جي گوڙ کي چيريندي ڪي آواز ٻڌڻ ۾ آيا. پاسي وارو دروازو کليو ۽ ھڪ سرجن اندر داخل ٿيو. ھو اڃ سجاتل ھو ۽ سندس ڳري ڪوٽ جي مٿان اڇو چوغو پاتل ھو.

”چگو، ھتي تہ پھرين بہ ھڪ مريض موجود آھي. ٺيڪ آھي.“ ھن ميريسئف کي ڏسندي چيو. ”ٻئي کي اندر کڻي اچو، اسان ھڪ منٽ ۾ وڃون پيا ۽ محترمہ، توھان ھتي چا پيون ڪريو؟“ ھن ٻاڦ ڪري ڏنڈلي ٽيندڙ عينڪ سان ’موسمي سرجنٽ‘ کي گھوريندي چيو، جيڪا يورا جي پويان لڪڻ جي ڪوشش ڪري رھي ھئي. ”ھاٽي وڃ، اسان ھڪ منٽ ۾ روانا ٿي رھيا آھيون. اي! اسٽريچر کي اندر کڻي اچو.“

”خط ضرور لکجانِ. خدا جي واسطي مون کي خط ضرور لکج. آئون انتظار ڪنديس!“ اليڪسيءَ کي چوڪريءَ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو.

يورا جي مدد سان سرجن اسٽريچر کي اندر ڇڪيو، جنھن تي پيل شخص آھستي آھستي ڪِنجھي رھيو ھو. اسٽريچر کي پنھنجي خاني ۾ رکيو ٻئي ويو تہ ان ماڻھوءَ تي پيل چادر ٽورو ڪسکي ويئي ۽

اليڪسيءَ کي ڪوڪوشڪن جو چهرو صاف نظر آيو، جنهن تي درد جي پيڙاهه نمايان هئي. سرجن هٿ مهٽيا، ڪاڪ پٽ ۾ نگاهه وڌي ۽ ميريسئف جي پيٽ تي هٿ گهمائيندي چيو:

"سنو، تمام سنو! چگو ٽيو جو توکي هڪ همسفر ته ملي ويو. نوجوان ڇوڪرا! تمام چگو ٽيو. هاڻي اهي سپ، جيڪي اسان سان گڏ ڪونه ٿا هلن، سي لهي وڃو! اڇا هوءَ سرجنٽ جي ريبي نا واري لولي ڏيندڙ ڇوڪري وئي هلي، هاڻ؟ چگو، هاڻي اسان هلون.....!"

يورا جي لهڻ تي دل ئي ڪانه پئي ٽپي، نيٺ سرجن کيس ڏکي لاهي ڇڏيو. دروازو بند ٿي ويو. سرجن ميريسئف جي پاسي ۾ ديوار سان لڳي ويهي رهيو.

"تنهنجي طبيعت ڪيئن آهي؟ اڃ ته تنهنجي نبض ڏسان." سرجن سوال ڪندڙ نگاهن سان کيس ڏٺو ۽ پڙ پڙ ڪئي: "زبردست ڪردار آهي!" ۽ اليڪسيءَ کي چيائين: "تنهنجا دوست تنهنجي باري ۾ اهڙا ته قصا ٻڌائين جو اعتبار ئي نٿو اچي. جهڙوڪر "جيڪ لنڊن" جي ڪا ڪهاڻي هجي."

هو پنهنجي جاءِ تي ويهي رهيو ۽ هٿ پير ڌگهاري هڪدم ڪنڌ لاڙي سمهي رهيو. ظاهر هو ته هو زرد چهري وارو ماڻهو، جيڪو هاڻي ڪنهن به طرح جوان نه رهيو هو، ڪيترو نه ٿڪل هو.

ايمبولينس هوائي جهاز ماسکو طرف اڏامي رهيو هو. ■

پيو حصو

[1]

جڏهن آندرئي ۽ لينوچڪا پنهنجي دوست اڳيان گاديءَ واري شهر ماسڪو جي هن اسپتال جي جا واکاڻ ڪئي هئي، جنهن ۾ هاٽي اليڪسي ۽ ڪوڪوشڪن جي داخلا ٿي هئي تہ ان ۾ هنن واقعي ڪوبہ وڏاءُ ڪونہ ڪيو هو.

جنگ کان پهريائين هيءَ اسپتال هڪ اداري جو سڪيا گهر هوندو هو. هتي روس جي هڪ مشهور سائنسدان بيمارن ۽ زخمين جي ترت ۽ مڪمل علاج لاءِ تمام بهترين تجربا ڪيا هئا. هي ادارو پنهنجي مضبوط روايتن تي قائم هو ۽ سڄي جڳ ۾ مشهور هو.

جڏهن جنگ لڳي تہ ان سائنسدان هن سڪيا گهر کي فوجي آفيسرن جي هڪ اسپتال ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. ان اسپتال ۾ مريضن کي ان زماني جي جديد ترين ۽ ترقي پذير سائنس جون سموريون سهوليتون مهيا ٿيندیون هيون. جڏهن ماسڪو جي ويجهو زبردست جنگ لڳي هئي، تڏهن اسپتال ۾ مقرر گنجائش کان چوٽا بسترا وڌي ويا هئا. سموريون خالي جايون ــ ملاقات جا ڪمرا، مطالعي ۽ تفريح وارا ڪمرا، اسپتال جي عملي جا ڪمرا ۽ کاڌي کائڻ وارا ڪمرا ــ مطلب تہ سموريون خالي جايون واردن ۾ بدلائيون ويون. خود سائنسدان پاڻ تجربيگاه جي پاسي واري سندس مطالعي وارو ڪمرو خالي ڪيو هو ۽ پاڻ پنهنجا ڪتاب ڪٽي، ان ننڍڙي ڪمري ۾ اڇي رهيو هو، جيڪو ڊيوٽيءَ تي موجود نرس استعمال ڪندي هئي. تنهن هوندي بہ گهٽو ڪري وراندن ۾ مريضن جا بسترا لڳائڻ جي ضرورت پوندي هئي.

انھن چمڪندڙ سفيد ديوارن جي پٽيان، جن کي ڏسي معلوم ٿي ٿيو تہ اھي خاص ھن طب جي علم واري سکيا گھر جي مقدس خاموشيءَ لاءِ ناھيون ويون ھيون، مريضن جون ڪنجھڪارون، دانھون، سُتل مريضن جا کونگھرا ۽ سرسامي مريضن جي وڦل ٻڌجڻ ۾ پئي آئي. ان جاءِ تي جنگ جي پيدا ڪيل ڏکوئيندڙ صورتحال ۾ گھُٽ ۽ ٻوسات جو احساس ٿي ٿيو. رت ۾ ٻڏل پٽين جي بانس، سُڄيل ۽ ڏکوئيندڙ زخمن جي ڏپ، جيئرن ماڻھن جي سڙندڙ زخمن جي بدبوءِ! تازي ھوا جي لھر ۽ ان سڙاند واري بدبوءِ کي ختم ڪري نہ ٿي سگھي. سائنسدان جي مرضيءَ مطابق ناھيل پلنگن جي پاسي ۾ ايريون سيريون ڪٽون ۽ پيون ھيون. ٽانون جي ڪوٽ ھئي، تنھن ڪري اسپتال جي چينيءَ جي چمڪندڙ پليٽن سان گڏ جست جا ٽانوَ پڻ استعمال پيا ٿيندا ھئا. ويجھو ئي ڪٽي بم اچي ڪاٽو ھو، تنھن ڪري درين جا شيشا ڀجي پيا ھئا. ھينئر ان جاءِ تي ڪاٺ جا تختا لڳل ھئا. پاٽيءَ جي پڻ سخت ڪوٽ ھئي. گيس نہ ھر ھر بند ٿيو ٿي ويئي ۽ اوزارن کي وري پراٽي اسپرٽ واري ڇُلھي تي اُپارٽو ٿي پيو. پر پوءِ ۽ زخمين جي رش لڳي پئي ھئي. انھن جي تعداد ۾ ويتر واڌارو پئي ٿيو. اھي ھوائي جھازن، موٽرن ۽ گاڏين ۾ آندا ٿي ويا. انھن جو ڳاٽيٽو اسان جي جوابي حملي ۽ پيش قدميءَ جي وڏندڙ قوت ۽ زور جي حساب سان وڏندو ٿي رھيو.

ليڪن انھن سمورين ڳالھين جي باوجود ۽ اسپتال جو سمورو علمو، ان جو چيف، نامور سائنسدان ۽ اعليٰ سوويت جي رُکن کان وٺي واردِ جي نرسن، واردِ جي نوڪرن ۽ ينگين تائين، سيئي پنھنجي اداري جي پراڻن ضابطن جي پورائي ڪرڻ لاءِ ننھن چوٽيءَ جو زور لڳائي رھيا ھئا. حالانڪ سڀ جا سڀ ٽڪ کان چُور، بنھ بيحال ٿي چڪا ھئا ۽ ڪڏھن ڪڏھن تہ کين لنگھڻ تي ۽ گذارڻو پوندو ھو. واردن جي نوڪرياٽين کي تہ ھڪ پل ۽ آرام ڪرڻ کان سواءِ مسلسل ٿي ٿي پيرا لڳاتار ڊيوٽي ڪرٽي پوندي ھئي ۽ ان کان پوءِ جيڪي کين واندڪائيءَ جون گھڙيون مليون ٿي، تن ۾ ھو پنھنجي صفائي ستراڻي ۽ ڏوئڻ پوئڻ جو ڪم ڪنديون ھيون. سنھڙيون سڪلون، ٽڪل ٽٽل، بنھ چُور نرسون، پھرين وانگر پنھنجي سفيد ۽ صاف ستڻ ڪپڙن ۾

ڪم تي آيون ٿي ۽ ڊاڪٽرن جي هدايت تي پوري طرح عمل ڪرڻ لاءِ ساڳئي جذبي ۽ جوش سان لڳي ٿي ويون. هائوس سرجن اڳ وانگر ئي سختيءَ کان ڪم وٺندو هو ۽ سفيد چادر تي هڪ معمولي داغ به برداشت نہ ڪندو هو. هو ديوارن، ڪٺهڙن ۽ دروازن جي پانهين کي پنهنجي رومال سان رهڙي ڏسندو هو تہ آيا ڪٿي ڪو متيءَ جو ذرو رهجي تہ ڪونہ ويو آهي. ڏينهن ۾ ٻہ ڀيرا، مقرر ڪيل وقت تي اسپتال جو چيف معائني تي نڪرندو هو. هو ڊگهو، ڳاڙهي چهري وارو هڪ پوڙهو ماڻهو هو. هن جو هميشہ گوڙ پيو پوندو هو. هن جا وار نرڙ تي پيا پوندا هئا. سندس مڇون ڪاريون هيون ۽ وڏي ڏاڙهيءَ ۾ ڪجھ سفيد وار ٻہ نمايان هئا. هو جنگ کان اڳ واري شان ۽ مان سان ڏينهن ۾ ٻہ ڀيرا سرجنن جي قافلي سان وارڊ جي معائني تي نڪرندو هو. ساٺس گڏ سفيد چوغن ۾ سندس نائب هوندا هئا، هو نون مريضن جا ڪيس ڏسندو ۽ نازڪ مريضن متعلق مشورو ڏيندو اڳتي وڌندو ويندو هو.

انهن ڇڪ ڇڪان وارن ڏينهن ۾ ڪيس اسپتال کان ٻاهر ٻہ تمام گهٽو ڪم ڪرڻو ٿي پيو، پر پوءِ ٻہ هو پنهنجي ننڍ ۽ آرام حرام ڪري پنهنجي پياري اداري لاءِ وقت ضرور ڪيندو هو. ڪابہ ٽوري گهت وڌائي تي تہ عملي تي وٺ وٺ لاهي ڏيندو هو. سندس ڪاوڙ ۾ هڪ عجيب قسم جو ٻالڪپڻ ۽ جوش هوندو هو. هو پنهنجي ڪاوڙ اُتي جو اُتي ظاهر ڪندو هو ۽ دل ۾ ڪينو سانڍڻ وارو ڪونہ هو. هن جو هميشہ اسرار هو تہ جنگ جي دوران ماسڪو ۾ ڪٽي پلي بليڪ آئوٽ هجي يا گهُگهُو وڄندو هجي، پر اسپتال کي پنهنجو فرض پوري طرح نباهيندو رهڻ گهرجي. هٽلر يا گوئرنگ جو پڙ اهو ئي جواب هو. هو جنگ جي ڪري پيدا ٿيل مشڪلاتن جي دانهن ڪوڪ ٻڌڻ لاءِ تيار ئي ڪونہ هو ۽ چوندو هو تہ ڪم چور ۽ سست قسم جا ماڻهو هتان ڀڄي وڃن. خاص ڪري ان وقت، جڏهن اسان تي ڏکيو وقت آيو آهي، تڏهن تہ اسان کي وڏيڪ چوڪس ۽ نظم وضبط ۾ رهڻو پوندو. هو خود ايتري تہ پابنديءَ سان وارڊ جو دورو ڪندو هو، جو وارڊ جون نوڪرياڻيون. ڪيس ڏسي وارڊ جي گهڙيالن جو وقت درست ڪنديون هيون. بمباري ۾ ٻہ هن جي معمول ۾ ڪا رڪاوٽ وجهي نٿي سگهي.

صبح جي هڪ اهڙي ئي وقت چيف، جنهن کي اسان واسيلي واسيلي وچ جي نالي سان ياد ڪندا هئاسين، ٽين منزل جي چاڑهيءَ وٽ هڪ ٻئي جي پاسي ۾ ٻن پلنگن وٽ آيو.

"هيءَ ڪهڙي نمائش آهي؟" هو گرجيو ۽ سرجن کي کائي ويندڙ نظرن سان ائين ٻئي گهوريائين جو هو ڏگهو، گول ڪلهن وارو خوش شڪل ماڻهو، جيڪو هاڻي نوجوانيءَ کان موٽي رهيو هو، بلڪل اسڪول جي ٻارن وانگر تاڙجي ٻيهي رهيو.

"رات ئي پهتا آهن..... هواباز آهن. هن جي ران واري هڏي ۽ ساڄي ٻانهن ڀڳل آهي. حالت سڌندڙ آهي. پر هو....." هن هڪ ٻئي سکل سنهڙي انساني ڏانچي ڏانهن اشارو ڪيو، جنهن جي عمر جي باري ۾ ڪجهه به چئي نٿي سگهيو. هو اکيون بند ڪريو، بنا چرڻ پرڻ جي پيو هو. "هي نازڪ مريض آهي، هن جا پير چڪريا پيا آهن. ٻنهي پيرن ۾ گينگرين آهي. پر سڀ کان وڌيڪ هيءَ ڳالهه آهي ته هو بنهه بيحال آهي. مون کي يقين ڪانه ٿي اچي، پر ساٽس گڏيل آيل ميڊيڪل آفيسر جي رپورٽ آهي ته هي ماڻهو پنهنجي ڀڳل پيرن سان ارڙهن ڏينهن تائين جرمنن جي مورچي پٽيان، پنهنجي مورچي طرف رڙهندو رهيو... بيشڪ هيءُ وڏاءُ آهي... مون کي ته اعتبار ئي ڪونه ٿو اچي."

هائوس سرجن جون ڳالهيون ٻڌي اڻ ٻڌيون ڪري واسيلي واسيلي وچ ڪمبل مٿي کنيو. اليڪسي چاتيءَ تي هٿ رکيو پيو هو.

"هي هتي ڇو پيو آهي؟"

"وراندي ۾ ڪاب جاءِ ڪانهي، توهان خود.....!"

"توهان خود! توهان خود! ۽ 42 نمبر لاءِ چا ٿو چوين؟"

"اهو ڪرنلن جو وارڊ آهي."

"ڪرنلن جو!" پروفيسر رڙ ڪئي. "ڪهڙي بيوقوف جي ايجاد آهي اها؟"

"ليڪن اسان کي چيو ويو آهي ته 'روسي هيرن' لاءِ جاءِ بچت ۾ رکجو."

"سورما، سورما! هن جنگ ۾ سڀ سورما آهن. پر تون مون کي سبق پڙهائڻ جي ڪوشش ڇو پيو ڪرين؟ هتي جو انچارج ڪير آهي؟

جنھن کي منھنجي ڳالھ نہ وٹي، سو گواڻي تي وڃي! ھنن ٻنھي کي ھڪدم 42 نمبر ۾ پھچايو. 'ڪرنلن جو وارڊ' ماٹھن کي ڪھڑيون نہ چريائپ جون ڳالھيون سُجھن ٿيون."

ھو پنھنجي قافلي سان گڏ اڳيان وڃڻ لڳو. پر ھڪدم واپس وريو. ھو اليڪسيءَ مٹان جھڪيو ۽ پنھنجو ھٿ، جنھن جي ڪل مختلف دوائن جي اثر کان ادڙي ويئي ھئي، کٹي سندس ڪلھي تي رکيائين ۽ پچيائين:

"ڇا اھو سچ آھي تہ تون جرمنن جي مورچي جي پٹيان ٻن ھفتن تائين رڙھندو رھيو ھئين؟"

"ڇا مون کي گٹنگرين آھي؟" ميريسئف ہڈل آواز ۾ پچيو.

پروفيسر پنھنجي قافلي ڈانھن ڪاوڙ ۾ نھاريو، جيڪو دروازي وٽ بيھي رھيو ھو. پوءِ ھن پنھنجيون اکيون مريض جي وڏين ڪارين اکين سان ملائي ڇڏيون، جن ۾ درد ۽ پيڙا جا اھجاڻ پريل ھئا. ھن جي وات مان بي اختيار نڪري ويو:

"تو جھڙي شخص کي دوکو ڏيڻ گناھ آھي. ھا ھيءَ گٹنگرين (ٹنگرو) آھي، پر تون دل وڏي ڪر. ڪابہ بيماري لاعلاج ڪانھي. ماٹھو جڏھن مصيبت ۾ ڦاسي پوندو آھي تہ چوٹڪاري جو رستو پڻ لڀي پوندو آھي، سمجھيئي نہ منھنجي ڳالھ؟ بس ايترو ڪافي آھي!"

ھو لُڏندو لَمندو، ڏگھيون ٻرانگھون ورائيندو، گوڙ ۽ گھمسان ڪندو اتان ھليو ويو ۽ پوءِ ستت ئي پريان ڪٹان وراندي جي شيشي مان سندس گرم آواز ہڏڻ ۾ آيو:

"ڈاڍو ٻلو ماٹھو آھي." ميريسئف پنھنجي ننڍاکڙين اکين کان پري ويندڙ پاڇولي جو پيڇو ڪندي چيو:

"چريو آھي، تو سندس ڳالھ ہڏي نہ؟ ھو اسان سان حُجائتي ٹيڻ جي ڪوشش پيو ڪري. اسين اھڙي سادي طبيعت وارن ماٹھن کي چگيءَ طرح سجاٹون نا." ڪوڪوشڪن پنھنجي بستري تان ھڪ چھپي مسڪراھٹ سان چيو:

"چگو تہ ھاڻي اسان کي 'ڪرنلن جي وارڊ' ۾ رھڻ جو شرف مليو آھي."

'گئنگرين' ميريسئف آهستي آهستي چيو ۽ وري ٻيهر ڏهرايو، 'ننگرو!' ■

[2]

هي ڪرنلن جو وارڊ ٻي منزل تي هو. ان ڪمري کي اوپر ۽ ڏکڻ پاسن کان دريون هيون، تنهن ڪري سڄو ڏينهن منجهس اُس لياڪا پائيندي رهندي هئي. هي هڪ ننڍو وارڊ هو، جنهن ۾ ٻن پلنگن، ٻن المارين ۽ هڪ ميز جي گنجائش هئي. پر هن وقت منجهس چار پلنگ پيل هئا. انهن مان هڪ پلنگ تي هڪڙو ڏٻيل ماڻهو پيل هو. هو پيرن کان وٺي مٿي تائين سڄو پٽين ۾ ويڙهيو پيو هو. ائين پئي لڳو، جڙ هو نئون ڄاول ٻار هجي، جيڪو سڄو ڪپڙي ۾ ويڙهيو پيو هجي. هو مان ڪريو، سڏو سنئون پيو هو ۽ پٽين جي آڏ مان پنهنجي خالي خالي ۽ پورين اکين سان ڇت کي گهوري رهيو هو. هڪ ٻئي بستري تي، جيڪو اليڪسيءَ جي ٻنهه پاسي ۾ پيو هو، هڪ ٻيو مريض ليٽيو پيو هو. سندس فوجي چهرو سڄو سريو پيو هو، جنهن تي ماتا جا داڻا ظاهر هئا. سندس مُڇون سنهڙيون ۽ سونهري هيون. هو ڏاڍو گهڻ ڳالهائو ۽ پوڳائي ماڻهو هو.

اسپتال ۾ ماڻهن جي جهٽ پٽ ۾ دوستي ٿيو وڃي. شام ٿيندي ئي اليڪسيءَ کي خبر پئجي ويئي ته ماتا وارو همراهه سائبيريا جو رهاڪو آهي. پئنچاتي فارم جو صدر آهي. شڪاري آهي ۽ فوج ۾ نشانيباز آهي. وڏي ڳالهه ته پنهنجي هر فن ۾ برڪ آهي. هن پنهنجي جنگي عمل جي شروعات يلنا جي ويجهو وارين لڙائين سان ڪئي ۽ پوءِ سائبيريائي ڊويزن ۾ شامل ٿي باقاعده جنگ جي ميدان ۾ آيو. جنهن ڊويزن ۾ سندس ٻه پٽ ۽ هڪڙو نائي ٻه شامل هئا. سندس چوڻ مطابق هو هيستائين ستر دشمنن کي جنم جو رستو ڏيکاري چڪو هو. هو سوويت يونين جو هيرو هو ۽ جڏهن هن اليڪسيءَ کي پنهنجو نالو ٻڌايو ته هن ڏاڍي حيرت سان ان سادي سودي ۽ رلٽي ملٽي چهري کي ڏٺو. ان وقت فوج ۾ سندس نالو ڳائجي رهيو هو ۽ وڏين وڏين اخبارن مٿس ايڊيٽوريل لکيا هئا. اسپتال ۾ هر ماڻهو، نرس، هائوس سرجن ۽ خود واسيلي واسيلي وچ ۾ سيئي هن کي ڏاڍي احترام سان استيپان

ايوانوچ جي نالي سان سڏيندا هئا.

وارڊ جو چوٽون ماڻهو - جيڪو سڄو پٽيون ٽيو پيو هو - سڄو ڏينهن پنهنجي باري ۾ هڪڙو لفظ به ڪونہ ڳالهايائين. سچي ڳالهہ تہ اها آهي تہ سندس وات مان هڪڙو لفظ به ڪونہ نڪتو هو. پر استيپان، جنهن کي دنيا جي هر ڳالهہ جي خبر هئي، آهستي آهستي هن جو سمورو قصو اليڪسيءَ کي ٻڌائي ڇڏيو. سندس نالو گريگوري گووزديف هو. هو ٽئنڪن واري دستي ۾ ليفٽيننٽ هو ۽ هو به سوويت يونين جو هيرو هو. هو اسڪول مان سَند وٺي نڪتو هو ۽ شروع کان ئي جنگ ۾ شامل ٿي ويو. پهريون پيرو هن بريست لينوفسڪ جي ويجهو ڪنهن مورچي تي جنگ ۾ حصو ورتو. بيلوستوڪ جي ويجهو ٽئنڪن جي مشهور جنگ ۾ سندس ٽينڪ ڦاٽي پيئي. هو هڪدم ان مان نڪري هڪ ٻيءَ ٽينڪ ۾ گهڙي ويو، جنهن جو ڪمانڊر مارجي چڪو هو ۽ ٽينڪ ڊويزن جي باقي بچيل حصي کي ميڙي چوندي مينسڪ طرف، پويان هٽندڙ فوج جي حفاظت ڪندو رهيو. بوگ دريا وٽ لڙائيءَ ۾ هو زخمي ٽيو ۽ وٽائنس ٻي ٽينڪ ۾ هلي ويئي. پوءِ هو ٽين ٽينڪ ۾ گهڙي ويو، جنهن جو ڪمانڊر به مارجي ويو هو. هن ڪمپنيءَ جي اڳواڻي پنهنجي هٿ ۾ آندي، پوءِ جڏهن هو دشمن جي مورچي جي ڀڃيان رهجي ويو، تڏهن هن ٽن ٽينڪن جي هڪ گشتي ٽولي ناهي ۽ هڪ مهيني تائين دشمن جي لائين ڀڃيان رهي، دشمن جي آمدورفت کي نقصان پهچائيندو رهيو ۽ انهن تي دهشت ويهاريندو رهيو. موجوده جنگ ۾ هن جنگ جي ميدان ۾ ئي پنهنجي ٽينڪ ۾ تيل ڀريو، بم ۽ بارود گڏ ڪيو ۽ ضروري اوزار گڏ ڪيا.

هو دورو گربوز جي آسپاس جو رهاڪو هو. جڏهن هن ڪمانڊر جي ٽينڪ جي وائرليس تان روس جي اطلاعاتي اداري طرفان اهو اعلان ٻڌو تہ جنگ جو مورچو سندس اباڻي ڳوٺ کي ويجهو وڃي رهيو آهي تہ هو پاڻ تي ضبط نہ ڪري سگهيو ۽ ٽن ٽينڪن کي برباد ڪرڻ کان پوءِ باقي بچيل اٺن ماڻهن سان گڏ ٻيهر فوج ۾ شامل ٿيڻ لاءِ جهنگل ۾ ڪاهي پيو.

جڏهن کان جنگ شروع ٿي آهي، تنهن کان ڪجهہ ڏينهن اڳ،

گريگوري موڪل وٺي پنهنجي ڳوٺ آيو هو. سندس ماءُ، جيڪا ڳوٺ جي اسڪول جي ماسٽرياڻي هئي، سخت بيمار هئي. سندس پيءُ ڪيس تار موڪلي گهرايو هو، جيڪو ڪيتي ٻاڙيءَ جو مشهور ماهر ۽ مزدورن جي نمائندن جي علاقائي سوويت جو ميمبر هو.

گوزديف کي اسڪول جي ويجهو اها جهوپڙي ياد هئي. سندس ماءُ ننڍي قد جي هڪڙي ڪمزور عورت، جيڪا هڪ پراڻي صوفي تي بيوس پئي هوندي هئي. سندس پيءُ، جيڪو ماٽس جي صوفي جي پاسي ۾ بينو ڪنگهي رهيو هو ۽ پنهنجي سفيد ٻُچي ڏاڙهيءَ کي ڪنهي رهيو هو ۽ سندس ڪارن وارن ۽ واريون ٿي سيبتيون پينرون، جيڪي آرڪاٽن ۾ ماٽس جهڙيون هيون. ڪيس ڳوٺ جي ڊاڪٽرياڻي زينا پڻ ياد هئي. هن جون اکيون نيريون هيون. هوءَ ڪيس ڇڏڻ لاءِ گهوڙي گاڏيءَ ۾ چڙهي اسٽيشن تائين آئي هئي ۽ هن چوڪريءَ سان وعدو ڪيو هو ته هو روزانو ڪيس خط لکندو. بيلو روس جي تباه ۽ برباد ٿيل ڳوٺن مان جهنگلي جانور ۽ انگر سرندو گذرندي، شهرن ۽ پڪن رستن کان پاڻ بچائيندي، هن ڏکويل دل سان سوچڻ جي ڪوشش ڪئي ته ڪيس پنهنجي ڳوٺ ۾ الائي ڇا ڪجهه ڏسڻ ۾ ايندو. هن سوچيو پئي ته ڇا سندس ڳوٺ جا ماڻهو اتان نڪري پڃڻ ۾ ڪامياب ٿيا هوندا يا نه؟ جيڪڏهن اهي اتان نڪري نه سگهيا هوندا ته پوءِ سندن ڪهڙو حشر ٿيو هوندو؟

جڏهن هو پنهنجي ڳوٺ پهتو ته اتي جيڪو حال ڏٺائين، سو سندس سوچيل سيني اندیشن کان تمام گهڻو پيانڪ ۽ وحشتناڪ هو. ڪيس نه ته پنهنجو گهر مليو، نه گهر جا پاتي، نه زينا ملي ۽ نه ئي ڪو ڳوٺ جو نالو نشان باقي هو. ڪيس هڪ سڙيل پوڙهي ملي، جيڪا نڇڻ جي انداز ۾ ٽپ ڏيندي ۽ پنهنجي منهن وڦلي، باهه ۾ سڙيل رک جي ڍير تي ويهي هڪ چُلهه ۾ ڪا شيءِ پچائي رهي هئي. ان کان معلوم ٿيو ته جرمن ويجهو اچي رهيا هئا. تڏهن اسڪول جي ماسٽرياڻي ايتري ته بيمار هئي جو زراعت جو ماهر ۽ سندس نياڻيون ڪيس اتان ڪڍي وڃڻ جي همت ڪري نه سگهيون ۽ نه وري هن کي اتي ڇڏي پاڻ ڪيڏانهن وڃي سگهيا. جرمنن کي خبر پئجي ويئي ته مزدورن جي نمائندن جي

علاقائي ڪاميٽي جو هڪ ميمبر پنهنجي ڪتب سان ڳوٺ ۾ رهجي ويو آهي. هنن سمورن ياتين کي جهلي ورتو ۽ انهيءَ رات ئي سيني کي وٺ ۾ لڙڪائي ڦاسي ڏيئي ڇڏيائون ۽ گهر کي ساڙي ڦلهيار ڪري ڇڏيائون. پوڙهيءَ اهو به ٻڌايو ته ڊاڪٽرياڻي زينا جرمن اعليٰ عملدارن وٽ گريگوري جي ڪتب جي سفارش ۽ وڪالت ڪرڻ ويئي هئي، پر جرمن آفيسر مٿس انتهائي ظلم ڪيو ته جيئن هوءَ مجبور ٿي پنهنجو جسم سندس حوالي ڪري ڇڏي. نيٺ چا ٿيو؟ سا ته پوڙهيءَ کي خبر ڪانه هئي، پر ٻئي صبح جو سوير آفيسر جي گهر مان زينا جو لاش ڪڍي نديءَ جي ڪناري تي اڇلايو ويو، جتي اهو ٻن ڏينهن تائين پيو رهيو. پوءِ جرمن سڄي ڳوٺ کي باهه ڏيئي ڇڏي، جو ته ڪنهن جرمن جي تيل جي ٽانڪين کي باهه ڏني هئي، جيڪي پٽنچاتي فارم جي واڙي ۾ رکيل هيون. ان واقعي کي صرف پنج ڏينهن ٿيا هئا.

پوڙهي گووزديف کي سندس سڙي ويل گهر جي رک جي ڏيرن وٽ ونڊي ويئي ۽ کيس اهو وڻ ٻه ڏيکاريو. هي اهو ئي وڻ هو، جنهن جي ڏار ۾ پاڻ ننڍي هوندي رسو ٻڌي لوڏ ناهي لڏندو هو. هينئر اهو وڻ بلڪل سڪو پيو هو ۽ ان جي هڪ ڏار ۾ پنج ڦاسيءَ جا ڦندا لٽڪي رهيا هئا. پوڙهي نڇڻ جي نموني ۾ ٽپ ڏيندي، دل ئي دل ۾ ڪا دعا پڙهندي گريگوري کي نديءَ جي ڪپ تي ونڊي ويئي، جتي زينا جو لاش ٻن ڏينهن تائين پيو هو، جنهن سان پاڻ روزانو خط لکڻ جو وعدو ڪيو هئائين، پر کيس وعدو پاڙڻ جيترو وقت ملي نه سگهيو هو. هو اتي هوا ۾ لڏندڙ ۽ جهومندڙ گاهه ۾ ٿوري دير بيٺو رهيو ۽ سموري وايو منڊل تي هڪ نگاهه وجهي جهنگل طرف وڃڻ لڳو، جتي سندس ساٿي انتظار ڪري رهيا هئا. هن نه ته هڪڙو لفظ ڳالهايو ۽ نه ئي ڪو اکين مان ڳوڙهو ڳاڙيائين. سندس چهري تي ڪهڙي قسم جو تاثر هو؟ تنهن کي بيان ڪرڻ لاءِ لفظ ڪونهن.

جون جي آخر ۾، جڏهن جنرل ڪونيف حملي جي دوران پيش قدمي ڪئي ته گريگوري ۽ سندس ساٿي جرمن لائن ٽپي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. آگسٽ ۾ کيس نئين ٽينڪ "ت 34" ڏني ويئي ۽ سرءُ جي موسم کان اڳ ۾ ئي بٽيلن ۾ هو تمام گهڻو مشهور ٿي ويو. ماڻهو

چوندا هئا "هن همراھ تہ دنگ ڪري ڇڏيو." سندس باري ۾ اھڙيون ڪھاڻيون چيون ۽ لکيون ويندیون هيون، جن تي يقين نٿي آيو، پر هيون سچيون ڪھاڻيون. ھڪ رات هو گشت لاءِ نڪتو ۽ انتھائي ڏڙتائيءَ سان جرمن لائين کي چيريندو اڳيان وڌيو ۽ رستي ۾ سموريون رندڪون خير سان پار ڪيائين. بي خطا توپن جا ڏماڪا ڪندو، دشمنن ۾ ڏھڪاءُ وجھندو هو ھڪ اھڙي شھر ۾ وڃي پھتو، جيڪو اڃ روسي فوج جي گھيري ۾ هو. هو دشمنن جي صفن ۾ افراتفري پيدا ڪندو وڃي پنھنجي فوج سان مليو. ھڪ ٻئي موقعي تي هو جرمن لائين جي پٺيان ھڪ گشتي ٽوليءَ سان گھمندو ڦرندو وڃي رسدگاھ تي حملو ڪيائين.

سرءُ جي موسم ۾ ٽئنڪن جي ھڪڙي ٽوليءَ جي رھنمائي ڪندي رزديف شھر جي ويجھو ھڪڙي قلعي بند ڳوٺ جي فوجي جٽي تي حملو ڪيائين. اُتي دشمن جو هيڊ ڪوارٽر هو. هو اڃا ڳوٺ واري موڙ تي مس پھتو تہ سندس ٽئينڪ ھڪ اھڙي بوتل سان وڃي ٽڪرائي، جنھن ۾ ڪو بارود پيل هو. دونھن جو ڪارو ڪڪر پڙڪي اٿيو ۽ سڄي ٽئينڪ شعلن ۾ وکوڙجي ويئي. پر ٽئينڪ جو عملو پنھنجو ڪم ڪندو رهيو. ٽئينڪ ھڪ وڏي مشعالي وانگر ڳوٺ ۾ ڊوڙندي رهي ۽ ان ۾ موجود سڀ توپون گجندیون رهيون. جرمن سپاھين کي ڳولي ڳولي ماريائون. گريگوري ۽ سندس ساٿين کي اھا خبر ھئي تہ ڪنھن بہ پل تيل جي ٽانڪيءَ يا ٽئينڪ ۾ موجود گولي بارود کي باھ لڳي سگھي ٿي ۽ ٽئينڪ ڇيھون ڇيھون ٿي ويندي. هو دونھين ۾ گھٽجي رهيا ھا ۽ تپندڙ ڳاڙھي لوھ سان سڙي رهيا ھئا. سندن ڪپڙن ۾ بہ باھ لڳي ويئي ھئي، پر پوءِ بہ هو وڙھندا رهيا. تانجو ھڪ ڳرو بم گولو ٽئينڪ جي ھيٺان ڦاٽي پيو ۽ ٽئينڪ اٽلي پئي. هوا جي جھوٽي يا ان سان اڏايل ڏوڙ ۽ برف جي ڪري ڪجھ ائين ٿيو جو باھ وسامي ويئي. گريگوريءَ کي جڏھن ٽئينڪ مان ڪڍيو ويو تہ هو خوفناڪ حد تائين سڙي چڪو هو. هو توپ جي ويجھو توپچيءَ جي لاش جي پاسي ۾ پيو هو، جنھن جي جاءِ ھن والاري ھئي.

ٻن مھينن تائين هيءُ ٽئينڪ ھلائيندڙ موت ۽ زندگيءَ جي وچ ۾

لڙکندو رهيو. چگيلائيءَ جو ذرو به آسرو ڪونہ هو. سندس دل هر شيءِ کان بيزار ٿي چڪي هئي. هن ڳالهائڻ بند ڪري ڇڏيو هو. ڪڏهن ڪڏهن ته هو ڏينهن جا ڏينهن وات مان هڪڙو لفظ به ڪونہ ڪيندو هو.

ڪوڪوشڪن وري هميشہ رڳو ڪاوڙبو ۽ بڪ بڪ ڪندو رهندو هو. سندس خيال هو ته پڳل هڏ ٻڌڻ مهل پٽيون ٺيڪ نموني ۾ ڪونہ ٻڌيون ويون آهن ۽ گهٽو ڇڪيل آهن، جنهن جو نتيجو هي ٿيندو ته هڏ صحيح نموني ۾ ڪونہ ڳنڍيو ۽ وري ٻيهر ڪولٽو پوندو. گووزديف نيم بيهوشيءَ جي حالت ۾ پيو هوندو هو. هو ڪجھ به ڪونہ ڳالهائيندو هو. پر اهو سولائيءَ سان ڏنو ويندو هو ته جڏهن نرس ڪلاوديا ميخائلوونا ويزلين جون لپون پري سندس زخمن کي پريندي هئي، تڏهن هو ڏاڍي اشتياق سان پنهنجي زخمن کي ڏسندو هو يا ڏاڍي غور سان ڊاڪٽرن جا سندس باري ۾ صلاح مشورا ٻڌندو هو.

فقط هڪڙو استيپان ايوانووچ ئي اهڙو ماڻهو هو، جيڪو گُڪو ٿي هلندو هو ۽ پلنگن ۽ ديوارن کي جهلي مسلسل بکندو رهندو هو ۽ ان بم، جنهن کيس زخمي ڪيو هو ۽ اها بيماري، جنهن کيس وکوڙيو هو، کي گهٽ وڌ پيو ڳالهائيندو هو.

ميريسئف پنهنجي جذبات کي لڪائڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪندو هو ۽ ائين محسوس ڪرائيندو هو، جڙ کيس ڊاڪٽرن جي پاڻ ۾ صلاح مشوري سان ڪابہ دلچسپي ڪانهي. پر پوءِ بہ، هر ٻيري جڏهن بجليءَ جي علاج لاءِ پيرن جي ٻُتي کلندي هئي ۽ هو ڏسندو هو ته سندس پيرن جي ڏکوئيندڙ ۽ خوفناڪ سوج آهستي آهستي پر مسلسل مٽجين پاسي وڏي رهي آهي، تڏهن دهشت ۽ خوف کان سندس اکيون ڦاٽل ئي رهجي ويندیون هيون.

هو بيچين ۽ غمگين رهڻ لڳو. ڪنهن مريض ساڻيءَ جو پوڳ چرچو، بستري جي چادر ۾ پيل سر يا وارڊ جي پوڙهي امان جي هٿ مان پهاريءَ جو ڪسڪي وڃڻ بہ کيس جوش ڏيارڻ لاءِ ڪافي هو، جنهن کي هو انتهائي مشڪل سان ضبط ڪندو هو. هي سڄ آهي ته اسپتال جي بهترين ڪاڏي جي وٽندڙ مقدار جلد ئي سندس قوت بحال ڪري ڇڏي هئي ۽ هاڻي پٽين بدلائڻ وقت يا بجلي جي علاج وقت سندس اکڙيل

جسم کي ڏسي شاگرد چوڪرن ۽ چوڪرين کي خوف ۽ هراس کونہ ٿيندو هو. پر پوءِ به سندس جسم جيترو مضبوط ٿيندو پئي ويو تہ سندس پير وري اوترا ئي خراب ٿيندا پئي ويا. سوڄ سندس سڄي پيرن کي گهيري ورتو هو ۽ هاٿي مٿي چڙهڻ لڳي هئي. پير جي چنبي جي حس بنهہ ختم ٿي چڪي هئي. سرجن ان ۾ سئي چُڀائيندو هو ۽ اندر تائين گهيڙائي ڇڏيندو هو تہ به اليڪسيءَ کي خبر ئي کانہ پوندي هئي. سرجن سوڄ کي روڪڻ جو هڪ نئون طريقو استعمال ڪيو، جنهن کي 'ناڪا بندي' پئي سڏيائون، پر پيرن جي پيڙا تمام گهٽو وڌي ويئي. ايڏاءُ بنهہ ناقابل برداشت ٿي ويو. ڏينهن جو اليڪسي وهاٿي ۾ وات هٽيو خاموش پيو هوندو هو ۽ رات جو ڪلاوديا کيس نشي جي سئي (مارفيا) لڳائيندي هئي.

سرجن پنهنجي صلاح مشوري ۾ "ڪٽي ڇڏڻ" جو لفظ گهٽي کان گهٽو استعمال ڪرڻ لڳا. ڪڏهن واسيلي واسيلي وچ اليڪسيءَ جي پلنگ وٽ بيهندو هو ۽ پڇندو هو:

"رڙهڻ واري بهادر نوجوان جو اڄ ڪهڙو خيال آهي؟ اسين ڪاٽي ڇڏيون تہ ڪيئن؟ بس ڪن پل ۾ ڏڪ ئي هڪڙو ۽ معاملو صاف."

اليڪسيءَ جو بدن ساهہ چڙي ويندو هو ۽ هو ڏڪي ويندو هو. ڏند ڪرٽي هو پاڻ کي دانهون ڪرڻ کان روڪيندو هو ۽ رڳو ڪنڌ ڏوٽي ڇڏيندو هو ۽ پروفيسر گرجندو چوندو هو: "ها ها، پلي پيو سور سهو! هي تنهنجو معاملو آهي، ڏسون تہ ان مان توکي گهٽو ٿو فائدو پهچي؟" ۽ هو ڪا نئين دوا لکي ڏيندو هو.

هن جي وڃڻ کان پوءِ دروازو بند ٿي ويندو هو. سندس پيرن جو آواز وراندي مان گم ٿي ويندو هو، پر ميريسئف پنهنجي بستري تي اکيون پوٽيو پيو هوندو هو ۽ سوچيندو هو: "منهنجا پير، منهنجا پير، منهنجا پير....." ڇا هو پيرن کان سواءِ ئي رهجي ويندو؟ ڇا هو پوڙهي ملاح ارڪاشا وانگر ڪاٺ جي گهوڙين تي هلندو؟

هڪڙي ٻي ڳالهہ به سندس تلخ خيالن کي اڃا به وڌيڪ پڙڪايو هو. اسپتال ۾ اچڻ جي پهرئين ڏينهن هن اهي خط پڙهيا هئا، جيڪي

ڪامي شين کان آيا هئا. انهن ۾ هڪڙا خط سندس ماءُ جا هئا، جن ۾ اڌ مضمون ته رڳو ان يقين ڏيارڻ تي هو ته ڳوٺ ۾ سڀ خير آهي. پاڻ، مٽ مائٽ ۽ عزيز قريب سڀ خوش آهن ۽ باقي اڌ مضمون ۾ هدايتون هيون ته سردي ۽ کان پاڻ کي بچائج، مٿو ڍڪج، پيرن کي پسڻ نه ڏج، خطرن کان پاسو ڪج، جرمنن جي مڪاري کان هوشيار رهج وغيره وغيره.

نيري رنگ جي لفافن ۾ هڪ چوڪريءَ جا لکيل خط هئا، جيڪا ڪارخاني جي هنري سکيا واري اسڪول ۾ ساٿس گڏ پڙهندي هئي. ان جو نالو اولگا هو. هينئر هو ڪامي شين جي ڪارخاني ۾ ٽيڪنيشن هئي، جتي پاڻ به ڪجھ وقت ڪم ڪيو هئائين. هوءَ چوڪري سندس ننڍپڻ جي دوست کان ڪجھ وڌيڪ به هئي ۽ سندس خط عام خطن کان مختلف هوندا هئا. اها ڳالھ ڪا تعجب جھڙي ڪانهي ته هن هر خط کي ڪيترا ئي ڀيرا پڙهيو هو ۽ هڪ سادي کان سادي ست کي به ان اميد سان غور سان پڙهي رهيو هو ته شايد منجھس ڪا خوش ڪندڙ معنيٰ لکل هجي، حالانڪ هو پاڻ به چڱيءَ طرح سمجھي نه پئي سگھيو ته هو انهن سٽن ۾ ڇا ڳولي رهيو هو؟

اولگا لکيو هو ته هوءَ ننھن کان وٺي چوٽيءَ تائين ڪم ۾ رُڌل هئي. ايتري قدر جو رات جو به هوءَ گھر ڪانه ويندي هئي ۽ اتي آفيس ۾ ئي سمھي پوندي هئي، ته جيئن اڇ وڇ جو وقت بچي پوي. اھو به لکيو هئائين ته هو هاڻي ان ڪارخاني کي سُجاڻي به ڪونه سگھندو ۽ جيڪڏھن ڪيس اها خبر پئجي وڃي ته هينئر اتي ڇا تيار ٿي رهيو آهي؟ ته ڪَرَ هو خوشيءَ ۾ چريو ٿي پوي. ڪڏھن ڪڏھن، جڏھن ڪيس هڪ ڏينھن جي موڪل ملندي آهي ۽ گھٽو ڪري اها مھيني ۾ فقط هڪ ڀيرو ئي ملندي آهي، تڏھن هو اليڪسيءَ جي ماءُ وٽ ويندي آهي. سندس ماءُ کان حال احوال ۽ خبرچار وٺندي آهي. امان پوڙھي سندس وڏن پٽن جي سرد مھريءَ کان سخت پريشان آهي. مٽس هينئر ڏکيو وقت اچي ڪڙڪيو آهي. سندس صحت به خراب رهڻ لڳي آهي. اليڪسيءَ کي التجا ڪيل هئي ته هو جلد جلد خط لکندو ڪري ۽ ڪيس کان صدمي جھڙي خبر نه ٻڌائي ۽ ڪجھ تفصيل سان ئي خط لکي، ڇو ته هو ئي سندس نيٽن نار، آخري اميد ۽ واحد خوشي جو سبب آهي.

اولگا جو خط وري وري پڙھڻ کان پوءِ اليڪسيءَ ماٽس جي خواب جي ننڍڙي ڳجھارت ڀڃي ورتي هئي. هن محسوس ڪيو ته سندس ماءُ هن لاءِ تڙپي رهي آهي. ڇو ته هو ئي سندس اميدن جو آخري سھارو آهي ۽ هن اهو به محسوس ڪيو ته جيڪڏهن هن پنهنجي ٽنگن جي باري ۾ ڪجھ لڪيو ته اولگا ۽ ماٽس کي ڪيڏو نه زبردست صدمو پهچندو. هن تمام گھڻي دير تائين سوچيو ته هو ڇا ڪري. ڇا نه ڪري؟ نيٺ ڪيس سڄ لکڻ جي همت ڪانه ٿي ۽ هن فيصلو ڪيو ته ڪجھ ڏينهن پيا به سڀ ڪجھ لکائجي. پوءِ هن لکيو ته هو بنھ ٺيڪ ٺاڪ آهي ۽ سندس بدلي هڪ محفوظ علائقي ۾ ٿي آهي. هن ائڈريس جي تبديليءَ جو سبب هي لکيو ته ڪيس مورچي جي پنيان هڪ خاص ڪم تي مامور ڪيو ويو آهي ۽ لڳي ٿو ته ڪيس اتي ڳڇ ڏينهن لڳي ويندا.

۽ هاٽي جڏهن سندس بستري وٽ سرجنن پاڻ ۾ صلاح مشوري دوران 'وڊڻ' جو لفظ وري وري اڇڻ لڳو هو، تڏهن ڪيس خوف جو احساس اڇي وکوڙي ويندو هو ته هو لنگڙو لولو بنجي ڪامي شين ڪيئن وڃي سگھندو؟ هو ڪھڙي ريت اولگا کي پنهنجا ڪاٺ جا پير ڏيکاري سگھندو؟ ان سان سندس ماءُ کي ڪيڏو نه روح ايذائيندڙ صدمو پهچندو، جيڪا لڙائيءَ ۾ پنهنجن ٻين پٽن کي ته قربان ڪري چڪي هئي ۽ هاٽي پنهنجي آخري پٽ جو انتظار ڪري رهي هئي. هو وارڊ جي حسرت پري ۽ اذيت ناڪ خاموشيءَ ۾ پنهنجن خيالن ۾ گم ٿي ويندو هو.

"وڊي ڇڏيندؤ؟ نه! ٻيو جيڪو وڻيو، سو ڪريو پر وڊيو نه! ان کان وڌيڪ بهتر آهي ته مري وڃجي.... الا! ڪيڏو نه خوفناڪ ۽ پيڙا ڏيندڙ لفظ آهي 'وڊڻ' ائين ٿو لڳي جڻ دل ۾ خنجر گھپي ويو هجي- وڊڻ؟ نه هرگز نه! اهو ڪڏهن به ٿي نه سگھندو." اليڪسي سوچيندو هو. هو خواب ۾ به انهيءَ لفظ کي لوهه جي انبوريءَ جي روپ ۾ ڏسندو هو، جيڪا سندس سڄيل ۽ پکڙيل چنبن کي چنڊيندي ڦاڙيندي رهندي هئي.

[3]

هڪ هفتي تائين ته وَارڊ 42 ۾ فقط چار مريض ئي رهيا هئا، پر

هڪ ڏينهن وارڊ جي نرس ڪلاوديا پن ملازمن سان گڏجي ڪٽن کي سيري هڪ وڏيڪ ڪٽ جي جاءِ ڪئي ۽ پنجون مريض وارڊ ۾ داخل ڪيو ويو. جنهن مهل مريض کي اسٽريچر تي کنيو پئي آندو ويو، ان وقت ائين پئي لڳو ته هو بيهوش آهي، پر جيئن ئي وارڊ ۾ اسٽريچر رکيو ويو ته هن اکيون کوليون ۽ ٽوننين پر اٿي تجسس سان نهارڻ لڳو. سيني کي ڏسندي جنهن وقت سندس نگاه استيپان تي پيئي ته کيس اڪ پڳائين، جڏ کيس چوندو هجي ته: "چا ته زندگيءَ جو روپ آهي، ايترو خراب ٻ ته ڪونهي. هون؟" سندس جسم ۾ جي ڏماکي سبب ٿنهه زخمي هو ۽ کيس بيحد ايذاءُ ٿي رهيو هو، پر پوءِ ٻ هو انتهائي ضبط ۽ صبرکان ڪم وٺي رهيو هو. جنهن وقت کيس اسٽريچر تان کڻي پلنگ تي ليٽايو پئي ويو، اوڏي مهل نرس زخمي پير کي هٿ سان ڇهي ڏنو هو ۽ ان مهل اليڪسيءَ جي نگاهه مريضن جي هيڊي چهري ۽ ان تي نڪري آيل پگهر جي ڦڙن تي پيئي ۽ گڏوگڏ کيس ڪرپ ۽ پيڙاهه جي جهلڪ ٻ مريض جي سفيد چپن تي ڏسڻ ۾ آئي، پر مريض جي وات مان رڳو اُف ٻ ڪانه نڪتي. هن صرف ڏند پيٽي ڇڏيا.

بستري تي ليٽڻ سان ئي هن ساٿس آندل ڪتابن ۽ ڪاپين جو ڍڳ ڪٻٽ ۾ سنواري رکيو. هن ڏاڍي خيال سان ڏندن جو ٻورو، برش، تيل، ڏاڙهي ڪوڙڻ جو سامان ۽ صابڻ هيٺين ڪٻٽ ۾ ناهي رکيا. پنهنجي سموري ڪارنامي کي هڪ تنقيدي نظر سان جانچي ڏنو ۽ مطمئن ٿيو. تنهن کان پوءِ هن هڪدم گهر جي ياتين وانگر محبت پريئي هڪ گهري ۽ زوردار آواز ۾ چيو:

"چگو ادا، هاڻي پنهنجي پنهنجي سجاٽپ ٿي وڃي. منهنجو نالو رجمينٽل ڪميسار سيميون ورو بيوف آهي. آءٌ پيڙي سگريٽ ڪونه پيئان. طبيعت جو نرم، مهرباني ڪري مون کي پنهنجي چؤياريءَ ۾ شامل ڪريو."

هن هڪ خاموش دلچسپيءَ واري نگاهه سان پنهنجي وارڊ جي ساٿين کي ڏسڻ شروع ڪيو ۽ ميريسئف جي اکين سان سندس اشتياق پريل، ننڍڙين ننڍڙين سونهري اکين جي تيز ۽ چيندڙ نگاهه ملي ويئي.

"آئون توهان وٽ گهڻو وقت ڪونه رهندس. پين جي باري ۾ ته

چئي نڏو سگھان، باقي مون وٽ ايترو وقت بنھ ڪونھي جو آئون ھتي گھٽن ڏينھن تائين پيو ھجان. منھنجا شھسوار ساڻي منھنجو اوسيئڙو ڪري رھيا آھن. رڳو برف ڳري ۽ رستا سُڪن تہ بس آئون ھليو ويندس. اسين لال فوج جا گھوڙي سوار آھيون..... ڇا سمجھيوَ؟!" سندس گونجدار آواز وارڊ ۾ پُرندو رھيو.

"اسان مان ڪوبہ ھتي تمام گھٽي عرصي لاءِ ترسڻ ڪونہ آيو آھي. جيئن ئي برف ڳرندي، اسين سڀ ھلي چرنداسين..... ٽنگون ٽيڙي، پنجاھہ نمبر وارڊ ۾!" ڪوڪوشڪن چيو ۽ منھن پٽ ڏانھن ڪري ڇڏيائين.

اسپتال ۾ ڪوبہ وارڊ نمبر پنجاھہ ڪونہ ھو. البت مريضن پاڻ ۾ گڏجي اھو نالو مردي خاني تي رکيو ھو. ڪميسار کي ان بابت خبر ھئي يا نہ؟ سا تہ پڪ ڪانھي، البت ھُن ھِن پوءِ ڪ جو خوفناڪ مطلب ھڪدم سمجھي ورتو، پر ھو ڪاوڙيو ڪونہ. ھن ڪوڪوشڪن ڏانھن تعجب سان ڏنو ۽ پڇيو:

"يار، تنھنجي عمر گھٽي آھي؟ اڙي تنھنجي تہ ڏاڙھي بہ اڃي ٽي رھي آھي. ائين پيو لڳي تہ تون وقت کان اڳ پوڙھو ٽي ويو آھين." ■

[4]

نئين مريض ڪميسار جي اچڻ ڪري وارد نمبر 42 جي زندگيءَ جي بنھ ڪايا پلٽ ٽي ويئي ھئي. ھئي ڏينھن تائين ان ٽلھي متاري ۽ سنڌ سنڌ چور زخمي ٽيل ماڻھوءَ سيني سان دوستي رکي ورتي ھئي ۽ جيئن پوءِ اُستيپان چيو ھو تہ "ھن ھر ماڻھوءَ جي دل جي ڪنجي ھٿ ڪري ورتي ھئي."

استيپان سان ھو دل کولي گھوڙن ۽ شڪارن جون ڳالھيون ڪندو ھو. ھئي ڇٽا گھوڙن ۽ شڪار جا شوقين ۽ ماھر ھئا. ميريسئف سان، جيڪو جنگ جي بابت گھٽي ڄاڻ رکندو ھو، موجوده جنگ ۾ ھوائي جھاز، ٽينڪ ۽ گھوڙي سوار فوج جي استعمال متعلق بحث ڪندو ھو. ڪڏھن ڪاوڙجي چوندو ھو تہ اھو نيڪ آھي تہ ھوائي جھاز ۽ ٽينڪ بنھ ڪارائتيون شيون آھن، پر گھوڙو بہ ڪا

بيڪار شيءِ ڪانهي. جيڪڏهن گھوڙي سوارن جي نئين سر تنظيم ٿئي ۽ ٽينڪ ۽ توپ خانو سندس حصي طور ڪم ڪن، ڪيترن ئي ذهين ۽ بهادر نوجوانن جي تربيت ڪئي وڃي ته جيئن هو پنهنجي پراڻي تجربيڪار ڪمانڊرن جو هٿ ونڊائين ته هينئر به گھوڙي سوار فوج اهڙا ڪارناما ڪري ڏيکاري سگھي ٿي جو سڄي دنيا کي ڏندين آڱريون اچي ويندیون. هن مانيٽي ٽينڪ مين سان پڻ ڳالهائڻ جو ڪونه ڪو بهانو ڳولي ورتو هو ۽ وري جيئن ئي ڪميسار ڪوڪوشڪن کي شطرنج کيڏڻ جي آڇ ڪئي ته هو پلٽي پيو. سندس بستري تي شطرنج رکيل هو ۽ ڪميسار پنهنجي ئي بستري تان اکيون پوريو ستي ستي ڪوڪوشڪن کي چال ٻڌائيندو هو ۽ اهڙي طرح هن ڪوڪوشڪن کي زبردست شڪست ڏني ۽ اهڙي طرح سان ڪوڪوشڪن جي دل ۾ سندس احترام وڌي ويو.

وارڊ ۾ ڪميسار جو اچڻ به ماسڪو ۾ بهار جي شروعات جي تازي ۽ پُسيل هوا وانگر هو، جيڪا روزانو صبح جو دري کلڻ مهل وارڊ ۾ داخل ٿيندي هئي ۽ رستي واري پيڙ ۽ گوڙ سان وارڊ جي اندر واري ڏکوئيندڙ خاموشيءَ کي درهم برهم ڪري ڇڏيندي هئي. اهو سمورو جوش ۽ جذبو جاڳائڻ لاءِ ڪميسار کي ڪا خاص محنت ڪانه ڪرڻي پوندي هئي. بس هو ته رڳو زندگيءَ جي تڙپ سان ٽمٽار هو. هن جي نس نس مان زندگي لياڪا پائيندي رهندي هئي. هو درد جي پيڙاهه کي وساري ڇڏيندو هو يا وسارڻ جي ڪوشش ڪندو هو.

هو اخبار ڏاڍي شوق سان پڙهندو هو. اخبار ۾ جنگ متعلق تبصرا ۽ مضمون سندس دلچسپيءَ جو خاص موضوع هئا. هو ماني کائڻ ۽ علاج ڪرائڻ جي وچ ۾ ٻن ڪلاڪن جي وقفن ۾ جرمن ٻولي سکندو هو. وارڊ ۾ ڪنهن کي به ڏاڙهي ڪانه رکيل هئي، پر پوءِ به هو سيني کي 'پريا مڙس' چئي سڏيندو هو.

اليڪسي سڄو ڏينهن پيو ڪميسار جو جائزو وٺندو هو ۽ اهو معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو ته آخر هُن جي اڳاهه زنده دليءَ جو ڪهڙو سبب آهي؟ ان ۾ ڪوبه شڪ ڪونه هو ته هو انتهائي اذيت ۽ پيڙاهه پوڳي رهيو هو. ڪيس نند ايندي ئي سندس ضبط ٽُٽي پوندو هو ۽

هو ڪنجھڻ لڳندو هو، ڦٽڪندو هو ۽ ڏند ڪرٽيندو هو. سندس چهري تي ڪرب جي ڪيفيت نمايان ٿي ويندي هئي. ائين پئي لڳو، جڙ هو ان سڄي حقيقت کان واقف هو ۽ تڏهن ئي هو ڏينهن جو جاڳندو رهندو هو ۽ ڪونہ ڪو تماشو ڇولي ونندو هو. پر جيستائين جاڳندو رهندو هو، تيستائين پُرسڪون ۽ تازو توانو رهندو هو؛ جهڙوڪر ڪيس کا تڪليف ئي ڪانهي. هو ڏاڍي اطمينان سان سرجنن سان ڳالهائيندو هو ۽ جڏهن هو سندس زخمي حصي کي زور ڏيئي معائنو ڪندا هئا تہ هو ساٽن کل پوڳ پيو ڪندو هو. پر هو جنهن نموني ۾ بستري جي چادر پنهنجي مُٺ ۾ پڪوڙيندو هو ۽ جنهن طرح سندس نڪ تي پگهر جا موتي چمڪندا هئا، صرف ان مان ئي اندازو لڳائي سگهجيو ٿي تہ هن کي اذيت برداشت ڪرڻ ۾ ڪيڏي نہ تڪليف پئي ٿئي. هوا باز سمجهي نہ پئي سگهيو تہ آخر هي ماڻهو هيڏو سارو سور سهي ڪيئن ٿي سگهيو ۽ هن ۾ ايتري قوت برداشت، ايتري طاقت، ايتري توانائي، ايتري زنده دلي ڪٿان ٿي اچي؟ اليڪسيءَ کي دوائن جي باوجود بہ سڄي رات نند ڪانہ ايندي هئي، تنهن ڪري سڄي رات هو اکيون کوليو اُن سُٽ کي سلجهائڻ ۾ لڳو پيو هوندو هو ۽ پنهنجي ڪنجهڪار کي روڪڻ لاءِ ڪمبل وات ۾ وجهي چڏيندو هو.

هاڻي سرجن معائني دوران لفظ 'وڍڻ' کي اجا بہ وڌيڪ استعمال ڪرڻ لڳا هئا. هن محسوس ڪيو تہ اهو خطرناڪ ڏينهن ويجهو اچي رهيو آهي ۽ هن فيصلو ڪري چڏيو هو تہ پيرن کان سواءِ جيئڻ جنجال آهي. ■

[5]

۽ پوءِ اهو ڏينهن اچي ئي ويو. هڪ ڏينهن واسيلي واسيلي وچ گهٽي دير تائين اليڪسيءَ جي ڪارن نيرن ۽ بي حس پيرن کي آگرين سان چگيءَ طرح زور ڏئي تپسائيندو رهيو ۽ پوءِ هڪدم چيلهہ سڏي ڪري سڏو اليڪسيءَ جي اکين ۾ نهاري چيائين "وڍڻو ئي پوندو!" ۽ ان کان پهريائين جو هواباز، جيڪو بنهہ هيبو ٿي ويو هو، زبان کولي، پروفيسر بنهہ سختيءَ سان دهرايو "وڍڻو ئي پوندو! بس هڪ لفظ بہ

چوڻ جي ضرورت ڪانهي. ٻڌيئي! نہ تہ تنهنجو خير ڪونهي. منهنجي ڳالھ سمجھين پيو نہ؟"

هو پنهنجي قافلي تي نظر وجھڻ کان سواءِ ئي واريءَ مان نڪري ويو. واريءَ ۾ ھڪ ڏکوئيندڙ مايوسي ڇانئجي ويئي. ميريسئف پنهنجي بي رونق ڇهري سان اکيون ڦاڙيو بستري تي پيو هو. سندس اکين ۾ ڏنڊ گھيريل پوڙھي ملاح جو هيبو ۽ مڪروھ ڇهرو، ڏڙ تري آيو، جيڪو دريا جي ڪناري تي باندر وانگر رڙھي رهيو هو.

"اليڪسي!" ڪميسار ڪيس نرميءَ سان سڏيو.

"ڇا آهي؟" هن ڪيس جھيڻي آواز ۾ جواب ڏنو.

"منهنجا دوست! وڃائٽو ئي پوندو."

انهيءَ لمحي اليڪسيءَ کي محسوس ٿيو تہ پوڙھو ملاح نہ پر هو پاڻ وڃيل پيرن سان گوڏن پر سُري رهيو آهي ۽ سندس پياري، پنهنجي اولگا، دريا جي واريءَ ڪناري تي بيٺي هئي. هن کي تکي رنگ جو فراڪ پاتل هو، جنهن کي هوا لوڏي رهي هئي. هوءَ ٻھڪندڙ، نرم، نازڪ ۽ انتھائي حسين هئي. هوءَ اليڪسيءَ کي غور سان ڏسي ۽ پنهنجا چپ ڪوڙي رهي هئي. ڇا اھو ئي پنهنجو انجام ٿيندو؟ ۽ هو وھاٽي ۾ منهن وجهي، خاموشيءَ سان روئڻ لڳو. سيني ماٹھن تي وحشت طاري ٿي ويئي. استيپان گجندو ۽ ڪنجھندو پنهنجي بستري مان نڪتو ۽ اليڪسيءَ ڏانهن وڌڻ لڳو، پر ڪيس ڪميسار آگر مٿي ڪٽي روڪي ڇڏيو. ڇڻ ڪيس چوندو هجي تہ "من کي تنگ نہ ڪريو ۽ ڪيس دل کولي روئڻ ڏيو."

واقعي ان کان پوءِ اليڪسيءَ جي دل تان گھڻو بار هلڪو ٿي ويو. جلد ئي هو خاموش ۽ مطمئن ٿي ويو ۽ ڪيس اھڙو سکون محسوس ٿيو، جھڙو هر ان شخص کي اھڙو مسئلو طئي ڪرڻ بعد محسوس ٿيندو آهي، جيڪو ڪيس ڪيترن ئي ڏينهن کان وٺي ستائي رهيو هجي. هن شام تائين هڪ لفظ بہ ڪونہ ڳالھايو. شام جو خدمتگار ڪيس آپريشن جي ڪمري ڏانهن ڪٽي وڃڻ لاءِ ونڊ آيا. روشنيءَ سان جرڪندڙ سفيد ڪمري ۾ بہ هن ڪجھ ڪونہ ڳالھايو. جيڏي مھل ڪيس اھو ٻڌايو ويو تہ سندس دل جي حالت اھڙي آهي جو ڪيس بيھوش

ڪرڻ ممڪن ناهي، تنهن ڪري رڳو ٽنگن کي سُن ڪري آپريشن ڪرڻو پوندو ته هن فقط ها ۾ ڪنڌ ڏوٽيو ۽ بس! آپريشن دوران نه ته هن جي وات مان ڪا ڪنجهار نڪتي ۽ نه ئي ڪا دانهن ڪوڪ. واسيلي واسيلي وچ هي سادو آپريشن پاڻ خود ڪري رهيو هو. جڏهن سندس هڏي وڍي ويئي، تڏهن ڪيس بي انتها اذيت پهتي، پر اليڪسي هاڻي سور ۽ سختيون سهڻ جو عادي ٿي ويو هو ۽ هاڻي ته ڪيس اهو به سمجهه ۾ نٿي آيو ته سفيد لباس پاتل نقاب پوش سندس پيرن کي ڇا ڪري رهيا آهن؟ پر جڏهن هن کي واپس وارڊ ۾ پئي آندو ويو ته هو بيهوش ٿي چڪو هو.

جڏهن سندس اک کلي ته سڀ کان پهريائين ڪيس نرس ڪلاوديا ميخائلوونا جو همدرديءَ ۾ريل چهرو نظر آيو. تعجب جي ڳالهه ته ڪيس کان ڳالهه ياد ڪانه هئي. هو سوچڻ لڳو ته آخر هن خوبصورت، نيڪ دل ۽ سنهري وارن واري عورت جي چهري تي غم ۽ پريشانيءَ جا آثار ڇو آهن؟ نرس جڏهن ڏٺو ته هن اکيون کوليون آهن ته سندس چهرو هڪدم پيو ۽ هن ڪمبل اندران ئي هن جو هٿ جهليو ۽ ڪيس ٽڦڪي ڏيڻ لڳي.

"واقعي، توهان ته ڪمال ڪري ڇڏيو." هن چيو ۽ هڪدم هن جي ڪارائي جهلي نبض ڏسڻ لڳي.

"هيءَ ڇا پئي چوي؟" اليڪسيءَ سوچيو. هن پنهنجي ٽنگن ۾ اڳي کان ٿورو مٿيرو سور محسوس ڪيو ۽ اهو ايذاءُ پهرئين ايذاءُ وانگر ڏکندڙ، جلندڙ ۽ ڇڪندڙ ڪونه هو، پر هي درد هڪ جهيڙو درد هو. ائين ٿي لڳو، جڻ سندس گوڏن هيٺان ڪنهن ڇڪي تار ٻڌي ڇڏي آهي. هن محسوس ڪيو ته سندس جسم پهرئين کان ڪجهه ننڍو ٿي ويو آهي ۽ ٻوءِ ڪيس ياد آيو تيز روشنيءَ وارو سفيد ڪمرو، واسيلي واسيلي وچ جو گوڙ گهمسان ۽ ٻيو سڀ ڪجهه.

"ته ڇڪبو ته وڍجي ٻه ويون؟" هن بي ڏيانيءَ سان سوچيو ۽ زوريءَ چپن تي مسڪراهٽ آڻي نرس کي چيو:

"ائين ٿو لڳي جڻ منهنجو قد گهٽجي ويو آهي." هيءَ هڪ تلخ مسڪراهٽ هئي، جڏوڪر هو اهل ڪيي رهيو آهي. نرس تمام

نرميءَ سان سندس وار سنواريا ۽ چيو:

"منھنجا جاني، پرواھ نہ ڪر. ھاڻي بلڪل آرام اچي ويندو."

"ھا چو نہ، ڪجھ سير وزن جو گھٽ ٿي ويو آھي."

"ائين نہ چئو، منھنجا منا ائين نہ چئو. پر تو واقعي ڪمال ڪري ڇڏيو. گھٽا ماڻھو رڙيون ڪندا آھن ۽ ڪيترن کي ته ٻڌڻو پوندو آھي، پر تنھنجي وات مان ته ٻُڑڪ بہ ڪانہ نڪتي. الا، لعنت پري ھن جنگ کيڏا ڪلور ڪيا آھن."

شام جي ڏنڊلڪي ۾ ڪميسار جو ڪاوڙ پريل آواز ٻڌڻ ۾ آيو:

"بس بس! پنھنجو روج ھاڻ بند ڪر نرس! اچي ھڪ خط ڪٽي ڏئينس. ڪي ماڻھو کيڏا نہ خوش نصيب ھوندا آھن. مون کي ته ڏاڍو رشڪ ٿو اچي. سوچ ته سھي پلا ھيڏا سارا خط ھيڪاندا!"

ڪميسار خطن جو يڪو ڍڳ ڪٽي اليڪسيءَ کي ڏنو. ھي خط کيس سندس رجمينٽ مان آيا ھئا. مٿن مختلف تاريخون پيل ھيون، پر ڪنھن سبب سمورا خط ھڪ ئي ڏينھن تي مليا ھئا ۽ ھاڻي اليڪسي پنھنجي وڏيل ٽنگن سان وينو ھڪ ھڪ ڪريو پيار پريا خط پڙھي رھيو ھو. ھو خطن پڙھڻ ۾ ايترو ته محو ٿي ويو ھو جو ھن اھو بہ ڪونہ ڏٺو ته ڪميسار نرس کي اک ڀچي ڏانھنس اشارو ڪري چئي رھيو ھو ته "منھنجي دوا اوھان جي سمورين ننڍ ڏينڊڙ دوائن کان بھتر آھي." اليڪسيءَ کي اھا خبر ڪڏھن بہ ڪانہ پئجي سگھي ته ڪميسار کي ھن تي ايندڙ ڏکين ڏينھن جا پاتيا اڳ ۾ ئي پئجي ويا ھئا، تنھن ڪري ھن ڄاڻي ٻُجھي سندس کي خط رکي ڇڏيا ھئا، ته جيئن سندس محبوب ھوائي اڏي تان آيل پيار پرين خطن جي ڪري سندس ھن بي انتھا صدمي ۾ ڪجھ گھٽتائي ٿئي. ھن کي ھنن ٽکڙ ٽکڙ ۾ لکيل ڪاغذن جي ٽڪرن جي قدر ۽ قيمت جي ڄاڻ ھئي. ھن کي خبر ھئي ته اھي ڪاغذ جا ٽڪرا ڪڏھن ڪڏھن محاذ تي مانيءَ ۽ دوا کان بہ وڌيڪ فائديمند ھوندا آھن.

اندر ئي ديگتيارنيڪو جو خط تمام ڪھرو ھو. بلڪل ائين، جيئن پاڻ خود ھو. ساڳئي لفافي ۾ ھڪ پيو ننڍڙو خط ھو، جنھن جا اکر بنھ سنھڑا ۽ ورن وڪڙن وارا ھئا ۽ سڄو خط عجب جي نشانين سان پريو

پيو هو. لکيل هو:

"ڪامريڊ سينيئر ليفٽيننٽ! هيءَ تمام خراب ڳالھ آهي جو تون پنھنجو واعدو نٿو پاڙئين!! رجمينٽ ۾ گھٽو ڪري تنھنجو ذڪر ٿيندو آهي. آئون ڪوڙ ڪانہ پئي ڳالھايان. هتي وارا دوست رڳو تنھنجو ئي ذڪر ڪندا رهندا آهن. ٿورا ڏينھن اڳ ڪاڏي واري ڪمري ۾ ميز تي رجمينٽ جي ڪمانڊر چيو هو تہ 'اليڪسي بہ خوب ماڻھو آهي!!' توکي تہ خبر آهي تہ هو ان قسم جا لفظ فقط بھترين ماڻھن لاءِ ئي چوندو آهي. هاڻي جلدي موٽي اچ، هتي تنھنجو ڏاڍو انتظار آهي. ڪاڏي جي ڪمري واري پوڙهي ليوليا مون کي چيو تہ آئون توکي لکان تہ هوءَ هاڻي توسان ڪوبہ وڙهندي ۽ مانيءَ مھل توکي پئي وقت جون ٽي پليٽون بہ ڏيندي ۽ پوءِ جي ان سبب سندس نوڪري هلي ويئي تہ پلي وڃي هلي. پر اها تمام خراب ڳالھ آهي جو تون پنھنجو واعدو ڪوبہ ٽو پاڙين. تو ڏين کي خط لکيا آهن، پر مون کي ڪوبہ ٽو لکين. مون کي ان ڪري تمام گھٽو صدمو پھتو آهي ۽ تنھن ڪري ئي آئون توکي جدا خط ڪانہ پئي لکان. تون مھرباني ڪري مون کي خط لک، جدا خط لک ۽ ٻڌاءِ تہ تنھنجا ڪھڙا حال آهن؟ پنھنجي باري ۾ سيڪڇھ لکجانءِ." هن دلچسپ خط جي پڇاڙيءَ ۾ لکيل هو: 'موسمي سرجنٽ'. اليڪسي مسڪرايو، پر سندس اکيون وري بہ لفظن تي ڊوڙڻ لڳيون. "جلد هلي آ، هتي تنھنجو انتظار پيو ٿئي!" انھن لفظن ھيٺان ھڪ ليڪ ڏنل هئي. هو بستري تي ويھي رهيو ۽ ان جاءِ تائين ھٿ ڪڍي ويو، جتي پھرين سندس پير هئا. اوڏي مھل سندس حالت اھڙي ماڻھوءَ رانگر هئي، جيڪو ھٿ پنھنجي ڪيسي ۾ وجھي ٿو، پر ڏسي ٿو تہ تمام قيمتي دستاويز ڪري پيو آهي ۽ سندس ھٿ ڪيسي مان آرپار هليو وڃي.

اليڪسيءَ کي هاڻي وڃي پنھنجي سنگين نقصان جو اندازو ٿيو. هو. هاڻي ڪڏھن بہ پنھنجي رجمينٽ ۾، هوائي فوج ۾ ۽ محاذ تي وڃي ڪوبہ سگھندو. هو هاڻي ڪڏھن بہ هوا ۾ بلند ٿي نہ سگھندو. هاڻي هو پاڻ کي هوائي جنگ ۾ اڇلي وڃي ڪوبہ سگھندو، ڪڏھن بہ نہ! هو هاڻي جڏو هو. هو هاڻي پنھنجي پيشي کان محروم ٿي چڪو

هو. هاڻي هو هڪ ئي جاءِ تي چهٽيو پيو هوندو. هو پنهنجي گهر وارن لاءِ هڪ ٻار ٽي پوندو. زندگيءَ کي سندس ڪابہ ضرورت ڪانہ هوندي ۽ زندگيءَ جي آخرين گهڙين تائين اهو سلسلو ائين پيو هلندو. ■

[6]

آپريشن کان پوءِ ــ جيڪا وڏ ۾ وڏ خراب ڳالهہ اهڙين حالتن ۾ ٿي سگهي ٿي، سا اليڪسيءَ سان بہ ٿي. هن پاڻ کي پنهنجي دل اندر قيد ڪري ڇڏيو. هو نہ تہ شڪايت ڪندو هو، نہ روئندو هو ۽ نہ ئي ڪاوڙبو هو. بس چپ چاپ پيو هوندو هو.

سڄو سڄو ڏينهن هو سنئون ڏڳهو ليٽيو پيو هوندو هو. سندس اکيون ديوار ۾ پيل ور وڪڙن واري ڇوٽ تي ڪتيون پيون هونديون هيون. جڏهن سندس واردِ جا ساڻي ساڻس ڳالهائيندا هئا تہ هو صرف "ها" يا "نہ" ۾ جواب ڏيندو هو. گهڻو ڪري سندس ها يا نہ بہ بي وقتي هوندي هئي. پوءِ هو خاموش ٿي ويندو هو ۽ انهيءَ ڇوٽ کي پيو گهورينڊو هو. هو هڪ چئيڪار جي حيثيت ۾ ڊاڪٽرن جون سڀ ڳالهيون پوريون ڪندو هو. جيڪا دوا ملندي هئس، پيئندو هو. هو بي پرواهيءَ سان بنا شوق ۽ جوش جي کاڌو کائيندو هو ۽ ليٽي پوندو هو.

"او پريا مڙس! چا پيو سوچين؟" ڪميسار سڏ ڪري پڇندو هوس تہ اليڪسي ڏانهس ڪنڌ ورائي ائين ڏسندو هو، جڙ هو ڪيس نہ ڏسندو هجي.

"آئون پچان ٿو تہ چا پيو سوچين؟"

"ڪجهہ بہ نہ."

هڪڙي ڏينهن واسيلي واسيلي وچ واردِ ۾ آيو ۽ پنهنجي مخصوص انداز ۾ پڇيائين:

"ها تہ رڙهڻ وارا نوجوان! زنده سلامت آهين؟ ڪهڙا حال اٿئي؟ تون هڪ هيرو آهين. آئون چوان ٿو تہ تون هڪ هيرو آهين هيرو، تو تہ ٻُڙڪ بہ نہ ڪڍي. هاڻي آئون يقين ڪري سگهان ٿو تہ تون واقعي ارڙهن ڏينهن تائين رڙهي رڙهي جرمنن جي چنبي مان نڪري آيو آهين. مون پنهنجي زندگيءَ ۾ جيترن ماڻهن جا آپريشن ڪيا آهن، تو

اوترا پتاتا بہ ڪونہ ڪاڏا هوندا. پر اجا تائين مون تو جھڙي ماڻھوءَ جو آپريشن ڪونہ ڪيو هو." پروفيسر پنھنجا هٿ مھٽيا، سندس هٿ ڳاڙھا هئا ۽ مٿانئن ڪل پئي لٽي ۽ هن جا ننھن ڳري سڙي رهيا هئا. "تون ٻوٽ بچڑو ڇو پيو ڪرين؟ آئون آهيان سو پيو واڪاڻ ڪريان ۽ هي مڑس وري ٻوٽ بچڑو پيو ڪري. آئون ميڊيڪل ڪور ۾ ليفٽيننٽ جنرل آهيان ۽ تو ڪي حڪم ٿو ڏيان تہ مسڪراءِ!"

ڏاڍي مشڪل سان هن جا چپ پکڑيا، ڇڪ٘اها مرڪ ڪانہ هئي، پر زوريءَ رهڑ ڪي ڇڪيو ويو هجي. هن سوچيو تہ "جيڪڏهن مون کي خبر هجي ها تہ منهنجو هي حشر ٿيندو تہ آئون ارڙهن ڏينهن ڇو پيو رڙهان ها؟ منهنجي پستول ۾ تہ ٽي گوليون اجا هيون."

ڪميسار اخبارن ۾ جنگ متعلق رپورٽون وڏي آواز ۾ پڙهي ٻڌائيندو هو. هڪ ڏينهن هوائي جنگ متعلق هڪ رپورٽ پڙهي ٻڌايائين، جنهن ۾ دشمنن جي 22 جهازن جي پيٽ ۾ اسان جو فقط هڪڙو جهاز تباهہ ٿيو هو. رپورٽ ٻڌي ايڪسيءَ سوچيو: "اهي ماڻھو ڪيڏا نہ خوش نصيب آهن، جيڪي اجا تائين هوا ۾ پرواز ڪن ٿا ۽ وڙهن پيا. پر آئون هاڻي ڪڏهن بہ پرواز ڪري نہ سگهندس." اڳي هُو جنگ متعلق رپورٽن تي بحث ۾ ڪافي دلچسپيءَ سان حصو وٺندو هو، پر هاڻ هو ڳالھ ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري ڇڏيندو هو. جڏهن ڪميسار اخبار پڙهندو هو تہ هو ڪمبل ۾ منهن ويڑهي ڇڏيندو هو تہ جيئن ڪجھ بہ سُٽي ٻُڌي نہ سگهي. اوڏي مهل مئڪسم گورڪيءَ جي "عُقاب جو گيت" جا جاتل سجاتل پول سندس دماغ ۾ ٻُري اُٽندا هئا تہ: "جيڪي سُرڻ لاءِ پيدا ٿيا آهن، سي ڪڏهن بہ اڏامي نہ ٿا سگهن."

ايڪسي رڳو پيو سوچيندو هو تہ "هڪ پيري پاڻ ۽ اوليا والگا نديءَ جي ڪناري تي سير ڪرڻ ويا هئا. موسم ڏاڍي وٽندڙ هئي. دريا ۾ ڳرندڙ برف جا ٽڪر تري رهيا هئا. پاڻ پئي خاموش، ان دلفريب منظر مان لطف وٺي رهيا هئا. هو خواب ڏسي رهيا هئا، مستقبل جا، مسرتن جا. پر ڇا هاڻي اهي خواب ڪڏهن پورا ٿي سگهن ٿا؟ اوليا تہ هاڻ هن کان پاسو ڪري ويندي. پر جيڪڏهن هوءَ منهن نہ بہ ڦيري تہ ڇا آئون اها قرباني قبول ڪري سگهان ٿو؟ ڇا آئون پاڻ ان شوخ، ٻھڪندڙ ۽ نازڪ

چوڪريءَ کي پنھنجي پاسي ۾ ھلڻ جي اجازت ڏيئي سگھان ٿو؟ جڏھن ته آئون پاڻ سندس پاسي ۾ ڪاڻ جي گھوڙين تي پيو پٽڪندو ھجان!" ھو خيالن ۾ سوچن مان جند ڇڏائي نه سگھيو. جڏھن اوليا کي خبر پوندي ته سندس پير وڍجي چڪا آھن، تڏھن ھوءَ چا سوچيندي؟ چا ھوءَ کيس چڏي ڏيندي؟ کيس وساري ڇڏيندي؟ کيس پنھنجي جيون مان ڪڍي اڇلائي ڏيندي؟ ھن جو سارو وجود احتجاج ڪري رھيو ھو. نه نه! ھوءَ اھڙي ڪانھي! ھوءَ کيس ڪاڻ ڏڪاريندي. ھوءَ ھن کان منھن ڪاڻ ڦيريندي، پر اھا ڳالھ ته اڃا به وڌيڪ خراب آھي. ھن تصور ۾ ڏٺو ته اوليا ھن سان، ھڪ جڏي سان پنھنجي ڪشاديءَ دل جي چاھت کان مجبور ٿي شادي ڪئي آھي. ھن اعليٰ ھُنري تعليم جو خواب ھن لاءِ ڪري ختم ڪري ڇڏيو آھي ۽ پنھنجي لاءِ، جڏي مڙس لاءِ ۽ ڪھڙي خبر ته ٻارن لاءِ به، ھن پاڻ کي آفيس جي حوالي ڪري ڇڏيو آھي. چا کيس اھو حق آھي ته ھو ھن قسم جي قرباني قبول ڪري؟ اڃا تائين ھو باقاعده ڪنھن ٻنڌڻ ۾ ٻڌل ڪونه ھئا. ھنن جي رڳو سگاوتي ٽيل ھئي. ھو اڃا زال مڙس ڪونه ھئا. ھو ھُن سان پيار ڪندو ھو ۽ مٺائيس گھور پيو ٽيندو ھو. تنھن ڪري ھن فيصلو ڪيو ته کيس اھڙو ڪوبه حق ڪونھي. ھن کي پاڻ يڪدم ھن سان سمورا ناتا ٽوڙي ڇڏڻ کپن ۽ بس اڪ چنبي ۾ ائين ڪرڻ گھرجي ۽ اھڙي طرح نه صرف کيس ڏاڍي پوائتي مستقبل کان بچڻ کپي، پر موجوده سوچن جي اذيت کان به جند ڇڏائڻ کپي.

پر انھيءَ دوران کيس ھڪڙو خط مليو، جنھن تي ڪامي شين جو ٽپو لڳل ھو. ان خط سندس سمورن فيصلن کي ابتو ڪري ڇڏيو. ھي خط اوليا لکيو ھو ۽ ان جي ست ست ۾ لکل پريشاني ۽ بيقراري پري پئي ھئي، جڏھن کيس ھن بربادیءَ جو اندازو ٿي ويو ھو. ھن لکيو ھو ته ھوءَ ھميشه ساڻس رھندي، پوءِ مٽس چا به ٿي گذري، پر ھوءَ ھن جو ساٿ ڏيندي. ھوءَ فقط ھن لاءِ جيئري ھئي. پل پل اليڪسيءَ جو خيال سندس من ۾ واسيل ھوندو آھي ۽ اھو ئي خيال کيس جنگ جي سختين سھڻ جو حوصلو ۽ ھمت پيدا ڪري ٿو. ھوءَ مل ۾ به ھن جي ئي خاطر سڃي رات جاڳي ڪم ڪندي ھئي. موڪل جي ڏينھن ۾ ۽ واندڪائي مھل

رات جوبہ هوءَ خندقون ۾ ڪڏا ڪوٽيندي هئي. تہ جيئن دشمنن جي ٽينڪن کي روڪي سگھجي. هوءَ اهو ڇو پلا لڪائي تہ سندس خيال جي سھاري اڏ بک اڏ ڏؤ ڪري زندگي گذاري رهي آهي. اُها آخري نندڙي تصوير، جنهن ۾ تون ڪتي سان گڏ وڻ جي نندڙي ٽڙ تي وينو آهين ۾ مسڪرائي رهيو آهين، هر وقت مون وٽ هوندي آهي. مون ان کي امان جي لاڪٽ (تائٽ) ۾ وجهي ڇڏيو آهي ۾ هاڻي ڳچيءَ ۾ پائيندي آهيان. جڏهن، ڪڏهن بہ دل اداس ٿيندي آهي تہ آئون تائٽ کولي تنهنجي تصوير ڏسندي آهيان تہ سڀ ڏک درد ڏور ٿي ويندا آهن..... مون کي يقين آهي، جيستائين اسان هڪٻئي کي پائيندا رهنداسين، تيستائين اسان کي ڪنهن بہ شيءِ کان ڊڄڻ نہ گھرجي. هن اهو بہ لکيو هو تہ ڪجھ ڏينهن کان سندس ماءُ اليڪسيءَ لاءِ ڏاڍي اداس ۾ بدحواس رهڻ لڳي آهي. هن وري التجا ڪئي هئي تہ هو ماٽس کي تکڙو تکڙو خط لکي ۾ کابہ خراب خبر پڌائي پريشان نہ ڪري. ڳوٺان آيل هي خط سندس دل ۾ جذبو پيدا ڪندا هئا ۾ محاذ جون مشڪلاتون ۾ سختيون سھڻ جو حوصلو پيدا ڪندا هئا. پر اڄ پھريون پيرو ڪيس خط پڙهي کابہ خوشي کانہ ٿي. اهي خط پڙهي سندس دل اڃا بہ وڌيڪ اداس ٿي ويندي هئي. هن هڪ اهڙي غلطي ڪئي هئي، جنهن پوءِ ڪيس ڏاڍو ڏک پهچايو. هن پنهنجي گھر وارن کي اهو ڪونہ پڌايو هو تہ ڪو سندس پير ڪٽيا ويا آهن.

بس هن پنهنجي بدنصيبيءَ ۾ غمناڪ اندیشن جو تفصيل سان ذڪر رڳو موسميات استيشن واري چوڪري سان ڪيو هو. هنن جي پاڻ ۾ ايٽري جاڻ سجاڻ بہ کانہ هئي. ڪيس سندس صحيح نالي جي بہ خبر کانہ هئي. هو ڪيس رڳو 'موسمي سرجنٽ' سڏيندو هو. خط لکڻ مھل بہ هُن لفافي تي لکيو هو: فوجي پوسٽ آفيس فلاڻي، موسمياتي استيشن ملي "موسمي سرجنٽ" کي. تنهن ڪري ئي ان کي اهو سڀ پڌائڻ گھر وارن جي نسبت ڪجھ سولو هو. ڪيس خبر هئي تہ محاذ تي خطن جي قدر ۾ قيمت ڪھڙي هوندي آهي. تنهن ڪري ڪيس اميد هئي تہ اويرو يا سويرو پر خط ضرور ان عجيب وغريب ايڊريس تي پهچي ويندو، پر جي ڪٽي خط نہ بہ پهتو تہ بہ ڪا ڳالھ ڪانهي، هن تہ رڳو

پنھنجي جذبن جو اظھار ڪرڻ چاھيو ٿي، سو ھن لکيو ھو.

اليڪسيءَ جا زخم آھستي آھستي ڇُٽي رھيا ھئا، پر پوءِ بہ پاڻ ڳرندو سڙندو پئي ويو. ھر ڪنھن پئي محسوس ڪيو تہ ھو ڪمزور ٿيندو پيو وڃي. ڪوبہ علاج ڪامياب نہ ٿي ويو. ■

[7]

بھار جي موسم اچي چڪي ھئي. بھار جي موسم پنھنجي اچڻ جو اعلان ڪيترن ئي طريقن سان ڪيو ھو. پگھرجندڙ برف جي خوشبوءِ، ننڍڙين جھرڪين جي چرپر، ڏامر جي رستي تان برف جي ڳري وڃڻ ڪري مٽس ھلندڙ قدمن جي آھٽ، وڻن جي ٽارين ۾ نوان پن، ترامن جي ھلڻ جو آواز، ٻاھر ٽين جي چادرن تي وسندڙ مينھن جي ڦڙين جي ٽپ ٽپ ۽ وارڊ نمبر 42 ۾ نرس ڪلاوديا جي زرد چھري تي سرخي پائوڈر جي وڏندڙ استعمال ۽ ٻين طريقن سان بھار پنھنجي پھچڻ جا اھجاڻ چٽا ڪري ڇڏيا ھئا.

"چا ٿو چوين استيپان، اسان ھن وقت جيڪڏھن ڪنھن جھنگل ۾ ھجون ۽ بندوق ھٿ ۾ ھجي تہ ڪيڏو نہ مزو اچي." ڪميسار ڏاڍي جوش‌مان چيو. "پرھہ ڦٽندي ھجي ۽ اسان شڪار جي انتظار ۾ ھجون — چا ان کان بہ وڌيڪ ڪا مزي واري ڳالھہ ٿي سگھي ٿي؟ توکي تہ خبر آھي تہ سونھري سويرو چا ٿيندو آھي، سڳنڌ ۽ سرھاڻ سان واسيل فضا ۽ گڏوگڏ ٽورو ٽورو پارو بہ ھجي ۽ ماڻھو ۾ھنگ ۾ وينو ھجي ۽ پوءِ اوچتو فر فر ڪري پکي اڏامي، پوءِ ٻيو ۽ وري ٽيون....." استيپان گھرو ساھہ کنيو ۽ ڪا شيءِ ڳڙڪائڻ جي ڪوشش ڪيائين، جڏ وات ۾ پاڻي پرجي آيو ھجيس، پر ڪميسار پنھنجيءَ ۾ مست ھو. "پوءِ ٽانڊو ٻارجي، ماڻھو پنھنجو ڪمبل لاھي پري رکي ۽ خوشبودار چانھہ تيار ڪري ۽ پوءِ ھڪڙو ڏُڪ واڌکا (شراب) جو تہ جيئن بدن جو ھنڌ ھنڌ گرم ٿي وڃي، ڪيئن؟ پنھنجي حق حلال جي محنت کان پوءِ....."

"بس بس، ڪامريڊ ڪميسار! ھاڻ گھٽو ٽيو، وڌيڪ اھو ذڪر نہ ڪر." استيپان چيو: "خبر اٿئي تہ ھن وقت اسان جي علاقي ۾ ڪھڑو

شڪار ملي ٿو؟ مڇي جو شڪار! تون اعتبار ڪونہ ڪندين، پر اھو سچ آھي. ڇا تو ان باري ۾ ڪڏھن ڪونہ ٻڌو آھي؟ ڏاڍو مزي اچو ٿو انھيءَ شڪار ۾ ۽ وڏي ڳالھہ تہ ڪجھہ ڏوکڙ بہ ملیو وڃن. جيئن ئي برف پڄي پري ٿي ۽ ندیون پاڻيءَ سان پرجن ٿیون تہ مڇي ڪنارن تي اچيو لڳي ۽ بھار جي موسم ۾ ڪناري تي بيٺل گاھہ ۽ گند ڪچري ۾ ويھيو رھي ۽ اتي ئي آنا لاھي ٿي. ڪنارو وٺيو پيو وچ تہ جڙ توڪي ڪاٽ جون دوڳيون ڏسڻ ۾ ايندیون، پر اھي ڪاٽ جون دوڳيون نہ پر مڇي ھوندي آھي! رڳو بندوق ڪڍ ۽ ڊڳ مڇي جا، ايتريقدر جو ڪٽڻ بہ ڏکيو ٿيو پوي! آئون قسم کڻي ٿو ڳالھہ ڪريان تہ اھو بلڪل صحيح آھي....." ۽ پوءِ شڪارين جي يادگيرين ۽ گپوڑن جو سلسلو شروع ٿي ويندو ھو.

اھڙيءَ طرح ھر روز ڪانہ ڪا نئين ڳالھہ ٿيندي ھئي ۽ ان تي ٽيڪا ٽپڻي بہ ٿيندي ھئي. ڪجھہ ڏينھن ڪان وٺي ھڪڙي حيرت ۾ وجھندڙ تبديلي ٿي ھئي، جنھن کي وارڊ 42 جي ھر ماڻھوءَ محسوس ڪيو ھو. اھا ھيءَ تہ ڪجھہ ڏينھن ڪان ٽينڪ وارو گووزديف ڏاڍو خوش رھڻ لڳو ھو. جڏھن 42 وارڊ جي سيني ماڻھن کي اھا خبر پئي تہ ھو ڏاڍو ڪو رلٽو ملٽو ۽ گھڻ ڳالھائو آھي ۽ ساڻس سنگت نياھڻ ڏاڍي سولي ڳالھہ آھي، تڏھن سيئي ڏاڍا حيران ٿي ويا. پر اھو سمورو ڪمال ڪميسار جو ھو. ڇو تہ استيپان جي چوڻ مطابق تہ ھن کي ھر ماڻھوءَ جي دل جي ڏکندڙ نس جي خبر ھئي ۽ اھو سڀ ڪجھہ ھيئن ٿيو ھو:

نرس ڪلاوديا ھڪ خط ھٿ ۾ جھلي وارڊ اندر داخل ٿي ۽ چيائين تہ "چگو يلا ٻڌايو تہ اڄ ڪير ٿو نچي؟"

ان جو مطلب ھو تہ ٽپال آئي آھي. ھوءَ ھر خط وصول ڪندڙ ماڻھوءَ کي خوشيءَ ۾ نچڻ لاءِ ڪيس بستري تي ٽورو لڏڻ لاءِ مجبور ڪندي ھئي. گھٽو ڪري اھو ناچ ڪميسار کي نچڻو پوندو ھو، ڇو تہ ڪڏھن ڪڏھن تہ ڪيس ھيڪاندا ڏھہ ڏھہ خط ملندا ھئا. پر فقط گووزديف ئي اھڙو ماڻھو ھو، جنھن کي ڪڏھن بہ ڪو خط ڪونہ ايندو ھو. سندس ڪوبہ ڪونہ ھو، جو ڪيس خط لکي. پر ھڪ ڏينھن جڏھن ھوءَ اندر داخل ٿي تہ ڏاڍي خوش ھئي. "چگو يلا ٻڌايو تہ اڄ ڪير

نچندو؟" هن گووزديف جي پلنگ ڏانهن نهاريو ۽ سندس چهري تي مرڪ پکڙجي ويئي. هر ماڻهوءَ محسوس ڪيو تہ ڪا غير معمولي ڳالھ آهي. سڄي وارڊ ۾ اميد ۽ آسري واري ڪشمڪش جھڙو ماحول ٿي ويو. "ليفٽيننٽ گووزديف، اڄ نچڻ جو تنهنجو وارو آهي. وارو ڪر نچي ڏيکار."

ميريسئف ڏنو تہ گووزديف سڄو چرڪي ويو ۽ ھڪدم پاسو ورايائين. سندن اکين ۾ عجيب چمڪ پيدا ٿي ويئي، پر هن ھڪدم پاڻ کي سنياليو ورتو ۽ ڪنبڙ آواز ۾ ۽ انتهائي بي نيازيءَ واري لهجي ۾ چيائين:

"نظر چڪ ٿي آهي، ڪنهن ٻئي وارڊ ۾ ڪو ٻيو گووزديف هوندو." پر ساڳئي وقت سندس اکيون ڏاڍي اشتياق سان انهن تن خطن کي ڏسي رهيون هيون، جيڪي نرس جي هٿ ۾ هئا.

"نہ، ڪا غلطي ڪانہ ٿي آهي." نرس چيو. "پڌ، ليفٽيننٽ گ — م — گووزديف ۽ وارڊ نمبر 42، بس هاڻي چا ٿو چوين؟"

ڪمبل اندران پٽين ۾ ويڙهيل هٿ ڏکندو ٻاهر نڪتو ۽ خط ورتائين. هن خط وات ۾ جهلي ڏندن جي مدد سان لفافو ڦاڙيو. جوش کان سندس اکين مان شعلا نڪري رهيا هئا. حيرت جھڙي ڳالھ هئي جو تن چوڪرين، جيڪي ڊاڪٽريءَ جي ساڳئي سال ۾ پڙهنديون هيون ۽ هڪ ئي يونيورسٽيءَ ۾ هيون، جدا جدا لکت ۽ لفظن ۾ تقريباً ساڳيو مضمون خطن ۾ لکي موڪليو هو. هنن لکيو هو تہ جڏهن کين خبر پئي تہ گووزديف زخمي ٿي ماسڪو اسپتال پهتو آهي، تڏهن ساڻس خط وڪتابت جو فيصلو ڪيو اٿن ۽ اهو بہ جيڪڏهن ڪيس هيءَ هجت بري نہ لڳي تہ هو آئيندہ بہ خط لکندیون رهندیون. انهن مان هڪڙي چوڪري انيوتا لکيو هو تہ هن خط جو جواب ضرور ڏج ۽ ٻڌاءِ تہ ڪهڙا حال آهن؟ ڪيئن پئي زندگي گذري؟ چا هوءَ سندس ڪا خدمت ڪري سگهي ٿي؟ ڪيس ڪنهن ڪتاب جي ضرورت آهي؟ جيڪڏهن ڪيس ڪنهن شيءِ جي ضرورت هجي تہ هو بنا حجاب لکي موڪلي. اهڙي خط ڪتابت شروع ٿي ويئي. پر ڪجھ وقت کان پوءِ ٻن چوڪرين خط لکڻ بند ڪري ڇڏيو. باقي نيڪدل انيوتا اڪيلي خط لکندي

رهي. انهيءَ کان پوءِ گووزديف نہ صرف ڳالهائڻ ٻولهائڻ لڳو هو، پر سندس صحت پڻ سڌرندي رهي هئي ۽ هو ڏاڍو تڪڙو چگو ٻلو ٿي رهيو هو.

ڪوڪوشڪن پنهنجي پٽي کولائي ڇڏي هئي. استيپان ايوانووچ هاٿي ڪنهن سهاري کان سواءِ ئي هلڻ جي مشق ڪري رهيو هو ۽ چگيءَ طرح گهمي ڦري سگهيو ٿي. هاٿي هو سجو ڏينهن دريءَ تي بيهي گذاريندو هو ۽ ڏسندو هو تہ "هيڏي ساري دنيا" ۾ ڇا ٻيو وهي ۽ واپري؟ فقط ڪميسار ۽ ميريسئف جي طبيعت ڏينهون ڏينهن نازڪ ٿيندي پئي وئي. خاص ڪري ڪميسار تہ بنهہ لاچار ٿي پيو هو. هاٿي هو صبح مهل تہ پنهنجي هٿن پيرن کي رڳو چوري ٻہ ڪونہ سگهندو هو. سندس جسم ۾ هڪ خطرناڪ قسم جي هيڊاڻ مائل سوج ۽ آرسيءَ جهڙي چمڪ پيدا ٿي ويئي هئي. هو هاٿي تہ پينسل يا چمچو ٻہ هٿ ۾ جهلي نٿي سگهيو.

صبح مهل اسپتال جي مائي سندس هٿ منهن ڌئاريندي هئي ۽ کارائيندي پياريندي هئي. اها ڳالهہ تہ صاف ظاهر هئي تہ هو پنهنجي درد ۽ ايذاءَ کان نہ، پر پنهنجي بيوسيءَ جي ڪري مايوس ۽ غمگين هو، پر هن همت ڪانہ هاري. سندس آواز ۾ پهرين واري ساڳي تازگي هئي. هو ساڳئي جوش جذبي سان اخبار پڙهندو هو. ايتري قدر جو هن جرمن ٻولي پڙهڻ ٻہ بند ڪانہ ڪئي هئي. پر پڙهڻ وقت هو ڪتاب جهلي ڪونہ ٿي سگهيو. سندس لاءِ استيپان تار مان هڪ رحل ٺاهي هئي ۽ بستري تي رکي ڇڏي هئي. هو بستري تي اچي ويهندو هو ۽ ڪميسار لاءِ اخبار جا صفحا اتلائيندو هو. پر پوءِ ٻہ منجهس ساڳيو جوش، جذبو ۽ تازگي هئي.

ائين پئي لڳو تہ جيئن جيئن سندس جسم ڪمزور ٿيندو پئي ويو، تيئن تيئن سندس روحاني قوت وڌندي پئي ويئي. ڪيس جيڪي بي انداز خط ايندا هئا، تن کي هو ساڳئي دلچسپيءَ سان پڙهندو هو ۽ انهن جا جواب ڏيندو هو ۽ واري واري سان ڪوڪوشڪن ۽ گووزديف کان لکرائيندو هو. هڪ ڏينهن اليڪسي علاج کان پوءِ اوجهري رهيو هو، پر ڪميسار جي گجندڙ آواز کيس ڇرڪائي وڌو. سندس رحل تي

ڊويزنل اخبار رکي هئي. "بچاءُ جي جنگ ۾ ماڻهن جو مٿو ڦري ويو آهي چا؟"

ڪراوتسوف ۽ وري آفيس جو انتظام هلائي؟ سموري فوج ۾ جانورن جو بهترين ڊاڪٽر ۽ وري هلائي آفيس جو انتظام؟ عجيب حالت آهي! گريشيا، هڪدم لک!" هن وڏي آواز ۾ چيو ۽ پوءِ هن جنگي فوجي ڪائونسل جي هڪ ميمبر کي هڪ گرم گرم خط گووزديف کان لکرائي موڪليو. هو اخبار وارن تي ڏاڍو ڪاوڙيل هو. جيتوٽيڪ هو خط بند ڪري ڏهي ۾ وجهڻ لاءِ نرس جي حوالي ۾ ڪري چڪو هو، پر پوءِ ۾ ڪاوڙ ۾ سندس زبان بند ڪانه ٿي ٿي. جڏهن هو وهاڻي تي رڳو ڪنڌ ۾ موڙي نٽي سگهيو، تڏهن سندس واتان اهڙيون ڳالهيون ٻڌي واقعي ڏاڍو تعجب ٿيندو هو.

انهيءَ شام هڪڙي ٻي ۾ ڳالهه ٿي. ان سانتيڪي ساعت ۾، جڏهن اڃا بتيون ڪونه پريون هيون ۽ ڪوٽين جي ڪنڊن ۾ پاڇا گهرا ٿيندا پئي ويا، استيپان ايوانووچ دريءَ وٽ فڪر ۾ گم سم وٻنو دريا جو نظارو ڏسي رهيو هو. ڪجهه عورتون دريا ۾ جميل برف ڪاٽي ڏڳها ٽڪر ناهي پاڻيءَ مان ٻاهر ڪڍي ڪنا ڪري رهيون هيون. برف گاڏين جي يڪي قطار ان طرف وڃي رهي هئي. هڪ پوڙهو، جنهن کي ٽوپلو پاتل هو، انهن برف گاڏين کي اوڏانهن ونڊي وڃي رهيو هو ۽ عورتون برف جون نادين ڪٽي گاڏين ۾ سٽي رهيون هيون.

استيپان جي ڏور رس نگاهن جاڻي ورتو هو ته هي ڪم پڻنچاتي فارم جي ڪا ٽولي ڪري رهي آهي. پر ڪم ڏاڍو بي ترتيبيءَ سان پيو ٿئي. ڪم تي ضرورت کان وڌيڪ ماڻهو لڳل آهن، تنهن ڪري هڪ ٻئي جي ڪم ۾ رڪاوٽ وجهي رهيا آهن. هن جي عملي دماغ ۾ اتي بيٺي بيٺي ان ڪم جو سمورو منصوبو تيار ٿي ويو. هن خيال ئي خيال ۾ انهن ماڻهن کي ٽن ٽولين ۾ ورهائي ڇڏيو ۽ پوءِ هر ٽوليءَ کي جدا جدا ڪم تي لڳايو. هن سمورن لاءِ هڪجهڙي اجرت مقرر ڪانه ڪئي، پر هي شرط لاڳو ڪيو ته جيڪو گروهه جيترين نادين ڇڪي ٻاهر ڪڍي ايندو، ان کي اوتري مزدوري ملندي. ڪيس انهن ۾ هڪڙي گول چهري ۽ ڳاڙهن ڳٽن واري سرگرم عورت نظر آئي ۽ هن ان کي صلاح

ڏني تہ هوءَ تولين ۾ گڏيل مقابلي جو رواج وجهي وغيره..... هو پنهنجي سوچ ۾ ايترو تہ ہڏل هو جو ڪيس اهو ہ نظر ڪونہ آيو جو هڪ گهوڙو گهٽو اڳيان وڌي وڃڻ ڪري گاڏيءَ سوڏو ڪڏ ۾ ڪري پيو. گاڏيءَ جي وزن ڪري گهوڙي جا پويان پير سڪي تي اڙيا پيا هئا، پر دريا جون تيز لهرون گهوڙي کي دريا اندر ڇڪي رهيون هيون. پوڙهو، جنهن جي چيلهہ تي ہڏل ڪهاڙي لڙڪي رهي هئي، رڳو سڪٽو گهوڙا گهوڙا ڪري رهيو هو. هو ڪنهن مهل ڇيٽن کي پيو زور لڳائي تہ ڪيڏي مهل گهوڙي جو لغام پيو ڇڪي، پر پيو مڙيئي ٿيو خير.

استيپان زور سان رڙ ڪري چيو تہ "گهوڙو ہڏي پيو!" ڪميسار انتهائي ڪوشش ڪري ٽوننين پر اُٿي دريءَ مان ٻاهر نهارڻ جي ڪوشش ڪئي. درد ۾ پيڙاهہ کان سندس چهرو رَکَ جهڙو ٻي ستو ٿي ويو. هن ڇاتيءَ جي سهاري دريءَ تي جهڪي ٻاهر نهاريو ۽ چيو "خردماغ! ڇا هو ايترو ہ ڪونہ تو سمجهي؟ رسو، اڙي رسو! رسو وڌي ڇڏ تہ گهوڙو خود بخود ٻاهر نڪري ايندو. پر هي پوڙهو گهوڙو ماري ڇڏيندو." پوءِ استيپان دريءَ تي ڇڙهي تمام وڏي آواز ۾ رڙ ڪري پوڙهي کي چيو تہ: "رسو وڌي ڇڏ." پر پوڙهي ڪونہ ہڏو. هن ٻيهر اڇا ہ وڏي آواز ۾ چيو "او پوڙها، تو وٽ ڪهاڙي آهي، تنهن سان رسو وڌي ڇڏ." پوڙهي رسو وڌيو ۽ گهوڙو آزاد ٿيڻ سان ئي ٻاهر نڪري آيو ۽ ڪتي وانگر سهڪندو بدن ڇنڊڻ لڳو.

"هن جو ڇا مطلب آهي؟" اوڏي مهل هڪ آواز آيو. واسيلي ڪليل گلي سان، اڇو اوچڻ پهريل ۽ اگهاڙي مٿي سان در وٽ بيٺو هو. هو ڪاوڙ مان پير زمين تي هڻڻ لڳو. هو ڪاہ وضاحت ہڏڻ لاءِ تيار ڪونہ هو. هن چيو تہ هي وارڊ پاڳل خانو بنجي چڪو آهي ۽ هو هنن سيني کي هتان ڪيڊي جهنم ڏانهن موڪلي ڇڏيندو ۽ سڀ ڪجهہ معلوم ڪرڻ کان سواءِ تہ ڇا ٿيو آهي؟ هو سهڪندو، سيني کي قوالين ہڏائيندو اتان هليو ويو. چند ئي ساعتن کان پوءِ نرس وارڊ ۾ آئي. سندس اکين مان لڙڪ ڳڙي رهيا هئا ۽ هوءَ ڏاڍي پريشان هئي. هينئر ئي ڪيس واسيليءَ گهٽ وڌ ڳالهايو هو. پر جنهن وقت ڪميسار جو رَکَ جهڙو اجهاميل ۽ بي ستو چهرو ڏٺو تہ هوءَ جهڙپ ڪري وٽس پهتي. شام جو

ڪميسار تمام گھٽو بيمار ٿي ويو. ڪيس ڪافور جي سڳي لڳائي ويڳي ۽ آڪسيجن ڏني ويئي. هو بي سڌ پيو هو. پر جيئن ئي ڪيس هوش آيو تہ هن نرس ڏانهن نهاري مسڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي، جيڪا آڪسيجن جي ٽيلهيءَ سان گڏ مٿس جھڪيل هئي.

"ڪتڪو نہ ڪر، منهنجي پياري نرس! آئون تہ جھنم مان بہ توکي اها شيءِ آڻي ڏيڻ لاءِ موتي ايندس، جنهن سان شيطان پنهنجا موهيڙا ميٽيندا آهن."

هي ڪيڏو نہ دل ڏارينڏڙ منظر هو. ڏينهون ڏينهن هي پاڏي جھڙو مڙس ڳرندو ۽ سڪندو پئي ويو ۽ پنهنجي بيوسيءَ سان خوفناڪ جنگ لڙي رهيو هو. ■

[8]

ميريسئف پڻ ڏينهون ڏينهن ڪمزور ۽ ايرو ٽيندو پئي ويو. ايتري قدر جو هن 'موسمي سرجنٽ' کي هڪ خط ۾ لکي چڏيو هو تہ هو شايد اسپتال مان جيئرو واپس نہ اچي ۽ اهو ئي بهتر آهي. چو تہ ٽنگن کان سواءِ هڪ هواباز ائين آهي، جيئن پکن کان سواءِ پکي، جيڪو جيئرو تہ هوندو ۽ داڻو پاڻي بہ پيو چڳندو، پر اڏامي ڪڏهن بہ ڪونہ سگهندو. هو بنا پکن جي پکي ٽيڻ نڻو چاهي ۽ خراب کان خراب نتيجي ٻوڳڻ لاءِ تيار آهي. ڪاش اها بري پڄاڻي جلد ٿئي. هو پنهنجي دل جو ڏک درد فقط ان چوڪري سان ئي سلي سگهندو هو. پر ڪيس ان قسم جون ڳالهيون لکڻ ساڻس ظلم ڪرڻ جي برابر هو، چو تہ هوءَ ساڻس اقرار ڪري چڪي هئي تہ هوءَ ڪيترن ئي ڏينهن کان منجهس دلچسپي وٺي رهي هئي ۽ جيڪڏهن ڪيس اهو خوفناڪ صدمو نہ پهچي ها تہ هوءَ ڪڏهن بہ ساڻس سچي ڪانہ ڪري ها.

"اڙي هوءَ توسان شادي ڪرڻ چاهي ٿي. ياءَ منهنجا! مردن جي ذاڍي کوٽ آهي. جيڪڏهن ڪنهن کي تمام سٺي پينشن ملي ٿي تہ پوءِ ان ڳالهہ جو ڪنهن کي خيال آهي تہ ڪنهن جون ٽنگون آهن يا نہ؟" ڪوڪوشڪن پنهنجي مختصر راءِ ڏني.

پر اليڪسيءَ کي اهو زرد چهرو ياد آيو، جيڪو سندس چهري

مڙان ان وقت اچي ڪريو هو، جيڏي مهل موت سندس مڙان لامارا ڏيئي رهيو هو ۽ هن کي خبر پئجي ويئي ته ڪوڪوشڪن جو اندازو غلط هو. هن کي اها بہ خبر هئي ته غمناڪ اعتراف پڙهي ڇوڪري ڏاڍي وياڪل ٿيندي. ڪيس 'موسمي سرجنٽ' جو نالو بہ ڪونہ ايندو هو، پر پوءِ بہ هو الائي ڇو ڪيس پنهنجو رازدان ڄاڻندو هو.

ڪميسار کي سيني جي دلين جي ڪنجيءَ جي خبر هئي، پر هو اليڪسيءَ جي دل جي ڪنجي ڳولي نہ سگهيو هو. جنهن ڏينهن هن جو وڏو آپريشن ٿيو هو، تنهن جي ٻئي ڏينهن وارڊ ۾ نڪولائي اوستروفسڪيءَ جي ناول "دار ورسن جي آزمائش" وڏي آواز ۾ پڙهي ٻڌايو ويو. اليڪسيءَ کي احساس هو تہ هي ڪتاب رڳو سندس لاءِ ئي وڏي آواز ۾ پڙهيو پيو وڃي، پر ان ڪهاڻيءَ سندس دل تي ڪوبہ پهو نہ رکيو ۽ جيتوڻيڪ پاويل ڪورچاگن (ناول جو هيرو) سندس نندپڻ جي ٻهادرن مان هڪ هو. پر پاويل هواباز ڪونہ هو. ڇا هن کي خبر هئي تہ 'هوا لاءِ تڙپڻ' جو مطلب ڇا آهي؟ اوستروفسڪيءَ اهو ڪتاب ان وقت ڪونہ لکيو هو، جڏهن ملڪ جا سمورا مرد ۽ تمام گهڻيون عورتون جنگ لڙي رهيون هجن ۽ جڏهن نڪن مان سنگهہ وهندڙ ٻار پڻ بم ناهي رهيا هجن.

مطلب تہ هن پيري ڪتاب رس نہ ڇمايو، تنهن ڪري ڪميسار وري پيون اٽڪلون ڪرڻ لڳو. ڪڏهن ڪڏهن هو ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ جو قصو ٻڌائيندو هو، جنهن جون ٻئي ٽنگون جڏيون ٽي چڪيون هيون، پر پوءِ بہ هو وڏي عهدي تي فائز هو. استيپان سندس علائقي جي ان ڊاڪٽر جو ذڪر ڪيو، جنهن جو صرف هڪڙو هٿ سلامت هو، پر پوءِ بہ اهو ضلعي جو سيني ڪان سنو ڊاڪٽر هو. شهسواري ڪندو هو، شڪار جو وڏو شوقين هو ۽ بندوق جو نشانو اهڙو هوس جو پڇندڙ نوريئڙي جي اک ۾ چٽي گولي هڻڻ هن لاءِ ڪا وڏي ڳالهہ ڪانہ هئي. ان موقعي تي ڪميسار کي هڪ ماڻهو ياد آيو، جيڪو سڄو مفلوج هو ۽ سندس فقط هڪ هٿ صحيح هو. وليمس کي هو ذاتي طرح سڃاڻندو هو ۽ هو زراعتي اداري جو ڊائريڪٽر هو ۽ هو وڏي پيماني تي تحقيقاتي ڪم ڪندو هو.

ميريسئف اهي ڳالهيون ٻڌي رهيو مسڪرايو. ٽنگن کان سواءِ سوچڻ، ڳالهائڻ، لکڻ، حڪم جاري ڪرڻ، ماڻهن جو علاج ڪرڻ ۽ شڪار ڪرڻ ۾ ممڪن آهي. پر هو ته هواباز هو، جائي جم کان وٺي هواباز، نيڊيڊ کان وٺي هواباز! هو ان ڏينهن کان وٺي هواباز هو، جنهن ڏينهن هو ننڍي هوندي چانهين جي آرڊ جي واهيپ ڪري رهيو هو، جتي زمين تي سڪل پنن ۾ والگا علائقي جون مشهور قارين واريون چانهيون لڪيون پيون هيون ـــ ها، ان ڏينهن هن هڪ آواز ٻڌو ۽ پوءِ ڏٺو ته چاندي جي رنگ جهڙو هڪڙو چمڪندڙ پونئرو اڏامي رهيو آهي ۽ سندس پک اُس ۾ چمڪي رهيا هئا. اهو هيناهين ميدان مٿان آهستي آهستي استالن گراڊ ڏانهن وڃي رهيو هو.

انهيءَ گهڙيءَ کان وٺي هواباز بنجڻ جي خواب هڪ پل لاءِ به سندس جند کانه ڇڏي. اسڪول ۾ پڙهائيءَ دوران ۽ ڪارخاني ۾ ڪم ڪرڻ دوران اهو ئي خيال سندس دماغ ۾ گونجندو رهيو.

نوجوان ڪميونسٽ ليگ کيس ڏور اوپر موڪليو ۽ اتي هن تائگا جهنگل جي گهراين ۾ آمور نالي نوجوانن جو شهر ٺاهڻ ۾ هٿ وڏايو. پر هو پنهنجي هوابازيءَ وارو شوق اتي به ڪٽي ويو هو. ان شهر جي اڏاوت ڪندڙن ۾ سندس جهڙا ٻيا به ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون هيون، جن کي هوابازيءَ جو شوق هو. اهو يقين ڪرڻ مشڪل هو ته واقعي انهن پنهنجن هٿن سان ان شهر ۾ هڪ هوائي ڪلب ٺاهي هئي. شام جي وقت جڏهن هي عظيم الشان اڏاوتي منصوبو ڏٺ ۾ وڪوڙجي ويندو هو ۽ اڏاوتي ڪم ڪندڙ پنهنجي پنهنجي بيرڪن ۾ واپس ايندا هئا ۽ دريون بند ڪري، دروازن اڳيان دونهيون ڏکائي مچرن کان بچڻ جو بندوبست ڪندا هئا، ان وقت هوائي ڪلب جا ميمبر اليڪسيءَ جي رهنمائيءَ ۾ ڪهاڙيون، ڪوڙيون، ڪارايون ۽ بارود جون سرنگهون ڪٽي تائگا ٻيلي ۾ نڪري پوندا هئا. هو پنهنجي بدن تي مچرن کان بچڻ لاءِ گاسليٽ مکيندا هئا. هو وڻ وڍي، ڏڻون کوٻا پري زمين سڌي ڪندا هئا ۽ آخر هنن ان گجگاهه ٻيلي ۾ هوائي اڈي لاءِ ميلن جا ميل زمين سڌي ڪري ورتي هئي.

۽ انهيءَ ئي هوائي اڈي مٿان پهريون ڀيري اليڪسي هڪ

تربيتي هوائي جهاز ۾ چڙهي هوا ۾ اڏاميو هو ۽ آخرڪار سندس ننڊپڻ جو خواب نيٺ پورو ٿيو هو. پوءِ هن فوجي هوابازيءَ جي اسڪول ۾ سکيا ورتي ۽ پاڻ استاد بنجي ويو. هو ان ئي اسڪول ۾ هو ته جنگ شروع ٿي ويئي. اسڪول جي انتظاميہ جي مخالفت جي باوجود ب هو پنهنجو ڪم ڇڏي فوج ۾ شامل ٿيو. سندس زندگيءَ جو سمورو آدرش، سندس سموريون دلچسپيون، مسرتون، خواهشون، مستقبل جا سمورا خواب ۽ سموريون ڪاميابيون ۽ ڪامرانيون فقط ۽ فقط هوابازيءَ سان ڳنديل هيون.

۽ پوءِ ب هنن ساٿس وليمس جي ڳالهہ ڪئي هئي. "پر وليمس هواباز ڪونہ هو." اليڪسيءَ ائين چئي منهن پٽ ڏانهن ڪري ڇڏيو.

پر پوءِ ب ڪميسار اليڪسيءَ جي 'منجهيل سُٽ' کي سلجهائڻ ۾ لڳو رهيو. هڪ ڏينهن، جڏهن هو بدستور گم سم پيو هو ته هن ڪميسار جو آواز ٻڌو:

"اليڪسي! اچي وڃ، هي بڑهي ڏس هي تنهنجي باري ۾ آهي."

استيپان ڏانهس هڪ رسالو وڌايو، جنهن ۾ هڪ مضمون هو، جنهن تي پينسل جو نشان لڳل هو. اليڪسيءَ سڄي صفحي تي نظر ڊوڙائي، پر ڪٿي ب ڪيس سندس نالو لکيل ڏسڻ ۾ ڪونہ آيو. هي مضمون پهرين مهاياري لڙائيءَ جي روسي هوابازن متعلق هو. ان صفحي تي هڪ نوجوان آفيسر جو اڻ سڃاتل چهرو ڪيس گهوري رهيو هو.

"پڑهہ، پڑهہ، اهو تنهنجي ئي لاءِ لکيو ويو آهي." ڪميسار چيو.

ميريسئف مضمون پڙهيو. هي مضمون هڪ روسي هواباز ليفٽيننٽ وليريان ڪارپووچ متعلق هو. دشمن جي مورچي تي اڏامندي ڪيس پير ۾ گولي لڳي هئي. هو چڪريل پير سان نہ صرف هوائي جهاز اڏائيندو رهيو، پر ڪاميابيءَ سان هوائي اڈي تي لهي ب ويو. سندس پير وڍيو ويو، پر هو نوجوان فوج مان نڪرڻ لاءِ تيار ڪونہ هو. تنهن ڪري سندس لاءِ هڪ نقلي پير ايجاد ڪيو ويو. هو ڪيترن ڏينهن تائين سخت مشق ڪندو رهيو ۽ جنگ جي ختم ٿيندي ئي هو فوج ۾ واپس موٽي آيو. هن کي هوابازيءَ جي هڪ تربيت اسڪول ۾ انسپيڪٽر

مقرر ڪيو ويو ۽ جيئن مضمون ۾ لکيل هو تہ "هو ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي هوائي جهاز کي اڏائڻ جي جوکم جو ڪم بہ ڪندو آهي." ڪيس انعام ۾ آفيسرن جو "سينٽ جارج ڪراس" مليو هو ۽ هو هڪ هوائي حادثي ۾ فوت ٿيڻ تائين هوائي فوج ۾ خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو.

اليڪسيءَ هڪ پيرو، پيو پيرو ۽ وري ٽيون پيرو بہ مضمون پڙهيو. ايرڙو نوجوان ليفٽيننٽ پنهنجي ٽکل پر پُرعزم چهري سان ڪيس ڏسي رهيو هو. سندس چپن تي هڪڙي ٽکل پر دلير مرڪ پکڙيل هئي. انهيءَ عرصي دوران سمورو وارڊ هڪ عجيب تانگهہ سان اليڪسيءَ کي ڏسندو رهيو. هن پنهنجي آگرين سان پنهنجي وارن کي سنواريو ۽ مضمون تي چوطرف پينسل سان نشان ڪري ڇڏيو.

"تو مضمون پڙهيو؟" ڪميسار معنيٰ خيز نگاهن سان ڪيس ڏسندي چيو. اليڪسي خاموش رهيو، پر سندس نظر اڃا تائين مضمون تي ٽکيل هئي. "ها چا ٿو چوين؟"

"پر هن جو تہ هڪڙو پير وڊيل هو."

"پر تون اشتراکي هواباز آهين."

"هو تہ فارمين جهاز اڏائيندو هو، اهو بہ ڪو جهاز هو. اهو تہ راندیڪو هو. ان کي اڏائڻ آسان هو، ان لاءِ ڪنهن مهارت يا تيز رفتاريءَ جي ضرورت ڪانہ هئي."

"پر تون تہ اشتراکي هواباز آهين." ڪميسار پنهنجي ڳالهہ تي جميو رهيو.

"سوويت هواباز" اليڪسيءَ ساڻئي طرح مضمون تي نظر جمائيندي بيخوديءَ جي انداز ۾ ڌرايو. پوءِ ڪنهن اندروني روشنيءَ سان سندس چهرو ٻهڪي رهيو هو ۽ پوءِ هن جي اکين ۾ جوت وري آئي ۽ هو حيران ۽ مسرت پريءَ نگاهہ سان پنهنجي بيمار ساٿين کي ڏسڻ لڳو.

ان رات هو هڪ پل لاءِ بہ ڪونہ ستو. سمورو وارڊ گهري نند ۾ ستو پيو هو. گووزديف پنهنجي بستري تي پاسا ورائي رهيو هو. استيپان ائين کونگهرا هڻي رهيو هو، جڙ سيٽي وڄائي رهيو هجي. ائين ٿي لڳو

جڏڪ سندس جگر ڦاٽي پوندو ۽ ڪميسار هَرَ هَرَ پئي پاسا بدلايا ۽ سندس پيٽيل ڏندن مان ڪنجھڪار نڪريو ٿي ويئي. ليڪن اليڪسيءَ ڪجھ ڪونہ ٿي ٻڌو. رکي رکي هن وھاٽي هينان رسالو ڪڍي، بتيءَ جي روشنيءَ ۾ ليفٽيننٽ جو مسڪرائيندڙ چھرو ٿي ڏٺو ۽ نيٺ پاٽمرادو چيائين: "ڪم تہ جان جوکي ۾ وجھڻ جھڙو ھو، پر تو ڪري ڏيکاريو ۽ منھنجو ڪم توکان بہ ڏھوٽو خطرناڪ آھي، پر آئون بہ ڪري ڏيکاريندس."

اڌ رات جو اوچتو ڪميسار جي طبيعت وڌيڪ خراب ٿي ويئي. اليڪسيءَ ڏٺو تہ ھو سڄو ھيڏو ٿي ويو ھو ۽ بنھ خاموش سيٽيو پيو ھو. ھن زور زور سان گھنٽي وڄائي. ڪلاوديا اگھاڙي متي سان ڊوڙندي آئي. ڪن پل ۾ ھائوس سرجن پھچي ويو. ڪميسار کي ڪافور جي سئي لڳائي ويئي ۽ آڪسيجن جي ٽيلھي چاڙھي وئي، پر ائين ٿي لڳو تہ ڪابہ تدبير ڪامياب ڪانہ ٿي ويئي. آخرڪار ڪميسار اکيون کوليون ۽ ھن ڪلاوديا کي ڏسي مسڪرائي ڏنو، پر سندس مسڪراھٽ ايتري تہ ھلڪي ھئي، جيڪا ڏسڻ ۾ بہ ڪانہ ٿي آئي. ھن جھيڻي آواز ۾ چيو:

"مون کي افسوس آھي جو توھان مون ڪاڻ خواہ مخواہ ايترا پريشان ٿيا آھيو. آئون ھن پيري بہ جھنم ۾ پھچي نہ سگھيس، تنھن ڪري موھيڙن جي دوا ڪانہ آندي اٿم. ھاڻي تہ توکي موھيڙن سان ناھہ ئي ڪرٽو پوندو. پيو ڪو چارو ڪونھي!"

انھيءَ ڪل پوڳ سان سيني جي منھن تي سرھائي ڊوڙي آئي. ھو جڏ تہ ھڪ شاھہ بلوط جو قداور وڻ ھو، جيڪو ھر طوفان جو مقابلو ڪري سگھيو ٿي. ھائوس سرجن وارڊ مان ھليو ويو. ڪلاوديا کان سواءِ ٻيا سڀ نوڪر چاڪر ھليا ويا. ھوءَ ڪميسار جي ڪٽ جي ايسن تي ويھي رھي. مريض سڀ سمھي پيا، صرف اليڪسيءَ کي نند ڪانہ آئي. ھو رڳو اکيون پوريو پيو ھو. ھو انھن نقلي پيرن جي باري ۾ سوچي رھيو ھو، جيڪي ڏاڪڻ سان ھوائي جھاز جي پيندلن سان ٻڌجي سگھيا ٿي. ڪيس پنھنجي استاد ھواباز جي ڳالھہ ياد آئي. گھرو لڙائيءَ جي زماني ۾ ڪو ھواباز ھو، جنھن جون ٽنگون ننڍيون ھيون. ھن انجڻ جي

پينڊلن ۾ ڪاڪ جا ٽڪرا لڳائي ڇڏيا هئا.

"آئون بہ تو جھڙو ثابت ٿيندس، يار جاني." هو ڪارپووچ کي پڪاريندو رهيو: "آئون اڏامندس، آئون اڏامندس!" اهي لفظ ڏاڍي خوشيءَ مان سندس دماغ ۾ گونجندا رهيا ۽ نند کي تڙي ڪيندا رهيا. هو اکيون بند ڪريو ماڻ منيءَ ۾ پيو هو. ائين پئي لڳو جڏڪ هو گهري نند ۾ مسڪرائي رهيو هجي.

ائين پوندي پوندي هن گفتگو ٻڌي، جيڪا پوءِ ڪيس انتهائي مشڪل موقعن تي ياد ايندي رهندي هئي.

"پر هي سڀ ڪجھ تون ڇو ٿو ڪرين؟ ايڏي ساري عذاب ۽ پيڙاھ ۾ ڪلڻ ۽ ڪل پوڳ ڪرڻ انتهائي خطرناڪ ڪم آهي. جڏهن آئون سوچيان تي تہ تون ڪيڏي نہ اذيت پوڳي رهيو آهين، تڏهن آئون دل جهلي نٿي سگهان. تون هڪ جدا وارڊ ۾ ڇو نٿو وڃڻ چاهين؟"

ائين لڳو پئي تہ هيءَ نيڪدل ۽ خوبصورت ۽ بظاهر جذبات کان خالي نرس ڪلاوديا ڪانہ پئي ڀالهائي، پر هي تہ عورت جو آواز هو ــ هڪ مخلص ۽ شڪي عورت جو! هن جي آواز مان ڏک ۽ شايد ٻيو بہ ڪجھ ٽپڪي رهيو هو. ميريسئف اکيون کولي ڇڏيون. بتيءَ جي روشنيءَ ۾ وهاڻي تي کيس ڪميسار جو زرد ۽ سڄيل چهرو نظر آيو. ان جون مهربان ۽ شعلا ڪيندڙ اکيون نظر آيون ۽ عورت جي نرم ۽ نازڪ چهري جو هڪڙو رخ نظر آيو. ميريسئف پنهنجي نگاھ اتان هٽائي نہ سگهيو، حالانڪ کيس خبر هئي تہ اها ڪا سٹي عادت ڪانهي.

"اڙي، اڙي، هي ڇا! منهنجي پياري نرس! توکي هرگز روئڻ نہ گهرجي، توکي ٿورو برومائيڊ ڏيان؟" ڪميسار جڏ ڪنهن معصوم ٻڇڙيءَ کي پرچائي رهيو هو.

"چگو تون وري مسخري پيو ڪرين. تون ڪيڏو نہ عجيب ماڻهو آهين. سچ پچ تہ هيءَ ڀالھ ڏاڍي عجيب ٿي لڳي تہ هڪ ماڻهو ان مهل ٽهڪ ڏئي، جنهن گهڙيءَ کيس اوچنگارون ڏئي روئڻ گهرجي، ان وقت ڪنهن ٻئي جي دلجوئي ڪرڻ جڏهن پاڻ خود درد ۽ تڪليف کان ٻل ڪائي رهيو هجي. منهنجا پيارا، منهنجا جاني! هاڻي اڳتي ان قسم جي ڪا حرڪت نہ ڪج، ٻڌين پيو منهنجي ڀالھ تہ آئون ڇا پئي چوان؟"

هن ڪنڌ هيٺ ڪري چڏيو ۽ روئڻ لڳي ۽ ڪميسار محبت پري نگاهہ سان سندس لڏندڙ ڪلهن کي ڏسي رهيو هو.

"تمام گهڻي دير ٿي چڪي آهي، منهنجي منڙي! تمام گهڻي دير ٿي چڪي آهي. مون کان پنهنجي ذاتي معاملن ۾ هميشہ دير ٿي ويندي آهي. آئون هميشہ ٻين جي معاملن ۾ سرگرم رهيو آهيان ۽ هاڻي سمجهان ٿو تہ تمام گهڻي دير ٿي چڪي آهي. هاڻي تہ ڪجهہ بہ نٿو ٿي سگهي." ڪميسار ڏڏو ساهہ ڪنيو. نرس ڪنڌ مٿي ڪنيو ۽ لڙکن پريل اکين سان اشتياق سان ڏانهس ڏسڻ لڳي. هن مسڪرايو ۽ ٻيهر ڏڏو ساهہ ڪنيائين. هن پنهنجي خاص پيار پري ۽ ڪجهہ يوڳائي انداز ۾ چيو: "منهنجي عقلمند چوڪري! هڪ ڪهاڻي ٻڌ، جيڪا مون کي هاڻي هاڻي ياد پئي آهي. گهڻن ڏينهن جي ڳالهہ آهي، گهرو لڙائيءَ جو زمانو هو. ترڪستان ۾ هي واقعو پيش آيو هو. ها، انقلاب دشمن ڦورن جو پيڇو ڪندي گهوڙي سوارن جو هڪ جٿو اڳتي وڌندي وڃي ريگستان ۾ ڦاٽو. هڪڙي اهڙي ويران بيابان ۾، جتي هڪ هڪ ٿي گهوڙا ڍهڻ لڳا. ڇو تہ هي روسي گهوڙا هئا ۽ کين واريءَ ۾ هلڻ جي عادت ڪانہ هئي. تنهن ڪري اسان جو گهوڙيسوارن جو جٿو پيادل جٿي ۾ تبديل ٿي ويو. دستي جي اڳواڻ فيصلو ڪيو تہ اسان پنهنجو سمورو سامان چڏي ڏيون ۽ فقط هٿيار کڻي ڪنهن ويجهي شهر ۾ پهچڻ جي ڪوشش ڪريون. ويجهي ۾ ويجهو شهر بہ ست ڪلوميٽر پنڌ تي هو ۽ اسان کي واريائي ميدان ۾ پنڌ ڪرڻو پيو. منهنجي ننڍڙي چوڪري، ڇا تون اهو تصور ڪري سگهين ٿي؟ اسان هڪ ڏينهن هلياسين، ٻئي ڏينهن هلياسين، ٽئين ڏينهن هلياسين. سج مان باهہ جا اُلا پئي نڪتا. اسان وٽ پاڻي ڪونہ هو، اسان جا وات سڪي ويا، چپ ڦاٽڻ لڳا. هوا سان واري پئي اڏاٽي. واري اسان جي پيرن هيٺان سُر سُر ڪري رهي هئي، اسان جي ڏندن ۾ ڪرچ ڪرچ ٿيندي هئي. واري اسان جي اکين ۾ چيندي هئي ۽ اسان جي نڙيءَ ۾ ڦاسندي هئي. آئون چوان ٿو تہ هي هڪ انتهائي خوفناڪ تجربو هو. جيڪڏهن ڪو ٽاپو ڪائي ڪريو ٿي تہ منهن پر واريءَ تي پيو هوندو هو ۽ هزارين ڪوششن سان بہ ڪانئس اٿيو نٿي ٿيو. ياڪوف نالي اسانجو هڪ ڪميسار هو، ڏسڻ ۾ ڏاڍو

نازڪ مزاج ۽ ايري جھڙو دانشور ٿي لڳو. هو تاريخدان هو ۽ هڪ زبردست انقلابي به هو. ائين ٿي لڳو ته هو سيني کان اڳ ڪرندو. پر هو اڳيان وڌندو رهيو ۽ پين سمورن جو حوصلو وڌائيندو رهيو. "بس هاڻي گھڻو پنڌ ڪونهي، اسين اجھو پھتاسين." هو بار بار ڏھرائيندو رهيو ۽ جيڪڏھن ڪو واريءَ تي ليٽي پوندو هو ته هو پنھنجو پستول سندس ڇاتيءَ تي رکي چوندو هوس ته "اٿي هل، نه ته گوليءَ سان اڏائي ڇڏيندوسانءِ." ڇوٽين ڏينھن اسين شھر کان صرف 15 ڪلوميٽر پنڌ تي ھئاسين. پر سپاھين ۾ ھلڻ جي بنھ طاقت ڪانه بچي ھئي. اسين ائين پئي ھلياسين، جڙ نشي ۾ چور ھجون ۽ ٽڙندا ٽاپڙندا پئي وياسين. اوچتو ڪميسار ھڪ گيت ڳائڻ شروع ڪيو. سندس آواز بنھ بي سرو ھو ۽ ھن جيڪو گيت پئي ڳايو، سو به بنھ بيوقوفاڻو ھو. هي ھڪ فوجي گيت ھو، جيڪو پراڻي فوج ۾ ڳايو ويندو ھو. پر اسان سڀ ساٿس گيت ڳائڻ ۾ شامل ٿي وياسين. مون حڪم ڏنو ته صف سڌي ڪريو ۽ سڀ سپاھي قدم ملائي ھلڻ لڳا. توڪي يقين ڪونه ايندو ته اسان لاءِ ھلڻ ڪجھ آسان ٿي پيو ھو.

ان کان پوءِ اسان ٻيو گيت ڳايو، پوءِ ٽيون ۽ اھڙي طرح ڳائيندا رھياسين. ڇا تون اھو تصور ڪري سگھين ٿي؟ آھ، ڪلَ ساڙيندڙ گرمي ۽ اسين پنھنجن سڪل ۽ قاتل چپن سان گيت ڳائيندا رھياسين. اسان کي جيترا گيت آيا ٿي، سي سڀ اسان ڳاتا ۽ آخرڪار اسين شھر پھچي وياسين. اسان جو ھڪڙو ساٿي به بيابان ۾ رھجي ڪونه ويو..... ڇئو تنھنجو ڇا خيال آھي؟"

"ڪميسار جو ڇا ٿيو؟"

"ڪميسار زنده سلامت آھي. چگو ٻلو آھي. آثار قديمه جو پروفيسر آھي. پراڻين آثارن جي کوٽائي ڪرائيندو آھي. هي سڄ آھي ته ان ڏينھن گيت ڳائڻ کان پوءِ سندس آواز تان کيس ھٽ ڏوئٽا پيا. ھاڻي ھو بنھ جھيڻي آواز ۾ ڳالھائي سگھي ٿو. پر ھاڻي کيس آواز جي ضرورت به ڪھڙي آھي؟..... چگو، اڇوڪي رات بس، ڪھاڻيون ختم. ھاڻي وڃ، وڃي سمھي پئو پياري ڇوڪري، آئون ھڪ گھوڙيسوار سپاھيءَ جي حيثيت سان توسان واعدو ڪريان ٿو ته اڄ

رات ٻيهر آئون ڪونہ مرندس."

آخرڪار ميريسئف گهري نند ۾ سمهي پيو ۽ هن خواب ۾ هڪ عجيب و غريب واريءَ جو بيابان ڏٺو. هن زخمي ۽ رت ٽُڪيندڙ وات ڏٺا ۽ انهن رت ٽڪيندڙ قاتل چپن مان گيت ڦٽي پئي نڪتا. هن ڪميسار 'ولودين' کي ٻہ ڏٺو، جو خواب ۾ جلندڙ پئي لڳو.

هو تمام گهڻي دير کان پوءِ اٿيو. ان وقت منجهند ٽي چڪي هئي. هو اٿيو تہ سندس دل خوشيءَ جي احساس سان ڀريل هئي. هن جي نگاهہ رسالي تي پيئي، جيڪو نند ۾ ٻہ سندس هٿ ۾ هو. رسالي جي مڙيل سڙيل صفحي تي هن ليفٽيننٽ ڪارپووچ جي تصوير ڏٺي، جنهن جي چهري تي مرڪ پکڙيل هئي. هن صفحو درست ڪيو ۽ هواباز کي اک ٻڱائين.

ڪميسار هٿ منهن ڌوئي، ڦٽي ڏيئي چڪو هو ۽ مسڪرائي اليڪسيءَ جو جائزو وٺي رهيو هو.

"تو هن کي اک چو ٻڱي؟" ڪميسار خوش ٿيندي پڇيو.

"آئون هوائي جهاز اڏائيندس."

"پر ڪيئن؟ هن جي تہ فقط هڪ ٽنگ غائب هئي ۽ تنهنجيون ٻئي ٽنگون ڪونهن."

"پر آئون تہ اشتراکي انسان آهيان، آئون رڳو روسي ناهيان!"

سندس زبان مان هي لفظ ڪجهہ اهڙي انداز ۾ نڪتا جي اهي هن ڳالهہ جي ضمانت بنجي ويا تہ هو ليفٽيننٽ ڪارپووچ کي ضرور مات ڏيندو ۽ اڏام ڪري ئي ڏيکاريندو.

مانيءَ جو وقت ٽيو تہ سندس لاءِ آندل هر شيءِ کائي چٽ ڪري ڇڏيائين ۽ وڏيڪ ماني گهريائين. هن جي عجيب ڪيفيت هئي. هو ڪنهن وقت کليو ٿي، ڪنهن ٽاٽي سينڊ پئي هنيائين تہ ڪنهن مهل جهونگاريائين ٿي تہ ڪنهن مهل پنهنجو پاڻ سان پئي ڳالهيون ڪيائين. جنهن وقت پروفيسر معائنو ڪرڻ آيو تہ هن مٿس خاص رعايت جو فائدو وٺي کائنس پڇيو تہ جلد چگو ٻلو ٽيڻ جي ڪهڙي ترڪيب آهي؟ پروفيسر پڌايس تہ ڪيس تمام گهڻو ڪائڻ ۽ سمهڻ گهرجي. پوءِ هن منجهند جي ماني ٻہ ٻيڻي کاڌي ۽ ڏيڍ ڪلاڪ تائين

سمھڻ جي کوشش کيائين، پر کيس نند کانہ آئي.

خوشي ماڻھوءَ جو پيٽ پري چڏي ٽي. هن جڏھن پروفيسر تي سوالن جي وٽ وڻان شروع ڪئي هئي، تڏھن هو اھو ڪجھ ڏسي نہ سگھيو هو، جيڪو پين مريضن ڏٺو هو. واسيلي هميشہ وانگر مقرر وقت تي وارڊ ۾ داخل ٿيو هو. ٻيڪ اوڏيءَ مھل، جنھن وقت پاڇو سڄي فرش کي اورانگي ان جاءِ تي پھتو هو، جتان ھڪ سِير نڪتل هئي. پروفيسر بدستور ڏاڍي توجھ سان مريضن کي چڪاسي رهيو هو، پر پوءِ ٻہ هر شخص محسوس ڪيو تہ سندس اکين ۾ جيڪا اداسي هئي، اڳ ڪڏھن بہ نظر کانہ آئي هئي. اڄ اڳي وانگر نہ هن گوڙ ڪيو، نہ کنھن کي ڏڪا ڏنائين. سندس سڄيل اکين جي ڪنڊن وٽ رڳ لڱاتار ڦڙڪي رهي هئي. شام جي معائني مھل هو بنھ پوڙھو ۽ ڪمزور لڳي رهيو هو. هن آهستي آهستي وارڊ جي مائيءَ کي چيئيو تہ هن صافو دروازي تي ڇو رکيو آهي؟ هن ڪميسار جي بخار جو چارٽ کنيو ۽ دوا لکيائين ۽ ماڻ ميٽ ۾ ٻاهر نڪري ويو. سندس پويان اسپتال جو خاموش قافلو پڻ هليو ويو. انھن ماڻھن جي چھرن تي بہ پريشاني ليڪا پائي رهي هئي. پروفيسر چائنٽ سان ٽڪرائجي ڪرندي ڪرندي بچيو. ڪنھن وڏي ڪيس سھارو ڏنو ۽ ڪرڻ کان بچائي ورتو. ان ڍڳهي، ٽلھي متاري ۽ ڳري آواز واري بي پرواھ ماڻھوءَ جو ايترو خاموش ۽ نرم تي وڃڻ ڪجھ عجيب پئي لڳو. وارڊ جا سمورا مريض حيرت پري نگاھ سان سندس پيڇو ڪري رهيا ھئا. انھن سيني کي ھن قداور مڙس ۽ نيڪدل ماڻھو سان محبت تي ويئي هئي ۽ ھن جي انھيءَ تبديليءَ سيني کي بي چين ڪري ڇڏيو هو.

ٻئي ڏينھن صبح جو سيني کي خبر پئجي ويئي تہ واسيلي واسيلي وچ جو اڪيلو پٽ اولھ واري محاذ تي مارجي ويو هو. ان جو نالو بہ واسيلي واسيلي وچ هو ۽ هو بہ ڊاڪٽر هو ۽ وڏو سائنسدان پڻ. هو پنھنجي پيءُ جي عزت ۽ شان هو ۽ سندس اکين جو ٺار هو. معائني جو وقت ٿيو تہ سڄي اسپتال پروفيسر جو انتظار ڪرڻ لڳي. خبر ڪانھي تہ پروفيسر ايندو بہ يا نہ؟ وارڊ 42 ۾ هر شخص سڄ جي انھيءَ ڪرٽي تي نظر ڪپايو ويٺو هو، جيڪو آهستي آهستي فرش تي سري

رهيو هو. آخرڪار پاڇو ان نڪتل سر وٽ پهتو ته سيني هڪ ٻئي ڏانهن نهاريو، جڙ چوندا هجن ته اڄ هو ڪونه ايندو. پر بلڪل اوڏي مهل ورانڊي ۾ ڳرن پيرن جو جاتل سڃاتل ڪڙڪو ٻڌڻ ۾ آيو. پروفيسر ڪلهوڪي مقابلي ۾ اڄ ٽيڪ ته هو، پر پوءِ به سندس اڪيون سڃيل هيون ۽ نڪ ٻ، جيئن عام طرح زڪام ۾ ٽيندو آهي. جيڏي مهل هن ڪميسار جو چارٽ ڪنيو ته سندس هٿ ڏڪي رهيا هئا، پر هو بدستور ڪاروباري ۽ پرجوش ڏسڻ ۾ پئي آيو، توڙي جو سندس بي پرواهي غائب ٿي چڪي هئي.

ائين پئي لڳو ته جڙ مريضن پاڻ ۾ صلاح ڪري چڏي هجي ته اڄ هرڪو مريض پروفيسر کي خوش ڪرڻ جي هرممڪن ڪوشش ڪرڻ ۾ هڪ ٻئي کان گوءِ ڪڍڻ جي جاکوڙ ڪندو. هر ماڻهوءَ ڪيس ٻڌايو ته هو اڄ بهتر پيو محسوس ڪري. بنهه نازڪ مريض به ساڻس ڪاب شڪايت ڪانه ڪئي ۽ چيو ته هو ٺيڪ ٿي رهيو آهي. هر ماڻهوءَ اسپتال جي انتظام جي واکاڻ ڪئي ۽ علاج جي جادوءَ جهڙي اثر جي تعريف ڪئي. هي محبت ۽ دوستيءَ جي هار ۾ پوتل هڪ خاندان هو، جنهن کي هڪ مشترڪ غم پاڻ ۾ گڏي هڪ ڪري چڏيو هو.

واسيليءَ کي وارڊ جو چڪر لڳائيندي حيراني ٿي ته آخر ان صبح جو ڪيس ايتري غيرمعمولي ڪاميابي ڇو حاصل ٿي رهي آهي؟

پر ڇا واقعي ڪيس تعجب ٿيو هو؟ شايد هو انهيءَ خاموش ۽ پيار پري سازش کي سمجهي ويو هو ۽ جيڪڏهن ائين هو ته ان ڳالهه سندس گهري ۽ ناسور جهڙي زخم جو ايذاءُ سهڻ ۾ سندس گهٽي مدد ڪئي. ■

[9]

اوير طرف ڪلندڙ دريءَ مان موتئي جي تاريءَ ليڪا ٿي پاتا، مٺس تازا پن اُپريل هئا ۽ گل ٽڙيا هئا. گلن جي مهڪار هوا جي لهرن سان سڃي وارڊ کي واسي ٿي چڏيو ۽ ٿوري دير لاءِ اسپتال جي مخصوص بوءِ مان جند ڇٽيو ٿي پئي.

استيپان جون هيرايل جهرڪيون ڪافي متاريون ٿي ويون هيون. هو دريءَ تي ايترو ته گوڙ ۽ شور مچائيندیون هيون، جو وارڊ جي

مائيءَ کي مجبوراً ٻھارو کٽي کين ٻڃائڻو پوندو ھو. ماسکو درياءَ مان برف ڳري چڪي ھئي ۽ درياءَ ھاڻي ٻيڙين ۽ جھازن لاءِ کلي چکو ھو. ڪوڪوشڪن جي سيني خراب اڳڪٿين جي باوجود بہ ڪير بہ بھار جي وھکري ۾ "ڪونہ لڙيو....." سواءِ ڪميسار جي باقي سڀيئي مريض تيزيءَ سان چڱا پلا ٿي رھيا ھئا. ھاڻي وارڊ ۾ گھٽو ڪري اسپتال منجھان موڪل ملڻ جي باري ۾ بحث ٿيندا ھئا.

سڀ کان پھريائين استيپان ايوانوچ کي موڪل ملي. وارڊ ۾ ماڻ ماڻوڙو لڳو پيو ھو. اوچتو ڪميسار پاسو ورائي استيپان ڏانھن نھاريو ۽ جھيڻي آواز ۾ چيائين:

"ڳوٺ ۾ ھن وقت چا ھوندو؟ ڏنڊ ڇانيل خاموشي ڳرندڙ برف ھيٺان گھميل جم ۽ زمين، ڪاڦين ۽ دونھي جي بوءِ. وڻاڻ ۾ ڍڳيون پنھنجي پلال وڇايل سيج کي ڳرن سان پيون ڪرڙيندیون ھونديون. ھينئر سندس ڦرجڻ جو زمانو آھي. بھار جو زمانو..... سوچيان پيو تہ عورتون الاجي زمين ۾ پاڻ وجھي سگھنديون يا نہ؟ خبر ناھي تہ ھج ۽ ھر ڪار جي سامان جو ڪھڙو حال آھي؟ تنھنجو چا خيال آھي؟ سڀ ڪجھ ٺيڪ ٺاڪ آھي نہ؟"

"تون واقعي جادوگر آھين ڪامريڊ رجمينٽل ڪميسار، تون ٻين جي دلين جا ڀيد ڄاڻين ٿو..... ھا، بيشڪ ھي عورتون ڏاڍي ڪم واريون آھن، اھو سڄ آھي. پر خدا کي خبر تہ اسان کان سواءِ ھو ڪيئن پيون ڪم ھلائين؟"

وري ماڻ ڇانئجي ويئي. درياءَ ۾ ھلندڙ جھاز جي سيٽي وڳي.

"تون چا ٿو سمجھين، چا ھي جنگ جلد ختم ٿي ويندي؟" استيپان ڪنھن سبب جي ڪري آھستي پڇيو، "چا ھيءَ جنگ مال جي گاھ جي ڪٽائيءَ کان اڳ ختم ٿي ويندي؟"

ڪميسار جواب ڏنس تہ "تون ڇو ٿو پريشان ٿئين؟ تنھنجي عمر جي ماڻھن کي تہ فوج ۾ طلبي ڪانہ ٿي آھي. تون تہ رضاڪار آھين ۽ تون پنھنجي حصي جي جنگ وڙھي چڪو آھين. جيڪڏھن ھاڻي تون درخواست ڏيندين تہ توکي موڪل ملي ويندي ۽ پوءِ تون عورتن جو ڪمانڊر ٿي ويندين. محاذ جي پٺيان بہ عملي ماڻھن جي ضرورت

آهي. آهي نہ ايئن؟ تنهنجو چا خيال آهي؟"

اهو چئي ڪميسار ايتري تہ پاڻهه ۾ قرب مان پوڙهي سپاهيءَ ڏانهن نهاريو جو هو جوش ۾ ولولي سببان دريءَ تان ٽپي هيٺ لهي آيو، "چا چيئي؟ مون کي موڪل ملي ويندي!؟" هن چيو، "آئون بہ اهو سوچي رهيو آهيان. آئون هينئر بہ پنهنجو پاڻ کي چئي رهيو هوس تہ سمجهو تہ آئون ڪميشن کي درخواست ڏيان ٿو تہ پوءِ چا ٿيندو؟ آخر بہ تہ آئون ٽي جنگيون وڙهي چڪو آهيان. سامراجي جنگ، گهرو لڙائي ۽ ڪجهه هن جنگ ۾ بہ. شايد اهو ڪافي آهي. هان؟ تون مون کي ڪهڙي ٿو صلاح ڏئين؟"

"تون پنهنجي درخواست ۾ لِک تہ آئون ان ڪري موڪل ٿو ونان تہ جيئن محاذ ڏانهن عورتن سان گڏجي ڪم ڪريان ۽ اهو بہ لک تہ توهان کي جرمنن کان بچائڻ لاءِ ٻيا بہ ماڻهو موجود آهن." ميريسئف ڪاوڙ ۾ بي قابو ٽي ويو ۽ پنهنجي پلنگ تان رڙ ڪري چيائين:

استيپان هڪ مجرم وانگر ڏانهس ڏٺو. ڪميسار ڪاوڙ ۾ پرون تاڻي چيو تہ "استيپان مون کي خبر نٿي پوي تہ آئون ڪهڙي صلاح ڏيان؟ تون خود پنهنجي دل کان پڇ، تنهنجي سيني ۾ بہ روسي دل آهي، اها توکي اهڙي صلاح ڏيندي، جنهن جي توکي ضرورت آهي."

پر ٻئي ڏينهن استيپان ايوانوچ کي اسپتال مان موڪل ملي ويئي. هو پنهنجي فوجي وردي ۾ وارڊ اندر موڪلائڻ آيو. سندس چاتيءَ تي 'سوويت يونين جو هيرو' جو سونهري ٻلو لڳل هو ۽ گڏوگڏ "لينن آرڈر" ۽ "بهادري جو ٻلو" بہ لڳل هئا. سندس هر هڪ شيءِ مان، بوٽ کان وٺي سندس وٽيل مڇين تائين هر شيءِ مان هڪ جانباز روسي سپاهيءَ جو شان نظر اچي رهيو هو. اهڙي سپاهيءَ جي تصوير پهرئين مهاياري جنگ جي زماني ۾ ڪرسمس جي ڪارڊن تي ڇپي هئي.

"خدا حافظ چوڻ آيو آهيان ڪامريڈ ڪميسار."

"سپ سڻائي، استيوپا، سفر خير سان گذرئي." ڪميسار جواب ڏنو ۽ پنهنجي پيڙاهه کي لڪائي سپاهيءَ ڏانهن پاسو ورايائين. سپاهي گوڏن پر ڊيڄ وينو ۽ ڪميسار جو وڏو متو هٿن ۾ جهلي پراڻي روسي رواج موجب ٽي پيرا هڪ ٻئي کي چميائون.

"جلدي چگو ٻلو ٿي وڃ ڪميسار. خدا توکي صحت سان نوازي ۽ وڏي عمر عطا ڪري. تنهنجي دل سون آهي سون— تون اسان لاءِ ماءُ پيءُ کان بہ وڌيڪ آهين. آئون زندگي ۾ توکي ياد رکندس" سپاهي ڏاڍي جذباتي انداز ۾ چئي ويو.

"هاڻ وڃ، وڃ استيپان! هن کي جذباتي ۽ هيجاني ڪيفيت کان بچاءُ گهرجي." سپاهيءَ کي ٻانهن کان جهلي، چڪيندي نرس ڪلاوديا ميخائلوونا چيو.

"سوويت حور آهين، ها سوويت حور!" استيپان تعظيم سان نرس کي جهڪي سلام ڪيو ۽ انتهائي سنجيده لهجي ۾ چيو.

هاڻي هو جذبات کان بنهہ وهلورجي ويو هو. ڪيس سمجهہ ۾ نہ پيو اچي تہ اڳيان ڇا ڇئي؟ انهيءَ حالت ۾ دروازي ڏانهن وڌڻ لڳو.

"اسان توکي ڪهڙي پتي تي خط لکون؟ ڇا سائبيريا جي ايڊريس تي؟" ڪميسار مسڪرائيندي پڇيو.

"اهو ڇو ٿو پڇين ڪامريڊ؟ توکي تہ چگيءَ طرح خبر آهي تہ محاذ تي وڙهندڙ سپاهيءَ کي ڪهڙي پتي تي خط لکبو آهي؟" استيپان ڪجهہ گهبراهٽ مان جواب ڏنو ۽ هڪ ٻيرو وري سيني کي جهڪي سلام ڪري، در کان ٻاهر نڪري ويو.

هڪڙي عجيب قسم جي سانت ڇانئجي ويئي ۽ سمورو وارڊ خالي خالي محسوس ٿيڻ لڳو. گهڻي دير کان پوءِ سانت جو سمنڊ ٽٽو. هرڪو ساڻي پنهنجي پنهنجي محاذ متعلق ڳالهائڻ لڳو. هاڻي سمورا مريض صحتياب ٿي رهيا هئا، تنهن ڪري هرڪنهن پئي چاهيو تہ جيترو جلد ٿي سگهي، اوترو جلد محاذ تي پهچي وڃي. ڪوڪوشڪن جون پٽيون ڪلي چڪيون هيون ۽ هو هلڻ چلڻ لڳو هو. گريگوري پڻ بسترو ڇڏي چڪو هو. هو هاڻ گهڻو وقت وراندي ۾ لڳل آرسيءَ جي سامهون بيهي پنهنجو منهن ڏسندو رهندو هو. انيوتا سان سندس جيتري دوستي گهري ٿيندي ويئي، اوترو ئي يونيورسٽيءَ جي معاملن جي ڪيس وڌيڪ جاڻ پئي ٿي. جيئن جيئن دوستي وڌندي پئي وئي، تيئن تيئن پنهنجي سڙيل، چڇريل ۽ مسخ چهري کي گهري نظر سان ڏسڻ جي عادت پڻ وڌي ويس. انڌيري ۾ يا ڪمري جي اندر ڇانوَ ۾

تہ سندس چھرو ايترو پيانڪ ڪونہ ٿي لڳو، پر چگو ئي ٿي لڳو. سندس نقش وٽندڙ ھئا. اُيو نِرڙ، ننڍڙو پر ٽورو جھڪيل نڪ، ننڍڙيون ڪاريون مڇون، جيڪي اسپتال ۾ ئي نڪري آيون ھيس، سنڊڙي انب جي ڪار جھڙا تازگيءَ سان پريل ۽ نوجوانيءَ جي منهن رس سان چمڪار، پريل، پرعزم چپ ــ پر روشنيءَ ۾ صاف ٿي نظر آيو تہ سندس چھرو زخمن جي نشانن سان پريل ھو ۽ ان جي چوطرف ڪل ڇڪيل ۽ تاٽيل ھئي. جڏھن ھو گرم پاڻيءَ سان غسل ڪري ايندو ھو تہ جذبات ۾ وھلور ھوندو ھو تہ سندس زخم وڌيڪ ڳاڙھا ٿي پوندا ھئا. اوڏي مھل ھو آئيني ۾ پاڻ کي ڏسندو ھو تہ سندس اکيون لڙڪن سان پرجي ويندیون ھيون. اوڏي مھل سندس ڪٽيل دل تي پھو رکڻ لاءِ اليڪسي ڪيس چوندو ھو:

"تون ٻوٽ ڇو بچڑو ڪري رھيو آھين؟ ڇا توکي فلم جو ھيرو ٽيٽ جو ارادو آھي، ھان؟ جيڪڏھن تو واري ساھيڙي جي محبت سچي آھي تہ پوءِ تنھنجي شڪل سان ڪوبہ فرق ڪونہ پوندو. پر جيڪڏھن ڪو فرق پوي ٿو تہ پوءِ ظاھر آھي تہ ڇوڪري نادان آھي. اھڙي حالت ۾ ڇوڪريءَ کي چئي ڇڏ تہ جھنم ۾ وڃي پوي. جند ڇٽئي تہ لک ٽيو. توکي وري ڪو اصلي ھيرو ملي ويندو."

"اي، سيئي عورتون ھڪ جھڙيون ھونديون آھن." وچ ۾ ڪوڪوشڪن ٽپو ڪاڌو.

"پنھنجي ماءُ جي باري ۾ بہ ڇا تنھنجو ساڳيو خيال آھي؟" ڪميسار پڇيو.

ڪوڪوشڪن تي انھيءَ خاموش سوال جيڪو اثر ڪيو، تنھن کي لفظن ۾ بيان ڪري ئي نٿو سگھجي. ھو ٽپ ڏيئي پنھنجي پلنگ تي اٿي ويٺو. سندس اکين مان شعلا نڪرڻ لڳا ۽ منھن سفيد ڪاغذ جھڙو اڇو ٿي ويس.

"ھاڻي آئين نہ گس تي! تہ توکي خبر پيئي نہ تہ دنيا ۾ تمام ڦليون عورتون بہ ھونديون آھن." ڪميسار صلاح واري انداز ۾ چيو. "تون ھي ڇو ٿو سوچين تہ گريشيا خوش نصيب ثابت ڪونہ ٿيندو؟ زندگيءَ ۾ ائين ئي ٿيندو آھي، ڳولڻ واري کي خدا بہ مليو وڃي."

مطلب تہ سڄي وارڊ ۾ زندگيءَ جي هڪ نئين لهر ڊوڙي ويئي. فقط ڪميسار جي طبيعت روز بروز نازڪ ٿيندي ويئي. هو رڳو ڪافور ۽ مارفيا سُين جي وسيلي ئي زنده هو. استيپان جي وڃڻ کان پوءِ تہ هيڪاري سندس صحت ڪرندي پئي وئي. ميريسئف درخواست ڪئي تہ سندس پلنگ ڪميسار جي پلنگ کي اڳيا ٻہ ويجهو ڪيو وڃي تہ جيئن ضرورت مهل هو سندس ڪا مدد ڪري سگهي. هو روز بروز ڪميسار کي ويجهو ٿيندو پئي ويو.

اليڪسيءَ کي خبر هئي تہ پيرن کان سواءِ جيئڻ جنجال آهي ۽ پين ماڻهن جي پيٽ ۾ سندس زندگيءَ ۾ تہ اڳيا ٻہ وڌيڪ مونجهارا ٿيندا. تنهن ڪري هو خودبخود هڪ اهڙي ماڻهوءَ کي ويجهو ٿيندو پئي ويو، جنهن کي جيئڻ جو ڍنگ آيو ٿي، جيڪو پاڻ معذور هجڻ جي باوجود ٻہ پين کي پاڻ ڏانهن چقمق جيان چڪيندو هو. هاڻي ڪميسار بيهوشيءَ ۽ گهر مان مشڪل سان جند ڇڏائيندو هو. پر جيڏي مهل ٻہ هو مڪمل هوش ۾ هوندو هو تہ هميشہ وانگر بنهہ تازو توانو پيو لڳندو هو.

هڪ پيري جڏهن رات ڏري چڪي هئي ۽ اسپتال جو سمورو گوڙ گهمسان ڏهجي چڪو هو ۽ جڏهن ان سانت کي فقط ڪونگهرا، ڪنجهڪارون ۽ سرسام ۾ وڪلندڙ مريضن جون ابتيون سبتيون ڳالهيون ٽوڙي رهيون هيون، تڏهن وراندي ۾ ساڳي جاتل سجاتل ڳرن قدمن جي آهٽ پڌڻ ۾ آئي. دروازي ۾ لڳل آرسيءَ ۾ ميريسئف وراندي جي هلڪي روشني ۾ واسيلي جو پاڇو ڏٺو. هو پٽيان چيلهہ تي هٿ رکيو آهستي آهستي هلي رهيو هو. آخري ڇيڙي تي ويٺل نرس، جنهن سوئيٽر پئي اُٽيو، ٽپ ڏيئي اٿي بيٺي. پر هن هٿ جي اشاري سان کيس هڪ طرف هٽي وڃڻ جو چيو. سندس سفيد ڪوٽ جا بٽڻ کليل هئا. سندس متو اگهاڙو هو. سندس سفيد گهاٽن وارن جون ڇڳون لڙڪي پروئن مٿان پڳجي رهيون هيون.

"واسيا پيو اچي." ميريسئف آهستي آهستي ڪميسار کي ٻڌايو، جنهن کيس نقلي پيرن جي ڪا خاص بناوٽ پئي سمجهائي.

واسيلي وچ بيهي رهيو، جڏهن سندس سامهون ڪا رندڪ اچي

ويئي هجي. هن ٻڌ ٻڌ ڪئي ۽ پنهنجو پاڻ کي پت کان الڳ ڪري وارڊ 42 ۾ گھڙي آيو. ڪمري جي وچ تي بيھي ڏاڙھي کنھڻ لڳو، جڏھن کان شيءِ ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو ھجي. سندس وات مان شراب جي بوءِ اچي رھي ھئي.

"اچو ويھو واسيلي وچ. اچو تہ پاڻ شام جي محفل مچايون." ڪميسار چيو.

پروفيسر پنھنجا پير گھليندو پلنگ وٽ پھتو ۽ پاڻ کي پلنگ جي ڪناري تي ايترو تہ زور سان چڏيائين جو پلنگ جي اسپرنگن مان چيڪٽ نڪري ويا. ھو پنھنجا لوڙا مھٽڻ لڳو. اڳي ھو دوري محل ڪميسار جي پلنگ وٽ بيھي جنگ جي رفتار متعلق گفتگو ڪندو ھو، جنھن مان اھو صاف ظاھر ھو تہ ھو ڪميسار کي پين مريضن کان الڳ حيثيت ڏيندو ھو. تنھن ڪري پوئين رات ھن جو اچڻ کا نئين ڳالھ ڪانہ ھئي. پر ميريسئف کي ائين لڳو، جڏھو ھئي کا ڳالھ ڪرڻ چاھيندا ھجن، جيڪا ڪو ٽيون نہ ٻڌي. تنھن ڪري ھن اکيون بند ڪري چڏيون، جڏ تہ ستو پيو آھي.

"اڄ 29 اپريل آھي، ھن جو جنم ڏينھن. ھو اڄ 36 سالن جو ٿيو، نہ نہ، ھُجي ھا!" پروفيسر جھيڻي آواز ۾ چيو.

ڏاڍي مشڪل سان ڪميسار پنھنجو سُڄيل ھٿ ڪمبل مان ٻاھر ڪڍيو ۽ واسيلي واسيلي وچ جي ھٿ مٿان رکيو. اوڏي محل ھڪڙي ناقابل يقين ڳالھ ٿي. پروفيسر جي اکين مان لڙڪن جون لارون وھڻ لڳيون. ھيڏي ساري ڏئيت مڙس کي ائين اوچنگارون ڏيئي روئيندو ڏسڻ ڏاڍو درد انگيز مرحلو ھو. اليڪسيءَ بنا ارادي جي پنھنجا ڪلھا چنڊيا ۽ مٿر ڪمبل ۾ لڪائي چڏيو.

"محاذ تي وڃڻ کان اڳ ھو مون وٽ آيو ھو." پروفيسر ڳالھائڻ شروع ڪيو: "ھن چيو تہ آئون عوامي رضاڪارن ۾ شامل ٿي ويو آھيان. ھن مون کان پڇيو تہ ڪيس سونپيل ڪم ڪنھن جي حوالي ڪري. ھو ھتي مون سان گڏ ڪم ڪندو ھو. مون کي ايتري تہ حيرت ٿي جو مون کان رڙ نڪري ويئي. آئون سمجھي نہ سگھيس تہ ھڪڙو ماڻھو، جيڪو ڊاڪٽريءَ جو اميدوار ھجي ۽ ھڪ بھترين سائنسدان

ٽيڙ جون منجھس صلاحيتون هجن، سو رائيفل ڪيئن ٽي ڪٽي سگھيو؟ پر هن سوچيو ـــ مون کي سندس هر هڪ لفظ چٽي طرح ياد آهي ـــ "بابا، اهڙو بہ وقت اچي ٿو، جڏهن ڊاڪٽريءَ جي اميدوار لاءِ بہ رائفل ڪٽڻ لازمي ٽيو پوي ٽي." ها، هن مون کي ائين چيو هو ۽ پيهر مون کان پڇيو هئائين: "منهنجي جاءِ تي ڪير ايندو؟" منهنجي لاءِ ڪيس روڪڻ تہ ڪو مسئلو ئي ڪونہ هو، رڳو ٽيليفون ڪڙڪائڻ جي ضرورت هئي. پر مون ائين نہ ڪيو. هو هڪ فوجي اسپتال جي هڪ شعبي جو ذميوار هو، ڪيئن منهنجي ڳالھ سمجھين پيو نہ؟"

واسيلي واسيلي وچ بيهي رهيو. هو وڏا وڏا گھرا ساھ ڪٽي رهيو هو، جڙ ڪونگھرا هٽندو هجي. هن وري ڳالھايو:

"پيارا دوست، ائين نہ ڪر. پنهنجو هٿ اندر ڪري ڇڏ. مون کي خبر آهي تہ تنهنجي لاءِ چرڙ پرڙ بہ ڪيڏي تڪليف جو باعث ٽي سگھي ٿو. ها، مون سڄي رات ويٺي سوچيو تہ ڇا ڪريان؟ خبر اٿئي تہ آئون هڪ ٻئي ماڻھوءَ کي بہ سڃاڻندو هوس. تون سمجھين ٿو منهنجي ڳالھ؟ هن جو بہ هڪڙو پٽ هو. هو هڪ آفيسر هو ۽ جنگ شروع ٽيڙ وقت ئي مارجي ويو هو. پوءِ خبر اٿئي تہ پٽس ڇا ڪيو؟ هن پنهنجي ٻئي پٽ کي بہ جنگ تي روانو ڪري ڇڏيو. سندس ٻيو پٽ وري جنگي هوائي جهاز جو هواباز هو. جنگ جو سپ کان وڏيڪ خطرناڪ شعبو.....! مون کي اوڏيءَ مھل اهو ماڻھو ياد آيو ۽ مون کي منهنجي سوچ تي شرمندگي ٽيڙ لڳي ۽ مون پٽ کي روڪڻ لاءِ ڪنهن کي بہ ٽيليفون ڪانہ ڪئي....."

"ڇا هاڻي توکي ان ڳالھ جو افسوس آهي؟"

"نہ، هرگز نہ. ڇا تون منهنجي هن حالت کي افسوس ڪرڻ سڏين ٿو؟ آئون خود پنهنجو پاڻ کان پڇندو آهيان تہ ڇا آئون پاڻ پنهنجي اڪيلي پٽ جو قاتل آهيان؟ هو هن وقت هتي هجي ها تہ اسين سيئي گڏجي پنهنجي ملڪ لاءِ وڌيڪ مفيد ڪم ڪري سگھون ها. هو باصلاحيت هو، هو ڏاڍو مضبوط، بهادر ۽ سچار هو. هو روسي ڊاڪٽريءَ جي ميدان ۾ هڪ مايہ ناز هستي ٽي سگھيو ٽي..... ها جيڪڏهن آئون ٽيليفون ڪري ڇڏيان ها."

"چا تو کي افسوس آهي ته ٽيليفون چو کاڻ ڪيئي؟"

"چا مطلب آهي تنهنجو؟ آه..... ها، مون کي خبر کانهي..... مون کي خبر کانهي....."

"سمجھو ته اهو واقعو ڪٽي اڄ پيش اچي ته چا توهان کو ٻيو رويو اختيار ڪندؤ؟"

ماڻ چانئجي ويئي مريضن جي ساهه جو هڪ جھڙو آواز اچي رهيو هو. پروفيسر پنهنجي خيالن ۾ ٻڏو پيو هو.

"ها؟" ڪميسار اهڙي لهجي ۾ پڇيو، جنهن ۾ همدردي ۽ غمگساريءَ جي گونج به شامل هئي.

"مون کي خبر نه آهي..... تنهنجي سوال جو مون وٽ ڪوبه ٽهيل ٽڪيل جواب ڪونهي. مون کي خبر کانهي، پر مون کي ائين ٿو لڳي ته جيڪڏهن اهي ڳالهيون ٻيهر دهرائجن ته آئون به اهو ئي ڪجھ ڪندس، جيڪو هن کان اڳ ڪري چڪو آهيان. آئون نه ته ٻين روسي پيئرن کان وڌيڪ بهتر آهيان ۽ نه ئي ڪو انهن کان بدتر ئي آهيان..... الا! جنگ ڪيڏي خوفناڪ شيءِ آهي.....!"

"يقين ڪريو ته هيءَ خبر ٻين پيئرن لاءِ به ايتري ئي خوفناڪ آهي، جيتري توهان جي لاءِ آهي. ان کي برداشت ڪرڻ انهن لاءِ به ايترو آسان ڪونهي."

واسيلي واسيلي وڃ گھٽي دير تائين خاموش وينو رهيو. انهن سست گھڙين ۾ هو چا سوچي رهيو هو؟ سندس ايريل ۽ سَريل نراڙ ۾ ڪھڙيون سوچون اُپري رهيون هيون؟

"ها، تون ٺيڪ پيو چوين." هن آخرڪار چيو. "ها، هن لاءِ برداشت ڪرڻ آسان ڪونه هو، پر پوءِ به هن پنهنجو پيو پٽ به جنگ تي روانو ڪيو..... تون پلو ماڻهو آهين. تنهنجي مهرباني پلا ماڻهو، تنهنجي وڏي وڏي مهرباني منهنجا پيارا دوست، ها هاڻي ان کان سواءِ پيو ڪو چارو به ڪونهي."

هو پلنگ تان اٿيو. هن تمام گھٽي نرميءَ ۽ احتياط سان ڪميسار جو هٿ ڪٽي ڪمبل اندر ريو ۽ چوطرف ڪمبل سولو ڪري ماڻ منيءَ ۾ ڪمري مان نڪري ويو.

رات جي پڇاڙڪي حصي ۾ ڪميسار تي بيماريءَ جو ڏاڍو حملو ٿيو. هو بيهوش پيو پنهنجي بستري تي تڙپندو رهيو، ڏند ڪرٽيندو ۽ ڪنجهندو رهيو. ڪڏهن ڪڏهن هو خاموش ٿي ويندو هو ۽ پيرن کان وٺي مٿي تائين سيٽجي ويندو هو. هر ماڻهوءَ سمجهيو ته هي سندس آخري وقت آهي. هن جي حالت ايتري ته خراب هئي جو واسيلي واسيلي وچ پاڻ آيو ــ هو پنهنجي پٽ جي مارجي وڃڻ کان پوءِ پنهنجي وڏي خالي گهر مان اچي اسپتال جي هڪڙي نندڙي ڪمري ۾ رهيو هو ۽ هڪ معمولي پلنگ تي سمهندو هو ــ هن ڪميسار جي بستري تي پردو وجهڻ جو حڪم ڏنو. سيني کي خبر هئي ته پردي وجهڻ جو مطلب هي آهي ته شايد مريض کي وارڊ نمبر 50 ۾ ڪڍي وڃڻو پوي.

ڪافور ۽ آڪسيجن جي مدد سان هن جي نبض کي ٻيهر متحرڪ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا ۽ پوءِ رات وارا سرجن ۽ واسيلي واسيلي وچ واپس هليا ويا ته جيئن باقي جيڪا رات بچي آهي، سا سمهي گذارجي. ڪلاوديا نرس لڙڪن سان پسيل چهري سان مريض وٽ وينِي رهي. ميريسئف سمهي نه سگهيو. هو ڊپ ۾ پيو سوچيندو رهيو ته "چا واقعي هي آخري وقت آهي؟" ظاهر هو ته ڪميسار اڃا تائين خوفناڪ درد ۽ ايذاءَ ۾ ورتل هو. هو بار بار وڪلي رهيو هو. "پيئڻ، پيئڻ، پيئڻ ڏيو."

نرس سمجهيو ته مريض کي پاڻيءَ جي ضرورت آهي. سا پاڻي جو گلاس پري آئي. پر مريض پاڻي پيئڻ کونه ٿي چاهيو. گلاس سندس پکوڙيل ڏندن سان ٽڪرايو ۽ پاڻي ڇلڪي وهاڻي تي ڪري پيو. پر مريض وري به چوندو رهيو "پيئڻ ڏيو!" هڪدم اليڪسيءَ کي محسوس ٿيو ته اهو لفظ 'پيئڻ' نه پر 'جيئڻ' آهي ۽ هي ٽلهو متارو ماڻهو پنهنجي قوت جو آخري ڦڙو به گڏ ڪري موت سان وڙهي رهيو آهي ۽ 'جيئڻ' چاهي ٿو.

ٿوري دير کان پوءِ ڪميسار خاموش ٿي ويو ۽ هن اکيون کوليون.

"رب سائين، تنهنجو شڪر آهي." ڪلاوديا اطمينان جو ساهه کڻي پردو هٽائڻ لڳي.

"پردو نہ هٽاءِ، ان کي رهڻ ڏي." ڪميسار منع ڪئي. "پياري نرس، پردو نہ هٽاءِ، ان جي ڪري ٿورو آرام ملي ٿو ۽ تون روئندي نہ ڪر. ڇا هن ڏرتيءَ تي اڳي ڏکن جي ڪا ڪمي آهي؟ تنهنجي لڙکن کان اڳ ئي ڏرتيءَ تي لڙکن جي ٻوڏ موجود آهي. تون ڇو ٿي روئين منهنجي سوويت حور.....؟ ڪيڏي نہ عجيب ڳالھ آهي جو اسان کي حورن ۽ تو جھڙي منڙي حور سان ملڻ جو موقعو بہ اوڏي مھل ملي ٿو، جڏهن موت در جي چائنڊ تي اچي بيٺو آهي....." ■

[10]

اليڪسي هاٽي هڪ نئين تجربي مان گذري رهيو هو. جنهن پل کان وٺي کيس اهو يقين ٿي ويو هو تہ جيڪڏهن هو مشق ڪري ۽ سکي تہ بنا پيرن جي بہ هوائي جهاز اڏائي سگهي ٿو ۽ ٻيهر هوا باز بنجي سگهي ٿو، تنهن گهڙيءَ کان وٺي زندگيءَ، گرمجوشيءَ ۽ محنت جي هڪڙي زبردست خواهش سندس دل ۾ باھ ٻاري ڏني هئي.

هاٽي زندگيءَ ۾ سندس سامهون فقط هڪڙو مقصد هو. هڪ جنگي هوائي جهاز اڏائڻ جو مقصد ۽ هو سموريءَ سچائيءَ، ثابت قدميءَ ۽ فولادي ارادي سان اهو مقصد حاصل ڪرڻ جي جدوجهد ۾ جنبي ويو. پنهنجي محاذ تائين پهچڻ لاءِ رڙهندو رهڻ ۾ بہ هن ساڳئي ثابت قدمي ۽ ساڳئي فولادي ارادي کان ڪم ورتو هو. سڀ کان پهريائين هن ذري پرزي سميت انميءَ پهلوءَ تي غور ڪيو تہ ڪيئن وقت برباد ڪرڻ کان سواءِ جلد کان جلد پنهنجو مقصد حاصل ڪري سگهي ٿو. پوءِ هن فيصلو ڪيو تہ سڀ کان پهريائين جلد کان جلد ڪيس پنهنجي صحت بحال ڪرڻ ۽ طاقت حاصل ڪرڻ گهرجي، جيڪا هن فاقن دوران وڃائي هئي. ڪيس خوب کائڻ ۽ سمهڻ گهرجي. پيو تہ ڪيس هڪ هواباز جي حيثيت ۾ وڙهڻ لاءِ اهي سموريون صلاحيتون ۽ خوبيون برقرار رکڻيون پونديون. ان غرض کي حاصل ڪرڻ لاءِ هن فيصلو ڪيو تہ جيستائين هڪ بستري تي پيل مريض لاءِ ممڪن ٿي سگهي ٿو، اوستائين هو جسماني ورزش ڪندو. ٿيون ۽ سڀ کان وڌيڪ اهم ۽ وڌيڪ مشڪل ڪم هي ڪرڻو هو تہ سندس تنگن جي باقي بچيل

حصن کي ڪم ڪرڻ جي لائق بنائڻ ۽ جيئن انهن جي طاقت ۽ چستي برقرار رهي ۽ جڏهن پوءِ ڪيس نقلي پير ڏنا وڃن ۽ انهن ٽنگن سان هوائي جهاز اڏائڻ سکي.

بنا ٽنگن واري ماڻهوءَ لاءِ هلڻ چلڻ ۽ ڊاڙو مشڪل ڪم هوندو آهي. پر اليڪسيءَ اهو پڪو ارادو ڪري ڇڏيو هو ۽ هو هوائي جهاز، سو ۽ جنگي هوائي جهاز اڏائيندو ئي رهندو. هي ڪم انتهائي خطرناڪ ۽ جان جوکي ۾ وجهڻ جهڙو هو. خاص ڪري هوائي جنگ ۾ حصو ونڻ. ان ۾ هڪ هڪ شيءِ جو انحصار هڪڙي سيڪنڊ جي ۽ ڏهين پتيءَ تي هوندو آهي. ان ۾ قدرتي چرپر ۽ انگر هر چرپر کي توريل تکيل ۽ بنھ ٺيڪ ٺيڪ هجڻ گهرجي. ان ۾ پيرن کي ۽ اهڙي طرح ٺيڪ ٺيڪ ۽ اهڙي طرح چستيءَ ۽ تيزيءَ سان ڪم ڪرڻو پوي ٿو، جهڙي طرح هٿن کي. ڪيس پنهنجي مشق کي ايتريقدر وڌائي ڇڏڻ گهرجي جو ڪاٺ جا ٽڪرا ۽ چمڙي جا ڏاڪا، هي نازڪ ڪم بلڪل زنده عضوي وانگر سرانجام ڏيئي سگهن.

هر اهو شخص، جيڪو هوابازيءَ جي مهارت رکي ٿو، سو هن ڳالھ کي ناممڪن تصور ڪندو، ليڪن اليڪسيءَ کي هاڻي يقين اچي ويو هو ۽ اهو ممڪن آهي ۽ جڏهن اهو ڪم ممڪن آهي ۽ پوءِ هو ان کي مڪمل ڪري ئي ڇڏيندو ۽ پوءِ هن پنهنجي منصوبي کي عملي جامو پهرائڻ جو پيڙو پنهنجي ڪلهن تي کڻي ورتو. سمورو علاج ۽ دوائون هو ايتري ۽ پابندي ۽ شوق سان استعمال ڪندو هو جو هو خود ششدر ٿي ويندو هو. هو تمام گهڻو ڪائڻ لڳو هو. بک نہ ۽ هوندي هيس، ۽ ۽ هو ٻيو پيرو ڪاڏو ڪائيندو هو. چا ۽ هجي، پر مقرر وقت واري ننڊ ضرور پوري ڪندو هو.

ايري سيري ورزش ۽ هو اڳي ۽ ڪندو هو، پر بنا ٽنگن واري ماڻهوءَ لاءِ اها هاڻي ٺيڪ ڪانه هئي. تنهن ڪري هن پنهنجي لاءِ ورزش جا نوان طريقا ڳوليا. ڪلاڪن جا ڪلاڪ هو هٿ چيلھ تي رکيو ڏڙ کي اڳيان، پٺيان ۽ ساڄي کاپي جهڪائيندو هو. مٿي کي هڪ پاسي کان ٻئي پاسي ڏانهن جهٽڪا ڏيندو هو. هي سڀ ڪجھ هو ايتري زور ۽ طاقت سان ڪندو هو جو سندس پٺيءَ جو ڪنڊو ٽڙڪات

ڪندو هو. سندس وارڊ وارا دوست سندس ورزش تي ڪل پوڳ پيا ڪندا هئا. ڪوڪوشڪن گھٽو ڪري مٽس چٽرون ڪندو هو ۽ مٽس زنامنسڪي برادران، لادو ميگ ۽ ٻين راندين جا نالا پيو رکندو هو. ڪوڪوشڪن کي انهن ورزشن کان نفرت هئي. ورزش کي هو اسپتال جي هڪ مصيبت سمجھندو هو ۽ جيئن ئي ايڪسي ورزش شروع ڪندو هو، هو وراندي ڏانهن هليو ويندو هو.

جڏهن ايڪسيءَ جون پٽيون کلي ويون ۽ هو زياده آزاديءَ سان پنهنجي پلنگ تي چري ڦري سگھيو تي، تڏهن هن ورزش ۾ ٻيو واڌارو ڪيو. هو پنهنجي پلنگ جي شيخن ۾ پنهنجن ڪتيل ٽنگن کي ڦاسائي اڃا بہ وڌيڪ اڳيان پٺيان جھڪندو هو. پوءِ هن پنهنجي پيرن لاءِ نيون نيون ورزشون ڳولي ڪڍيون. ٽنگن جي ورزش ۾ ڪيس ڏاڍ تڪليف ٿيندي هئي، پر هو هر روز ورزش ۾ هڪ منٽ جو واڌارو ڪندو رهندو هو. ڪڏهن ڪڏهن تہ درد ۽ تڪليف کان سندس اکين ۾ پاڻي پرجي ايندو هو ۽ هو پنهنجي بي اختيار نڪرندڙ ڪنجھڪار کي روڪڻ لاءِ پنهنجن چپن کي ايترو تہ زور سان چڪ هڻندو هو، جو انهن مان رت نڪري ايندو هو. پر پوءِ نيٺ ورزش جي نتيجي ۾ سندس بدن ۾ ھرين وانگر مضبوط ۽ سخت ٿيڻ لڳو هو.

ميريسئف جو سمورو ڌيان سندس ٽنگن تي هو. ڪڏهن ڪڏهن هو خيالن ۾ گم ائين محسوس ڪندو هو، جڏ سندس پيرن ۾ سور پيو ٿئي ۽ بي خياليءَ ۾ هو پيرن کي چورڻ جي ڪوشش ڪندو هو ۽ تڏهن کيس احساس ٿيندو هو تہ سندس پير آهن ڪٽي! سندس دماغ ۾ پيرن جو خيال ايترو تہ واسو ڪري ويو هو، جو هو ننڍ ۾ پاڻ کي تندرست، تيز تيز پنڌ ڪندو محسوس ڪندو هو. خواب ۾ کيس "سگنل" جو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو هو ۽ هو پاڻ کي هوائي جهاز ڏانهن ڊوڙندو، پرَ تي ٽپ ڏيئي چڙهندو، ڪاڪ پٽ اندر ٽپي پوندو ۽ جيستائين مستري يورا انجن چالو ڪري، تيستائين پاڻ کي پينڊلن جي جاچ پڙتال ڪندي پيو ڏسندو هو. ڪڏهن وري پاڻ ۽ اوليا هت هت ۾ ڏيئي اگھاڙن پيرن گلن سان چانيل گاھ تي ڊوڙندا نظر ايندا هئا ۽ گرم ۽ پُسيل زمين جي ڇھاءَ سان لطف پيا وٺندا نظر ايندا هئا. الا! هي سڀ ڪجھ ڪيڏو نہ

خوبصورت هو، ڪيڏو نہ مزيدار هو!! پر اڪ ڪلندي هيس ۽ پير ياد ايندا هيس تہ سندس دل تي نہ جاڻان ڪهڙي قيامت برپا ٿي ويندي هئي.

ان قسم جا خواب ڏسڻ کان پوءِ ڪيترا ڀيرا سندس دل اداس ٿي ويندي هئي. هو سوچڻ لڳندو هو تہ خواہ مخواہ هو پنهنجي جسم کي تڪليف ڏئي رهيو آهي. هاڻي هو ڪڏهن بہ پرواز ڪري نہ سگهندو ۽ بلڪل ساڳئي طرح هو ڪامي شين ۾ ان دلربا چوڪريءَ سان گڏ ڪڏهن بہ اگهاڻن پيرن سان ڊوڙي نہ سگهندو ــ اها چوڪري، جنهن کي وچوڙي جي ديوار اڃا بہ وڌيڪ دلڪش ۽ محبوب بڻائي ڇڏيو هو.

اوليا سان لڳاءُ هاڻي سندس دل ۾ مسرت جو احساس نٿي جاڳايو. تقريبًا هر هفتي نرس ڪيس "نچڻ" تي مجبور ڪندي هئي، يعني هو پنهنجي بستري تي بدن کي هيٺ مٿي ڪندو هو ۽ تاڙيون وڄائيندو هو. تڏهن ڪيس نرس اهو خط ڏيندي هئي، جنهن تي اسڪول جي چوڪريءَ جا جاتل سجاتل گول گول ۽ صاف هٿ اکر لکيل هوندا هئا. اهي خط هاڻي ڏينهون ڏينهن ڊگها ۽ دلنواز ٿيندا پئي ويا. ائين پئي لڳو تہ ان چوڪريءَ جي محبت، جنهن جي وچ ۾ جنگ حائل ٿي ويئي هئي، هاڻي گل جيان ٽڙڻ ۽ سرهاڻ سان آس پاس واسڻ لڳي هئي. هو خطن ۾ اهي سٽون وڏين تمنائن ۽ ڏاڍين بي قرارين سان پڙهندو هو، چاڪاڻ تہ ڪيس خبر هئي تہ هو انهن جو ڀرپور جواب نٿو ڏئي سگهي.

هو ۽ اوليا، جن ڪاٺ وڍڻ واري مل جي اسڪول ۾ گڏ تعليم حاصل ڪئي هئي، رومانوي جذبات ۾ ٻڏل هئا ۽ هو ان جذبات کي پنهنجي وڌن جي محبت جو اولڙو قرار ڏيندا هئا. تنهن کان پوءِ هو ڇهن ستن سالن لاءِ هڪ ٻئي کان وڇڙي ويا. پهرئين تہ چوڪري هُنري اسڪول ۾ پڙهڻ هلي ويئي ۽ جڏهن هوءَ هڪ هنرمند ماهر بنجي واپس مل ۾ آئي، تيستائين اليڪسي شهر ڇڏي ڇڪو هو ۽ هاڻي هو هوابازيءَ جي هڪ اسڪول ۾ تعليم پرائي رهيو هو. ٻيهر هو جنگ چالو ٿيڻ کان بنهہ ٿورو اڳ ۾ مليا. پنهي کي پاڻ ۾ ملاقات جو وهم ۽ گمان بہ ڪونہ هو. شايد هو هڪ ٻئي کي وساري چڪا هئا. سندن جدائيءَ دوران گهٽو ڪجهہ ٿي چڪو هو. هڪڙي ڏينهن شام جو اليڪسي ماٽس سان گڏ رستو وٺيو پئي ويو تہ سامهون هڪڙي

چوڪري لنگھي. هن ان چوڪري ڏانھن ڪو خاص توجھ ڪونہ ڏنو، البت ايترو سو سوچيائين تہ چوڪريءَ جون ٽنگون ڏاڍيون پليون آھن.

"تو چوڪريءَ کي سلام چو نہ ڪيو؟ هيءَ تہ اولیا هئي." سندس ماءُ کيس ڏاڍي جڪ ڪئي.

اليڪسيءَ مڙي پوئتي نھاريو. چوڪري بہ کيس ڏسڻ لاءِ مڙي نھاريو. جيڏي مھل سندس نگاھ پاڻ ۾ ملي، تڏھن اليڪسيءَ محسوس ڪيو تہ سندس دل سيني اندر زور زور سان ڦٽڪي رھي آھي. ھو ماٽس کي اتي ڇڏي چوڪريءَ ڏانھن ڊوڙيو، جيڪا ھڪ وڻ جي ڇانوَ ۾ بيٺي ھئي.

"تون؟" ھن حيرت مان پڇيو ۽ کيس ائين گھوري ڏسڻ لڳو، جڙ تہ ڪا نايابشيءِ ست سمنڊ پار ڪري آئي ھجي.

"اليوشا؟" چوڪريءَ بہ ساڳئي حيرت ۾ريل لھجي ۾ پڇيو، ٽڪ کيس يقين ئي ڪونہ پئي آيو.

ھنن ڇھن ستن سالن جي وڇوڙي کان پوءِ ھڪ ٻئي کي ڏٺو ھو. اليڪسي ٻنھنجي سامھون ھڪ ننڍڙي قد جي نازڪ چوڪري ڏسي رھيو ھو، جنھن جو بدن لچڪيدار ۽ دلڪش ھو. ان جو چھرو چوڪرن جھڙو ھو. اولگا وڏين وڏين پورين ۽ چمڪدار اکين سان ڏانھس ڏٺو ۽ تاٽيل ۽ گھاٽن پلڪن کي آھستي آھستي مٽي ڪنيو. جڏھن ھو جدا ٿيا ھئا، تڏھن ھوءَ مضبوط ۽ گول گول گلابي چھري واري چوڪري ھئي ۽ ھاٽي تہ ھوءَ ايڏي تہ شاداب، نرم ۽ نازڪ، ايڏي تہ پياري چوڪري ٿي پئي ھئي جو کيس سجاٽڻ بہ مشڪل ٿي پيو ھو.

اليڪسيءَ ماٽس کي وساري ڇڏيو ۽ چوڪريءَ جي حُسن ۾ گم ٿي ويو. ھن محسوس ڪيو تہ ھو ستن سالن جي عرصي دوران ھڪ ڏينھن بہ اولیا کي وساري نہ سگھيو ھو ۽ سندس ملاقات جا خواب ڏسندو رھيو ھو.

"تون تہ ھاٽي اھڙي ٿي ويئي آھين جو.....!" ھن آخرڪار چيو.

"ڪھڙي؟" چوڪريءَ گجندڙ ۽ پرپور آواز ۾ پڇيو. ھي آواز بہ ان آواز کان مختلف ھو، جيڪو ھن اسڪول جي زماني ۾ ٻڌو ھو.

"اھڙي جو بس!" اليڪسيءَ پنھنجي گھور لڪائڻ کان سواءِ چيو.

"چگو، پر کھڙي؟" چوڪريءَ وري کلندي پڇيو.

ماڻس ٻنهي نوجوان چوڪريءَ چوڪريءَ کي هڪ پل لاءِ ڏنو ۽ هڪ اداس مسڪراهٽ سان هوءَ اڳتي وڌي ويئي. پر هو ٻئي اتي بينا ڳالهائيندا رهيا. هو هڪ ٻئي جي ڳالهه اڌ ۾ ڪٽي پنهنجي ٻڌائيندا رهيا ۽ سندن گفتگو دوران گهڻو ڪري هنن لفظن جو بي اختيار استعمال ٻئي ٿيو: "توکي ياد آهي.....؟" "تون ڄاڻين ٿي.....؟" "هن کي چا ٿيو.....؟"، "ڪٿي آهي.....؟"

هو گهڻي دير تائين اتي بينا ڳالهائيندا رهيا. نيٺ اوليا ويجهن گهرن جي درين ڏانهن اشارو ڪيو، جن مان تجسس ۾ريل چهرا ڏانهن نهاري رهيا هئا.

"جيڪڏهن توکي واندڪائي هجي ته درياءَ جي ڪناري ڏانهن ٿورو هلون." اوليا چيو. ٻئي جڻا هٿ هٿ ۾ ڏيئي وڃڻ لڳا. ائين ته هنن پنهنجي ٻالڪپڻ ۾ ڪونه ڪيو هو. هنن کي سڀ ڪجهه وسري ويو ۽ هو هلندا هلندا درياءَ جي ايڪپريءَ تي اچي پهتا. اتان کان والگا جي اڻ کٽ وسعتن ۽ ان جي ٻوڏ واري پاڻيءَ جي ترندر برف جي ڇپن جي عظيم الشان جلوس جو شاندار نظارو ٿي ٻئي سگهيو.

ان کان پوءِ ويچاري ماءُ پنهنجي پياري پٽ کي تمام گهٽ گهر ۾ ڏسندي هئي. ڪپڙن جي معاملي ۾ هو ڪڏهن به ڪو خاص توجهه ڪونه ڏيندو هو. پر هاڻي روزانو هو ڪپڙن تي استري ڪندو هو، بوٽ پالش ڪندو هو ۽ ٽوپي پائي ٻاهر نڪرندو هو، جنهن تي هوائي فوج جو بڪل لڳل هوندو هو. هو روزانو ڏاڙهي ڪوڙيندو هو ۽ شام جو ٽِڪَ ۾ منهن کي ڏسي پوءِ مل جي دروازي تي اوليا سان ملڻ هليو ويندو هو. ڏينهن جو به اڪثر هو غائب ٿي ويندو هو ۽ ائين مُنجهيل مُنجهيل رهندو هو. جيڪڏهن کانئس پڇبو هو ته مڙيئي ابتو سبتو جواب ڏيندو هو. مامتا جي نگاهه سندس ماءُ کي ٻڌائي ڇڏيو هو ته پتس سان ڪهڙي ويڌن آهي؟ هوءَ سمجهي ويئي. هوءَ پاڻ کي ان چواٽيءَ تحت تسلي ڏيندي هئي ته: "پوڙها ته خير اڃا به وڌيڪ پوڙها ٿيندا ويندا. ڦٽڻ ڦاٽڻ ته نوجوانن کي گهرجي."

ان جوان جوڙي هڪ ٻيرو به پنهنجي محبت جو ذڪر زبان تي

اڇڻ نہ ڏنو. جڏھن ھو سج جي ھلڪي اس ۾ چمڪندڙ والگا جي مٿانھن ڪنڌ ۾ جو سير ڪري ايندو ھو، يا شھر کان ٻاھر چانھين جي آرڊر مان، جتي وڏن چھچ ساون پنن سان وليون زمين تي پکڙيون پيون ھونديون ھيون، گھمي ڦري ايندو ھو، تڏھن ھو پنھنجي گھر منجھ موڪل جا ٻندڙ ڏينھن ڳڻي فيصلو ڪندو ھو تہ اڄ ھو ضرور اوليا سان محبت جو اظھار ڪندو. پر شام جو مل جي ڦاٽڪ وٽ ڪيس ملندو ھو ۽ ساٿس گڏجي سندس ڪاٽ جي ٻن منزلن واري گھر ويندو ھو، جتي اوليا جو ھڪ ڪمرو ھوندو ھو. اتي ھو ڏاڍي صبر سان وينو انتظار ڪندو ھو ۽ اوليا پنھنجي ڪليل الماريءَ جي دروازي پٽيان بيھي ڪپڑا بدلائيندي ھئي. ھو اوليا جي نظر ايندڙ اگھاڙين ٻانھن، ڪلھن ۽ ڳچيءَ کان نظر بچائڻ جي ڪوشش ڪندو ھو. پوءِ ھوءَ منھن ڦوڙي ويندي ھئي ۽ اتان تازي توانائي ٿي ورندي ھئي. ان وقت سندس ڳاڙھا ڳل گلاب جي ٽڹيل گلن وانگر لڳندا ھئا ۽ سندس ڪارا وار اڏ پُسيل ھوندا ھئا. ھوءَ ھميشہ سفيد وڳو پائيندي ھئي.

ھو سئنيما، سرڪس يا پارڪ گھمڻ ويندا ھئا، يا جتي بہ ويندا ھئا تہ ايڪسيءَ لاءِ ڪوبہ فرق ڪونہ ھو. ھو نہ تہ پردي تي فلم، نہ ڪٺھڙي کي ۽ نہ وري پارڪ ۾ گھمندڙ ماڻھن کي ڏسندو ھو. سندس اکيون تہ بس ان لاءِ ھيون ۽ ان کي ئي ڏسندي ڏسندي سوچيندو ھو تہ "اڄ رات، ھا يقيناً اڄ رات واپس گھر ويندي، آئون پنھنجي دل کولي سندس سامھون رکندس." پر جڏھن پنڌ ڪٽي ويندو ھو ۽ ھو گھر پھچي ويندا ھئا، تڏھن سندس ھمت جواب ڏئي ويندي ھئي ۽ ھو ڪجھہ بہ چئي ڪونہ سگھندو ھو.

ھڪ آچر جي ڏينھن صبح جو سوير ھو ٻئي والگا جي ٻيءَ پر سير ڪرڻ نڪري ويا. ھو پنھنجي بھترين سفيد پتلون ۽ قميص پائي ڪيس ۾ ويٺو ھو. سندس قميص جا بٽڻ کليل ھئا. سندس ماڻ چيو ھو تہ سندس ساوري ويڪري چھري تي اھا قميص ڏاڍي نھي تي. جڏھن ھو اوليا جي گھر پھتو تہ ھوءَ ڪيس تيار ملي. ھن ڪاڌي جي رومال ۾ ويڙھيل ھڪ ھڏ سندس ھٿ ۾ ڏني ۽ ٻئي جتا درياءَ جي ڪناري ڏانھن روانا ٿي ويا. پوڙھي ملاح ڪاٽ جي ڇوڙين تي پٽڪندي ڳري ٻيڙيءَ کي

ڏکيو ۽ پوءِ آهستي آهستي هٿيا هلائڻ لڳو. هو پهرين مهاياري لڙائيءَ ۾ جڏو ٿي ويو هو. هو پراڻو سپاهي هو. هو ننڍن ڇوڪرن کي ڏاڍو پائيندو هو. هن اليڪسيءَ کي به سيکاريو هو ته درياءَ جي ڪناري تي ننڍي پاڻي ۾ مڇي ڪيئن ماربي آهي؟

"چاچا ارڪاشا! چا تون اسان کي ڪونہ ٿو سيکاٽين؟"

ملاح نوجوان ڇهرن کي بي نيازيءَ سان ڏٺو ۽ چيائين ۾ "نہ".

"ڇو؟ آڻون اليوشڪا ميريسئف آهيان. تو مون کي ننڍي پاڻيءَ مان ڪُنديءَ سان مڇي مارڻ سيکاري هئي."

"شايد مون سيکاري هجي. تو جهڙا ته هتي الاهي ڇوڪرا روزانو پيا ايندا ويندا آهن. سيني کي ياد ڪرڻ ته منهنجي وس ۾ ڪونهي."

"چاچا، پڳسا گهٽا ٿيا؟" اليڪسيءَ پڇيو.

"اهو توهان تي ٿو ڇڏيان. توهان کي ڪجھ گهٽو ئي ڏيڻ گهرجي. توهين ڪيترا نہ خوش پيا ڏسجو. پر تون مون کي ياد ڪونہ ٿو اچين. ها ياد نٿو اچي."

ٻيڙيءَ تان لهندي سندن پير پُسي پيا. اوليا جُتي لاهڻ جي صلاح ڏني. ٻنهي جوتا لاهي ڇڏيا، پسيل ۽ ٽڏي واريءَ تي اگهاڙن پيرن سان هلڻ ۾ ڪين عجيب قسم جي راحت محسوس ٿي. انهن جي دل چاهيو ته هو ٻارن وانگر ٽينگ ٽپا ڏين ۽ گوڙ ڪن.

"جهل ته مجانءِ." اوليا چيو ۽ واريءَ تي ڊوڙندي گلن سان چانيل ساوڪ ڏانهن پڇڻ لڳي. هن جون مضبوط ۽ سهٽيون ٽنگون چمڪنديون پئي نظر آيون.

اليڪسي سندس پٺيان پڳو. هاڻي ڪيس پنهنجي سامهون هلڪي چمڪدار رنگ جي فراڪ جو رڳو پنج رنگو ڏهو پئي ڏسڻ ۾ آيو. هو ڊوڙي رهيو هو ۽ جهنگلي گاهہ جا ڇُڳا ۽ گل سندس پيرن هيٺان لتاڙجي رهيا هئا. ڪيس پنهنجي پيرن هيٺان نرم، پسيل ۽ اُس ۾ گرم زمين محسوس ٿي رهي هئي. ائين پئي لڳو ته اوليا کي جهلڻ انتهائي ضروري ٿي پيو هجيس. جڏ ته مستقبل جو گهٽو دارومدار به ان ڳالهہ تي ٿي هجي. ڪيس محسوس ٿيو ته هتي، گلن سان جهنجهيل هن اڻ ڪٽ ساوڪ ۾ هن مست ڪندڙ سڱنڌ ۾ ڪيس اهو سيکجھ ٻڌائڻ آسان ٿي

پيو، جنھن کي زبان تي آڻڻ جي اڃا تائين کيس همت کانہ ٿي هئي. پر هر پيري هن سندس ويجھو پھچي کيس جھلڻ لآئون ھٿ وڌايو ٿي تہ چوڪري گھُٽ ڏيئي ٻئي پاسي مُڙي ٿي ويئي ۽ ٻليءَ جھڙي چستيءَ سان سندس حملي کان بچي ٿي ويئي ۽ ٻھکندي، کلندي ٻئي پاسي ٻجندي ٿي ويئي. هن پڪو پھ ڪيو هو تہ هوءَ هرگز جھلڻ نہ ڏيندي. هو کيس جھلي نہ سگھيو. پوءِ هوءَ گاھہ مان نڪري دريا جي ڪناري تي گرم ۽ سونھري واريءَ تي ليٽي پيئي— سندس چھرو ٻھکي رھيو هو. تيز تيز ساھہ ڪڍڻ سان سندس سيني ۾ مانڊاڻ متل هو. هوءَ اتي ليٽي ليٽي کلڻ لڳي. پوءِ اليڪسيءَ گلن سان جھنجھيل ساوڪ منجھہ، سفيد تارن جھڙي ڊيزيءَ جي گلن جي وچ ۾ اوليا جي تصوير ڇڪي. ان کان پوءِ ٻئي ڇڻا گڏجي درياءَ ۾ وھنتا ۽ پوءِ ھڪ ڇئيڪار پار وانگر اليڪسي ھڪڙي ٻوٽي جي پٽيان منھن ٻئي طرف ڪري ٻيٺو تہ جيئن اوليا پنھنجا ڪپڙا بدلائي وٺي. جڏھن اوليا کيس سڏ ڪيو، تڏھن هو موتي آيو ۽ ڏنائين تہ هوءَ واريءَ تي ويٺي هئي. هن گاھہ تي چادر وڇائي ۽ چٽني ڪنڊ تي ننڍڙا پٿر رکي، پوءِ ڪاڏي جي سڄي هڙ ڪولي رکيائين. هنن پالڪ جي ساڃ، ٺڈي مڇي ۽ گھر ۾ ٺھيل بسڪيٽن سان مانجھاندو ڪيو. هن لوڻ ۽ سانڈاٽو آڻڻ بہ ڪونہ وساريو هو. هيءَ ننڍڙي نازڪ چوڪري جنھن گنيپرتا ۽ ڦڙتيءَ سان ميزبان جو فرض نباھي رھي هئي، ان ۾ ڏاڍي دلڪشي ۽ ڏاڍي دلربائي هئي. اليڪسيءَ پنھنجو پاڻ کي چيو: "ھاڻي وڌيڪ نہ ٺار، بس ھاڻي ٽئي سمجھہ. ڪ شام جو آئون ضرور بہ ضرور بنھ جي دل جو حال سندس سامھون بيان ڪندس، آئون ثابت ڪندس ۽ کيس قائل ڪندس تہ ھاڻي کيس منھنجي زال ٿي وڃڻ گھرجي."

هو اس ۾ واريءَ تي ليٽيا رھيا. پوءِ هو ٻيھر وھنتا. هنن ٽئي ڪيو تہ شام جو اوليا جي ڪمري ۾ ٻيھر ملندا. پوءِ هو مزي مزي سان ٻيڙيءَ ڏانھن اڇڻ لڳا. پر تڙ تي نہ تہ ٻيڙي هئي ۽ نہ استيمر. هو گھڻي دير تائين چاچا ارڪاشا کي سڏيندا رھيا، ايتريقدر جو سندن نڙيون ويھي ويون. گاھہ جي ميدان ۾ سج لھي رھيو هو. هنن ڏٺو تہ ان وقت عام طور جن رستن تي ويراني هوندي هئي، اتي ماڻھن جو وڏو هجوم موجود هو.

ماڻھن سان پريل ۾ لاريون سامھون لنگھي ويون. ھڪ ننڍو فوجي دستو مارچ ڪري رھيو ھو. شھر ۾ ضرور ڪا ڳالھ ٽي ھئي.

"چاچا ارڪاشا ضرور شراب پي مدھوش ٽي ويو ھوندو." اليڪسيءَ چيو. "سمجھو تہ جيڪڏھن اسان کي رات ھتي گذارڻي پوي تہ پوءِ؟"

"جيستائين تون مون سان گڏ آھين، تيستائين مون کي ڪنھن ڳالھ جو ڊپ ڪونھي." اوليا وڌين وڌين چمڪندڙ اکين سان ڏانھس نھاريندي چيو.

اليڪسيءَ پنھنجون ٻانھون اوليا جي چيلھ جي چوڌاريءَ ڦيري، کيس پاڪر ۾ جھلي سندس دکندڙ ڇپن تي پنھنجا اڇايل چپ رکي، ڪا گھڙي دنيا جھان کي وساري ڇڏيو. ھيءَ سندن پيار جي پھرين ۽ آخري چُمي ھئي. دريا مان پيڙيءَ جي اڇڻ جو آواز اڇي رھيو ھو. ھنن ڏاڍي بيزاريءَ مان پيڙيءَ کي ڏٺو، پر پوءِ ان ڏانھن وڌڻ لڳا. کيس وسوسا ورائي ويا تہ خبر ناھي تہ ھيءَ پيڙي کين کھڙي خبر پڌائي؟

ماڻھو ماڻ منيءَ ۾ پيڙيءَ مان ٽپي لھي پيا. سڀ موڪل جي ڏينھن وارن سٽن ۽ عمدن ڪپڑن ۾ ھئا، پر سندن چھرن تي ڏک ۽ اداسي ڇانيل ھئي ۽ ائين پئي لڳو تہ ھو ڏاڍا تکڙ ۾ آھن. عورتون، روئڻ جي ڪري سڄيل اکين سان ماڻ کيو، سندن پاسي مان لنگھي پئي ويون. کين ڪابہ خبر پئجي نہ سگھي تہ کھڙي ماجرا آھي؟ ھڪ جڻا ٽپي پيڙيءَ ۾ چڙھي پيا. چاچا ارڪاشا سندن ھمکندڙ چھرن کي ڏسڻ کان سواءِ ئي چيو.

"جنگ..... اڄ صبح جو ريڊيو تي ٻڌايو ويو آھي."

"جنگ؟ پر ڪنھن سان؟" اليڪسيءَ ٻنھ ٽپ ڏيندي پڇيو.

"انھن مردار جرمنن سان، ٻيو وري ڪنھن سان؟" ڪاوڙ مان ھٿيا ھلائيندي چاچا ارڪاشا گجيو. "ماڻھو ضلعي جي فوجي آفيس ۾ ويا ۽ ھليا. عام پرتي پئي ٿئي."

اليڪسي گھر ڪونہ ويو. ھو سڌو فوجي آفيس ۾ پھتو ۽ رات جو 12 لڳي 40 منٽن واري گاڏيءَ ۾ چڙھي پيو. ھو پنھنجي ھوائي يونٽ ڏانھن پئي ويو، جتي کيس مقرر ڪيو ويو ھو. ھن کي مشڪل سان

ايترو وقت مليو هو جو ڏوڙي گھران رڳو پيتي کڻي سگھي. هو اوليا کان موڪلائي ٻہ ڪونہ سگھيو هو.

هو هڪ ٻئي کي تمام گھٽ خط لکندا هئا. ان جو سبب هي ڪونہ هو تہ ڪو سندن جذبات هڪ ٻئي لاءِ ٽڏا ٽيندا پئي ويا. يا هو هڪ ٻئي کي وساري رهيا هئا. نہ، ائين نہ هو. هو انهن خطن جي راهہ تڪيندو رهندو هو، جيڪي هڪ اسڪول جي ڇوڪريءَ جي هٿ اکرن سان لکيل هوندا هئا. هو انهن خطن کي پنهنجي کيسي ۾ محفوظ ڪري رکندو هو ۽ انهن خطن کي ور ور ڏيئي پيو پڙهندو هو. اهي ئي خط هئا، جن کي جھنگل ۾ هڪ مھل ٻہ هو پنهنجي سيني سان لڳائي رکندو هو. هو هڪ ٻئي کي سڻن ۽ پراڻن دوستن وانگر خط لکندا هئا ۽ خطن ۾ اهڙي ڪا وڏي ۽ گھري ڳالھہ لکندي ڏٺندا هئا، جيڪا بھرحال ايڏا تائين اٽ چيل رهجي ويئي هجي.

۽ هاڻي اسپتال ۾، وڏي حيرت سان هن محسوس ڪيو (۽ اها حيراني روز بروز وڌندي پئي وئي) تہ خود اوليا اوچتو پيش قدمي شروع ڪري ڏني هئي. هوءَ هاڻي پنهنجن خطن ۾ بنھہ چٽو ۽ صاف صاف پنهنجي دل جي تڙپ جي ماجرا لکندي هئي ۽ انهيءَ تي افسوس ڪندي هئي تہ ان شام ان خاص لمحن ۾ چاچا ارڪاشا چو اچي پھتو هو، جيڏي مھل هو چپ چپن تي رکي دنيا جھان کي وساري وينا هئا. هوءَ هن کي يقين ڏيارينديِ هئي تہ چاهي ساڻس ڪهڙو بہ حادثو پيش اچي، پر هڪ اهڙي هستي موجود آهي، جنهن تي هر حال ۾ هو پورو پورو پروسو ڪري سگھي ٿو. هوءَ ڪيس منٽ ڪندي هئي تہ گھر کان ڪوهين ڏور، ائين بيڪار ڦرندي، هميشہ هيءَ ڳالھہ ياد رکجانءِ تہ کڻي ڪو اهڙو گوشو آهي، جنهن کي تون هميشہ پنهنجو سمجھي سگھين ٿو ۽ جتي جنگ ختم ٽيندي ئي وري واپس اچي سگھين ٿو. ائين پئي لڳو تہ هيءَ ڪا پي اوليا آهي، هڪ نئين اوليا، جيڪا هي سڀ ڪجھہ لکي رهي آهي. جڏهن ٻہ هو سندس تصوير ڏسندو هو، تڏهن هو هميشہ سوچيندو هو تہ جيڪڏهن هوا جي ڪا تيز لهر لڳي تہ هوءِ پنهنجي چيٽ جي فراڪ سميت آڪ جي ڏاڪيدار ڇ وانگر اڏامي ويندي. پر اهي خط هڪ عورت جا هئا. هڪ سڻي ۽ محبت ڪرڻ

واري عورت جا خط- جيڪا پنھنجي پريتم لاءِ تڙپي رھي ھئي ۽ جيڪا پنھنجي محبوب جو انتظار ڪري رھي ھئي. انھيءَ خيال ايندي ئي سندس دل خوش بہ ٿيندي ھئي تہ غمگين بہ. ھو خوشيءَ تي بہ بي اختيار ٿي ويندو ھو، پر ھي سوچي ھو غمگين ٿي ويندو ھو تہ ڪيس اھڙي محبت جو ڪوبہ حق ڪونھي. ڇو؟ ڇو تہ آخر ڪيس اھو لکڻ جي جرئت ڇو ڪاڻ ٿي تہ ھو ھاڻي اُس ۾ سانورو ٽيل، پرجوش ۽ جاننو جوان ڪونہ رھيو آھي، جنھن کي ھوءَ سڃاڻندي ھئي. ھاڻي تہ ھو چاچا ارڪاشا جھڙو جڏو ۽ معذور ٿي چڪو آھي. ھو پنھنجي ماءُ کي بہ اھو سچ لکي نہ سگھيو ھو، ڇو تہ ھوءَ اھو صدمو سھي ڪونہ سگھي ھا. تنھن ڪري ھو اولیا کي بہ دوکو ڏيئي رھيو ھو ۽ ھو ھر تازي خط کان پوءِ خود پنھنجي ئي فريب جي جار ۾ وڌيڪ وڪوڙجندو ڀئي ويو.

اھو ئي سبب ھو جو ڪيس 'ڪامي شين' کان ايندڙ جيڪي خط ملندا ھئا، سي پڙھي سندس دل ۾ متضاد جذبا پيدا ٿيندا ھئا. راحت بہ تہ غم بہ، اميد بہ تہ اوسيئڙو بہ. اھي خط ساڻئي وقت ڪيس خوش بہ ڪندا ھئا تہ بي چين بہ. ھڪ پيري ڪوڙ ڳالھائي، ڪيس ان ڪوڙ کي لکائڻ خاطر ڪوڙن مٿان ڪوڙ ڳالھائڻو پيو. اھو ئي سبب ھو جو ھو اولیا کي مختصر، ڪا ۽ خشڪ خط لکندو ھو.

ان جي ٻيٽ ۾ 'موسمي سرجنت' کي خط لکڻ ۾ ڪيس سھوليت ٿيندي ھئي. ھوءَ پوري ۽ وفادار ڇوڪري ھئي. آپريشن کان پوءِ، انتھائي مايوس ڪندڙ گھڙين ۾ جڏھن ھن پنھنجي اندر جو حال اورڻ چاھيو، تڏھن ھن ان ڇوڪريءَ کي ھڪ ڏڳھو ۽ المناڪ خط لکيو ھو. جلد ئي ڪيس ان خط جو جواب مليو ھو. ھي خط ڪنھن ڪاپيءَ مان ڇڪي ڪڍيل پني تي لکيل ھو. ڏنگا ڏڏا اکر لکيل ھئا. جملن جي آخر ۾ عجب جون نشانيون تمام گھٽيون استعمال ڪيون ويون ھيون، جڻ تہ نمڪين بسڪٽ تي جيري جا داڻا پيل ھجن. سڃي صفحي تي لڙڪن جا نشان ھئا. ڇوڪريءَ لکيو ھو تہ جيڪڏھن فوجي نظم وضبط سامھون نہ اچي تہ جيڪر ھوءَ سڀ ڪجھ ڇڏي سندس ٿھل ٽکور لاءِ جيڪر اڏامي اچي. ھن التجا ڪئي ھئي تہ ھو اچا بہ ڪڙو

تکڙو خط لکي. ان خط ۾ نادانيءَ واريون پاراٽيون حرڪتون ۽ جذبات اهڙي طرح ڪنڊريل هئا، جو اليڪسي ڏاڍو غمگين ٿي ويو ۽ هن پاڻ کي ڏاڍو لوٽيو ته ان ڇوڪريءَ جڏهن ڪيس اوليا جا خط ڏنا هئا، تڏهن هن ائين ڇو چيو هو ته اوليا سندس اڻ پرٽيل پيٽ هئي. هڪ اهڙي هستيءَ کي دوکو ڏيڻ گناهه آهي، جيڪا معصوم هجي ۽ محبت جو مجسمو ۽ پوڄا ڪرڻ لائق هجي. تنهن ڪري هن ڪيس بنهه صاف گوئيءَ سان لکيو ته ڪامي شين ۾ سندس محبوبہ رهي ٿي ۽ اهو ئي ته هو سندس محبوبہ کي ۽ ماٽس کي پنهنجي بدنصيبي بابت ٻڌائڻ جي جرئت نٿو ڪري سگهي.

'موسمي سرجنٽ' جو جواب ايترو ته جلد پهچي ويو، جو ان زماني جي صورتحال ۾ ڏاڍو حيرت انگيز ٿي لڳو. ڇوڪريءَ لکيو هو ته هوءَ هي خط هڪ ميجر جي هٿان پئي موڪلي. جيڪو هڪ جنگي خاطو هو ۽ سندس دستي ۾ آيو هو. هن ساٽس محبت ڪرڻ چاهي ٿي، پر پاڻ ڪيس نظرانداز ڪري ڇڏيائين. حالانڪ هو هڪ سٺو ۽ خوش مزاج نوجوان هو. خط جي لهجي مان صاف ظاهر هو ته ڪيس ڏاڍي مايوسي ۽ صدمو رسيو آهي. هن پنهنجي جذبات کي لکائڻ جي ڪوشش ته ڪانہ ڪئي هئي، پر بيڪار. ڇوڪريءَ ڪيس ٿوڪيو هو ته هن ان وقت ئي ڪيس سچي ڳالهہ ڇو ڪانہ ٻڌائي ۽ ڇو چيو هو ته هاڻي مون کي پنهنجو دوست تصور ڪري؟ خط جي پڇاڙيءَ ۾ ڪجهہ لفظ پيا بہ لکيل هئا، جيڪي پين سان نہ پر پينسل سان لکيل هئا. هن "ڪامريڊ سينيئر ليفٽيننٽ" کي يقين ڏياريو هو ته هوءَ هميشہ سندس سچي دوست رهندي ۽ جيڪڏهن سندس 'ڪامي شين واري' ڪيس دغا ڏيئي وڃي (ڪيس اها خبر هئي ته محاذ جي پنيان عورتون ڪهڙا رنگ ۽ ڍنگ ڏيکاري رهيون آهن) يا هوءَ ساٽس محبت ڪرڻ بند ڪري ڇڏي يا هوءَ سندس جڏي ٿي وڃڻ جي ڪري پاسو ڪري وڃي ته ان صورت ۾ ڪيس گهرجي ته 'موسمي سرجنٽ' کي نہ وساري. ها، البت ڪيس گهرجي ته هو جيڪو بہ لکي، سو سچ لکي. اهو ماڻهو، جيڪو خط ڪٽي آيو هو، تنهن هڪڙو بند ٽيل ننڍڙو پيڪٽ بہ آندو هو. ان ۾ ڪجهہ رومال هئا، جيڪي هوائي ڇتيءَ جي ريشم مان ٺاهيل هئا ۽ جن تي

اليڪسيءَ جي نالي جا اکر ناهيل هئا. تماڪ جي تيلهي هئي، هڪ ڦٽي، هڪ عطر جي شيشي ۽ وهنجڻ جي صابڻ جي چڪي هئي. اليڪسيءَ کي خبر هئي ته جنگ جي ڏکئي وقت ۾ سپاهي ڇوڪرين لاءِ انهن شين جي ڪيڏي نه وڏي قدر وقيمت ۽ اهميت هوندي آهي. ڪيس جاڻ هئي ته صابڻ جي هڪ چڪي ۽ عطر جي هڪ شيشي، جيڪا سوکڙي طور ملي ٿي، انهن ڏينهن ۾ پاڪ مريم جي تعويذ وانگر گلي ۾ سجائي رکي ويندي هئي. ڪيس انهن تحفن جي اهميت جي خبر هئي، تنهن ڪري جڏهن هن انهن کي ڪيڊي بستري جي پاسي ۾ پيل ننڍي ڪٻٽ جي مٿان سجائي رکيو، تڏهن هو خوشي ۽ محسوس ڪري رهيو هو ته شرمندگي ۽.

هاڻي جڏهن هو زبردست سگهه استعمال ڪري پنهنجي وڏيل ٽنگن کي مرضيءَ مطابق ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ڪري رهيو هو ۽ ٻيهر هوائي جهاز اڏائڻ ۽ جنگ ۾ حصو وٺڻ جا خواب ڏسي رهيو هو، تڏهن مختلف ۽ متضاد خيال ڪيس وکوڙي رهيا هئا. هو اوليا کي مڙيئي گول مول ڳالهيون لکي اڃ حقيقت ٻڌائيندو هو. اوليا سان سندس محبت ڏينهون ڏينهن وڌندي پئي ويئي ۽ ٻئي طرف ان ڇوڪريءَ کي، جنهن کي هو واجبي طرح سڃاڻندو هو، پنهنجي دل جو سمورو احوال لکندو هو. اها حقيقت سندس ضمير ۾ ڪنڊي جيان چُڀڻ لڳندي هئي.

پر هن بنهه سنجيدگيءَ سان عهد ڪيو ته هو اوليا سان ٻيهر محبت جي ڳالهه فقط ان وقت ڪندو، جڏهن سندس خواب حقيقت ۾ بدلجي ويندو، جڏهن منجهس وڙهڻ جون صلاحيتون ٻيهر پيدا ٿي ويندیون ۽ جڏهن هو فوج جي صفن ۾ واپس پهچي ويندو. ان شيءِ سندس جوش ۽ جذبو ويتر وڌائي چڏيو هو ۽ هو اڃا به وڌيڪ لڳن سان ۽ تڙپ سان پنهنجي منزل ڏانهن وڌڻ لڳو هو. ■

[11]

ـ ڪميسار پهرئين مئي تي لاڏاٽو ڪري ويو.

ڪنهن کي به خبر ڪانه پئي ته اهو ڪيئن ٿيو؟ صبح جي وقت جڏهن ڪيس منهن ڏاري، وارن ۾ ڦٽي پئي ڏني ويئي ته اوڏيءَ مهل هن

نرس کان پڇيو تہ موسم جو ڪھڙو حال آھي؟ ھن پيري عيد تي ماسڪو شھر جي رونق ڏاڍي وڏيل آھي. ھن کي اھو ٻڌي ڏاڍي خوشي ٿي تہ رستن تان رکاوٽون ھٽايون پيون وڃن ۽ ڪيس ان ڳالھ تي افسوس ٿيو تہ بھار جي موسم جي ھن شاندار موقعي تي بہ مظاھرو ٿي نہ سگھندو. ھن ڪلاوديا سان بہ پوڳ ڪيو، جنھن پنھنجي منھن تي ميڪ اپ جو راڳو ڏنو ھو. ھو بنھ نؤبنو پئي لڳو ۽ ھر شخص کي اميد ٿي پئي ھئي تہ آخر ھن بيماريءَ کي ماري مات ڏني ۽ ھاٽي شايد ھو چگ پلائيءَ طرف وڌي رھيو آھي.

جيئن تہ ھو ھاڻ اخبار پڙھي نہ سگھندو ھو، تنھن ڪري ڪجھ ڏينھن کان سندس پلنگ جي پاسي ۾ ايئرفون لڳايو ويو ھو. گووزديف کي ريڊيو جي باري ۾ ڄاڻ ھئي، تنھن پنھنجو ڪمال ڏيکاريو ھو ۽ ھاٽي سڄي وارڊ ۾ ڳائڻ ۽ ڳالھائڻ جو آواز گونججي رھيو ھو. نائين وڳي اعلان ڪندڙ، جنھن جي آواز کي سموري دنيا جا ماڻھو سڃاڻي چڪا ھئا، بچاءُ جي عوامي ڪميسار جو فرمان ٻڌائڻ شروع ڪيو. سڀ ماڻھو بنھ خاموش ٿي ويا. سيني جون نگاھون ديوار تي لڳل ريڊيو سيٽ تي ڪتل ھيون. انھن ھڪ لفظ بہ اڻ ٻڌو ڇڏڻ نہ ٿي چاھيو. "عظيم اڳواڻ لينن جي ناقابل تسخير جھنڊي ھيٺ فتح ڏانھن روان دوان وڌندا ھلو." جڏھن اھي لفظ چيا ويا، تڏھن بہ اڃا ھڪ خاموش ڪشيدگي ۽ ڇڪتاڻ موجود ھئي.

"ھاٽي ڪامريڊ ڪميسار، ٿورڙو انھيءَ تي روشني وجھ....."

ڪوڪوشڪن چوٽ شروع ڪيو ۽ پوءِ ھڪدم دھشت مان رڙ ڪيائين: "ڪامريڊ ڪميسار!"

ھر ماڻھوءَ مڙي ڏٺو. ڪميسار بستري تي سنئون ڊگھو ٿيو ليٽيو پيو ھو. سندس چھرو بنھ زرد ٿي ويو ھو ۽ ان تي ڏاڍو سڪون ۽ ميار جھلڪي رھي ھئي.

"اڙي، ھي تہ مري ويو." ڪوڪوشڪن رڙ ڪئي ۽ پلنگ وٽ گوڏن ڀر ڪري پيو. "اڙي، ھي تہ مري ويو!"

انھيءَ ئي شام وارڊ نمبر 42 ۾ ھڪ نئون مريض آندو ويو. اھو ھو ميجر پاول ايوانووچ استروچڪون. ھو ماسڪو جي دفاعي ڊويزن

جي جنگي هوائي دستي جو هواباز هو.

جرمنن عيد جي ڏينهن ماسڪو شهر تي زبردست بمباري ڪرڻ جو فيصلو ڪيو هو ۽ هو قطارون ڪري اڏامندا پئي آيا. ليڪن هڪ زبردست خوني جنگ کان پوءِ هو 'پودسول' علائقي ۾ نيست ونابود ٿي ويا. انهن مان فقط هڪڙو هوائي جهاز گهيرو ٽوڙي پڄي نڪتو ۽ تمام بلنديءَ تي ماسڪو ڏانهن وڌڻ لڳو. ائين پئي لڳو ته هو پنهنجو فرض ضرور پورو ڪندو ۽ هر قيمت تي عيد جي خوشين کي ماتم ۾ بدلائيندو. گهمسان جي جنگ جاري هئي ته استروچڪوف جي مٿس نظر پئجي ويئي ۽ هو هڪدم پنيان لڳي چڙهيس. هو بهترين قسم جو روسي هوائي جهاز اڏائي رهيو هو. هن زمين کان ڇهه ڪلوميٽر مٿي وڃي جرمن هوائي جهاز کي جهليو. هن ڏاڍي مهارت سان دشمن جي جهاز کي نشاني تي آڻي، بٽڻ دٻايو ته ڪيس گهربل آواز ٻڌڻ ۾ ڪونه آيو. هو حيران ٿي ويو، بٽڻ ڪم ڪونه پئي ڪيو.

هن دشمن کان پاڻ بچائيندي بچائيندي، جڏهن ٻيو ڪوبه رستو ڪونه ڏٺو، تڏهن آخر ڪار پنهنجي جهاز جو چمڪندڙ پنکو دشمن جي جهاز جي ڏڙ ۾ هڻي ڪڍيائين. زوردار ٽڪر جي نتيجي ۾ هو هوا ۾ بلند ٿي ويو. هن ڪاڪ پٽ جو خول پهرئين ئي هٿائي ڇڏيو هو. هن محسوس ڪيو ته هو فضا ۾ ڪلابازيون پيو کائي. هن بيهوش ٿيڻ کان اڳ ۾ چٽيءَ جو بٽڻ دٻائي ڇڏيو ۽ آڏي اک سان ڪرندڙ جرمن 'يونڪرس' جهاز جي پڇ مان دونهين جي لات ڏنائين. هو ماسڪو جي پهراڙين ۾ هڪ سجايل رستي تي اچي ڪريو. اتي جي رهواسين سندس ڪارنامو زمين تان اکين سان روبرو پئي ڏٺو. ماڻهو ڪيس هڪ گهر ۾ کڻي ويا. هڪڙي ڇت سان ٽڪرائڻ ڪري سندس گوڏا ڦٽجي پيا هئا. تمام گهڻا ماڻهو گڏ ٿي ويا. ڊاڪٽر آيو ته وڏي مشڪل سان کين هٿائي مريض تائين پهتو.

'تازين خبرن' جي خاص پروگرام ۾ استروچڪوف جي بهاديريءَ جي خبر نمايان نشر ٿي هئي. ماسڪو سوويت جو صدر پاڻ آيو ۽ ڪيس بهترين اسپتال ۾ وٺي ويو. جڏهن استروچڪوف وارڊ ۾ آيو ته سندس پنيان پنيان اسپتال جا ملازم گل، ميوا ۽ چاڪليٽن جا ڊٻا کڻي آيا،

جيڪي ماسڪو جي ماڻھن تحفي ۾ ڏنا ھئا.

..... ماڻھو خوش مزاج، رلٽو ملٽو ۽ عاشق مزاج ٿي لڳو. وارڊ ۾ داخل ٿيندي ئي پڇيائين ته ٻيلي ڪاڏي پيتي جو ڪھڙو بندوبست آھي؟ قاعدا قانون سخت ته ڪونھن ۽ ھتي ٻلا خوبصورت نرسون آھن يا نه؟ ۽ جڏھن ڪيس گوڏن تي پٽيون پئي ٻڌيون ويون ته ھن نرس ڪلاوديا سان حجائتو ٿيندي ٿوٽڪا پئي ٻڌايا ۽ ڏاڍي دليري کان ڪم وٺندي سندس تعريف پي ڪيائين. جڏھن نرس ڪمري کان ٻاھر نڪتي ته پويان اک ڇيڪي چيائين:

"سٽي چوڪري آھي. ڏاڍو رک رکاءُ ٿي ڪري، ھان؟ شايد ھوءَ اسان جي دلين ۾ خدا جو خوف ويھارڻ جي ڪوشش ٿي ڪري. پر اسين بہ ڇڏ وارا ڪونہ آھيون. عورتن کي فتح ڪرڻ، قلعن کي فتح ڪرڻ کان وڌيڪ مشڪل ڪم ڪونھي ۽ ڪوبہ قلعو اھڙو ڪونھي، جيڪو فتح ٿي نہ سگھي!" ائين چئي ھو ٽھڪ ڏيڻ لڳو.

ھو ھڪ وڏي گُرگَ وانگر پيش اچي رھيو ھو، جڏھڪ ھو اسپتال ۾ سجو سال گذاري چڪو آھي. ھن اڳندي ئي اتي موجود ماڻھن کي سندن نالن سان سڏڻ شروع ڪيو. ھڪ پيري جڏھن ڪيس نڪ صاف ڪرڻ جي ضرورت پئي ته ھن جھڙپ ڏئي ايڪسيءَ جو ريشمي رومال کڻي ورتو. ھي انھن رومالن مان ھو، جن تي 'موسمي سرجنٽ' ڏاڍي حُب ۽ اڪير سان سندس نالو پريو ھو.

"تنھنجي محبوبا موڪليو آھي، ھان؟" ھن ايڪسيءَ کان اک ڇنڊي پڇيو ۽ رومال کي پنھنجي وھاڻي ھيٺ لڪائي ڇڏيو. "تو وٽ ٻيا بہ گھڻا رومال آھن ۽ جي ٻيا نہ بہ ھجن ته بہ پرواھ ڪانھي. تنھنجي لاءِ چوڪري خوشيءَ سان وري ٻيا تيار ڪري موڪليندي."

ھو سڀ ڪجھ اھڙي ريت ڪندو ھو، جو ڪنھن کي بہ ڪائنس بيزاري ڪانہ ٿيندي ھئي. ھا البت ميريسئف کي سندس عورت لاءِ ايتري نمايان ڪمزوريءَ کان ڪوفت ٿي ھئي.

ـــ پئي ڏينھن ڪميسار جو جنازو ڪنيو ويو.

ايڪسي، ڪوڪوشڪن ۽ گووزديف اڳڻ ۾ ڪلندڙ دريءَ تي جمي ويا. ھنن ڏٺو ته گھوڙا ھڪ توپ گاڏيءَ کي چڪيندا اندر داخل

ٽيا. بينڊ وڄائڻ وارا قطار ڪري بيٺا. هنن هڪ فوجي جٿي کي اندر ايندي ڏٺو. نرس اندر آئي ۽ مريض کي دريءَ وٽان پري هٽڻ لاءِ چيائين. هوءَ معمول مطابق خاموش ۽ چست پئي لڳي، پر ميريسئف محسوس ڪري ورتو ته سندس آواز ڏڪي رهيو هو. هوءَ ٻئين مريض جو بخار ڏسڻ آئي هئي. اوڏي مهل بينڊ جنازي جي نغمي جي ڌن وڄائڻ شروع ڪئي. نرس سڄي هيڊي ٽي ويئي. هن جي هٿ مان ٿرماميٽر ڪري فرش تي ذرا ذرا ٽي ويو ۽ ان جو پارو ننڍين موتين وانگر فرش تي چُرڻ پُرڻ لڳو. ڪلاوديا پنهنجو منهن هٿن ۾ لڪائي وارڊ مان ٻاهر نڪري ويئي. "هن کي ڇا ٿيو آهي؟ ڇا هو هن جو محبوب هو؟" مريض دريءَ ڏانهن اشارو ڪيو، جتان ماتم جي ساز جو آواز پئي آيو.

دريءَ مان ليڪا پائيندي، هنن ڏٺو ته ڳاڙهي ڪفن ۾ ويڙهيل لاش توپ گاڏيءَ تي رکيل هو، جيڪا ڦاٽڪ پار ڪري رستي تي پهچي چڪي هئي. گلن جا انبار ڪميسار جي لاش مٿان رکيل هئا. گاڏيءَ جي پٺيان سپاهي هڪڙو هڪڙو ٽالهه کڻي پئي هليا، جن ۾ اهي تمغا هئا، جيڪي ڪميسار کي مليا هئا. هڪ، ٻه، پنج، اٺ..... جنرل ڪنڌ جهڪائي پٺيان پٺيان مارچ ڪري رهيا هئا. انهن جي وچ ۾ واسيلي واسيلي وچ ۾ هو. ڪيس ٻه جنرلن وارو فوجي ڪوٽ پاتل هو، پر خبر ناهي ڇو سندس مٿو اگهاڙو هو. ان جي پٺيان ٽورو پريرو ڪلاوديا، سپاهين وڃان ظاهر ٿي. هوءَ ٻه اگهاڙي مٿي سان هئي. هوءَ ٽڙندي پئي هلي. ائين پئي محسوس ٿيو، جڙ هن پنهنجي سامهون واري ڪاٻه شيءَ کان پئي ڏٺي.

"هيءَ ڪير آهي، ساٿيو؟" ميجر پڇيو. هن ٻه دريءَ تائين پهچي ٻاهر ڏسڻ ٿي چاهيو، پر سندس ٽنگن ڪي پٽيون ٻڌل هيون، تنهن ڪري هو چُري ٻه نڪي سگهيو.

جنازو اڪين کان ڏور ٿي ويو. ماتمي نغمي جو هلڪو هلڪو آواز درياءَ جي ڪناري وٽان اڃا ٻه اڇي رهيو هو. مندي چوڪيدار ٻاهريون ڦاٽڪ بند ڪرڻ لاءِ اڇي چڪي هئي، پر 42 وارڊ جا مريض اڃا تائين دريءَ وٽ بيٺا ڪميسار کي پنهنجي آخري سفر تي وڃڻ لاءِ الوداع چئي رهيا هئا.

"چا توهان اهو نٿا ٻڌائي سگهو ته هي جنازو ڪنهن جو آهي؟ ائين پيو لڳي جڙ توهان سيني کي نانگ سونگهي ويو آهي! جواب ئي نٿا ڏيو!!" ميجر بي صبريءَ مان چيو. هو اڃا تائين اڳي دريءَ مان ٻاهر نهارڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو.

نيٺ ڪوڪوشڪن ڪيس خشڪ ۽ بيزاريءَ واري آواز ۾ جواب ڏنو:

"هي هڪڙي انسان جو جنازو آهي، هڪ سچي انسان جو، هڪ انقلاب دوست ساٿيءَ جو."

"سچو انسان" جو فقرو اليڪسيءَ جي دل تي نقش ٿي ويو. ان کان وڌيڪ بهتر خراج ممڪن ڪونہ هو. اليڪسي "سچو انسان" بنجڻ جي تمنا سان پُر ٿي ويو. ان شخص وانگر، جيڪو هينئر پنهنجي آخري منزل ڏانهن ڪڇي پئي ويو. ■

[12]

ڪميسار جي موت کان پوءِ سڄي 42 وارڊ جي زندگي بدلجي ويئي. هاڻي اتي ڪوبہ ڪونہ هو، جيڪو ڪا هڪڙي سني ڳالهہ ٻڌائي. اسپتال ۾ چانيل غمناڪ خاموشيءَ کي ختم ڪري سگهندو هجي، جيڪا ڪڏهن ڪڏهن اسپتال جي هن وارڊ تي طاري ٿي ويندي هئي ۽ جڏهن هر شخص پنهنجي اداس سوچن ۾ غرق ٿي ويندو هو. هاڻي اتي ڪير بہ ڪونہ هو، جيڪو گووزديف کي پنهنجي زنده دليءَ وارين ڳالهين سان پنهنجي بي ڪيف خول مان ڪڍي سگهي ۽ ڪير بہ ڪونہ هو، جيڪو ميريسئف کي صلاح ومشورو ڏيندو هجي. هاڻي ڪير بہ ڪونہ هو، جيڪو ڪوڪوشڪن جي بڙ بڙ کي هڪ اهڙي ڳالهہ سان ماٺ ڪرائي ڇڏيندو هجي، جنهن ۾ ٽوڪ نہ هجي، پر دل آزاري نہ هوندي هجي. اها چقمق هلي ويئي هئي، جيڪا انهن سمورين رنگا رنگ هستين کي ميڙي چوندي هڪ نقطي وٽ گڏ ڪندي هئي.

ليڪن هاڻي ان ڳالهہ جي ايتري گهٽي ضرورت بہ ڪانہ رهي هئي. وقت ۽ علاج پنهنجو ڪم ڪيو هو. سيئي مريض تيزيءَ سان چگا ڀلا ٿي رهيا هئا ۽ جيترو سندن موڪل ۾ ٿورو وقت بچندو پئي ويو، هو

اوترو ئي گھٽ پنھنجي بيماريءَ جي باري ۾ ڳالھائڻ لڳا ھئا. ھاڻي ھو اھي خواب پيا ڏسندا ھئا تہ اسپتال کان ٻاھر چا پيش اچي رھيو آھي؟ جڏھن ھو موتندا تہ خاص خاص جڳا سندن کھڙي طرح آڏرياءُ ڪندا؟ انھن مان ھر ھڪ فوجي زندگيءَ لاءِ ڦٽڪي رھيو ھو، جنھن جا ھو عادي بنجي چڪا ھئا. محاذ تي ڇانيل خاموشي ۽ ھڪ طوفان جو اشارو ڪري رھي ھئي.

اسپتال مان نڪري عملي فوجي خدمتن سرانجام ڏيڻ لاءِ محاذ تي واپس وڃڻ کا وڏي ڳالھ ڪانہ ھئي. پر اليڪسيءَ لاءِ ھي ھڪ مسئلو بنجي چڪو ھو. ڇا سکيا ۽ ھنرمنديءَ سان پيرن جي تلافي ٿي سگھي ٿي؟ ڇا ھو ھاڻي کڏھن ۽ ھوائي جھاز ۾ ھواباز جي حيثيت ۾ ويھي سگھندو؟ ھو وڌندڙ جوش ۽ جذبي تحت پکي عزم سان پنھنجي منزل طرف وڌندو رھيو. ھن پنھنجي ٽنگن جي ورزش جو وقت وڌائي ڇڏيو. گڏوگڏ ھو ھاڻي صبح شام ۽ ڪلاڪ ورزش ڪندو ھو. پر اھو ۽ ڪيس ٽورو لڳو ۽ ھن وچين مھل ۽ ورزش ڪرڻ شروع ڪئي. ھو مجنوءَ وانگر لڳاءُ سان ورزش ڪندو ھو. ھو پنھنجي بدن کي اڳيان پٺيان ۽ ٻنھي پاسن ڏانھن ورائيندو ڦيرايندو ھو ۽ پوءِ ٻانھن ۽ ڪنڌ جي ورزش ڪندو ھو، جو اھو منظر ڏسندي ڏاڍي تڪليف پھچائيندو ھو. تنھن ڪري اھي مريض، جيڪي ھلي ڦري سگھيا ٿي، سي ورزش وقت ڪمرو ڇڏي ويراندي ۾ ھليا ويندا ھئا ۽ بستري تي پيل استروچڪوف وري ڪمبل مٿان ڍڪي سمھڻ جي ڪوشش ڪندو ھو. وارڊ ۾ ڪنھن کي ۽ يقين ڪونہ ٿي آيو تہ ڪو پيرن وڍيل ماڻھو ۽ ھوائي جھاز اڏائي سگھندو. پر ھن جي ھيءَ ثابت قدمي ۽ جنون ڏسي سندس ساٿي ھن جو احترام ڪرڻ لڳا ھئا ۽ شايد ھو پنھنجو اھو احترام کل يوڳ وارن فقرن ۾ بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا ھئا.

استروچڪوف جي گوڏن جي زخمن کي جيترو خطرناڪ سمجھيو پئي ويو، اھي ان کان وڌيڪ خراب ثابت ٿيا. اھي زخم بنھ آھستي آھستي پرجي رھيا ھئا. ھن ۾ چڙ وڌندي پئي ويئي. ھو ٿوري ٿوري ڳالھ تان چڙي پوندو ھو ۽ سيني تي گارين جو ڏوڙيو لائي ڏيندو ھو. وارڊ جي سمورن ساٿين طئي ڪري ڇڏيو ھو تہ جيڏي مھل ھن تي

چڙ جو دورو پوي تہ ساٹس ڪير بہ نہ ڳالھائي ۽ پلي ھو دل جو بار ھلڪو ڪري.

استروچڪوف پنھنجي بي صبريءَ جو سبب اھو پڌائيندو ھو تہ ھو غسل خاني ۾ وڃي سگريٽ پيئڻ کان قاصد آھي. پيو تہ وراندي ۾ نٽو وڃي سگھي ۽ آپريشن واري ڪمري ۾ وڃي ڳاڙھن وارن واريءَ نرس جو ديدار نٽو ڪري سگھي. من اھا ڳالھ بہ ھلائي ڇڏي ھئي تہ پٽي ڪرائڻ وقت ان نرس ڪيس اشارو پڻ ڪيو ھو. ممڪن آھي تہ ان ۾ ڪا سچائي بہ ھجي، پر اليڪسيءَ محسوس ڪيو تہ من تي اھي دورا ان وقت ٿي پيا، جيڏي مھل ھو ھوائي جھاز جو آواز ٻڌندو ھو يا ريڊيو يا اخبار ۾ جنگ، متعلق توڙي پنھنجي جاتل سجاتل ساٿين بابت ڪا خبر ٻڌندو ھو. ان سان ميريسئف ۾ بہ خوفناڪ بي صبري پيدا ٿي ويندي ھئي، پر ھو ان کي ضبط ڪري ونندو ھو ۽ اھڙي طرح استروچڪوف سان پنھنجي پيٽ ڪري ڪيس فتح جو احساس ٿيندو ھو. ڪيس محسوس ٿيندو ھو تہ ھو ان ماڻھو جي وڏيڪ ويجھو پھچي رھيو آھي، جنھن کي من پنھنجي لاءِ آدرشي انسان، 'سچو انسان' تسليم ڪيو ھو.

ميجر استروچڪوف ھڪ واٽ تي ھلندو رھيو. ھو تمام گھٽو ڪائيندو بہ ھو ۽ تمام گھٽو ڪلندو بہ ھو. ھو ساڳئي وقت عورت جو عاشق بہ ھو تہ ساڳئي وقت عورتن کان بيزار بہ ھو. ھو خاص ڪري انھن عورتن جي سخت خلاف ھو، جيڪي محاذ ڀڻيان ھيون.

ميريسئف کي استروچڪوف جي ڳالھين کان سخت نفرت ٿيندي ھئي. جڏھن اھو من جون ڳالھيون ٻڌندو ھو تہ ڪيس اوليا ياد ايندي ھئي يا ان ننڍي قد واري موسمي سرجنٽ جي تصوير اپري ايندي ھئي، جنھن جي باري ۾ ھيءَ ڪھاڻي مشھور ھئي تہ ھڪ پيري ھڪ ٽرڙي سرجنٽ کي سنتري خاني ۾ من رائفل جو قنداڪ ھڻي، پڇائي ڪڍيو ھو. ھوءَ ڪيس گولي ھڻي ڪڍي ھا، پر قسمت زور ھيس. اليڪسيءَ کي محسوس ٿيو تہ استروچڪوف اھڙين ئي بيش بھا عورتن تي گند اڇلائي رھيو آھي. ھڪ ڏينھن جڏھن استروچڪوف پنھنجي بحث جو خاتمو انھن جملن تي ڪيو تہ "اھي سموريون ھڪ جھڙيون آھن" ۽ "انھن مان ڪنھن کي بہ 'چپٽي وڃائيندي' ناھي سگھجي ٿو"

تڏهن ميريسئف جي صبر جو پيالو ڇُلڪي پيو ۽ هن پنهنجا ڏند ايتري تہ زور سان پکوڙيا جو سندس متون هيڏيون ٿي ويون.

"ڪنهن کي ٻہ؟"

"ها ها، ڪنهن کي ٻہ." ميجر ڏاڍي اطمينان سان ورندي ڏني. اوڏي مهل ڪلاوديا وارڊ ۾ داخل ٿي ۽ سيني مريضن جي چهرن تي ڪشمڪش جا آثار ڏسي چيائين: "چا ڳالهہ آهي؟"

"اسان زندگيءَ تي بحث ڪري رهيا آهيون، نرس! هاڻي اسان ڳالهين بنائڻ کان سواءِ ٻيو ڪري ٻہ چا تا سگهون؟" ميجر هڪ تابناک مسڪراهٽ سان جواب ڏنو.

"نرس جي باري ۾ تنهنجو ڪهڙو خيال آهي؟" جڏهن نرس هلي ويئي، تڏهن ميريسئف ڪاوڙ پريل لهجي ۾ چيو.

"چا تنهنجي خيال ۾ هن جي ۾ ڪا ٻي شيءِ گاڏڙ آهي؟"

"ڪلاوديا کي ان قصي کان پري رکو. اسان وٽ هڪ معزز ماڻهو هو، جيڪو هن کي سوويت حور چوندو هو." گووزديف سختيءَ مان چيو.

"ڪير ٿو بازي لڳائڻ چاهي؟"

"بازي؟" ميريسئف رڙ ڪئي. سندس اکين مان شعلا نڪرڻ لڳا. "ڪهڙيءَ ڳالهہ تي بازي ٿو لڳائڻ چاهين؟"

"پستول جي گوليءَ تي. جيئن پهرين آفيسر ڪندا هئا. جيڪڏهن تون ڪٽي ويندين تہ آئون تنهنجي پستول جو نشانو بنيس ۽ جيڪڏهن آئون ڪٽي ويس تہ تون منهنجي گوليءَ جو بک بنبين." استروچکوف ڪلندي چيو ۽ سچي واقعي کي هڪ ڪل يوڳ جو روپ ڏيئي، ٽارڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو.

"بازي؟ ۽ اهڙي بازي؟ شايد توکي وسري ويو آهي تہ تون سوويت آفيسر آهين. جيڪڏهن تنهنجي ڳالهہ سچي نڪري تہ تون منهنجي منهن تي ٽڪجانءِ." ميريسئف آڏي اک سان ڏانهس گهوريندي چيو. "پر هوشيار ٿج، ائين نہ ٿئي جو مون کي تنهنجي منهن تي ٿُڪڻو پوي."

"جيڪڏهن بازي نٿا لڳائڻ چاهيو تہ نہ لڳايو، پر آئون بغير بازيءَ جي ٻہ توهان کي اهو ثابت ڪري ڏيکاريندس تہ آئون سچ ٿو چوان ۽

اسان کي نرس جي خاطر پاڻ ۾ وڙهڻ نہ ڪپي."

ان ڏينهن کان پوءِ استروچڪوف ڪم تي چڙهي ويو. هو ڪل يوڳ وارين ڪهاڻين سان ڪلاوديا جي دل وندرائيندو هو ۽ هو انهن قصن ڪهاڻين جو تہ ماهر هو. پوءِ ڪيس پنهنجي گهرو ماحول ۽ اڪيلائيءَ جي اذيت کان واقف ڪيائين.

هڪڙي ڏينهن شام جو پنهنجي ڏيوٽيءَ جي وقت ڪلاوديا وارڊ ۾ آئي. ڪيس ڪنهن مريض کي تہ ڏسڻو ڪونہ هو، پر مڙيئي ڪچهري ڪرڻ آئي هئي. هو استروچڪوف جي ڪٽ جي پانهين تي ٽي ويني. ميجر پنهنجو هڪ داستان چيڙي وڌو. ڪنهن بہ ڪونہ ڏٺو تہ چا ٿيو؟ پر هوءَ هڪدم ٽپ ڏيئي اٿي بيهي رهي. هر ماڻهوءَ مڙي ڏٺو. نرس منهن تي نفرت ميڙي، ڏڪندڙ رخسارن سان ميجر کي گهوري رهي هئي. هو نادم ۽ شايد خوفزده بہ نظر اچي رهيو هو.

"ڪامريڊ ميجر، جيڪڏهن تون مريض نہ هجين ها ۽ آئون نرس نہ هجان ها تہ تنهنجي منهن تي اهڙو تہ چنبو وهائي ڪڍيان ها، جو ياد ڪرين ها ڪي ڏينهن!"

"اڙي اڙي ڪلاوديا! آئون قسم ٿو کڻان تہ منهنجو مطلب هرگز..... ٻيو تہ ان ۾ پلا رکيو بہ چا آهي.....؟"

"واهہ! ان ۾ رکيو بہ چا آهي؟" هاڻي نرس کيس ڪاوڙ مان نہ پر حقارت ۽ نفرت سان ڏسندي چيو. "تمام سنو، ان کان اڳتي ڪجهہ بہ چوڻ جي ضرورت ڪانهي. ٻڌو تو؟ ۽ هاڻي آئون تو کي تنهنجي ساڻين جي سامهون چوان ٿي تہ آئنده تون مون سان نہ ڳالهائج. تون صرف دوا ۽ علاج جي باري ۾ مون سان ڳالهائي سگهين ٿو. چگو موڪلاٽي ساڻيو."

۽ هوءَ وارڊ مان هلي ويئي. دستور خلاف اڄ سندس قدم ڪجهہ ڳرا ڳرا پئي لڳا ۽ هن پاڻ کي مطمئن ۽ پُرسڪون رکڻ جي ڪوشش پئي ڪئي.

هڪ پل لاءِ وارڊ ۾ سانت چانئجي ويئي. پوءِ اليڪسيءَ جو هڪ زهريلو ۽ فتح مندءَ وارو ٽهڪ گونجيو. هر ماڻهو ميجر تي چڙهي ويو: "ڪيئن؟ تو کي پنهنجي بدمعاشيءَ جو نتيجو مليو نہ؟"

ميريسئف اکين ۾ شرارت پري ۽ پنھنجي آواز ۾ ڪوڙي همدردي شامل ڪري ڪانئس پڇيو:

"ڪھڙو خيال اٿئي، ھينئر ئي تنھنجي ھوٽ تي ڪانگھارو ڪڍي ھٽان، يا پوءِ ڪڏھن؟"

استروچڪوف جو منھن لھي ويو، پر ھو پنھنجي شڪست مڃڻ لاءِ تيار ڪونہ ھو. ھا، البت جيڏي مھل ھن ڳالھايو تہ منجھس پھريون جھڙو اعتماد نہ رھيو ھو.

"ڇا ٿي پيو؟ حملي جو جواب مليو آھي، وقتي ھار ٿي آھي، پرواھ ناھي. آئون ٻيھر ڪوشش ڪندس"

ھو آڏيءَ رات تائين سمھي نہ سگھيو ۽ پنھنجي مُنھن ٻڌ ٻڌ ڪندو رھيو، جڏ پنھنجي ئي سوال جو پاڻ جواب ڏيندو ھجي. رکي رکي آھستي آھستي سينڊ وجائي رھيو ھو.

ان کان پوءِ ڪجھ ڏينھن بعد ڪوکوشکن کي اسپتال مان موڪل ملي. ھن اسپتال ۾ ساڻين کان موڪلائڻ مھل کين چيو تہ سندس ماءُ جا خط اچن تہ سنيالي رکن ۽ فوجي دستي جي پتي تي ڏياري موڪلين. ميريسئف کيس چيو تہ پنھنجو حال لکج تہ دوستن تنھنجو ڪيئن آڏرياءُ ڪيو؟

ھن سُتت ئي ميريسئف کي خط لکيو. خط ڏاڍو خشڪ لھجي منجھ ۽ ڪاروباري انداز ۾ لکيل ھو. پنھنجي باري ۾ ھن فقط ايترو لکيائين— لڳي ٿو تہ منھنجي اڇڻ جي دوستن کي تمام گھٽي خوشي ٿي آھي. اھو بہ لکيو ھئائين تہ موجوده جنگ ۾ پنھنجي جٿي کي گھٽو نقصان برداشت ڪرڻو پيو آھي، تنھنڪري جيڪو بہ جٿي ۾ ايندو، پوءِ پلي گھٽ تجربيڪار ھجي، پر بروقت ڏيوٽي تي لڳايو ويندو. ھن مري ويلن ۽ زخمي ٽيلن جا نالا بہ لکيا ھئا ۽ لکيو ھئائين تہ ميريسئف کي ايڏا تائين دستي ۾ ماڻھو ياد پيا ڪن. ونگ ڪمانڊر، جيڪو ھاڻي ترقي ڪري ليفٽيننٽ ڪرنل ٿي ويو آھي، ان جڏھن سندس جسماني ڪرتبن ۽ ٻيھر ھواباز بنجڻ جي اٽل ارادي بابت ٻڌو تہ چيائين ميريسئف ضرور واپس ايندو. ھو انھن ماڻھن مان آھي، جيڪي پنھنجي ڳالھہ پوري ڪري پوءِ جند ڇڏيندا آھن..... ھن جي ڳالھہ ٻڌي

چيف آف اسٽاف چيو تہ بهرحال، ناممڪن ممڪن ٿي نہ ٿو سگهي. انهيءَ تي ونگ ڪمانڊر چيو تہ ميريسئف جهڙي ماڻهوءَ لاءِ ڪابہ ڳالهہ ناممڪن ڪانهي. اليڪسيءَ کي اهو ڏسي حيرت ٿي تہ خط ۾ 'موسمي سرجنٽ' متعلق پڙ ہہ ٿي لفظ لکيل هئا. ڪوڪوشڪن لکيو هو تہ سرجنٽ مٽس سوالن جي اهڙي تہ بمباري شروع ڪئي جو نيٽ ڪيس حڪم ڏيڻو پيو تہ "ابائوٽ ٽرن مارچ!" ڪوڪوشڪن آخر ۾ لکيو هو تہ ڪيس پهرئين ڏينهن ئي ہہ پيرا جنگ ۾ حصو ونڊو پيو هو. ايندڙ ڪجهہ ڏينهن اندر رجمينٽ ۾ نوان 'لا-5' جهاز ايندا. آندرئي انهن جهازن کي آزمائي چڪو آهي. ان جو چوڻ آهي تہ هن هوائي جهاز جي مقابلي ۾ سڀ جرمن جهاز بنهہ بيڪار آهن. ■

[13]

هن پيري گرميون ڪجهہ اڳيرو شروع ٿي ويون هيون. هڪ پيري گرمين ۾ صبح جو سوير ڪلاوديا وارڊ ۾ آئي تہ هوءَ ڏاڍي ڳڻيير پئي لڳي. ساٽس گڏ هڪ پوڙهو ماڻهو هو، جنهن کي لوهہ جي ڪامن واري عينڪ پاتل هئي، جنهن کي هن ڏور سان مٽي جي پويان ہڏي ڇڏيو هو. هو ڪلف لڳل سفيد نئون چوغو پائي آيو هو. هن ميريسئف جي ڪٽ جي پاسي ۾ هڪ ہڏل هڙ رکي ڇڏي ۽ آهستي آهستي ان کي کولڻ لڳو. جڏهن ڪپڙو هٽيو تہ ان مان نئون ۽ زرد نقلي پيرن جو جوڙو نڪتو، جيڪو انتهائي مهارت ۽ انتهائي خوبصورتيءَ سان ناهيو ويو هو. نقلي پيرن ۾ نوان پوري رنگ جا فوجي بوٽ پاتل هئا، جيڪي پيرن ۾ اهڙا تہ نهيا ٿي جو جڙ اصلي پئي لڳا.

"هاڻي رکو رهڙ جي بوٽن جي هڪ جوڙي جي ڪسر باقي رهيل آهي، پوءِ تہ تون انهن کي پائي، مزي سان پنهنجي شادي ۾ وڃي سگهندين." دستڪار چيو ۽ عينڪ جي مٿان پنهنجي ڪارنامي کي تعريف پريل نگاهن سان تڪڻ لڳو. "واسيلي واسيلي وچ پاڻ آرڊر ڏنو هو. هن چيو هو: 'ہڏ زوئيف، نقلي پيرن جو هڪ اهڙو جوڙو ناهہ؛ جو بنهہ اصلي پيرن کي ہہ ماري وڃي.' اچي وڃ! هي آهن اهي پير، زوئيف جا ناهيل آهن. بادشاهہ پائي تہ اهو ہہ ڪر خوشيءَ مان نچڻ لڳي."

نقلي پير ڏسي ميريسئف جي ذهن کي ڏاڍو ڏڪ رسيو. هن جي دل ٻڏڻ لڳي، پر پوءِ يڪدم سندس من مان اهو احساس ويندو رهيو ۽ ان جي جاءِ تي وري انهن پيرن کي آزمائڻ ۽ بنا سهاري هلڻ جي شوق ڪَرَ موڙيا. هن پنهنجون وڏيل ٽنگون ڪمبل مان ڪڍيون ۽ دستڪار کي چيو ته هڪدم پائي. پر پوڙهي کي جلدئ وارو خيال ڪجھ وٽيو ڪونہ. هن جي دعويٰ هئي ته ڪنهن وقت هن هڪ راجمڪار لاءِ نقلي پير ناهيا هئا، جنهن گھوڙن جي ڊوڙ ۾ پنهنجي ٽنگ ڀڃائي هئي. هن کي پنهنجي تخليق تي تمام گھڻو ناز هو ۽ هو پنهنجي گراهڪ جي خواهش پوري ڪرڻ واري راحت ۽ سکون کي ڏيکھ ڏيڻ چاهيندو هو. ائين بس 'ڪم لٽو ڪاڳر ڦٽو' ۾ ڪيس مزو ڪونہ ايندو هو. هن چاهيو ٿي ته سندس اڻ ملھ سوکڙئ جي ڪو تمام گھڻي واکاڻ ڪري ۽ هو ٻڌندو رهي ۽ ٽڙندو رهي.

"ڏاڏا پوڙها، هلي آ ته پاڻ هنن کي ٿورو آزمايون ته سهي!" ميريسئف پلنگ جي ڪناري تي ويهي ٽنگون هيٺ ڪندي، بي صبريءَ مان چيو. "تنهنجو چا مطلب آهي؟ 'اچ اچ پئي پوني؟' چوڻ سولو آهي، پر ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي." پوڙهو بڙ بڙ ڪرڻ لڳو. "واسيلي واسيلي وچ مون کي چيو هو ته زوئيف، پنهنجي زندگيءَ جو سيني کان بهترين جوڙو تيار ڪج. هي ليفٽيننٽ بنا پيرن جي هوائي جهاز اڏائڻ چاهي ٿو. چگو خير، اچي وڃ! آوٽن تيار ڪري آيو آهيان. هي ڏس، هنن پيرن سان صرف نہ گھمي ڦري سگھندين، پر سائيڪل بہ هلائي سگھندين. ڇوڪرين کي چيلھ ۾ پاکر پائي پولڪا ناچ بہ ڪري سگھندين..... بنھ عمدي شيءِ تيار ٿي آهي، ٻڌيئي؟"

هن اليڪسيءَ جي وڏيل ڪاٻي ٽنگ کي نقلي پير جي نرم ۽ اوني سانچي ۾ وڌو ۽ مضبوطيءَ سان چڪي ڏاڪا ٻڌيائينس، ٿورو پنڌتي هٽي معائنو ڪيائينس ۽ پوءِ واکاڻ ڪرڻ ۾ لڳي ويو.

"بهترين بوٽ آهي! ماپ ۾ ته پورو اٽئي نہ؟ ڪٽان ڇُيئي ته ڪونہ ٿو نہ؟ منهنجو خيال آهي ته ڪونہ ٿو ڇُيي. سڄي ماسڪو ۾، پلي بتي ڪٽي پيو ڳول، پر زوئيف جهڙو ڪاريگر ڪونہ ملنديئي."

پوءِ هن ٻيو پير ٻڌو. پر اڃا هن ڏاڍو ٻڌو ئي مس ته ميريسئف تپ

ڏيئي اڻي بيهي رهيو. پر اها ئي ساعت ته ڏڙام ڪري اچي پٽ تي ڦهڪو ڪيائين. سندس وات مان رڙ نڪري ويئي ۽ هو سنئون سڏو وڃي فرش تي ڪريو. پوڙهي ڪاريگر کي ايڏو ته تعجب لڳو جو سندس عينڪ ڪرندي ڪرندي بچي. ڪيس اميد ئي ڪانه هئي ته کو سندس گراهڪ ايترو جلدباز ڪيڏاري ثابت ٿيندو. اليڪسي پٽ تي ٽنگون ٽيڙيو بيوس ۽ بي سُڌ پيو هو ۽ سندس اکين مان گهپراهٽ، درد ۽ خوف ليڪا پائي رهيو هو. ڇا هو واقعي پنهنجو پاڻ کي دوکو ڏيئي رهيو هو؟

ڪلاوديا حيرت مان ٻئي ٻانهون چنڊي ڏانهس وڌي. پوڙهي ڪاريگر جي مدد سان هن اليڪسيءَ کي اڻاريو ۽ هنڌ تي ويهاريو. هو بي جان ۽ غمزده وينو رهيو. هو نااميديءَ جي حسرتناڪ تصوير ٿي لڳو.

"اي نوجوان! توکي ائين ڪرڻ نه گهربو هو." پوڙهي چيو. "ائين ٽپ ڏئي ڇڪ اصلي پير هجئي. پر همت نه هارڻ گهرجي. توکي ٻنهه شروعات کان وٺي ئي هلڻ سکڻو پوندو. في الحال تون وساري ڇڏ ته کو تون سپاهي آهين. سمجهه ته تون هڪڙو ننڍڙو، پتڪڙو ٻار آهين ۽ توکي هڪ هڪ قدم ڪري هلڻ سکڻو آهي. پهرين گهوڙين جي مدد سان، پوءِ پٽين کي جهلي ۽ ان کان پوءِ لڪڻ جي سهاري. اهو سڀ ڪجهه تون هڪ ئي ساهيءَ ۾ ته ڪري نه سگهندين. توکي ائين آهستي آهستي ڪرڻو پوندو. پر تون ته ائين ٽپ ڏيئي اڻي بيهي رهين. هي برابر سڌا پير ته آهن پر تنهنجا پنهنجا ته ڪونه آهن ني. هاڻي ڪوبه توکي اهڙا پير ناهي نڏو ڏيئي سگهي، جهڙا توکي تنهنجي ماءُ پيٽ ۾ ناهي ڏنا هئا."

اُن بدنصيب ٽپ کان پوءِ اليڪسيءَ جون ٽنگون ڏُکڻ لڳيون هيون، پر ان جي باوجود به هو انهن کي هڪدم آزمائڻ لاءِ آتو هو. هنن هن لاءِ اليومينم جي گهوڙين جو هڪڙو جوڙو آندو هو. هن گهوڙين کي فرش تي رکي، سندن نرم متا بغلن ۾ دٻايا ۽ پنهنجي سڄي جسم جو وزن گهوڙين تي وڌهي، پوءِ هن پنهنجي هڪ ٽنگ اڳيان وڌائي ۽ پوءِ پي. گڏو گڏ فرش تي کٽ کٽ جو آواز ايرڻ لڳو.

"شاباس، مبارڪ هجيئي!" ڪاريگر آهستي آهستي چيو. ميريسئف تمام گهڻي احتياط سان پر تي وڌيڪ قدم کنيا. پر انهن شروعاتي قدمن کڻڻ ۾ ڪيس ايڏي ته جاکوڙ ڪرڻي پئي هئي جو، جڏهن هو دروازي تائين پهچي واپس وريو ته ڪيس ائين محسوس ٿيو ته جڻ هو پر مڻ وزن کڻي ڪا چار ماڙ چاڙهي چڙهي رهيو هجي. هو منهن ۾ بستري تي ڪري پيو. سندس سڄو بدن پگهر ۾ شل ٿي ويو هو. هو ايترو ته نستو ٿي چڪو هو جو رڳو پاسو ورائي سڏو ٿي ليڻ جي به منجهس سگهه ڪانه رهي هئي.

"ڪيئن، پسند آيا نه؟ توکي ته خدا جو شڪر ادا ڪرڻ گهرجي جو هن دنيا ۾ اجا زوئيف جهڙو ڪاريگر موجود آهي." پوڙهو ڪاريگر پيرن جا ڏاڪا بہ ڪولي رهيو هو ته ٻڌاڪ بہ هڻي رهيو هو. جڏهن هن جون تنگون ٻاهر نڪتيون ته نئين ڏهاڙ جي ڪري ڪجهه سُڄيل هيون. "هي پير پائي تون نہ صرف معمولي اڏام ڪري سگهندين، پر اڏامي سڏو الله سائينءَ جي گهر بہ پهچي ويندين. اعتبار ڪرين ته بنهه پلي شيءِ اٿئي."

"مهرباني، مهرباني! ڏاڏا پوڙها! تنهنجي مهرباني. مون کي خبر آهي ته هيءَ بنهه پلي شيءِ آهي." اليڪسيءَ وراڻيو.

ڪاريگر ڪجهه دير لاءِ بيهي رهيو، جڻ ڪجهه پڇڻ چاهيندو هجي، پر کيس پڇڻ جي همت نہ ٿيندي هجي يا جڻ ته هو پاڻ ڪنهن سوال جي انتظار ۾ بينو هجي. آخر مايوسيءَ ۾ ريل ٽڏو ساهه ڪڍي هو آهستي آهستي دروازي ڏانهن وڌڻ لڳو.

"چگو الله واهي، اميد آهي ته هي توهان کي پسند ايندا." پر هن جي دروازي تائين پهچڻ کان اڳ ۾ ئي استروچڪوف سڏي چيس: "او ڏاڏا پوڙها! اچي هي وٺ، هي بہ تي ڏوکڙ بادشاهن جي شان وٽان پير ناهڻ جي خوشيءِ ۾ ڊُڪ پيئڻ لاءِ اٿئي."

"مهرباني، وڏي وڏي مهرباني! واقعي هي موقعو ئي اهڙو آهي، جو ضرور پيئڻ گهرجي." پوڙهو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ هن پئسا اندرئين کيسي ۾ وڌا ۽ چيو: "مهرباني، آئون واقعي پيئندس. باقي جيستائين پيرن جو تعلق آهي ته آئون چوان ٿو ته مون پنهنجو بهترين هُنر انهن ۾

لڳائي ڇڏيو آهي. واسيلي واسيلي وچ مون کي چيو هو: 'زوئيف، هي هڪ خاص قسم جو ڪيس آهي، تون بهتر کان بهترين شيءِ تيار ڪج.' پر ڇا زوئيف ڪڏهن بهتر کان بهتر شيءِ کان سواءِ ٻ ڪجھ ٻاهيو آهي؟ واسيلي واسيلي وچ ملي ٿ ڇڪجوس ٿ هيءَ شيءِ توهان کي ڏاڍي پسند آهي."

اهو ڇئي ڪاريگر ٻاهر نڪري ويو. ميريسئف سُتي پنهنجي نقلي پيرن کي تکي رهيو هو، جيڪي سندس پلنگ وٽ فرش تي پيا هئا. هو جيترو انهن کي ڏسندو پئي ويو، ڪيس اوترو ئي انهن جي خوبصورتي، صفائي، نفاست ۽ گهٽ وزندار هجڻ وڻڻ لڳا. "سائيڪل هلائي، پولڪا ناچ ڪري، هوائي جهاز اڏائي، اڏامي الله سائينءَ جي گهر هليو وڃ. ها، آئون اهو سڀ ڪجھ ضرور ڪندس. ها، ها، آئون اهو سڀ ڪجھ ڪندس" هن سوچيو.

اُن ڏينهن هن اوليا کي هڪ بهترين ۽ پُر مسرت خط لکيو. هن ڪيس ڏايو ٿ نئين جهاز ونڊ جو جيڪو ڪم سندس حوالي ڪيو ويو آهي، سو هاڻي مڪمل ٿيڻ وارو آهي ۽ اميد ٿ سرءُ جي موسم ۾ يا ٿورو پوءِ سندس آفيسر ڪيس هن ٽڪائيندڙ ۽ بيزار ڪندڙ ڪم کان فارغ ڪندا. هو هن ڪم کان بنھ تنگ ٿي چڪو آهي. ها، ڪيس ٻيهر محاذ تي پنهنجي رجمينٽ ۾ موڪليو ويندو، جتي سندس دوستن ڪيس ڪونہ وساريو آهي. پُر حقيقت هيءَ آهي ٿ تڏهن کان هو سڀ سندس گس نهاري رهيا آهن، جڏهن کان ڪيس حادثو پيش آيو هو. هن اڄ پهريون پيرو هي پلو ۽ اميد پريو خط لکيو هو. پنهنجي محبوبہ کي هن اڄ پهريون پيرو خط لکيو هو ٿ آئون هميشہ تنهنجي باري ۾ سوچيندو رهندو آهيان ۽ تنهنجي لاءِ تڙپندو رهندو آهيان. هن ڏجندي ڏجندي لکيو هو ٿ منهنجي پراٽي خواهش آهي ٿ جنگ جي ختم ٿيڻ بعد، جيڪڏهن تنهنجو ارادو بدلجي نہ ويو هجي ٿ توسان گڏجي پنهنجو گهر آباد ڪريان. هن هي خط وَرَ وَرَ ڏيئي پڙهيو ۽ نيٺ ٽڏو شوڪارو پري آخري ستون ڪاٽي ڇڏيائين.

هن جيڪو خط 'موسمي سرجنٽ' کي لکيو هو، اهو جوش ۽ امنگ سان ڀريل هو. هن ان شاندار ڏينهن جو ذري ذري جو تفصيل لکيو

هو. هن لکيو هو ته هن پهريان قدم کيئن کنيا هئا؟ گهڻ ڳالهائو کاريگر جو ذکر به کيو هئائين، جنهن پيشن گوئي ڪئي هئي ته اليڪسي سائيڪل هلائي سگهي ٿو، پولڪا ناچ ڪري سگهي ٿو ۽ هوائي جهاز اڏائي سگهي ٿو، تنهن ڪري تون رجمنٽ ۾ منهنجي واپسيءَ جي اميد ڪري سگهين ٿي. ڪمانڊنٽ کي چئجانءِ ته منهنجي لاءِ هڪ نئين جاءِ جو انتظام ڪري ڇڏي.

هڪ پي اهڙي جاءِ هئي، جتي "بادشاهه جي شايان شان پيرن" کي بحث جو موضوع بنايو پئي ويو. اها جاءِ هئي ماسڪو يونيورسٽيءَ جي ميڊيڪل ڪورس جو ٽيون سال. هن درجي جون سموريون ڇوڪريون، ان زماني ۾ ان درجي ۾ گهٽو ڪري ڇوڪريون ئي هيون. واربڊ 42 جي باري ۾ ذري پرزي جي جاڻ رکنديون هيون. انيوتا کي پنهنجي خاطوءَ تي ڏاڍو ناز هوندو هو، پر افسوس جو ليفٽيننٽ گوزديف جا خط، جيڪي عام اطلاع لاءِ ڪونه ويندا هئا، سي ڪڏهن سڄي جا سڄا ته ڪڏهن انهن جا ڪي خاص حصا ڇڏي، باقي سمورا وڏي آواز ۾ پڙهيا ويندا هئا. البت انهن جا بي حجاب ٿي لکيل ٽڪرا ٻين کان لکايا ويندا هئا. جيئن جيئن خط وڪتابت جو سلسلو اڳتي وڌندو رهيو، تيئن تيئن اهڙن ٽڪرن جو تعداد وڌندو پئي ويو.

ميڊيڪل ڪورس جي ٽئين سال جي سمورين ڇوڪرين کي بهادر گريشا گووزديف سان محبت هئي. سمورو ڪلاس تيز ۽ تکي ڪوڪوشڪن کي ناپسند ڪندو هو ۽ اليڪسيءَ جي ناقابلِ تسخير جذبي جو قدر ڪندو هو ۽ سموريون ڇوڪريون ڪميسار جي موت جو سوڳ، پنهنجي ڪنهن عزيز جي موت جي سوڳ وانگر ملهائي رهيون هيون. گووزديف ان جي تعريف ۾ اهڙا ته قصيدا لکيا هئا جو سڀ ڇوڪريون سندس احترام ۽ ساڻس محبت ڪرڻ لڳيون هيون. جڏهن هنن کي خبر پيئي ته زندگيءَ سان ڀرپور هي شخص وفات ڪري ويو ته ڪيترين جي اکين ۾ لڙڪ تري آيا هئا.

اسپتال ۽ يونيورسٽيءَ جي وچ ۾ خط وڪتابت جو سلسلو وڌندو پئي ويو. هڪ خط ۾ گووزديف، ڪميسار جو هي قول نقل ڪيو هو ته "هنن ڏينهن ۾ خط پنهنجي منزل تي اهڙي رفتار سان پهچن ٿا، جنهن

رفتار سان ڪائنات ۾ تڏيل پکڙيل تارن جي روشني زمين تائين پهچي ٿي. ڪنهن ماڻهوءَ جي زندگي جو ڏيئو ته وسامي سگهي ٿو، پر خط آهستي آهستي پنهنجو سفر طئي ڪندا رهندا ۽ آخر جڏهن هو پنهنجي منزل تي پهچندا ته پنهنجي پڙهندڙن کي ڪنهن اهڙي شخص جو احوال ٻڌائيندا، جيڪو گهٽو پهريائين هن دنيا مان لاڏاٽو ڪري چڪو هوندو." انيوتا اهڙي باعمل چوڪري هئي، جنهن جي دل ۾ جيڪا ڳالهه ايندي هئي، ان تي عمل ڪري ئي رهندي هئي. هن خطن جي جلدي اڇ وڇ جو طريقو ڳولي ڪڍيو. هڪ پوڙهي نرس جي شڪل ۾ ڇڻ ڪيس هڪ قاصد ملي ويو. هيءَ نرس يونيورسٽيءَ جي ڪلينڪ ۾ به ڪم ڪندي هئي ته واسيلي واسيلي وڃ جي اسپتال ۾ به.

اُن ڏينهن کان پوءِ هر ڀئي ٽئين ڏينهن يونيورسٽي کي وارڊ نمبر 42 ۾ ٽيندڙ ڪارروائيءَ جي معلومات ملي ويندي هئي ۽ يونيورسٽي به هڪدم جواب ڏيندي هئي. نقلي پيرن تي بحث پئي هليو ته آيا ميريسئف هوائي جهاز اڏائي سگهندو يا نه؟ ان پرجوش بحث ۾ ڀئي ڏريون اليڪسيءَ سان همدردي رکندڙ هيون. ڪيترائي گهٽ حوصلو رکندڙ، هوابازيءَ جي پيچيدگين کي نظر ۾ رکندي چوندا هئا ته ميريسئف ڪڏهن به جهاز اڏائي نه سگهندو. ليڪن جوشيلي قسمن جي ماڻهن جو خيال هو ته هڪ اهڙو شخص، جيڪو دشمنن جي مورچن جي پٽيان ارڙهن ڏينهن تائين، خبر ناهي ڪيترن ميلن تائين رڙهندو رهيو آهي، تنهن لاءِ هوائي جهاز اڏائڻ کي وڏو مسئلو ڪونهي. انهيءَ سلسلي ۾ هو تاريخ ۽ افسانن جا حوالا ڏيندا هئا.

انيوتا ان بحث ۾ حصو ڪانه ونڊندي هئي. هن کي ڪڏهن ڪڏهن واندڪائيءَ جا ڪي پل ملندا هئا ته هوءَ گووزديف جي لاءِ سندس جذبات جي باري ۾ سوچيندي هئي. هن محسوس ڪيو هو ته سندس جذبات گهٽي کان گهٽا گنيير ۽ بيحد پيچيده ٿيندا پئي ويا. شروع ۾ هن جڏهن ان بهادر آفيسر جي غم ۽ الم سان پريل زندگيءَ جي باري ۾ پڙتو هو، تڏهن ڪيس هڪ بي لوث خط لکيو هئائين. پر خطن رستي جيئن جيئن سندن دوستي وڌندي ويئي، تيئن تيئن حب الوطني جي جنگ جي هڪ هيري جي خيالي شڪل شبيهه جي جاءِ هڪ

حقيقي ۽ زنده نوجوان هستي اچي والاري ۽ پوءِ هي نوجوان ڪيس گھٽي کان گھٽو پاڻ طرف چڪڻ لڳو هو. هن محسوس ڪيو هو ته جيڪڏهن به ٿي ڏينهن خط ۾ دير ٿي ويندي هئي ته سندس دل ڏاڍي ڪجندي هئي ۽ اداس ٿي ويندي هئي. هيءَ هڪڙي نئين ڳالھ هئي، جنهن ڪيس ڊيڄاري ڇڏيو هو. ڇا اها ئي محبت آهي؟ ڇا هڪ اهڙي ماڻھوءَ سان محبت ڪري سگھجي ٿي، جنهن کي هن ڪڏهن به ڪين ڏٺو هو؟ جنهن جو هن آواز به ڪونہ ٻڌو هو، جنهن کي هوءَ فقط خط وسيلي ئي ڄاڻندي سڃاڻندي هئي؟ جڏهن هڪ خط ۾ گووزديف لکيو هو ته "آئون خط وڪتابت ڪندي ڪندي عشق ۾ مبتلا ٿي ويو آهيان." تڏهن انيوتا کي محسوس ٿيو ته هوءَ به عشق ۾ گرفتار ٿي ويئي آهي. هن محسوس ڪيو ته سندس محبت اسڪول جي ڪنهن نندڙي چوڪري جي محبت نہ، پر هيءَ هڪ سچي پچي ڇاهت هئي. هن محسوس ڪيو ته جي خط اڇڻ بند ٿي وڃن ته شايد زندگيءَ ۾ ڪا معنيٰ باقي نہ رهي. هوءَ ڏاڍي بي صبريءَ سان خطن جو انتظار ڪرڻ لڳي هئي.

اهڙيءَ طرح هنن پاڻ ۾ ملڻ کان سواءِ هڪ ٻئي سان پنهنجي محبت جو اقرار نہ ڪري ڇڏيو هو، ليڪن ان کان پوءِ گووزديف کي ضرور ڪو مسئلو درپيش آيو هو، جو سندس خطن مان گھبراهٽ، بي چيني ۽ اڻ چٽائي پئي جھلڪندي هئي. پر پوءِ هن دل جھلي، همت کان ڪم ونڊي انيوتا کي لکيو ته ڪائنس غلطي ٿي ويئي هئي، جو هنن پاڻ ۾ ملڻ کان سواءِ ئي هڪٻئي سان محبت جو اقرار ڪيو آهي. شايد انيوتا کي ان جو اندازو ڪونهي ته هن جو چھرو ڪيتري قدر مسخ ٿي چڪو آهي. هن لکيو ته مون جيڪا توکي پراڻي تصوير موڪلي هئي، هينئر آئون ان کان بنھ مختلف آهيان. گووزديف هن کي دوکو ڏيڻ نٿي چاهيو. هن التجا ڪئي ته هوءَ هاڻي پنهنجي جذبات کي تيستائين نہ لکي، جيستائين هوءَ پنهنجي اکين سان اهو ڏسي نہ ونڊي ته هو ڪهڙي ماڻھوءَ سان محبت ڪري رهي آهي؟

اهو خط پڙهي پهريائين ته انيوتا کي ڏاڍي ڪاوڙ آئي، پوءِ ڪيس ڊپ ٽيڻ لڳو. هن پنهنجي ڪيسي مان تصوير ڪڍي ڏٺي. هڪ سنهڙو

چھرو، جنھن تي جواني ڦُٽي رھي ھئي. شڪل ۽ شبيھ مان فولادي عزم جھلڪي رھيو ھو. سنھڑو سڏو نڪ، ننڍڙيون ننڍڙيون مڇون ۽ خوبصورت چَپَ سندس سامھون ھئا. "۽ ھاڻي؟ ۽ ھاڻي منھنجا جاني، ھاڻي تون ڪھڑو آھين؟" ھن تصوير کي غور سان ڏسندي چيو. ڊاڪٽريءَ جي شاگرديائي ھجڻ سبب ڪيس خبر ھئي تہ باھہ جو سڙيل زخم ڏاڍو دير سان چٽندو آھي ۽ ڏاڍا گھرا ۽ اڻ مٽ نشان ڇڏيندو آھي. خبر ناھي ڇو ڪيس ياد آيو تہ عضون جي جاڙ واري شعبي جي عجائب گھر ۾ ھن چمڙيءَ جي مرض واري چھري جو نمونو ڏٺو ھو. اھو چھرو سجو داغن سان چٽيو پيو ھو. بي ڊولا ۽ سُڄيل چپ، جميل پيرون ۽ پلڪن کان سواءِ ڳاڙھا اکين جا پيوتا. ڏاڍو پوائتو چھرو ٿي لڳو. ڪھڑي خبر جيڪڏھن ھن جو چھرو بہ اھڙو ئي ھجي تہ؟ انھيءَ خيال جي اڇڻ سان ئي سندس رنگ ھيڏو ٿي ويو. ليڪن ھن دل ئي دل ۾ پنھنجو پاڻ کي ڏاڍو لويو. چگو، سمجھہ تہ ھو اھڙو ئي چٽيل چھري وارو آھي، ھو ھڪ ھرندڙ ٽينڪ ۾ دشمنن سان وڙھيو ھو ۽ ھن ئي ھن جي آزاديءَ، ھن جي تعليم جي حق، ھن جي عزت ۽ ھن جي زندگيءَ جي حفاظت ڪئي، ھو ھيرو آھي. ھن خبر ناھي ڪيترا ڀيرا پنھنجي زندگي خطري ۾ وڌي آھي ۽ ھاڻي ڀيھر ھو محاذ تي واپس وڃڻ، وڙھڻ ۽ وري پنھنجي زندگي خطري ۾ وجھڻ لاءِ تڙپي رھيو آھي. پر مان پاڻ (انيوتا) ھن جنگ ۾ ڪھڑو ڪارنامو سرانجام ڏنو آھي؟ ھن خندقون کوٽيون ھيون، ھوائي حملن کان بچڻ لاءِ ڪجھہ حفاظتي فرائض پورا ڪيا ھئائين ۽ ھاڻي ھڪ فوجي اسپتال ۾ ڪم ڪري رھي ھئي. ليڪن گووزديف جي ڪارنامن جي پيٽ ۾ ھن جي ڪمن جي ڪھڑي حيثيت آھي؟ "ھي شڪ گمان تہ اھڙا آھن، جو ائين لڳي ٿو تہ جھڙو ڪر آئون پاڻ ھن جي لائق ڪانہ آھيان." ھن پنھنجو پاڻ تي جلھہ ڪئي ۽ پنھنجي اکين جي سامھون اُپري ايندڙ خوفناڪ چھري کي پري ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي.

انيوتا ڪيس خط لکيو. ٻڌو ڏگھو خط ۽ ايترو محبت پريو خط سندس سموري خطن لکڻ دوران ڪونہ لکيو ويو ھو. ظاھر آھي تہ گووزديف کي انھن وسوسن ۽ انديشن جي باري ۾ ڪڏھن بہ ڪابہ خبر

پڄجي ڪانہ سگھي ها. جيڪڏھن ڪيس پنھنجي وسوسن ۽ اندیشن سان پريل خط جو ايڏو سارو شاندار جواب نہ ملي ها. ھن خط کي ورورڏيئي پڙھيو ۽ پوءِ استروچڪوف کي ٻڌايائين، جنھن سموري ڪھاڻي ڏاڍي شوق سان ٻڌي ۽ چيو:

"يار، ٿورو ھمت کان ڪم وٺ. توکي ھيءَ چوٽي تہ ياد آھي نہ: 'سھڻو چھرو ۽ دل ڪُلال، سادو چھرو ۽ سوني دل.' اڄ تہ ويتر اھا ڳالھ وڌيڪ آھي، جو مرد ملن ئي ڪونہ ٿا."

ظاھر آھي تہ ھيءَ صفائي گووزديف کي دلاسو ڏيئي نہ سگھي. جيئن جيئن اسپتال مان موڪل ملڻ جا ڏينھن ويجھا ايندا پئي ويا، ھو آرسيءَ ۾ پنھنجي شڪل وري وري ۽ گھٽي دير تائين ڏسندو ھو. ڪڏھن ڪڏھن ھو ائين اچاتري نظر سان ڏسندو ھو ۽ ڪڏھن ڪڏھن ھو چھري کي بنھ آرسيءَ سان ملائي ڏسندو ھو ۽ داغيل چھري کي ڪلاڪن جا ڪلاڪ پيو ھٿيندو ھو. ھن منٽ ڪري ڪلاوديا کان ڪريم ۽ پائوڈر گھرايو ھو. ھو ماڻ ميڙ ۾ غسل خاني ۾ وڃي ڪريم ۽ پائوڈر سان چھري جي مالش ڪندو ھو ۽ ڇڇ ڪچ دير کان پوءِ اميد پري نگاھ سان آرسيءَ ۾ نھارينڊو ھو. پر ھن محسوس ڪيو تہ ڪريم پائوڈر سندس ڪم جون شيون ڪونھن. پري کان ھو ڏاڍو ناھوکو جوان لڳندو ھو. مضبوط بدن، ويڪري ڇاتي، سنھڙي چيلھ، سڌيون ۽ مضبوط ٽنگون. پر ويجھڙائيءَ کان پنھنجي ڏاڙھيءَ ۽ ڳلن جا ڳاڙھا داغ ۽ ڇڪيل، تاٽيل، سڙيل ۽ ڪھري ڪل ڏسي چريو ٿي پوندو ھو. "ھيءَ شڪل ڏسي ھوءَ ڇا چوندي؟" ھو پنھنجو پاڻ کان پڇندو ھو. ھوءَ تہ ڊڄي ويندو. ھوءَ ڪيس ڏسندي ۽ منھن ڦيري، ڪلھا چنڊي ھلي ويندي. پر ان کان بہ وڌيڪ خراب ڳالھ ھيءَ ٿيندي تہ ھوءَ اخلاقًا ڪلاڪ اڌ ويھي ڳالھيون ڪندي ۽ پوءِ ڪاروباري انداز ۾ ڪجھ چوندي ۽ پوءِ الله واھي! ھو گھبرائجي ويندي ھو ۽ ڪاوڙ ۾ ڳاڙھو پيلو ٿي ويندو ھو، جڏ تہ اھو واقعو ھن سان پيش اچي بہ چڪو آھي.

پوءِ ھو پنھنجي ڪيسي مان ھڪڙي تصوير ڪيندو ھو ۽ ھڪ گول چھري واري ڇوڪريءَ جي نيٽن نقشن کي ڏاڍي غور سان جانچيندو ھو. نرم نرم، ڪليل وار، مٿين طرف ٿورو ڪڙو نڪ ۽ نازڪ

نازڪ پارڙن جھڙا چپ. متئين چپ تي ھڪ تر، جيڪو بنھ ھلڪو ڏسڻ ۾ پئي آيو. ان ٻالي پولي ۽ من موھڻي صورت ۾ ٻہ سرمائي يا شايد نيريون اکيون ٿوريون اپريل بنھ بيباڪيءَ سان ۽ خلوص سان ڪيس گھوري رھيون ھيون.

"مون کي ٻڌاءِ تہ تون ڪھڑي آھين؟ چا تون ڏجي ويندينءَ؟ چا تنھنجي دل ايتري ڪشادي آھي، جو تون ھن پيانڪ ديوَ جھڙي شڪل کي نظر انداز ڪري ڇڏيندينءَ؟" ھو تصوير کي غور سان ڏسندي ان کان پڇندو ھو.

انھيءَ دوران ليفٽيننٽ ميريسئف پنھنجي گھوڙين تي ڪٽ ڪٽ ڪندو، اڇي سنڊس پرسان لنگھيو. ھو وراندي ۾ بنا ٽڪجڻ جي پئي ھليو. ھڪ ڀيرو، ٻہ ڀيرا، ڏھ ڀيرا، ويھ ڀيرا. ھو صبح توڙي شام اھا ورزش ڪندو ھو.

"ھي ٻہ عجيب ماڻھو آھي!" گووزديف پنھنجو پاڻ کي چيو. "ڏن جو پڪو! سچ تہ ھمت جا لفظ ھن لاءِ ناڪافي آھن. ھڪ ئي ھفتي ۾ گھوڙين تي ھلڻ سکي ويو. کي ڪي مريض تہ مھينن جا مھينا ھلڻ سکي نہ سگھندا آھن. ڪالھ تہ ھن اسٽريچر تي علاج لاءِ وڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ھو ۽ پنڊ ڪري ويو ۽ موٽي آيو. سنڊس ڇھرو سڄو لڙڪن سان ڀريل ھو، پر ھو پنھنجي ئي ڏُن ۾ اڳيان وڌندو رھيو ۽ جڏھن نرس ڪيس سھارو ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي تہ ھو مٿس ڪاوڙجي پيو. ڪير ڏسي تہ ھا، جڏھن ھن بنان ڪنھن سھاري جي لھواري چاڑھي چڑھي، مٿي پھچڻ مھل ڪيڏي شان سان پئي مسڪرايو! جڻ تہ ھن ھماليہ جبل جي چوٽي فتح ڪري ورتي ھجي."

گووزديف آرسيءَ طرف مڙيو ۽ ميريسئف کي گھوڙين تي تيز تيز قدم کڻندو ھلندي ڏسڻ لڳو. "ڏس تہ سھي پلا! بنھ ڏوڙي رھيو آھي ۽ ڪيتري نہ سھڻي ۽ دلڪش صورت آھي سنڊس پروئن جي وچ ۾ ھڪڙو ننڍڙو نشان آھي. ليڪن ان سان سنڊس صورت ۾ ڪوبہ عيب نہ ٿي پيدا ٿيو، پر پاڻ ان سان سنڊس دلڪشيءَ ۾ ٻيڻو واڌارو پئي ٿيو. ڪاش! منھنجي شڪل بہ اھڙي ھجي ھا. پيرن ۾ چا رکيو آھي؟ پيرن کي ڪير ٿو ڏسي؟ ۽ يقيناً ھو ھلڻ بہ سکي ويندو ۽ پوءِ ھوائي جھاز بہ

اُڏائي سگھندو. پر چھرو! ھن قسم جو پيانڪ چھرو لڪائي تہ نہ ٿو سگھجي*ائين پيو لڳي تہ جڻ نشي ۾ چور شيطانن ھن چھري تي مٽرن جا داڻا ويھي ڏريا آھن.“

شام جو اليڪسي وراندي ۾ پنھنجي ورزش جو ٽيويھون چڪر لڳائي رھيو ھو. ھن جي سموري بدن ۾ سنڊس سُڄيل رانن جي سور جون سوٽون ايري رھيون ھيون ۽ سنڊس ڪڇون گھوڙين تي ٽيڪ جي ڏھاءَ ڪري ڏڪي رھيون ھيون. گھوڙين تي ھلندي ھن آڏي اک سان ٽينڪ مين ڪي ڏٺو، جيڪو آرسيءَ جي سامھون بيٺو ھو. ”چگي مسخري آھي.“ ھن دل ئي دل ۾ چيو. ”آخر ھو پنھنجي چھري جي ڪري ايترو پريشان ڇو آھي؟ ظاھر آھي تہ ھاڻي ھو فلمي ھيرو تہ ڪونہ ٿي سگھندو. باقي ٽينڪ مين، ھا ٽينڪ مين ٽيڙ ڪان ڪيس ڪير روڪي سگھندو؟ مٿو، ڀانھون ۽ ٽنگون صحيح سلامت ھجن تہ چھري کي ڪير ٿو پڇي؟ ھا، ٽنگون، اصلي ٽنگون ھجن، ھڻيون لوليون لنگڑيون نہ ھجن، جيڪي ڏُکنديون ۽ جلنديون رھن ٿيون، ڇڪ نقلي پير ڪونھن، پر تتل ڳاڙھي لوھ جا ٽڪرا آھن.“

ھن ننھن چوٽيءَ جو زور لاتو، پر تڪليف جي شدت کان سنڊس اکين مان لڙڪ وھي رھيا ھئا. پر پوءِ ب ھن چپن کي چڪ وجھندي، لڙڪن کي پيئندي پنھنجو اٽيھون چڪر پورو ڪيو ۽ ان ڏينھن جي ورزش ختم ڪئي. ■

[14]

جون جي وچ ڌاري گريگوري گووزديف اسپتال مان خارج ڪيو ويو.

پنھنجي روانيءَ ٽيڙ کان ھڪ ب ڏينھن اڳ اليڪسيءَ سان تمام ڏکي ڪچھري ٿي ھئي. ھنھي جي ھڪجھڙي بدنصيبي ۽ ذاتي معاملن ۾ ھڪجھڙي پيچيدگيءَ ھنھي کي ھڪ ٻئي جي ويجھو آڻي ڇڏيو ھو. اھڙين حالتن ۾، جيئن ٽيندو آھي، تيئن ئي ٿيو. ھنھي ھڪ ٻئي جي اڳيان پنھنجي دل کولي رکي. ھنھي ھڪ ٻئي کي پنھنجن انديشن جي باري ۾ صاف صاف ٻڌائي ڇڏيو ھو. ھنھي ھڪ ٻئي کي

اهي سڀ ڳالهيون ٻه ٻڌائي ڇڏيون، جيڪي پنهنجي شان خاطر ٻين سان نٿي ڪري سگهيا، پر اڪيلائيءَ ۾ ڏک سور پيا سهندا هئا. ٻنهي هڪ ٻئي کي پنهنجي پنهنجي محبوبا جون تصويرون ٻه ڏيکاريون هيون.

اليڪسيءَ وٽ اوليا جي تصوير هئي، جيڪا ڪي قدر پراٽي ٿي ويئي هئي ۽ ڪجھ ڏنڊلي هئي، جيڪا پاڻ هٿ سان ڇڪي هئائين. اهو جو صاف ۽ شفاف ڏينهن هو. ٻنهي والگا جي ٻئي پر گلن سان ڇانيل سرسبز ميدان ۾ ڊوڙ پاتي هئي. هوءَ نرم، نازڪ، ڪومل ۽ خوبصورت ڇوڪري هئي. هوءَ ڇيٽ جو فراڪ پائي، ٻئي گوڏا ٻيجيو، گلن جي وچ ۾ وينی هئي ۽ سندس هنج ۾ گلن جو ڍڳ هو. موتئي جي گلن وچ ۾ هوءَ خود ٻه سفيد گل وانگر پاڪيزه پئي لڳي، جھڙوڪر ماڪ ۾ پنل موتئي جو گل. گلن کي سجائيندي ڪنهن خيال ۾ ٻڏل سندس مٿو هڪ طرف جھڪي ويو هو، سندس اکيون ڦاٽيون پيون هيون ۽ سندس اکين مان هڪ قسم جي ٻي خودي جھلڪي رهي هئي. جڙ هوءَ هن شاندار منظر جو نظارو پهريون ڀيرو ڏسي رهي هجي.

ان تصوير کي ڏسي گووزديف چيو ته هن قسم جي ڇوڪري ڪنهن شخص کان سندس بدنصيبيءَ واريءَ گھڙيءَ ۾ منهن موڙي نٿي سگهي. پر جيڪڏهن هوءَ ائين ڪري ٻه ته ڪيس ڪٽي جهنم ۾ وڃجي. ان مان فقط ايترو ثابت ٿيندو ته صورتون فريب ۽ دوکو ڏين ٿيون. جيڪڏهن هوءَ توکي ڇڏي وڃي ته بهتر ٿيندو، ڇو ته ان جو مطلب هي ٿيندو ته هوءَ هڪ ٻي ڪمي ۽ ناڪاره ڇوڪري هئي. ٻلا اهڙي فضول ڇوڪريءَ سان سڄي زندگي ٻڌجي رهڻ مان ڪهڙو فائدو ٿيندو؟

اليڪسيءَ کي انيوتا جو روپ ڏاڍو وٽيو ۽ هن ٻه اهي ساڳيون ڳالهيون، ٿورو مختلف انداز ۾ گووزديف کي ٻڌايون، جن جو اظهار خود گووزديف ڪيو هو. ان ڳالهه ٻولهه ۾ ڪا خاص ۽ اهم ڳالهه ڪانه هئي ۽ انهيءَ بحث مان سندن مسئلن جو ٻه ڪو حل ڪونه ٿي نڪتو. پر پوءِ ٻه ٻنهي جي دل جو بار هلڪو ٿي ويو هو، جھڙوڪر ڪيترن ئي ڏينهن کان ڏکندڙ ۽ ايذاءُ ڏيندڙ ڳالهه ڪري ڇڏي هجي.

هنن ٻنهي گڏجي طئي ڪيو ته جڏهن گووزديف کي اسپتال مان موڪل ملندي ته هو ۽ انيوتا ٻئي گڏجي وارد وٽان لنگهندا. انيوتا

گووزديف کي ٽيليفون ڪري ٻڌايو هو ته هوءَ ايندي ۾ ساڻس ملندي. ان کان پوءِ اليڪسي گووزديف کي خط ۾ لکندر ته هن اليڪسيءَ تي ڪهڙو تاثر ڇڏيو هو؟ ٻئي پاسي گووزديف واعدو ڪيو هو ته هو اليڪسيءَ کي خط لکي ٻڌائيندو ته انيوتا ساڻس ڪهڙي نموني ۾ ملي ۽ جڏهن سندس ڇڇريل ۽ مسخ چهرو ڏٺائين ته سندس ردعمل ڪهڙو هو ۽ هنن جو هاڻ پاڻ ۾ وقت ڪيئن پيو گذري؟ انهيءَ تي اليڪسيءَ به فيصلو ڪيو هو ته جيڪڏهن گريشا سان سيڪجهه خير خوبيءَ سان طئي ٿي ٿو وڃي ته پوءِ هو به هڪدم اوليا کي پنهنجي باري ۾ سموري ڳالهه ٻڌائي ڇڏيندو ۽ ڪيس درخواست ڪندو ته هوءَ سندس ماءُ کي ڪجهه نه ٻڌائي، جيڪا تمام گهٽي بيمار هئي ۽ مشڪل سان ڪٽ تان اٽي ٿي سگهي.

اهو ئي سبب هو جو هو ٻئي ڏاڍي گهبراهٽ ۽ پريشانيءَ مان گريگوريءَ جي روانگيءَ جو انتظار ڪري رهيا هئا. ٻئي ڇٽا ايترا ته پريشان هئا جو سڪ سان به سُمهي نه سگهندا هئا ۽ رات جو ماڻ ماڻ ڪري وراندي ۾ نڪري ويندا هئا. گووزديف ته وڃي آرسيءَ جي سامهون پنهنجي چهري کي مهٽيندو هو، باقي اليڪسي ڪِٽ ڪِٽ جي آواز کان بچڻ لاءِ گهوڙين جي هيٺين حصن کي ڪپهه ٻڌي پنهنجي مشق جو هڪ وڌيڪ ڦيرو لڳائي ونندو هو.

ڏهين وڳي ڪلاوديا آئي ۽ هڪ شرير مسڪراهٽ سان گووزديف کي چيائين ته توسان ڪو ملڻ آيو آهي. گووزديف کٽ تان ائين ٽپ ڏيئي اٽيو، جهڙوڪر ڪيس هوا جي ڪنهن طوفاني جهوٽي اڏايو هجي. سندس چهرو بنهه ڳاڙهو لال ٿي ويو ۽ سندس چهري جا داغ اڇا به وڌيڪ نمايان ٿي پيا. هو جلدي جلدي پنهنجا ٽپڙ ٻڌڻ لڳو.

"ڏاڍي سڻي چوڪري آهي ۽ ڏسڻ ۾ ڏاڍي گنبير ٿي لڳي." هن گووزديف جي جلد بازيءَ کي ڏسندي، مسڪرائيندي چيو.

گووزديف جو چهرو ويتر هڪي پيو.

"سچ ٿي چوين؟ ڇا هوءَ واقعي توکي پسند آئي؟ سڻي چوڪري آهي، ائين نه؟" هن پڇيو ۽ پنهنجي جوش ۽ اضطراب ۾ الله واهي چوڻ به وسري ويو ۽ تڪڙيون وڪون ڪٽندو وارڊ مان نڪري ويو. "اهڙا ئي

ماڻهو ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاسندا آهن." ميجر استروچڪوف چيو.

پوين ڪجھ ڏينهن ۾ هن وحشيءَ کي ڪجھ ٿي ويو هو. هو تمام اُپاڻڪو اُپاڻڪو پيو لڳندو هو. گھٽو ڪري بي سبب مٿس ڪاوڙ جو دورو پئجي ويندو هو. هاڻي هو ويھڻ جھڙو ٿي ويو هو، تنهن ڪري پنهنجي بستري تي ويٺو، سڄو ڏينهن دريءَ مان ٻاهر نهارينڊو رهندو هو. جڏهن ڪير ڪانئس ڪو سوال پڇندو هو تہ جواب ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيندو هو.

سمورو وارڊ، اداس ميجر، اليڪسي ۽ پہ نوان مريض سيئي دريءَ وٽ بيهي، پنهنجي سابق ساٿيءَ جي رستي تي نڪرڻ جو انتظار ڪري رهيا هئا. "او هو اچي پيو." اليڪسيءَ آهستي چيو.

ڦاٽڪ وٽ شاھ بلوط جو ڳرو دروازو کليو ۽ پہ ماڻهو ٻاهر نڪتا. هڪڙي تہ نوجوان عورت هئي، جنهن جو مٿو اگھاڙو هو ۽ ڪيس سفيد گھاگھري ۽ ڪاري سلوار پاتل هئي. ٻيو ماڻهو هڪ نوجوان سپاهي هو، جنهن کي اليڪسي پهرين تہ سڃاڻي ڪونہ پئي سگھيو. هو گووزديف هو، جنهن جي هڪ هٿ ۾ پيتي هئي ۽ ٻيءَ ٻانهن تي سياري وارو ڍگھو فوجي ڪوٽ پيل هيس. ائين پئي لڳو تہ هو پنهنجي قوت جو امتحان پيو ونڊي. هو آزاديءَ سان هلڻ ڦرڻ ۾ ايڏو تہ خوش پئي لڳو، جو هو ڊوڙڻ بدران چاڙهيءَ تان ترڪندو پئي محسوس ٿيو. هن پنهنجي ساٿيءَ جو هٿ، هٿ ۾ جھليو ۽ هو پئي مينهن جي وڏين وڏين ڦڙين ۾ پڇندا دريءَ ڏانهن وڌڻ لڳا.

اليڪسيءَ کين ڏٺو ۽ سندس دل مسرت ۾ سرشار ٿي ويئي. تمام سٺو، سيڪجھ خير سان ٿي ويو. تعجب جي ڪهڙي ڳالھ ڪجي، جو هُن جو چھرو ايترو معصوم، پيارو ۽ ٻالو پولو آهي. اهڙي چوڪري ڪڏهن بہ دغا ڪانہ ڏيندي . نہ! ان قسم جون چوڪريون ڏکن جي گھڙيءَ ۾ ڪنهن شخص کان منهن ڪونہ ٽيون ڦيرين.

هو دريءَ جي ويجھو آيا ۽ پئي بيهي رهيا. ٻنهي مٿي نهاريو. هاڻي اليڪسيءَ محسوس ڪيو تہ گووزديف ڏاڍو گھبرايل پئي لڳو ۽ انيوتا پڻ پريشان نظر پئي آئي، جيڪا واقعي پنهنجي تصوير وانگر ئي سندر ۽ سلوٽي هئي. سندس هٿ ٻنھ ڀرو ٽينڪ مين جي هٿ ۾ پيل هو

۽ هوءَ ننھن کان وٺي چوٽيءَ تائين بي چين ۽ بي قرار پئي لڳي. ائين پئي لڳو، جڙ اجھو هوءَ پنھنجو هٿ ھٽ مان ڇڪي وٺي پجندي.

ھنن ھٽ لوڏيا، سندن چپن تي رُکيل رُکيل مُرڪ اُڀري. ڪجھ اڳيان وڌي موڙ وٽان گم ٿي ويا. مريض مان ميٽ ۾ پنھنجن بسترن ڀيڙا اچي ٽيا.

"ويچاري گووزديف جو ڇَڪو نہ لڳو." ميجر چيو، پر بلڪل اوڏيءَ مھل وراندي ۾ ڪلاوديا جي آھٽ ٻڌي ھو چپ ٿي ويو ۽ منھن ڦيري پٽ ڏانھن ڪري ڇڏيائين.

اليڪسيءَ کي باقي سڄو ڏينھن دل ۾ خلش رھي. ھن شام جي گھمٽ ڦرڻ واري ورزش پڻ لنوائي ڇڏي ۽ سيني کان اڳ ۾ وارڊ ۾ پھچي ويو ۽ جڏھن سڀ مريض سمھي پيا، پوءِ ٻہ سندس پلنگ جا اسپرنگ سندس اٽل پٽل جي ڪري چرڙاٽ ڪري رھيا ھئا.

ٻئي ڏينھن صبح جو سوير، ايجا نرس وارڊ ۾ قدم رکيو ئي مس تہ اليڪسيءَ کانئس پڇيو تہ سندس نالي کو خط تہ ڪونھي؟ "نہ خط ڪونھي." ھن ھٽ منھن ڏوتو ۽ منجھيل منجھيل انداز ۾ نيرن ڪيائين. پر ھن اڄ معمول کان وڌيڪ ورزش ڪئي. پاڻ کي گذريل شام جي سزا ڏيڻ خاطر ھن ورزش ۾ پندرھن ڦيرا وڌيڪ لڳايا ۽ اھڙي طرح ھن ڪلھہ شام واري تلافي ڪري ورتي. انھيءَ غير متوقع ڪاميابيءَ سبب سندس پريشاني وسري وئي. ھن ثابت ڪري ڏيکاريو تہ ھو تمام گھٽو ٽڪجڻ کان سواءِ ئي پنھنجي ڪاٽ جي گھوڙين تي ھلي ڦري سگھي ٿو. وراندو پنجاھہ ميٽر ڊگھو ھو ۽ ھن پنجيتاليھہ ڦيرا ڏنا ھئي. 45 کي 50 سان ضرب ڏيڻ سان ٻہ ھزار ٻہ سؤ پنجاھہ ميٽر ٿي ٽيا، يعني سوا ٻہ ڪلوميٽر. سندس ھوائي اڏي کان آفيسرن جي "کاڏي واري ڪمري" تائين ايترو ئي فاصلو آھي. ھو تصور ئي تصور ۾ انھيءَ ڄاتل سڃاتل رستي تان پئي لنگھيو، جنھن تي ڪاٽ جي ھڪڑي جھوپڑيءَ ۾ نقشن ۽ چارٽن تي جھڪيل 'موسمي سرجنٽ' پنھنجي فرض ادائي ڪري رھي ھئي. ڏاڍو گھٽو پنڌ ھو! خدا جو قسم تہ ڏاڍو گھٽو پنڌ ھو.

ميريسئف روزانو ڄائيتاليھہ چڪرن تائين ورزش وڌائي ڇڏي.

23 چکر صبح ۽ 23 چکر شام. هن هي ۽ فيصلو ڪيو ته رات جي آرام کان پوءِ صبح جو سوير اٿي، تازو توانو ٿي، بنا گھوڙين جي هلڻ جي مشق ڪندو. هن جو حوصلو وڌي ويو ۽ سندس ذهن عملي ڀالهين ڏانهن متوجھ ٿيڻ لڳو. شام جو هن ايتري ته جوش ۽ ولولي سان ورزش ڪئي جو هو ڏسندي ئي ڏسندي ٿيھ چکر لڳائي ويو ۽ ڪيس خبر ئي ڪانہ پيئي. عين ان وقت ڪيس نوڪرياڻيءَ ھڪ خط آڻي ڏنو. لفافي مٿان پتي کان سواءِ لفظ 'انتھائي ذاتي' لکيل ھو ۽ 'انتھائي' جي ھيٺان ليڪ ڏنل ھئي.

دريءَ کي ٽيڪ ڏيئي اليڪسيءَ خط کوليو. جيئن جيئن ھو خط پڙھندو ويو، تيئن تيئن سندس چھري تي اداسي چانئبي وئي. گووزديف ھي خط گذريل رات ريلوي استيشن تان لکيو ھو. ھن لکيو ھو تہ انيوتا بلڪل اھڙي نڪتي، جھڙي سندس تصوير ۾ ھئي. ھوءَ غالباً ماسڪو جي حسين ترين چوڪري آھي. ھوءَ مون سان پيٽ وانگر ملي، ھوءَ مون کي ڏاڍو وٽي ويئي آھي.

"..... ليڪن اُھي ڀالھيون، جن متعلق اسان ڀالھايو ھو، بنھ اسان جي چوٽ مطابق ئي ثابت ٿيون. ھوءَ ڏاڍي ٻلي چوڪري آھي. ھن مون سان منھنجي شڪل جي باري ۾ ھڪ لفظ بہ نہ ڀالھايو. بلڪ ھن ڪو ھلڪو اشارو بہ ڪونہ ڏنو. ھن جو طرز عمل نھايت ئي شاندار ۽ عمدو رھيو، پر آئون انڊو ڪونہ آھيان. مون ڏسي ورتو تہ منھنجو سڙيل چھرو ڏسي ھوءَ ڊڄي ويئي ھئي. ھونئن تہ سپ ڪجھ ٽيڪ ٽاڪ ھوندو ھو، پر اوچتو ئي اوچتو ھوءَ مون ڏانھن اھڙين نگاھن سان ڏسندي ھئي، جڙ تہ ھوءَ پشيمان ھجي يا خوفزدہ يا گھٽو ڏڪويل ھجي. آئون نہ ٿو چئي سگھان تہ ھن صحيح صحيح چا پئي محسوس ڪيو.....؟ پر ڪجھ تہ ھو، جيڪو مون محسوس پئي ڪيو. ھوءَ مون کي يونيورسٽيءَ وٺي ويئي. سٿو ٿئي ھا جو آئون نہ وڃان ھا. چوڪريون منھنجي چوڌاريءَ ڦري ٻيھي رھيون ۽ مون کي غور سان ڏسڻ لڳيون..... چا تون يقين ڪندين تہ ھو اسان سيني کي سجاڻنديون ھيون. انيوتا انھن کي اسان جي باري ۾ سيکجھ ٻڌائي ڇڏيو ھو. مون تاڙي ورتو تہ انيوتا انھن ڏانھن معافي طلب نگاھن سان نھاري رھي ھئي، جڙ چئي رھي ھجي تہ

'مون هن پيانڪ هستيءَ کي هت آندو آهي، مون کي معاف ڪجو.' ليڪن اليوشا، اصل شيءِ تہ هيءَ آهي تہ هن پنهنجي احساسات کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هوءَ ايتري تہ سڌي طرح ۽ ايترو تہ ڪمال مهرباني‌ءَ سان پيش آئي ۽ لڳاتار ڳالهيون ڪندي رهي، جو ائين پئي لڳو تہ جڙ ماڻ کان ڪيس ڌپ ٿي لڳو. پوءِ اُئون سندس گهر ويس. هوءَ اڪيلي رهندي هئي. سندس ماءُ پيءُ پناهگيرن سان گڏ هليا ويا آهن. لڳي ٿو تہ هي خاصا معزز ماڻهو آهن. هن منهنجي لاءِ چانهہ تيار ڪئي ۽ ميز تي چانهن پيئڻ دوران هوءَ ڪٽلي‌ءَ ۾ مسلسل منهنجو عڪس ڏسندي رهي ۽ تڏا ساهہ ڪڍندي رهي. مختصر هي تہ مون سوچيو 'خير، هي سلسلو ائين هلي نہ سگهندو.' مون کانئس سڌو سنئون پڇيو: 'مون کي خبر آهي تہ منهنجي شڪل توکي پسند ڪانہ آئي ۽ انهيءَ ۾ تون حق بجانب ٻہ آهين. آئون سمجهي سگهان ٿو. ان سان منهنجي دل آزاري ڪانہ ٿي آهي.' هن جي اکين مان لڙڪ لارون ڪري ٽمڻ لڳا. ليڪن مون کيس چيو: "روئج نہ، تون تمام سٺي ڇوڪري آهين. توسان ڪوبہ ماڻهو محبت ڪري سگهي ٿو. پنهنجي زندگي تون ڇو خراب ڪرين؟" پوءِ مون کيس چيو: "هاڻي تو ڏسي ورتو تہ آئون ڪهڙو خوبصورت نوجوان آهيان. ان باري ۾ سوچي وٺ. آئون پنهنجي يونٽ ۾ واپس ويندس ۽ توکي پنهنجو پتو موڪلي ڏينداس جيڪڏهن تنهنجي راءِ بدلجي نہ وڃي تہ مون کي خط لکج." ۽ پوءِ مون چيو "ڪوبہ اهڙو ڪم ڪرڻ تي پنهنجو پاڻ کي مجبور نہ ڪج، جنهن لاءِ تنهنجي دل نہ مڃيندي هجي. منهنجو ڇا آهي — اڄ هتي، سُپاڻي هُتي. اسين جنگ جي ميدان ۾ آهيون." بيشڪ هن لڳاتار پئي چيو "اڙي نہ نہ!" ۽ هوءَ مسلسل روئي رهي هئي. پر مون سڀ ڪجهہ سمجهيو پئي. بلڪل اوڏيءَ مهل ڪمبخت گهگهو پونئڪڙ لڳو ۽ هوءَ ٻاهر نڪري ويئي ۽ آئون پڙ ان هنگامي جو فائدو وٺي اتان کِسڪي ويس. آئون سڌو آفيسرن جي رجمينٽ ۾ ويس. انهن يڪدم منهنجو ڪم ڪيو. هاڻي سڀ ڪجهہ ٺيڪ آهي. مون وٽ ريلوي ٽڪيٽ موجود آهي ۽ ستت ئي آئون هتان روانو ٿي ويندس. ليڪن توکي اليوشا ٻڌائي ڇڏيان تہ آئون پهرين کان ٻہ وڌيڪ ان جي محبت ۾ جلي پچي رهيو آهيان ۽

مون کي خبر ڪانهي تہ هن ڪان سواءِ آئون ڪيئن جيئرو رهندس؟"

پنهنجي دوست جو خط پڙهندي اليڪسيءَ کي ائين لڳو، جڻ هو خود ليلا پائي پنهنجي مستقبل جي جهلڪ ڏسي رهيو هجي. بيشڪ ساڻس بہ اهو ئي سڀ ڪجهہ ٿيڻ وارو هو. اولیا ڪيس دوکو ڪانہ ڏيندي. وٽائس منهن ڪانہ موڙيندي. هوءَ اها ئي پاڪ قرباني ڏيڻ چاهيندي. هوءَ بہ ساڻس مهرباني‌ءَ سان پيش ايندي. اڪين ۾ لڙڪ هوندا ۽ هوءَ مسڪرائيندي ۽ پنهنجي بيزاريءَ کي دٻائڻ جي ڪوشش ڪندي.

"نہ نہ، مون کي هي سڀ ڪجهہ نہ کپي." هن جي وات مان بي اختيار نڪتو.

هو منڊڪائيندو واپس وارڊ ۾ آيو ۽ ميز تي ويهي اولیا کي خط لکڻ لڳو. مختصر، جذبات کان خالي، ڪاروباري قسم جو خط. ڪيس سچ پڌائڻ جي همت ڪانہ ٿي. نيٺ بہ تہ سچ چو لکي؟ سندس ماءُ بيمار هئي، ان جي ڏکن ۾ واڌارو چو ڪري؟ هن اولیا کي لکيو تہ مون پنهنجي ۽ تنهنجي تعلقات تي ڪافي غور ڪيو آهي ۽ ان نتيجي تي پهتو آهيان تہ تنهنجي لاءِ انتظار ڪرڻ انتهائي ڪٺن ۽ مشڪل آهي. ڪنهن کي خبر تہ جنگ ڪيترو وقت هلي؟ جنگ ۾ انتظار ڪهڙو؟ اوسيئڙو هڪ بي معنيٰ شيءِ آهي. جنگ ۾ آئون مارجي بہ سگهان ٿو ۽ ائين تون مون سان شادي ڪرڻ کان سواءِ ئي بيواه ٿي ويندينءَ يا ايجا ان کان بہ وڌيڪ خراب ڀالهہ ٿي سگهي ٿي تہ آئون لولو لنگڙو ٿي پوان ۽ توکي هڪ معذور ماڻهوءَ سان شادي ڪرڻي پوي. ان مان توکي ڇا حاصل ٿيندو؟ تنهن ڪري تون پنهنجي جواني نہ جلائي ۽ جيترو جلد ٿي سگهي، مون کي وساري ڇڏ. اهو ضروري ڪونهي تہ تون مون کي خط جو جواب ڏيئين. جيڪڏهن تون جواب نہ بہ ڏينديءَ تہ بہ آئون دل ۾ ڪونہ ڪندس. آئون تنهنجي حيثيت کان چڱيءَ طرح واقف آهيان، حالانڪ ان جو اعتراف ڏاڍو مشڪل آهي. پر مون سوچيو آهي تہ اهو ئي ٺيڪ ٿيندو.

هن محسوس ڪيو تہ خط سندس هٿن ۾ باه لڳائي چڏي هئي. هن خط کي ٻيهر پڙهڻ کان سواءِ ئي لفافي ۾ وڌو ۽ تيز تيز قدمن سان

ڏکندو وڃي وراندي ۾ پاڻي گرم ڪرڻ واري ڇُلهي جي پرسان ٽنگيل پوسٽ جي ڊبي ۾ لفافو وجهي ڇڏيائين.

هو واري ۾ موٽي آيو ۽ ٻيهر ميز تي ويهي رهيو. آخر هو پنهنجو ڏکڙو ڪنهن کي ٻڌائي؟ پنهنجي ماءُ کي ته ٻڌائي نٿي سگهيو. ته ڇا گووزديف کي؟ ها، بيشڪ هو هن جي دڪ درد کي چگيءَ طرح سمجهي سگهندو. ليڪن ڪهڙي خبر ته هو ڪٿي هوندو؟ هو هن کي انهن رستن جي چار ۾ ڪٿي ڳولي لهندو، جيڪي سپ جا سپ محاذن ڏانهن ٿي ويا؟ ته پوءِ ڇا پنهنجي رجمينٽ کي لکي؟ ليڪن ڇا انهن خوش نصيبن وٽ ايتري واندڪائي آهي، جو اهي ويهي هن جي لاءِ مٿو هٽن؟ 'موسمي سرجنٽ' کي لکجي؟ ها، اهو ٺيڪ آهي. هن هڪدم لکڻ شروع ڪري ڏنو ۽ لفظن جو درياءُ هو، جو پلٽجي پيو هو ـــ انهن لڙڪن وانگر، جيڪي ڪنهن پياري دوست کي ياڪر پائڻ مهل بي اختيار وهڻ لڳندا آهن. اوچتو هو هڪ جملي جي وچ ۾ رڪجي پيو، هڪ پل لاءِ سوچيائين ۽ پوءِ خط کي مروڙي، ٽڪرا ٽڪرا ڪري اُڇلي ڇڏيائين.

"تخليق جي پيڙا کان وڌيڪ ٻي ڪا پيڙا ڪانهي."

استروچڪوف پنهنجي خاص کل ٻوڳ واري انداز ۾ چيو. هن وٽ گووزديف وارو خط هٿ ۾ هو، جيڪو هن اليڪسيءَ جي پاسي واري ڪٻٽ تان کنيو هو.

اڄ ڪلهه هر ماڻهوءَ کي ڇا ٿي ويو آهي.....؟ گووزديف کي ئي ڪٽي ڏسو! اڙي چريا! هڪڙي چوڪريءَ ڇا ڪٽي نڪ موڙيو آهي ته مرڳو لڙڪن جو درياءُ بنهه اٿلي پيو آهي. سِنگهه جهليس ئي ڪانه ٿي. مون خط ڪٽي پڙهيو آهي. تون ان ڳالهه تي ناراض ته ڪونه ٿيندين نه، هان؟ اسان سپاهين جي وچ ۾ رازداري ڪهڙي؟"

اليڪسي ناراض ڪونه هو. هو سوچي رهيو هو ته سياڻي مون کي پوسٽ جي پٽيوالي جو انتظار ڪرڻ گهرجي. جڏهن ٽپال ڪيڊ اچي ته آئون پنهنجو خط واپس ڪٽي وٺان؟ رات جو اليڪسيءَ لاءِ ننڊ بہ ڏاڍا خراب خواب ڪٽي آئي. پهريائين ته هن خواب ۾ ڏنو ته هو برف سان ڍڪيل هوائي اڈي تي آهي، جتي عجيب ڊزائين جو هوائي جهاز 'لا—

5' جھرڪيءَ وانگر چنبن تي زمين تي بيٺو آھي. مستري يورا ڪاڪ پٽ ۾ چڙھيو ۽ چيائين تہ الڪسيءَ جا ھاٿي "ھوائي جھاز اڏائڻ وارا ڏينھن" پورا ٿي ويا ۽ ھاٿي ھوابازيءَ جو منھنجو وارو آھي..... پوءِ وري ھن ڏانو تہ ھو پريان وڃايل بستري تي ليٽيو پيو آھي ۽ نانا ميخائيل سفيد قميص ۽ پُسيل پتلون پايو..... ڪيس گرم ٻاڦ جو غسل ڏئي رھيو آھي. ھو ڪليو پئي ۽ چيائين پئي تہ "شاديءَ کان پھريائين گرم تڙ ڏاڍي مزي وارو ھوندو آھي." پرھہ ڦٽيءَ کان پھريائين ھن اوليا کي خواب ۾ ڏٺو. ھو ابتي ٻيڙيءَ تي ويٺي ھئي. ھن جون مضبوط ۽ سانوريون ٽنگون ٻاٽيءَ ۾ لڙڪي رھيون ھيون. ھوءَ ڪيڏي نہ نازڪ، حسين ۽ ٻھڪندڙ لڳي رھي ھئي. ھوءَ سڄ کان بچڻ لاءِ ھڪ ھٿ سان اکين تي ڇانو ڪري رھي ھئي تہ ٻئي ھٿ سان ڪيس سڏي رھي ھئي. ھو ھن ڏانھن ترڻ جي ڪوشش ڪري رھيو ھو، پر لھرون شھروز ۽ تيز ھيون، جيڪي ڪيس ڪناري ۽ اوليا کان پري ڌڪي ڪڍي ويون. ھو پنھنجي ٽنگن، ٻانھن ۽ بدن جي ھر عضوي سان زور لڳائي، ويڇھي ٽيڙ جي ڪوشش ڪري رھيو ھو. ھن پرپور جاکوڙ ڪئي، تڏھن وڃي مس مس ڪيس اوليا جا ھوا ۾ اڏامندڙ وار ٻيھر ڏسڻ ۾ آيا ۽ سندس سانورين ٽنگن تي پاٽيءَ جون بوندون ترڪندي ڏسڻ ۾ پئي آيون.....

اھو ئي خواب ڏسندي ھو جاڳي پيو. ھو اندر ئي اندر ھڪ خوشي ۽ ترنگ محسوس ڪري رھيو ھو. پوءِ ھو ڪيتري دير ائين اکيون پوريو پيو ھو تہ جيئن ھو ٻيھر ساڳيو سلوٽو خواب ڏسي سگھي، پر ائين فقط پالڪپڻ ۾ ٽيندو آھي. ڪيس محسوس ٿيو تہ ھن نازڪ، سھڻي ۽ سلوٽي چوڪريءَ جي مُکَ ھر شيءِ کي اجاري ڇڏيو آھي. ڪيس پريشان نہ ٽيڻ گھرجي، ھينئون نہ ھارڻ گھرجي. ھن کي ھر قيمت تي وھڪري جي خلاف اوليا ڏانھن ترندو رھڻ گھربو ھو. بس ھر صورت ۾ اڳتي ترندو رھڻ گھربو ھو. پنھنجي قوت جو آخري قطرو بہ استعمال ڪري، اوليا تائين پھچڻ گھربو ھو. پر ھو خط؟ ھُن پوسٽ جي ڊپي وٽ وڃي انتظار ڪرڻ چاھيو ٿي، پر وري ھن ارادو بدلائي ڇڏيو ۽ ھٿ کي ڇنڊي، پنھنجو پاڻ کي چيائين "نيڪ آھي، وڃڻ ڏينس. ان سان سچي محبت ڏجي پڄي ڪانہ ويندي." ۽ اھو يقين ڪرڻ بعد تہ محبت سچي ھئي ۽

پوءِ چاهي هو خوش هجي يا اداس، صحتمند هجي يا بيمار، چاهي هو کمڙي حال ۾ به هجي، محبت سندس راهون تڪي رهي هوندي. اهو سوچي هن پنهنجي اندر هڪ نئين طاقت کي ڪَرَ موڙيندي محسوس ڪيو.

انهيءَ صبح جو هن بنان گهوڙين هلڻ جي ڪوشش ڪئي. هو ڏاڍي احتياط سان بستري تان اٿيو ۽ ٽنگون ٽيڙي بيهي رهيو. ڏاڍيءَ بيوسيءَ مان ٻئي پانهون هوا ۾ پکيڙي توازن قائم ڪرڻ لڳو. پٽ کي جهلي هن هڪڙو قدم اڳيان وڌايو. سندس نقلي پيرن جي چمڙيءَ چَر چَر ڪئي. سندس بدن لُڏيو، پر هن بانهن سان توازن قائم رکيو. هن ساڳئي طرح پٽ کي جهلي ٻيو قدم کنيو. هن ڪڏهن سوچيو به ڪونہ هو تہ ڪو هلڻ ۾ ايڏو مشڪل ڪم ٿي سگهي ٿو. جڏهن هن ٽيون قدم کنيو تہ سندس جسم جهڪي ويو ۽ سندس پيرن جواب ڏيئي ڇڏيو ۽ هو ڪُهکو ڪري پٽ تي اچي ڪريو.

انهيءَ ورزش لاءِ هن اهو وقت چونڊيو هو، جڏهن سڀ مريض مختلف علاج ڪرائڻ هليا ويندا هئا ۽ پويان فقط اليڪسي اڪيلو رهجي ويندو هو. هن ڪنهن کي به مدد لاءِ ڪونہ سڏيو. هو پٽ تائين گسڪي ويو ۽ ان جي سهاري سان اٿي بيٺو. هن پنهنجي پاسي تان هٿ گهمايو، جتي ڪيس ڏڪ لڳو هو ۽ ٽونٽ جي رهڻ ڏنائين، جيڪا ڳاڙهي ٿي رهي هئي. هن ڏند ڪوڙيا ۽ پٽ کان هٿي هڪڙو قدم ٻيو به کنيائين. ڪيس خبر پيئي تہ هن کي هلڻ جو گُر سمجهہ ۾ اچي ويو آهي. سندس اصلي ۽ نقلي پيرن ۾ فرق هي هو تہ نقلي پيرن ۾ لچڪ ڪانہ هئي. هو اجا تائين انهن کان اڻ ڄاڻ هو ۽ اجا تائين ڪيس انهن جي هير ڪانہ هئي، اجا تائين ڪيس هلڻ ۾ خود بخود پيرن بدلائڻ جي مهارت حاصل نہ ٿي هئي. اجا تائين اها خبر ڪانہ هئس تہ هڪڙو قدم کڻي جسم جو بوجهہ ڪڙين کان پنجن تائين خود بخود ڪيئن منتقل ڪجي ۽ ٻيو قدم کڻندي، ٻئي پير جي ڪڙين تي بدن جو بار ڪيئن وڌو وڃي؟ ۽ گڏوگڏ ڪيس اجا تائين اها به خبر ڪانہ هئي تہ ٻئي پير برابر نہ، پر ٿورا هڪٻئي کان آڙا ٽيڙا ڪري رکيا آهن. انهيءَ ڪري ئي تہ هلڻ ۾ توازن برقرار رهي ٿو.

اليڪسيءَ دل ۾ پُٽڪيو تہ سندس منزل ڪھڙي آھي؟ ۽ پوءِ ان تائين پھچڻ جي ڪوشش ۾ لڳي ويو. ھو ديوار کان الڳ ٻيٺو ھو ۽ سندس جسم لڏي رھيو ھو. ھو توازن برقرار رکڻ جي ڪوشش ڪندو رھيو. ھن محسوس ڪيو تہ ٻہ ٽي قدم کڻڻ کان پوءِ سندس نڪ تي پگھر جا ڦڙا جمع ٿي ويا ھئا.

بلڪل اوڏيءَ مھل واسيلي واسيلي وچ ڪيس ڏٺو. ھو درٻوٽ ٻيھي ڪيس ڏسندو رھيو ۽ پوءِ وڏي ڪيس پاڪر ۾ جھلي سھارو ڏنائين ۽ چيائين:

"تمام سٺو، چو تون اڪيلو چوَ؟ نہ ڪا نرس ۽ نہ ڪو خدمتگار؟ ڏاڍو آن ۽ شان وارو آھين. پر ڪا پرواھہ ناھي. ھر ڪم ۾ پھريون قدم سڀ کان اھم ھوندو آھي ۽ تو اھو مشڪل ترين مرحلو طئي ڪري ورتو آھي."

ٿورو وقت اڳ واسيلي واسيلي وچ ھڪ انتھائي اھم طبي اداري جو صدر مقرر ٿيو ھو. ھي تمام وڏو ڪم ھو ۽ ان ۾ تمام گھٽو وقت ٽي لڳو. تنھن ڪري اسپتال وارو ڪم ڪيس ڇڏڻو پيو ھو. ليڪن ھي پوڙھو اڃا تائين اتي صلاحڪار پڻ ھو. جيتوٽيڪ ٻيو عملو اسپتال جي نگراني ساڳيءَ طرح ڪندو ھو، پر پوءِ ٻہ ھو ھر روز ھتي ضرور ايندو ھو ۽ جيڪڏھن وٽس وقت ھوندو ھو تہ وارڊن جو چڪر ٻہ ضرور لڳائيندو ھو ۽ صلاح مشورو ڪندو ھو. پنھنجي پٽ جي موت کان پوءِ ھو ھڪ بدليل انسان ٽي لڳو. سندس ٻاراٽين عادتن سان پريل ريجھالپڻو ختم ٽي چڪو ھو. ھاڻي ھو نہ رڙيون ڪندو ھو ۽ نہ ڪنھن تي ڪاوڙبو ھو ۽ جيڪي ماڻھو ڪيس سجاڻندا ھئا، سي انھيءَ کي پوڙھپڻ جي نشاني سمجھندا ھئا.

"ھليا ميريسئف، ھاڻ پاڻ ٻئي گڏجي ھلڻ سکنداسين." ھن تجويز رکي ۽ پنھنجي قافلي ڏانھن منھن ڪري چيائين: "توھان وڃي پنھنجو ڪم ڪريو، ھتي ڪو سرڪس تہ ڪونھي جو بينا تماشو ڏسو. مون کان سواءِ ئي معائني جو ڪم پورو ڪريو." پوءِ ميريسئف کي چيائين: "ھا ھاڻي ھل چوڪرا. ھڪ.....! مون کي جھلي ٻيھہ، جھلي ٻيھہ، ڪو نہ ٽيءَ. آڻون جنرل آھيان ۽ تو کي حڪم مڃڻو پوندو. ھاڻي، ھا، ٻہ!

نيڪ آهي. هاڻي ڪاهو پير. بلڪل صحيح! هاڻي ساڃو، واهه واهه، تمام سٺو."

مشهور سرجن خوشيءَ وچان هت مهٽڻ لڳو، جڏڪ هڪ ماڻهوءَ کي پنڌ ڪرڻ سيکاري، هو خبر ناهي ڪيڏو وڏو تجربو ڪري رهيو هجي. ليڪن هن جي طبيعت ئي اهڙي هئي. هو جيڪو به ڪم ڪندو هو تہ ان ۾ بلڪل گم ٿي ويندو هو ۽ هر ڪم ۾ پنهنجو شاندار ۽ پرجوش روح تائين به شامل ڪري ڇڏيندو هو. هر ڪم ۾ پنهنجو تن، من ۽ ڌن لڳائي ڇڏيندو هو. هن اليڪسيءَ کي وارڊ جي سموري ڊيگهه پار ڪرڻ تي مجبور ڪيو ۽ جڏهن هو ٿڪ کان چُور، هڪ ڪرسيءَ تي ڍهي پيو تہ هن پي ڪرسي ريڑهي سندس پاسي ۾ ڪئي ۽ چيو:

"چگو پلا، ٻڌاءِ تہ اسان هوائي جهاز اڏائيندا سين؟ منهنجو خيال آهي تہ تون ضرور هوائي جهاز اڏائيندين. منهنجا ٻچا! هن جنگ ۾ ماڻهن جي سڃي ٻانهن ڪٽجي وڃي ٿي، پر پوءِ به هو سڃي ڪمپنيءَ کي ونڊي اڇيان وڌن ٿا ۽ حملو ڪن ٿا. موتمار زخم کائي به ماڻهو ٽينڪون ۽ مشين گنون هلائين ٿا. ماڻهو مشين گنن اڇيان ديوار بنجي بيهي رهن ٿا..... صرف مردا ئي ڪونہ وڙهي رهيا آهن....." پوڙهي پروفيسر جو چهرو ڪومائجي ويو ۽ هن ٽڏو ساهہ پري چيو "ليڪن جيڪي مري ويا آهن، سي به وڙهي رهيا آهن. انهن جو شان ۽ نالو وڙهي رهيو آهي. ها..... هليا نوجوان، هاڻي اسين ٻيهر هلڻ شروع ڪيون."

جڏهن اليڪسيءَ پنهنجو ٻيو قيرو مڪمل ڪري ساهي ڪڍڻ لاءِ ويٺو تہ پروفيسر گووزديف جي ڪٽ ڏانهن اشارو ڪندي پڇيو: "ٽينڪ مين ڪٽي آهي؟ چا ڪيس موڪل ملي ويئي؟"

اليڪسيءَ ڪيس ٻڌايو تہ ٽينڪ مين صحتياب ٿي، پنهنجي يونٽ ۾ واپس هليو ويو آهي. صرف اها ڪمي رهجي ويئي تہ سڑڻ جي ڪري سندس چهرو بنهہ مسخ ٿي چڪو هو، خاص ڪري هيٺيون حصو.

"تہ هن توکي خط به لکيو؟ شايد سندس دل ٽُٽي پيئي هوندي، چاکاڻ تہ هاڻي ساٿس چوڪريون محبت ڪين ڪنديون. ڪيس مشورو ڏي تہ ڏاڙهي مُڇون رکائي. آئون سنجيدگيءَ سان چوان پيو. هو بنهہ نئون ۽ نرالو ماڻهو لڳندو ۽ چوڪريون مٿس ساهہ ڇڏينديون."

هڪ نرس ڊوڙندي، سهڪندي اندر آئي ۽ واسيلي واسيلي وچ ڪي چيائين ته عوامي ڪميسارن جي ڪائونسل مان ٽيليفون آئي آهي. هو اٿيو ۽ در وٽ پهتو ته مُڙي خوش ٿي چيائين:

"ها، هن کي لکڻ نہ وسارجانءِ. چا آهي نالو...؟ هو تنهنجو دوست... هن کي لکجانءِ ته مون ڏاڙهيءَ جو نسخو تجويز ڪيو آهي، سندس لاءِ. هي هڪ آزمايل ڏس آهي ۽ پوءِ عورتون ان تي ساهہ ٽيون ڇڏين."

شام مهل اسپتال جو پوڙهو ملازم اليڪسيءَ لاءِ آبنوس جو هڪ پراٽو لکڻ کڻي آيو، جيڪو ڏاڍو خوبصورت هو. هن جو آرامده مُنيو عاج جو ٿهيل هو ۽ مٿس ڏاڍي سهڻي گلڪاري ٽيل هئي.

"پروفيسر تنهنجي لاءِ موڪلي آهي." پوڙهي ملازم چيو. "هي لکڻ واسيلي واسيلي وچ جو پنهنجو آهي، جيڪو توکي سوکڙيءَ طور موڪليو اٿس ۽ چيو اٿس ته هاڻ توکي لکڻ جي سهاري هلڻ گهرجي."

[15]

محاذ تي ڪيترن ئي ڏينهن کان وٽي خاموشي ڇانيل هئي، جيڪا ڪنهن ايندڙ زبردست طوفان جو ڏس ڏئي رهي هئي. جيڪي خبرون پئي آيون، تن مان معلوم ٿي ٿيو ته صرف ڪي معمولي جهڙپون پئي ٿيون. ميريسئف ۽ استروچڪوف ٻئي تجربيڪار سپاهي هئا، تن جاتو ٿي ته گشت ڪندڙ ٽولين جي معمولي جهڙپن جو مطلب چا ٿي سگهي ٿو ۽ اهو ب ته خاموشي جيتري ڊگهي ٿيندي وڃي ۽ هيءَ خاموش ڇڪ ڇڪان جيتري گهٽي دير تائين قائم رهندي، طوفان ايترو ئي وڌيڪ خوفناڪ هوندو.

هڪ ڏينهن خبرنامي ۾ سوويت يونين جي هيرو نشاني باز استيپان ايووشڪن جو حوالو هو، جنهن ڪنهن هنڌ ڏاکڻي محاذ تي پنجويهن جرمنن کي ماريو هو ۽ هاڻ سندس هٿان مرندڙ جرمن سپاهين جو تعداد ٻن سون تائين پهچي ويو هو. گووزديف جو هڪ خط آيو هو، پر هن اهو بلڪل ڪونہ لکيو هو ته هاڻ هو ڪٿي آهي ۽ چا پيو ڪري؟ البت هن اهو لکيو هو ته هو پنهنجي اڳوڻي ڪمانڊر ياول روتمستروف وٽ پهچي ويو آهي ۽ هو ڏاڍو خوش آهي. هن اليڪسيءَ کي لکيو ته

خط ملڻ تي هو انيوتا کي فقط هڪڙي ست جو خط لکي ۽ اهو به ته هن پاڻ به انيوتا کي خط لکيو هو، پر خبر ناهي ته انيوتا کي خط ملن ٿا يا نه؟

انهن ٻنهي ڳالهين مان ڪنهن به فوجيءَ کي ٻنهه صاف خبر پئجي سگهي ٿي ته ڪنهن هنڌ ڏاکڻي محاذ تي ڪو وڏو طوفان اچڻو آهي. اليڪسيءَ انيوتا کي هڪ خط لکيو ۽ گڏوگڏ گووزديف کي به خط لکي، ڪيس پروفيسر جي ڏاڙهي مُڇون رکڻ وارو مشورو پڻ ڏيڻايائين.

وارڊ نمبر 42 ۾ هڪ خوشگوار واقعو ٿيو. هڪ فرمان جاري ٿيو، جنهن موجب استروچڪوف کي سوويت يونين جو 'هيرو' جو خطاب مليو. ليڪن هيءَ مسرت بخشيندڙ خبر به استروچڪوف کي خوش رکي نه سگهي. هو ٻيهر خاموش ۽ اُجاڻو اُجاڻو پئي لڳو ۽ پنهنجي زخمي گوڏن کي گهٽ وڌ پيو ڳالهائيندو هو، جن ڪيس هن —.هڻ هٽان واري دور ۾ بستري تي سمهاري ڇڏيو هو. هن جي غمگينيءَ جو هڪڙو ٻيو به سبب هو، جنهن کي هو لڪائڻ جي تمام گهڻي ڪوشش ڪندو هو، پر انهيءَ راز جي اليڪسيءَ کي ٻنهه اوچتو ئي خبر پئجي ويئي.

هاڻي اليڪسيءَ جو ذهن فقط هڪ نقطي تي ڪتل هو ته هلڻ سکجي ۽ بس. تنهن ڪري ڪيس خبر ئي ڪانه پئي ته سندس چوطرف چا پيو وهي واپري؟ هو روزانو مقرر ڪيل پروگرام تي سختيءَ سان عمل ڪندو هو. اهو ٽن ڪلاڪن جو پروگرام هو. هڪ هڪ ڪلاڪ صبح، منجهند ۽ شام. هو پنهنجي نقلي پيرن سان هلڻ جي مشق ڪندو هو. شروع ۾ ته پين وارڊن جا مريض ڏاڍو بيزار ٿيا—— جيڏي مهل ڏس، تيڏي مهل هو گهڙيءَ جي ڪانٽي وانگر بنهه پابنديءَ سان نيري پهراڻ ۾ هڪ پاڇولي وانگر نڪرندو هو ۽ هنن جي ڪليل دروازن وٽان ٽڙندو ٽاپڙندو لنگهندو هو. اهي ڪيس خاص وقتن تي ڏسڻ جا ايترا هيراڪ ٿي ويا هئا جو هڪ ڏينهن جڏهن اليڪسي زڪام جي ڪري ٻاهر ڪونه نڪتو ته خاص ماڻهو موڪلي، سندس حال پڇيائون ته همراهه ڪيئن آهي؟

هو صبح جو ورزش ڪندو هو ۽ پوءِ ڪرسيءَ تي ويهي پيرن کي انهيءَ چرپر تي هيريندو هو، جيڪي هوائي جهاز هلائڻ لاءِ نهايت

ضروري هوندیون آهن. کڈهن کڈهن ته هو ايتري دير تائين ورزش کندو هو، جو سندس مغز ۾ چکر اچي ويندا هئا ۽ سندس ڪنن ۾ توتڑيون وڄڻ لڳنديون هيون. سندس اکين اڳيان تارا نچڻ لڳندا هئا ۽ سندس پيرن هيٺان زمين کسڪڻ لڳندي هئي. جڈهن به ائين ٿيندو هو، تڈهن هو مٿي تي ٿڈو پاڻي وجهندو هو ۽ ٿوري دير ليٽي پوندو هو ته جيئن جلد ئي ٻيهر سندس قوت بحال ٿئي ۽ هو هلڻ واري ورزش ۾ وقفو نه وجهي.

ان ڏينهن به هو ايتري دير تائين هليو هو جو سندس دماغ چڪرائجي ويو ۽ ڪيس کان به شيءِ نظر کانه پئي آئي. هو هٿوراڑيون ڏيندو وارڊ ۾ داخل ٿيو ۽ وڃي پنهنجي بستري تي ڪري پيو. جڈهن سندس هوش بحال ٿيو ته هن ڪجھ آواز ٻڌا ـــ ڪلاوديا جو پرسڪون ۽ ڪي قدر طنز ڀريو آواز ۽ استروچڪوف جو التجا ۽ منت وارو آواز. ٻئي ڇٽا ڳالھ ٻولھ ۾ ايترا ته محو هئا جو ڪين اليڪسيءَ جي اچڻ جي به سُڌ کانه پئي.

"يقين ڪر، آئون بنھ سنجيدگيءَ سان پيو چوان. ڇا توکي سمجھ ۾ ڪونه ٿو اچي؟ تون عورت آهين يا نه؟"

"ها، آئون بلڪل عورت آهيان، پر منهنجي سمجھ ۾ نٿو اچي ته تون ان موضوع تي سنجيدگيءَ سان ڳالهائي به سگهين ٿو ۽ ٻي ڳالھ ته مون کي تنهنجي سنجيدگيءَ جي به ضرورت ڪانهي."

استروچڪوف کي ڪاوڙ اچي ويئي ۽ هن رڙ ڪري چيو:

"آئون توسان محبت ڪريان ٿو. مون تي لعنت هجي. تون عورت ڪين آهين، تون ته پٿر جو بوتو آهين، جنهن کي ڪجھ به نظر نٿو اچي. سمجهيئي؟" ائين چئي هن منهن ڦيرائي ڇڏيو ۽ دريءَ جي شيشي تي آڱريون وڄائڻ لڳو.

ڪلاوديا هڪ تجربيڪار نرس وانگر آهستي آهستي ۽ احتياط سان قدم کڻندي دروازي ڏانهن وڃڻ لڳي.

"ڪيڏانهن پئي وڃين؟ ڇا تون مون کي جواب ڪونه ڏيندينءَ؟"

"ان باري ۾ ڳالهائڻ جي نه هيءَ جاءِ آهي ۽ نه وقت. آئون هينئر ڊيوٽيءَ تي آهيان."

"تون صاف صاف چو نٿي ڳالهائين؟ مون کي ستائين ڇا لاءِ پئي؟ جواب ڏي مون کي." ميجر جي آواز ۾ ڏاڍو درد پريل هو.

ڪلاوديا دروازي وٽ بيهي رهي. اونداهي ورانڊي جي پس منظر ۾ هن جو سهڻو سلوٽو ۽ دلڪش وجود اڃا ب وڌيڪ نمايان ٿي ويو هو. ميريسئف کي ڪڏهن شڪ شبهو ب ڪونہ ٿيو هو تہ هيءَ مانيٽي نرس، جيڪا هاڻ جوان ڪانہ رهي هئي، پنهنجي ڪردار ۾ ايڏي ثابت قدم ٿي سگهي ٿي. هوءَ ڳاڻ اوچو ڪريو، دروازي وٽ بيٺي هئي ۽ ائين پئي لڳو جڻ ميجر کي ڪنهن اوچي مينار تان ڏسي رهي هجي.

"تمام سنو." هن چيو، "تہ هاڻي صاف صاف ٻڌ ـــ آئون توسان پيار نٿي ڪريان ۽ شايد آئون توسان ڪڏهن ب محبت ڪري نہ سگهنديس."

هوءَ هلي ويئي. ميجر ڏڙام ڪري بستري تي ڪري پيو ۽ وهاڻي ۾ منهن لڪائي ڇڏيائين. هاڻي اليڪسيءَ کي سمجهہ ۾ اچي ويو تہ گذريل ڏينهن کان ميجر جو رويو ايترو عجيب ڇو هو؟

واقعي هو ڏاڍي اذيت برداشت ڪري رهيو هوندو. اليڪسيءَ کي مٿس ترس اچڻ لڳو ۽ گڏوگڏ هو خوش ب ٿيو. ميجر بستري تان اٿيو تہ اليڪسي مٽائيس مسخري ڪرڻ کان سواءِ رهي نہ سگهيو.

"هاڻ ٻڌاءِ ڪامريڊ ميجر تہ آئون تنهنجي ٻوٽ تي ڪانگهارو هڻان يا نہ؟"

جيڪڏهن اليڪسيءَ کي ذرو ب خبر هجي ها تہ سندس اهي لفظ هن تي ڪو اثر ڇڏيندا تہ هو ڪڏهن ب اهڙي مسخري ڪونہ ڪري ها. استروچڪوف ڏوڙي اليڪسيءَ جي پلنگ وٽ آيو ۽ انتهائي افسوس سان چوڻ لڳو: "هڻ ٿُڪ منهنجي منهن تي. آئون آهيان ئي ان لائق. پر هاڻي آئون ڇا ڪندس؟ مون کي ٻڌاءِ، ٻڌاءِ تہ هاڻي آئون ڇا ڪريان؟ تو اسان جون ڳالهيون ٻڌيون آهن. ٻڌيون اٿئي نہ؟"

هو ٻنهي هٿن سان مٿو جهلي اليڪسيءَ جي پلنگ جي ڪناري تي ويهي رهيو. هن جو سڄو بدن ڏکي رهيو هو.

"شايد تو سمجهيو تہ مون هن سان کيڏ پئي ڪئي؟ نہ، آئون هن

سان چالاڪي ڪونہ پيو ڪريان. آئون سنجيدو آهيان، مون هن بيوقوف ۽ مورک سان سموري خلوص سان پنهنجي محبت جو اقرار ڪيو هو."

شام جو ڪلاوديا معمول مطابق آئي. هوءَ هميشہ وانگر خاموش، مهربان ۽ صابر نظر پئي آئي. هن جي چهري تي راحت لياڪا پائي رهي هئي. هن ٻين وانگر ميجر ڏانهن بہ نهاري مسڪرايو. پر ميجر کي ڏسي ڪيس گهبراهٽ ۽ ڊپ پئي ٿيو. استروچڪوف دريءَ تي ويٺو، ڏندن سان آگر جو ننهن ڪٽي رهيو هو ۽ جڏهن وراندي ۾ ڪلاوديا جي پيرن جو آواز پري وڃي رهيو هو، تڏهن هن سندس پويان نگاهہ ڊوڙائي. هن جي چهري تي ڪاوڙ، درد ۽ پيڙا جي گڏيل ڪيفيت هئي. "سوويت حور!" هو گرجيو. "ڪنهن احمق هن کي اهو نالو ڏنو آهي؟ هوءَ نرس جي ويس ۾ هڪ شيطان آهي."

آفيس مان هڪڙي اڌيڙ عمر جي سڪل نرس آئي ۽ پڇڻ لڳي: "ڇا هتي ايڪسي ميريسئف هلڻ ڦرڻ وارو ڪو مريض آهي؟"

"نہ، هو ڊوڙڻ پڇڻ وارو مريض آهي." استروچڪوف زور سان چيو.

"آئون هتي ڪل پوڳ ڪرڻ ڪانہ آئي آهيان." نرس سختيءَ سان چيو. "ميريسئف ايڪسي، سينيئر ليفٽيننٽ، ٽيليفون تي ڪير توهان کي سڏي رهيو آهي."

"ڪا جوان ڇوڪري آهي؟" استروچڪوف ۾ ساهہ پئجي ويو ۽ هن نرس کي اڪ ڏيندي چيو.

"مون تہ سندس سجاٽپ ڪارڊ ڪونہ ڏٺو آهي." نرس بڑ بڑ ڪندي ۽ ڏاڍي شان سان وارڊ مان نڪري ويئي.

ايڪسيءَ بستري تان ٽپ ڏنو. هن خوشيءَ مان ٻهڪندي لڪڻ جي سهاري سان هلندي، وڃي نرس کي جهليو ۽ واقعي وراندي ۾ ڊوڙندي هو نرس کان بہ اڳيان نڪري ويو. هڪ مهيني کان وٺي هو اوليا جي جواب جو انتظار ڪري رهيو هو. هن جي دماغ ۾ هي خيال ڊوڙي ويو: "شايد هوءَ ئي هجي!" ليڪن ائين ٿي نٿو سگهي. هڪڙي زماني ۾ هوءَ استان گراڊ کان ماسڪو اچي ئي نٿي سگهي. تنهن کان

سواءِ ڪيس منهنجو اسپتال ۾ ڏس ڪنهن ڏنو هوندو؟ هن ته اوليا کي لکيو هو ته هو ماسڪو جي ٻهراڙين ۾ محاذ جي پٽيان ڪنهن آفيس ۾ ڪم پيو ڪري. پر ان لمحي ڪيس معجزي تي يقين اچي ويو ۽ ڪيس محسوس ٻه نه ٽيو ته ڪو هو نقلي پيرن سان ڊوڙي رهيو آهي ۽ پهريون پيرو ڊوڙي رهيو آهي.

هن آواز جهٽڪو ڪنيو ۽ ڪيس هڪ خوشگوار، گهرو ۽ بنھ اجنبي آواز ٻڌڻ ۾ آيو. هن آواز پڇيو ته وارڊ نمبر 42 جي الڪسيءَ سان ڳالھ ٻولھ ٿي سگھي ٿي؟ الڪسيءَ ڏاڍي تيز ۽ ڪاوڙ ۾ريل لهجي ۾ جواب ڏنو، جڏڪ ان سوال ۾ ڪا دل آزاريءَ جي ڳالھ هئي: "ها!"

هڪ پل لاءِ ڪوبہ آواز ڪونہ آيو. هاڻي هي آواز گھٽيل هو ۽ منجھس هڪ قسم جي ڪشمڪش هئي. هن زحمت لاءِ معافي گھري. صاف ظاهر هو ته ڪيس الڪسيءَ جي ڪهري انداز مان تڪليف پهتي هئي. هن وڏيءَ جاکوڙ کان ڪم ونندي چوڻ شروع ڪيو: "آئون انيوتا آهيان، گووزديف جي هڪ دوست، توهان مون کي ڪونہ ٿا سڃاڻو؟"

"ڇا تون انيوتا آهين؟ انيوتا؟ آئون توکي تمام چگيءَ طرح سڃاڻان ٿو. گريشا مون کي تنهنجي باري ۾ سڀ ڪجھ ٻڌايو هو....."

"هو آهي ڪٿي؟ هن کي ٽيو ڇا جو هو بلڪل اوچتو ئي اوچتو هليو ويو؟ گھگھو وگو هو ته آئون ٻاهر نڪتي هيس. توکي خبر هجڻ کپي ته آئون ترت علاج واري جڳهه ۾ شامل آهيان. اتان آئون موڪيس ته هو غائب هو. هن نہ پنهنجو پتو ڇڏيو ۽ نہ ڪا چٺي چپاتي..... پيارا اليوشا..... اوه معاف ڪجو، ائين پئي اوهان کي مخاطب ڪريان، آئون بہ توهان کي چگيءَ طرح سڃاڻان ٿي. مون کي هن جي باري ۾ ڏاڍي پريشاني آهي. آئون اهو جاڻڻ چاهيان ٿي ته هينئر ڪٿي آهي ۽ ايترو جلد هو ڇو هليو ويو هو.....؟"

الڪسيءَ جي دل جذبات جي گرميءَ کان وهلورجي ويئي. هن کي پنهنجي دوست جي لاءِ ڏاڍي خوشي ٿي. هن مسخري کي غلط فهمي ٿي هئي. ڏاڍو جذباتي آهي. ته چئبو ته مخلص ڇوڪريون سپاهيءَ جي معذور ٽيڻ جي ڪري کائنس خوف کائي منهن نٽيون موڙين. ان جو مطلب هي ٽيو ته هو بہ ڪنهن تي پروسو ڪري سگھي

تو، جيڪا هن جي لاءِ پريشان ٿيندي هوندي ۽ هن کي ساڳيءَ طرح ڳولي رهي هوندي، جيئن انيوتا پئي ڳولي. اهو خيال سندس دماغ ۾ بجليءَ وانگر ڊوڙي ويو. هو آواز جهٽڪي ۾ رڙيون ڪرڻ لڳو ۽ جوش کان ڏکي رهيو هو.

"انيوتا! سيڪجهه ٺيڪ آهي. هو هڪ افسوسناڪ غلط فهميءَ جو شڪار ٿي ويو هو. هو هاڻ بنهه ٺيڪ آهي ۽ ٻيهر محاذ تي وڙهي رهيو آهي. ها، محاذ تي وڙهندڙ سپاهين کي پوسٽ باڪس نمبر 42531 جي پتي تي خط لکي سگهجي ٿو. پي ڳالهه ٻڌ، هو ڏاڙهي پيو رکي. الله جو قسم انيوتا! هڪ شاندار قسم جي ڏاڙهي... جهڙي... جهڙي چاپي مارن جي ڏاڙهي هوندي آهي، ڏاڙهي ڏاڍي سهڻي لڳندي آهي."

انيوتا کي ڏاڙهيءَ وارو خيال ڪجهه آڻڻيو ڪونه. هن جي خيال ۾ اها هڪ غير ضروري شيءِ هئي. اليڪسي اها ڳالهه ٻڌي اڃا ب وڌيڪ خوش ٿيو. هن وراٽيو ته انهيءَ صورت ۾ ته گريشا منٽ ۾ ڏاڙهي چٽ ڪري ڇڏيندو. حالانڪ هر ماڻهوءَ جو خيال هو ته ڏاڙهي کيس ڏاڍي نٿي ٿي.

نيٽ جدهن هنن ٻنهي آواز جهٽڪو رکيو، تڏهن هو ٻئي پاڻ ۾ گهرا دوست بنجي چڪا هئا. اها ڳالهه طئي ٿي ته ميريسئف اسپتال مان وڃڻ کان اڳ ۾ کيس ٽيليفون ڪندو. وارڊ ڏانهن واپس ويندي کيس ياد آيو ته پاڻ ٽيليفون ٻڌڻ لاءِ ڊوڙندو آيو هو. هن ٻيهر ڊوڙڻ جي ڪوشش ڪئي پر بيڪار، نقلي پيرن جهٽڪن جي ڪري سندس ٽنگن ۾ زبردست سور جون سُوئون اُپري رهيون هيون ۽ سور جي پيڙا سڄي بدن ۾ ڊوڙي رهي هئي. پر پرواهه ناهي، هو اڄ نه ٿو ڊوڙي سگهي ته سپاٽي ضرور ڊوڙندو. جيڪڏهن پرهينءَ نه ته ان کان هڪ ڏينهن پوءِ، پر هو ڊوڙندو ضرور. سيڪجهه ٺيڪ ٿي ويندو. يقيناً هو ڊوڙڻ ۽ هوائي جهاز اڏائڻ لاءِ ٿي ويندو. هو يقيني طور ٻيهر وڙهي سگهندو ۽ چاڪاڻ ته کيس عهد ڪرڻ جو شوق هو، تنهن ڪري هن عهد ڪيو ته پهرين فضائي جنگ ۾ حصو وٺڻ ۽ پهريون جرمن هوائي جهاز ڪيرائڻ کان پوءِ هو اوليا کي خط لکندو ۽ کيس سيڪجهه ٻڌائي ڇڏيندو. پوءِ نتيجو ڇاهي ڪهڙو به وڃي نڪري. ■

ٽيون حصو

[1]

1942ع جون گرميون پنھنجي پوري جوبن تي ھيون. ورزشي بدن وارو ھڪ نوجوان، جنھن کي ھوائي فوج جي وردي پاتل ھئي، ماسکو جي فوجي اسپتال جي شاھ بلوط مان ٺھيل ڳري در مان ٻاھر نڪتو. ھو آبنوس جي لڪڻ جي سھاري ھلي رھيو ھو. سندس قميص جي کالر تي سينيئر ليفٽيننٽ جو نشان لڳل ھو. ساٹس گڏ ھڪ عورت ھئي، جيڪا ھڪ سفيد پھراڻ پايو پئي ھلي. سندس متي تي ڳاڙھي نشان (ريڊ ڪراس) وارو رومال، جھڙو رومال پھرين مھاڀاري جنگ ۾ نرسون استعمال ڪنديون ھيون، سندس نرم ۽ خوبصورت چھري ۾ ڏاڍي پاڪيزگي پيدا ڪري رھيو ھو. ھو ٻئي چائنٽ وٽ بيھي رھيا. ھواباز پنھنجي مروڙيل سروڙيل ٽوپي متي تان لاٿي ۽ نرس جي ھٿ تي چمي ڏيڻ لاءِ ڏاڍي عجيب انداز ۾ ھيٺ جھڪيو. نرس سندس پيشاني ٻنھي ھٿن ۾ جھلي ۽ سندس نرڙ تي چمي ڏني. ان کان پوءِ ھواباز ٽڙندڙ انداز ۾ ھلندو، تيز قدمن سان چاڑھيءَ تان لٿو ۽ اسپتال جي ڊگھي عمارت سان لڳولڳ درياءَ جي ڪنڌيءَ سان ھلڻ لڳو ۽ پوئتي مُڙي به ڪونہ ڏٺائين.

رات جي سمھڻ جا نيرا، پيلا ۽ پورا ڪپڙا پاتل مريض درين مان ھٿ، لڪڻ يا ڪاٺ جون گھوڙيون لوڏي ڪيس الوداع چئي رھيا ھئا ۽ گلو ڦاڙي ڪيس الوداعي نصيحتون ڪري رھيا ھئا. ھو سيني کي ھٿ لوڏي جواب ڏيئي رھيو ھو. ھو لڪڻ جي معمولي سھاري سان تيز ۽ ڪجھ ٽڙندڙ انداز ۾ ھلي رھيو ھو. جيڪڏھن ھر قدم سان چمڙي جي

معمولي مِڇ مِڇ جو آواز نہ ايري ها تہ ڪر ڪنھن کي ھڪ پل لاءِ بہ اھو گمان ڪونہ ٿئي ها تہ ڪو ھي جاننو جوان ۽ مضبوط بدن وارو سُريلو ماڻھو پنھنجي اصلي پيرن کان محروم آھي.

اسپتال کان موڪل ملڻ بعد ڪيس صحت بحال ڪرڻ لاءِ ماسڪو جي ويجھو، ھوائي فوج جي سينيٽوريم ۾ موڪليو ويو. ميجر استروچڪوف کي پڻ ساڳي سينيٽوريم ۾ موڪليو ويو ھو. ھن کي ھڪ ڪار ڪڍڻ آئي ھئي، پر ايڪسيءَ اسپتال جي انتظاميہ کي چيو تہ ماسڪو ۾ سندس مائٽ رھن ٿا، جن سان ملڻ کان سواءِ ھو ڪونہ ويندو. ھن پنھنجو ٽيلھو ميجر کي ڏنو، پاڻ پيدل ئي روانو ٿي ويو ۽ وعدو ڪيائين تہ ھو شام واري بجليءَ تي ھلندڙ ريل گاڏيءَ ۾ سينيٽوريم پھچي ويندو.

ماسڪو ۾ سندس ڪوبہ مائٽ ڪونہ ھو، پر ھن گاديءَ واري شھر جو سير ڪرڻ ٿي چاھيو. گڏوگڏ ائين بي سھارو ھلڻ جي صلاحيتن جو پڻ اندازو ڪرڻ ٿي چاھيو. ھن شور مچائيندڙ ماڻھن جي انبوھ ۾ گم ٿي وڃڻ ٿي چاھيو، جن کي ھن جو تِر جيترو بہ فڪر ڪونہ ھو. ھن انيوتا کي ٽيليفون ڪيو ھو ۽ پڇيو ھو تہ آيا ھوءَ ساڻس 12 وڳي ملي سگھي ٿي ۽ ڪٿي؟ ھا، پوشڪن جي مجسمي وٽ..... درياءَ جي ڪناري تي، جتي درياءَ جون چوليون ھڪندڙ پاڻي سج جي روشنيءَ ۾ چمڪي رھيو ھوندو ھو. گرمين جي گرم ھوا ۾ وڏا وڏا ساھ کڻي رھيو ھو ۽ ھوا ۾ پيني پيني ۽ وٽندڙ سرھاڻ واسيل ھئي.

جيڏانھن ڪجي نگاھ، تيڏانھن پسجي پرينءَ کي وانگر ھر طرف سيڪجھ ڪيترو نہ سھڻو، ڪيترو نہ حسين ۽ ڪيترو نہ وٽندڙ ھو. سندس پاسي مان جيترين بہ عورتون لنگھيون، سڀ ڪيس ڏاڍيون وٽيون. چھج ساون وٽن ۾ تہ غضب جي خوبصورتي ھئي. صاف ۽ شفاف ھوا ۾ اھڙي تہ تازگي ھئي، جو ماڻھو مست ٿيو ٿي ويو. فضا ايتري تہ صاف ۽ شفاف ھئي جو ڪيس ھر شيءِ بنھ ويجھي ٿي لڳي. جيڪڏھن ھو ھٿ وڌائي تہ ڪريملن جي ديوارن کي ڇھي ٿي سگھيو. ان کان اڳ ھن انھن ديوارن کي فقط تصويرن ۾ ڏٺو ھو. ايوانِ اعظم جي گھڙيال گھر جو گنبذ ۽ پل جو وڏو ۽ ھٻناھون محراب پاڻي تي جھڪيل پئي

نظر آيو. شهر ۾ واسيل مڙي ۽ مست ڪندڙ سُڳنڌ ڪيس پنهنجو ننڍپڻ ياد ڏياري ڇڏيو هو. هيءَ يادگيري اوچتو ڪٿان اچي نڪتي؟ هُن جي دل ايترو زور سان ڇو ڌڙڪي رهي هئي؟ هو پنهنجي ماءُ جي باري ۾ ڇو سوچي رهيو هو؟ موجوده جُهور پوڙهي ۽ نپل ماءُ جي باري ۾ نہ، پر تڏهوڪي جوان، قداور ۽ ڊگهن وارن واري، خوبصورت ماءُ جي باري ۾! هو ماءُ سان گڏ هڪ پيرو ٻه ماسڪو ڪونہ آيو هو.

هو ڪريملن جي ديوار سان لڳولڳ سنسان پنڌ تي هلندو رهيو. ٿوري دير لاءِ وڻ جي ٽڏي ڇانوَ ۾ هو ساهي پٽڻ لاءِ ويهي رهيو. پوءِ آهستي آهستي هو لال چوڪ ڏانهن ويندڙ چڙهائيءَ تي چڙهڻ لڳو. پڪن رستن تي ۽ چوڪن تي بينل وٽن ۾ ساوڪ جي ٻرپور رونق موجود هئي ۽ هلڪي هلڪي ۽ ٻيني ٻيني خوشبوءِ وارن گلن تي ماکيءَ جي مکين جو يونيات پئي پيو.

ـــ تہ هي آهي ماسڪو جو شهر!

اسپتال ۾ چار مهينا رهڻ کان پوءِ اليڪسي گرم موسم جو هي شان ۽ رعنائي ڏسي اهڙو تہ حيران ٿيو جو پهرين تہ ڪيس محسوس ئي ڪونہ پئي ٿيو تہ ڪو گاديءَ وارو شهر هوائي فوج جي اصطلاح ۾ "تياري نمبر پهريون" جي صورتحال ۾ آهي، يعني ڪنهن ٻہ گهڙيءَ دشمن جي حملي جو مقابلو ڪرڻ لاءِ تيار آهي.

اليڪسي هاڻي هلي هلي ڏاڍو ٽڪجي پيو هو ۽ هو پنهنجي لڪڻ تي گهٽو ٻوجھ وجهي، پاڻ کي گهليندو گورکي سڙڪ تي هلڻ لڳو. ڏاڍي مشڪل سان هو پاڻ کي پوشڪن جي مجسمي ڏانهن گهلي رهيو هو. رستي ۾ هو ساهي پٽڻ لاءِ ڪيترا ئي ٻيرا وينو هو. هو لڪڻ جي ٽيڪ تي ٿورڙي دير لاءِ بيهي ٿي رهيو ۽ وري هلڻ ٿي لڳو. پوشڪن جي مجسمي وٽ پهچي هو ڇانوَ ۾ سائي ڇهر تي ٽنگون پکيڙي ويهي رهيو. هن جون ٽنگون، جيڪي نقلي پيرن سان ٻڌل هيون، درد ۽ ٻيڙا ۾ جلي رهيون هيون. هو ڏاڍو ٽڪل هو، پر پوءِ ٻہ ماحول ۾ جيڪا فرحت ۽ راحت هئي، تنهن مان هو ڏاپيو ئي نٿي. وٽن جي تازي ۽ معطر سرهاڻ ٽڏڙي هير ۾ ترندي، سمورو ماحول واسي رهي هئي. کيس مجسمي جي پاسي ۾ گرم ۽ خشڪ واريءَ تي ڪيڏندڙ

ڳاڙھن ڳٽن وارن ہارڙن جا خوشيءَ جا ٽھڪ ڏاڍا پلا لڳا. ميرُيسئف اکيون بند ڪريو، ماحول ۾ مگن ٽنگون ٽيڙيو آهليو پيو هو.

پھرين ته ہارن هواباز ڏانهن ڪو توجھ ئي ڪونہ ڏنو. پر جڏهن انهن مان هڪڙو ہار ڏوڙندي هيڏانهن اچي نڪتو ۽ اليڪسيءَ جي ٽيڙيل ٽنگن سان ٽڪرائي، وڃي واريءَ تي ڪريو، تڏهن هن اٿي پھرين ته ہوٽ ٻچڙو ڪيو، پر هڪدم پوءِ هن جي چھري تي گھبراھٽ جي ڪيفيت پيدا ٿي ۽ ستت ئي گھبراھٽ جي جاءِ تي دهشت پکڙجي ويئي. ہارڙي ڏجي وڃي رڙيون ڪيون ۽ اليڪسيءَ کان پري پڄي ويو. ڪن پل ۾ ڇوڪرن جو سمورو ولر اچي اليڪسيءَ جي چوڌاري بيھي رهيو. اليڪسي پنھنجن خيالن ۾ گم ويٺو هو. هن ڪجھ بہ ڪونہ ٿي ڏنو. جڏهن هن اکيون کوليون ته پاڻ کي ہارڙن جي وچ ۾ گھيريل ڏٺائين، جيڪي خوف وچان ڏانهس ڏسي رهيا هئا. تڏهن وڃي ڪيس خبر پئي ته هو ڇا ڇئي رهيا آهن؟

"اڙي ويتامين! تون رڳو ہٽاڪ پيو هٽين. هي ته سچي پچي هواباز آهي، سينيئر ليفٽيننٽ." ڏهن سالن جي هڪڙي زرد چھري واري ڇوڪري ڏاڍي گنبير تا مان چيو.

"آئون ہٽاڪ ڪونہ پيو هٽان. جي آئون ڪوڙ ڳالهايان ته پلي مري وڃان. آئون چوان ٿو ته پير اصلي ڪونهنس، ڪاٺ جا اٿس. بلڪل ڪاٺ جا."

اوڏي مھل اليڪسيءَ پنھنجي دل ۾ خنجر ٽُنبجندي محسوس ڪيو ۽ ڏينهن جي روشني سندس اکين ۾ ڇڻ وسامي ويئي. هن اکيون مٽي ڪٽي نهاريو. ڇوڪرا، جن جون نظرون اليڪسيءَ جي پيرن تي ٽڪيل هيون، سي پوئتي هٽي ويا.

آخرڪار انهن مان هڪڙي ويجهو اچي ڪانئس پڇيو: "ڪامريڊ سينيئر ليفٽيننٽ، تنهنجا پير ڪهڙا آهن، اصلي آهن يا ڪاٺ جا؟ ڇا تون معذور آهين؟"

ننڍڙي نينگر ڏنو ته هواباز جون اکيون لُڙڪن سان پرجي آيون هيون. هوائي فوج جي ليفٽيننٽ جي اکين ۾ لڙڪ! ان جو ڪيس شعوري اندازو ته ڪونہ هو، البت هن جي ننڍڙيءَ دل محسوس ڪيو ته سندس

چيل لفظ 'اپاهج' سپاهيءَ جي دل کي زبردست صدمو پهچايو آهي. هو خاموشيءَ سان سمورن پارن جي ولر کي واپس ونڻي هليو ويو.

اليڪسيءَ ڪنهن کي پنهنجو نالو پڪاريندي ٻڌو. هو هڪدم اٿي بيٺو. انيوتا سندس سامهون بيٺي هئي. هن انيوتا کي هڪدم سڃاڻي ورتو. هوءَ ايتري حسين ته ڪانه هئي، جيتري تصوير ۾ پئي لڳي. سندس ٽڪيل چهرو زرد ٿي ويو هو. هن کي فوجي وردي ۾ بوٽ پاتل هو. سندس متي ۾ پاتل فوجي ٽوپيءَ جو رنگ ڦٽي ويو هو. هن جون ساواڻ تي ميائل ۾ ڪي قدر اپريل اکيون ميريسئف کي تڪي رهيون هيون. انهن ۾ ايتري ته چمڪ ۽ سادگي هئي ۽ انهن اکين مان دوستيءَ جي اهڙي ته روشني پئي چمڪي، جو هيءَ چوڪري، جيڪا سندس لاءِ اجنبي هئي، سا ڪيس سالن جي پراڻي دوست لڳي، جهڙوڪر هنن ٻنهي ننڍي هوندي هڪ ئي اڱڻ تي گڏجي راند روند ڪئي هجي.

هڪ لمحي تائين هو هڪ ٻئي کي خاموشيءَ سان گهورينداً رهيا. نيٺ چوڪريءَ ڳالهايو:

"منهنجي ذهن ۾ تنهنجي تصوير بنهه مختلف هئي."

"ڪهڙي تصوير هئي تنهنجي ذهن ۾؟" ميريسئف پڇيو.

"ها، ڪيئن ٻڌايان؟ ائين سمجهه ته تصوير ڪجهه هن نموني جي هئي ته تون هڪ تمام قداور هوندين ۽ تمام بهادر نظر ايندين. ها، اهو ٺيڪ آهي. وڏيون واڇون، وات ۾ تماڪ واري سُلفي..... بس اهڙو خاڪو هو منهنجي ذهن ۾. گريشا مون کي تنهنجي باري ۾ ائين ٻڌايو هو."

"تنهنجو گريشا، هو اصلي هيرو آهي." اليڪسيءَ سندس ڳالهه اڌ ۾ ڪٽي ڇڏي ۽ ڏنو ته هن جو چهرو اهو ذڪر ٻڌي ٻهڪي رهيو هو، تڏهن هو لفظ 'تنهنجو' تي زور ڏيئي ڳالهائڻ لڳو "تنهنجو گريشا هڪ سچو انسان آهي. آئون چا آهيان؟ ليڪن تنهنجو گريشا..... منهنجو خيال آهي ته هن سندس باري ۾ توکي ڪونه ٻڌايو آهي."

"چا توکي خبر آهي اليوشا؟ آئون توکي اليوشا چئي سگهان ٿي نه؟ آئون گريشا جي خطن مان ان نالي جي عادي ٿي ويئي آهيان. توکي

ماسکو ۾ ٻيو ته کو ڪم ڪونهي؟ ته پوءِ منهنجي گھر هل. آئون ڏيوٽي ڏيو پئي اچان ۽ هاڻي سجو ڏينهن مون کي موڪل آهي. هليا ته هلون. مون وٽ گھر ٽورڙو وودڪا شراب به پيل آهي. چا توکي وودڪا پسند آهي؟ هليا، آئون توکي وودڪا پيئاريندس."

انهيءَ گھڙيءَ اليڪسيءَ جي اکين اڳيان ميجر استروچڪوف جو چھرو اُپريو ۽ کيس محسوس ٿيو ته جڙ هو اک ٻچي کيس چوندو هجي ته "ڏي منهن. ڏٺئي ته ڪھڙي قسم جي چوڪري آهي هوءَ؟ اڪيلي رهي ٿي، شراب به موجود آهي! ٻڌاءِ هاڻي چا ٿو چوين؟" پر استروچڪوف ايترو ته رسوا ٿي چڪو هو جو سندس ڳالھ تي ڪڏهن به اعتبار نه ڪندو. شام ٿيڻ ۾ اڃا ڪجھ وقت هو، تنهن ڪري هو ٻئي پراڻن دوستن وانگر کل پوڳ ڪندا گھر ڏانهن وڌندا رهيا. اليڪسيءَ کيس ٻڌايو ته گووزديف تي جنگ جي شروعات ۾ مصيبتن جو ڪيڏو نه ڏونگر ڏري پيو هو. انيوتا جڏهن پنهنجن لڙڪن کي روڪڻ جي ڪوشش ۾ چپن کي چڪ وجھڻ لڳي، اهو ڏسي اليڪسيءَ کي ڏاڍي خوشي ٿي. جڏهن هن گريشا جي محاذ تي بهادريءَ وارن ڪارنامن جو ذڪر ڪيو ته سندس ساواڻ مائل اکين مان شعلا نڪرڻ لڳا. کيس گووزديف تي ڪيڏو نه ناز هو! ۽ جڏهن هن گريشا جي باري ۾ چوندڙي سوال پڇي پڇيا ته سندس چھري تي ڪھڙو نه رنگ اچي ويندو هو. اوڏي مھل کيس ڪيڏي نه ڪاوڙ آئي هئي، جڏهن پاڻ ٻڌايائين ته گووزديف جي سبب کيس پنهنجي پگھار جو سرٽيفڪيٽ موڪلي ڏنو هو ۽ اهو ته هو ايترو اوچتو چو ٻڌي ويو؟ نه ڪا ڳالھ چيائين، نه ڪا چٽي چڏيائين ۽ نه وري پنهنجو پتو! چا هي به ڪو فوجي راز آهي ته ماڻهو بنا موڪلائڻ جي هليو وڃي ۽ پوءِ هڪ لفظ به نه لکي.

"ها، پلا اهو ته ٻڌاءِ، تو ان ڳالھ تي ايترو زور چو ڏنو ته هن ڏاڙهي رکي آهي؟" انيوتا کيس تجسس پري نگاهن سان ڏسندي چيو.

"اڙي، بس ائين وات مان نڪري ويو. ڪا خاص ڳالھ ڪانهي."

"نه نه، ٻڌاءِ! جيستائين ٻڌائيندين نه، تيستائين جِند ڪانه چڏيندياسانءِ. چا اهو به ڪو فوجي راز آهي؟"

"نه، ائين ته ڪونهي. بس ايتري ڳالھ آهي ته اسان جي پروفيسر

واسيلي واسيلي وچ ڏاڍي رکڻ جو نسخو تجويز ڪيو هو..... تہ جيئن چوڪريون..... منهنجو مطلب آهي تہ هڪ خاص چوڪري ڪيس اڃا بہ وڌيڪ پيار ڪري."

"تہ اها ڳالھ آهي. هاڻي آئون سڀ ڪجھ سمجھي ويس." هڪدم انيوتا جي ساواڻ مائل اکين جا روشن ڏيا وسامي ويا. سندس عمر وڌيڪ ڏسڻ ۾ اچڻ لڳي. سندس چهري جي هيڀاڻ اڃا بہ وڌيڪ نمايان ٿي ويئي. هن جي پيشانيءَ ۾ اکين جي ڪُنڊن وٽ ننڍڙيون ليڪون اُپري آيون. هوءَ بنھ وساٽل ۾ ٽڪل پئي لڳي. ها، فقط سندس ننڍن ننڍن، پريل پريل، ٻھڪندڙ ڳاڙھن چپڙن ۾ انھن مٺان اڻ لکي ٻُر منجھان معلوم ٿي ٿيو تہ هوءَ اڃا تائين جوان آهي ۽ سندس عمر مشڪل سان ويھ سال ڪن ٿيندي.

ماسڪو ۾ اڪثر ائين ٿيندو آهي تہ توهان شاندار بنگلن جي ڇانوَ ۾ ڪشادن رستن تان هلندي هلندي، اوچتو ڪنهن موڙ وٽان مڙندي، چند قدم اڳتي ويندا تہ توهان ڪنهن اهڙي ننڍڙي گھر وٽ وڃي بيهندا، جنهن جون دريون پراٽيون هجڻ جي باعث ڏنڊليون ٿي ويون هجن. اهڙي ئي قسم جي هڪ گھر ۾ انيوتا رهندي هئي. هو هڪ سوڙهي چاڙهي چڙهي مٿي پهتا. چوڪريءَ چاپيءَ سان دروازو کوليو. دروازي جي پرسان ئي وراندي ۾ ڪاڏي جي شين جا ٽيلها، ٽين جون ڪجھ ٽالهيون ۽ ڪجھ ٻيا ڏانوَ رکيل هئا. هو انهن شين تان ٽپندا اندر آيا. هو هڪ انڌيري بورچيخاني مان ٽيندا، پئي وراندي مان اچي، هڪ دروازي وٽ پهتا. سامهون واري دروازي مان هڪ سنهڙي سُڪل پوڙهي عورت جو چهرو ليڪا ڪا پائيندو نظر آيو. "انيوتا! تنهنجو خط آيو آهي." پوڙهيءَ چيو ۽ ٻنهي نوجوانن کي ان وقت تائين تجسس مان گھوريندي رهي، جيستائين هو پئي ڪمري ۾ اندر داخل ٿيا. پوءِ هوءَ غائب ٿي ويئي.

انيوتا جو پيءُ ڪنهن تعليمي اداري ۾ ليڪچرار هو. جڏهن ادارو پيءُ جاءِ تي منتقل ڪيو ويو تہ سندس ماءُ ۽ پيءُ بہ ان اداري سان گڏ هليا ويا ۽ هي سڄو گھر انيوتا جي نگرانيءَ ۾ ڇڏي ويا هئا.

"ڏاڍي بي ترتيبي آهي، معاف ڪجانءِ. اصل ۾ چا آهي تہ آءٌ

اسپتال ۾ رهان ٿي ۽ اتان ئي يونيورسٽيءَ هلي وڃان. هن گهر ۾ اڇڻ بہ ڪڏهن ڪڏهن ٿيندو آهي." هن ميزن ۽ ڪرسين تي ٽڙيل پکڙيل شيون ميڙيندي چيو. سندس چهري تي رونق اچي وئي هئي. "ڪڏهن ڪڏهن، جڏهن گهر اچان ٿي، تڏهن ايڏي تہ ٽڪل هوندي آهيان جو پاڻ کي گهلي گهلي مشڪل سان صوفي تائين پهچايان ٿي ۽ ڪپڙن بدلائڻ کان سواءِ ئي ڪاڻ ٿي ڪريو پوان ۽ وري جڏهن اک کلندي آهي، تڏهن ڊوڙي ڊوڙي اسپتال پهچڻ جيترو وقت مس بچندو آهي. تنهن ڪري صفائي ۽ ستراڻي جو موقعو ئي نٿو ملي."

ٿورڙي دير ۾ چانهہ جي ڪٽلي ٽهڻ لڳي. چينيءَ جون پراٽيون پيالیون، جن جو رنگ بہ لهي ويو هو، ميز تي رکيون هيون. چينيءَ جي پليٽ ۾ مانيءَ جا ڪجهہ ٽڪر رکيل هئا؛ هڪ پياليءَ ۾ ڳُڙ جَا ڳندا رکيل هئا. گذريل صديءَ جي يادگار، اوني جهالر سان چانهہ کي گرم رکڻ واري ڪٽليءَ جي پوش ۾ لڪل ڪٽليءَ مان چانهہ جي تازي تازي خوشبوءِ، جنگ کان اڳ جي زماني جي ياد ڏياري رهي هئي. ميز جي وچ تي هڪ اڻ ڪليل بوتل رکيل هئي ۽ بہ نازڪ پيالا پڻ.

اليڪسي آرام ڪرسيءَ تي ويٺو هو. ڪرسي ايتري تہ آرامده هئي جو ڪيس ڏاڍو سڪون آيو ۽ هو ٽنگون ٽيڙي مزي سان ويهي رهيو. انيوتا سندس ويجهو ننڍڙي ٽپائيءَ تي ويهي ڏانهس نهاري، پيهر گووزديف جي باري ۾ پڇڻ لڳي. اوچتو کيس ميزبانيءَ جو فرض ياد آيو ۽ هوءَ پاڻ کي گهٽ وڌ ڳالهائيندي تپ ڏيئي اٿي ۽ اليڪسيءَ کي ٻانهن کان جهلي ميز تائين وٺي آئي.

"هڪڙو پيالو تہ پيئندين نہ؟ گريشا مون کي ٻڌايو هو تہ ٽينڪ مين ۽ هواباز بہ بيشڪ....." هن پيالو ڪڪائي اليڪسيءَ جي ويجهو رکيو ۽ ان ۾ وودڪا اوتڻ لڳي. اليڪسيءَ جڏهن ڏٺو تہ پيو پيالو خالي آهي، تڏهن پڇيائين: "۽ تون؟" "آئون نہ پيئندي آهيان." انيوتا سادگيءَ سان وراڻيو. "ٺيڪ آهي، پر سمجهہ ڪٽي تہ اسان هن جي نالي تا پيئون، گريشا جي نالي جو پيالو؟"

ڇوڪريءَ مسڪرايو. هن خاموشيءَ سان پيالو پريو ۽ اليڪسيءَ جي پيالي سان ٽڪرايو ۽ چيو:

"هو سدائين ڪامياب رهي" ۽ ڳيت ڏيئي هڪ ئي سُرڪ ۾ سڄو پيالو چاڙهي ڇڏيو ۽ هڪدم کنگهڻ لڳي. سندس چهرو ڳاڙهو ٿي ويو ۽ هوءَ ڏاڍي مشڪل سان پاڻ تي قابو پائي سگهي.

اليڪسيءَ تمام گهڻن ڏينهن کان پوءِ وودڪا چکيو هو. هن محسوس ڪيو ته نشو چڙهي رهيو آهي. هن ٻيهر پيالا پريا، پر انيوتا ڏاڍي اِنڪساريءَ سان نهڪر ۾ ڪنڌ لوڏيو ۽ چيو ته "ڏئي ڪونہ ته ڇا ٿيو؟ تنهن ڪري ٻيو پيالو نہ!" "پر ڇا تون منهنجي ڪاميابيءَ جو پيالو ڪونہ پيئندينءَ؟" اليڪسيءَ التجا پري لهجي ۾ ڪيس اپيل ڪئي. "ڪاش جي توکي خبر هجي ته مون کي هن جي ڪيتري ضرورت آهي." چوڪري ڏاڍي سنجيدگيءَ سان کيس ڏنو، پنهنجو پيالو کنيائين، مسڪرائي مٿو لوڏيائين، آهستگيءَ سان سندس هٿ هٿ ۾ جهلي زور ڏنائين ۽ پيالو خاليڪري ڇڏيائين ۽ پوءِ وري کنگهڻ ۽ منهن بچڙو ڪرڻ لڳي.

"هي آئون ڇا پئي ڪريان؟" جڏهن هوءَ سامت ۾ آئي ته چيائين. "۽ اهو به چوويهه ڪلاڪ ڏيوتي ڏيڻ ڪاُن پوءِ! اليوشا هي سيپ ڪجهه تنهنجي لاءِ پئي ڪريان، تون..... گريشا تنهنجي باري ۾ تمام گهڻو ڪجهه لکيو هو..... آئون چاهيان ٿي ته تون خوش نصيب ٿئين، اها منهنجي دلي تمنا آهي ۽ تون ضرور ڪامياب ٿيندين. ڀڏين پيو نہ، مون کي يقين آهي ته تون ضرور ڪامياب ٿيندين." هوءَ خوشيءَ مان ٽهڪ ڏيڻ لڳي. "پر تون ڪائين چو نٿو؟ ٿوري ماني ته کاءِ، شرماءِ نہ، مون وٽ ٻي به ماني آهي. هيءَ ته ڪلهوڪي آهي ۽ مون کي اڄوڪو وِرو (راشن) اڃا ڪونہ مليو آهي." هُن مانيءَ واري پليٽ هن ڏانهن وڌائي. "اڙي کاءِ، بيوقوف چوڪرا! کاءِ نہ ته توتي نشو چڙهي ويندو ۽ پڏاءِ ته پوءِ آئون توکي ڇا ڪنديس؟"

اليڪسيءَ مانيءَ جي پليٽ هٽائي ڇڏي. هن انيوتا جي ساوارٽ مائل اکين ۽ سندس ننڍڙن، پريل پريل ۽ چمڪندڙ ڳاڙهن چپن کي ڏٺو ۽ بنهه آهستي آهستي چيو:

"جيڪڏهن آئون توکي چمي ڏيان ته تون ڇا ڪندينءَ؟"

هوءَ هڪدم سنجيده ٿي ويئي. هن خوف ۽ هراس وچان کيس

ڈنو. سندس اکين ۾ ڪاوڙ ته ڪاڪ هئي، پر هڪ قسم جو تجسس ۽ مايوسي ضرور هئي. ائين پئي لڳو ته جڙ هڪ پل پهرين هي اکيون ڪنهن اهڙي شيءِ کي ڏسي رهيون هيون، جيڪا پري کان هڪ قيمتي هيري وانگر پئي چمڪي ۽ هاٿي ويجهو اچڻ تي خبر پئي ته اها هڪ شيشي جي خسيس ٽڪر کان سواءِ ٻيو ڪجھ به ڪونهي.

"شايد آئون توکي هتان ٻاهر ڪڍي ڇڏيان ۽ گريشا کي لکندیس ته توکي ماڻهوءَ جي سجاٽپ جي ڪاب خبر ڪانهي." هن سرد مهريءَ سان جواب ڏنو ۽ ٻيهر پليٽ ڏانهس ڪسڪائي، اصرار ڪيو ۽ چيو: "کاءِ، تون نشي ۾ آهين."

ميريسئف جو چهرو ٻهڪي اٿيو.

"۽ تنهنجو فيصلو بلڪل صحيح هوندو. تنهنجي مهرباني! آئون سموري سوويت فوج جي طرفان تنهنجو شڪريہ ادا ٿو ڪريان ۽ آئون گريشا کي لکندس ته توکي ماڻهن جي بهترين سجاٽپ آهي."

هو 3 وڳي تائين ڪچهري ڪندا رهيا. ڪمري ۾ آڏا پاسيرا ڪرٽا هاٿي پت تي سُرندا پئي ويا. ايڪسيءَ جي گاڏيءَ جو وقت ٿي ويو هو. انيوتا ڪيس استيشن تائين موڪلائڻ آئي هئي. ٻئي جڻا هٿ هٿ ۾ ڏيئي پئي هليا. ايڪسي آرام ڪرڻ کان پوءِ جنهن اطمينان ۽ اعتماد سان قدم کٽي هلي رهيو هو، جو انيوتا هيئن سوچڻ تي مجبور ٿي پئي ته: "جڏهن گريشا لکيو هو ته ايڪسيءَ جا پير ڪونهن ته چا هن رڳو يوڳ ڪيو هو؟" اوچتو ئي اوچتو هن ايڪسيءَ کان پڇيو: "چا تو واقعي سنجيدگيءَ سان اهو چيو هو ته گريشا ڏاڙهي رکي آهي؟" هوءَ هڪ لمحي لاءِ خاموش ۽ ڏکياري ٿي ويئي ۽ پوءِ چيائين: "آئون هاٿي سپ ڪجھ سمجهان ٿي، آئون توکي ايمانداريءَ واري ڳالھ ٻڌائيندس ائين، جيئن ڪَر آئون پنهنجي پيءُ کي چوان ها. اها هيءَ ته شروع شروع ۾ مون کان سندس چهري جا داغ ڏٺا نٿي ٿي سگهيا. ڏٺا نٿي ٿي سگهيا اهو چوڻ ته ٺيڪ ناهي. منهنجو مطلب آهي ته آئون بنھ ڏڃي ويس. نہ، ائين ب نہ! اهو ب صحيح ناهي. مون کي سمجھ ۾ نٿو اچي ته ڪيئن بيان ڪريان؟ تون ته منهنجي ڳالھ سمجهين ٿو نہ؟ شايد اها ڳالھ ٺيڪ ڪانہ هئي، پر آئون چا ٿي ڪري سگهيس؟ الا!هو مون کان

خفا ٿي پڇي ويو. بيوقوف چوڪرو، خدايا! هو ڪهڙو نہ ناسمجھ چوڪرو آهي. جيڪڏهن تون ڪيس خط لکين تہ اهو ضرور لکجائئس تہ مون کي سندس انهيءَ روش ڏاڍي تڪليف پهچائي هئي.

وسيع ريلوي استيشن تي ايڪڙ ٻيڪڙ سپاهين کان سواءِ ٻيو ڪير بہ ڪونہ هو. ڪي سپاهي ڪنهن خاص ڪم سان تيز تيز پڇندا پئي ويا، ڪي ديوار سان ٽيڪ ڏيو بيٺا هئا ۽ ڪي وچ پٽ تي پاٽوليون هٽيو وينا هئا. انهن سيني جي چهرن تي جهنجهلاهٽ ۽ فڪر جا آثار نمايان هئا. ■

[2]

بجليءَ تي هلندڙ ريل گاڏي پهراڙين مان لنگهي اڳتي وڌندي رهي ۽ ان جي سيٽي ڪاوڙ مان رڙيون ڪندي رهي. ميريسٽف دريءَ وٽ ويٺل هو، پر ڪيس هڪ پوڙهي ڏڪي وڃي ديوار سان لڳايو، جنهن جون ڏاڙهي ۽ مڇون صاف ٽيل هيون. پوڙهي کي ويڪري پٽيءَ واري ميڪسم گورڪي ڪٽ ٽوپي ۽ سونهري ڪمانين واري عينڪ پاتل هئي. هن جي گوڏن جي وچ ۾ ڪرپو، ڪوڏر ۽ پيانو ڪاغذ ۾ ويڙهيا ۽ ڏاڳي سان ٻڌا رکيا هئا.

انهن ڏينهن ۾ هر شخص وانگر هي پوڙهو بہ سواءِ جنگ جي، ٻي ڪنهن بہ شيءِ جي باري ۾ ڪونہ سوچي رهيو هو. هن ڏاڍي زور شور سان پنهنجو هٿ اليڪسيءَ جي نڪ جي سامهون لوڏيو ۽ پنهنجي اهميت جتائڻ واري شڪل بنائي هن جي ڪن ۾ چيو:

"ائين نہ سمجھ تہ ڪو آئون غير فوجي آهيان، تنهن ڪري مون کي اسان جي فوجي حڪمت عملي سمجھ ۾ نہ ايندي هوندي. آئون بنھ چگيءَ طرح سمجهان ٿو. هي سڀ ڪجھ ان لاءِ آهي تہ دشمن کي لالچ جي ڦندي ۾ ڦاسائي واالگا جي ميدان ۾ گهڙي اچڻ تي هر ڪائجي ۽ ڪيس مجبور ڪيو وڃي تہ جيئن هو پنهنجي رسدواري لائين کي تمام پري تائين ڪٽي وڃي. تڏهن سندس رابطو پنهنجي محاذ کان ڪٽجي ويندو ۽ جڏهن اتر ۽ ڏکڻ کان وڏي سندس رسد ۽ آمدرفت جو سلسلو وچ مان ڪٽي ڇڏبو ۽ پوءِ دشمن کي گهيري ۾ آڻي ڪچلي ڇڏبو. ها، هي

ڏاڍي هوشياريءَ وارو منصوبو آهي. اسان جي خلاف صرف هٿلر ئي ڪونهي، پر هن سڄي يورپ کي اسان جي خلاف پڙڪائي اسان تي حملو ڪرايو آهي. اسان اڪيلا ڇهن ملڪن جي خلاف وڙهون پيا، بنھ اڪيلا! اسان کي پنهنجي ملڪ جي گھٽي پکيڙ جو فائدو وٺي، دشمن کي ڪمزور ڪرڻ گھرجي. ها، اهو ئي ھڪ مناسب رستو آهي. آخر اسان جا اتحادي بہ ته اڄا چَپ سَٻيو وينا آهن، آهي نہ ائين؟ تنهنجو ڇا خيال آهي؟"

"منهنجو خيال آهي ته تون بي مُقصد ڳالهيون پيو ڪرين. اسان جي ڊرتي تمام قيمتي آهي ۽ اسان کي ان کان دشمن کي پاڻ سمائڻ جو ڪم نہ وٺڻ گھرجي." ميريسئف ڪجھ رُکائپ واري انداز ۾ جواب ڏنس. ڪيس اوڏيءَ مھل اهو سڙي رک جو ڊير ٽيل ڳوٺ ياد اڇي ويو، جنهن ۾ هو رڙهندو پھتو هو.

ليڪن پوڙهو اليڪسيءَ جي ڪن جي ويجھو پُڻ پُڻ ڪندو رهيو، تماڪ ۽ ڪافيءَ جي بوءِ سان واسيل ساھ سندس منهن تي ڇڏيندو رهيو.

اليڪسي دريءَ مان ٻاهر نھارڻ لڳو. گرم ۽ مٽي هاڻي هوا جا جھوٽا سندس چھري تي ٽڦڙ ھڻندا رهيا.

"..... تون ته فوجي ماڻھو آهين، ٻڌاءِ ته ڇا هي ٺيڪ آهي؟ ھڪ سال کان وڌيڪ عرصو ٿي چڪو آهي، پر اسين فاشزم سان اڪيلا وڙهي پيا آهيون. ان باري ۾ تنهنجو ڇا خيال آهي؟ پر اسان جا اتحادي آهن ڪٿي؟ ۽ ٻيو محاذ ڪٿي آهي؟ ۽ هاڻي تون ٽورو تصور ته ڪر، ھڪ اھڙي ماڻھوءَ تي ڊاڙيل حملو ڪن ٿا، جيڪو بي فڪر ٿيو، پنهنجي مستيءَ ۾ رت ۽ پگھر ھڪ ڪري رهيو آهي. پر اهو ماڻھو ڊجي نڏو ۽ اڪيلو ئي سينو سپر ڪري ڊاڙيلن سان وڙهي ٿو پوي. هو ننھن کان وٺي چوٽيءَ تائين رت ۾ ڳاڙهو آهي، پر پوءِ بہ جيڪو هٿيار هٿ اچيس ٿو، سو کڻي وڙهندو ئي رهي ٿو. هو اڪيلو ۽ چئني طرفن کان ڊاڙيل هڻا، پر پوءِ بہ هو وڙهي پيو. ڊاڙيلن وٽ هٿيار آهن. هو ڪيتري عرصي کان وٺي موقعي جي تاڙ ۾ هڻا ۽ ها، ان ماڻھوءَ جا پاڙي وارا، انهيءَ لڙائيءَ جو تماشو ڏسي رهيا آهن. هو چانئڻ وٽ بينا آهن ۽

اتان بيهي ان ماڻھوءَ سان همدردي ڏيکاري رهيا آهن ۽ چون تا: تمام سٺو يار، وارو ڪر. انهن کي مزو چکاءِ. کين اهڙي سيکت ڏي جو ياد ڪن ۽ پٿر کنيو پيا ڏين ۽ چون پيا: "هاڻي مزو ٿيو نہ! هڻ ڏنبو، هڻ پٿر، زورُ سان هڻيس. پر هو پاڻ لڙائيءَ ۾ شامل نہ تا ٿين ۽ اهڙو ئي رويو اسان جي اتحادين جو آهي.....! مسافر، ها اهي اهڙا ئي آهن....."

ميريسئف ڪنڊ ورائي دلچسپيءَ سان پوڙهي کي ڏنو. ان ۾ريل گاڏي ۾ ٻيا بہ ڪيترا ئي مسافر پوڙهي کي ڏسي رهيا هئا. هر طرف کان آواز آيو:

"ها، هي صحيح پيو چوي. اسان اڪيلا وڙهي رهيا آهيون، ٻيو محاذ ڪٽي آهي؟"

"پرواهہ ناهي. اسين ڀرپور حملو ڪنداسين ۽ اسين پاڻ دشمن جو جڙ پوٽو رلائي ڇڏينداسين. پڪ سان جڏهن تماشو ختم ٿيندو، تڏهن هو ٻيو محاذ ڪٽي حاضر ٿي ويندا."

گاڏي ٿوري دير لاءِ بيٺي. ڪيترا زخمي سمهڻ واري لباس ۾ گهوڙين تي يا لڪڻ جي سهاري تي هلندا، گاڏيءَ ۾ چڙهيا. سيني وٽ گهٽو ڪري ڪاغذ جي ٽيلهين ۾ سورج مکيءَ جو ٻج يا بوهي مگ هئا. جيڪي هو کائي رهيا هئا. پڪ سان هو ڪنهن سينٽيوريم مان هتي بازار ۾ آيا هوندا. عينڪ وارو پوڙهو هڪدم ٽپ ڏيئي اٽيو ۽ پاسي ۾ بينل زخميءَ کي زوريءَ پنهنجي جاءِ تي ويهاريائين، جنهن کي ٽنگ تي پٽيون ٻڌل هيون ۽ اڻ باغبانيءَ جو سامان ڪٽي دروازي ڏانهن هليو ويو. اليڪسيءَ جي ڪنن ويٺل هڪ عورت ملامت پريل آواز ۾ چيو: "هن ماڻھوءَ کي شرم اڇڻ گهرجي. پاسي ۾ زخمي ماڻھو ٻينو اٽس ۽ هو ڪيس جاءِ نٿو ڏي! ويچارو چوڪرو ڪيڏو نہ درد پوڳي رهيو آهي، پر هن جي ڪن تي جونءِ بہ ڪونہ ٿي سُري! ڪيڏي نہ شان سان هي ڏٽو متو پنهنجي جاءِ تي جميو وينو آهي. هون، جهڙوڪر ڪيس تہ ڪڏهن گولي لڳي ئي نٿي سگهي ۽ آهي وري هوائي فوج جو آفيسر، منهن تہ ڏسوس!" انهيءَ ناجائز ملامت تي اليڪسيءَ جو چهرو ڳاڙهو ٿي ويو ۽ ڪاوڙ مان سندس نڪ جون چوٽيون ڦڙڪڻ لڳيون..... پر هڪدم پوءِ سندس چهرو ٻَهڪي ويو ۽ هو اُٺي بيهي رهيو:

"دوست هليا، اچي ويھ."

زخمي حيرانيءَ ۾ بنھ ڏڪي ويو. "نہ مھرباني، ڪامريڊ سينيئر ليفٽيننٽ! تڪليف نہ ڪريو. آئون بيھي سگھان ٿو. اسان کي ھونئن بہ ڪو گھٽو پري ڪونھي وڃڻو، رڳو بہ اسٽاپ ۽ بس." "آئون چوان ٿو ويھي رھو!" اليڪسيءَ دلچسپ صورتحال کي پنھنجي سمجھندي يوڳن مان سختيءَ سان چيو. ھو گاڏي جي ھڪ ڪناري ڏانھن ھليو ويو ۽ ديوار کي پٺي لڳائي، پئي ھٿ لڪ تي رکي بيھي رھيو ۽ مسڪرائڻ لڳو. ائين پئي لڳو تہ جنھن عورت کيس دب پٽي ھئي، تنھن کي پنھنجي غلطيءَ جو احساس ٿيو ۽ سندس آواز ٻڌڻ ۾ آيو:

"ڏسو تہ سھي ھن کي. او مائي ٽوپلي واري! راڻي بنجيو ويٺي آھين. ھن لڪ واري آفيسر کي پنھنجي جاءِ ڇو نٿي ڏئين؟ ڪامريڊ آفيسر تون ھيڏانھن اچ ۽ اچي منھنجي جاءِ تي ويھ. خدارا کيس گس تہ ڏيو، کيس اچڻ تہ ڏيو."

اليڪسيءَ ٻُڌو اڻ ٻُڌو ڪري ڇڏيو. کيس جيڪو لطف آيو، سو ويندو رھيو. انھيءَ گھڙيءَ ڪنديڪٽر انھيءَ اسٽاپ جو نالو پڪاريو، جتي کيس لھڻو ھيو. گاڏي آھستي آھستي بيھي رھي. ڪي مسافر لٿا، ڪي چڙھيا ۽ گاڏي ٻيھر ڇٽن کي زور زور سان ڦيرائيندي، سيٽي وڄائيندي، اڳئين موڙ و ٽان گم ٿي ويئي ۽ پنھنجي پويان متيءَ ۾ ڏوڙ جو طوفان ڇڏي ويئي. پليٽ فارم تي ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ مسافر وڃي باقي بچيو ھو. ستت ئي شام ٽاٽي سڳنڌ ۽ سرھاڻ واسيل سڪون چانڪجي ويو.

ماسڪو ۾ ڪيس ٻڌايو ويو ھو تہ سيني ٽوريم تائين پھچڻ جو ڪھڙو رستو آھي؟ ھن ھڪ سچي سپاھي وانگر ڏسن پٽي واريون نشانين جي مدد سان پنھنجو گس ڳولي ورتو. ڏھن منٽن جو پنڌ مس ھو. سيني ٽوريم ھڪ سھٽي ۽ خوبصورت ڏنڊ جي ڪناري تي ٺھيل ھو. انقلاب کان پھريائين ڪنھن ڪروڙ پٽي روسيءَ جي دل ۾ خيال آيو تہ گرمين ۾ خوشگوار ۽ پرسڪون گھڙيون گھارڻ لاءِ ڪو اھڙو محل جوڙائجي، جيڪو پنھنجو مثال پاڻ ھجي. ھن ڪاريگرن کي چيو تہ جيڪڏھن اُھي ڪا انوکي ۽ نادر شيءِ جوڙي ڏيکارين تہ پوءِ ھو کين مالا مال

ڪري ڇڏيندو ۽ پوءِ ڪاريگرن پنهنجي آقا جي طبيعت مطابق هن خوبصورت ڏنڊ وٺ سِرن جو هڪ عظيم الشان ڊير ڪڙو ڪري ڇڏيو. ان ۾ ننڍيون ننڍيون ڄاريون واريون دريون هيون. برج، ڏيڏيون، ورن وڪڙن وارا رستا ۽ ورانڊا ٺاهيا. گاهه سان ڍڪيل هن ڏنڊ جي ڪنارن تي اڏيل هيءَ اڏنگي عمارت، روس جي نرالن قدرتي حسين منظرن تي هڪ بدنما داغ هئي. ان جاءِ جو منظر ڪيڏو حسين هو!

تمام گهڻا مشهور مصور اتي ايندا هئا. هن جاءِ جو مالڪ پنهنجي مهمان نوازيءَ ڪري سڄي روس ۾ مشهور هو. هي سڀ قدرتي منظر يا انهن جا ڪجهه حصا اڻ ڳڻين تصويرن ۾ سمايل هئا ته جيئن ماڻهو هنن روسي قدرتي منظرن جي شان وشوڪت کان صدين تائين لطف اندوز ٿيندا رهن.

هاڻي هن محل ۾ سوويت هوائي فوج جي زخمين لاءِ سينيٽوريم قائم هو. امن جي زماني ۾ هواباز پنهنجي ٻارن ٻچن سميت هتي ايندا هئا ۽ هاڻي زخمي هواباز مڪمل صحتياب ٿيڻ لاءِ اسپتالن مان هتي موڪليا ويندا هئا. اليڪسي استيشن کان هيستائين نه ته بس ۾ چڙهي آيو هو ۽ نه ئي پڪي سڙڪ تان، جنهن جي ٻنهي پاسن کان وڻ جون قطارون بينل هيون. هو استيشن کان لهي سينيٽوريم جي پنڌين پاسي کان هڪ پيچري تان هلندو، قدرتي حسن جو لطف وٺندو اتي اچي پهتو هو. هو اتي پهچي ان هجوم ۾ شامل ٿي ويو، جيڪو ٻن هيٺ مٿي پريل بسن کي گهيريو ٻيٺو هو. ڳالهين مان کيس پتو پيو ته هي هجوم انهن هوابازن کان موڪلائڻ آيو هو، جن کي سينيٽوريم مان موڪل ملي هئي.

موڙ تان مُڙندي بسون نگاهن کان اوجهل ٿي ويون. سينيٽوريم جا مريض ٽڙي پکڙي ويا. اليڪسي اندر داخل ٿيو. کيس هڪ آرمينائي منڊو آفيس ۾ وٺي ويو. غور سان ڏسڻ سان معلوم ٿي ٿيو ته هن جي چهري تي گنيرتا ۽ ذهانت هئي ۽ سندس وڏيون اکيون خوبصورت ۽ اداس هيون. رستي ۾ هن يوگن يوگن مان پنهنجي سچاٽپ "چنڊ منڊلي" جي صدر جي حيثيت ۾ ڪرائي هئي ۽ ان ڳالهه تي اصرار ڪندو رهيو ته چنڊ جي چانڊاڻ ۾ اشنان هر قسم جي زخم جو

علاج منڊيءَ تي ٽِڪ وانگر نسخو آهي. هن چيو تہ چانڊاڻ ۾ اشنان جي لاءِ سخت ترين نظم ۽ ضبط جي ضرورت آهي ۽ اهو بہ پڌايائين تہ هو ذاتي طرح پاڻ ئي چانڊاڻ ۾ گھمڻ ڦرڻ جو انتظام ڪندو آهي. ائين پئي لڳو تہ هو سراسر پوڳ ڪري رهيو آهي.

آفيس ۾ سندس استقبال هڪ چوڪريءَ ڪيو، جيڪا اڇو ويس ڍڪيو ويٺي هئي ۽ جنهن جا وار ايترا تہ ڳاڙها هئا جو جڙ تہ منجھائڻ شعلا پيا نڪرن.

"ميريسئف؟" چوڪريءَ ڪتاب جدا رکندي پڇيو. "چا تون ئي ايڪسي ميريسئف پيٽروويچ آهين؟" هن هڪ سوالي نگاھ مٽس ڏوڙائي ۽ چيو. "مون کي چڪر ڏيڻ جي ڪوشش نہ ڪر، سمجھيئي؟ هتي تنهنجو نالو داخل آهي، ميريسئف سينيئر ليفٽيننٽ فلاٽيءَ اسپتال کان اڇي پيو ۽ جنهن جا پير وڍيل آهن ۽ تون....."

هاڻي وڃي ايڪسيءَ کي هن جو گول چهرو نظر آيو. سفيد ۽ حسين چهرو، جيڪو شعلا پيدا ڪندڙ ڳاڙهن وارن ۾ بنھ لڪو پيو هو. سرخ وارن واري هر چوڪريءَ جو اهڙو ئي چهرو هوندو آهي. رت جي پھڪندڙ ڳاڙهاڻ سندس چمڙيءَ جي رنگ ۾ بدلجي وئي هئي. هن چمڪندڙ، گول گول ۽ چنچل اکين سان حيرانيءَ سان ايڪسيءَ کي ڏٺو.

"بھرحال، آءٌ ايڪسيءَ ميريسئف آهيان. هي منهنجا ڪاغذ آهن..... چا تون ليوليا آهين؟"

"نہ، چو؟ منهنجو نالو زينا آهي." هن شڪي نگاهن سان ايڪسيءَ جي پيرن ڏانهن ڏٺو ۽ چيو "چا تو وٽ ايترا سٺا نقلي پير آهن يا ڪو ٻيو معاملو آهي؟"

"ها، چئبو تہ تون زينوچڪا آهين، جنهن فيديا کي موهت ڪيو آهي."

"چگو تہ ميجر بورنازيان هاڻي کان ئي قصا ڪرڻ لڳو آهي. مون کي هن ماڻهوءَ کان سخت نفرت آهي. هو هر ماڻهوءَ سان چرچا ٿو ڪري. مون تہ صرف فيديا کي ناچ سيکاريو هو. ان ۾ پي ڪا خاص ڳالھ تہ ڪانہ هئي."

"ءِ هاڻي تون مون کي ناچ سيکارينديءَ، ٺيڪ؟ بورنازيان وعدو ڪيو آهي تہ هو چانڊاڻ ۾ اشنان لاءِ منهنجو نالو داخل ڪندو."

چوڪريءَ اجا بہ وڌيڪ حيرانيءَ سان هن ڏانهن ڏٺو. "چا مطلب آهي تنهنجو، ناچ؟ بنا پيرن جي نچڻ؟ بڪواس، منهنجو خيال آهي تہ توکي بہ هر ماڻهوءَ سان پوڳ ڪرڻ جو شوق آهي."

بنھ اوڏيءَ مهل ميجر استروچڪوف ڏوڙندو ڪمري ۾ آيو ۽ اچي ڪيس پاکر وڏائين.

"زينوچڪا!" هن چوڪريءَ کي چيو: "اهو تہ طئي آهي تہ سينيئر ليفٽيننٽ منهنجي ڪمري ۾ رهندو. ڪيئن، ٺيڪ آهي نہ؟"

اهي ماڻهو، جيڪي ڏگهي عرصي تائين اسپتال ۾ گڏ رهندا آهن، سي جڏهن ٻيهر گڏبا آهن تہ پاڻ ۾ پائرن وانگر ملندا آهن. ميجر کي اوچتو منهن سامهون ڏسي اليڪسي اهڙو تہ خوش ٿيو، جڙ تہ سالن پڃاڻان هڪ ٻئي کي ڏٺو هئائون. استروچڪوف جي سامان جو ٿيلهو سيني ٽوريم ۾ پهچي چڪو هو، تنهن ڪري هو هتي نئون پراڻو ٽي ويو هو ۽ پاڻ کي گهر ڏٺي محسوس ڪري رهيو هو. هو هر ماڻهوءَ کي سڃاڻندو هو ۽ هر ماڻهو کيس سڃاڻندو هو. هڪڙي ئي ڏينهن ۾ هن ڪيترن سان دوستي ۽ ڪيترن سان جهڳڙو بہ شروع ڪري ڏنو هو.

جنهن ننڍڙي ڪمري ۾ هي ٻئي رهندا هئا، ان جون دريون پارڪ ڏانهن کلنديون هيون. پارڪ جي پاسن کان ڏگهن وڻن جون قطارون، رنگ برنگي گل پوٽا ۽ ساوڪ ڏاڍو حسين منظر پيش ڪري رهيا هئا. کاڏو کائڻ کان پوءِ ستت ئي اليڪسي هنڌ تي ليٽي پيو ۽ ٽنگون ٽيڙي ننڍ جي آغوش ۾ هليو ويو.

هن رات جو ڏاڍو پريشان ڪندڙ خواب ڏٺا. نيري برف ۽ چنڊ جي چانڊاڻ! جهنگل کيس ريشمي جاريءَ وانگر جڪڙي ڇڏيو هو. هن ان جار مان پاڻ ڇڏائي پڃڻ جي ڪوشش ڪئي تہ برف سندس پير پڪڙي ورتا. هن ڏاڍي سخت جدوجهد ڪئي. کيس احساس ٿيو تہ ڪو خوفناڪ حادثو پيش اچڻ وارو آهي. ليڪن سندس پير برف ۾ ٺري ڳگ ٿي ويا هئا ۽ منجهس ايتري همت بہ ڪانہ هئي جو هو پيرن کي برف مان ڇڪي ڪڍي سگهي. هو ڪِنجهندو، ڪُرڪندو ۽ پاسا وراڻيندو

رهيو..... هاٽي هو وري هوائي اڏي تي هو. ڏگهو قداور مستري يورا هڪ عجيب غريب، نرم ۽ بنا پرن واري هوائي جهاز جي ڪاڪ پٽ ۾ موجود هو. هن هٿ لوڏيو، ٿهڪ ڏنو ۽ هوا ۾ بلند ٿي ويو. نانا ميخائيل ڪيس پاڪرن ۾ ڪنيو، جڏ هو ڪو ٽڄ پياڪ معصوم پار هجي ۽ ڪيس همٿائيندي چيو: "پرواهه نه ڪر، اسين توکي ٻاڦ جو غسل ڏينداسين. تنهنجي لاءِ ڏاڍو فائديمند رهندو، ٺيڪ آهي نه؟" پر نانا ميخائيل ڪيس گرم غسل ڏيڻ بدران برف تي سمهاري چڏيو. هن اٽڪ جي ڪوشش ڪئي، پر جهڙوڪر برف سندس پٺيءَ سان چهٽي رهي هئي. نه، هيءَ برف ڪانه هئي. ڪنهن رڄ جو گرم گرم جسم مٽس سوار هو. هو اتان پڄڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو، ماٺهن کي مدد لاءِ سڏيندو رهيو، پر سندس آواز نڙيءَ ۾ اٽڪي پيو. هن آخري پيرو ننهن چوٽيءَ جو زور لاتو ۽ خبر ناهي ڇو سندس اکين ۾ شعلا او ڳاڇيندڙ ڳاڙهن وارن جي گهٽائن مان زينوچڪا جو ٻهڪندڙ چهرو اُڀريو ۽ تجسس پريل چنچل اکيون ٻوٽجي ويون.

اليڪسيءَ جي اک گلي پيئي. ڪيس ناقابل بيان ڳٽتيءَ اچي ورايو. ميجر هلڪا هلڪا ڪونگهرا هڻي رهيو هو. آخر اُهي پيانڪ ڏينهن ڇو تا ياد پون؟ هن تہ انهن ڏينهنْ جي باري ۾ سوچڻ ئي ڇڏي ڏنو هو. پر جڏهن هو انهن ڏينهن جي باري ۾ سوچيندو هو، تڏهن ڪيس هي ڏينهن غير حقيقي لڳندا هئا.

اليڪسيءَ کي يعني اناويهه ڏينهن رهڻو هو، جيڪو تمام ڏگهو عرصو ٻہ هو تہ بنهه مختصر پڻ. ڪيس انهيءَ عرصي جو هڪ هڪ پل 'هڪ انسان' بنجڻ جي جدوجهد ۾ لڳائڻو هو. هن بستري تي ويني ويني، دل ئي دل ۾ پنهنجي ورزشن جو خاڪو تيار ڪيو. ان ۾ هن صبح ۽ شام جي جسماني ورزش، پنڌ ڪرڻ، ڊوڙڻ ۽ پيرن جي خاص مشق جو خاڪو تيار ڪيو. انهيءَ منصوبي ۾ ڪيس هڪ خاص ڪشش محسوس ٿي. ان ۾ سندس تنگن جي خاص نشوونما جو امڪان موجود هو. هن امڪان ۾ موجود اهو ئي خيال هو، جيڪو زينوچڪا سان ڳالهائڻ مهل سندس ذهن ۾ ايريو هو.

ـــ هن ناچ سکڻ جو فيصلو ڪري ورتو.

[3]

آگسٽ جي هڪ صاف شفاف ۽ پُرسڪون ٽپهريءَ جو، جڏهن قدرتي نظارن جي هر شيءِ چمڪي ۽ جڳمڳائي رهي هئي ۽ جڏهن گرم هوا ۾ خزان جي اداسيءَ جي هلڪي هلڪي جهلڪ پيدا ٿي چڪي هئي — ها، اهڙي ئي هڪ ٽپهريءَ مهل ڪجھ هواباز ٻوٽن ۾ گهيريل ۽ ور وڪڙ ڪائي ڪَل ڪَل ڪري وهندڙ چشمي وٽ واريا‌سي ڪناري تي وينا هئا.

گرميءَ جي ڪري مٿن غنودگي طاري ٿي رهي هئي. هو اوجهري رهيا هئا. ايتري قدر جو ڳالهائڻ مان نه ڏاپندڙ بوزنازيان پڻ خاموش هو ۽ پنهنجي ڀڳل ٽنگ تي واريءَ جو ڍڳ گڏ ڪري رهيو هو. سندس ٽنگ جي هڏي صحيح نموني ڪانه لڳي هئي. هو سيئي بوئي مگن جي ٻوٽن جي پنن پويان اکين کان اوجهل هئا، پر کين چشمي جي مٿئين پاسي کان سائي گاهه وچان ويندڙ پيچرو نظر اچي رهيو هو. بوزنازيان پنهنجي ٽنگ تي واري رکندي، مٿي نهاريو ته کيس هڪ عجيب منظر ڏسڻ ۾ آيو.

نئون همراهه، جيڪو ڪلهه ئي هتي پهتو هو، رڳو سمهڻ واري پاجامي ۽ بوٽ ۾ جنگهل مان ظاهر ٿيو. هن چوطرف نهاريو ۽ جڏهن کيس ڪوبه نظر ڪونه آيو، تڏهن هن ڊوڙڻ شروع ڪيو. ٻه سؤ ميٽر ڊوڙڻ کان پوءِ هو هلڻ لڳو. هو پگهر ۾ شُل هو ۽ گهرا گهرا وڏا ساهه کڻي رهيو هو. جڏهن هن ساهي پٽي ورتي، تڏهن وري ڊوڙڻ لڳو. بورنازيان پنهنجي ساٿين جو هن ڏانهن ڏيان ڇڪايو. هو ڊوڙڻ ڪري ٿڪي سهڪي ٻه رهيو هو، پر پوءِ ٻه هو ڊوڙندو ٿي رهيو. نيٺ بورنازيان کان رهيو نه ٿيو ۽ هن رڙ ڪري چيو: "او دوست! ڇا تون زنامينسڪي پائرن جو رڪارڊ ٽوڙڻ جو قسم کنيو آهي؟"

اليڪسي هڪدم بيهي رهيو. سندس منهن تان ٿڪ ۽ درد گم ٿي ويو. هن بي نيازيءَ سان ڏانهن نهاريو ۽ هڪ لفظ ٻه ڪيڻ بنان هلندو جهنگل ۾ گم ٿي ويو. "اهو ڪير آهي، سرڪس جو مسخرو يا ڪو چريو؟" بورنازيان ڪجھ گهٻرائجي پڇيو.

ميجر استروچڪوف ٻڌايو ته: "هن جا پير ڪونهن. هو نقلي پيرن

سان مشق ڪري رهيو آهي ۽ هو فوج ۾ ٻيهر وڃڻ چاهي ٿو."

انهن جھوتا ڪائيندڙ ماڻھن تي هنن لفظن ۾ تڏي پاڻيءَ جي چنڊن جو ڪم ڪيو. هو چرڪ ٻري سجاڳ ٿيا ۽ سيئي هڪ ئي وقت ڳالهائڻ لڳا. هو سڀ حيران هئا ۾ هڪ اهڙو ماڻهو، جنهن ۾ ڪابه عجيب قسم جي ڳالھ ڪانه هئي، ماڻھن جھڙو ماڻهو هو، سواءِ ان جي ۾ هو ڪجھ عجيب انداز ۾ هلي رهيو هو، سو به ڪو پيرن کان محروم هوندو. کين سندس جنگي هوائي جهاز اڏائڻ وارو خيال بنھ ناقابل يقين بلڪ بڪواس لڳو. هنن اهڙن ماڻھن جي واقعن جو ذڪر ڪيو، جيڪي معمولي ڳالھ تان هوائي فوج مان خارج ڪيا ويا هئا. مثال طور ڪنهن جون فقط ٻه آڱريون ڪٽجي ويون هيون، ڪنهن کي اعصابي ٽڪاوٽ هئي ۽ ڪن کي ته رڳو ان ڪري خارج ڪيو ويو، جو سندس پيرن ۾ سختي پيدا ٿي ويئي هئي. هميشه کان، ايتري قدر جو جنگ جي زماني ۾ به فوج جي ٻين شعبن جي پيٽ ۾ هوابازن جي صحت جو معيار تمام بلند هو ۽ ان کان سواءِ انهن جو خيال هو ته هوائي جهاز جهڙي پيچيده ۽ بنھ ڏڙتيلي تيز حِس مشين کي بنا پيرن واري هواباز لاءِ قابو ڪرڻ ممڪن ئي ڪونهي.

سيني کي ان ڳالھ تي اتفاق هو ته ميريسئف جو ارادو محض هڪ دل کي خوش ڪندڙ آسرو آهي. پر پوءِ به کين ان ۾ ڏاڍي ڪشش محسوس ٿي. "يا ته تنهنجو دوست بنھ پھرئين نمبر جو احمق آهي، يا ته هڪ عظيم انسان. بس ان کان سواءِ ٽين ڪا ڳالھ ٿي نٿي سگھي."

بورنازيان آخر ۾ وڃي اهو نتيجو ڪڍيو.

هيءَ خبر ڳن پل ۾ هر هڪ وارڊ ۾ پھچي ويئي ته سيني ٽوريم ۾ هڪ اهڙو ماڻھو موجود آهي، جنهن جا پير ڪونهن. پر پوءِ به هو جنگي هوائي جهاز اڏائڻ چاهي ٿو. مانيءَ جي مھل تائين هو توجھ جو مرڪز بڻيو رهيو. جڏهن هنن کيس ڏٺو ته هو ڪاڏي جي ميز تي پنهنجي پاسي ۾ ويٺل همراهن سان ٽهڪ ڏيئي ڪلي پيو، ڏاڍي شوق سان ماني پيو کائي. مانيٰ ڪارائيندڙ، حسين چوڪرين جي روايتي انداز ۾ واڪاڻ پيو ڪري، پارڪ ۾ پنهنجي دوستن سان تفريح پيو ڪري، مختلف راندين سکڻ جي ڪوشش پيو ڪري ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته والي بال

کيڏڻ جي بہ کوشش پيو ڪري، تڏھن کين ھن ۾ ڪا خاص عجيب ڳالھ نظر نہ ڪانہ آئي، سواءِ ان جي تہ ھي ٿورو منڊڪائي پئي ھليو. حقيقت تہ ھيءَ آھي تہ ھو حد کان زياده معمولي ماڻھن مان ھڪ ٿي لڳو. ھر شخص سندس عادي ٿي ويو ۽ سُٽت ئي سيني ڏانھس خاص توجھ ڏيڻ ڇڏي ڏنو.

ھتي پھچڻ کان پوءِ ٻئي ڏينھن ھو زينوچڪا سان ملڻ لاءِ آفيس ۾ ويو. ھن پنھنجي ڪاڏي مان ھڪ پيستري بچائي رکي ھئي ۽ اھا پاڻ سان گڏ کڻي آيو ھو. ھن ڏاڏي طمطراق سان اھا پيستري زينوچڪا کي پيش ڪئي ۽ پاڻ حجت مان ميز تي ويھي رھيو ۽ ڪانئس پڇڻ لڳو تہ آخر ھوءَ پنھنجو واعدو ڪڏھن پورو ڪندي؟

"ڪھڙو واعدو؟" ھن پروڻ تاڻي پڇيو.

"زينوچڪا، تون مون کي نچڻ سيکارڻ جو واعدو ڪيو آھي."

"ليڪن....." چوڪريءَ احتجاج ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

"مون کي ٻڌايو ويو آھي تہ تون ايتري تہ پلي استاد آھين جو اپاھجن کي نچڻ سيکاريو ڇڏين ۽ چگا ٻلا ماڻھو تہ توکان نچڻ سکي نہ صرف پيرن سان ھٿ ٽا ڏوئن، پر انھن جو دماغ بہ چٽ ٿيو وڃي، جيئن فيديا سان ٿيو. ھا تہ اسين ڪڏھن ناچ سکڻ شروع ڪنداسين؟ پاڻ کي قيمتي وقت ضايع نہ ڪرڻ گھرجي."

زينوچڪا کي ھي نئون ماڻھو ڏاڏو پسند آيو. سندس پير ڪونہ ھئا، پر پوءِ بہ ھن چاھيو تي تہ زينوچڪا کيس نچڻ سيکاري! چو نہ؟ ھو خوبصورت ھو، سندس سانوري چمڙيءَ مان رت جي ڳاڙھاڻ بکي رھي ھئي، ھن جا وار نرم ۽ گُھنڊيدار ھئا، ھو عام ماڻھن وانگر ھلندو ھو ۽ سندس اکيون ڏاڏيون خوبصورت ھيون، جن ۾ شرارت پريل ھئي. پر ساڳئي وقت اداس بہ پئي لڳيون. زينوچڪا جي زندگيءَ ۾ نچڻ جي ڪا گھٽ اھميت ڪانہ ھئي. ھوءِ ناچ جي ڏاڏي شوقين ھئي ۽ حقيقت ۾ ھئي بہ ڏاڏي سھڻي ناچڻي..... ۽ ميريسئف، ھا، ھو بہ واقعو سھڻو جوان ۽ ڏاڏو دلڪش بہ ھو.

ھوءَ راضي ٿي ويئي، توڙي جو ڪيس يقين ڪونہ ھو تہ ڪو بنا پيرن وارو ماڻھو بہ ناچ سکي سگھي ٿو. تنھن ڪري ھوءَ جن شرطن تي

ڪيس ناڇ سيڪارڙ لاءِ تيار ٿي هئي، سي ڏاڍا سخت هئا. هڪ ته ڪيس فرمانبرداريءَ ۾ محنت سان ڪم ڪرڻ گهرجي، ٻيو ته ڪيس هن جي محبت ۾ گرفتار ٿيڻ کان بچڻ گهرجي، ڇو ته محبت ڪم ۾ رندڪ وجهي ٿي ۽ سڀ کان وڌيڪ اهم ڳالهه هيءَ ته ڪيس ان وقت جلڙ پچڙ نه جڳائي، جيڏي مهل هوءَ ٻين کي پاڻ سان گڏ نچڻ جي دعوت ڏيندي هجي. ڇو ته صرف هڪ سان نچڻ ۾ فن ڪُنڊ ٿي ٿو وڃي ۽ واڌ نٿي ٿئي ۽ هر وقت ساڳي ماڻهوءَ سان نچڻ ۾ مزو به نٿو اچي.

اليڪسيءَ اهي شرط دل سان قبول ڪيا. زينوچڪا پنهنجي شعلا اوڳاڇيندڙ وارن واري مٿي کي جهٽڪو ڏنو ۽ پنهنجي حسين پيرن کي خوبصورتيءَ سان ڪٽي، اتي جو اتي ناڇ جو پهريون سبق ڏيڙ لڳي. ڪنهن زماني ۾ ميريسئف کي پراٽن ناڇن سکڻ جو ڏاڍو شوق هو. ڪنهن حد تائين سکيو به هو. پر هاڻي سندس سامهون ڏکيائي اها هئي ته ڪيس زنده نرم ۽ متحرڪ پيرن کي سيڪارڙو ڪونه هو، پر هي فن چمڙي جي انهن ڏاڳن کي سيڪارڙو هو، جيڪي سندس مرين سان ٻڌا پيا هئا. ڳرن ۽ نقلي پيرن ۾ زندگي ۽ حرڪت پيدا ڪرڻ لاءِ هڪ غير معمولي ۽ غير انساني جدوجهد ۽ قوت ارادي‌ءَ جي ضرورت هئي.

پر انهن کي هن پنهنجي مرضيءَ موجب هلڻ تي مجبور ڪري وڌو. هر نئين قدم تي— هر ڏوڙ، هر چڪر ۽ هر جهومر تي— جيڪو ڪجهه هو سکندو هو، ان تي سندس دل خوشيءَ ۾ مست ٿي ويندي هئي. هو ڪنهن نندڙي ٻار وانگر خوشيءَ ۾ ٽپ ڏيندو هو. جڏهن هو ڪو نئون ڏاڪو سکي وٺندو هو ته پاڻ تي سوپ پائڻ جي خوشيءَ منجهه هو پنهنجي استادياڻيءَ کي ياد ڪري وجهي زمين تان مٿي کڻي وٺندو هو. پر ڪنهن کي به ۽ خاص ڪري استادياڻيءَ کي به ذرو برابر به اندازو ڪونه هوندو هو ته ڪيس هر نئين ۽ ڏکئي قدم سکڻ تي ڪيڏي نه پيڙا پوڳٽي ٿي پوي. اهو ڪير به ڪونه ڏسندو هو ته جڏهن هو مسڪرائيندي پنهنجي چهري تان رومال سان پگهر اگهندو هو ته گڏوگڏ ڏاڍي بي پرواهيءَ سان هو پنهنجي اکين مان نڪرندڙ بي اختيار لُڙڪ به اگهي ڇڏيندو هو.

هڪ ڏينهن هو منڊڪائيندو پنهنجي ڪمري ۾ پهتو. هو

ٽڪجي بنھ چور ٿي چڪو ھو، پر پوءِ بہ ڏاڍو خوش ھو.

"آئون نچڻ سکان پيو ۽ آئون ضرور ڪامياب ٿيندس."

ھن ھڪ فاتح وانگر شان سان ميجر کي ٻڌايو ۽ پنھنجا نقلي پير الڳ ڪري ٽنگن کي ھٿ ڦيرائي کنھڻ لڳو. ميجر ڪيس ڪوبہ جواب ڪونہ ڏنو. ھو دريءَ ڏانھن منھن ڪريو، پنھنجن خيالن ۾ گم وينو رھيو. گھڑيءَ کان پوءِ ميجر جا ڪلھا لُڏڻ لڳا ۽ سندس وات مان عجيب قسم جا آواز نڪرڻ لڳا، جڙ سُڏڪا پريندو رھيو ھجي. اليڪسي ماڻ ميٽ ۾ ڪمبل اوڍي سمھي پيو. ميجر جو ڪجھ عجيب حال ھو. ھي شخص، جيڪو ھاڻ جوان نہ رھيو ھو، جيڪو ڪالھ تائين اسپتال جي وارڊ ۾ پنھنجو پاڻ کي تيس مار خان ۽ عورت کان ڪوھين ڏور پيو چوائيندو ھو، سو ھڪ اسڪولي ڇوڪر وانگر محبت ۾ غرق ٿي ويو ھو. ائين پئي لڳو تہ سندس مرض لاعلاج ٿي ويو ھو. ھو ڏينھن ۾ ڏھ ڀيرا آفيس ويندو ھو ۽ ڪلاوديا کي ماسڪو فون ڪندو ھو. ھر ايندڙ ويندڙ مريض ھٿان گل، ميوو، چاڪليٽ ۽ چني چپاٽي پيو موڪلينندو ھو. ھو کيس ڏکا ڏکا خط لکندو ھو، پر ھوءَ سندس ھر پيش قدمي ٺڪرائي ڇڏيندي ھئي. کيس ڏرو بہ ترس نٿي آيو. ھوءَ لکندي ھئي تہ آئون ڪنھن ٻئي سان محبت ڪريان ٿي ۽ ھاٽي ان جو سوڳ ملھائي رھي آھيان. ھوءَ ميجر کي دوستاٽي صلاح ڏيندي ھئي تہ ھو کيس وساري ڇڏي، مٽس پئسا ۽ وقت برباد نہ ڪري. انھيءَ ئي دوستاٽي ۽ سچي اندازِ محبت ۾ سپ کان وڌيڪ دل آزار رويي ميجر کي پريشان ڪري وڌو ھو.

اليڪسي ڪمبل ۾ ليٽيو پيو ھو ۽ ڇاٽي واٽي ماڻ ھو. ميجر دريءَ وٽان اٿيو ۽ تکڙو اليڪسيءَ ڏانھن وڌيو. کيس ڏونڊاڙي رڙيون ڪرڻ لڳو:

"آخر ھوءَ چا ٿي چاھي؟ آئون چا آھيان؟ ٻڌاءِ، چا آئون محبت لائق نہ آھيان؟ چا آئون بدصورت آھيان، پوڙھو آھيان يا ڪوڙھ جو مريض آھيان؟ ھن جي جاءِ تي ڪا ٻي ھجي ھا تہ..... پر بڪ سان چا ٿو ٿئي؟" ھو آرام ڪرسيءَ ۾ ڪري پيو ۽ پنھنجو مٿو جھلي ويھي رھيو.

"هوءَ عورت آهي، آهي نہ؟ ڪيس منهنجي لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ڪجھ نہ ڪجھ تہ لحاظ پيدا ڪرڻ گهرجي. هو ڏائڻ آهي! آئون هن سان محبت ڪريان ٿو. ڪاش اهو تون جي جاڻين. ڇا تون ان ٻئي ماڻهوءَ کي سجاڻندو هئين.....؟ ٻڌاءِ، اهو مون کان ڪهڙي ڳالھ ۾ وڌيڪ هو؟ هن آخر هِن ڇوڪريءَ جو من ڪيئن موهي وڌو هو؟ ڇا هو مون کان وڌيڪ عقلمند هو؟ ڇا هو گهٽو حسين هو؟ هو ڪهڙي قسم جو هيرو هو؟"

اليڪسيءَ کي ڪميسار وروبيوف ياد آيو، هن جو سڄيل جسم، وهاٽي تي رکيل ميڙ جهڙو چهرو، زرد چهرو ۽ ابدي طرح عورتپڻي جي غم ۾ ٻڏل، عورت جي مجسمي وانگر پاسي ۾ بيٺل هڪ عورت - ۽ ريگستان ۾ مارچ ڪندڙ سرخ فوج جي باري ۾ اها حيرت انگيز ڪهاڻي.

"هو بس سچو انسان هو، ميجر! هو انقلابي هو. ڪاش تون بہ اهڙو ٿي وڃين." ■

[4]

اها خبر، جيڪا بنھ پتاڪ ٿي لڳي، سا سڄي سينٽوريم ۾ پکڙجي ويئي: وڏيل پيرن واري هواباز نڇڻ شروع ڪري ڏنو.

زينوچڪا پنهنجي آفيس جو ڪم پورو ڪري، ٻاهر نڪرندي هئي تہ ڪيس سندس شاگرد وراندي ۾ انتظار ڪندو ملندو هو. هو هن لاءِ ڪڏهن گلن جو ڇڳو تہ ڪڏهن چاڪليٽ، نارنگي، ايجا بہ ٻيو ڪجھ ڪٽي ايندو هو. هوءَ سنجيدگيءَ سان هن جي ٻانهن جهليندي هئي ۽ ٻئي ڇٽا تفريح واري ڪمري ۾ هليا ويندا هئا، جيڪو گرمين ۾ ويران ٻيو هوندو هو. اليڪسي اڳ ۾ ئي تاش کيڏڻ واريون ميزون ۽ ڪرسيون هٽائي، هڪ طرف نڇڻ لاءِ جاءِ ڪري ڇڏيندو هو ۽ زينوچڪا ڏاڍي دلچسپيءَ سان کيس ناچ جو ڪونہ ڪو نئون داءُ سيکاريندي هئي. هواباز پيرون تاٽي کيس فرش تي پنهنجي ننڍڙن ۽ خوبصورت پيرن سان پيچيده ڊزائين بنائيندي ڏسندو هو. تڏهن هوءَ ڇوڪري ڳنيپرتا پريل ڇهري سان تاڙيون وڄائي ڳٽڻ شروع ڪندي هئي: "هڪ، ٻہ، تي. ساڄي پاسي گهم! هڪ، ٻہ تي، هڪ ٻہ تي — هاٽي کاپي پاسي گهم.

هڪ، پر، ٽي. ها، ها، نيڪ آهي. هڪ، پر، ٽي، هاٽي جھومر پائي. چگو هليا، پئي گڏجي نچون."

بنان پيرن جي ماڻھوءَ کي نچڻ سيکارڻ جو فرض اھڙو ھو، جيکو نہ تہ باب گورو خوف سرانجام ڏيئي سگھيو ھو ۽ نہ ئي پال سوداکي فسکي يا شايد کيس کانگ جي رنگ جھڙن کارن وارن ۽ مسکرائيندڙ اکين وارو سانورو شاگرد وٽي ويو ھو. شايد پئي ڳالھيون ھيون، فرض ۽ محبت! بھرحال، ان جو کھڙو بہ سبب ھجي، پوءِ ھوءَ پنھنجو سمورو خالي وقت دل سان انھيءَ کم ۾ لڳائي ڇڏيندي ھئي.

شام جي وقت سمورا ھواباز نچڻ ايندا ھئا. اليکسي ڏاڍي لگن سان نچڻ ۾ حصو ونندو ھو ۽ ناچ جو کوبہ قسم ھٿان کونہ وڃائيندو ھو. کيترا ئي پيرا سندس استادياڻيءَ کي افسوس ٿيو تہ ھن ھرويرو پنھنجي شاگرد کي اھڙن سخت شرطن جو پابند ڪري ڇڏيو آھي. اکارڊين جي ڏُن تي جوڙا ڪمري ۾ نچڻ لڳندا ھئا. ميريسئف جوش کان ڳاڙھي چھري ۽ چمڪندڙ اکين سان ترکندو جھومندو، چڪر ڏيندو ۽ ڦرندو پنھنجي نازڪ قدمن واري ۽ شعلا اوڳاڇيندڙ وارن واري ساڻيءَ کي نچائيندو رھيو تہ جيئن ھن کي ذرو بہ محنت نہ ڪرڻي پوي ۽ انھن ماڻھن کي، جن ھن بھادر ناڇوءَ کي اکين ڏٺو ٿي، تن کي اھڙو کوبہ وھم گمان کونہ ٿي ٿيو تہ ھو ھر پيري ڪمري مان ٻاھر نڪري ڇا ٿو وڃي ڪري؟

ھو مسکرائيندو، رومال سان وڏي شان سان ھوا پيدا ڪندو ڪمري کان ٻاھر نڪتو ٿي. پر دروازي کان ٻاھر نڪرندي ئي مسکراھٽ جي جاءِ تي درد ۽ پيڙا اچيو ٿي واسو ڪيو. چاڙھيءَ جي جھل کي جھلينندو، ٽڙندو ۽ ڪنجھندو چاڙھيءَ تان لٿو ٿي ۽ ماڪ ۾ پنل ٽڏيءَ چپر تي ڦان ٿي ڪري پوندو ھو ۽ سمورو بدن زمين سان لڳائي درد ۽ ڪرب وچان خوب روئيندو ھو. نقلي پيرن کي الڳ ڪري ٽنگن کي ساھي ڏيندو ھو. جڏھن کيس ٽورو آرام ملندو ھو ۽ اذيت ٽوري جھڪي ٽيندي ھئي تہ وري ٻيھر ڪمري اندر داخل ٽيندو ھو، جتي پگھر ۾ شل اکارڊين وارو نغمن جي گونج پيدا ڪري رھيو ھو ۽ ھو ھن ڳاڙھن وارن واري زينوچڪا وٽ پھچي ويندو ھو. جنھن جون

اکيون اڳيئي سندس انتظار ڪنديون رهنديون هيون. هو چپن تي مسڪراهٽ پکيڙي چڏيندو هو، جنهن سان سندس موتين جهڙن ڏندن جي قطار جرڪي پوندي هئي. پوءِ هو چستي ۽ آهستگيءَ سان چڪر لڳائڻ شروع ڪندو هو. زينوچڪا سندس خوب خبر وٺندي هئي ته هو ڪيس ڇو چڏي ٻاهر هليو ويو هو ۽ هو پوڳن جي انداز ۾ جوڳو جواب ڏيندو هو.

انهن انتهائي اڙانگين مشقن پنهنجو ڪم ڪيو. هاڻي ايڪسيءَ کي پنهنجي نقلي پيرن جو احساس گهٽ ٿيندو پئي ويو. ائين پئي لڳو جڻ هي پير وڻ ۾ پيوَند وانگر لڳي ويا آهن.

ايڪسي بنهه خوش هو. هاڻي ڪيس فقط هڪڙي ڳٽتي هئي، سا هيءَ ته اوليا جو ڪو خط ڪونه ٿي آيو. گووزديف ۽ سندس محبوبا جي افسوسناڪ تجربي کان پوءِ پاڻ جيڪو خط لکيو هٽائين، تنهن کي مهيني کان وڌيڪ عرصو ٿي ويو هو. هو هاڻي ان خط کي هڪ خطرناڪ خط سمجهندو هو. ان خط جو جواب اجا تائين ڪونه پهتو هو. هو بدن جي ورزش ۽ ڊوڙڻ ۾ روزانو هڪ سؤ قدمن جو واڌارو ڪندو رهندو هو. روزانو صبح جو ورزش کان پوءِ هو پڇندو خطن جو خانو وڃي کوليندو هو، جتي خطن جا ڍڳ لڳا پيا هوندا هٿا. پر سندس خط ڪونه هوندو هو.

هڪ ڏينهن ناچ جي سبق دوران ڪيس بورنازيان جو ڪارو مٿو تفريحي ڪمري جي دريءَ مان ڏسڻ ۾ آيو. سندس هٿ ۾ هڪ خط هو. پر ان کان پهريائين جو ڪو ڪجهه ڳالهائي، ميريسئف جهڙپ ڏيئي سندس هٿ مان خط ڦري ورتو ۽ ائين گولي ٿي ويو، جو ڪنهن کي ڪل ئي ڪانه پئي. سندس استادياڻي ڪمري جي وچ ۾ ڪاوڙ ۾ ڳاڙهي ٿي بيٺي رهي. "زينوچڪا! هن زماني ۾ سپ هڪجهڙا آهن."

بورنازيان ڪنهن پوڙهيءَ ماسيءَ وانگر ائين ڦٽاڪو ڇوڙيو. "سيئي گوهي ڏيو گم ٿي وڃن ٿا. انهن مان ڪنهن جي به ڳالهين تي نه لڳ. انهن کان ائين پري پڃ، جيئن ڪانءَ پڇي ڪمان کان! بهتر ته ائين آهي ته تون مون کي ئي ڪٽي پنهنجو شاگرد بناءِ."

ايڪسي ڊوڙندو ڊنڊ وٺ پهتو. سندس هٿ ۾ خط هو. سندس

انداز مان ائين پئي لڳو، جڙ سندس پويان ڪير ڊوڙي ايندو ۽ ڪائنس هي انمول خزانو ڦري وڃندو. هو هڪ وڏي پٿر تي چڙهي ويٺو ۽ خط کولي پڙهڻ لڳو. اڳندي ئي سندس نظر آخري سٽ تي پئي: "منهنجا جاني، هميشہ هميشہ لاءِ تنهنجي ۽ فقط تنهنجي اوليا." هن جي بدن ۾ ساهہ پئجي ويو. هن ڪاپيءَ مان ڦاڙيل پنو پنهنجي ران تي رکي هٿ سان سڌو ڪيو، جيڪو مڙيو سڙيو پيو هو ۽ جنهن تي متيءَ جا نشان ۽ ميڙ بتيءَ جي ڳرندڙ ميڻ جا ڦڙا جميا پيا هئا. اوليا تہ هميشہ بنهہ صاف ستري رهندي هئي. پوءِ هينئر آخر ڪيس ڇا ٿي ويو آهي؟ ۽ پوءِ جڏهن هن خط ۾ اهي ڳالهيون پڙهيون، تڏهن سندس ڪنڌ فخر کان اوچو ٿي ويو. خبر پيئي تہ اوليا هڪ مهينو اڳ ڪارخاني کي ڇڏي ڏنو هو ۽ هاڻي هوءَ لهواري ميدان ۾ 'ڪامي شين' جي چوڪرين ۽ ٻين چوڪرين توڙي عورتن سان گڏ زندگي گذاري رهي آهي. جيئن هن لکيو هو تہ "هوءَ هڪ وڏي شهر جي چوطرف، جنهن جو نالو اسان سيني لاءِ مقدس آهي، ٽينڪن کي روڪڻ لاءِ ڪڏا کوٽي رهي هئي ۽ مورچا بندي ڪري رهي هئي." استالن گراڊ جو نالو خط ۾ هڪ ٻيرو بہ لکيل ڪونہ هو، پر هن جنهن محبت، عقيدت، پريشاني ۽ اميد سان ان 'وڏي شهر' جي باري ۾ لکيو هو، ان مان صاف ظاهر هو تہ ان مان سندس مراد استالن گراڊ ئي هئي.

هن لکيو هو تہ هن وانگر هزارين رضاڪار ڏينهن رات ڪم ڪري رهيا هئا. هو کاٽي ڪٽي رهيا هئا، متي ڍوئي رهيا هئا، ڪنڪريٽ پکيڙي رهيا هئا ۽ اڏاوت جو ڪم ڪري رهيا هئا. ان خط مان خوشيءَ جا جذبا ڦٽي رهيا هئا، پر ڪن ڪن جملن مان اها ڳالهہ ظاهر ٿئي ٿي تہ ان وقت عورتن ۽ چوڪرين تي ڪيڏو نہ ٽڪائيندڙ ۽ سخت وقت اچي ويو هو. پهرين تہ هن انهن ڳالهين جي باري ۾ لکيو هو، جن ۾ هوءَ دل جي گهرائيءَ سان محو هئي ۽ پوءِ هن سندس سوالن جو جواب ڏنو هو. هن ڪاوڙ مان لکيو هو تہ مون کي تنهنجي آخري خط ڏاڍو ڏک پهچايو، جيڪو 'مون کي هتي خندقن ۾' مليو هو. جيڪڏهن مون کي اها خبر نہ هجي ها تہ تون هن وقت محاذ تي آهين، جتي ماڻهوءَ جي حواسن تي خطرناڪ دٻاءُ هوندو آهي تہ جيڪر آءٌ توکي ڪڏهن بہ

معاف نہ ڪريان ها.

هن لکيو هو: "منهنجا پيارا، اها محبت ڪهڙي، جيڪا قرباني ڏيئي نہ سگهي؟ مٺڙا، اهڙي محبت، محبت ڪانہ هوندي آهي. جيڪڏهن اهڙي ڪا محبت هوندي آهي تہ منهنجي خيال ۾ ان کي محبت سڏي نٿو سگهجي. هڪ هفتو ٿي چڪو آهي جو آئون وهنجي سهنجي پاڻ اُجاري نہ سگهي آهيان. آئون پتلون ۾ بوٽ پائيندي آهيان، پر بوٽ مان پيرن جا پپ پيا ڏسبا آهن. منهنجو چهرو ڪاڙهي ۾ ڪڙهي ايترو تہ ڪاراتجي ويو آهي، جو مٽائڻس کل لهڻ شروع ٿي وئي آهي ۽ چمڙي بنهہ ڪهري ۽ نيري ٿي وئي آهي. جيڪڏهن آئون هن حالت ۾ بنهہ بي حال، گندي ۽ ميري، ڳري ڪنڌا ٿي ويل ۽ بدصورت جي تو وٽ اچان تہ چا تون مون کان منهن موڙي ونڌين؟ يا مون تي الزام هٽندين؟ منهنجا چريا دوست، تون جهڙو ڪجهہ بہ آهين، آئون توکي ٻڌائڻ چاهيان ٿي تہ آئون تنهنجو هر گهڙيءَ انتظار ۽ اوسيڙو پئي ڪريان، پوءِ چاهي جهڙو بہ هجين..... آئون اڪثر تنهنجي ئي باري ۾ سوچيندي رهندي آهيان ۽ هنن خندقن ۾ اچڻ کان اڳ توکي خواب ۾ بہ ڏسندي هيس. هتي تہ اسان سيئي ڪاٽ جي تختن تي ڪرندي ئي مردن وانگر غافل ٿي وجون ٿا. آئون توکي ٻڌائڻ چاهيان ٿي تہ جيسين آئون جيئري آهيان، تيستائين هميشہ تنهنجي راهہ نهاريندي رهندس. تون جهڙو بہ آهين، منهنجو آهين ۽ آئون تنهنجو اوسيڙو ڪندي رهنديس..... تون چوين ٿو تہ ڪهڙي خبر تہ تنهنجي دشمنن کي محاذ تي ڪجهہ ٿي وڃي. پر جيڪڏهن هنن 'خندقن' ۾ مون کي ڪجهہ ٿي پوي، ڪو حادثو پيش اچي ۽ آئون لولي لنگڙي ٿي پوان تہ چا پوءِ تون مون کي ڏکاري چڏيندين؟ توکي ياد آهي، جڏهن اسان هنري سکيا گهر ۾ پڙهندا هئاسين، تڏهن اسان الجبرا ۾ انگن جي جاءِ بدلائڻ سان سوال حل ڪندا هئاسين؟ ساڳئي طرح اڄ تون منهنجي جاءِ تي ويهي سوچ. جيڪڏهن تون ائين ڪرين، جيئن تو خط ۾ لکيو آهي تہ توکي شرم ڪونہ ايندو."

ميريسٽف گهڻي دير تائين وينو خط تي غور ڪندو رهيو. "هي سڀ ڪجهہ چا آهي؟ چا ڪيس غيب طرفان خبر پڻجي ويئي آهي؟ خدا

طرفان سندس دل ۾ هيءَ ڳالھ پئجي ويئي آهي؟ سندس ماءُ چوندي هئي تہ 'دل غيب جون ڳالھيون ٻڌائيندي آهي.' يا خندقن جي ڪشف ۽ سخت زندگيءَ هن چوڪريءَ ۾ ايتري سمجھ ۽ ساڃھ پيدا ڪري ڇڏي هئي ۽ هن دل ۾ اهو سڀ ڪجھ ڄاڻي ورتو هو، جنھن جي ٻڌائڻ جي منجھس همت ڪانہ ٿي ٿي؟" هن ھڪ پيرو وري خط پڙھيو. نہ، اھڙي تہ ڪا ڳالھ ڪانہ هئي. هيءَ غيب جي خبر ڪانہ هئي. هي تہ رڳو سندس ڳالھين جو جواب هو ۽ جواب بہ ڪھڙو!—

اليڪسي ٽڏي آھ ڀري، آهستي آهستي ڪپڙا لاٿا ۽ پٽر تي ڪپڙن جو ڍڳ ڪيو. هو هميشہ هن ننڍڙي، تنها ۽ ماناريءَ کڏ ۾ وهنجندو هو. هن جاءِ جي فقط ڪيس ئي خبر هئي. هو وٽن ٻوٽن سان ڍڪيل هن کڏ ۾ هميشہ وهنجندو هو. هن نقلي پيرن جا ڏاڳا کولیا ۽ آهستي آهستي پٽرن تان ترکندو، پاڻي ۾ لھي ويو، ڇو تہ اگھاڙين ڪٽيل ٽنگن سان ھلڻ ممڪن ڪونہ هو. هو گھٽي دير تائين آرام ۽ سڪون سان وهنجندو رهيو ۽ پاڻيءَ جي سطح تي پاڻ کي آسودو ڇڏي آسمان کي تڪيندو رهيو. ■

[5]

ڏکڻ واري محاذ تي صورتحال انتهائي نازڪ ٿي وئي هئي. ڪيترن ڏينهن کان وٽي ندیءَ جي ڪناري واري محاذ تان لڙائيءَ متعلق خبرون اخبارن ۾ اڇڻ بند ٿي ويون هيون. ھڪ ڏينهن سوويت اطلاعاتي اداري طرفان انهن ڳوٺن جو ذڪر آيو هو، جيڪي ڏون ندیءَ جي ٻئي طرف والگا ۽ استالن گراڊ واري رستي تي هئا. انهن ڳوٺن جي، تن ماڻھن جي نظر ۾ ڪا اهميت ڪانہ هئي، جيڪي انهن کان اڳ واقف هئا، پر اليڪسي جيڪو اتي ئي ڄائو ۽ نپنو هو ۽ ننڍو ٿي وڏو ٿيو هو، تنهن تاڙي ورتو هو تہ ڏون ندیءَ وارو ٻڇاءُ دنگ ٿوڙي، دشمن استالن گراڊ ڏانهن وڌي رهيو آهي.

توڙي جو اطلاعاتي اداري طرفان اڃا استالن گراڊ جو نالو ڪونہ ورتو ٻئي ويو، پر عام طرح هر شخص جي زبان تي هو. 1942ع جي خزان جي موسم ۾ هي نالو پريشاني ۽ ڏک وچان زبان تي ايندو هو. ان

جو ذکر ڪنھن شھر جي نالي وانگر نہ، پر ڪنھن اھڙي پياري ۽ قربائتي مٽ مائٽ جي نالي وانگر ٿيندو ھو، جيڪو موت جي منھن ۾ ھجي ۽ ايڪسيءَ لاءِ تہ اھا پريشاني ويتر ڪيترا ئي ڀيرا وڌي ويئي ھئي، ڇاڪاڻ تہ اوليا اتي ئي ڪٽي شھر کان ٻاھر، لھواري ميدان ۾ ھئي ۽ خبر ناھي تہ ڪيس ڪھڑين ڏکين آزمائشن مان گذرٽو پيو پوندو ھوندو؟ ھاڻي ھو روز ڪيس خط لکندو ھو. پر انھن خطن جي ڪھڙي اھميت ھئي، جن تي جنگي ميدان جي ڪنھن ٽپال گھر جو پتو لکيل ھوندو ھو؟ ڇا پوئتي ھٽندڙ فوجن جي ھن افراتفري ۽ ھنگامي ۾ ھي خط ڪيس ملي سگھندا ھوندا؟ سو بہ اھڙي صورتحال ۾، جتي وڙڪا جي ميدانن ۾ گھمسان جي جنگ — سڄو علائقو جھنم بنائي ڇڏيو ھجي!.

ھوابازن جو سيني ٽوريم ماکيءَ جي چيڙيل ماناري وانگر گونججي رھيو ھو. عام تفريحن جا پروگرام ختم ٿي چڪا ھئا. شطرنج، والي بال، اتي ڏکر ۽ تاش جون راندیون سڀ ڪجھ ختم ٿي چڪو ھو. ھر ماڻھو، ايتريقدر جو حد درجي جا سست قسم جا ماڻھو بہ وقت کان ھڪ ڪلاڪ اڳ جاڳي پوندو ھئا تہ جيئن ريڊيو تان صبح جون ستين وڳي واريون خبرون ٻڌي سگھن. اطلاعاتي اداري طرفان، جڏھن ھوابازن جا نالا وٺي، سندن ڪارنامن جو ذکر ٿيندو ھو، تڏھن ھر شخص اداس اداس پيو لڳندو ھو. نيٽ سيني ٽوريم ۾ آرام ڪندڙن اعلان ڪيو تہ ھو ھاڻي بيزار ٿي پيا آھن ۽ ھنن مطالبو ڪيو تہ ڪين مقرر وقت کان اڳ ۾ ئي موڪل ڏيئي محاذ تي موڪليو وڃي.

ھڪ ڏينھن پوياڙيءَ مھل ھوائي فوج جي عملي جي شعبي کان ھڪ ڪميشن آئي. ڏوڙ مان اڇي ٽيل ڪار مان ڪيترا ئي آفيسر لٿا، جن جي وردين تي طبي دستي جا نشان لڳل ھئا. اڳين سيٽ تان ھڪ ٽلھو متارو آفيسر لٿو، جيڪو اُتي مس ٿي سگھيو. ھي ھو پھرئين درجي جو فوجي سرجن ميرو ولسڪي. ھو ھوائي فوج ۾ تمام گھٽو مشھور ھو. ھواباز سندس ھاجھ ۽ شفقت کان ڏاڍا متاثر ھوندا ھئا. مانيءَ مھل اعلان ٿيو تہ ھيءَ ڪميشن انھن رضاڪارن جي چونڊ ڪندي، جيڪي پنھنجي موڪل اڳواٽ ختم ڪري محاذ تي وڃڻ چاھين ٿا.

ٻئي ڏينھن صبح جو سوير ايڪسي اُتيو ۽ معمول مطابق ورزش

ڪرڻ کان سواءِ ئي جھنگل ڏانھن ھليو ويو ۽ نيرن تائين اتي ئي ويٺو رھيو. نيرن تي ٻہ ڪجھ ڪونہ ڪاڏائين. ماني کارائڻ واريءَ چوڪريءَ جڏھن ڏٺو تہ ھن مانيءَ کي ھٿ ٻہ نہ لاتو آھي، تڏھن ڪيس تنبيھ ڪيائين. اليڪسيءَ ڪيس ڏاڍو تکو جواب ڏنو، حالانڪ چوڪريءَ ساڻس قرب سان پئي ڳالھايو. جڏھن استروچڪوف ڪيس ٽوڪيو تہ ميان ڪجھ خيال ڪر، ھوءَ تہ توسان اخلاق سان پئي پيش اچي ۽ تون اجايو پيو وھلور وجين تہ ھو ٽپ ڏيئي اٿيو ۽ ماني ڇڏي ھليو ويو.

زينوچڪا پت تي لڳل سوويت اطلاعاتي اداري جو خبرنامو پڙھي رھي ھئي. اليڪسيءَ ساڻس نہ دعا سلام ڪئي، نہ ڳالھايو ۽ اڳتي وڌي ويو. ھوءَ ٻہ ائين منھن ڦيري بيٺي، جڏ تہ ھن ٻہ ڪيس ڏٺو ئي ڪونہ ھو. ھن صرف آھستي ڪلھن کي لوڏيو، پر جڏھن ھو واقعي ڪيس نظرانداز ڪري وڃڻ لڳو، تڏھن ڪيس ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ سندس اکين ۾ لڙڪ ڀرجي آيا. نيٺ ھن ڪيس سڏ ڪيو. اليڪسيءَ ڪاوڙ مان منھن ورائي چيو:

"ھا، ڇا ڪپي توکي؟"

"ڪامريڊ سينيئر ليفٽيننٽ، تون ڇو ايترو....." چوڪريءَ تمام نرم لھجي ۾ ڪيس ورندي ڏني ۽ سڃي ڳاڙھي ٿي ويئي. سندس ڳل ٻاھہ وانگر دڪڻ لڳا ۽ سندس وارن وانگر شعلا اوڳاڇڻ لڳا.

اليڪسيءَ ھڪدم پنھنجي بگڙيل طبيعت تي قابو پاتو ۽ ائين پئي لڳو، جڏ سندس سڃو جسم خالي ٿي ويو ھجي.

"اڄ منھنجي قسمت جو فيصلو ٿيڻو آھي." ھن بنھ آھستگيءَ سان چيو. "ھٿ ملائي ۽ منھنجي لاءِ دعا ڪر....." ھو معمول کان وڌيڪ مندڪائيندو، پنھنجي ڪمري ۾ ويو ۽ تالو لڳائي ڇڏيائين.

ڪميشن تفريحي ھال ۾ ويٺي ھئي. اتي ئي سندن سمورو سامان نصب ڪيو ويو ساھہ جانچڻ جو اوزار، منين جي دٻاءُ وارو اوزار، نظر جانچڻ وارو ڪارڊ وغيرہ. سينيٽوريم جي سموري خلق پاسي واري ڪمري ۾ گڏ ٿي ويئي ھئي. اھي سمورا، جن پنھنجي موڪل اڳوات ختم ڪرائڻ ٿي گھري، سي قطار ڪري بيٺا ھٿا. زينوچڪا آئي ۽ ان سيني کي ھڪ ھڪ پرچو ڏنو، جنھن تي لکيل ھو تہ ڪيس ڪھڙي

وقت سڏيو ويندو ۽ مڙني کي اتان هليو وڃڻ لاءِ چيائين. شروع جا ڪجھ ماڻھو، جيڪي ڪميشن وٽ پيش ٿي ٻاھر آيا، تن واتان اھو افواھ پکڙجي ويو تہ ڪميشن ايتري سخت ڪانھي. پلا اھڙي وقت ڪميشن ڪيئن ٿي سخت ٿي سگھي، جڏھن والگا جي ڪنارن تي خوني جنگ لڳل ھجي ۽ سرڊڙ جي بازي لڳائڻ جي مھل مٽان ھجي؟ اليڪسي سرن جي ٻجري تي پير لاڙيو وينو ھو. جڏھن اندران ڪو ماڻھو نڪتو ٿي تہ ھن ان کان اھڙي بي نيازيءَ سان پئي پڇيو، جو جڻ ڪيس ڪا گھٽي دلچسپي نہ ھجي.

"ٻڌاءِ، ڪيئن ٿيو؟"

"منھنجو تہ ٻيڙو پار آھي." ان ماڻھوءَ خوش خوش وردي جو بٽڻ ٽيڪ ڪندي جواب ٿي ڏنو.

ميريسئف کان اڳ ۾ بورنازيان اندر ويو. ھن پنھنجو لکڻ دروازي وٽ ڇڏي ڏنو ۽ ڪمري ۾ داخل ٿيو ۽ ڪوشش ڪندو رھيو تہ جيئن بدن ۾ لوڏو ۽ ٽنگن ۾ منڊ پيدا نہ ٿئي. دروازو کليو ۽ بورنازيان کاوڙ مان ڳاڙھو، ست ڏيئي ٻاھر نڪتو ۽ ھن کاوڙ مان اليڪسيءَ ڏانھن نھاريو، رڙيون ۽ دانھون ڪندو، منڊڪائيندو پارک ڏانھن ھليو ويو.

"آفيسر شاھيءَ جا غلام! ڪوھ جا ڏيڏر! ڪين ھوابازيءَ جي باري ۾ اچي ئي ڇا ٿو؟ ڇا سندن خيال ۾ ھوابازي بہ ھڪ ناچ آھي؟ ننڍي ٽنگ؟..... ڪمبختن کي رڳو انيما (گھٽ رت واري بيماري) ۽ انجيڪشن کان سواءِ ٻيو اچين بہ ڇا ٿو؟"

اليڪسيءَ جي دل ڀڏي رھي ھئي، پر پوءِ بہ ھو بنھ خوش خوش، مسڪرائيندو ۽ تيز تيز قدمن سان ڪمري اندر آيو. ڪميشن ھڪ ڊگھي ميز جي پرسان وينل ھئي. وچ ۾ گوشت جي ڊڳ وانگر پھرين درجي جو فوجي سرجن ميروولسڪي وينل ھو. پاسي ۾ ھڪ ٻيءَ ميز وٽ زينوچڪا وينئي ھئي. سندس اڳيان مريضن جي ڪارگزاريءَ جي ڪاغذن جو ڊير رکيل ھو. ھوءَ پنھنجي سفيد ۽ ڪلف لڳل ڊريس ۾ ھڪ خوبصورت ۽ ننڍڙي گڏيءَ وانگر ڏاڍي وٽي پئي. سندس سنھي سفيد رومال مان ڳاڙھن وارن جي ھڪڙي چڱ ڏاڍي ناز ۽ ادا سان ٻاھر

لياڪا پائي رهي هئي. هن اليڪسيءَ کي سندس بيماريءَ جو پروانو هٿ ۾ ڏنو ۽ آهستگيءَ سان سندس هٿ کي زور ڏنو.

"نوجوان، هاڻي بدن جي مٿئين حصي جا ڪپڑا لاهي ڇڏ." سرجن اکيون چُنجهيون ڪندي چيو.

ميريسئف جي ورزش اجائي ڪانه وئي هئي. ڪاڙهي ۾ ڊوڙڻ بيڪار ڪونه ويو هو. سرجن دل ئي دل ۾ سندس ڪُتيل ۽ خوبصورت جسم جي تعريف ڪرڻ کان سواءِ رهي نه سگهيو. سندس بدن جو هر هڪ حصو، سانوري کل هيٺان تڙپندو نظر پئي آيو.

"تون تہ پوءِ پوءِ ۾ دائود جي مجسمي جي نموني طور تي ڪم ڪري سگهين ٿو." ڪميشن جي هڪ ميمبر چرچي طور چيس. ميريسئف بنهہ آسانيءَ سان سيني امتحانن مان پاس ٿي ويو. سندس منين جو دٻاءُ مقرر معيار کان 50 سيڪڙو وڌيڪ هو، ساهہ جي جانچ ۾ هن ڪانٽي کي اوزار جي آخري چيڑي تائين پهچائي ڇڏيو، سندس رت جو داب بنهہ صحيح هو ۽ سندس اعصاب بهترين حالت ۾ هئا. آخر ۾ هن طاقت جي چڪاس ڪرڻ واري اوزار جا هٿيا ايتري تہ زور سان چڪيا، جو مرڪو اسپرنگ ئي ٽٽي پيو.

"هواباز؟" سرجن پنهنجي چهري تي خوشيءَ جي ڪيفيت پيدا ڪندي پڇيو. هو پنهنجي ڪرسيءَ تي آرام سان ڊرڪي پيو. هو "سينيئر ليفٽيننٽ ميريسئف" جي ڪارڊ جي مٿئين ڪنڊ تي پنهنجو فيصلو لکڻ ئي وارو هو.

"جي ها."

"جنگي هواباز؟"

"جي ها."

"چگو، همت ڪري اڃا بہ وڌيڪ ڪارناما سرانجام ڏي. تو جهڙن ماڻهن جي ضرورت آهي، تمام گهڻي ضرورت آهي.....! ها، پر اهو تہ ٻڌاءِ تہ توکي تڪليف ڪهڙي هئي؟"

اليڪسيءَ جو منهن لهي ويو. ڪيس ائين لڳو، جڙ سڄو ٽهيل ٽڪيل معاملو پيو خراب ٿئي. سرجن سندس ڪارڊ جو معائنو ڪيو ۽ سندس چهري تي حيرانيءَ جي ڪيفيت جهلڪڻ لڳي.

"هان! هي ڇا؟ ڪٽيل پير! هيءَ ڪهڙي بڪواس آهي؟ غلطيءَ وچان ڪنهن ٻئي جو ڪارڊ تہ ڪونہ اڇي ويو آهي، هان؟ تون چپ ڇو آهين؟ جواب ڇو نٿو ڏئين؟" سرجن بنھ رڙيون ڪندي، حيرانيءَ ۽ پريشانيءَ مان پڇيو. "نہ سائين، اها غلطي نہ آهي." جواب ۾ ايلڪسيءَ بنھ آهستي چيو، جھڙوڪر هو ڦاسيءَ تي چڙھي رهيو هجي. ڪميشن جي ميمبرن ۽ سرجن مشڪوڪ نظرن سان ان ڏٽي متي ۽ ڪٽيل بدن واري پرجوش جوان کي ڏٺو ۽ سندن سمجھ ۾ ئي نہ پئي آيو تہ آخر معاملو ڇا آهي؟

"پتلون جا پائنچا متي ڪر." سرجن بي صبريءَ واري لهجي ۾ حڪم ڏنو.

ايلڪسيءَ جو رنگ پيلو ٿي ويو. هن ڏاڍي بيوسيءَ سان زينوچڪا ڏانهن نهاريو ۽ آهستي آهستي پنهنجي پتلون جا پانچا متي ڪنيا. سندس چهري تي مايوسي ڇانئجي ويئي. هن ڪاٽ جي پيرن کي کولي ڇڏيو ۽ هٿ پاسن ۾ ڏرا ڪري ڇڏيا.

"اسان سان مسخري ڪرڻ ٿو چاهين يا تنهنجو اڇا ڪو ٻيو مقصد آهي؟ ڏس تہ سهي، اسان جو ڪيڏو وقت زيان ڪيو اٿئي؟ يقيناً تون بنا پيرن جي تہ هوائي فوج ۾ وڃڻ جو سوچي ئي نٿو سگهين، آهي نہ ائين؟ پوءِ هي ڊرامو ڇو؟" نيٽ سرجن چيو.

"آئون رڳو سوچيان نٿو، پر آئون تہ واپس وڃي ئي رهندس."

ايلڪسيءَ ڏهيل آواز ۾ جواب ڏنو. سندس ڪارين اکين ۾ بغاوت جا شعلا پڙڪي رهيا هئا.

"بنا پيرن جي هوائي فوج ۾ ويندين؟ تنهنجي ڪل تہ ڪاڻ ٿڙي ويئي آهي!"

"ها، آئون بنا پيرن جي هوائي جهاز اڏائيندس."

ايلڪسيءَ جواب ڏنو. هاڻي منجهس بغاوت نہ، پر سُڪون اوتجي آيو هو. هن پنهنجي پراڻي طرز تي ٺهيل وردیءَ جي ڪيسي مان هڪ رسالي جو صفحو ڪڍيو، جيڪو تمام حفاظت سان ويڙهيل هو. "ڏسو!" هن اهو پنو سرجن کي ڏيکاريندي چيو. "هن هڪ پير سان هوائي جهاز هلايو هو تہ آخر آئون ٻنهي پيرن کان بنا ڇو نٿو هوائي جهاز اڏائي

سگھان؟"

سرجن اھو پنو پڙھي اليڪسيءَ کي حيرت ۽ احترام سان ڏٺو. "ھا، پر توکي ان جھڙو ٽيڙ لاءِ بي پناھ محنت ۽ مشق ڪرڻي پوندي. ھن ماڻھوءَ ڏھن سالن تائين مشق ڪئي ھئي. توکي پنھنجا پير ائين استعمال ڪرڻا پوندا، جڏھن تہ اھي بنھ اصلي آھن." ھن ڪجھ نرمائيءَ سان چيو.

انھيءَ لمحي اليڪسيءَ کي ھڪ غير متوقع ڪمڪ پھتي. زينوچڪا پنھنجي ميز وٽان ٽپ ڏيئي اٿي بيٺي. ھن ٻئي ھٿ ائين ملايا، جھڙوڪر دعا گھري رھي ھجي ۽ سندس رنگ ايترو تہ ڦاڙھو ٿي ويو، جو پگھر جا موتين جھڙا ڦڙا سندس لوندڙين وٽ ظاھر ٿيڻ لڳا. ھن چيو:

"ڪامريڊ سرجن، اوھان ھن جو ناچ ڏسو. ھي ايترو تہ بھترين نچي ٿو جو ٻنھي پيرن وارا بہ اھڙو نٽا نچن."

"ناچ؟ خدا جي ڪا مار پوي. ڇا مطلب آھي تنھنجو.....؟ ڇا تون بہ چرچا ٻڌي ڪرين....." سرجن جي وات مان بي اختيار نڪتو ۽ ھن ڇڪني طرفن حيرت سان ڪميشن جي ميمبرن ڏانھن نھاريو.

اليڪسيءَ بہ ھڪدم زينوچڪا وارو راڳ آلاپڻ شروع ڪري ڏنو. "اوھان مھرباني ڪري ھينئر فيصلو نہ ڪجو. اڄ رات اسان جو ناچ ڏسڻ اڇجو ۽ ڏسجو تہ آءٌ ڇا ڪجھ ڪري سگھان ٿو.....!"

جڏھن اليڪسي دروازي ڏانھن وڃڻ لڳو تہ ھن ٽِڪ ۾ ڪميشن جي ميمبرن جي جھلڪ ڏٺي، جيڪي ڏاڍي جوش خروش سان ھڪ ٻئي سان ڳالھائي رھيا ھئا.

مانيءَ کان اڳ ۾ اليڪسي زينوچڪا کي وٽن جي ھڪ جھڳٽي ۾ مليو. زينوچڪا کيس ٻڌايو تہ سندس وڃڻ کان پوءِ بہ ڪميشن گھڻي دير تائين سندس باري ۾ بحث ڪيو. سرجن چيو ھو تہ ميريسئف ھڪ غير معمولي نوجوان آھي ۽ ڪھڙي خبر تہ واقعي ھو ھوائي جھاز اڏائي سگھي! ھڪ روسي ڇا ڪجھ نٿو ڪري سگھي؟ ان جي جواب ۾ ڪميشن جي ھڪڙي ميمبر چيو تہ ھوابازيءَ جي تاريخ ۾ ان قسم جو ڪوبہ واقعو ڪونہ ٿو ملي. سرجن ان کي جواب ڏنو تہ ھوابازيءَ جي

تاريخ کي گھٽين ڳالھين جي خبر کانہ ھئي، پر ھن جنگ ۾ سوويت ھوابازن کيترن ئي نون کارنامن جو واڌارو کيو آھي ۽ تاريخ کي نوان نيڪام ڏنا آھن.

رضاڪارن جي روانگيءَ جو جشن ملھائڻ لاءِ ھڪ الوداعي ناچ جو انتظام کيو ويو. رضاڪارن جو تعداد ٻہ سئو کن ھو. ھيءَ ھڪ شاندار تقريب ھئي. ماسڪو مان فوجي بينڊ گھرايو ويو ھو. ھواباز نچي رھيا ھئا. انھن سيني ۾ نمايان ميريسئف ھو. ھو باھہ جي شعلن جھڙن وارن واريءَ چوڪريءَ سان گڏ نچي رھيو ھو.

فوجي سرجن ميروولسڪي کليل دريءَ وٽ ويٺو ھو. سندس اڳيان ٽڏي بيئر جو گلاس رکيو ھو. ھو ھڪ پل لاءِ بہ ميريسئف ۽ ڳاڙھن وارن واري چوڪريءَ تان نظر ھٽائي نہ سگھيو. ھو ھڪ سرجن ھو، سو بہ ھڪ فوجي سرجن. ھو نقلي ۽ اصلي پيرن جي فرق کي چڱيءَ طرح ڄاڻندو ھو.

ھاڻي جڏھن ھن ڏٺي متي بدن واري ھواباز کي پنھنجي نازڪ ۽ دلکش ساٿيءَ سان نچندي ڏٺو تہ ھو اھو سمجھڻ لڳو تہ ٽي سگھي ٿو تہ ھن ۾ ڪو دو ڪو ھجي. آخرڪار اليڪسيءَ تاڙيون وڄائيندي تماشائين جي گھيري ۾ روسي لوڪ ناچ "بارنيا" نچندو ۽ ديوانگيءَ جي حد تائين محنت ۽ چاھہ سان پنھنجي رانن ۽ ڳلن کي ٽڪائيندو ۽ ٽپ ڏيندو نيٽ ميروولسڪيءَ وٽ اچي پھتو. ھو پگھر ۾ شل ۽ ڏاڍي جوش ۾ ھو. سرجن خاموشيءَ ۽ تعظيم سان ساٽس ھٽ ملايو. اليڪسيءَ زبان سان تہ ڪجھہ بہ ڪونہ ڳالھايو، پر ھن پنھنجون اکيون سرجن جي اکين ۾ ڪپائي ڇڏيون ۽ التجا پريل نظرن سان ڏسندي جواب جي تقاضا ڪرڻ لڳو.

"تون پاڻ ٿو ڄاڻين." آخرڪار سرجن چيو. "تہ مون کي ڪوبہ حق ۽ اختيار ڪونھي تہ آئون سڌيءَ طرح تنھنجي مقرري ڪنھن دستي ۾ ڪريان. باقي آءٌ تو کي عملي جي شعبي لاءِ ھڪ پروانو ڏينداس ۽ اھا بہ سفارش ڪندس تہ مناسب سکيا کان پوءِ تون ھوابازيءَ لاءِ بنھہ لائق ٿي سگھندين. بھرحال، تون منھنجي ووٽ تي پروسو ڪري سگھين ٿو."

ميروولسڪي سينيٽوريم جي صدر جي ڀانھن ۾ ڀانھن وجھي

هال مان نڪري ويو. سينيٽوريم جو صدر پڻ ڏاڍو قابل فوجي سرجن هو. پنهي جون دليون حيرانيءَ، تحسين ۽ تعريف جي جذبن سان پريل هيون. هو هنڌ تي ليٽڻ کان پهريائين گهٽي دير تائين وينا سگريٽ پيئندا رهيا ۽ غور ڪندا رهيا تہ واقعي جيڪڏهن روسي ماڻهن کي ڪنهن شيءِ جو پوت سوار ٿي پوي تہ هو اها ڳالهہ پوري ڪري ئي ڏيکارينداآهن.

موسيقي اڃا گونججي رهي هئي، پر ميريسئف مٿئين منزل جي غسل خاني ۾ بند پنهنجي ٽنگن کي ٽڏي پاڻيءَ ۾ وجهيو وينو هو. هو پنهنجا چپ ايترو تہ زور سان چُهي رهيو هو، جو منجهانئن بنهہ رت نڪرڻ لڳو هو. درد جي پيڙا کان هو ذري گهٽ بيهوش ٿيڻ تي هو. سندس ٽنگن تي نقلي پيرن جي گاڻ جي ڪري رت هاڻيون ڳاڙهيون لڦون پئجي ويون هيون.

هڪ ڪلاڪ کان پوءِ ميجر استروچڪوف ڪمري ۾ آيو تہ ميريسئف وهنجي سهنجي، تازو توانو ٿي ٽِڪ جي سامهون ويهي پنهنجي گهنڊيدار وارن ۾ ڦٽي ڏئي رهيو هو.

"زينوچڪا توکي ڳولي پئي.توکي تہ هن مهل هن سان گڏ الوداعي سير ڪرڻ کپندو هو ۽ تون آهين، سو هتي وينو آهين. مون کي تہ هن ڇوڪريءَ تي ڏاڍو رحم ٿو اچي."

"هليا تہ گڏجي هلون." ميريسئف ڏاڍي چاهہ سان جواب ڏنو.

"هليا، پاويل ايوانووچ، اچ تہ هلون." هن التجا ڪئي. هن خوبصورت ۽ بنهہ پلوڙ ڇوڪريءَ سان اڪيلائيءَ ۾ گڏ هجڻ جو خيال، جنهن کيس ناڇ سيکارڻ لاءِ هيڏي ساري تڪليف ورتي هئي، سندس لاءِ ڏاڍو پريشان ڪندڙ هو. خاص ڪري اوليا جو خط ملڻ کان پوءِ سندن گڏ هجڻ کيس عجيب ڪيفيت ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندو هو. هو استروچڪوف کي منٿون ميڙون ۽ ايلاز ڪندو رهيو، تانجو نيٺ هن ٽوپي ڪنئي ۽ اٿي گڏ روانو ٿيو.

زينوچڪا گل هٿ ۾ جهليو وراندي ۾ سندس اوسيئڙو ڪري رهي هئي. سندس اڇيان گلن جون چٽيل پتيون پکڙيون پيون هيون. اليڪسيءَ جي پيرن جي آهٽ ٻڌي هوءَ ڏاڍي چاهہ سان اوڏانهن مڙي، پر

جڏهن هن ڏٺو ته هو اڪيلو ڪونهي ته هوءَ جڙ و سامي ويئي.

"هليا ته پاڻ جهنگل کان موڪلائڻ هلون." اليڪسيءَ ڏاڍي اطمينان سان تجويز پيش ڪئي.

هو ٻئي هٿ هٿ ۾ ڏيئي وٽن جي وڃان پراٽي ٽڏي سڙڪ تان هلڻ لڳا. هو هلندا هلندا ڏينڌ تائين اچي پهتا. ڏينڌ نرم ۽ سفيد ڏنڊ جي ڪمبل ۾ ڍڪيل هئي ۽ رڍ جي سفيد ڪل وانگر لڳي رهي هئي. هوا گهميل هئي ۽ منجهس موسم خزان جي خوشبو رچيل هئي. چوطرف چنڊ جي ٽڏي چانڊاڻ ڏاڍي وٽندڙ هئي. هو انهيءَ مست ڪندڙ ماحول ۾ آهستي آهستي ٽِلي رهيا هئا.

"ائين پيو لڳي جڙ اسين ديو هجون ۽ ڪڪرن متان هلي رهيا هجون. ڪيئن، ٺيڪ آهي نه؟" اليڪسيءَ ڪجھ سوچيندي چيو. هن محسوس ڪيو ته چوڪريءَ جو هٿ زور زور سان سندس هٿ کي دٻائي رهيو هو.

"ديو نه پر احمق. اسين پيرن کان وٺي مٿي تائين پُسي پونداسين. رستي ۾ اسان کي ٽڏ لڳي پوندي." استروچڪوف چوھ چنڊيندي چيو.

"انهيءَ معاملي ۾ مون کي پرواھ ناهي. منهنجا ته پير ئي ڪونهن جو پُسن. تنهن ڪري مون کي ته ٽڏ کاڻ لڳي سگهندي." اليڪسيءَ کلندي وراڻيو.

"اچو اچو، هن مهل اُتي ڏاڍو مزيدار منظر هوندو." زينوچڪا کين ڏينڌ ڏانهن ڇڪيندي چيو. هو ڏينڌ جي ڪناري سان بينل ٻيڙيءَ ۾ چڙهي وينا ۽ ٻيڙي ڏينڌ جي مٿاري سطح تي آهستي آهستي ترڻ لڳي. مڪمل خاموشي ڇانيل هئي. ڏينڌ جي هموار سطح تي چنڊ جو چمڪندڙ اولڙو، آس پاس جي ماحول ۾ گلن ڦلن جي سڱڌ جو واسو، ڏاڍو مزو پئي آيو. نيٺ زينوچڪا ڳالهايو: "ڏاڍي مشڪل سان يقين ٿو اچي ته ڪو ويجهو ئي ڪٽي زوردار جنگ لڳي پئي آهي..... دوستو! توهان مون کي خط لکندؤ نه؟ ڪيئن اليڪسي! تون ته مون کي خط لکندين نه؟ ها پلي خط ڪيترو ئي مختصر ڇو نه هجي. آءٌ پتو لکيل ڪجھ پوسٽ ڪارڊ تنهنجي حوالي ڪنديس. ڪيئن ٺيڪ آهي نه؟ تون ضرور لکجانءِ. بس رڳو ايترو ئي ڪافي آهي ته: جيئرو آهيان، ٺيڪ آهيان، ڄجھا سلام

۽ دعا! ۽ ان ڪارڊ ڪي پوسٽ جي ڊپي ۾ وجهي چڏج. ٺيڪ آهي نہ؟"

"پيلي، آءٌ پڪ ڪونہ ٿو ڏيان. توهان کي خبر آهي تہ مون کي هتان وڃڻ جي ڪيتري خوشي ٿي آهي. مون کي ڪجھ ڪرڻ لاءِ هٿ جي تريءَ ۾ خارش ٿي رهي آهي. سو آءٌ ڪجھ چئي نٿو سگھان. باقي اوهين جاڻو پاڻ ۾." استروچڪوف چيو.

پوءِ هو سپ ماڻ ٿي ويا. ٿوري دير کان پوءِ زينوچڪا چيو تہ "اچو تہ ڳايون" ۽ انتظار ڪرڻ کان سواءِ ريبي نا وڻ جي باري ۾ گيت ڳائڻ لڳي. هن اڪيلي ئي ڏاڍي درد ۾رئي آواز ۾ ٻول جھونگارڻ شروع ڪيا. پوءِ استروچڪوف بہ ساٿس گڏجي ڳائڻ لڳو. اليڪسيءَ کي وهم گمان بہ ڪونہ هو تہ ڪو استروچڪوف ايتري سُريلي ۽ دل کي ڇھندڙ آواز ۾ ڳائي سگھي ٿو. آخر ۾ اليڪسيءَ پاڻ بہ گيت جي آخري ٻولن ۾ گڏجي ڳائڻ شروع ڪيو. ■

[6]

ٻئي ڏينھن صبح جو سينيٽوريم جي ڪاتڪن مان بسن جو ڏگھو قافلو لانگھائو ٽيو. اڃا بسون ٻاھر ڪونہ نڪتيون ھيون. تيسين استروچڪوف، جيڪو ھڪ بس جي فٽ پيريءَ تي ويٺل ھو، ريبي نا وڻ وارو گيت ڳائڻ شروع ڪيو. پوءِ تہ مڙني بسن مان ماڻھن ساٿس سُر ۾ سُر ملايو ۽ اھڙي طرح الوداعي دعا، آخري سلام، نيڪ خواھشون، بورنازيان جا چرچا گھپا، دريءَ مان زينوچڪا جون اليڪسيءَ کي ڪيل نصيحتون ۽ ٻيو سيڪجھ ان پراڻي گيت جي سادن ۽ پُر معنيٰ ٻولن ۾ گم ٿي ويا، جنھن گيت کي ڪيتري زماني کان وساري ڇڏيو ويو ھو، ھاڻ اھو گيت ٻيھر زنده ٿي ٻيو ھو ۽ جنھن حب الوطنيءَ جي عظيم جنگ ۾ ماڻھن جون دليون موھي وڌيون ھيون.

اھڙي طرح بسن جو قافلو روانو ٿي ويو. استروچڪوف اڃا تائين اتي ئي ويٺو ھو. سندس وردي جا بٽڻ کليل ھئا. ھو ڏاڍي جوشيلي موڊ ۾ ھو. قدرت جي حسين نظارن جي دل کولي واکاڻ ڪري رھيو ھو. ھو ڪھڙي دستي ۾ وڃي رھيو ھو؟ سا خبر ڪيس بہ ڪانہ ھئي، پر دستو ڪٽي ڪھڙو بہ ھجي، ھو ان کي پنھنجي گھر وانگر سمجھندو ھو.

ميريسئف بنھ خاموش ھو. ڪيس محسوس ٿي رھيو ھو تہ اڳيان ڪيس ڏاڍيون مشڪلاتون سامھون ايندیون ۽ ھو الاجي انھن رندڪن کي پار ڪري ب سگھندو يا نہ؟

بس مان لھندي ئي ھن ستو سرجن ميروولسڪيءَ جي آفيس جو گس ورتو. رات رھڻ جو انتظام ب ڪونہ ڪيائين. ھتي ڪيس پھرين بدقسمتيءَ جو منھن ڏسڻو پيو. سندس ھڪڙو ئي اھو خيرخواہ ھو، جيڪو ڏاڍيءَ مشڪل سان سندس طرفدار ٿيو ھو، سو ب غائب ھو. سرجن ڪنھن انتھائي ضروري ۽ تڪڙي ڪم سان ھوائي جھاز ۾ روانو ٿيو ھو ۽ ڪيترن ڏينھن تائين سندس واپسيءَ جو پڻ امڪان ڪونہ ھو. جنھن آفيسر سان اليڪسيءَ ڳالھايو ھو، تنھن چيو تہ قاعدي مطابق ھڪڙي درخواست لکي ڏي. ھو ھڪدم دريءَ وٽ درخواست لکڻ ويھي رھيو. ھن درخواست لکي واسطيدار آفيسر کي ڏني، جيڪو بندري قد جو ھڪ سنھڙو سيپڪڙو شخص ھو. ھن جون اکيون ٽڪ ۽ اوجاڳي ڪري پورجي ٿي ويون. ھن واعدو ڪيو تہ ھو پنھنجي وس آھر سندس ھرڪا مدد ڪندو ۽ ڪيس صلاح ڏنائين تہ ھو ب ڏينھن کان پوءِ وري اچي. اليڪسيءَ ڪيس ڏاڍيون منٽون ڪيون ۽ نيٺ ڪيس دڙڪا ب ڏنائين، پر وريو ڪجھ ب ڪونہ! آفيسر چيس تہ قاعدو اھو ئي آھي ۽ قاعدي جي خلاف ورزي ڪرڻ منھنجي وس کان ٻاھر آھي. واقعي، ڪنھن ب طرح تڪڙ ۾ ڪجھ ٿيڻ ممڪن ڪونہ ھو. اليڪسيءَ نيٺ ھٿيار ڦٽا ڪيا ۽ ٻانھون ڇڏي اتان اٿي ڪڙو ٿيو.

ائين ڪيس لاءِ جنگ واري شعبي جي ھڪ آفيس کان ٻيءَ آفيس تائين ڏڪا ٽاپا کائڻ وارو دور شروع ٿي چڪو ھو. سندس مشڪلاتن ۾ واڌارو ان ڪري ب ٿيو ھو جو ھو اسپتال ۾ اھڙي افراتفريءَ واري ماحول ۾ اڇي پھتو ھو جو وٽس ڪپڙن، ڪاڌي ۽ پئسن جا پروانا ب ڪونہ ھئا ۽ نہ وري اڃا تائين ھن انھن شين کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ھئي. نہ تہ وٽس ڪو موڪل جو اجازت نامو ئي ھو. توڙي جو انھن معاملن لاءِ ھڪ مھربان ۽ مددگار قسم جي آفيسر ساڻس وعدو ڪيو ھو تہ ھو ضروري ڪاغذن لاءِ سندس رجمينٽ کي ٽيليفون ڪري ڪو بندوبست ڪندو، پر ميريسئف کي چگيءَ طرح خبر ھئي تہ ان قسم جا

ڪم ڪيڏيءَ نہ سُستيءَ سان ٿيندا آھن ۽ ھن سمجھي چڏيو ھو تہ ڪجھ وقت لاءِ ڪيس بنا پئسن، بنا رھائش ۽ راشن کان سواءِ ئي ماسڪو ۾ رھڻو پوندو.

ھن اسپتال ۾ انيوتا کي فون ڪئي. انيوتا جي آواز مان لڳو ٿي تہ ھوءَ يا تہ سخت پريشان ھئي، يا وري ڏاڍي رُڏل ھئي. پر اليڪسيءَ جي اچڻ تي ھوءَ ڏاڍي خوش ٿي ۽ اصرار ڪيائين تہ ھو ڪجھ ڏينھن و تس ترسي. اھو ان ڪري وڌيڪ مناسب ھو جو ھوءَ پاڻ اسپتال ۾ رھندي ھئي. تنھن ڪري پويان ھو اڪيلو آرام سان رھي سگھيو ٿي.

سينيٽوريم مان ويندڙ ھر شخص کي پنجن ڏينھن جو سُڪو راشن ڏنو ويو ھو. تنھن ڪري غور ڪرڻ کان سواءِ ئي ميريسئف ان ڇاتل سجاتل گھر ۾ ھليو آيو. ھن در تي زور سان ٽڪ ٽڪ ڪئي. در تہ کليو، پر ايجا زنجير اٽڪيل ھئي، تنھن ڪري در اڏو گابرو مس کليو. ھڪ پوڙھيءَ عورت سوالیہ نظرن سان کيس ڏٺو ۽ پڇيائين تہ توھان کي ڪنھن سان ملڻو آھي ۽ نالو ڇا اٿئي؟ جڏھن کيس سڃي ڳالھ ٻڌايائين، تڏھن وڃي زنجير کلي ۽ ھو اندر لنگھي ويو.

"انيوتا گھر ڪانھي. ھن ٽيليفون ڪري تنھنجي باري ۾ ٻڌايو ھو. اڄ تہ توکي سندس ڪمرو ڏيکاريان." پوڙھيءَ پنھنجي جھڪيءَ نظر سان سندس چھري، وردیءَ ۽ خاص طور تي سندس ٽيلھي جو جائزو ورتو. "شايد توکي گرم پاڻيءَ جي ضرورت ھوندي. انيوتا جو گاسليٽ وارو چلھو موجود آھي، آئون توکي ان تي گرم پاڻي ڪري ٿي ڏيان." پر پوءِ پاڻي گرم ڪرڻ جي بجاءِ سڃي جڳ جھان جا قصا ٻڌي ويھي رھي. ڪنھن جو ابو مئو، ڪنھن کي ادي ڇائي. راشن جي قلت، جنگي محاذ تي جرمنن کي مليل مار، ھٽلر جو چريو ٽيٽ، پنھنجي پاڙيسرڙ اليوتينا، جيڪا مزدور نہ ھوندي بہ ڪارڊ تي راشن حاصل ڪندي ھئي ۽ خود انيوتا ۽ سندس مائٽ، مطلب تہ ھرڪا ڳالھ جا کيس ياد ھئي، پوڙھيءَ جي زبان تکي وھڪري وانگر ھلندي رھي ۽ نيٺ وڃي پوڙھيءَ کانئس پڇيو: "ڇا تون انيوتا وارو ٽينڪ مين آھين، سوويت يونين جو ھيرو؟"

"نہ، آئون ھواباز آھيان." ۽ ھو اھو ڏسي پنھنجي مرڪ مشڪل

سان ڏپائي سگھيو ته پوڙھيءَ جي رنگ بدلائيندڙ چھري تي حيراني، ڏک، بي اعتمادي ۽ ڪاوڙ گڏيل سڌيل سموريون ڪيفيتون اُپري آيون. ھن چپ ڪوڙيا ۽ ڪاوڙ مان زور سان دروازي کي بند ڪري ھلي وئي. منجھس منڊ واري خوش اخلاقي ڪانہ رھي. "ھا، جيڪر توکي گرم پاڻيءَ جي گھرج پوي ته تون پاڻ گاسليٽ واري چلھي تي گرم ڪري وٺجانءِ."

ميريسٿف ڏٺو ته سجو گھر متيءَ ۽ ڏوڙ سان ستيو پيو آھي. ائين پئي لڳو ته انيوتا اسپتال ۾ تمام گھڻي مصروف ٿي رھي ۽ ڪيس گھر لاءِ وقت ڪونہ ٿو ملي. اليڪسيءَ کي ھڪ اٽڪل سُجھي آئي. ھن سوچيو ته ھو ڪمري جي صفائي ڪري صاف ستُرو ٿي ويھي رھي ۽ جڏھن انيوتا اچي ته اچي ڏاڍي خوش ٿئي. ھن پوڙھيءَ کان منٽ ميڙ ڪري ٻھاري ۽ بالٽي ورتي ۽ پوءِ انھيءَ مھم ۾ لڳي ويو، جنھن کي صدين کان مرد حقارت سان ڏسندا آيا آھن. ڏيڊ ڪلاڪ تائين ھو ان ڪم ۾ لڳو رھيو ۽ ڪيس ان ڪم ۾ ڏاڍو مزو آيو. شام جو ھو پل تي ويو ۽ اتان تازا گل وٺي آيو ۽ انھن کي گلدستي ۾ رکيائين. ھو ٽاڪ سان آرام ڪرسيءَ تي ويھي رھيو. کيس منڊ ٽڪاوٽ محسوس ٿي. ھو وڏا وڏا ساھ کڻي کاڌي جي خوشبوءِ جو واس وٺي رھيو ھو، جيڪو پوڙھي بورچيخاني ۾ تيار ڪري رھي ھئي.

پر انيوتا ايتري ته ٽڪل گھر موٽي، جو ھن مشڪل سان سلام دعا ڪئي ۽ صوفي تي ڊگ ٽي ڪري پيئي. جڏھن ھُن ٽورو آرام ڪري ورتو ۽ ھڪ گلاس پاڻي پيتائين، تڏھن وڃي سندس اکيون کليون. ھن ٽڪل مسڪراھٽ ۽ احسانمنديءَ سان اليڪسيءَ جو ھٿ ڏپايو ۽ چيو:

"ھي سپ ڪجھ تو ڪيو آھي اليوشا..... چا تو پاڻ؟ تون ڏاڍو سٺو ڇوڪرو آھين. آئون ٻه چوان ته گريشا تنھنجي ايتري واکاڻ ڇو ٿي ڪئي؟ حالانڪ مون کي ان کان ڏاڍو ساڻ لڳندو ھو. چا توکي گريشا جي ڪا خبر آھي؟ مون کي ڪالھ سندس خط مليو آھي. تمام ننڍڙو خط آھي، چند سٽون آھن ۽ بس. ھو استالن گراد ۾ آھي. تون چا پيو سوچئين؟ ٻڌاءِ ته ھو چا پيو ڪري؟ ھو ڏاڙھي وڌائي رھيو آھي، سو ٻه ھن وقت! اتي تمام گھڻو خطرو آھي، آھي نہ؟ ڪيئن اليوشا، آھي نہ

خطرو؟ ماڻھو استالن گراڊ جي باري ۾ ڪيتريون خوفناڪ ڳالھيون ڪن ٿا.“

ھو شام کان وٺي ڪچھري ڪري رھيا ھئا. ھنن دل ۾ دٻي ۾ بند ٽيل گوشت کاڌو ۽ جيئن ته ٻيو ڪمرو بند ھو، تنھن ڪري ٻئي ھڪ ئي ڪمري ۾ سمھي پيا. انيوتا پلنگ تي سُتي ۽ اليڪسي صوفي تي. ٻئي جڳا ليتندي ئي جوانيءَ جي ننڊ ۾ غافل ٿي ويا.

اليڪسيءَ جي اک کلي ته ڪمري ۾ سج جا ڪرڻا نچي رھيا ھئا. ھو اٿي صوفي تي وينو. انيوتا وڃي چڪي ھئي. ڪيس ھڪ چٺي ملي: ”مون کي جلد اسپتال پھچڻو آھي. ميز تي چانھ رکي آھي، ڪٻٽ ۾ ماني پئي آھي، ڪنڊ ختم ٿي ويئي آھي. چنچر کان اڳ واپس ڪاڻ اچي سگھنديس ـــ انيوتا.“

انھن ڏينھن ۾ اليڪسي ڪيڏي ڪيڏي مھل کان ٻاھر نڪرندو ھو. ’وينٽي کان وڃندي چگي‘ وانگر ھن پوڙھيءَ جو گاسليٽ وارو چلھو، بجليءَ جا بٽڻ، ڪافي پيھڻ واري مشين سميت ڪيتريون ئي سنھيون ٽلھيون شيون، جيڪي خراب ٿيون پيون ھيون، ناھي ڏنيون. اھڙيءَ طرح ھن پوڙھيءَ کي خوش ڪيو ۽ سندس مڙس کي پڻ، جيڪو ھڪ عمارتي اداري ۾ ڪم ڪري رھيو ھو. آخرڪار ھي پوڙھو جوڙو ھن نتيجي تي پھتو ته خير، ٽينڪ مين ھونئن ب لاجواب ماڻھو ھوندا آھن، پر ھواباز ب ڪي انھن کان گھٽ ڪونھن. جڏھن ماڻھو کين چگيءَ طرح سجاڻي ٿو، تڏھن خبر پوي ٿي ته ھو ڏاڍا ڳڻيير، سنجيده ۽ گھر توڙي ٻاھرن سان پيار ڪرڻ وارا ھوندا آھن، توڙي جو سندن پيشو اھڙو ئي، يعني ھوائي ھوندو آھي.

آخر اھو ڏينھن ب آيو، جنھن ڏينھن کيس فيصلو ٻڌڻ لاءِ خاص شعبي ۾ وڃڻو پيو. اھا سڄي رات ھن اکين ۾ ڪاٽي. صبح جو اُٿي ڏاڙھي ناھي، ھٿ منھن ڌوئي روانو ٿي ويو. ھو بلڪل پوري وقت تي آفيس پھتو ۽ سڀ کان پھريائين ھو انتظامي شعبي جي ان ميجر جي سامھون وڃي حاضر ٿيو، جنھن کي سندس قسمت جو فيصلو ڪرڻو ھو. پھرئين نظر ۾ ھن کي اھو ميجر بنھ ڪونہ وڻيو. ھن اليڪسيءَ ڏانھن اک ڪڍي ب ڪونہ ڏٺو، جڻ ته ھن کيس ايندي ڏٺو ئي نہ ھجي. ھو

پنهنجي ڪم ۾ رُڌل هو. فائيل ڪيندو ۽ الڳ الڳ رکندو پئي ويو. هن ڪيترا ئي ٽيليفون ڪيا. ڪلرڪ چوڪريءَ کي تفصيل سان سمجهايائين ته فائلن تي نمبر ڪيئن لڳندا آهن؟ پوءِ هو ٻاهر ويو ته ڪيتري دير تائين واپس ڪونه وريو. انهيءَ سموري وچ واري عرصي ۾ ايڪسيءَ کي سندس ڊگهڙي چهري، ڊگهي نڪ، ڏاڙهي ميچون چٽ، ڏوتل ڳلن، چمڪندڙ چپن ۽ وينل پيشانيءَ (جيڪا مٿي جي گنج سان وڃي گڏي هئي) کان دلي نفرت ٿي چڪي هئي. آخر ميجر واپس آيو، وينو ۽ پنهنجي ڊائريءَ جا ورق اٽلائڻ لڳو ۽ تڏهن وڃي ايڪسيءَ ڏانهن ڏيان ڏنائين:

"چا تنهنجو مون ۾ ڪو ڪم آهي، ڪامريڊ سينيئر ليفٽيننٽ؟"

هن ڏاڍي شاندار، خود اعتماد ۽ گونجدار آواز ۾ پڇيو.

ايڪسيءَ پنهنجو سمورو احوال ڪيس ٻڌايو. ميجر ڪلرڪ کان هن جا ڪاغذ گهرايا ۽ جيستائين ڪاغذ اچن، تيستائين پاڻ ميز تي تنگون ٽيڙي ڪائيءَ سان ڏند کوٽڻ لڳو. ڪاغذ آيا ته هن جانچڻ شروع ڪيا. اوچتو هن تيزيءَ سان هٿ ورايو ۽ هڪ ڪرسيءَ ڏانهن اشارو ڪري ڪيس ويهڻ لاءِ چيو. ظاهر هو ته هو اتي پهچي چڪو هو، جتي وڌيل پيرن جو ذڪر هو. هو پڙهندو رهيو. جڏهن ختم ڪيائين، تڏهن نظر مٿي کڻي پڇيائين:

"چگو، تنهنجي ڪهڙي مرضي آهي؟ آئون تنهنجي لاءِ چا ٿو ڪري سگهان؟"

"منهنجي مرضي آهي ته مون کي ويڙهاڪ دستي ۾ شامل ڪيو وڃي."

ميجر ڪرسيءَ جي ٽيڪ سان لڳي جمي ويو. هن حيرانيءَ سان هواباز کي ڏٺو، جيڪو اڃا تائين سندس سامهون بيٺو هو ۽ هن خود ان لاءِ ڪرسي ڇڪي ويجهي ڪئي. سندس گهاتا پيرون سندس سٽيي ۽ چمڪدار نراڙ تي اڃا به ٽورو مٿي تاٽجي ويا.

"پر تون هوائي جهاز نٿو اڏائي سگهين."

"هوائي جهاز اڏائي سگهان ٿو ۽ ضرور اڏائيندس. مون کي ڪنهن سکيا واري اسڪول ۾ موڪليو وڃي." ايڪسيءَ ٻنهه رڙيون

ڪندي چيو ۽ سندس لهجي ۾ اهڙو ته ناقابلِ تسخير عزم ۽ اعتماد هو، جو ڪمري ۾ ٻين ميزن تي آفيسرن جون سوالي نگاهون ڏانهن ڪڇي ويون ته آخر هي سانورو ۽ جاننڊو جوان ليفٽيننٽ ايتري هٺ ڏرميءَ سان ڇا جو مطالبو پيو ڪري؟

ميجر ڪي يقين ٿي ويو ته سندس سامهون ٻيئل ماڻهو يا ته ڪو غير معمولي انسان آهي يا ته ڪو پاڳل. هن آڏيءَ اک سان اليڪسيءَ جي ڪاوڙ ۽ غصي ۾ ٽهڪندڙ چهري ۽ شعلا اوڳاڇيندڙ اکين کي ڏٺو ۽ لهجي ۾ انتهائي نرمي پيدا ڪري چيائين:

"پر ياءِ! ٿورو سوچ ته سهي، بنا پيرن جي ٻلا هوائي جهاز اُڏائڻ ڪيئن ممڪن ٿي سگهي ٿو؟ ۽ تنهنجي خيال ۾ اهڙو ڪمزو ماڻهو آهي، جيڪو توکي ان جي اجازت ڏيندو؟ اها ڳالهه ته اڻ ٿيڻي آهي. هن کان پهريائين ائين ڪڏهن به ڪونه ٿيو آهي."

"هن کان پهريائين ڪونه ٿيو آهي ته هاڻي ضرور ٿيندو." اليڪسيءَ ساڳئي هٺ ڏرميءَ سان چيو ۽ ڪيسي مان هڪ نوٽ بڪ ڪڍي، ان مان رسالي جو ڪٽيل صفحو ميجر جي سامهون رکيائين.

ٻين ميزن تي ويٺل آفيسرن ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو ۽ ويهي غور سان سندن ڳالهيون ٻڌڻ لڳا. انهن مان هڪ آفيسر پنهنجي ڪرسيءَ تان اٿيو ۽ ميجر وٽ ويو ۽ ماچيس گهرڻ جي بهاني اتي بيٺو رهيو. ميجر رسالي جو صفحو پڙهيو ۽ آخرڪار چيائين:

"اسان هن کي ڪا سَند نٿا تسليم ڪريون. اسان وٽ پنهنجيون هدايتون آهن. انهن هدايتن ۾ ڏاڍي سختيءَ سان وضاحت ڪيل آهي ته ڪهڙا ماڻهو هوائي فوج جي ڪهڙن شعبن لاءِ موزون ٿي سگهن ٿا؟ ۽ پن پيرن جي غائب هجڻ جي ته ڳالهه ڇڏ، پر جيڪڏهن تنهنجيون فقط ٻه آڱريون ٻه غائب هجن ها، تڏهن ٻه تون هوائي جهاز کي رڳو هٿ لڳائي ٻه نٿو سگهين. هي وٽ تنهنجي رسالي جو صفحو، هي ڪو ثبوت ڪونهي، پر پوءِ ٻه آڻون تنهنجي همت ۽ جذبي جو قدر ڪريان ٿو ۽ توکي جس ڏيان ٿو، پر....."

ميريسئف غصي ۾ ڳاڙهو ٿي ويو. هن جي دل چاهيو ته ميز تان مس ڪُپڙي ڪٽي، ميجر جي چمڪندڙ روڍ تي نڪاءُ ڪري ڇڏي، پر

هن صبر کيو ۽ ٻڌندڙ آواز ۾ چيائين:

"ٻلا هن جي باري ۾ اوهان جو چا خيال آهي؟"

ائين چئي هن پنهنجو آخري پتو ميز تي رکي ڇڏيو. هي هو پهرئين درجي جي فوجي سرجن ميروولسکيءَ جو ڏنل سرٽيفڪيٽ. ميجر ان کي شڪي انداز ۾ ڏٺو. سرٽيفڪيٽ تہ باقاعدہ ۽ باضابطا لکيل هو. ان تي ميڊيڪل ڪور جي شعبي جو ٽپو ٻہ لڳل هو ۽ ان تي اهڙي سرجن جي صحيح ٽيل هئي، جنهن جو هوائي فوج ۾ بيحد عزت ۽ قدر ڪيو ويندو هو. ميجر پروانو پڙهيو ۽ سندس لهجو وڌيڪ دوستاڻو ٿي ويو. سندس سامهون وينل ماڻهو کي پاڳل ڪونہ هو. هن غير معمولي نوجوان پيرن جي غائب ٿي وڃڻ جي باوجود ٻہ واقعي سنجيدگيءَ سان هوائي جهاز اُڏائڻ چاهيو ٿي. هو هڪ اهڙي ماهر ۽ سنجيده فوجي سرجن کي، جنهن جو تمام گهڻو اثر رسوخ هو، قائل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو هو تہ هو هوائي جهاز اُڏائي سگهي ٿو. ميجر ٽڏو ساهہ پري ميريسئف جي فائيل ٽورو پاسي تي ڪري رکيو.

"آئون تہ تنهنجي لاءِ گهڻو ڪجهہ ڪرڻ چاهيان ٿو، پر ڪجهہ ٻہ ڪري نٿو سگهان. پهرئين درجي جي فوجي سرجن جي دل ۾ جيڪو اچي، سو پلي لکي سگهي ٿو. پر اسان وٽ صاف ۽ قطعي هدايتون آهن ۽ انهن جي خلاف ورزي هرگز نہ ٿيڻ گهرجي..... جيڪڏهن آئون انهن جي خلاف ورزي ڪندس تہ ان جو جوابدار ڪير ٿيندوـــ چا فوجي سرجن؟"

ميريسئف انتهائي نفرت سان ان آسودگي پسند، خوداعتماد، مطمئن ۽ خوش اخلاق آفيسر کي ڏٺو. هن سندس بلڪل صحيح ٽهيل وردیءَ جي سفيد ڪالر کي ڏٺو، هن ان وارن سان پريل هٿن، وڏيل ۽ بدصورت منهن کي ڏٺو، آخر ڪير هن کي ڪيئن سمجهائي؟ چا هو سمجهي سگهندو؟ چا کيس خبر آهي تہ هوائي جنگ چا ٿيندي آهي؟ شايد هن سندس سموري جمار ۾ گولين هلڻ جو آواز ئي ڪونہ ٻڌو هوندو. هن پنهنجي پوري قوت سان پاڻ تي ضبط ڪندي چيو:

"تہ پوءِ هاڻي آئون چا ڪريان؟"

ميجر ڪلها لوڏيندي چيو:

"جيڪڏهن تنهنجو گهٽو اصرار آهي ته پوءِ آئون رڳو ايترو ڪري سگهان ٿو ته توکي صف بنديءَ واري ڪميشن ڏانهن موڪلي ڏيان. پر اهو توکي هينئر پڌائي ٿو ڇڏيان ته ورندئي ڪجھ به ڪونہ."

"نيڪ آهي، ته پوءِ مون کي ڪميشن ڏانهن ئي اماڻ." ڪرسيءَ تي بنھ ڪرندي اليڪسيءَ زور سان ساھ ڪنيو. پوءِ آفيس کان آفيس تائين رُلڻ جو دور شروع ٿي ويو. ٽڪ کان چور آفيسر، پنهنجي پنهنجي ڪم ۾ ڦچيءَ تائين غرق، هن جون ڳالهيون ٻڌندا هئا، حيرت ۽ همدرديءَ جو اظهار ڪندا هئا ۽ ڏاڍي بيوسيءَ مان ڪلها لوڏي ڇڏيندا هئا. واقعي هو ڪري به ڇا ٿي سگهيا؟ هنن وٽ هدايتون هيون ۽ بنھ صاف چٽيون هدايتون، جن جي منظوري اعليٰ ڪمان ڏني هئي. تنهن کان سواءِ گذريل روايتون به. هو انهن جي خلاف ورزي ڪيئن ٿي ڪري سگهيا؟ سو به تڏهن، جڏهن معاملو بنھ صاف هجي. انهن سيني کي هن اڻ ٽڪ ۽ نہ ڏهجندڙ اپاهج ماڻهوءَ سان دلي همدردي هئي..... هڪ اهڙو ماڻهو، جيڪو هر گهڙي جنگ ۾ وڙهڻ وارن جي صف ۾ وڃڻ لاءِ تڙپي رهيو هجي. انهن آفيسرن مان ڪنهن کي به همت ۽ جرئت ڪانہ پئي ٿي جو کيس سڌو سنئون انڪار ڪري ڇڏي، تنهن ڪري اهي کيس عملي جي شعبي کان صف بنديءَ جي شعبي جي هڪ هڪ ميز جو طواف ڪرائيندا رهيا ۽ هر ڪنهن مٿس رحم ڪائي ڪميشن وٽ موڪليو.

هاڻي اليڪسيءَ تي نہ ته انڪار جو اثر ٿي ٿيو ۽ نہ ئي دڙڪي داب جو، نہ وري لفظي همدردي ۽ ڪرم فرمائيءَ جو. جنهن جي به خلاف سندس روح بغاوت تي آماده ٿي ويندو هو ته ان کي جيڪو هٿ ۾ ايندو هيس، مُنهن تي ڦهڪائي ڏيندو هو ۽ کيس پنهنجو ڪجھ پاڻ تي ضابطو رکڻ جو سليقو به اچي ويو هو ۽ سندس لهجو ڪجھ صلح پسند ٿي ويو هو. جيتوڻيڪ ڪڏهن ڪڏهن کيس هڪ ڏينهن ۾ به يا ٽي پيرا انڪار ٻُڌڻو ٿي پيو، پر پوءِ ۾ هن امید جي پلاند کي هٿان نہ ڇڏيو. رسالي وارو صفحو ۽ سرٽيفڪيٽ پئي، ڏينهن رات ڪيسي ۾ ڪٽي هلڻ ڪري اهي هنڌ هنڌ تان ڦاٽڻ لگا هئا، تنهن ڪري متن سنهو ڪاغذ چپڪائڻو پيو هو.

سندس آفيسن ۾ رُلڻ واريون سختيون ان کري به ويتر وڌيڪ خطرناڪ ٿيندیون پئي ويون، جو هڪ طرف ته هو رجمينٽ جي جواب جو انتظار کري رهيو هو ۽ ٻئي طرف کاڏي، کپڙي ۽ پئسن جي سرٽيفڪيٽ کان محروم هو. سينيٽوريم جيڪو کاڏي پيتي جو سامان ڏنو هيس، سو ته ڪڏهوڪو ختم ٿي چڪو هو. انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ ڪونهي ته انيوتا جي گهر ۾ رهندڙ پوڙها زال مڙس، جن سان هاڻ سندس ويجهڙائپ ٿي وئي هئي، جڏهن ڏسندا هئا ته هو هاڻ رڏو پڪو نٽو کري ته زوريءَ کيس پاڻ سان گڏي ويهاري ماني کارائيندا هئا، پر کيس اها ٻہ خبر هئي ته هي پوڙهو جوڙو درين جي ڇانوَ ۾ زمين جي هڪ تختي تي کيئن نہ رت ۽ پگهر هڪ کري ڇڏيندو هو. هن کي خبر هئي ته هڪ گجر ۽ هڪڙو بصر سندن لاءِ کيترو نہ قيمتي هو. هو صبح جو سندن راشن واري مانيءَ مان ائين حصا پتيون ڪندا هئا، جيئن ننڍڙا ٻار ڪنهن شيءِ جا حصا کري ورهائي کائيندا آهن. تنهن کري هن ڪوڙ کري چيو ته وٽانئس کاڏي پڇائڻ جي تڪليف نٿي ٿئي، تنهن کري هو آفيسرن جي کاڏي واري کمري مان ماني کائي ايندو آهي.

چنچر آيو- يعني اهو ڏينهن، جڏهن انيوتا کي موڪل ملڻي هئي. ان کان اڳ واري سڄي عرصي دوران هو انيوتا کي فون تي پنهنجي غير اطمينان بخش حالات جي رپورٽ ٻڌائيندو رهندو هو. ان ڏينهن هن آخري قدم کنيو. سندس ٽيلهي ۾ پٽس جي چانديءَ جي پراڻي سگريٽن جي ڊبي پيل هئي. ان تي هڪ گهوڙا گاڏيءَ جا کارا نقش اُکريل هئا، جنهن کي ٽي ڊوڙندڙ گهوڙا ڇڪي رهيا هئا. مٿس لکيل هو:

"تنهنجي شاديءَ جي 25 هين سالگره جي موقعي تي تنهنجي دوستن طرفان سوکڙي." اليڪسي سگريٽ کونہ پيئندو هو، پر سندس ماءُ خاندان جي هيءَ قيمتي يادگار محاذ تي وڃڻ وقت سندس کيسي ۾ وجهي ڇڏي هئي ۽ هن هميشہ ان اڻ ملهہ شيءِ کي پاڻ سان گڏ رکيو هو. جڏهن هو جهاز ۾ چڙهي اڏامندو هو، تڏهن هو سڀ سوڻ خاطر هيءَ ڊبي پنهنجي کيسي ۾ رکندو هو. هن اها سگريٽن جي ڊبي سامان مان

ڪيي ۽ ڪپاڙيءَ جي دوڪان تي ويو.

هڪ سندڙيءَ عورت، جنهن مان فنائل جي گورين جي بوءِ پئي آئي، چيو تہ عبارت لکيل شيءِ وڪري جي لاءِ ڪانہ ونبي آهي.

"پر مون کي ان عيوض ڪا وڏي رقم ڪانہ ڪپي. توکي جيڪو وٽي، سو ڪٽي ڏي." اليڪسيءَ چيو.

"نہ نہ ڪامريڊ! تنهن کان سواءِ تنهنجي اجا ايتري عمر ئي ڪانهي جو تون پنهنجي شاديءَ جي 25هين سالگره تي اهو تحفو قبول ڪرين." ان عورت اليڪسيءَ کي پيرن کان وٺي مٿي تائين گهوري جانچيو ۽ ڏاڍي رُکي لهجي ۾ اهو اظهار ڪيو.

اليڪسيءَ جو چهرو ڪاوڙ ۽ غصي مان تپي ڳاڙهو ٿي ويو. هن ڏهي ڪنئي ۽ ٻاهر نڪري ويو. ڪنهن سندس ٻانهن کان جهليو ۽ هن سندس ڪن جي ويجهو شراب ۾ ٻڏل ساهہ جي گرمي محسوس ڪئي.

"ڏهي ڏاڍي خوبصورت ۽ سهڻي آهي. تو ڇا چيو تہ سستي بہ آهي؟" ان بدصورت شخص پڇيو، جنهن جون ڏاڙهي مڇون ڪُوڙيل هيون. سندس نڪ ڏگهو ۽ نيرو هو. هن پنهنجو ڏکندڙ هٿ ڏهيءَ ڏانهن وڌايو ۽ چيو: "زبردست، حب الوطنيءَ جي جنگ جي هڪ هيرو جي اعزاز ۾ تحفو. آئون توکي ان جي عيوض پنج سرمائي نوٽ ڏينندس."

هن پنج سئو روبل جا نوٽ ورتا ۽ ڪپاڙ خاني مان نڪري آيو. هن ويجهي بازار مان گوشت، چرٻي، مانيءَ، بصر، پٽاٽا، ويڳر ۽ مصالحو ورتو، سامان سان سڄي گهر پهتو.

"مون ٻيهر پنهنجو راشن ونڊ ۽ خود پچائڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ڪاڏي جي ڪمري ۾ هو ڏاڍو خراب ڪاڏو ڪارائين ٿا." هن سامان ميز تي رکندي پوڙهي زال مڙس سان ٻيو ٻيرو ڪوڙ ڳالهايو.

شام جو بهترين ڪاڏو انيوتا جو انتظار ڪري رهيو هو. جڏهن هوءَ آئي تہ ٽڪ کان بنهہ چور ۽ سڄي هيڏي ٿي ويئي هئي. هن زبردستيءَ پاڻ کي گهلي هٽ منهن ڏوتو ۽ ڪپڙا بدلايا. هنن گڏجي مانيءَ ڪاڏي ۽ پوءِ آرام ڪرسيءَ تي ويني ويني ئي انيوتا نند ۾ غلطان ٿي ويئي. هن جيليءَ جو بہ انتظار ڪونہ ڪيو، جيڪا نلڪيءَ جي هينان ٽڏي ٿي رهي هئي.

ڪجھ دير کان پوءِ انيوتا جي اک کلي ۽ سيني جيليءَ جي هڪڙي پليٽ چٽ ڪئي. پوءِ ڪچهري شروع ٿي وئي. هنن هر هڪ موضوع تي ڳالهايو ۽ خوب ڳالهايو. جڏ تہ منجهن ڪو معاهدو ٿيو هو، جنهن تحت هنن گووزديف ۽ ميريسئف متعلق ڪونہ ڳالهايو. باقي هر شيءِ بابت ڳالهايائون. پوءِ ٻنهي سمهڻ جي تياري ڪئي. انيوتا ٻاهر نڪري وئي ۽ اليڪسيءَ جي نقلي پيرن جي پٽ تي ڪرڻ جو انتظار ڪرڻ لڳي. پوءِ هن بتي وسائي، ڪپڙا بدلايا ۽ هنڌ ۾ گهڙي ويئي. ڪمري ۾ اونداهي هئي. ٻئي خاموش هئا، پر چادر جي سُرسَراهٽ ۽ پلنگ جي اسپرنگن جي چيڪٽ مان ظاهر هو تہ هو ٻئي جاڳي رهيا هئا. نيٺ انيوتا پڇيو:

"چا تون ستو پيو آهين اليوشا؟"

"نہ."

"سوچين پيو."

"ها، ۽ تون؟"

"آئون پڻ سوچيان پئي."

ٻئي خاموش ٿي ويا. ٻنهي جون اکيون کلي پيون هيون ۽ ننڊ جو ويجهڑائيءَ ۾ ڪو ڏس پتو ڪونہ هو.

..... اُن ڏينهن اليڪسيءَ انيوتا کي پنهنجي بيڪار رُلڻ ڦرڻ متعلق ڪجھ ڪونہ ٻڌايو هو، پر پوءِ بہ هن تاڙي ورتو هو تہ معاملو مڙيئي ڏڏي ۾ پئجي ويو آهي ۽ شايد هاڻي هن جو بي پناهہ جذبو مايوسين کان شڪست کائي جواب ڏيڻ لڳو آهي. سندس اندر عورت جي دل کيس ٻڌايو تہ هو ماڻهو ڪيڏي نہ اذيت، درد ۽ پيڙا پوڳي رهيو آهي ۽ ان دل کيس اهو بہ ٻڌايو تہ ڏک چاهي ان تي ڪيڏو بہ ستم ڪري رهيو هجي، پر همدرديءَ جو هڪ لفظ بہ هن جي اذيت ۾ ويتر اضافو ڪري ڇڏيندو ۽ ڪنهن بہ قسم جي تسڪين ۽ دلاسو کيس اڃا وڌيڪ صدمو پهچائيندو.

ٻئي طرف هو ٻئي هٿ متي هيٺان رکيو ليٽيو پيو هو ۽ ان حسين ڇوڪريءَ جي باري ۾ سوچي رهيو هو، جيڪا سندس بستري کان صرف چند قدم پريان ستي پئي هئي. هوءَ سندس دوست جي محبوبا ۽ هڪ

بهترين ساڻي هئي. هو فقط ٻه چار قدم ڪٽي ان چوڪريءَ وٽ پهچي سگهيو ٿي. پر دنيا جي ڪابه طاقت ڪيس اهي چند قدم ڪٽڻ لاءِ تيار ڪري نٿي سگهي، جيئن اها چوڪريٰ به ائين نٿي ڪري سگهي. ان چوڪريءَ کي هو تمام گهٽ سڃاڻندو هو، جنهن ڪيس پناه ڏني هئي. پر هو ان کي پنهنجي ٻيڙ سمجهندو هو. شايد ميجر استروچڪوف ٻڌي ته ڪر مٿانئس مسخري ڪري ۽ مٿس اعتبار ئي نه ڪري، پر ڪيس ڪهڙي خبر ته انيوتا ڪهڙي نه سٽي چوڪري آهي. ويچاري ڪيترو نه ٽڪجيو پوي ٿي، پر پوءِ به اسپتال جي ڪم ۾ ڪيڏو نه جوش۽ جذبو ڏيکاري ٿي.

"اليوشا!" انيوتا آهستي آهستي پڇيو.

اليڪسي صوفي تي سُتو پيو هو. انيوتا پنهنجي هنڌ تان اٿي ۽ اگهاڙن پيرن سان آهستي آهستي قدم ڪٽندي هن وٽ پهتي. هن جو وهاٽو ٽيڪ ڪيو ۽ مٿانئس ڪمبل ناهي وڌو. ■

[7]

ڪميشن سپ کان اڳ ۾ اليڪسيءَ کي گهرايو. تمام ٿلهو متارو فوجي سرجن، جيڪو پنهنجي مهم تان واپس اچي چڪو هو، وري به ڪميشن جي صدارت ڪري رهيو هو. هن اليڪسيءَ کي هڪدم سڃاڻي ورتو ۽ سندس استقبال لاءِ اٿي بيٺو.

"هو توکي نٿا ڪٽن نه؟" هن محبت ۽ همدرديءَ ڀري لهجي ۾ چيو.

"ها، تنهنجو معاملو ئي ڪجهه ڏکيو آهي. توکي قانون جون سموريون ديوارون اورانگهٽيون پونديون. تنهنجو مسئلو اَڪ مان ماکي لاهڻ مثل ناهي، پر ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي."

ڪميشن اليڪسيءَ جي چڪاس ڪانه ڪئي. فوجي سرجن سندس درخواست تي ڳاڙهي مس سان لکيو ته "عملي جو شعبو ـــ هن نوجوان کي آزمائشي سڪيا اسڪول ۾ موڪليو وڃي.

ان ڪاغذ سميت اليڪسئي سڌو عملي واري شعبي جي اعليٰ عملدار وٽ پهتو. پر ڪيس جنرل سان ملڻ نه ڏنو ويو. هو بنهه باهه ٿي ويو. جنرل جو نائب هڪ ڪارين مڇن وارو نوجوان، قد

ڪاڻيءَ ۾ سھڻي جسم جوھڪ ڪيپٽن ھو، جنھن جو چھرو ايترو تہ دوستاڻو، خوش مزاجيءَ سان پريل ۾ ٻاجھارو ھو جو ايڪسي سنڈس ميز جي سامھون ويھي رھيو. ھن ان ڪيپٽن کي سڃي ماجرا ڪري ٻڌائي. جڏھن ھن کيس اھو ٻڌايو تہ ڪيئن نہ ھڪ آفيس کان ٻيءَ تائين رُلايو ويو آھي، تڏھن ھو تپي باھہ ٿي ويو.

"شيطان ڪتي جا! توکي ائين دربدر ڪرڻ جو کين ڪوبہ حق ڪونہ ھو. تون بنھہ لاجواب ماڻھو آھين. واقعي آئورہ پنھنجي جذبات جو اظھار ڪري نٿو سگھان. تون بنھہ مختلف ماڻھو آھين..... پر بھرحال، ھو بہ حق تي ھئا. ڏس! بنا پيرن وارو ماڻھو تہ ھوائي جھاز نٿو اڏائي سگھي نہ."

"ليڪن بنا پيرن وارو ماڻھو ھوائي جھاز اڏائي سگھي ٿو. ٿورو ھن کي تہ ڏسجو." ۽ ميريسئف کيس رسالي جي ڪتنگ، فوجي سرجن جي راءِ ۽ اھو ڪاغذ ڏيکاريو، جنھن ۾ کيس عملي جي شعبي ۾ وڃڻ جي ھدايت ڪئي وئي ھئي. "پر تون بنا پيرن جي ھوائي جھاز ڪيئن اڏائيندين؟ تون ڏاڍو پرلطف ماڻھو آھين. توکي ھيءَ چوٽي تہ ياد ھوندي تہ پيرن بنا ماڻھو نچي نٿو سگھي."

ٻيو ڪير ائين چوي ھا تہ يقيناً ايڪسيءَ کي اھا ڳالھہ ڏاڍي ڏکي لڳي ھا ۽ ھو تپي باھہ ٿي وڃي ھا ۽ ڪا نہ ڪا خراب ڳالھہ ڪري وجھي ھا، پر چاڪاڻ تہ ڪيپٽن جو چھرو نيڪ دليءَ سان اھڙي طرح چمڪي رھيو ھو جو ايڪسي ٽپ ڏيئي اٿي بيٺو ۽ چوڪراٽي حجت مان چيائين: "توھان اھو ناچ ڪڏھن بہ ڪونہ ڏٺو آھي؟ تہ چگو، ھاٽي ئي ڏسو." ۽ انھن لفظن سان ئي ھن آڏر ياءُ واري ڪمري ۾ سموريءَ وحشت سان نچڻ شروع ڪري ڏنو.

ڪجھہ دير تہ ڪيپٽن بت بنجي کيس ڏسندو رھيو ۽ پوءِ ٽپ ڏيئي اٿيو ۽ ھڪ لفظ بہ ڳالھائڻ کان سواءِ ھن ايڪسيءَ جا ڪاغذ کنيا ۽ اعليٰ عملدار جي آفيس ۾ غائب ٿي ويو. گھڻيءَ دير کان پوءِ، ڪافي بحث مباحثي بعد ھو ڏاڍو خوش، مسڪرائيندو باھر نڪتو ۽ چيائين:

"ظاھر آھي تہ جنرل ھوابازن جي ٽولي ۾ توکي شامل ڪرڻ جي تہ ڳالھہ پڌڻ لاءِ تيار ئي ڪونہ ھو. پر ڏس تہ سھي ڇا لکيو اٿس: 'پگھار

يا راشن ۾ ڪنهن کات ڪوٽ کان سواءِ ئي درخواست ڪندڙ کي هوائي اڈي جي انتظامي بٽيلن ۾ خدمتون سرانجام ڏيڻ تي مامور ڪيو وڃي. ' سمجھيئي؟ بنا ڪنهن کات ڪوٽ جي.....“

ڪيپٽن اهو ڏسي حيران ٿي ويو ته مسرت جي بدران ايڪسيءَ جي چهري تي ڪاوڙ ۽ غصي جي آڳ پڙڪڻ لڳي.

”انتظامي بٽالين! ڪڏهن بہ نہ.“ هن وڌي دانهون ڪيون. ”ڇا توهان کي ڳالھ سمجھ ۾ نٿي اچي؟ آئون پگھار ۽ راشن لاءِ پريشان ڪونہ آهيان. آئون هواباز آهيان ۽ آئون هوا ۾ پرواز ڪرڻ چاهيان ٿو. آئون وڙهڻ چاهيان ٿو.....! ماڻهو اها ڳالھ جو نٿا سمجھن؟ انهن کان وڌ ڪهڙن سادن لفظن ۾ آئون توهان کي سمجھايان.....؟“

ڪيپٽن گھبرائجي ويو. واقعي هي ماڻهو عجيب ۽ غريب هو. ڪير ٻيو هجي ها تہ ان ڳالھ تي خوشيءَ مان ٽپ ڏئي ها..... پر هي ماڻهو! بنھ ڪو چريو آهي. پر ڪيپٽن کي هي چريو ماڻهو ڏاڍو وڻڻ لڳو. هو دل وجان سان هن سان همدردي محسوس ڪري رهيو هو ۽ هن مصيبت ۾ سندس مدد ڪرڻ پئي چاهيائين. اوچتو کيس هڪ ڳالھ سُجھي. هن ايڪسيءَ کي اک ڇڪي ۽ اعليٰ عملدار جي آفيس ۾ ڪليل در ڏانهن آگر سان اشارو ڪري چيائين: ”جنرل جي وس ۾ جيڪو ڪجھ هو، سو هن ڪيو. هاڻي هن جي اختيار ۾ ٻيو وڌيڪ ڪجھ بہ ڪونهي. اها ڳالھ آئون پنهنجي عزت جو قسم کڻي ڪريان ٿو. جيڪڏهن هن تنهنجي مقرري هوابازن جي عملي ۾ ڪئي تہ ماڻهو خود هن کي ئي پاڳل سمجھندا. تون سڏو اسان جي اعليٰ ترين عملدار وٽ هليو وڃ. فقط اهو ئي تنهنجي مدد ڪري سگھي ٿو.

ايڪسيءَ جي ان نئين دوست سندس لاءِ هڪ پاس حاصل ڪئي ۽ اٽڪل اڌ ڪلاڪ کان پوءِ ايڪسي اعليٰ ترين عملدار جي آفيس جي غاليچي سان ڊڪيل فرش تي بيقراريءَ سان اڇ وڇ ڪري رهيو هو. هُن هِن باري ۾ پهرين ڇو ڪونہ سوچيو؟ بيشڪ اها ئي جاءِ آهي، جتي کيس پئي هنڌ وقت کوٽي ڪرڻ کان سواءِ ئي هليو اچڻ کپي ها. هاڻي هار يا جيت جي سڏي سنئين بازي هئي.

اڄ ڪيترن ڳالھيون صفا، پوءِ تون ڪٽين يا مان ڪٽان..... ڇيو

وڃي ٿو تہ اعليٰ ترين عملدار پاڻ بہ پنھنجي زماني جو مشھور ھواباز رھي چڪو آھي. ھو ضرور منھنجي ڳالھ سمجھي سگھندو. ھو ھڪ جنگي ھواباز کي انتظامي بتالين ۾ ڪونہ موڪليندو."

ڪيترا ئي جنرل ۽ ڪرنل آڏرياڻ واري ڪمري ۾ وينا آھستي آھستي ڳالھائي رھيا ھئا. 'ڪي' جيڪي ڪجھ گھپرايل گھپرايل ٿي لڳا، تن وري زور زور سان ڪش پئي ھنيا. سينيئر ليفٽيننٽ پنھنجي عجيب وغريب ڏڪي واري چال سان ھيڏانھن ھوڏانھن رڙھي رھيو ھو. جڏھن سپ ملاقاتي ھليا ويا ۽ ميريسئف جو وارو آيو تہ ھو تيزيءَ سان ميز ڏانھن وڌيو، جنھن وٽ گول گول چھري وارو ميجر وات ڦاڙيو ويٺو ھو.

"ڇا تون پاڻ اعليٰ ترين عملدار سان ملڻ چاھين ٿو ڪامريڊ سينيئر ليفٽيننٽ؟" ميجر پڇيو.

"ھا، مون کي ساڻس ھڪ انتھائي اھم ۽ ذاتي ڪم آھي."

"شايد توھان مون کي اڳواٽ ان باري ۾ ڪجھ ٻڌايو ھو. ڪرسي سيري وٺو. ويھو! ڇا توھان سگريٽ ڇڪيندا آھيو؟" ۽ ھن ميريسئف ڏانھن سگريٽ وڌايو.

اليڪسي سگريٽ پيئندو تہ ڪونہ ھو، پر ڪنھن سبب ھن سگريٽ ورتو ۽ پنھنجي آڱرين جي وچ ۾ ڪيس چيپاٽي ميز تي رکيو ۽ پنھنجي مصيبتن جي ڪھاڻي ڇيڙي ويھي رھيو، جھڙي طرح ھن ڪيپٽن اڳيان پنھنجو قصو بيان ڪيو ھو. ميجر سندس ڪھاڻي ٻڌي. ھن ۾ خوش اخلاقيءَ جو ايترو جذبو ڪونہ ھو، جيتري منجھس ھمدردي ۽ دوستاٽو لحاظ ھو. ھن رسالي جي ڪتنگ ڏني ۽ پھرئين درجي جي فوجي سرجن جي راءِ پڙھي. سندس ھمدردي ميريسئف جي ايتري تہ ھمت وڌائي جو ھن چاھيو تہ ھو نچڻ جي صلاحيت جو مظاھرو ڪري ڏيکاري ۽ ..... عين اوڏي مھل سمورو معاملو ڦڏي ۾ پئجي ويو. ڇو تہ بلڪل انھيءَ گھڙيءَ آفيس جو دروازو زور سان کليو، ھڪ ڊگھو ۽ سنھڙو آفيسر ٻاھر نڪتو، جنھن جا وارا ڪانگ جھڙا ڪارا ھئا. اليڪسي ھڪدم ڪيس سڃاڻي ورتو. ھن سندس تصوير ڏني ھئي، ھو پنھنجي ڊگھي ڪوٽ جا بٽن لڳائيندي ھڪ جنرل کي ڪجھ چئي

رهيو هو، جيڪو سندس پٽيان پئي آيو. هو ايتري قدر تہ پريشان هو جو هن ايڪسيءَ کي ب ڪونہ ڏٺو.

هن پنهنجي گهڙي ڏسندي ميجر کي چيو تہ: "آئون ڪريملن وڃان پيو. ڇهين وڳي استالن گراد وڃڻ لاءِ هوائي جهاز جو حڪم جاري ڪر. ويرخنايا پوگرومنايا ۾ جهاز لهندو." اهي لفظ چئي، هو اهڙي تيزيءَ سان غائب ٿي ويو، جهڙي تيزيءَ سان آيو هو.

ميجر هڪدم هوائي جهاز جو حڪم ڏنو ۽ ڪيس ياد آيو تہ ميريسئف ڪمري ۾ ئي موجود آهي. هن معافي ونڊي چيو: "تنهنجي تہ ڪا قسمت ئي ڦٽل آهي. اسين وڃون پيا. توکي پيهر اچڻو پوندو. ڇا تنهنجي رهڻ جو ڪو بندوبست آهي؟"

ان غير معمولي مهمان جي سانوري چهري تي، جنهن مان چند گهڙيون پهرين عزم ۽ قوت ارادي جهلڪي رهي هئي، ان تي هڪدم ايتري تہ مايوسي ۽ ٿڪاوٽ ڇانئجي ويئي جو ميجر کي پنهنجي راءِ بدلائڻي پئي.

"چگو چگو..... مون کي خبر آهي تہ اعليٰ ترين عملدار ب اهو ئي ڪجھ ڪري ها."

ائين چئي هن هڪ سرڪاري ڪاغذ تي ڪجھ سٽون لکيون ۽ ڪاغذ کي لفافي ۾ وڌو ۽ ان تي پتو لکيو:

"عملي جي شعبي جي اعليٰ ترين عملدار جي نالي."

هن لفافو ميريسئف کي هٿ ۾ ڏنو ۽ ساڻس هٿ ملائيندي چيو: "آئون دل و جان سان تنهنجي ڪاميابي ڏسڻ چاهيان ٿو."

ان چنيءَ ۾ لکيل هو: "سينيئر ليفٽيننٽ ميريسئف اعليٰ ترين عملدار سان ملايو آهي. هن تي پورو پورو توجھ ڏنو وڃي. ڪيس هوابازن جي صفن ۾ واپس وڃڻ ۾ سندس هر ممڪن مدد ڪئي وڃي."

هڪ ڪلاڪ کان پوءِ ننڍين مڇن واري ڪيپٽن ايڪسيءَ کي پنهنجي اعليٰ ترين عملدار جي ڪمري ۾ پهچايو. پوڙهو جنرل تمام ٿلهو متارو ٿي لڳو. هن چني پڙهي ۽ وڌو ٽهڪ ڏنو. "تہ تون هتان ب ٿي آئين؟ ايترو آئون ضرور چوندس تہ تون ڏاڍو تيز ماڻهو آهين. تون اهو ئي آهين نہ جيڪو ان ڪري باهوڙجي ويو هئي، جو جو مون توکي

انتظامي بٽالين ۾ موڪليو هو." ۽ ٿڪ ڏيئي ڪلڻ لڳو. هو ڪلندي ۽ ٿڪ ڏيندي ڳالهائي رهيو هو: "نوجوان! تون ڏاڍو سٺو چوڪر آهين. آئون جاڻان ٿو ته تون پڪو هواباز آهين. تون انتظامي بٽالين ۾ وڃڻ نٿو چاهين. اها ڳالهه توکي ڏکي لڳي— آهي نه ائين.....؟ ڪهڙي ڏچي ۾ پئجي ويو آهيان؟ نڇڻ وارا نوجوان، پلا ٻڌاءِ ته آئون توکي چا ڪريان؟ تون بنهه مرڻ مارڻ لاءِ تيار آهين، پر جيڪڏهن آئون توکي بحال ڪريان ته پوءِ مٿيان همراه وري بحاليءَ جي سزا ۾ مون کي پوڙهو خطبي چئي منهنجي ڳچيءَ ۾ هٿ وجهندا. پر ڪهڙي خبر تون چا ڪري ويهين؟ هن جنگ ۾ اسان جي نوجوانن ان کان به وڌيڪ وڏا وڏا ڪارناما سرانجام ڏنا آهن ۽ دنيا کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو آهي..... ڪٽ ته تنهنجا ڪاغذ ڏسان."

اهو چئي جنرل بي پرواهيءَ سان ايري سيري صورتخطيءَ ۾ مشڪل سان لفظن کي مڪمل ڪندي ڪاغذ تي لکيو: "اميدوار کي سڪيا واري اسڪول ۾ موڪليو وڃي." اليڪسيءَ ڏڪندڙ هٿن سان ڪاغذ ورتا ۽ ان ٻيني ٻيني تحرير پڙهي ۽ پوءِ چاڙهيءَ تان لهندي پير پڙهيائين ۽ پوءِ هيٺ، جتي سپاهي تلاشي وٺندو هو، اتي پڙهيائين. پوءِ ٽرام ۾ هلندي پڙهيائين ۽ آخر ۾ رستي تي هلندي مينهن وسندي پڙهيائين. دنيا ۾ هو واحد شخص هو، جيڪو انهن ڇڪي تاڻي لکيل لفظن جو مقصد سمجهي سگهيو ٿي ۽ انهن جي قدر وقميت کان واقف هو.

ان ڏينهن اليڪسي خوشيءَ وچان پنهنجي گهڙي وکٽي ڇڏي، جيڪا ڪيس ڊويزنل ڪمانڊر سوکڙي طور ڏني هئي. انهن پئسن مان هن قسمين قسمين ڪاڏي جون شيون ورتيون ۽ شراب جي بوتل به. هن انيوتا کي فون ڪري منٽ ڪئي ته هوءَ ڪنهن به طرح پن ڪلاڪن جي موڪل وٺي اچي. هن پوڙهي زال مڙس کي پڙ دعوت ڏني ۽ پنهنجي عظيم الشان فتح جي خوشيءَ جو جشن ملهائڻ جو انتظام ڪيو. ■

[8]

ماسڪو جي ويجهو، هڪ هوائي اڈي جي بنهه قريب هي سڪيا وارو اسڪول هو ۽ انهن پريشان ڪندڙ ڏينهن ۾ بنهه مصروف هو.

استالن گراڊ جي لڙائيءَ ۾ هوائي فوج مکيہ ڪردار ادا ڪري رهي هئي. والگا جي انهيءَ مضبوط قلعي جو آسمان، جيڪو هميشہ ڏندلو ۽ شعلن ۽ ڏماکن جي دونهن سان پريل هوندو هو، سو هينئر اٽڪ فضائي ٽڪراءَ جو مرڪز هو. هي ٽڪراءَ باضابطہ جنگين جي صورت اختيار ڪري وئندا هئا. پنهي طرفن ڏاڍو نقصان پئي ٿيو. استالن گراڊ کي گهٽي کان گهٽن هوابازن جي ضرورت هئي..... تنهن ڪري جنگ جي لاءِ هوابازيءَ جي سکيا وارو اسڪول رات ڏينهن ڪم ڪندو هو، جتي اسپتال مان ايندڙ هوابازن ۽ عام هوابازن کي نئين سر تربيت ڏني ويندي هئي. سکيا وارا هوائي جهاز ڏکهين سنهڙين مکين وانگر ٽي لڳا ۽ جٽن جا جٿا، ننڍا توڙي وڏا هوائي جهاز هوائي اڏي مٿان ائين پيا لامارا ڏيندا هئا، جيئن بورچيخاني ۾ مکيون پيون اڏامنديون آهن.

اسڪول جو چيف استاف (عملي جو مهندار) هڪ ننڍي قد جو ڏٽو مُنو شخص هو. هو ڳاڙهي چهري وارو ڏڙتيلو ليفٽيننٽ ڪرنل هو. هن جا ننڍاکڙا نيٺ ڳاڙها پئي لڳا. هن غصي پريل نظرن سان ميريسئف کي ڏٺو، جڏ چوندو هجي تہ: "توکي هتي ڪهڙي مصيبت ڇڪي وڻي آئي؟ هونئن بہ اسان وٽ ڪو ٿورو ڪم اڃ ۾ آهي." هن اليڪسيءَ کان ڪاغذ ڦري ورتا.

"هي شخص ضرور منهنجي پيرن تي اعتراض ڪندو ۽ مون کي ڊوڙائي ڇڏيندو." ميريسئف ليفٽيننٽ ڪرنل جي ٻُڇي ڏاڙهي ڏسندي سوچيو. ليڪن عين ان گهڙيءَ ڪرنل کي ہيڪاندا فون آيا. هن هڪ آواز جهٽڪو ڪنڌ ۽ ڪلهي ۾ اٽڪائي ڪن سان لڳايو ۽ پئي آواز جهٽڪي ۾ بيزاريءَ مان ڳالهائڻ لڳو ۽ گڏوگڏ اليڪسيءَ جا ڪاغذ بہ پئي ڏٺائين. ظاهر آهي تہ هن صرف جنرل جو لکيل حڪم پڙهيو، چو تہ هن هڪدم ان تحرير جي هينيان لکيو: "ليفٽيننٽ نائوموف، ٽيون سکيا وارو دستو شامل ڪيو وڃي." پوءِ پئي آواز جهٽڪا رکندي ٽڪل آواز ۾ پڇيائين:

"چا تو وٽ ڪپڙن ۽ ڪاڌي جو پروانو آهي؟ ڪونهي؟ مون کي خبر آهي تہ تون چا چوندين. اسپتال ۾ وقت ڪونہ مليو، ائين نہ؟ پر آءٌ

توکي کاڏو ڪٿان ڏيندس؟ هڪدم درخواست لک. پر پرواني کان سواءِ آئون اڳيان وڃڻ ڪونہ ڏيندو سانءِ."

"ٺيڪ آهي، آئون اجھو ٿو لکيو وڃان." ميريسئف خوش ٿي سلام ڪندي چيو. "آئون پلي وڃان؟"

"ها، پلي وڃ." ليفٽيننٽ ڪرنل بي پرواهيءَ سان چيو. هڪدم هن رڙ ڪئي: "بيهي رهو! هي چا آهي؟ هن هڪ ڳري لکڻ ڏانهن اشارو ڪندي پڇيو، جنهن تي سونهري نقش ايريل هڻا ۽ جيڪو واسيلي واسيلي وڃ جي سوکڙي هو. جڏهن اليڪسي ڪمري مان ٻاهر ٿي نڪتو تہ خوشيءَ ۾ ڪائنس لکڻ وسري ويو، جيڪو ڪنڌ ۾ رکيو هئائين. "هي چا آهي؟ هن کي اڇلائي ڇڏ. ماڻهو سمجھندا تہ هي فوجي دستو نہ پر ڪو خانہ بدوشن جو لڏو آهي. بانڌو، لکڻ يا چھبڪ!..... پوءِ وري تون پنھنجي ڳچيءَ ۾ تعويذ ٻڌيو پيو هلندين ۽ ڪاڪ پٽ ۾ ڪاري پلي ويھاريو ويٺو هوندين. مون کي وري هيءَ لعنت نہ ڏيکارجانءِ. چيڪرو ڪٿي ٿو."

"بلڪل ٺيڪ آهي ڪامريڊ ليفٽيننٽ ڪرنل!"

اليڪسيءَ کي خبر هئي تہ اڄا اڳيان تمام گھٽيون رندڪون آهن. اسڪول ۾ ھميشہ اڇڻ وڃڻ وارن جي قطار لڳي پئي هوندي هئي، تنهن ڪري کاڏو ان يورو هوندو هو. سکيا ونڊڻ سپاهي هڪ وقت جو کاڏو کائي، پئي وقت جي فڪر ۾ لڳي ويندا هئا. سڄو اسڪول پريو پيو هو. ان عمارت ۾، جتي ٽئين جٿي وارا ترسيل هئا. ٻاڦ واري لائين ڦاٽي پيئي هئي، تنهن ڪري غضب جي ٺڏ هئي. ٻھرين رات تہ اليڪسي سڄي رات هڪ ڪمبل ۽ چمڙي جي ڪوٽ ۾ ڏڪندو رهيو..... پر اُنهن سمورين افراتفرين ۽ تڪليفن جي باوجود بہ اليڪسي پاڻ کي ان مڇيءَ وانگر محسوس ڪري رهيو هو، جيڪا واريءَ تي پئي پساھ ڇڏي رهي هجي، پر اوچتو کا ساموندي لھر آئي هجي ۽ کيس گھلي سمنڊ ۾ ڪڍي وئي هجي. کيس هتي جي هر شيءِ پسند هئي. هي عارضي قيام کيس يقين ڏياري رهيو هو تہ سندس منزل بنھ قريب پھچي چڪي آهي.

جاتل سجاتل ماحول، خوش پوش ماڻهو، جن جو هو عادي هو. اها

ئي فضا، هوائي جهاز جي پيٽرول جي مني ۾ تيز خوشبو ۽ ٻڏل ۽ اڏامندڙ هوائي جهازن جي گونج ۾ ڏڙڪندڙ فضا. ميريسئف هڪدم ٻهڪي ويو. سندس زنده دلي ۽ ريجهالپٽي، جيڪا هوابازن جي خصوصيت هوندي آهي، واپس موٽي آئي. حالانڪ ائين پئي لڳو ته اهي خوبيون و تائثس هميشه جي لاءِ موڪلائي ويون آهن. هو آڪڙجي هلندو هو. پاڻ کان گهٽ عهدي وارن جي سلام جو جواب چستيءَ سان ڏيندو هو ۽ کانئس متئين عهدي وارن سان گڏبو هو ته ڦڙتيءَ سان قدم قدم ۾ ملائي هلندو هو.

پهرئين ڏينهن ئي هو ليفٽيننٽ نائوموف سان ملڻ هوائي اڈي تي ويو. هو ٽئين دستي جو استاد هو ۽ اليڪسيءَ کي سندس ئي نگرانيءَ ۾ ڏنو ويو هو. نائوموف ننڍي قد جو جوشيلو شخص هو. سندس مٿو تمام وڏو ۽ ٻانهون ڊگهيون هيون. هو آسمان ۾ اکيون ٽڪائي "ٽي T" واري نشان وٽ ڊوڙي رهيو هو. آسمان ۾ هڪ ننڍو هوائي جهاز اڏامندو پئي نظر آيو. هوائي جهاز ۾ وينل هواباز تي گرم ٽي رڙيون ڪري رهيو هو: "ڪاڪ جو گهوڙو! چوي ٿو ته آئون هواباز هوس..... مون کي بيوقوف نٿو بنائي سگهي."

ميريسئف پنهنجي سجاٽپ ڪرائڻ لاءِ اڳيان وڌيو ۽ فوجي قاعدي مطابق سلام ڪيو. ليڪن نائوموف فقط هٿ لوڏيو ۽ آسمان ڏانهن اشارو ڪندي رڙ ڪيائين:

"ڏسين پيو؟ وڏو ڪاريگر آيو آهي ڪٽان جو. هوا ۾ ڊپ ۾ ڏڪي رهي آهي. ائين پيو اڏامي جيئن برف جي ڪنهن ڪڏي ۾ هوا ۾ جهومندڙ ڪو گل....."

اليڪسيءَ جي دل ڪي هي استاد ڏاڍو وٽيو. هو ان قسم جي مٽي ڦريل ماڻهن کي ڏاڍو پسند ڪندو هو، جيڪي پنهنجي ڪم سان چريائپ جي حد تائين محبت ۽ لڳاءُ رکندا آهن ۽ انهن سان هڪ قابل ۽ پرجوش هواباز جو جوڙ ڏاڍو پلو هوندو آهي. اليڪسيءَ ان هواباز جي باري ۾، جيڪو مٽي هوائي جهاز اڏائي رهيو هو، کي تمام ٿُر ڳالهيون ڪيون. ننڍي قد جي ليفٽيننٽ هاڻي هن کي پيرن کان وٺي مٿي تائين غور سان ڏٺو ۽ پڇيو:

"منهنجي دستي ۾ پيو اچين؟ تنهنجو نالو ڇا آهي؟ تو کڻي قسم جا هوائي جهاز اڏايا آهن؟ ڇا تون جنگ ۾ حصو ونڊي چڪو آهين؟ کيترن ڏينهن کان وٽي تو هوابازي کانه ڪئي آهي؟"

اليڪسيءَ کي پڪ کانه هئي ته هو سندس سمورو جواب ٻڌي رهيو آهي، چو ته هن وري به پنهنجيون نگاهون آسمان ۾ جمائي ڇڏيون ۽ هڪ هٿ جي اوٽ ناهي، پي مُڪ هوا ۾ لهرائي ۽ رڙ ڪري چيو: "بدمعاش کي ڏسو ته سهي ته ڪيئن نه پيو چڪر کاٽي، جهڙوڪر پٽس جي ٽي ڪري...."

هن اليڪسيءَ کي ٻئي صبح جو اچڻ لاءِ چيو ۽ واعدو ڪيو ته هن جي هڪدم جانچ ڪئي ويندي.

"وڃ، هاڻي وڃي آرام ڪر. سفر ڪرڻ کان پوءِ آرام جي ضرورت پوي ٿي. ڪجھ کاڏو پيتو به اٽئي؟ خبر اٽئي ته هتي جي هنگامن ۾ ماڻهن کي کارائڻ پيارڻ به وسريو وڃي..... جاهل، بيوقوف! ٿورو ترس رکو هيٺ ته لهه ته توکي مزو ٿو چکايان. وڏو آيو آهي 'ويڙهو'!"

اليڪسي آرام ڪرڻ ڪونه ويو، پر ڪيس انتظامي بٽالين ۾ هڪ موچي ملي ويو. هن پنهنجي سڄي هفتي جي راشن ۾ مليل تماڪ موچيءَ کي ڏنو ۽ چيو ته منهنجي لاءِ چمڙي جا به ڏاڪا ناهي ڏي، جنهن ۾ سوراخ ۽ زبانو هجي. هن انهن ڏاڪن سان پنهنجن نقلي پيرن کي هوائي جهاز جي پيڊلن سان ٻڌڻ چاهيو ٿي. موچيءَ ڪم جي غير معمولي نوعيت ۽ جلدي ضرورت جي پيش نظر تماڪ کان سواءِ وادڪا جو 'اڏڻ' به گهريو ۽ چيو ته ڪم 'زبردست' ڪري ڏيندوسانءِ.

هو ٻئي ڏينهن صبح جو سوير هوائي اڈي تي پهتو، جيڪو اڃا بنهه سُنسان پيو هو. هوائي جهازن جون انجڻيون گرم ٻئي ٿيون. مستري جهازن جي پنکن کي ڦيرائڻ کان پوءِ ائين بُل ڏيو ٿي الڳ ٿيو ويا، جڏ ڪي نانگ هجن. هوائي اڈي تي صبح جا ڄاتل سڃاتل آواز ڪيس ٻڌڻ ۾ آيا.

"تيار" "رابطو قائم ڪريو!" "رابطو قائم ڪريو!" ناڪاموف به پهچي ويو هو. هو سگريٽ جو آخري ڪش هڻي رهيو هو. سگريٽ جو ٿوٿو

ايترو ته ننڍڙو بچيو هو جو اهو آگرين ۾ ته بنھ ڏسڻ ۾ ئي ڪونہ ٿي آيو.

"تون اچي وئين!" هن اليڪسيءَ سان رسمي دعا، سلام ڪيو.

"چگو، جيڪو پھرين اچي، سو پھرين ماٽي. نمبر 9 جي پوئين ڪاڪ پٽ ۾ هلي ويھ. آئون ھڪ منٽ ۾ تو وٽ پھچان ٿو. ڏسان ته تون ڪھڙي قسم جو پڪي آھين!"

اليڪسي جھاز ڏانھن وڃڻ لڳو ۽ سندس استاد آخري ڪش ھڻڻ لڳو. هن استاد جي پھچڻ کان اڳ پنھنجي پيرن کي پيڊلن سان ھڏڻ ٿي چاھيو. ماڻھو ته بنھ ٻلو ٿو ڏسجي پر ٻيلي ڪھڙي خبر؟ ٿي سگھي ٿو ته اوچتو دل ۾ اچيس ۽ ڪو ھنگامو ڪري بيھي رھي! اليڪسي ٽپ ڏيئي جھاز جي پک تي چڙھي ويو ۽ ڏاڍي مشڪل سان ڪاڪ پٽ جي ديوار کي پکڙيائين. ھڪڙو جوش ۽ ٻيو مشق ڪانہ ٽيل ھئس، تنھن ڪري ھن گھڻي ئي جتن ڪيا، پر ھو پنھنجي تنگن کي ڪٽي اندر ڪرڻ ۾ ڪامياب نہ ٿيو. پوڙھي مستريءَ پنھنجو اداس ۽ ڏکيرڙو منھن ڪٽي ڏانھس ڏٺو ۽ حيرانيءَ سان سوچيائين: "بدمعاش شراب پي آيو آھي."

نيٺ ھن انتھائي محنت ۽ جاکوڙ ڪري تنگون اندر ڪيون ۽ ڏڙام ڪري پنھنجي جاءِ تي ڪري پيو. ھن ڏاڪن سان پنھنجي نقلي پيرن کي پيڊلن سان ھڏيو. ڏاڪا ڏاڍا ڪارائتا نڪتا.

استاد ڪنڌ اندر ڪري چيو: "اڙي ٻڌاءِ، تون پي آيو آھين؟ چگو، پنھنجو وات ته ٽورو اوريان ڪر ته سونگھي ڏسان."

اليڪسيءَ ساھ ٻاھر ڪڍيو. جڏھن استاد کي پک ٿي، تڏھن ھن ڏڪي طور مستريءَ کي ٽونشو ڏيکاريو.

"تيار" "ڪانٽيڪٽ Contact" "ڪانٽيڪٽ" انجڻ جو شور بلند ٿيو ۽ اليڪسي خوشيءَ مان بنھ ڏکي ويو. ھن خود بخود گيس جو ليور چڪيو، پر انٽرڪام ۾ استاد جو آواز ٻڌائين:

"سانَ وانگيان ٽاپيون نہ وجھجانءِ."

خود استاد پاڻ سموري گيس کولي ڇڏي. انجڻ گوڙ ڪرڻ لڳي ۽ جھاز آھستي آھستي ڊوڙڻ لڳو. استاد خود بخود اسٽيئرنگ چڪيو ۽ ننڍو طيارو، جيڪو ھڪ مڪ وانگر ٽي لڳو، ستو آسمان ۾ بلند ٿي

ويو. هي اهو هوائي جهاز هو، جنهن جو نالو ڏکڻ واري محاذ تي "مڪائي وارو"، وچئين محاذ تي "ڪرم ڪلي وارو" ۽ اترئين محاذ تي "ٻيلي جو پٽيوالو" پڄجي ويو هو.

ٽِڪ ۾ استاد کي پنهنجي شاگرد جو چهرو ڏسڻ ۾ پئي آيو. هن خبر ناهي ڪيترن ئي اهڙن سپاهين جا چهرا ڏٺا هئا، جيڪي هڪ ڏگهي مدت کان پوءِ هوائي جهاز اڏائڻ ايندا هئا. هن تمام گهڻن لاجواب هوابازن جي خوشيءَ وچان بي اختيار مسڪراهٽ ڏٺي هئي. هن اهڙن جوشيلن ۽ جذباتي هوابازن جون پرندڙ اکيون به ڏٺيون هيون، جيڪي اسپتالن جا ڏڪا ٽاپا کائي پاڻ کي ٻيهر اصلي فضا ۾ ڏسندا هئا. هن انهن ماڻهن کي هيڏو ٽيندي ڏٺو هو، جيڪي هڪ پيرو هوائي جهاز مان ڪري زخمي ٿيا هئا، انهن جي چهرن تي گهبراهٽ چانيل هوندي هئي ۽ هو پنهنجا چپ چَٻيندا رهندا هئا. هن نون سيکڙاتن جا جسارت ٻريل چهرا ۽ تجسس پڙ ڏٺو هو، جيڪي پهريون ٻيرو هوا ۾ اڏامندا هئا. پر جڏهن کان وٺي هو استاد جي حيثيت ۾ فرض نباهي رهيو هو، ان وقت کان وٺي هيستائين ان سموري زماني ۾ ٽِڪ کيس ڪڏهن به اهڙن عجيب جذبن ۽ ڪيفيت جو اولڙو يا عڪس ڪونہ ڏيکاريو هو، جهڙا جذبا ۽ ڪيفيت هن سانوري ۽ پلوڙ مڙس سينيئر ليفٽيننٽ جي چهري تان چُلڪي رهيا هئا. پر اهو تہ صاف ظاهر هو تہ هو ڪو نئون سيکڙات ڪونہ هو.

بخار جهڙي حرارت نئين شاگرد جي چمڙي کي رنگين بنائي ڇڏيو هو. سندس چپن تي هيڏاڙ پئي بکي. اها هيڏاڙ ڪا ڊپ ۽ خوف جي ڪري ڪانہ ظاهر ٿي هئي. پر هي رنگ ڪنهن جذباتي ڪيفيت ۽ هيجان سبب پيدا ٿيا هئا، جيڪي نائوموف جي سمجھ کان بنھ ٻاهر هئا. هي آهي ڪير؟ هن سان ڪهڙي ويڌن آهي؟ آخر مستريءَ اهو ڇو سوچيو تہ هو پي آيو آهي؟ جڏهن هوائي جهاز اڏاڻو ۽ مٿي هوا ۾ ترڻ لڳو، تڏهن ان وقت استاد ڏٺو تہ سندس شاگرد جون هوائي عينڪ کان آجيون اکيون، ڪاريون ڪجليون اکيون، حوصلي ۽ همت سان سرشار اکيون لُڙڪن سان ڀرجي آيون ۽ هن لڙڪن کي هن جي ڳلن تي ڳڙندي ڏٺو. هن ڏٺو تہ جيڏي مهل هوائي جهاز چڪر ڪاٽيو، اوڏيءَ مهل هوا

جي هڪ هلڪي جھوتي انھن لُڙڪن کي سندس ڳلن تان اڏاري هوا ۾ تحليل ڪري ڇڏيو.

"شايد ڪا ڪل ٽڙيل اٿس. مون کي ان کان هوشيار رهڻ گھرجي. ماڻھو چاھي ته ڇا ڇا نٿو ڪري سگھي..... ڪھڙي خبر.....؟" نائوموف سوچيو. پر آڏيءَ ٽِڪ ۾ نظر ايندڙ چھري تي جھلڪندڙ جذباتي ڪيفيت ۾ ڪا اھڙي ڳالھ ھئي، جنھن جي ڪري استاد جي دل ھن ڏانھن کسڪڻ لڳي ھئي. ھو اھو محسوس ڪري حيران ٿي ويو ته ڪا شيءِ سندس نڙيءَ ۾ اٽڪي پيئي ۽ سندس سامھون وارا اوزار ڏُنڌ ۾ گم ٿيڻ لڳا.

"ھاڻي تون ھلاءِ." استاد انترڪام ۾ چيو. پر ھن صرف استيئرنگ گيئر ۽ پيڊل تان پنھنجي گرفت ڍري ڪئي ۽ باقي پاڻ بنھ چوڪس ويٺو رھيو، ته جيئن ئي شاگرد ڪنھن ڪمزوريءَ جو مظاھرو ڪري ته ھو پيھر ھوائي جھاز کي سنڀالي وٺي. ھن محسوس ڪيو ته سندس شاگرد پنھنجي پُراعتماد ۽ تجربيڪار ھٿن سان ھوائي جھاز اُڏائي رھيو آھي. عملي جي مھندار (چيف آف اسٽاف) جي اصلاح ۾ "خدا جي فضل سان ھو ھواباز" ھو. عملي جو مھندار ھڪ پراڻو گُرگ ھواباز ھو ۽ تمام گھڻو اڳي، گھرو لڙائيءَ دوران ھڪ ھواباز جي حيثيت ۾ فرض ادا ڪيو ھٿائين. پھرئين چڪر کان پوءِ نائوموف کي نئين شاگرد طرفان ڪوبہ خدشو ڪونہ رھيو ھو. ھوائي جھاز چڱي طرح "قاعدي مطابق" اڏامندو رھيو. فقط ھڪڙي عجيب ڳالھ پئي ٿي. سا ھيءَ ته سڏيءَ اڏام مھل ھي شاگرد ھوائي جھاز کي بار بار ساڄي يا کابي جھڪائيندو ھو يا ھيٺ مٿي ڪندو ھو. ائين پئي لڳو ته ھو خود پنھنجي فن جو امتحان پيو وٺي. نائوموف اتي ئي فيصلو ڪري ڇڏيو ته ھُئي ڏينھن شاگرد کي اڪيلي سر ھوائي جھاز اڏائڻ ڏبو ۽ ھن ٽن اڏامن کان پوءِ ڪيس سڪيا جي ھوائي جھاز "اوت 2" ۾ ڇڏبو.

ڏاڍي تڏ ھئي. ترماميٽر ۾ گرميءَ جو درجو ھڙيءَ کان 12 ڊگريون ھيٺ ھو. ڪاڪپٽ ۾ جگر ٽاريندڙ ٺڏي ھوا پئي لڳي ۽ استاد جي ڪتي جي ڪل واري بوٽ ۾ اندر گھڙي سندس پير برف وانگر جمائي پئي ڇڏيائين. لھڻ جو وقت ٿي ويو ھو.

پر جيڏي مهل هن انترڪام ۾ "لهڻ" جو حڪم ٿي ڏنو ته اوڏيءَ مهل ڪيس ٽِڪ ۾ ڪاريون ڪاريون، برندڙ ۽ التجا ڪندڙ اکيون ڏسڻ ۾ ٿي آيون. نہ، انهن ۾ التجا ڪانہ هئي، پر انهن ۾ مطالبو هو ۽ پوءِ سندس دل انڪار ڪري ڪانہ سگهي. ڏهن منٽن بدران هو اڌ ڪلاڪ تائين اڏامندا رهيا.

ڪاڪ پٽ مان نڪري نائوموف پيرن ۽ ٻانهن کي چنڊڻ شروع ڪيو ته جيئن صبح واري پاري ۾ جميل سندس عضوا حرڪت ڪن، پر سندس شاگرد ٿوري دير تائين ڪاڪ پٽ ۾ ڪجھ ڳولیندو رهيو ۽ پوءِ آهستي آهستي ڪجھ هيڪندو هيٺ لٿو. جڏهن هو زمين تي لٿو ته هوائي جهاز جي پک وٽ زمين تي ويهي رهيو. سندس چپن تي هڪ مُسرت ڀريل ۽ نندڪڙي مسڪراهٽ پکڙجي وئي، سندس ڳل پاري جهڙي ٽڏ ۾ بہ جوش ۽ جذبات کان ڏُکي رهيا هئا.

سندس استاد پڇيو: "ڪيئن ٽڏ لڳي وئي نہ؟ هوا ته منهنجي مضبوط بوٽ ۾ بہ پئي گهڙيو آئي ۽ توکي ته معمول بوٽ پاتل آهي! ڇا تنهنجا پير ڪونہ ٽاڻرن؟"

"منهنجا پير آهن ڪٽي؟" خود پنهنجي خيال تي ڪلندي نئين شاگرد جواب ڏنو.

"ڇا؟" نائوموف جي وات مان بي اختيار نڪتو ۽ تعجب کان سندس منهن جو پنو ئي لهي ويو.

"منهنجا پير ڪونهن." ميريسئف بنهہ صاف ۽ چٽي آواز ۾ ڏُهرايو.

"تنهنجو مطلب ڇا آهي ته تنهنجا پير ڪونهن؟ ڇا تنهنجو مطلب آهي ته تنهنجن پيرن ۾ ڪا خرابي آهي؟"

"نہ، منهنجا پير ته بنهہ آهن ئي ڪونہ. هي نقلي پير آهن."

چند گهڙيون ته نائوموف بلڪل بت بنجي زمين تي جمي بيهي رهيو. هن عجيب وغريب شخص جيڪو چيو هو، تنهن تي يقين نٿي ڪري سگهيو. پير بنهہ آهن ئي ڪونہ! پر هينئر ته هو هوائي جهاز اُڏائي رهيو هو، بنهہ ٺيڪ ۽ صحيح هلائي رهيو هو.....!

"ڏسان ته سهي." هن چيو ۽ سندس آواز ۾ انديشي جو امڪان هو.

ان تجسس کان الیکسيءَ کي نہ تہ کا کوفت ٿي ۽ نہ ئي ڪنھن قسم جو صدمو پھتو. ان جي ابتڙ ھن ان دلچسپ ۽ يوڪائي استاد جي حيرانيءَ کي آخري ڪلي ٽوڪڻ لاءِ سوچيو ۽ ھڪ مداري وانگر، جيڪو ڪو ڪرتب ڏيکارڻ چاھيندو ھجي، ھن پنھنجي پتلون جا پانچا مٿي کڻي چڙيا.

شاگرد چمڙي ۽ اليومينم جي ٺھيل پيرن تي بيٺو ھو ۽ استاد، مستريءَ ۽ ھوابازن جي قطار کي پنھنجي کلندڙ اکين سان ڏسي رھيو ھو.

انھيءَ لمحي مائوموف ان نوجوان جي وھلورجڻ واري ڪيفيت جو سبب سمجھي ويو. ان جي چھري جي غير معمولي ڪيفيت، سندس ڪارين اکين ۾ لڙڪن ۽ گھٽي کان گھٽي دير تائين پرواز ڪندو رھڻ جي خواھش کي سمجھي ويو. ھن شاگرد کيس حيران ڪري وڌو ھو. ھو ھن ڏانھن ڏوڙيو ۽ زور سان ھٿ ملائيندي چيائين:

"نوجوان! آخر تون ھي سڀ ڪجھ ڪيئن ڪري سگھيو آھين؟ تون نٽو ڄاڻين.... توکي خبر نہ آھي تہ تون ڪمڙو ماڻھو آھين....."

اصلي ڪم پورو ٿي چڪو ھو. شاگرد استاد جي دل موھي وڌي ھئي. ھو شام مھل گڏيا ۽ انھن سکيا جو ھڪ پروگرام تيار ڪيو. ٻئي ان ڀالھ تي متفق ھئا تہ الیکسيءَ جي پوزيشن انتھائي ڪٺن آھي ۽ تر جيتري ڪوتاھي کيس ھميشہ ھميشہ لاءِ ھوابازيءَ کان ڏور ڪري سگھي ٿي. سندس دل ۾ اھا خواھش نچي رھي ھئي تہ ھو جلد کان جلد جنگي ھوائي جھاز ۾ ويھي ۽ اڏامي اتي وڃي، جتي ملڪ جا بھترين ھواباز مورچو لڳايو وينا آھن ــ والگا جي ڪناري تي ان مشھور شھر ڏانھن ..... پر ھو ان ڀالھ تي راضي ٿي ويو تہ ھر قسم جي سکيا جا سمورا ننڍا وڏا مرحلا صبر ۽ سُکون سان طئي ڪندو. ھن محسوس ڪري ورتو ھو تہ سندس جيڪا پوزيشن ھئي، ان ۾ فقط "اي ون" سرٽيفڪيٽ ئي پنھنجو ڪم ڪري سگھندو. ■

[9]

ميريسئف سکيا واري اسڪول ۾ پنجن مھينن کان وڌيڪ عرصو رھيو. استالن گراد ۾ جرمنن جي ياڄ، چھين جرمن فوج جي تباھي ۽

پائولس تي قبضي جون خبرون هاٿي پراٽيون ٿي چڪيون هيون. ڏکڻ ۾ هڪ بي نظير ۽ ناقابل شڪست پيش قدمي ٿي رهي هئي. اهڙي وقت ۾ جڏهن محاذ تي ان قسم جون دلچسپ ۽ ڪارنامن سان ڀريل واردااتون ٿي رهيون هجن، اليڪسيءَ جي لاءِ محاذ کان پري رهڻ ڏاڍو اذيتناڪ ٿيندو پئي ويو. ايتري قدر جو هيءَ اذيت ۽ پيڙا اسپتال جي ورانڊي ۾ گھوڙين جي سھاري آهستي آهستي قدم کڻڻ يا سُڄيل ٽوئين سان ناچ ڪرڻ کان بہ وڌيڪ محسوس پئي ٿي.

پر اسپتال ۾ هن عهد ڪيو هو تہ هو ٻيهر جنگي هوابازن جي فوج ۾ ويندو ۽ عملي خدمت سرانجام ڏيندو. ان ڏس ۾ هن هڪڙي منزل طئي ڪئي هئي. غم ۽ درد، ٽڪاوٽ ۽ مايوسيءَ جي باوجود هو ان مقرر ڪيل حد تائين پهچڻ لاءِ اڳتي وڌڻ جي جاکوڙ ڪري رهيو هو. هڪ ڏينهن سندس نالي هڪ چگو خاصو ٽلهو لفافو آيو، جيڪو ڪلاوديا ميخائلونا موڪليو هو. ان ۾ ڪيترا ئي خط هئا ۽ هڪ خود سندس لکيل بہ هو. هن پڇيو هو تہ زندگي ڪيئن پئي گذري؟ ڪيتريون ڪاميابيون نصيب ٿيون اٿئي ۽ سندس خواب سچا ٿابت ٿيا يا نہ؟

"ڇا خواب سچا ثابت ٿيا آهن؟" هن پنهنجو پاڻ کان پڇيو. ليڪن ان سوال جو جواب ڏيڻ کان سواءِ ئي هن خطن کي ڏسڻ شروع ڪيو. هڪڙو خط ماٽس جو هو، هڪ خط اوليا جو، هڪ گووزديف جو ۽ هڪ خط ٻيو هو، جنهن تي ڪيس تمام گھڻي حيراني ٿي هئي. ان خط تي مٿان پتو "موسمي سرجنٽ" جي هٿ جو لکيل هو ۽ ان جي هيٺان هيءَ عبارت لکيل هئي: "ڪيپٽن ڪوڪوشڪن جي طرفان." هن ان خط کي سڀ کان پهريائين پڙهيو.

ڪوڪوشڪن لکيو هو تہ ڪيس ٻيهر هوائي جهاز سميت ڪيرايو ويو هو. سندس جهاز کي گولي لڳي هئي ۽ منجهس باهہ لڳي ويئي. هو پاڻ چٽيءَ وسيلي ٽپي ويو، پر ڪيس پانهن جي جوڙ وٽ زور اچي ويو آهي. هو هينئر ميديڪل بٽالين ۾ بيمارن جي وچ ۾ بيزار ٿي پيو آهي، پر ڪيس اميد آهي تہ هو جلد وري پنهنجي هوائي جهاز تائين پهچي ويندو. هن لکيو هو تہ هي خط هو اليڪسيءَ جي مشهور خاطوءَ ويرا کان لکرائي رهيو آهي، جيڪا اڃا تائين سندس ڪري "موسمي

سارجنٽ" جي نالي سان مشهور آهي. هن اهو به لکيو هو ته ويرا تمام بهترين ساٿي آهي ۽ سندس بدقسمتي واري زماني ۾ سندس زبردست سهارو ثابت ٿي آهي. ان نقطي تي پهچي ويرا خود لکيو هو ته هي محض ڪوڪوشڪن جو وڏاءُ آهي. ان خط مان اليڪسيءَ کي خبر پئي ته اڃا تائين سندس دستي جا ماڻهو کيس ياد ڪري رهيا آهن ۽ ڪاڏي واري حال ۾ جتي سورمن ۽ بهادرن جون تصويرون ٽنگيل آهن، اتي سندس تصوير پڻ ٽنگي وئي آهي ۽ کيس ٻيهر گارد هوابازن جي وچ ۾ ڏسڻ جي اميد اڃا ختم نه ٿي آهي. گارد هوابازا! اليڪسيءَ مسڪرايو ۽ ڪنڌ لوڏيائين. پڪ سان ڪوڪوشڪن ۽ سندس رضاڪار خاطوءَ جي خيال تان اها ڳالهه لهي ويئي هئي، جو هنن اهو ڪوڙ لکيو هو ته انهن جي دستي کي "گارد" جو اعزاز بخشيو ويو آهي.

ان کان پوءِ اليڪسيءَ ماڻس جو خط کوليو. هي هڪ مختصر ڳالهه ٻولهه واري انداز ۾ لکيل خط هو، جيئن عام طرح مائرون پٽن کي لکنديون آهن: زندگي کيئن ٿي گذرئي؟ توکي ٽڏ ته ڪاڙ ٿي لڳي؟ چا توکي کاڏو ته پورو پُنو ملي ٿو يا نه؟ چا توکي سردين جا ڪپڙا ملن ٿا؟ چا هوءَ سندس لاءِ گرم دستانن جو هڪ جوڙو اُڻي؟ مان هيستائين پنج جوڙا ٺاهي چڪي آهيان ۽ سوويت سپاهين کي سوکڙيءَ طور موڪلي چڪي آهيان. مون هر جوڙي جي آڱوٺي وٽ هڪ پرچي لٽڪائي ڇڏي هئي، جنهن تي لکيل هو: "اميد آهي ته توهان جي ڪاميابيءَ لاءِ هيءَ نيڪ فال ثابت ٿيندي." کيس اميد هئي ته انهن مان هڪ جوڙو سندس پٽ کي مليو هوندو. اهي تمام سٺا ۽ گرم دستانا هئا. هن اهي دستانا پنهنجي ڌاريل سهن جي وارن مان ٺاهيا هئا. هن لکيو هو ته وٽس هينئر سهن جو يڪو ولر آهي. هڪ نر، هڪ مادي ۽ سندن ست ٻچا. خط جي آخر ۾ هن سڀ کان اهم ڳالهه جي باري ۾ لکيو هو: "جرمنن کي استالن گراڊ مان ڀڄائي ڪڍيو ويو هو. تمام گهٽا جرمن ماريا ويا آهن. ماڻهن جو چوڻ آهي ته انهن جو بنهه هڪ وڏو جنرل به قيد ٿيو هو ۽ ها، جرمنن کي ڀڄائي ڪڍڻ کان پوءِ اوليا پنجن ڏينهن جي موڪل تي هتي آئي هئي. هوءَ مون وٽ ترسي هئي، ڇاڪاڻ ته سندس گهر بم سان تباهه ٿي ويو هو. هاڻي هوءَ انجنيئرنگ دستي ۾

ڪم ڪري ٽي ۾ ليفٽيننٽ جي عهدي تي پهچي وئي آهي. سندس ڪُلهو زخمي ٿي پيو هو، پر هاٿي هوءَ ٺيڪ ٺاڪ آهي. ڪيس هڪ ٻلو ٻه ڏنو ويو هو. ڪهڙي قسم جو ٻلو.....؟ سا ڳالهه جهونيءَ کي ٻڌائڻ وسري وئي هئي. سندس گهر ۾ رهڻ دوران اوليا رڳو سُتي پئي هوندي هئي ۾ جيڏي مهل جاڳندي هئي، اوڏيءَ مهل اليڪسيءَ جي باري ۾ پڇندي رهندي هئي. هوءَ تاش جي پتن جي فال ڪيندي هئي ۾ هر پيري چوڪڙيءَ جي راڻي ڦلوءَ جي بادشاه متان نڪرندي هئي. اليڪسيءَ کي چگيءَ طرح خبر هئي ته ان جو مطلب چا آهي؟ ماٽس لکيو هو ته جيستائين سندس تعلق آهي ته هوءَ پاڻ انهيءَ چوڪڙيءَ جي راڻيءَ کان بهتر ٻي ڪنهن نُنهن جي خواهش ڪانه ٿي رکي.

اليڪسيءَ ماٽس جي انهيءَ تدبير تي مسڪرائي ڏنو ۾ هن گهٽي احتياط سان "چوڪڙيءَ جي راڻي" جو سرمائي لفافو کوليو. هي ڪو ڊگهو خط ڪونه هو. اوليا لکيو هو ته "خندقن" جي کوٽائيءَ کان پوءِ سندس "انجنيئرنگ بٽالين" جي بهترين ڪارڪنن کي باضابطا فوجي انجنيئرنگ دستي ۾ شامل ڪيو ويو هو. هاٿي سندس عهدو ليفٽيننٽ ٽيڪنيشن هو. ڪيس "ڳاڙهي جهنڊي" جو ٻلو مليو هو. هن لکيو هو ته متن هينئر ڏاڍو ڪنن وقت اچي ويو آهي. هر شيءِ، ڳرپي کان ونڊي ڏهي جي گوشت تائين وڃگا جي ٻئي پاسان آٽڻي ٽي پوي ۾ اتي مسلسل مشين گنن جي بمباري ٽيندي رهي ٿي. شهر جي هڪڙي ٻه عمارت پنهنجي جاءِ تي سلامت ڪانه رهي هئي. سموري ايراضي بمن جي ڏماڪن سان ٽهيل ڪڏن کوهن سان ستي پئي هئي.

اوليا لکيو هو ته هوءَ جڏهن اسپتال مان نڪتي ته هوءَ ۾ سندس ٻيا ساٿي ڪار ۾ استالن گراد جي رستن تان لنگهيا هئا ۾ هنن ڏنو هو ته جرمنن جي لاشن جا انبار لڳا پيا هئا، جن کي هڪ يڪي قبر ۾ پورڻ جو بندوبست پئي ٿيو ۾ ٻيا ڪيترا ئي لاش اڃا رستن جي ڪنارن تي ائين ئي پيا هئا. "ڪيڏي نه منهنجي دل ۾ خواهش ايري ته تنهنجو دوست ٽينڪ مين، جنهن جو سمورو خاندان نيست ونابود ڪيو ويو هو، سو هتي اچي ۾ اچي پاڻ اکين سان ڏسي. آئون چوان ٿي ته اهي منظر فلمائڻ ڪين ۾ اهڙن ٽينڪ مينن جهڙن دوستن کي ڏيکارڻ ڪين نه ڪيئن نه

اسان دشمنن کان سندن پورو پورو بدلو ورتو آهي." هن آخر ۾ لکيو هو (اليکسيءَ انهن غير واضح جُملي کي ڪئين پيرا پڙهيو هو) ته هاڻي هوءَ محسوس ڪري ٿي ته استالن گراڊ واري لڙائيءَ کان پوءِ هوءَ ان سورمن جي سورمي جي لائق ٿي وئي آهي. هي خط تڪڙ ۾ لکيل هو ۽ ڪنهن ريلوي اسٽيشن تي، جتي گاڏي ٿوري دير بيٺي هئي، ڊپي ۾ وڏو ويو هو. خبر ناهي ته ڪيڏانهن پئي ويا؟ تنهن ڪري خط ۾ پتو به ڪونہ لکيل هو. نتيجي طور جيستائين ڪيس ٻيو خط نٿو پهچي، تيستائين اليکسيءَ نہ ته ڪيس خط لکي سگهيو ۽ نہ ئي اهو ٻڌائي سگهيو ته هوءَ چوڪري، نازڪ ۽ ننڍڙي چوڪري، جنهن گهمسان جي جنگ ۾ ايتري ته جانفشانيءَ سان ڪم ڪيو هو، حقيقت ۾ هوءَ پاڻ "سورمن جي سورمي" هئي. هن لفافي کي اٽلايو ۽ هن ڏٺو ته چٺو لکيل هو: گارد جونيئر ليفٽيننٽ ٽيڪنيشن، اولگا.....

جيڏيءَ مهل به اليکسيءَ کي هوائي اڈي تي مهلت ملندي هئي ته هو هي خط ڪيندو هو ۽ وري پڙهندو هو ۽ ڪيترن ڏينهن تائين هي خط هوائي اڈي تي جگر کي جمائيندڙ ٽڏ ۾ ۽ "9 الف" جي ڪلاس روم ۾، جيڪو هيستائين سندس ٺڪاڻو هو، سندس دل کي گرم ڪندو رهيو.

آخرڪار استاد نائوموسف سندس چڪاس واري اڈام مقرر ڪئي. ڪيس هڪ "اوت 2" هوائي جهاز اڏائڻو هو. ان اڈام جو معائنو استاد کي نہ، پر چيف آف اسٽاف کي خود ڪرڻو هوــ انهيءَ ڏڙتيلي ۽ ڏاڍي متي ليفٽيننٽ ڪرنل کي، جنهن سندس اچڻ تي هن جو استقبال انتهائي سردمهريءَ سان ڪيو هو.

اها خبر هوندي به ته زمين تان سندس سخت نگراني ڪئي پئي وڃي ۽ اهو به معلوم هوندي ته اڄ سندس قسمت جو فيصلو ٿيڻو آهي، اليکسيءَ ان ڏينهن ڪمال ڪري ڇڏيو. هن انهيءَ ننڍڙي جهاز کي ايتري ته مهارت، ڏڙتائيءَ ۽ خوبصورتيءَ سان اڏايو جو بي اختيار ليفٽيننٽ ڪرنل جي وات مان واهہ واهہ نڪري ويئي. جڏهن ميريسئف هوائي جهاز مان لٿو ۽ چيف جي سامهون اچي حاضر ٿيو ته نائوموف جي اک جي پڇڙيءَ مان جهلڪندڙ خوشيءَ ۽ جوش مان ئي

هو سمجهي ويو ته هو امتحان ۾ پاس ٿي ويو آهي.

"تو وٽ هوابازيءَ جو هڪ شاندار انداز آهي. ها، تون ئي اهو هواباز آهين، جنهن لاءِ آئون چوان ٿو ته "خود الله سائين پنهنجي هٿن سان ٺاهيو آهي." ليفٽيننٽ ڪرنل گرجدار آواز ۾ چيو: "پڌ، چا تون هتي استاد جي حيثيت ۾ پنهنجو فرض پورو ڪري سگهين ٿو؟ اسان کي تو جهڙن ماڻهن جي سخت ضرورت آهي."

ميريسئف بنهه صاف انڪار ڪري ڇڏيو.

"ٺيڪ آهي، تون احمق آهين. وڃهي ته ڪير به سگهي ٿو، پر تون هتي رهي ماڻهن کي اڏامڻ سيکاريندين ۽ پاڻ جهڙا ڪئين هواباز پيدا ڪري سگهندين."

اوچتو ليفٽيننٽ ڪرنل جي نظر وڃي اليڪسيءَ جي لڪڻ تي پيئي، جنهن جي سهاري تي هو بيٺو هو. ڪرنل سڃو ڳاڙهي ٿي ويو.

"ته توسان اڃا تائين هيءَ مصيبت ڇُهٽي پئي آهي. هيڏانهن ڪٽ، مون کي ڏي! چا تنهنجو خيال آهي ته تون هي لڪڻ ڪٽي پڪنڪ ملهائڻ نڪتو آهين؟ تون ڪنهن ٽڏي سڙڪ تي گهمي ته نه رهيو آهين..... چيو نه ڪرڻ جي ڏوهه ۾ 48 ڪلاڪ گارڊ روم ۾ بند..... بهترين هواباز، تنهنجو مٿو ڦري ويو آهي. هاڻي تون وري هوائي جهاز جي پَر تي چوڪڙيءَ جو يڪو ٺاهيندو نظر ايندين. 48 ڪلاڪ بند! تو پڌو ته مون چا چيو؟"

ليفٽيننٽ ڪرنل، ميريسئف جي هٿ مان لڪڻ وٺي ورتو ۽ ڪا اهڙي سخت شيءِ ڳولڻ لڳو، جنهن تي هٿي هو ان کي ڀڃي ڇڏي.

"ڪامريڊ ليفٽيننٽ، مون کي ڪجهه چوڻ جي اجازت ڏيو. هن جا پير ڪونهن." استاد نائوموف وچ ۾ ڳالهايو.

عملي جي مهندار جو چهرو اڃا به وڌيڪ ڳاڙهو ٿي ويو. سندس اکيون ٻاهر نڪري آيون ۽ هو زور زور سان ساهه کڻڻ لڳو.

"چا مطلب آهي تنهنجو؟ چا تون مون کي بيوقوف بنائڻ جي ڪوشش پيو ڪرين؟ چا جيڪو ڪجهه استاد چيو آهي، سو سڀ سچ آهي؟"

ميريسئف ها ۾ ڪنڌ لوڏيو ۽ پڌل اکين سان پنهنجي قيمتي لڪڻ

ڏانھن ڏٺو، جيڪو ان وقت تباهيءَ جي خطري ۾ گھيريل ھو. واقعي ھاڻي ھو واسيلي واسيلي وچ جي ڏنل سوکڙيءَ کي پاڻ کان بنھ ڏار ڪونہ ڪندو ھو.

ليفٽيننٽ ڪرنل شڪي نظرن سان انھن دوستن کي ڏٺو ۽ وڏي آواز ۾ چيائين:

"ٺيڪ آھي..... جيڪڏھن اھا ڳالھ آھي تہ پوءِ پنھنجا پير ڏيکار..... ھونھن.....!"

اليڪسي پھرئين درجي جي بھترين سرٽيفڪيٽ سان سکيا واري اسکول مان رخصت ڪيو ويو. ان ڪاوڙيل ليفٽيننٽ ڪرنل، ان جھوني "ھوائي بگھڙ" سينې کان وڌيڪ اليڪسيءَ جي مھارت ۽ ڪمال جي تعريف ڪئي ۽ جيڈي مھل شاباس۽ تحسين ڈيڊ تي پيو تہ ھن ذرو بہ ڪنجوسائي ڪانہ ڪئي. ھن سفارش ڪئي تہ "ميريسئف بنھ ڦڙتيلو ۽ تجربيڪار ۽ مضبوط قوت ارادي جو مالڪ ھواباز آھي ۽ ھوابازيءَ جي ڪنھن بہ شعبي ۾ ھر قسم جا فرائض پورا ڪري سگھي ٿو." ■

[10]

ميريسئف سياري جا پويان ڏينھن ۽ بھار جي شروعات جو زمانو اعليٰ ھوابازيءَ جي اسکول ۾ گذاريو. ھي ھڪ پراڻي طرز جو اسکول ھو. ھتي ھڪ بھترين ھوائي اڈو ھو، رھائش جو پڊ بھترين بندوبست ھو ۽ لاجواب ڪلب گھر ھو، جتي ڪڏھن ڪڏھن ماسکو جون ٿيٽر ڪمپنيون اچي پروگرام پيش ڪنديون ھيون. ھي اسکول بہ سڄو شاگردن سان ڀريو پيو ھو. پر ھتي جنگ کان پھرين وارا قاعدا قانون رائج ھئا ۽ انھن تي سختيءَ سان عمل ٿيندو ھو ۽ شاگردن کي وردي۽ وغيره جي معاملي ۾ بنھ ننڍين ننڍين ڳالھين تي بہ خاص توجھ ڏيڊو پوندو ھو. ڇو تہ جيڪڏھن بوٽ پالش نہ ھوندي ھئي يا ڪوٽ جو ڪو پيڙو ڇنل ھوندو ھو تہ ان ڏوھاريءَ کي بہ ڪلاڪ ورزش ڪرڻي پوندي ھئي.

ھوابازن جو ھڪ وڏو گروھ، جنھن ۾ اليڪسي پڊ شامل ھو، ھڪ نئين قسم جو روسي جنگي جھاز اڏائڻ جي مشق ڪري رھيو ھو.

سکيا تمام تفصيل واري هئي، جنهن ۾ انجڻ ۽ پين حصن جو مطالعو پڻ شامل هو. ليڪچر جي وقت اليڪسي اهو ڏسي حيران ٿي ويندو هو ته سندس غير حاضريءَ واري مختصر عرصي دوران روسي هوابازيءَ ۾ ڪيڏي نہ شاندار پيش قدمي ٿي آهي. جنگ جي شروعات ۾ جيڪي ڳالهيون وڏن ڪارنامن ۽ شاهڪارن جي حيثيت اختيار ڪري چڪيون هيون، سي هاڻي پراڻيون گنل پينل ٿي لڳيون. تيز رفتار "ابابيل" ۽ آرامده "ميگس"، جن کي شروع ۾ ڏاڍي اهميت حاصل هئي، هاڻي انهن کي هٽائي، سندن جاءِ تي جنگ دوران ايجاد ٿيل جديد هوائي جهاز آندا پئي ويا. جديد ترين نموني جا شاندار "ياڪس"، "لا 5"، جيڪي هاڻي عام ٿي چڪا هئا ۽ پن ماڻهو وارو "ابل". هي اڏامندڙ ٽينڪون، جيڪي زمين تي پاڪي ڦيري ڇڏيندڙ هيون ۽ دشمن تي گوليون، بم ۽ شيل وسائيندڙ ويندڙ هيون. جرمنن بدحواسيءَ ۾ انهن کي پنهنجي لاءِ "موت جا کارا ديو" جو نالو ڏيئي ڇڏيو هو. جنگ ۾ حصو وٺندڙ ماڻهن جي حڪمت ۽ دانش جيڪي نوان هوائي جهاز ايجاد ڪيا هئا، انهن جي ڪري فضائي جنگ جو فن ڏاڍو منجهيل ۽ ڏکيو ٿي پيو هو. هواباز جي لاءِ نہ رڳو پنهنجي هوائي جهاز جي جاڻ ۽ ناقابل تسخير همت ئي ڪافي هئي، پر هوا ۾ ترت سڏو رستو ڳولي لهڻ، فضائي جنگ کي ان جي مختلف حصن ۾ ورهائي ڇڏڻ ۽ اڪثر موقعن تي حڪم جو انتظار ڪرڻ کان سواءِ ئي لڙائيءَ جو فيصلو ڪرڻ ۽ ان کي مڪمل ڪرڻ جي صلاحيت جو هجڻ پڻ نهايت ضروري هو.

هي سڀ ڪجھ ڏاڍو دلچسپ هو، پر خوفناڪ ۽ زبردست پيش قدميءَ جي جنگ ۾ محاذ تي ٿي رهي هئي ۽ روشن ۽ شاندار ڪلاس روم ۾، هڪ آرامده ۽ ڪاري ڊيسڪ واري ڊيسڪ جي سامهون ويهي ليڪچر ٻڌندي ميريسئف جي دل محاذ تي وڃڻ لاءِ تڙپندي رهندي هئي.

هن جي جيءَ چاهيو ٿي ته هو جنگ جي فضا ۾ ساهه کڻي. هن جسماني درد ۽ پيڙا تي قابو پائڻ سکي ورتو هو. هن کي ناممڪن کي ممڪن بنائڻ جو گُر اچي ويو هو. پر زبردستي ۽ مجبورًا مٿس مڙهيل بيڪاريءَ جي ڪوفت تي ضابطو رکڻ جي قوت ارادي‌ءَ کان هو اڃا

محروم هو ۽ هفتن جا هفتا هو اسڪول جي چئني طرفن اداس اداس ۽ وائڙو وائڙو ۽ ڪاوڙيل ڪاوڙيل وڙ ڪندو رهندو هو.

خوش قسمتيءَ سان ميجر استروچڪوف بہ انهن ڏينهن ۾ ان اسڪول ۾ موجود هو. هن عادت موجب پنهنجو پاڻ کي نئين ماحول ۾ هيري، سيني سان ياري رکي چڏي هئي. هو اليڪسيءَ جي اداسيءَ جو سبب سمجهي ويو هو. هڪ ڀيري کيس چيائين تہ "يار، دل ڇو ٿو لاهين؟ اڃان تہ اسان جي وڙهڻ لاءِ گهڻو وقت بچيل آهي. ڏسين ڪونہ ٿو تہ اڃا برلن گهڻو پري آهي. اسان کي اڃا سوين ميل اڳتي وڌڻو آهي. اسان کي پنهنجو حصو ملي ويندو. تون گهبراءِ نہ، خوب دل کولي وڙهنداسون."

اليڪسي ۽ استروچڪوف هوابازيءَ جي مشق شروع ڪري چڏي هئي. اليڪسي هاڻي "لا 5" هوائي جهاز کان گهڻو واقف ٿي چڪو هو. آخرڪار اهو وقت بہ آيو، جڏهن سموري ٽوليءَ کي قطار ۾ بيهاريو ويو. هر شخص پنهنجي صلاحيت ۽ فن جو مظاهرو ڪرڻ لاءِ بي چين هو. سيني کان اڳ ڪير ٿو اڏامي؟ اها چُڻ پُڻ پئي ٿي. تيستائين استاد استروچڪوف جو نالو پڪاريو. ميجر جون اکيون چمڪي ويون ۽ هو معنيٰ ڀريل انداز ۾ مسڪرائي پنهنجي هوائي ڇتيءَ جو ڪشو ٻڌندي ڪاڪ پٽ ۾ وينو ۽ سينڊ وجائڻ لڳو.

ميجر استروچڪوف سمورا مقرر ڪرتب پورا ڪري واپس لٽو. جڏهن هو ٽپ ڏيئي ڪاڪپٽ مان هيٺ لٽو، تڏهن هو جوش ۽ هيجان مان بنهہ وهلور پئي ويو. هو اسڪول جي ڪنهن ڇوڪر وانگر خوشيءَ مان مُرڪو نچي رهيو هو.

"يار، هيءَ مشين تہ ڪانهي. هي ڪو وائلن آهي وائلن. الله جو سنهن تہ وائلن آهي." هو سهڪي رهيو هو ۽ پنهنجي استاد جي ڳالهہ بہ ڪانہ ٿي ٻڌائين، جيڪو کيس انهيءَ چريائپ تي جُٽ ڪري رهيو هو. هن اليڪسيءَ کي ياڪر وجهي زور ڏنو ۽ چيو:

"زندگي ڏاڍي پلي آهي، اليوشا!"

واقعي، هي هڪ لاجواب هوائي جهاز هو. هر شخص کي ان ڳالهہ تي اتفاق هو. ميريسئف جو وارو آيو، هن پنهنجي پيرن کي ڏاڪي سان هوائي جهاز جي پيدل سان ٻڌو ۽ هوا ۾ بلند ٿي ويو. هن هڪدم

محسوس ڪيو تہ هي گھوڙو هن جھڙي بنا پيرن واري هسوار لاءِ ضرورت کان وڌيڪ تيز رفتار آهي، تنھن ڪري هن لاءِ وڌيڪ احتياط جي ضرورت هئي. جڏھن هوائي جھاز هوا ۾ بلند ٿيو، تڏھن اليڪسي ۽ هوائي جھاز ۾ اھا ھم آھنگي پيدا ٿي نہ سگھي، جيڪا ھوابازيءَ کي پرمسرت بنائي ٿي. ھو انتھائي عمدو ھوائي جھاز ھو، جيڪو ھواباز جي ھر اشاري کي محسوس ڪري ونندو ھو ۽ يڪدم ان مطابق عمل ڪندو ھو. جيتري قدر ھڪدم محسوس ڪرڻ جي صلاحيت جو تعلق ھو تہ ھو واقعي وائلن ھو. ھاٿي وجي اليڪسيءَ کي پنھنجي ناقابل تلافي نقصان جو اندازو ٿيو. ڪيس محسوس ٿيو تہ سندس نقلي پير ڪيترا نہ بي حس آھن. ھن محسوس ڪيو تہ ھن جي بھترين ھوائي جھاز ۾ بھترين نقلي پير، بھترين سڪيا جي باوجود بہ جيئرن جاڳندن ۽ لچڪيدار پيرن جي جاءِ پوري نٿا ڪري سگھن.

ھوائي جھاز ڏاڍي سھوليت سان ھوا کي چيريندو اڏامندو رھيو ۽ استيئرنگ جي ننھن ھلڪي کان ھلڪي اشاري تي لبيڪ چئي، ان مطابق عمل ڪندو رھيو. ليڪن اليڪسي ڏڃي رھيو ھو. ھن محسوس ڪيو تہ جيڏي مھل ھو رخ بدلائي ٿو، اوڏيءَ مھل سندس نقلي پير ڪجھ سستي ٿا ڏيکارين. انھن ۾ اھا ھم آھنگي ڪانہ ھئي، جيڪا ھڪ ھواباز لاءِ ھڪ قسم جو قدرتي ردعمل بنجي ويندي آھي. انھيءَ سستيءَ سبب ھوائي جھاز ھيٺ مٿي ٿي سگھي ٿو ۽ اھا شيءِ موت جو سبب بہ بنجي سگھي ٿي. اليڪسيءَ پاڻ کي سرڪس جي پابند گھوڙي وانگر محسوس ڪيو. ھو بزدل ڪونہ ھو، ھو موت کان ڪونہ ٿي ڈنو. ھن تہ پنھنجي ھوائي چٽيءَ جي جانچ پڙتال کان سواءِ ئي اڏامڻ شروع ڪيو ھو. پر ھن کي ڊپ رڳو اھو ھو تہ سندس ننڍڙي پل بہ ڪيس ويڙھو نوڄ مان خارج ڪرائي سگھي ٿي ۽ سندس محبوب ترين پيشي جو دروازو سندس لاءِ ھميشہ لاءِ بند ٿي ويندو. ھن پيٽي ٽيٽي احتياط کان ڪم ورتو ۽ جڏھن ھن ھوائي جھاز ھيٺ لاٿو، تڏھن ھو ڪافي بدحواس ھو. سندس پيرن جي بي حسيءَ سبب ھو ھوائي جھاز صحيح نموني ۾ لاھي ڪونہ سگھيو ھو.

اليڪسي ڪاڪپٽ مان لٿو تہ ننھن خاموش ھو ۽ سندس مود

ٽيڪ ڪونہ ھو. سندس ساٿين ۾ استاد پنھنجي ڳڻتي لڪائيندي سندس واکاڻ ڪئي ۽ ڪيس مبارڪباد ڏني، ليڪن انھيءَ مروت ۾ لحاظ سان ڪيس وڌيڪ صدمو پھتو. ھن ھٿ جي اشاري سان ڪين ھڪ طرف ھٽايو ۽ پاڻ پنھنجا پير گھليندو، ٽڙندو ۽ ٽاپڙندو اسڪول طرف وڃڻ لڳو. ناڪامي ۽ جنگي ھوائي جھاز ۾ ويھڻ کان پوءِ—! ڪمند ۽ تڏھن ٽُٽو، جڏھن آسمان باقي ۽ ٽي ھٿ وڃي بچيو ھو! اپريل جي ان صبح کان پوءِ، جڏھن سندس ھوائي جھاز ڇيڙ جي وٽن سان ٽڪرايو ھو، ھي سڀ کان وڏو حادثو ھو. ھن نہ منجھند جي ماني کاڌي ۽ نہ ئي رات جو کاڌو کائڻ ويو. اسڪول جي قاعدي جي خلاف ورزي ڪندي ھو ڏينھن جي وقت پاڻھن سيراندي ڏيو ستو پيو ھو. ڪنھن ب، جنھن کي سندس درد ۽ پيڙا جي خبر ھئي، کيس تنگ ڪونہ ڪيو. نہ تہ سندس پاسي مان لنگھي ويندڙ آفيسرن کانئس پڇا ڳاڇا ڪئي ۽ نہ ئي اسڪول جي پٽيوالي. استروچڪوف اندر آيو ۽ ساٽس ڳالھائڻ جي ڪوشش ڪيائين، پر جڏھن کيس ڪوبہ جواب نہ مليو، تڏھن ھو افسوس ڪندو واپس ھليو ويو.

استروچڪوف جي ڪمري مان ٻاھر وڃڻ شرط ئي اسڪول جو سياسي آفيسر، ليفٽيننٽ ڪرنل ڪپوستين اندر آيو. ھو ننڍي قد جو معمولي شڪل وارو ماڻھو ھو. ھن جي اکين تي ٿلھن شيشن واري عينڪ چڙھيل ھئي ۽ کيس تمام ويڪري وردي پاتل ھئي، جيڪا کيس پوريءَ وانگر ٽي لڳي. ھتي جا شاگرد بين الاقوامي مسئلن تي سندس ليڪچر ٻڌڻ لاءِ آتا ھوندا ھئا. انھن ليڪچرن دوران ھي معمولي ماڻھو منجھن فخر جو احساس پيدا ڪري چڏيندو ھو تہ ھو ھن عظيم جنگ جا سپاھي آھن. ليڪن وري اھي ئي شاگرد کيس ھڪ آفيسر جي حيثيت ۾ ڪابہ اھميت ڪانہ ڏيندا ھئا. ھو ھن کي ھڪ غير فوجي ماڻھو سمجھندا ھئا، جيڪو اتفاق سان ھوائي فوج ۾ پرتي ٽي ويو ھو ۽ جنھن کي ھوابازيءَ متعلق ڪابہ خبر ڪانہ ھئي. ھن ميريسئف ڏانھن ڪوبہ توجھ ڪونہ ڏنو ۽ ڪمري ۾ چئني طرف نظر ڊوڙائي ۽ ھوا کي سونگھيو ۽ ھڪدم ڪاوڙجي چيائين:

"ھتي سگريٽ ڪنھن پيتو آھي؟ سگريٽ پيئڻ لاءِ جڏھن الڳ

ڪمرو موجود آهي تہ پوءِ هتي ڇو؟ ڪامريڊ سينيئر ليفٽيننٽ، آخر هن جو مطلب ڇا آهي؟"

"آئون سگريٽ ڪونہ پيئندو آهيان." اليڪسيءَ بي نيازيءَ سان چيو ۽ پنهنجي بستري تي پيو رهيو.

"۽ تون هتي ڇو پيو آهين؟ ڇا توکي اسڪول جي قاعدن جي خبر ڪانهي؟ جڏهن ڪو اعليٰ عملدار اندر اچي تہ تون اٿي ڇو نٿو بيهين؟ اُٿي مٿي!"

هي حڪم ڪونہ هو، پر ان جي ابتڙ هي ڳالهيون هڪ غير فوجي، مهذب ۽ نرم انداز ۾ چيون ويون هيون. پر ميريسئف بي نيازيءَ سان ان حڪم جي تعميل ڪئي ۽ هو اٿي پنهنجي بستري وٽ فوجي انداز ۾ بيهي رهيو.

"ها، هاڻي ٺيڪ آهي. ڪامريڊ سينيئر ليفٽيننٽ! هاڻي پلي ويهي رهو ۽ اڄ تہ ڪجھ ڳالھ پولھ ڪريون." ڪپوستين حوصلو وڌائيندڙ انداز ۾ چيو.

"ڇا جي باري ۾ ڳالھ پولھ ڪريون؟"

"تنهنجي باري ۾. هليا تہ ٻاهر هلون. آئون سگريٽ پيئڻ چاهيان ٿو ۽ هتي سگريٽ پيئڻ جي منع آهي."

هو ٻاهر ورانڊي ۾ ويا، جتي جُهڪي روشني هئي. بليڪ آئوٽ جي سبب بجليءَ جا بلب نيري رنگ سان رنگيا ويا هئا. هو دريءَ وٽ بيهي رهيا. ڪپوستين سلفيءَ جا سوٽا پرڻ لڳو. هر سوٽي سان سندس ويڪرو ۽ فڪرمند چهرو ٻهڪي ٿي ويو.

"اڄ آئون تنهنجي استاد جي خبر ونندس" هن چيو.

"سو ڇا جي لاءِ؟"

"اسڪول جي آفيسرن جي موڪل کان سواءِ هن توکي هوائي جهاز ۾ مٿي موڪليو. ان لاءِ..... تون مون کي ائين ڇو گهوري رهيو آهين؟ حقيقت ۾ تہ آئون پاڻ جُٺ جو لائق آهيان جو مون اڳ ۾ توسان ڇو ڪونہ ڳالهايو هو؟ مون وٽ ايترو وقت ڪونهي. هر وقت مصروف ٿو رهان. آئون چاهيان ٿو، پر..... چڏ انهن ڳالهين کي. ڏس ميريسئف! تنهنجي لاءِ هوابازي ڪا سولي ڳالھ ڪانهي ۽ ان ڪري ئي آءٌ

تنھنجي استاد جي خبر ونڊ چاھيان ٿو."

اليڪسيءَ کجھ نہ ڳالھايو. ھو حيران ٿي سوچيندو رھيو تہ ھي سلفيءَ جا سوٽا ھٽندڙ شخص ڪھڙي مٽيءَ جو ٺھيل ماڻھو آھي؟ ڇا ھو ڪو آفيسري لائين جو ماڻھو ھو، جيڪو فقط ان ڪري ڪاوڙيو پيو ھلي تہ ڪنھن سندس حاڪماڻي برتري کي نظرانداز ڪري ڇڏيو ھو ۽ اسڪول جي ھڪ غير معمولي واقعي جو ڪيس اطلاع ڪونہ ڏنو ھو يا ھو ھڪ حقير عملدار ھو، جنھن قاعدن مان وڃي اھو نقطو ڳولي ڪڍيو ھو، جنھن سبب انھن ماڻھن لاءِ ھوابازي تي بندش ھئي، جيڪي جسماني طور ٺيڪ نہ ھئا، يا ڪو ساڙيلو ۽ ضدي ھو، جيڪو پنھنجي طاقت جي مظاھري ڪرڻ جي تلاش ۾ رھندو آھي؟ آخر ھو ڇا ٿو چاھي؟ آخر ھو ان وقت ڇو آيو آھي، جنھن وقت ھونئن بہ اليڪسيءَ جي دل ڏُٽي پئي ھئي ۽ سندس دل چاھيو پئي تہ پنھنجي گلي ۾ ڪاھيءَ جو ڪندو وڃي ڇڏي.....!

ھن جي دل چاھيو تہ ھن ماڻھوءَ کي ڏڙو ھڻي ھتان ڊوڙائي ڪڍي. پر ھن ڏاڍي مشڪل سان پاڻ تي ضبط ڪيو. ڪيترن مھينن جي مصيبتن ۽ اذيتن کيس ڪنھن نتيجي تي پھچڻ ۾ جلد بازيءَ کان بچڻ جو ڏس ڏنو ھو ۽ سبق پڙھايو ھو. کيس ان معمولي ماڻھو ڪپوستين ۾ ڪميسار وروبيوف جي ھلڪي ھلڪي جھلڪ نظر آئي، جنھن کي اليڪسي سچو انسان چوندو ھو. ڪپوستين جي سلفيءَ جي روشني پڙڪي ٽي ۽ وري جھڪي ٽي ويئي، ھو ڳالھائيندو رھيو:

"ڀڏ ميريسئف! آئون تنھنجي واکاڻ ڪرڻ ڪونہ ٿو چاھيان، پر تون چاھي ڇا بہ سمجھين، باقي تون دنيا جو اڪيلو ماڻھو آھين، جنھن جا پير ڪونھن، تنھن ھوندي بہ لڙاڪو ھوائي جھاز اڏائي رھيو آھين ۽ ھا، دنيا جو واحد شخص! آئون تنھنجي جنگي فوجي دستي ۾ واپسيءَ جي خواھش جي ڳالھ ڪونہ ٿو ڪريان. واقعي اھو جذبو واکاڻ جوڳو آھي، پر ان ۾ ڪا خاص ڳالھ بہ ڪانھي. اھڙي زماني ۾ ھر شخص فتح حاصل ڪرڻ لاءِ پنھنجي وس آھر سڀ کجھ ڪري ٿو....." ھن ڀيھر سلفيءَ جي اڳئين حصي کي صاف ڪيو، جڙ ھو اُن سلفيءَ ۾ گم ھو. اليڪسيءَ کي اھا ئي ڳالھ سڻي ڪاڻ لڳي. ھو ھن

جي ڳالھ ٻڌڻ لاءِ بيتاب ھو. ڪپوستين پنھنجي سلفيءَ کي درست ڪيو ۽ ڳالھائيندو رھيو، جڏ تہ ڪيس اھو جاڻڻ جي پرواھ ئي ڪانہ ھئي تہ انھن لفظن جو مٿس ڪھڙو اثر ٿي رھيو آھي؟

"ھي سينيئر ليفٽيننٽ ميريسئف جو ذاتي معاملو ڪونھي. نقطو ھي آھي تہ تنھنجا پير ڪونھن، پر پوءِ بہ تو اھو ھنر ۽ مھارت حاصل ڪئي آھي، جيڪا ھيستائين دنيا جي نظرن ۾ فقط ھڪڙو ماڻھو حاصل ڪري سگھي ٿو، جيڪو بدني لحاظ کان بنھ درست ۽ چاق چگو ٻلو ھجي ۽ اھو بہ سون ۾ ھڪڙو. تون فقط شھري ميريسئف نہ آھين، پر تون ھڪ عظيم تجربو ڪندڙ ماڻھو آھين..... تنھن ڪري چوان ٿو تہ اسين توسان ھڪ معمولي ھواباز وارو سلوڪ نٿا ڪري سگھون، اسان کي اھو حق ناھي. سمجھيئي؟ تو ھڪ انتھائي اھم تجربو شروع ڪيو آھي ۽ اسان جو فرض آھي تہ اسين تنھنجي ھر طرح سان مدد ڪريون. پر ڪھڙي طرح؟ اھو تون ٻڌاءِ تہ اسين تنھنجي مدد ڪھڙي طرح ڪريون؟"

ھن واعدو ڪيو تہ ھو اسڪول جي مھندار سان ملي طئي ڪندو تہ اليڪسيءَ لاءِ وڏيڪ اڏامڻ جو بندوبست ڪري ۽ اليڪسيءَ کي چيو وڃي تہ ھو خود پنھنجي لاءِ سکيا جو پروگرام مرتب ڪري.

"پوءِ ان ۾ تہ تمام گھٽو پارڻ زيان ٿيندو." اليڪسيءَ افسوس سان چيو ۽ ان تي حيران ٿي ويو ۽ ھن ننڍي قد واري معمولي ماڻھوءَ کيتري نہ سادگيءَ سان سندس سمورن انديشن کي ختم ڪري ڇڏيو ھو.

"بيشڪ پارڻ ھڪ اھم شيءِ آھي، سو بہ خاص ڪري ھن وقت، جڏھن تيل جي ھڪ ھڪ ڦڙي جي ڏاڍي اھميت آھي. پر تيل کان بہ وڌ ٻيون شيون قيمتي آھن." ڪپوستين وراٽيو.

ٻئي ڏينھن کان ميريسئف اڪيلي سر مشق ڪرڻ شروع ڪري ڏني. ھن ھي ڪم رڳو ان مستقل مزاجيءَ سان ڪونہ ٿي ڪيو، جنھن نموني ھو ھلڻ، ڊوڙڻ ۽ نچڻ جي مشق ڪرڻ جي زماني ۾ ڪندو ھو. پر ھن ھي ڪم اھڙي انداز ۾ شروع ڪيو، جڏ ڪيس کا طاقت مٿي کڻي رھي آھي. ھن ھر شيءِ، ھر نقطي، ھر ڳُر جو انتھائي باريڪ بينيءَ سان، بنھ شروعات کان ۽ انتھائي ذھانت سان مطالعو ۽ مشاھدو ڪرڻ

شروع ڪيو ۽ نئين سر، نئين جوش ۽ ولولي سان پنهنجي مهم ۾ جُنبي ويو. آهستي آهستي هن محسوس ڪيو ته هو ترقي ڪري رهيو آهي ۽ ساٿس سندس بي جان پير ۽ هوائي جهاز جا پرزا مڪمل تعاون ڪري رهيا آهن. اهڙي طرح هڪ پيرو وري به هو پنهنجي منزل کي ويجهو، بنھ ويجهو پهچي رهيو هو ۽ سندس مايوسيون آهستي آهستي ختم ٿي رهيون هيون. ■

[11]

تمام گهڻن ڏينهن جي ڳالھ آهي، جڏهن اليڪسي ننڍو هو، تڏهن هو برف تي ترڪڻ واري راند "اسڪيٽنگ" پئي سکيو. هن تختن تي اڃا پير رکي ترڪڻ شروع ئي مس ٿي ڪيو ته هڪدم ڦهڪو ڪري ڪِري ٿي پيو. ڪيترا ئي ڏينهن اڻين پيو ڏکا کائيندو هو. پوءِ هڪڙي ڏينهن نيٺ هو ڪجھ قدمن تائين ترڪڻ سکي ويو. اليڪسيءَ کي اهو ڏينهن بنھ چٽيءَ طرح ياد هو، جنهن ڏينهن هن چمڪندڙ جميل برف تي خوش قسمتيءَ سان صحيح قدم کنيو هو ۽ پوءِ ان راند ۾ ترقي ڪندو پئي ويو.

اڃڪلھ به ساٿس ساڳي ڪار ٿي رهي هئي. هو ڪيترا ڀيرا سموري ثابت قدميءَ سان هوائي جهاز کڻي هوا ۾ بلند ٿيو. هن پاڻ کي هوائي جهاز ۾ جذب ڪرڻ ۽ پنهنجي نقلي پيرن سان ان کي محسوس ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ڪڏهن ڪڏهن هو سوچيندو هو ته هو ڪامياب پيو ٿئي ۽ اها ڳالھ سوچيندي ئي سندس دل باغ بهار ٿي ويندي هئي. پر جيئن ئي ڪيس معلوم ٿيندو هو ته اڃا پنڌ پراهون آهي، هوائي جهاز هڪ طرف جهڪندو، سندس هٿ مان نڪرندو محسوس ٿيندو هو ۽ هو انتهائي ڪوڙاڻ سان اميد جي ڪليءَ کي ڪومائيو محسوس ڪندو هو ۽ ائين ناڪام موتندو هو.

پر مارچ ۾ هڪ ڏينهن هوائي جهاز کي ٽيڪ رخ تي وڃندي، هن اوچتو محسوس ڪيو ته هوائي جهاز اڃ بلڪل سندس چئي ۾ آهي. اهو احساس بجليءَ وانگر سندس ذهن ۾ چمڪيو ۽ پهرين ته ڪيس ان تي اعتبار ئي ڪونہ ٿي آيو. هن ايترين ته مايوسيون ڏٺيون هيون، جو

هينئر ڪيس پنهنجي خوش نصيبيءَ تي جلد اعتبار ئي ڪونہ پئي آيو.

هن تيزيءَ سان ساڃي هٿ تي هوائي جهاز جو رخ موڙيو. هوائي جهاز ائين ئي ڪيو، جيئن هن چاهيو تي. ڪيس ائين لڳو، جڙ تہ بيزار ڪندڙ ۽ اداس ڏينهن هڪدم روشن ۽ چمڪندڙ ڏينهن ۾ تبديل ٿي ويو هجي. هن جي دل خوشيءَ سببان بنھ تيزيءَ سان ڌڙڪي رهي هئي ۽ جذبات ۾ ايترو وهلورجي ويو، جو ڪيس گلي ۾ جڙ ڪا شيءِ اٽڪي رهي هئي.

هڪ اڻ ڏٺل سرحد تي پهچي، سندس سمورين ثابت قدم ڪوششن جو امتحان ٿيو. هو ان سرحد کان اڳيان وڌي ويو ۽ هاڻي هن انهن بيشمار ڏينهن جي جفاڪشيءَ جي ڦل جو مزو بنا ڪنهن تڪ ۽ دشواريءَ جي وٺڻ شروع ڪيو هو. هن اها خاص شيءِ حاصل ڪري ورتي هئي، جنهن جي حاصلات لاءِ هو ڪيترا ڏينهن ناڪام ڪوششون ڪندو رهيو هو. هو بنھ هوائي جهاز ۾ جذب ٿي ويندو هو. ڪيس محسوس ٿيندو هو تہ جڙ اهو بہ سندس جسم جو هڪ حصو آهي. هاڻي بي حس ۽ بي جان نقلي پير سندس لاءِ رڪاوٽ بڻيل ڪونہ هئا. سندس نس نس ۾ سرشاري ۽ مسرت جون لهرون ڊوڙي رهيون هيون. هن ڪيترا ئي ڀيرا هوائي جهاز کي موڙيو، غوطو لڳايو ۽ ڪرتب ڏيکاريا ۽ مشق پوري ڪندي ئي هوائي جهاز کي زمين ڏانهن ڦيرايو. ڪيس هوائي اڈو، اسڪول جي عمارت، موسمياتي استيشن جو مينار، سڀ ڪجھ هڪ گول دائري ۾ نچندا محسوس ٿيا. هن هڪ پراعتماد جنبش سان هوائي جهاز کي زور سان ٻيهر مٿي هوا ۾ بلند ڪيو. هاڻي وڃي ڪيس ان وقت جي مشهور هوائي جهاز "لا 5" پنهنجي جاتل ۽ اڻ جاتل خوبين کان واقف ڪيو هو. تجربيڪار هٿن ۾ هي هوائي جهاز ڪهڙي شيءِ هو! استيئرنگ گيئر جي هڪ هڪ اشاري تي نچندو، بنھ مشڪل ۽ نازڪ قسم جا ڪرتب بلڪل آسانيءَ سان ڪندو ۽ صفا تير وانگر هوا کي چيريندو فضا ۾ بلند ٿي ويندو هو، بنھ ڦُڙتيلي، چست ۽ تيز باز وانگر!

ميريسئف ڪاڪپٽ مان نڪتو تہ جهومي رهيو هو، جھڙوڪر نشي ۾ هجي. سندس وات ڦاٽو پيو هو ۽ چپن تي عجيب چريائپ جھڙي

مرڪ پکڙيل هيس. هن ڪاوڙ ۾ چتو ٽيل استاد کي ٻه ڪونہ ڏنو ۽ نہ ئي سندس ڪا ڳالھ ٻڌائين. ڪيس ٻڪ ڏيو. گارد روم؟ ها ها ٺيڪ آهي، هو گارد روم جي سزا پوڳڙ لاءِ تيار هو. هاڻي ڪھڙو فرق پئجي سگھي ٿو؟ ھڪڙي ڳالھ صاف ظاهر هئي ــ اها هيءَ تہ هو هواباز هو ۽ تمام سٺو هواباز! سندس سکيا تي جيڪو واڌو پيٽرول خرچ ٿيو هو، سو اجايو ڪونہ ويو هو. هو ان خرچ جو بدلو سئو پيرا وڌيڪ ادا ڪندو. ها، پر رڳو هي همراہ ڪيس محاذ تي موڪلين.

سندس ڪمري ۾ هڪ خوشگوار ۽ غير متوقع شيءِ سندس انتظار ڪري رهي هئي. سندس واهاڻي تي گووزديف جو هڪ خط پيو هو. هي خط پنهنجي منزل تائين پهچڻ کان اڳ خبر ناهي ڪٿان ڪٿان ٽيندو، ڪيترن ڏينهن تائين ۽ ڪنهن ڪنهن جي ڪيسن مان ٽيندو هتي پهتو هو؟ اهو پڌائڻ مشڪل هو، چو تہ خط سڄو مُڙيو سُڙيو، ميرو گدلو ۽ تيل جي داغن سان پريو پيو هو. هي خط هڪ صاف لفافي ۾ رکيل هو، جنهن تي انيوتا جي هٿ سان لکيل پتو هو.

ٽينڪ مين لکيو هو تہ جرمنن جي هوائي جهاز جي پک سان سندس مٿي ۾ ڏڪ لڳو هو. هو هن وقت فوجي اسپتال ۾ هو. ڪيس اميد هئي تہ ہن ٽن ڏينهن ۾ ڪيس موڪل ملي ويندي. هن استالن گراد واري جنگ ۾ پيش ايندڙ انهيءَ واقعي جو تفصيل سان ذڪر ڪيو هو.

هن ان چاپي جو ذڪر ڪيو هو، جيڪو سندس سربراهيءَ ۾ ٽينڪن جي دستي جرمنن جي لکل فوجي هوائي اڈي تي هنيو هو، جنهن ۾ جرمنن جا ڪيترا ئي هوائي جهاز تباه ڪري ڇڏيا هئائون. ڪيس ان حملي دوران هوائي جهاز جي پک جو هڪ ٽڪر اڏامي اچي مٿي ۾ لڳو هو. هن اهو ٻہ لکيو هو تہ اسپتال ۾ سندس ڏاڙهي زوريءَ ڪوڙي چٽ ڪري ڇڏي اٽن ۽ اهو ٻہ تہ هو اسپتال مان موڪل ملڻ کان پوءِ ٻيهر ڏاڙهي رکندو. گووزديف لکيو هو تہ انيوتا الائجي جو سندس ڏاڙهيءَ پويان هٿ ڏوئي لڳي آهي ۽ هر خط ۾ ڪئين صلاتون پڌائيندي آهي.

خط تمام ڏگهو هو. ظاهر آهي تہ گووزديف اسپتال جي بيزاري ختم ڪرڻ لاءِ ايڏو ڏگهو خط لکيو هو. هن اهو ٻہ لکيو هو تہ جڏهن هو

استالن گراڊ جي ويجھو، سندس پراڻي ٽينڪ جي تباھ ٿيڻ ۽ نئين ٽينڪ ملڻ تائين واري عرصي ۾ بنا ٽينڪ جي وڙھي رھيو ھو، تڏھن کيس استيپان ايوانووچ مليو ھو. ھن ھڪ ڪورس مڪمل ڪيو ھو ۽ ھاڻي ھو بنا ڪميشن وارو عملدار ٿي ويو ھو. ھو ٽينڪ ٽوڙ پلٽن جو اڳواڻ سر جنٽ ميجر ٿي ويو ھو. استيپان، گووزديف کي اليڪسيءَ لاءِ سلام چيا ھئا.

ان خط اليڪسيءَ جي دل تي پَھو رکيو ھو ۽ گڏوگڏ کيس غمگين پڻ ڪيو ھو. وارڊ نمبر 42 جا سمورا ساٿي ڪيتري وقت کان بيٽر جنگ ۾ حصو وٺي رھيا ھئا ۽ ان ڪري به ته ھاڻي ھن وقت گووزديف ۽ استيپان ڪٿي ھئا ۽ ڪھڙي طرح زندگي گذاري رھيا ھئا؟ جند جون چوليون کين ڪٿي لوڙھي ڪٿي ويون ھيون؟ چا ھو اجا زنده آھن؟ اوليا ڪٿي آھي؟

پوءِ کيس ڪميسار وروبيوف جي ڳالھ ياد آئي. ھن چيو ھو ته سپاھين جا خط انھن وساٽل تارن جون روشنيون آھن، جيڪي اسان تائين پھچندي ھڪ جڳ بنائن ٿيون. تنھن ڪري ڪڏھن ڪڏھن ائين به ٿئي ٿو ته اھو تارو گھٽو اڳي وسامي چڪو ھوندو آھي، پر سندس چمڪ ۽ دل جي ڪليءَ کي سگھ پھچائيندڙ روشني خلا کي چيريندي ايندي آھي ۽ اسان تائين وساٽل تاري جي نرم سھائي پھچائيندي رھندي آھي. ■

چوٿون حصو

[1]

1943ع جي گرمين ۾ هڪ ڏينهن، جڏهن فضا گرم هئي، هڪڙي پڳل ٽُٽل ٽرڪ پنين وچان هڪ ڪچي رستي تان وڃي رهي هئي. رستو ڪڏن ۾ کوپن وارو بنهه خراب هو، تنهن ڪري ٽرڪ ڏڪا ٽاپا کائيندي، گهوگهات ڪندي، اڳتي وڌندي ٽي ويئي ۽ پويان ڏوڙ جا ڪڪر اڏائيندي پئي وئي. سندس پنهي پاسن کان پڳل ٽُٽل تختن تي "جنگ جي ميدان جي ٽپال" لکيل هو.

ٽرڪ ٽپال جي ٽيلهن ۾ تازين اخبارن جي بنڊلن سان ستي پئي هئي. ان ۾ هوائي فوج واري ورديءَ ۾ ٻه فوجي ويٺل هئا. سندن مٿن ۾ ڍگهيون توپيون پاتل هيون، جن ۾ نيريون ڦيتون لڳل هيون. هو ٻه ٽرڪ جي لوڏن ۾ جهٽڪن سان گڏ لُڏي ۽ جهومي رهيا هئا. پنهي مان ننڍي عمر وارو همراهه سندس ڪلهن تي تانڪيل نون ٻلن مان هوائي فوج جو سرجنٽ ميجر ٽي لڳو. سنهري وارن واري انهيءَ نوجوان جو بدن ڏاڍو مضبوط ۽ ناهوڪڙو هو. سندس چهري تي معصوميت جي اهڙي ٽه لطيف نرمي هئي، جو ائين پئي لڳو ٽه سندس وٽندڙ ۽ شفاف چهري هيٺان ڊوڙندڙ رت ليڪا پائي رهيو آهي. سندس عمر اوٽيهه ورهيه هئي. هو ائين پئي پيش آيو، جڙ ٽه هن دنيا جون سرديون ۽ گرميون چگي طرح ڏٺيون آهن. هن ڏند ڪرٽي ٽڪ ٽي اڇلائي ۽ ڳري آواز ۾ دشمنن کي گاريون پئي ڏنائين. آگر جهڙو تلهو سگريٽ ناهي ٽي پيتائين ۽ هر شيءِ کان بي نياز نظر اڇڙ جي ڪوشش ٽي ڪيائين، پر انهن سمورين ڳالهين جي باوجود به هيءَ ڳالهه صاف ظاهر هئي ٽه هو

پھريون پيرو محاذ تي وڃي رھيو ھو، تنھن ڪري گھبرايل ھو. رستي جي ٻنھي پاسن کان جنگ جي تباھ ڪارين جا پيل نشان، جن ۾ تباھ ٿيل ٽينڪون، ڪيرايل ھوائي جھاز ۽ بمن جي ڏماڪن سان ٿھيل زمين ۾ ڪڏا ۽ شامل ھئا، ان نوجوان لاءِ حيرت ۽ تعجب جا جذبا پيدا ڪري رھيا ھئا.

ٻئي طرف اھو صاف چٽو پئي ڏسڻ ۾ آيو ته سندس ساٿي، جيڪو سينيئر ليفٽيننٽ ھو، واقعي پراٽو سپاھي ھو ۽ گھٽيون ئي سرديون توڙي گرميون ڏسي ويٺو ھو. آس پاس جي قدرتي منظرن جو مٽس ڪو خاص اثر ڪونہ ٿي پيو. جنگ جي تباھ ڪارين جا نشان ڏسي ڪيس ذرو بہ حيرت ۽ تعجب ڪونہ ٿي ٿيو.

اھو آفيسر اخبار جي بندلن جي ڍڳ تي آرام ڪرسيءَ جھڙي جاءِ ٺاھي، ھڪ انوکي ۽ ڳري آبنوسي لکڻ جي مٽ تي ڏاڙھي تکائي اوجھري رھيو ھو. ان لکڻ تي سونھري گلڪاري ٿيل ھئي. ترڪ جي ڏڏکن تي ھن اکيون کوليون ٿي ۽ مسڪرائي چئني طرفن نگاھ وجھندي گرم ۽ سُڳنڌ واسيل ھوا ۾ زور زور سان ساھ کڻڻ ٿي شروع ڪيا. ڪيس ر ٿي کان ٽورو پريرو، جھومندڙ ڳاڙھاڻ مائل ڏگھي گاھ جي چوليون ھٽندڙ سمنڊ مٿان پري کان ٻہ ڏہا نظر آيا. ھن ھڪدم ڊرائيور کي چيو تہ ترڪ کي رستي تان لاھي، ھڪ پاسي ڪري ۽ ڪيس وٽن جي جُھڳٽي ڏانھن ھلڻ جو اشارو ڪيائين.

گھٽ عمر واري سپاھيءَ جي چپن تي مرڪ پکڙجي ويئي. بظاھر ھوائي جھاز تمام پري ائين بيڪار چڪر ھڻي رھيا ھئا. ائين پئي لڳو تہ کين ھن اڪيلي ترڪ جي ڪا خاص ڳڻتي ڪانھي.

جيئن ئي ترڪ وٽن وٽ موجود ڪڏي وٽ پھتي تہ سينيئر ليفٽيننٽ ٻاھر نڪتو ۽ گاھ تي ويھندي غور سان رستي جو جائزو وٺڻ لڳو.

"تون آخر ھي سمورو ڪھڙو ھنگامو پيو پيدا ڪرين.....؟"

ننڍي عمر واري سپاھيءَ چيو ۽ طنز ڀريءَ نظر سان ان آفيسر کي ڏنو.. پر ان کان پھرين جو ھو جملو پورو ڪري، سينيئر آفيسر منھن پر زمين تي ڪري پيو ۽ رڙ ڪري چيائين:

"زمين تي ليٽي پئو."

بلڪل ان وقت ۾ وڏا وڏا پاڇولا انجڻ جي گوڙ سان گڏ لنگھيا. "اڙي، هو ته باھ لڳائڻ وارا بم وسائي رھيا آھن، ھاڻي ته ھو ٽرڪن پويان بنھ ڪات ڪھاڙا ڪٽي پئجي ويا آھن." ٽرڪ ڊرائيور چيو.

"شڪاري آھن." سينيئر ليفٽيننٽ اڃا ۾ وڌيڪ آرام گاھ تي ليٽي پيو ۽ اطمينان سان ورندي ڏنائين. "اسان کي اڃا انتظار ڪرڻ گھرجي. ھو جلد ئي ٻيھر موٽي ايندا. ھو رستي تي چڪر ڪاٽي رھيا آھن. ڇوڪرا، توکي ٽرڪ اڃا ۾ وڌيڪ پٽيان، ھن برج جي وٽ ھيٺان ڪاھي اڇي بيھارڻ کپي ھا."

ھن اھا ڳالھ ايتري ته اطمينان سان چئي، جڻ جرمن ھوابازن ھينئر ھينئر کيس پنھنجي سموري منصوبي کان واقف ڪري ڇڏيو ھجي. ٽپال گاڏيءَ سان گڏ ھڪ ٽپال ڇوڪري پڻ گڏ ھئي. ھوءَ نوجوان ڇوڪري ھئي. ان وقت ھن جو چھرو سڄو ھيبو ٿي ويو ھو. سندس متي ھاٽن چپن تي ھڪ ڪمزور ۽ پريشان مرڪ پکڙيل ھئي. ھوءَ ڏُنڌلي نظرن سان پُرسڪون آسمان کي تڪي رھي ھئي، جنھن تي اونھاري جي موسم جا ڪڪر ھڪبئي پٽيان تري رھيا ھئا. سرجنٽ ميجر، جيڪو دل ئي دل ۾ عجيب قسم جي گھبراھٽ محسوس ڪري رھيو ھو، تنھن حقيقت ۾ ھن ڇوڪريءَ کي ئي ٻڌائڻ خاطر ڏاڍي لاپرواھيءَ سان چيو:

"چگو، ته ائين آھي ته اسان اڳتي وڌون، ھتي ويھي وقت ڇو برباد ڪيون؟ جو ماڻھو قاسيءَ تي چڙھڻ لاءِ پيدا ٿيو آھي، سو پاڻيءَ ۾ ٻڏي ته ڪونہ مرندو.....!"

سينيئر ليفٽيننٽ خاموشيءَ سان گاھ جو ڪک چٻاڙيندي ان نوجوان ڏانھن ڏٺو. ان وقت سندس ڪاوڙيل اکين ۾ تمام ھلڪي چمڪ پيدا ٿي.

"ٻڌ ڇوڪرا! ان کان اڳ جو توکي ھن جو مزو چکڻو پوي، تون اھا چوٽي وساري ڇڏ. ھڪ ٻي ڳالھ ٻ ياد رک ڪامريڊ سرجنٽ ميجر! محاذ تي توکي بالا عملدارن جي حڪمن جي پيروي ڪرڻ گھرجي. جيڪڏھن حڪم آھي 'زمين تي سُمھي پئو!' ته توکي سمھي پوڻ

گھرجي."

هوائي جهازن جو گوڙ پيھر پڌڻ ۾ آيو. ٻئي جهاز بنھ هيٺ اڏامندا رستي جي مٿان پئي ويا. هو ايترا ته هيٺ هئا جو سندن پرن تي لکيل اکر ۽ نشان چٽا ڏسڻ ۾ پئي آيا. سينيئر ليفٽيننٽ گھڙي ڏني ۽ حڪم ڏنو:

"خطرو ختم ٿيو. اچو ته هلون. هن هنڌ کان اسين جيترو جلد پري هليا وڃون، اوترو ئي بهتر آهي."

ٽرڪ اڳتي هلڻ لڳي ته نوجوان سينيئر ليفٽيننٽ کان پڇيو: "توکي اها خبر ڪيئن پئي ته هو هاڻي ڪونہ ايندا ۽ هاڻي اڳتي سفر محفوظ آهي؟"

"اها ڳالھ ته بنھ صاف چٽي آهي ته هي هوائي جهاز "ميسرز" يعني "م ي 109" آهن، جن ۾ مني ڪلاڪ کان وڌيڪ جو ٻارڻ ڪونہ هوندو آهي. هينئر سندن ٻارڻ ختم ڇڪو آهي ۽ هو ٻيو ٻارڻ ڪٽڻ ويا آهن."

هاڻي نوجوان وڌيڪ غور سان آسمان جو جائزو وٺڻ شروع ڪيو. هن چاهيو ٿي ته هاڻي 'ميسرز' کي ڏسڻ جي خبر پاڻ پڌائي. پر هوا ايتري صاف شفاف هئي ۽ منجھس گلن ۽ گاھ جي سُرھاڻ ايتري ته واسيل هئي، جو هو بي اختيار ئي جهازن جو خطرو وساري، پنھنجي خوشگوار آواز ۾ ان وقت محاذن تي مقبول گيت ڳائڻ لڳو. هي گيت ان سپاهيءَ جي باري ۾ هو، جيڪو محاذ تي خندق ۾ پيو پنھنجي محبوبہ لاءِ تڙپي رهيو هو.

"ڇا توکي 'ربيي نا' وارو گيت ياد آهي؟" سندس همراھ پڇيو. نوجوان 'ها' ۾ ڪنڌ لوڏيو ۽ اهو پراٽو گيت ڳائڻ لڳو.

"يار تون صحيح نموني ۾ ڪونہ پيو ڳائين. هي ڪو مزاحيہ گيت ته ڪونهي. هن گيت ڳائڻ لاءِ ته توکي پنھنجي دل چيري رکڻ کپي." پوءِ هن پاڻ آهستي آهستي سُريلي آواز ۾ ڳائڻ شروع ڪيو.

ٿوري دير کان پوءِ ڊرائيور ٽرڪ بيهاري ۽ ڪيبن مان ٽپالي چوڪري نڪري آئي.

"مون توهان کي ڳائيندي ٻڌو، سو سوچيم ته آئون بہ توهان سان

گڏجي ڳايان....“ ۽ پوءِ ٿنھي جٹن گڏجي ڳائڻ شروع ڪيو. نوجوان کي مزو اچي ويو، ھن پنھنجي ٽيلھي مان باجو ڪڍيو ۽ وڄائڻ لڳو. ھو ڳائڻ ۾ ايترو ته محو ھئا جو جڏھن ڊرائيور اوچتو بريڪ لڳايو ته ھو ڏکي ويا ۽ ٽرڪ مان ڪِرندي ڪِرندي بچيا. ھنن ڏٺو ته رستي جي ڪناري تي ھڪ ٽرڪ اٽلي پئي آھي ۽ سندس ڦيٽا مٽي آھن. نوجوان جو رنگ ڦري ھيڏو ٿي ويو، پر سندس ساٿي ٽپ ڏيئي ھيٺ لٿو ۽ ڊوڙندو ٽرڪ ڏانھن ويو. ھو عجيب نمونو ۾ ٽڙندو ۽ منڊڪائيندو ٽرڪ ڏانھن ويو. ٿوري دير بعد ٽپال گاڏيءَ وارو ڊرائيور ڪٻن مان ھڪ ڪوارٽر ماسٽر ڪيپٽن کي ڇڪي ٻاھر ڪڍيو. سندس مٿو شيشي سان ڪتجي ويو ھو ۽ ڇھري تي رھڙون آيون ھيس. ھن جو ڇھرو ڪاراتجي ويو ھو. سينيئر ليفٽيننٽ ڏسي چيو: ”ھي ته مري ڇڪو آھي. ٻيو ڪير ٽرڪ ۾ آھي؟“

”ھا، ڊرائيور آھي.“ ٽپال گاڏي جي ڊرائيور چيو.

”تون اتي پري بينو ڇا پيو ڪرين؟ اڇ، اچي اسان جو ھٿ وندءِ.“ سينيئر ليفٽيننٽ پري بينل اداس نوجوان کي چيئيو. ”ڇا تون ڪڏھن رت ڪونہ ڏٺو آھي؟ تون رت ڏسڻ تي پاڻ کي ھيري ڇڏ. اڳيان توکي تمام گھٽو رت ڏسڻو آھي. ھا، ھي آھي شڪارين جو ڪيل شڪار.“

ڊرائيور اڃا جيئرو ھو. ھو آھستي آھستي ڪِنجھي رھيو ھو، پر سندس اکيون پوريل ھيون. کيس ڪوبہ ظاھري ڏک يا زخم ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿي آيو، پر معلوم ٿي ٿيو ته جيڏي مھل بم ٽرڪ کي لڳو ھو ۽ ٽرڪ کڏ ۾ وڃي ڪري ھئي، تڏھن ڊرائيور جي ڇاتي زور سان ٽرڪ جي استيئرنگ سان لڳي ھوندي ۽ ھو اتي ڦاسي پيو ھو. سينيئر ليفٽيننٽ کيس کڻي ٽپال گاڏيءَ ۾ وجھڻ جو حڪم ڏنو. ليفٽيننٽ وٽ ڪپڙي جي ھڪڙي ٽڪر ۾ ويڙھيل ھڪ بلڪل نئون فوجي ڪوٽ موجود ھو. ھن اھو ڪوٽ زخميءَ جي لاءِ وڇايو. ھو ٽرڪ جي فرش تي ويھي رھيو ۽ زخميءَ جو مٿو پنھنجي جوٽ تي رکي ڇڏيائين ۽ حڪم ڏنائين ته جيترو ممڪن ٿي سگھي، اوترو تيز ڀڄي ھلو. زخميءَ جي مٿي کي ڏاڍي پاڻھ سان سھارو ڏيندي کيس پنھنجو ڪو پراڻو خيال ياد اچي ويو ۽ ھن مسڪرائي ڏنو.

سج لڙي چڪو هو. شام جي ويل هئي. ترڪ هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ داخل ٿي. اهو ڳوٺ ڪنهن ننڍي هوائي دستي جي ڪمانڊ پوسٽ هئي. گهرن اڳيان لانڊين ۾ چپرن ۾، جتي ڳوناٽا پنهنجو چوپايو مال ٻڌندا هئا، يا هر پانجاري ۾ ڪوڏر ڪهاڙي رکندا هئا، اتي موٽرون ۾ جيپون بينل هيون. ننڍين ننڍين جهوپڙين ۾ نيرين ڦيتن واريون ٽوپيون پاتل سپاهي پئي ڏٺا ۾ ٽائپ رائٽر جي ڪِٽ جو آواز پئي آيو. هڪڙي ڪوٺڙيءَ مان ٽيليگراف جو آواز مسلسل پئي آيو.

هي ڳوٺ مکيہ رستي ۾ ننڍين ننڍين رستن کان ٻنهہ پاسيرو هو. ائين پئي لڳو تہ هن ويران ۾ گاهہ سان ڍڪيل وادي ۾ هي ڳوٺ هڪ نشانيءَ طور رهجي ويو آهي تہ جيئن ايندڙ اڇي ڏسن تہ هتلر جي حملي کان اڳ هن خطي جا ماڻهو ڪهڙي نہ خوشگوار ۾ پُرسڪون زندگي گذارينداهئا.

زخمي ماڻهوءَ کي هڪ جهوپڙيءَ ۾ پهچايو ويو، جنهن تي ڳاڙهي منڊيڙي وارو جهنڊو لڳل هو. پوءِ ترڪ اُن ڳوٺ اندر داخل ٿي ۾ هڪ صاف سُٿري جاءِ جي اڳيان وڃي بيٺي. هيءَ ڳوٺ جي اسڪول جي عمارت هئي. پهري تي بينل مشين گن واري سپاهيءَ کي ڏسڻ سان اندازو ٿي ٿيو تہ هي عملي جو هيڊڪوارٽر آهي.

"آئون ونگ ڪمانڊر سان ملڻ چاهيان ٿو." سينيئر ليفٽيننٽ پٽيوالي کي چيو، جيڪو دريءَ وٽ ويٺو هڪ رسالي جو معمو حل ڪري رهيو هو.

"ڪرنل صاحب واندو ڪونهي." پٽيوالي ورندي ڏني.

"ان کي چئو تہ مون وٽ هوائي فوج جي استاف هيڊڪوارٽر جي عملي واري شعبي جو هڪ تمام ضروري خط آهي."

"توهان کي انتظار ڪرڻو پوندو. ڪرنل صاحب هن وقت هوائي اسڪائوٽن جي هڪ گروهہ سان پيو ڳالهائي ۾ سندس چوڻ آهي تہ ڪيس کوٽي نہ ڪيو وڃي. توهان باغ ۾ وڃي ٿوري دير ويهي وقت گذاريو."

پٽيوالو وري معمو حل ڪرڻ ۾ لڳي ويو ۾ هي نووارد ٻاهر وڃي گلن جي ڪوندين جي پاسي ۾ پيل بينچ تي ويهي رهيا.

ڪرنل جي آفيس هڪ ڪشادي ڪمري ۾ هئي. ڪاٺ جي اگهاڙين پتين واري هن ڪمري ۾ فقط هڪڙي ميز پيل هئي، جنهن تي جنگ جا ٽيليفون رکيل هئا. هڪ وڏو نقشو رکيل هو ۽ پاسي ۾ ئي ڳاڙهي پينسل پئي هئي. ڪرنل نديڪ قد ۽ پريل بدن وارو زنده دل ماڻهو هو. هو هت پنيان ٻڌي ٽهلي رهيو هو ۽ سوچ ۾ ٻڏل هو. هو اتي فوجي انداز ۾ بينل ٻن هوابازن جي پاسي مان ٻ پيرا لنگهي ويو، پوءِ هڪدم هو انهن جي سامهون ٽي بيٺو ۽ ڪجھ سوالیہ نگاهن سان کين ڏسڻ لڳو:

"سينيئر ليفٽيننٽ اليڪسي ميريسئف حاضر آهي."

سانوري آفيسر بوٽ جي ڪڑين کي زور سان وڄائي سلام ڪندي چيو.

"سرجنٽ ميجر اليڪساندر پتروف." نوجوان تعارف ڪرايو ۽ هن پڻ فوجي سلامي پيش ڪئي.

"ونگ ڪمانڈر، ڪرنل ايوانوف." جواب ۾ چيف گرجيو. "خط؟"

ميريسئف کيس خط ڏنو. هن جلدي جلدي پڙهيو ۽ چيو: "تمام سٺو، اوهين ڏاڍي وقت تي پهتا آهيو. پر هنن ايترا ٿورا ماڻهو ڇو موڪليا آهن؟" اوچتو کيس ڪا ڳالھ ياد آئي ۽ سندس چهري تي حيرت جهڙي ڪيفيت ڇانئجي وئي. "هڪ منٽ ترسجو." سندس وات مان بي اختيار نڪتو. "ڇا تون ميريسئف آهين؟ هوائي فوج جي عملي جي مهندار مون کي تنهنجي باري ۾ ٽيليفون تي چيو هو ۽ مون کي خبردار ڪيو هئائين تہ تون....."

"اها ڪا اهم ڳالھ ڪانهي، ڪامريد ڪرنل!" اليڪسيءَ ڳالھ ڪاٽيندي چيو. سندس لهجو ڏاڍو رُکو هو. "اوهان رڳو مون کي منهنجا فرائض پورا ڪرڻ جي اجازت ڏيو."

ڪرنل سينيئر ليفٽيننٽ کي تجسس پريل نگاهن سان ڏٺو ۽ ڪنڌ لوڏيندي مسڪرائي منظوري ڏيئي ڇڏي.

"ٺيڪ آهي. پٽيوالا! هنن کي عملي جي مهندار وٽ وٺي وڃ ۽ منهنجي طرفان کيس حڪم ڏي تہ هنن جي ڪاڏي پيتي ۽ سمهڻ جو بندوبست ڪيو وڃي. اهو بہ چئج تہ هنن کي گارد ڪيپٽن چيسلوف

جي اسڪواردن ۾ شامل ڪيو وڃي."

پتروف جو خيال هو ته ونگ ڪمانڊر ضرورت کان وڌيڪ هنگامو ڪندڙ ماڻهو هو. اليڪسيءَ کي هو ڏاڍو پسند آيو. ڪيس اهڙا ماڻهو، جيڪي ڦڙتائيءَ سان ڪم ڪن، ڪن پل ۾ معاملي کي سمجهي سگهن، صفائيءَ سان سوچي سگهن ۽ قطعي فيصلا ڪري سگهن، ڏاڍا وڻندا هئا. ■

[2]

جيئن جيئن اليڪسي منزل کي ويجهو پهچندو ويو، تيئن تيئن سندس بيچينيءَ ۾ واڌارو ٿيندو پئي ويو. ايتري ڏڪر جو هن پتروف کي پوري ماني به کائڻ ڏني. هو پئي ڇٽا تيل واري ترڪ ۾ چڙهي هوائي اڈي تي پهتا. هوائي اڈو ڳوٺ کان پري هڪ چراگاه ۾ هو. اتي پهچي هن اسڪواردن ڪمانڊرن، هوائي دستي جي اڳواڻ چيسلوف سان پنهنجو تعارف ڪرايو. هو هڪ سدائين ڪاوڙيل ۽ ٿور ڳالهائو شخص هو، پر تنهن هوندي به هو ڏاڍو نيڪدل ۽ پُرخلوص ماڻهو هو. هن رڳو رسمي ڳالهيون ڪونه ڪيون، پر هو کين ستو گاهه سان ڍڪيل مٽيءَ جي هڪ ڇاپري وٽ وٺي ويو، جتي به بلڪل نوان چمڪندڙ نيري رنگ جا "لا 5" هوائي جهاز بيٺا هئا ۽ انهن تي يارنهن ۾ پارنهن نمبر لڳل هئا. هي اهي هوائي جهاز هئا، جيڪي انهن نوجوانن کي اڏائڻ لاءِ ڏنا ويا هئا. هنن باقي شام جو رهيل وقت اتي ئي گذاريو.

هو پنهنجي ڏُن ۾ ايترو ته محو ٿي ويا جو کين ڳوٺ ڏانهن ويندڙ آخري ترڪ ۾ وڃڻو پيو، جنهن ڪري کين مانيءَ تان به هٿ کڻڻو پيو. پر ان سان کين ڪا گهٽي پريشاني ڪانه ٿي، ڇو ته سندن سا، ا ۾ خشڪ ڪاڏو موجود هو. باقي رهائش جو مسئلو ايڏا موجود هو. سم ن جهوپڙيون هوابازن سان ڳٽيون پيون هيون. ڪيترين ئي گنجائش کان وڌيڪ پريل جهوپڙين جا چڪر لڳائڻ ۽ اتي جي رهواسين طرفان کين رهائڻ کان انڪار ۽ اجائي بڪ بڪ پڌڻ کان پوءِ ڪوارٽر ماسٽر پنهنجي فلسفاڻي راءِ جو اظهار ڪيو ته ڪوئيون رهڙ جون ته ٺهيل ڪونهن، جو کين چڪي وڏو ڪري سگهجي. ان هنن ٻنهي نوجوانن

کي پاسي واري مکان ۾ ئي جھوڪي ڇڏيو ۽ چيو تہ: "اڄوڪي رات تہ ڏُکي سُکي هتي ئي گذاريو. باقي صبح جي ڳالھ صبح سان."

ان جھوپڙيءَ ۾ اڳي ئي نَو ماڻھو موجود ھئا. گاسليٽ وارو ڏيئو ٽمڪي رھيو ھو، جيڪو شيل جي خول مان ناھيو ويو ھو. ڏيئي جي جھڪي جھڪي روشني ننڍ ۾ سُتل انسانن کي اُجاگر ڪري رھي ھئي. انھن مان کي کٽن تي تہ کي تختن تي ۽ کي تہ وري رڳو پراڻ وڇائي پٽ تي ئي سُتا پيا ھئا. انھن نون ڇٽن کان سواءِ ان جھوپڙيءَ جي پوڙھي مالڪياڻي ۽ سندس نوجوان ڏيءُ بہ موجود ھيون، جيڪي جاءِ جي ڪوٽ ھڻڻ سبب وڏي روسي چلھي جي مٿئين حصي تي سُتيون پيون ھيون.

نووارد چانئٹ تي بيھي رھيا ۽ سوچ ۾ پئجي ويا تہ انھن ستل ماڻھن مٿان ڪيئن ٽپي اڳتي وڃجي؟ تيستائين مٿان پوڙھيءَ ھڪل ڪئي:

"وڃو وڃو، ھتي جاءِ ڪانھي. ڪانھي ھتي جاءِ. ڏسو ڪونہ ٿا تہ ھتي پھرين بہ گنجائش کان وڌيڪ ماڻھو موجود آھن؟ توھان کي وري ڪٿان جاءِ ڏيون، ڇا ڇت ۾ ٽنگي ڇڏيون توھان کي؟"

پتروف تہ ايترو توائي ٽي ويو، جو مُرڳو پوئتي پجڻ تي ھو، پر اليڪسي احتياط سان قدم ڪڍندو ميز ڏانھن وڌيو. "نانيِ، اسان کي رڳو ھڪڙي ڪنڊ ڪپي، جتي اسان رڳو مانيِ ڪائي سگھون. سڄو ڏينھن ڪجھ بہ ڪونہ ڪاڏو اٽئون. تون اسان کي فقط ھڪڙي ٽالھي ۽ بہ پيالیون ڏي. ھتي اسين سمھي تو ڪي تنگ ڪونہ ڪنداسين. اڄ تہ چگي خاصي گرمي آھي. اسين ٻاھر باغ ۾ ئي سمھي پونداسين."

چُلھي جي ڇت تان ان بيزار پوڙھيءَ جي پٺيان بہ اگھاڙا پير ظاھر ٿيا. ھڪڙي نازڪ پري پيڪر ماڻ ميڙ ۾ چلھي تان ترکي ھيٺ لٿي ۽ ستل ماڻھن جي وچان ڏاڍي مھارت سان پاڻ سنياليِ وراندي جي دروازي ۾ گم ٿي ويئي. ستت ئي ھوءَ ڪجھ ٽالھيون ۽ رنگين پيالیون کڻي آئي. پھرين تہ پتروف سمجھيو تہ ھوءَ ڪا ننڍڙي ڇوڪري آھي، پر جڏھن ھوءَ ميز وٽ پھتي ۽ جڏھن زرد سوجھري سندس چھري کي اوندھ مان اجاگر ڪيو، تڏھن ھن ڏنو تہ ھوءَ تہ جوان جماڻ ڇوڪري

هئي. ڏاڍي ملوڪڙي ۽ ڏاڍي سهڻي چوڪري. ها، البت سندس چنل قاتل ڪپڙن سندس بيمثال حسن کي ڪجھ ڪسو ڪري وڏو ھو.

"مارينا، او مارينا! هيڏانهن اچ ڏائڻ." پوڙھيءَ اتان ئي وڻي ھاءِ گھوڑا ڪئي، پر چوڪريءَ کيس ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيو. هن ڏاڍي ڦڙتائيءَ سان ميز تي اخبار وڇائي، ٽالھيون، پيالين ۽ چمچا رکيا. هوءَ بار بار آڏيءَ اک سان پتروف کي ڏسي رهي هئي.

"چگو، هاڻي توهين ماني کائو. مون کي اميد آهي ته توهان کي ماني کائڻ ۾ مزو ايندو. ڪنهن شيءِ جي وڌ جي ٻا گرم ڪرڻ جي ضرورت هجي ته مون کي ٻڌائجو. ها، هڪڙي ڳالھ ذهن ۾ رکجو ته ڪوارٽر ماسٽر چيو آهي ته ٻاهر پڌر ۾ تانبو نه ٻارجو." چوڪريءَ چيو.

"مارينا! هيڏانهن اچ." پوڙھيءَ سڏ ڪيس.

"هن ڏانهن ڏيان نه ڏيو. هوءَ ڏاڍي ڍنل آهي. هن جي ذهن ۾ جرمن سپاهين جو پوت سوار ٿي ويو آهي." چوڪريءَ چيو. "رات جو سپاهين کي ڏسي ٿي ته منهنجي لاءِ پريشان ٿيو وڃي ٿي. توهان دل ۾ نه ڪجو. رڳو رات جو ائين ٿي ڪري، باقي ڏينهن جو هوءَ بنھ نيڪ هوندي آهي."

ميريسئف جي ٽيلھي مان ٿوري ڪٽاڻ، گوشت جو ھڪ ڏهو، ۽ سُڪل مڇيون، جن تي لوڻ لڳل هو ۽ ھڪ ڏبل روٽي ملي. پتروف وٽ رڳو گوشت ۽ ڏبل روٽي هئي. مارينا اهي سڀ شيون پنهنجي ننڍڙن ننڍڙن پر مضبوط هٿن سان وڊيون ۽ انهن ۾ڪي ٽالھين ۾ اهڙي طرح سجائي رکيو جو ڏسڻ سان وات ۾ پاڻي پرجي ٿي ويو. سندس گھاٽن پلڪن ۾ لڪل اکيون ور ور ڏيئي پتروف جي چهري جو جائزو وٺڻ لڳيون. پتروف پڻ ڪيس لڪ چوريءَ ۾ پئي ڏٺو. جڏهن ٻنهي جون اکيون ٿي مليون ته ٻئي جڳا ڳاڙھا ٿي ٿي ويا. سندن ٻيرون تاڙجي ٿي ويا ۽ هنن منهن ڦيرائي ٿي ڇڏيو. هنن ٻنهي پاڻ ۾ سڏي طرح نه پر ميريسئف جي معرفت ٿي ڳالھايو. انهن کي ڏسي اليڪسيءَ کي ڏاڍو مزو آيو. ڪيس مزو به آيو ته هو ڏاڍو غمگين به ٿي ويو. هو ٻئي ڪيڏا نه خوش ۽ جوان هئا. انهن جي پيٽ ۾ هن پاڻ کي پوڙھو ۽ ٽڪل محسوس ڪيو.

"مارينا! تو وٽ ڪجھ ونگا تہ ڪونہ هوندا، هان؟" اليڪسيءَ پڇيو.

"آهن تہ سهي." چوڪريءَ شرارت پريل مسڪراهٽ سان چيو. "ڇا شايد ڪجھ اُهاريل پتاتا ٻہ هجن؟"

"ها، آهن پر جي تون ڏينگ سان گهرين تہ!"

پوءِ هوءَ ستلن مٿان بنا آواز جي ٽپ ڏيندي ڪمري کان ٻاهر نڪري ويئي، جڏ تہ ڪو پتنگ هئي.

"ڪامريڊ سينيئر ليفٽيننٽ! آخر تون هڪ نئين ءِ اوپري چوڪريءَ سان ايترو حجائتو ڪيئن ٿو ٿي وڃين؟ هن کان پتاتا گهرڻ ءِ....." پتروف احتجاج ڪيو.

ميريسئف هڪ وڏو ٽهڪ ڏنو ءِ چيو:

"دوست پڏ، تنهنجو ڇا خيال آهي، تون ڪٽي آهين؟ اسان جنگ جي محاذ تي آهيون، آهي نہ ائين؟ هتي اسان کي زندگيءَ جا باقي بچيل ڏينهن زنده دليءَ سان گذارڻا آهن. او نانيءِ، تون پنهنجي وڦل بند ڪر. هيٺ هلي آءِ اچي اسان سان گڏ مانيءِ کائ."

پنهنجي منهن وڦلندي ءِ پُڻ پُڻ ڪندي پوڙهي هيٺ لهي آئي ءِ ميز وٽ پهچندي ئي ڪتاڻ تي شروع ٿي ويئي. پوءِ خبر پئي تہ جنگ کان اڳ ڪيس ڪتاڻ ڏاڍي وٽندي هئي.

چارئي جڻا ميز جي چوڏاري وينا ءِ ستلن جي ڪونگهرن ءِ ننڍ ۾ وڦل جي ساز تي ويهي مزي مزي سان مانيءِ کائڻ لڳا. اليڪسي سمورو وقت ڳالهائيندو رهيو. هو ڪنهن وقت پوڙهي سان ڪل پڳ ڪرڻ ٿي لڳو تہ ڪيڏي مهل ماريا کي ڪلائڻ جي ڪوشش ٿي ڪيائين. آخر ڪار پاڻ کي فوجي فضا ۾ محسوس ڪندي، هن ان شيءِ جو ڀرپور مزو وٺڻ شروع ڪيو. ڪيس محسوس ٿيو تہ هو مدتن کان پوءِ ءِ سڃي ملڪ ۾ آواره گهمڻ کان پوءِ پنهنجي گهر موٽي آيو هو.

مانيءِ ختم ٿيڻ مهل تائين کين خبر پئجي ويئي تہ هي ڳوٺ دشمن جي عتاب کان ائين بچيو آهي، جو هي ڳوٺ جرمن فوج پنهنجو هيڊ ڪوارٽر بنايو هو. جڏهن روسي فوج پيش قدمي شروع ڪئي، تڏهن جرمن فوج ائين افراتفريءَ ۾ پاڇ کاڏي جو کين هي ڳوٺ تباهہ ڪرڻ ٻہ

وسري ويو. فاشي جرمنن پوڙهيءَ جي روبرو سندس وڏي ڏيءَ جي لڄ لٽي ۽ اهڙو ته وحشي پڻي ۽ بي حياييءَ جو مظاهرو ڪيو، جو نيٺ هوءَ ويچاري چري تي پئي ۽ ڪوهه ۾ ٽپو ڏيئي پاڻ کي ماري ڇڏيائين. سڄا سارا اٺ مهينا، جيستائين فاشي جرمن هن ضلعي ۾ رهيا، مارينا گهر جي پٺيان ٿهه خاني ۾ لڪي پئي هئي، جنهن جو گس پراڻ ۽ گند ڪچري سان ڀڪيو پيو هو. پورن اٺن مهينن تائين مارينا سڄ جي روشني به ڪانه ڏٺي. ماٽس ڪيس ماني ۽ پاڻي دونهن نڪرڻ واري ڌر مان ڏيندي رهندي هئي. اليڪسي جيترو گهٽو ڇوڪريءَ سان ڪل پوڳ ڪندو رهيو، اوترو ئي گهٽو هوءَ وري پتروف کي ڏسندي رهي. سندس چنچل ۽ شرميلين اکين ۾ هڪ قسم جي واکاڻ جهلڪي رهي هئي.

هنن ڪلندي ۽ پوڳن ڪندي ماني کائي ورتي. مارينا ڪفايت کان ڪم وٺندي بچيل شيون ساري سنيالي اليڪسيءَ جي ٿيلهي ۾ رکيون ۽ چيو ته ڏکئي وقت ۾ هر شيءِ سپاهيءَ جي ڪم اچي ٿي. ان کان پوءِ هن ماٽس کي ڪن ۾ ڪجهه چيو ۽ پوءِ مڙي هنن کي چيائين:

"ٻڌو، جڏهن ڪوارٽر ماستر توهان کي هتي ڇڏي ئي ويو آهي ته پوءِ اڃوڪي رات هتي ترسي پئو. اڃوڪي رات ئي ته آهي. توهان مٽي چلهي تي سمهي پئو. اسين هيٺ ٿهه خاني ۾ ٿيون وڃون. سفر کان پوءِ توهان کي آرام جي ضرورت هوندي. اسين سياٽي توهان جي لاءِ جاءِ جو بندوبست ڪري وٺنداسين."

"ڪيئن ٿو پائين يار، چوڪري سڻي آهي نه؟" ميريسئف پراڻ تي ليٽندي پنهنجي راءِ جو اظهار ڪيو ۽ پنهنجا هٿ پير ايترو ته زور سان ٽيڙي ڇڏيا جو منجهائن ٽڪاءَ نڪري ويا.

"خراب ڪانهي." پتروف بناوتي بي نيازيءَ سان چيو.

"تو ڏٺو پئي ته ڪيئن نه هن توکي گهوري گهوري پئي ڏٺو!"

"نه، مون ته ڪونه ڏٺو. هوءَ ته سمورو وقت توسان ڪل پوڳ ڪري رهي هئي."

هڪ منٽ کان پوءِ ڪيس رڳو ساهه ڪٽڻ جو آواز پئي ٻڌڻ ۾ آيو، ليڪن ميريسئف سمهي نه سگهيو. ٽڏي ۽ پرسڪون پراڻ تي ليٽندي هن ڏٺو ته مارينا ڪمري ۾ داخل ٿي ۽ ڪجهه ڳولڻ لڳي. هر هر سندس نگاه

چُلهي ڏانهن کڄيو ٿي وئي. هن ميز تي رکيل ڏيئي کي وسايو ۽ ڪيترائي ٻيرا لڪ چوريءَ چُلهي ڏانهن نهاريائين ۽ ستل ماڻهن وچان آهستي آهستي قدم کڻندي دروازي مان نڪري وئي. خبر ناهي ڇو ڪيس چتين لڳل ڇنل ڦاٽل ٽڪڙين ۾ لڪل هن سندر ۽ نازڪ ڇوڪريءَ کي ڏسي اليڪسيءَ جي روح ۾ هڪ قسم جي اداسي ۽ سُڪون جو احساس ٿيو. سمهڻ جو مسئلو حل ٿي ويو هو. صبح جو ڪيس پهرين جنگي اڈام تي وڃڻو هو. ساٽس گڏ پتروف هو. ڪهڙو نتيجو نڪرندو؟ هو سنو ڇوڪر ٿي لڳو. پهرين نظر ۾ مارينا سندس عشق ۾ گرفتار ٿي وئي هئي. خير، ٺيڪ آهي، سنو ٽئي جو هو ٿوري دير آرام ڪري وٺي.

هن پاسو ورايو. پراڻ ۾ سُرسراهٽ ٿي ۽ هو بي خبر ٿي سمهي پيو.

جڏهن هو اٿيو تہ ڪيس محسوس ٿيو تہ ڪو وڏو حادثو ٿي چڪو آهي. هڪدم تہ ڪين سمجهہ ۾ ئي ڪونہ آيو تہ ڳالهہ ڇا آهي؟ پر هڪ سپاهيءَ جي فطري جذبي تحت هو ٽپ ڏيئي اٿيو ۽ پنهنجو پستول سنياليو. ڪيس خبر نٿي پئي تہ هو ڪٿي آهي؟ ڪاري دونهي جا ڪڪر، جن مان ٿوم جهڙي بوءِ پئي آئي، هر شيءِ کي وکوڙي ويا هئا ۽ جڏهن دونهون ختم ٿيو تہ ڪيس پنهنجي مٿي مٿان عجيب ۽ وڏا وڏا تارا ٽمڪندا نظر آيا. ڏينهن جهڙي روشني پکڙيل هئي. هن ڏنو تہ جهوپڙيءَ جي ڀتين جا ٻُنڌا ماڇس جي تيلين وانگر ٽڙيا پکڙيا پيا هئا. ڇت اڪڙي پيئي هئي ۽ داسا پري پيا هئا ۽ پويان ڪا شيءِ سڙي رهي هئي. سندس ڪنن ۾ ڪنجهڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. ڪيس هوائي جهازن ۽ انهن مان ڪرندڙ بمن جا خوفناڪ آواز ٻڌڻ ۾ آيا.

"سمهي پئہ." هن پتروف کي رڙ ڪري چيو، جيڪو مٽيءَ جي ڍڳن ۾ چُلهي جي ڇت تي وينو پنهنجي چوڌاري وحشت مان نهاري رهيو هو. "چُر پُر نہ، خاموش پيو رهہ." هن اُتي ڀڄڻ جي خواهش کي دٻائي ڇڏيو. اها خواهش رات جو بمباريءَ وقت هر شخص جي دل ۾ پيدا ٿئي ٿي — جنهن طرف بہ آيو، نڪ سڌو ڀڄندو وڃ، جيستائين دم ۾ دم آهي، تيستائين ڀڄندو وڃ ـــ!

بمبار نظر نٿي آيا. هو هوائي جڏين ۾ ٻڌل راڪيٽن جي روشنيءَ

جي ۾ ڳوٺ مٽان چڪر ڏيئي رهيا هئا، پر انهيءَ روشنيءَ ۾ ڪرندڙ بم صاف صاف نظر پئي آيا. هواباز ڇُلهي سان چُهٽي ويا، جيڪو هر بم ڏماڪي سان لُڏي ٿي ويو. پوءِ بمبارن جو آواز پري گم ٿيندو ويو ۽ سانت چانئجڻ لڳي. "ها، انهن اسان کي ٿورو ڏونڊاڙيو آهي. هاڻي اسين تازا توانا ٿي وياسين." اليڪسيءَ پُرسڪون بنجندي چيو ۽ پنهنجي ڪپڙن تان پراڙ ۽ مٽي ڇنڊڻ لڳو.

"پر انهن ماڻهن جو ڇا ٿيو، جيڪي هتي ستل هئا؟" پتروف خوف وچان پڇيو ۽ پنهنجي ڏڪندڙ واڇن ۽ آترويلائي کي روڪيندي چيو. "۽ مارينا؟"

هو چلهي تان لٿا. ميريسئف وٽ هٽ بتي هئي. هن ٽڙيل پکڙيل تختن ۽ ٻُنڊن هيٺان ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ڪيس ڪجھ ٻ نظر ڪونہ آيو. پوءِ ڪين خبر پئي تہ هوابازن خبرداريءَ جو اطلاع ڏيڻ ورتو هو ۽ سيئي پڄي وڃي خندقن ۾ لڪا هئا. ميريسئف ۽ پتروف سمورن مٽيءَ جي ڍڳن کي ڳوليو، پر ڪين مارينا ۽ ماٽس جو ڪوبہ پتو ڪونہ پيو. هنن سڏ ڪيا، پر ڪين ڪوبہ جواب ڪونہ ملیو. آخر هنن جو ڪهڙو حشر ٿيو؟ ڇا هو هن بمباريءَ کان بچي نہ سگھيون؟

ڳولا ڪندڙ ٽوليون رستي تي اچي چڪيون هيون ۽ امن بحال ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيون هيون. انجنيئرنگ جي دستي جا ماڻهو باھ وسائي رهيا هئا. مٽيءَ کي هٽائي، انهيءَ مان لاشن ۽ زخمين کي ڪڍي رهيا هئا. پٽيوالا رستن تي ڊوڙي رهيا هئا ۽ هوابازن جا نالا پڪاري رهيا هئا. رجمينٽ هڪدم هڪ ٻئي مرڪز تي پهچائي ويئي. هوابازن ۽ مسترين کي هوائي اڈي تي گڏ ڪيو ويو تہ جيئن پرھ ڦٽندي ئي هو پنهنجا هوائي جهاز ڪٽي اڏامن. ڳڻپ مان خبر پئي تہ جاني نقصان کو ايترو گھٽو ڪونہ ٿيو هو. هڪ هواباز زخمي ٿيو هو، توڙي مستري ۽ پنهنجي چوڪين تي پهرو ڏيندڙ ڪيترا ئي سپاهي ماريا ويا هئا. اندازو هو تہ ڳوناٽا بہ ڪيترا ئي مارجي ويا هئا، پر ڪيترا؟ سو اونداهيءَ ۽ افراتفريءَ جي ڪري چٽو ڇئي نٿو سگھجي.

صبح جو تڙڪي نکرڻ بعد ميريسئف ۽ پتروف ان گھر وٽان لنگھيا، جتي هنن رات گذاري هئي. هنن جي دل اها ڳالھ قبول ئي ڪانہ

پئي ڪئي. هو ڪن پل لاءِ بيهي رهيا. ٻنڊن ۾ ڪائين جي انبارن و چان انجنيئرنگ جي دستي جا ٻہ سپاهي هڪ استريچر ڪنيو پئي آيا، جنهن تي رت ۾ ٻڌل چادر ۾ ويڙهيل لاش هو. "ڪير آهي؟" پتروف پڇيو. هن جو چهرو زرد هو ۽ خراب انديشن سبب سندس دل ۾رجي آئي.

"هڪ پوڙهي ۽ هڪ ڇوڪري، اسان کي تہ خاني مان مليون. کين ڪرندڙ سرن جا ڏڪ لڳل آهن. هو ڏڪ سان ئي مري ويون. خبر ناهي تہ هي لاش ڪنهن جوان ڇوڪريءَ جو آهي يا ڪنهن معصوم ٻڇڙيءَ جو؟ ايترو تہ نديڙي آهي جو خبر ئي نٿي پوي. مڪڙي مان ڏاڍي سهٽي من مهٽي ٽي لڳي. سندس ڇاتيءَ تي سِرون ڪريون آهن. ڏاڍي خوبصورت آهي، بنهہ ڪنهن معصوم ٻارڙيءَ وانگر."

..... اُن رات جرمنن پنهنجو آخري وڏو حملو ڪيو ۽ روسي فوجن تي حملو ڪري، هنن ڪورسڪ جي اها جنگ شروع ڪري ڏني، جيڪا سندن لاءِ موت جو پيغام بڻي. ■

[3]

اڃا سج ڪونہ ايريو هو. اونهاري جي مختصر رات جي تاريڪ ترين گهڙي هئي. پر هوائي اڈي تي گرم ٽيندڙ هوائي جهازن جي انجڻن جو گوڙ لڳو پيو هو. ماڪ ۾ ينل ڇهر تي نقشو پکڙيو پيو هو. اڳواڻ چيسلوف نقشي تي جهڪي پنهنجي هوابازن کي نئون هوائي اڈو ۽ ان جو رستو ڏيکاري رهيو هو.

"اڪيون ڪليل رکو ۽ هڪ ٻئي کي نظرن کان پري ٽيڻ نہ ڏيو. هوائي اڈو جنگ جي بنهہ اڳين صفن ۾ آهي."

نئون هوائي اڈو واقعي جنگ جي مورچي جي بنهہ ويجهو هو. نقشي تي مورچي جو نشان بلو پينسل سان ٺهيل هو. سج جي پهرين ڪرڻن آسمان کي روشن ڪري ڇڏيو هو. جڏهن ٻيو دستو پنهنجي اڳواڻ جي پويان اڏاڻو، تڏهن اڃا ٻنين ۾ گلابي ڏنڊ ڇانيل هو. هڪٻئي جي پرسان اڏامندي هوائي جهازن ڏڪڻ جو رخ رکيو.

ميريسئف ۽ پتروف ٻئي جڙا پنهنجي پهرين اڏام ۾ هڪ ٻئي جي ويجهو اڏامندا رهيا. ان مختصر اڏام ۾ ٻنهي جڻن هڪٻئي کي

سمجھڻ ۾ پر ڪڻ جي ڪوشش ڪئي.

نئون هوائي اڈو پيادل رجمينٽ جي پٽيان هو. جيڪڏهن جرمنن کي انهن جي خبر پئجي وڃي ها ته اهي ڳرين توپن سان ئي نه، پر هلڪي توپن سان به کين پنهنجو نشانو بنائي سگهيا پئي، پر انهن وٽ ايترو وقت ڪٽي هو جو اهي پنهنجي نڪ هيٺان موجود هوائي اڈي جي ڳولڻ جو انتظام ڪن. اڄا اونداهي ئي هئي جو هنن روسي فوجن جي مورچن تي گولا وسائڻ شروع ڪري ڏنا. ڏماڪن سان آسمان ڏري رهيو هو. هر منٽ بعد ائين ٿي لڳو، جڻ گهاتو جهنگ هوا ۾ اڏامندو هجي. انهيءَ گوڙ گهمسان واريءَ اونداهيءَ ۾ ڪنهن شيءِ جي خبر ونڊ ڏاڍي ڏکي ڳالهه هئي. سج هڪ ميرانجهڙي ڳاڙهي تالهيءَ وانگر هو.

هڪ مهينو اڳ روسي هوابازن جرمنن جي صورتحال جو جائزو ونڊ لاءِ جيڪو آسماني دورو ڪيو هو، سو ڪو بيڪار ڪونه ثابت ٿيو هو. ان مان جرمن اڳواڻن جي ارادن جي پليءَ پٽ پروڙ پئجي پئي سگهي. انهن جي فوجن جي پوزيشن ۾ مورچا بندي جو احوال نقشي تي موجود هو. جرمن پنهنجي عادت مطابق غافل ۾ ستل دشمن جي پٺيءَ ۾ خنجر هڻڻ جا منصوبا ٺاهي رهيا هئا، پر دشمن رڳو اهو محسوس پئي ڪرايو ته هو ستل ۾ غافل آهي ۾ هٿ وٺي کين لالچائي اهڙي ته ڦندي ۾ ڦاسايائين جو سندن بچڻ محال ٿي پيو هو. ڪوڙيون[1] ميلن تي پکڙيل محاذ توپن جي تيارين جو گوڙ گهمسان اڄا ختم ئي ڪونه ٿيو هو ۽ اڄا جرمنن جا ڪن پنهنجي توپن جي آوازن سان ئي پوڙا ٿي رهيا هئا ۾ بارود جي دونهن جا ڪڪر سندن صفن تي اڄا ڇانيل هئا ته کين بنهه پنهنجي ئي خندقن تي بمن جا سرخ گولا ڪرندا نظر آيا. روسي توپن جا گولا پوري نشانيءَ تي ٿي ڪريا. انهن جرمنن جي سموريءَ محاذ تي بم ڪونه ٿي اڇلايا، پر ڪن خاص خاص مرڪزن کي نشانو ٿي بنايو. هنن پليٽن، زمين اندر لڪل گولي بارود جي ذخيرن ۾ ڪمانڊ پوسٽن کي نشانو بنايو.

جرمن گولابارياءَ وڌيڪ هڪ خوفناڪ جنگ جي صورت اختيار

1. هڪ ڪوڙي ۾ ويهه ميل ٿين ٿا.

ڪري ورتي، جنھن ۾ ٻنھي طرفن کان مختلف قسمن جي هزارين توپن حصو ورتو. جڏھن اڳواڻ چيسلوف جو دستو هوائي اڈي تي لٿو، تڏھن زمين ڏکي ويئي ۽ ڏماکا آسمان ڏاري رهيا هئا. رجمينٽ جي هوائي اڈي مٿان بمبارن جا ولرن جا ولر لھندا رهيا.

دستن کي حڪمن ڏنو ويو تہ اهي 'ٻئي مرحلي لاءِ' تيار رهن، جنھن جو مطلب هو تہ هواباز پنھنجي هوائي جھازن جي ڪاڪ پٽ ۾ موجود هجن ۽ جيئن ئي پھريون راڪيٽ هوا ۾ بلند ٿئي تہ هو هليا وڃن.

ميريسئف پنھنجي بيقرار ساٿيءَ کي ڏٺو ۽ دل ئي دل ۾ سوچيو تہ: "اسان جي عمر لڳ ڀڳ ھڪ جيتري آهي. هو 19 سالن جو آهي ۽ آئون 23 سالن جو. مرد ماڻھوءَ لاءِ ڇٺن سالن جو فرق ڪو ايڏو وڏو ڪونھي. پر پوءِ بہ پنھنجي ساٿيءَ جي پرسان ھن پاڻ کي ھڪ تجربيڪار، سنجيدو ۽ ٽڪل پوڙھو ماڻھو محسوس ڪيو. پتروف بيقراريءَ مان ڪاڪ پٽ ۾ ويھي پنھنجا ھٿ مھٽي رهيو هو، ڪلي رهيو هو ۽ مٿان لنگھندڙ روسي هوائي جھازن سان رڙيون ڪري ڳالھائي رهيو هو ۽ اليڪسي ان محل پنھنجي جاءِ تي ٽنگون ٽيڙيو آرام سان وينو هو. هو پرسڪون هو. ھن جا پير ڪونہ ھئا، تنھن ڪري سڄي دنيا جي هوابازن جي مقابلي ۾ سندس لاءِ هوائي جھاز اڏائڻ ڏاڍو مشڪل هو. پر پوءِ بہ هو پريشان ڪونہ هو. ھن کي پنھنجي فن تي پورو يقين ۽ پنھنجي وڊيل ٽنگن تي پورو پروسو هو.

شام تائين رجمينٽ 'ٻئي مرحلي' ۾ رهي، ڪنھن سبب جي ڪري ھنن کي بچت ۾ رکيو ويو. ظاھر هو تہ ھنن ضرورت کان اڳ ھنن جي پوزيشن ظاھر ڪرڻ نٿي چاهي. رجمينٽ کي سمھڻ لاءِ جيڪي خندقون مليون هيون، سي جرمن فوجن ناهيون هيون. اهي خندقون ان زماني ۾ ناهيون ويون هيون، جڏھن هتي جرمنن جو قبضو هو.

ميريسئف ۽ پتروف کليل آسمان هيٺ سمھڻ لاءِ پنھنجا ٽپڙ پکيڙيا. کين ڪپڙن لاھڻ کان سواءِ ئي سمھڻ جو حڪم هو. اليڪسيءَ رڳو پنھنجي پيرن جا ڏاڳا ڪڍي ڌرا ڪيا. هو سڏو سنئون ستو پيو هو ۽ آسمان کي تڪي رهيو هو. پتروف ھڪدم سمھي پيو. هو ننڊ ۾

کونگھرا ھڻندو رھيو، وڌندو رھيو، واڇون ٽيڙيندو ۽ چپ چوسيندو رھيو. ھو ھڪ پار وانگر ٽوندڙو ٽيو ستو پيو ھو. ميرپسئف پنھنجو فوجي ڪوٽ متائنس وجھي ڇڏيو. جڏھن ھن محسوس ڪيو ، ڪيس نند نڪي اڇي ته ھو سيءَ ۾ ڏکندو اٽيو ۽ پنھنجا ھٿ ۽ پير زور زور سان ھلائڻ لڳو ته جيئن ڪجھ گرم ٿئي ۽ پوءِ ھو ھڪ وڻ جي ڪريل ڏُڙ تي وڃي ويھي رھيو.

توپن جو بِگل وڄو. ڪٽي ڪٽي فقط چند توبچين ايڪڙ ٻيڪڙ گولا وسايا. انھن مان ڪي گولا ھوائي اڏي جي آس پاس ڪريا. اليڪسيءَ انھن ڏماڪن ڏانھن مُڙي ٻ ڪونہ ڏٺو. سندس نگاھون لڙائيءَ واري مورچي ڏانھن جميل ھيون. اوندھ ۾ ٻ مورچو چٽو ڏسڻ ۾ پئي آيو. ان وقت لڙيءَ رات جو پڻ زبردست لڙائي ٽي رھي ھئي.

رات جي بمبارن جو گوڙ ٻڌڻ ۾ آيو ۽ سمورو محاذ گولين جي گرجدار آواز سان ڀري رھيو ھو، پر برچ وڻن جي پالوندرن تي ڦيرا ڏيندڙن يونئرن جي يونيات تي ڪوبہ اثر ڪونہ ٽي پيو. جھنگل جي گھراين مان ڪٽان ھڪ عقاب انساني آواز ۾ دانھن ڪئي ھي سنو سنوڻ ڪونہ ھو. گھاٽن وڻن ۾ ھڪ بلبل ڳائي رھي ھئي. سندس دل مان ڏينھن وارو خوف ختم ٽي ويو ھو. پھرين ته ھن ھِيڪي ھِيڪي ٽي ڳايو، جڏھڪ پنھنجي آواز جو امتحان ونندي ھجي، پر پوءِ ڀرپور نموني ۾ ڳائڻ لڳي. ايتري قدر جو پيون بلبليون پڻ ڳائڻ لڳيون ۽ ٿوري دير کان پوءِ سڄو محاذ ھر طرف کان مٺڙن نغمن سان گونجڻ لڳو. تڏھن ته ڪورسڪ جون بلبلون سڄي دنيا ۾ مشھور آھن!

ھاڻي بلبلن جي نغمن سان سمورو آسمان گونججي رھيو ھو. اليڪسي، جنھن کي صبح جو ڪنھن ڪميشن جي سامھون نہ، بلڪ خود موت جي سامھون امتحان لاءِ وڃڻو ھو، بلبلين جي انھيءَ گڏجي ڳائڻ واري شور ۾ جاڳندو رھيو. سندس خيالن جو مرڪز ايندڙ صبح ڪونہ ھو، نہ ئي ايندڙ جنگ ھئي، نہ ڪو موت جو امڪان ھو. سندس خيالن جو مرڪز ته اھا ڏور رھندڙ بلبل ھئي، جنھن ڪنھن وقت ڪامي شين جي ٻاھران سندس لاءِ ھڪ نغمو ڳاتو ھو. سندس خيال ۾ ھن جي "پنھنجي" بلبل، پنھنجي اولیا رچيل ھئي.

اوپر ۾ آسمان جو رنگ پيلو ٿي ويو. آهستي آهستي بلبلن جا نغما توپن جي ڌماڪن ۾ گم ٿي ويا ۽ سج آهستي آهستي جنگ جي ميدان مٿان اُپريو. ■

[4]

ڪورسڪ جي زبردست جنگ انهيءَ خون خرابي سان هلندي رهي. پهريون جرمنن جو منصوبو هو تہ ڪورسڪ جي ڏکڻ ۽ اتر ۾ اسان جي دفاعي لائين کي ٽوڙي روسي فوج جي ڪورسڪ واري جٿي کي چوطرف گهيرو ڪري، اتي "جرمن اسٽالن گراد" جو بنياد رکجي، پر روسي فوج جي بچاءَ واري ثابت قدميءَ سندس منصوبن تان پاڻي ڦيري ڇڏيو. ڪجھ ڏينهن کان پوءِ جرمن اڳواڻن محسوس ڪيو تہ هو اسان جي دفاعي لائين ٽوڙڻ ۾ ناڪام ويندا، پر جيڪڏهن ڪامياب بہ ٿيا تہ سندن نقصان ايترو تہ گهڻو ٿي چڪو هوندو، جو اڳيان وڌي گهيرو وجهڻ لاءِ وٽن ڪي گهٽا سپاهي ڪونہ بچندا. پر هاڻي تہ تمام گهڻي دير ٿي چڪي هئي.

روسي ڪمان جرمن حملن جو جواب انهن فوجن جي مدد سان ڏنو، جيڪي هتي بچاءَ وارا مورچا سنيالي ويٺيون هيون. روسي ڪمان جرمنن جي انهيءَ خوفناڪ ۽ جان ٽوڙ جنگ جو نظارو ڪري رهي هئي. هن پنهنجي بچت وارين فوجن کي پري رکي ڇڏيو هو ۽ دشمن جي ٽڪجڻ ۽ بيوس ٿيڻ جو انتظار ڪري رهي هئي. جيئن اليڪسيءَ کي پوءِ معلوم ٿيو تہ سندس رجمينٽ جو ڪم هي هو تہ هوءَ ان فوج جي حفاظت ڪري، جيڪا جوابي حملي لاءِ صفون ٻڌيو ٻيٺي هئي، تنهن ڪري اهي ٽينڪن ۽ هوائي فوج جا دستا، جن کي ساٺس گڏ حملو ڪرڻو هو، سي هن عظيم جنگ جي شروع ۾ خاموش تماشو ڏسندا رهيا. جڏهن دشمن جون سموريون فوجون ڇڪجي جنگ جي ميدان ۾ اچي ويون، تڏهن هوائي اڈي تي "ٻئي مرحلي" جو حڪم ختم ٿيو ۽ هوابازن کي خندقن ۾ ڪپڑا لاهي سمهڻ جي اجازت ملي.

صبح جو وقت هو. سج جا ڪرڻا خندق اندر فرش تي پڳجي رهيا هئا. هي ٻئي دوست تختن تي ستا پيا هئا. اوچتو مٿي رستي تي تيز تيز قدمن جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو ۽ ڪنهن هڪل ڪئي "ٽپالي!" محاذ تي اهو

لفظ جادوءَ جو اثر رکي ٿو.

ٻنهي جڻن گڏوگڏ پنهنجا ڪمبل لاهي ڦٽا ڪيا ۽ جيستائين اليڪسي پنهنجي پيرن جا ڏاڪا ٻڌي، تيستائين پتروف ڏوڙي ٻاهر نڪري ويو. هن ٽپاليءَ کي وڃي جهليو ۽ اليڪسيءَ لاءِ ٻن خطن سوڌو ڏاڍي سوپاري شان سان اندر آيو. هڪڙو خط سندس ماءُ جو ۽ هڪ خط اولیا جو. اليڪسيءَ اڳيان وڌي ڪانئس ٻئي خط ڦري ورتا. عين انهيءَ پل هوائي اڈي تان بگل جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو، جيڪو هوابازن کي پنهنجي پنهنجي جهاز تائين پهچڻ جو اطلاع ڏئي رهيو هو.

ميريسئف ٻنهي خطن کي پنهنجي ورديءَ ۾ وڌو ۽ ٿوري دير کان پوءِ کيس انهن جي ڳالهه ئي وسري وئي. هو پتروف جي پٺيان جهنگل جي ان رستي تي هلڻ لڳو، جيڪو هوائي جهازن ڏانهن ٿي ويو. هو ڪافي تيز پيڄي رهيو هو. هو پنهنجي لڪ جي سماري هلي رهيو هو ۽ بنهه معمولي منڊڪائي رهيو هو. جڏهن هو هوائي جهاز وٽ پهتو، تڏهن ان جو ڪاڪ پٽ ڪليل هو ۽ منهن ۾ ماتا وارو مستري، جيڪو ڳالهه ڳالهه تي وڏو ٽهڪ ڏيندو هو، بي صبريءَ سان سندس انتظار ڪري رهيو هو.

انجڻ گوڙ ڪيو. ميريسئف پنهنجي دستي جي اڳواڻ جهاز نمبر6 کي گهوري رهيو هو. اڳواڻ چيسلوف پنهنجي هوائي جهاز کي ڏوڙايو ۽ ڪليءَ ميدان ۾ نڪري ويو. هن ٻانهن مٿي ڪئي، جنهن جو مطلب هو "بنهه تيار رهو!" ٻيون انجڻون به گوڙ ۽ شور ڪرڻ لڳيون.

جڏهن اليڪسي پنهنجي هوائي جهاز ڏانهن ڏوڙندو پئي ويو تہ اوڏيءَ مهل کيس ٻئي هواباز ٻڌايو هو تہ هاڻي ٽينڪون پيش قدمي ڪري رهيون آهن، جنهن جو مطلب هي هو تہ هاڻي جنگي هوائي جهازن کي ٽينڪن جي ان رستي جي حفاظت ڪرڻي پوندي، جيڪو دشمن جي پاچ ڪاڏل مورچن وٽان ٽيندو ٿي ويو. انهيءَ جو مطلب چا هو؟ يقيناً ان جو مطلب ڪا پُرسڪون اڈام ڪانه هئي. اويرو يا سويرو دشمن سان ضرور ڇتي ويڙهه ٿيندي. هاڻي امتحان جو وقت پيو اچي. هاڻي هو ثابت ڪندو تہ هو ڪنهن به هواباز کان گهٽ ناهي ۽ اهو تہ هن پنهنجو مقصد حاصل ڪري ورتو آهي.

اليڪسي ٿورو گھبرايل ٿي لڳو. انھيءَ جو مطلب اھو ڪونہ ھو تہ ڪو ھو موت کان ڊنل ھو. ان جو ڪارڻ خطري جو اھو احساس ہ ڪونہ ھو، جيڪو بھادر کان بھادر ۽ پُرسڪون کان پُرسڪون ماڻھوءَ کي ہ متاثر ڪري ٿو ڇڏي. ڪا ٻي شيءِ ھئي، جيڪا کيس پريشان ڪري رھي ھئي. ڇا اسلحہ خاني وارن مشين گنن ۽ توپن جي جانچ ڪري ورتي آھي؟ ڇا سندس نئين ھوائي ٽوپلي ۾ ڪن ۾ آواز پھچائيندڙ اوزار لڳايو ويو آھي، جنھن جي آزمائش اڄا کان ٿي ھئي؟ ڇا پتروف پنيان رھجي تہ نہ ويندو، يا ھو دشمن سان وڙھڻ ۾ ضرورت کان زياد تيزي تہ ڪونہ ڏيکاريندو؟ لکڻ ڪٽي آھي؟ ھن واسيلي واسيلي وچ جو تحفو وڃائڻ نٽي چاھيو. کيس اھا ہ پريشاني ھئي تہ ھو خندق ۾ جيڪو ڪتاب ڇڏي آيو ھو، سو ڪير کڻي نہ وڃي. ھو انھن ئي خيالن ۾ ھو، تيستائين ھٿ ھيٺ ٽيو ۽ ڪاڪ پٽ جي ڇت بند ڪئي وئي.

ٽن ھوائي جھازن جي ھڪ ٽولي ھوا ۾ اُڏاڻي، پوءِ ٻي ۽ ان کان پوءِ ٽين. ميريسئف ٻي ٽوليءَ ۾ ھو. ھو جنگ جي اڳئين صف جي مٿان پھتا. عجيب منظر ھو. بمن جي گولن سان زمين ۾ پرڻ وانگر ڏر، کڏون، کوٻا نھي پيا ھئا. سموري تباھ حال وادي ھيٺ ٽيندڙ جنگ ۾ پيدا ٽيندڙ پيلي روشنيءَ سان چمڪي رھي ھئي. ھي سڀ ڪجھ مٿان بلندي تان ڪيترو نہ معمولي، راندڪي جھڙو ۽ عجيب نظر اچي رھيو ھو. ماڻھوءَ کي مشڪل سان يقين ٿي آيو تہ ھيٺ ھر شيءِ سڙي رھي آھي، گوڙ ڪري رھي آھي، لُڏي رھي آھي ۽ ڌُڙڪي رھي آھي.

ھو لڙائيءَ جي اڳئين صف تان اُڪري اڳتي ھليا ويا. دشمن جي پنيان ھڪ چڪر لڳايو ۽ ٻيھر لڙائيءَ واري لائين پار ڪئي. ڪنھن ہ مٿن گولي ڪانہ ھلائي. ماڻھو ھيٺ ئي پنھنجي مصيبتن ۾ ايترا تہ ورتل ھئا، جو مٿائتن ڦيرا ڏيندڙ نون جھازن ڏانھن ڪنھن ہ توجہ ڪونہ ڏنو. پر ٽينڪون ڪٽي آھن؟ او اھي! ميريسئف کين جھنگل مان سُرندو ٻاھر نڪرندي ڏٺو. جلد ئي قطارن ۾ وڏي تعداد ۾ اھي جھنگل مان نڪري آيون، رستن ۽ ڪڻ کوڻن مان اڳتي وڌنديون رھيون. اوڏيءَ مھل ھن ڪن ۾ آواز پھچائيندڙ اوزار (ايئر فون) ۾ اڳواڻ چيسلوف جو

آواز ٻڌو:

"خبردار! آئون آهيان چيتو ٽي، چيتو ٽي! ساڃي طرف جرمن هوائي جهاز! ساڃي طرف!"

اليڪسيءَ پنهنجي ساميون هڪ آڏي ليڪ ڏني. هي اڳواڻ جو هوائي جهاز هو. هوائي جهاز ڏڏڪا ڪاڏا، جنهن جو مطلب هو تہ "اهو ئي ڪريو، جيئن آئون ڪريان."

ميريسئف پاڻ سان گڏ واري هوائي جهاز لاءِ ساڳيو حڪم ڏهرايو. هن مڙي ڏٺو: سندس ساٿي بنهہ سندس ويجهو اڏامي رهيو آهي. نيڪ آهي ياءِ!

"مڙس ٽي مقابلو ڪجانءِ." هن رڙ ڪري چيو.

"تون فڪر نہ ڪر." موٽ ملي.

هن ڀيهر آواز ٻڌہ:

"آئون آهيان چيتو ٽي، چيتو ٽي! مون سان گڏ اچو."

دشمن ويجهو هو، بلڪل سندس هينان. انهن جي قطار ائين هئي، جو هڪ جي پٺيان ٻيو جهاز هو. هي انداز جرمنن کي ڏاڍو وٽندو هو. هي 'يونڪرس 87' جو دستو هو، هڪ انجڻ وارن غوطو ڪائيندڙ جهازن جو دستو. هي اهي خوفناڪ بمبار هئا، جن پولينڊ، فرانس، هالينڊ، ڊنمارڪ، بيلجيم ۽ يوگوسلاويا جي لڙائين ۾ ڏاڍي شُهرت حاصل ڪئي هئي. انهن جي باري ۾ سڄي دنيا جي اخبارن، جنگ جي شروع ۾ وار ڪاندارينڊ داستان ڇاپيا هئا، پر روس جي لامحدود وسعتن ۾ انهن جا ڏاڙا نڪري ويا هئا. تمام گهڻين لڙائين ۾ روسي هوابازن سندن ڪيترين ئي ڪمزورين پروڙي ورتيون هيون ۽ هاڻي اسان جا هواباز انهن 'يونڪرس' کي هڪ معمولي شڪار سمجهندا هئا، جڏ تہ اهي کي جهنگلي تتر يا سما هجن، جن جي شڪار لاءِ ڪنهن قابل شڪاريءَ جي ضرورت ڪانہ هئي.

اڳواڻ چيسلوف سڏو دشمن سان ڪونہ ٽڪريو. هن هڪ چڪر لڳايو. ميريسئف سوچيو تہ "هوشيار اڳواڻ سڄ کي پنهنجي پويان ڪرڻ ٿو چاهي" تہ جيئن سڄ جي اولڙي کان بچي سگهجي. هن هي بہ سوچيو تہ ايتري احتياط کان ڪم ونبي، انهن تي حملو ڪرڻ ڪري

انھن معمولي جھازن جي اجائي عزت ڪئي پئي وڃي، پر پوءِ بہ احتياط ڪرڻ ۾ ڪو نقصان ڪونھي.

ھن ٻيھر مڙي ڏٺو. پتروف سندس پٺيان ھو.

جرمن دستو ھاٿي سندس ساڃي ھٿ تي ھو. اليڪسيءَ پنھنجي اڳواڻ جي حڪم جا آخري لفظ ٻڌا:

"چيتو ٿي، وارو ڪريو."

ھن ڏٺو تہ چيسلوف ۽ سندس ساٿي دشمن جي پاسي کان ڳجھ وانگر جھپو ھنيو. بنھ ويجھي "يونڪرس" تي گولين جي برسات اُٿي. يونڪرس ڪري پيو ۽ چيسلوف ۽ سندس ساٿي ۽ ٽيون ھواباز، ٽئي جرمن ھوائي جھازن جي صف ۾ پيل ڏاڙمان ھيٺ نڪري ويا.

جرمنن ھڪدم پنھنجون صفون درست ڪيون.

اليڪسيءَ اشارو ڏنو ۽ ھن رڙ ڪري چوڻ ٿي چاھيو 'وارو ڪريو' پر ھو جذبات ۾ ايترو تہ وھلورجي ويو، جو سندس وات مان رڳو "وارو..... وارو..... وارو....." ئي نڪري سگھيو ۽ وڌيڪ ڪجھ بہ چئي نہ سگھيو.

ھو ڳھت ڏيئي ھيٺ ٿي ويو ھو ۽ ڪيس سُڪون ۽ آرام سان اڏامندڙ جرمن جھازن جي قطارن کان سواءِ ٻيو ڪجھ بہ نظر نٿي آيو. ھن ان ھوائي جھاز کي نشانو بنايو، جنھن چيسلوف طرفان ڪيرايل جھاز جي جاءِ اڇي ٻري ھئي. سندس ڪنن ۾ گونج پڏڻ ۾ آئي. سندس دل اھڙي تہ تيز ۽ وحشت سان ڌڙڪڻ لڳي جو سندس نڙي سُڪي خشڪ ٿي ويئي ۽ گلو گھٽجڻ لڳو. ھن پنھنجي چونڊيل شڪار کي نشاني جي سُوراخ ۾ رکيو ۽ پنھنجي ٻنھي آگوٺن کي گھوڙن تي رکي ان طرف وڌيو. سرمائي رنگ جي دونھين جون لڪيرون سندس پاسي مان لنگھي ويون. اڙي! ھو تہ گوليون وسائي رھيا آھن. نشانو خالي ويو. ٺيڪ آھي، وري ٻيھر! ھن ٻيري اڃا بہ وڌيڪ ويجھڙائيءَ کان! ڪوبہ نقصان ڪونہ پھتو. پتروف جو ڪھڙو حال آھي؟ ھن کي بہ ڪو نقصان ڪونہ پھتو آھي. ھو ڪاپي طرف آھي. دشمن جو وار خالي ويو. شاباس ڇوڪرا! جرمن ھوائي جھاز جو پاسو سائيز ۾ وڏندو ويو. سندس آگوٺن اليومينم جي تڏن بٽڻن کي محسوس ڪيو. اڃا ٿورو ويجھو

ٽيان.....!

هيءَ اها گھڙي هئي، جڏهن اليڪسيءَ محسوس ڪيو ته هو پاڻ بنھ هوائي جھاز جو ھڪ پرزو ٿي ويو آهي. هن انجڻ جو ڏڙڪڻ ائين ٿي محسوس ڪيو، جڻڪ سندس دل جو ڏڙڪڻ هجي. هن جي سموري وجود هوائي جھاز جي پرن ۾ چرخيءَ جو ڦڙڪڻ محسوس ڪيو ۽ ڪيس لڳو ته هن جي نقلي پيرن ۾ پڻ سُرت اچي ويئي آهي ۽ اهي ڪيس ۽ هوائي جھاز جي تيز چُرپُر جي سموري وابستگيءَ ۾ ڪابہ رڪاوٽ نٿا وجھن ــ نشاني تان هٿي ويندڙ جرمن جھاز کي هن ٻيھر پنھنجي نشاني تي آندو ۽ گھوڙا ڊپائي ڇڏيا. هن نہ ته گولين جا ٽڪاءَ پڏا ۽ نہ ئي گولين جو وسڪارو ڏٺو، پر پوءِ ہ ڪيس يقين هو ته سندس نشانو خالي ڪونہ ويو آهي. هن نشاني تان نظر هٽائي ته ڪيس دشمن جو ٻيو جھاز ہ ڪرندو ڏسڻ ۾ آيو. ڇا هن ٻہ جھاز ڪيرايا آهن؟ نہ، هيءُ پتروف جو ڪارنامو هو. هو سندس ساڄي پاسي ڪان هو. بنھ نئين نڪور هواباز لاءِ اها ڳالھ ڪا خواب مثل ڪانہ هئي. ڪيس پنھنجي ڪاميابيءَ ڪان وڌيڪ پتروف جي ڪاميابيءَ تي خوشي ٿي.

جرمن هوابازن جي قطارن ۾ پيل شگاف مان ٻي ٽولي ہ لنگھي ويئي ۽ تڏهن ئي اصل تماشو شروع ٿي ويو. جرمن هوائي جھازن جي ٻي ڪيپ اچي وئي. ان ۾ نسبتاً گھٽ تجربيڪار هواباز هئا، ڇو ته انهن پنھنجي صفن کي ٽوڙڻ شروع ڪري ڏنو هو. چيسلوف جي ٽوليءَ جا جھاز ٽڙيل پکڙيل يونڪرس تي ڪاهي پيا ۽ انهن کي ڀڄائي ڇڏيائون. هنن انهن کي مجبور ڪيو ته پنھنجا ہم خود پنھنجن مورچن تي وسائين. اڳواڻ چيسلوف جي مھم واري ڳالھ هاڻ سمجھ ۾ آئي هئي..... هن جو مقصد هو ته دشمن کي پنھنجي مورچن تي ہم وسائڻ تي مجبور ڪيو وڃي. سڄ کي پنھنجي پٺيان ڪرڻ کو هن جو اصل مقصد ڪونہ هو.

جرمنن جي پھرين قطار ٻيھر درست ٿي ويئي ۽ يونڪرس ان طرف اڏامڻ لڳا، جتان ٽينڪن وچوٽي پيدا ڪئي هئي. ٽينءَ ٽوليءَ جو حملو ڪامياب ڪونہ ٿيو. جرمن جي جھازن مان ڪوبہ جھاز ڪونہ ڪريو، ويتر روسي جھازن مان ھڪ جھاز گھٽجي ويو هو. ان کي

جرمن توپچيءَ ڪيرايو هو. هو اتي پهچي رهيا هئا، جتي ٽينڪن پنهنجي حملن ۾ تيزي پيدا ڪري ڇڏي هئي. هاٿي گهٽو مٿي وڃڻ جي ضرورت ڪانه هئي. چيسلوف هينان ئي حملي ڪرڻ جو خطرو پولي ڪنيو. اليڪسيءَ دل ئي دل ۾ سندس تائيد ڪئي. هو خود بيقرار هو ته پاسيرو حملو ڪري 'لا ـ 5' جي شاندار خوبين جو پرپور فائدو وٺجي ۽ دشمن جي پيٽ کي 'چيري ڦاڙي' ڇڏجي. پهرين ٽولي مٿي گوليون هلائڻ شروع ڪري ڇڏيون. ۽ جرمن هوائي جهاز صف مان غائب ٿي ويا. انهن مان هڪ ته پڪ سان وچان اڏو اڏ ٿي ويو هو.

"هليا، مون سان گڏ اچ." ميريسئف رڙ ڪري پتروف کي چيو- زمين بنهه ابتي ٿي نچڻ لڳي. اليڪسي پنهنجي جاءِ تي ڪري پيو، جڙ ته ڪيس کي زبردست ڏڪ لڳو هجي. ڪيس پنهنجي وات ۾ چپن تي رت جو ذائقو محسوس ٿيو. سندس اکين ۾ ڳاڙهي ڏنڊ چانئجي ويئي. اوڏيءَ مهل ڪيس هڪ يونڪرس جو پيٽ نظر آيو ۽ هن گهوڙا دٻائي ڇڏيا هوائي جهاز تيل جي ٽانڪين ۾ گوليون لڳڻ سبب هڪدم ڦاٽي پيو ۽ دونهين ۾ غائب ٿي ويو.

هو انهيءَ شعلن گاڏڙ دونهي جي بادلن مان لنگهي ويو. سندس ساهي سندس ساڄي پاسي کان اڏامي رهيو هو. آسمان بلڪل خالي هو. پري ڪرن جي پس منظر ۾، اُفق تي ڪيس ننڍا ننڍا نقطا ڏسڻ ۾ پئي آيا. هي اهي يونڪرس هئا، جيڪي هيڏانهن هوڏانهن ٽڙي پکڙي ويا هئا. هن گهڙي ڏني ۽ حيران ٿي ويو، هن جي ليکي هيءَ ويڙهه اڃ ڪلاڪ کن هلي هوندي ۽ سندس پارٽ هاڻي ختم ٿيڻ ٿي هوندو. پر واڙ پئي پڏا و ته اهو سڀ ڪجهه شروع ڪان آخر تائين فقط ساڍن ٽن منٽن ۾ ختم ٿي ويو هو.

"جيئر و آهين؟" هن پنهنجي ساٿيءَ کان پڇيو، جيڪو ساڄي پاسي کان ڦري کاپي پاسي اچي چڪو هو.

هن قسمين قسمين آوازن جي شور ۾ ري کان خوشيءَ جي نشي ۾ ٻڏل آواز ٻڌو: "ها زنده آهيان..... هيڪ، ٽو و سڪ ڏس....."

هيڪ رڳو دونهون ئي دونهون هو. هن هنڌ تي جرمن هوائي جهاز ڦٽي رهيا هئا ۽ خاموش فضا ۾ گهاتي دونهين جا ڪر سڌا آسمان

ڏانھن مٿي چڙھي رھيا ھئا، پر ايڪسيءَ انھن جلندڙ جھازن کي ڏسڻ بدران پنھنجي نظر انھن ساواڻ مائل سرمائي پونئرن تي جمائي رکي، جيڪي ٻنين ۾ پري پري تائين اڏامندي نظر اچي رھيا ھئا.

اڳواڻ چيسلوف جي دستي جي نون ھوائي جھازن مان ٻہ واپس اڏي تي ڪونہ پھتا. انھن جي عيوض دشمن جا نو يونڪرس جھاز ڪيرايا ويا ھئا. جيڪڏھن جھازن جي ڳڻپ جي حساب کان ڏٽو وڃي تہ نون جي عيوض ٻن جو فرق وڏي فتح جو ثبوت ھو، پر ٻن ساڻين جي مارجي وڃڻ ڪري فتح جي خوشي، خوشي ڪانہ رھي ھئي. پنھنجن ھوائي جھازن مان لھڻ بعد ھوابازن نہ تہ جنگ جي باري ۾ خوشيءَ جو اظھار ڪيو، نہ وري فتح جا نعرا ھنيا ۽ نہ ئي خطري ٽري وڃڻ کان پوءِ پيدا ٿيندڙ زنده دليءَ جو مظاھرو ڪيو. ھو ڏکويل دل سان پنھنجي عملي جي مھندار وٽ آيا، ھنن خشڪ ۽ ڪاروباري جملن ۾ پنھنجي مھم جي نتيجن جي رپورٽ ڏني ۽ ھڪ ٻئي سان اڪيون ملائڻ کان سواءِ ئي ھليا ويا.

ايڪسي رجمينٽ ۾ نئون ھو، تنھن ڪري ھو انھن ماڻھن کي ڪونہ سڃاڻندو ھو، جيڪي مارجي ويا ھئا. پر سندس ڪيفيت پڻ ساڳي ھئي. اڄ سندس زندگيءَ جو سڀ کان وڏو ۽ سڀ کان انتھائي اھم واقعو ٿيو ھو. ھي اھو واقعو ھو، جنھن جي لاءِ ھو پنھنجي جسم ۽ دماغ جي سموريءَ قوت سان جاکوڙ ڪندو رھيو ھو ۽ انھيءَ تي ئي سندس سڃي مستقبل جو دارومدار ھو— بنھ ٽيڪ ٽاڪ ٽي پنھنجي صفن ۾ واپسي— اڄ اھو خواب پورو ٿي چڪو ھو. ھن اسپتال جي بستري تي ۽ پوءِ جڏھن ھو ھلڻ ۽ نچڻ سکي رھيو ھو، نہ ڄاڻان ڪيترا ڀيرا انھيءَ گھڙيءَ جا خواب ڏٺا ھئا. ان عرصي دوران جڏھن ھو ھوابازجي حيثيت ۾ ٻيھر پنھنجو فن سکڻ جي سرتوڙ ڪوشش ڪري رھيو ھو، تڏھن بہ ھن ھر گھڙيءَ اھو ئي خواب ڏٺو ھو ۽ ھاڻي جڏھن سندس پراڻو خواب پورو ٿيڻ جو ڏينھن اچي چڪو ھو، جڏھن ھن ٻہ جرمن - ھاز تباھ ڪيا ھئا ۽ جڏھن ھو ٻيھر ھوابازن جي صفن ۾ شامل ٿي چڪو ھو، تڏھن ھن ٻين ھوابازن وانگر پنھنجي ڪاميابيءَ جي رپورٽ عھ ي جي مھندار کي ڏني، جنگ جي حالات تي روشني وڌي ۽

پنھنجي ساٿيءَ جي واکاڻ ڪئي ۽ پوءِ برج جي وٽن جي ڇانو ۾ ويھي رھيو.

پتروف واحد شخص ھو، جيڪو ھوائي ميدان ۾ ڊوڙي رھيو ھو. ھن جو مٿو اگھاڙو ھو ۽ سندس سونھري وار ھوا ۾ اڏامي رھيا ھئا. جيڪو ٻہ ماڻھو ڪيس گڏيو ٿي، ھو ان جي ٻانھن جھلي ڪيس پنھنجو قصو ٻڌائڻ لڳي ٿي ويو.

"ھو بنھ منھنجي پرسان ھو..... ھڪ ھٿ جي فاصلي تي ئي سمجھو..... پڌ ٽہ سھي..... مون ڏٺو ٽہ سينيئر ليفٽيننٽ دشمن جي اڳواڻ کي نشانو پيو بنائي ۽ پوءِ مون ان جي پاسي واري جھاز کي نشانو بنايو ۽ نا.....!"

ھو ڊوڙندو اليڪسيءَ وٽ پھتو ۽ سندس پرسان نرم گاھ تي ليٽي پيو ۽ ٽنگون ٽيڙي پڻجي رھيو. ھو وري ٽپ ڏئي اٿيو ۽ چيائين: "اڄ ٽہ تو بنھ کي شاندار ڪرتب ڏيکاريا ھئا! تمام بھترين. منھنجو ٽہ ساھ ھينيون ھيٺ ۽ مٿيون مٿي رھجي ويو ھو. تو ڏٺو ٽہ مون دشمن کي ڪيئن نشانو بنايو؟ پڌ ٽہ سھي..... آئون تنھنجي پٺيان اڏامندو رھيس ۽ ھاڻي ھو منھنجي بلڪل ويجھو نظر آيو، بلڪل ائين، جيئن تون ويٺو آھين....."

"ھڪ منٽ ترسجانءِ دوست." اليڪسيءَ پنھنجي کيسي ۾ ھٿ ھڻندي چيو. "ھو خط، اڑي اھي خط ڪيڏانھن ويا؟" ھن کي اھي خط ياد آيا، جيڪي کيس انھيءَ ڏينھن مليا ھئا. جڏھن ھن کيسن ۾ خط ڪونہ ڏٺا ٽہ کيس ٽڏو پگھر نڪري آيو. ھن پنھنجو ھٿ وردي اندر ھنيو ۽ سُر سُر ڪندڙ لفافن کي محسوس ڪري اطمينان جو ساھ کنيائين. ھن اوليا جو خط ھٿ ۾ کنيو ۽ انھيءَ داستان کان بي نياز ٿي لفافو کولڻ لڳو، جيڪو سندس دوست کيس ٻڌائي رھيو ھو.

بنھ انھيءَ ساعت آسمان ۾ ھڪ راکيٽ ڦاٽو. ھواباز ٽپ ڏيئي اٿيا ۽ ڊوڙي وڃي جھاز ۾ ويٺا. ھن لفافو رکي ڇڏيو. ھو ھڪ لفظ بہ پڙھي نہ سگھيو ھو. خط کولڻ مھل کيس ڪا سخت شيءِ پڌ محسوس ٿي ھئي. ھوائي جھاز ھلائيندي بہ ھو خطن جي گرمي محسوس ڪري رھيو ھو ۽ ھو حيران ھو ٽہ آخر اوليا کيس چا موڪليو آھي؟

ان ڏينهن، جڏهن ٽينڪن واري فوج دشمن جي مورچن ۾ ڏرڻ وجهي چڏيا هئا، تڏهن گارڊ جنگي جهازن جي دستي لاءِ، جن ۾ الیڪسي پڻ شامل هو، هڪ ڇتي ويڙهه جو آغاز ٿيو هو. جتن پويان جتا اڏامي رهيا هئا. پهريون جٿو اڃا هيٺ لٿو ئي مس ٿي ته پيو جٿو اڏاميو ٿي. هوابازن ان ڏينهن کاڏي لاءِ بہ ڪاڪ پٽ ڪونہ چڏيو. کين اتي ئي کاڏو پهچايو ويو، پر ڪوبہ کاڏي جي مود ۾ ڪونہ هو. مانيءَ جو گرهہ کين نڙيءَ ۾ ڦاسي ٿي پيو.

اڳواڻ چيسلوف جو جٿو پيهر هيٺ زمين تي لٿو. جهاز ڊوڙي وڃي جهنگل ۾ پهتا. سندن ٽانڪين ۾ تيل پرجڻ لڳو. الیڪسي ڪاڪ پٽ ۾ ويٺو ٽڪاوٽ جي مٺي سور جي احساس سان مسڪرائي رهيو هو ۽ بي صبريءَ سان آسمان کي گهوري رهيو هو.

جڏهن شام جو انڌيرو چانئجڻ لڳو، تڏهن وڃي هوابازن کي ڪا موڪل ملي. ميريسئف پنهنجي رهائش ڏانهن وڃڻ لڳو، پر هن جهنگل مان لنگهندڙ ٽوري پنڊ وارو رستو ڪونہ اختيار ڪيو. هن پنهنجي خيالن کي گڏ ڪرڻ ٿي چاهيو ۽ سڃي ڏينهن جي گوڙ شور کان پوءِ آرام ڪرڻ ٿي چاهيو. ڪيس سڃي ڏينهن جي وٽ پڪڙ کان پوءِ سُکون جي تلاش هئي. ائين پئي لڳو، جڻ ته اڃوکو ڏينهن ڪٽندو ئي ڪونہ!

هو پنهنجي خيالن ۾ گُم رستو ڏيو پئي ويو ته اوچتو سندس پٺيان هڪ جيپ اچي بيٺي. پٺيان مُڙڻ کان سواءِ ئي الیڪسيءَ سمجهي ورتو ته اهو ونگ ڪمانڊر ئي هوندو. سندس ڪنن جون پاپڙيون ڳاڙهيون ٿي ويون ۽ هو پنهنجي لڪڻ سان زمين کوٽڻ لڳو. پر اوچتو هن ڪرنل جو آواز ٻڌو:

"او يار! تون هتي ڇا پيو ڪرين؟ آئون آهيان سو چئني پاسن پيو توکي ڳوليان. هر ماڻهو پنهنجي بهادر هيري جي باري ۾ پيو پڇا ڪري ۽ تون آهين سو هتي گاهہ ۾ لڪو پيو آهين."

ڪرنل ٽپ ڏيئي جيپ مان لٿو. هن کي جيپ هلائڻ ۾ ڏاڍو مزو ايندو هو ۽ واندڪائيءَ ۾ ڪار ۾ چڙهي هيڏانهن هوڏانهن پيو گهمندو ڦرندو هو. هو گهمي ڪري نيرو وڃو پائيندو هو، تندن ڪري ٻين

مسترين جي وچ ۾ رڳو پنهنجي ڏکڻي ٽوپيءَ ۾ مخصوص مهاندن جي ڪري ئي سڃاڻجي سگهندو هو.

اليڪسي اڃان تائين پنهنجن خيالن ۾ ٻڏل لڪ سان زمين کوٽي رهيو هو. ڪرنل سندس ڪلهن تي هٿ رکيا ۽ چيائين:

"يار! بيهه ته توکي ڏوڪري ڏسي ته وڃان! هونءَ ياءُ توکي خدا ئي سمجهي. اهڙي ته ڪا خاص ڳالهه نظر ڪانه ٿي اچي. هاڻي آئون توکي پنهنجي دل جي ڳالهه ٻڌايان. تون جڏهن اسان وٽ پهتو هئين، تڏهن فوجي هيڊ ڪوارٽر ۾ جيڪي ڪجهه تنهنجي باري ۾ چيو ويو، ان جي باوجود به مون کي يقين ڪونه ٿي آيو ته ڪو تون جنگ ۾ ڪامياب ٿيندين، پر تو ته جنگ ۾ سوپ حاصل ڪري ئي ڏيکاري ۽ اها به ڪهڙي طرح.....! هيءَ ڏرتي، هي اسان جو روس، اسان جي ماءُ آهي. پڪ سان تون پنهنجي ماءُ جي تڄ جو ٿورو لاهڻ ۾ ڪامياب ٿيو آهين. توکي مبارڪون هجن دوست! آئون تنهنجو دل جي گهرائين سان قدر ٿو ڪريان ۽ توکي شاباس ٿو ڏيان. تون واقعي اڻپنگ انسان آهين، مٿير مڙس آهين. تون ئي ڏرتيءَ جو ڏٽي آهين. ڏرتيءَ کي تو جهڙن ٻچڙن تي ناز آهي. هليا ته توکي جيپ ۾ گهر پهچائي اچان....."

جيپ مُڙي ۽ رستي تي پڃڻ لڳي. هر موڙ تي هوءَ چريائپ واري انداز ۾ مُڙي ٽي ۽ سڃي هڪ پاسي جُهڪيو ٽي وئي. "ٻڌاءِ، شايد توکي ڪنهن شيءِ جي ضرورت هجي، شايد توکي ڪنهن قسم جي تڪليف هجي؟ ڪنهن به قسم جي مدد گهرڻ ۾ حجاب نه ڪجانءِ، چو ته تون ان جو پورو حقدار آهين." ڪرنل چيو. هو ڏاڍي هوشياريءَ سان جهنگل ۽ رهائشي جاين وچ ۾ جيپ کي ڊوڙائي رهيو هو.

"مون کي ڪنهن به شيءِ جي ضرورت ڪانهي، ڪامريڊ جرنل! آئون ڪنهن به طرح ٻين کان مختلف ڪونه آهيان. ڏاڍو ڪو سنو ٿئي جو ماڻهو اها ڳالهه وساري ڇڏين ته منهنجا کي پير ڪونهن." اليڪسيءَ جواب ڏنو.

"ها، تون بلڪل ٺيڪ ٿو چوين. ڪهڙي جاءِ آهي تنهنجي؟ هيءَ؟" ڪرنل هڪ جهٽڪي سان جيپ روڪي ۽ اڳيا ميريسئف لٽو ئي مس هو، تيسين جيپ زوزات ڪندي هلي ويئي.

اليڪسي خندق ۾ ڪونہ ويو. هو خوشبوءَ سان معطر ماحول ۾ برچ جي هڪ وڻ هيٺان ليٽي پيو ۽ ڏاڍي احتياط سان لفافي مان اوليا جو خط کوليائين. هڪ تصوير لفافي مان ترڪي وڃي هيٺ ڪري. اليڪسيءَ هڪدم اها کڻي ورتي. سندس دل ڏاڍي تيزيءَ سان ڌڙڪڻ لڳي.

تصوير مان هڪ جاتل سُڄاتل چهرو ڪيس گهوري رهيو هو، پر پوءِ به هاڻي ان چهري کي سجاڻڻ ڏکيو پئي لڳو. هيءَ اوليا هئي، جيڪا فوجي لباس پايو ٻيٺي هئي. گلي تائين بند فوجي وردي، پيٽي 'سرخ ستاري' جو ٻلو ۽ گارد دستي جو ٻلو ۽ اهو سڀ ڪجهہ ڪيس ڪيترو ڏهيو ٿي! هوءَ آفيسر جي ورديءَ ۾ هڪ نازڪ ۽ تمام خوبصورت ڇوڪرو پئي لڳي.

ها، بس ڇوڪري جي چهري تي رڳو ٽڪاوٽ هئي ۽ سندس وڌين وڌين، ڪشادين ۽ چمڪدار اکين ۾ جواني جي اها جوت ڪانہ هئي، جيڪا ان جي عمر ۾ ٽيندي آهي. هونءَ تہ هي اکيون دل ۾ جاءِ ڪنديون پئي ويون.

اليڪسي ڪيتري دير تائين ٽِڪ ٻڌي انهن اکڙين کي گهوريندو رهيو. سندس دل هڪ اهڙي ناقابل بيان مٺي درد ۽ پيڙا سان پُر هئي، جا ماڻهوءَ جي دل ۾ پنهنجي محبوب ۽ پياري گيت کي پري کان آهستي آهستي ٻڌڻ سان جاڳندي آهي. ڪيس سندس ڪيسي مان اوليا جي پراڻي تصوير ملي. هوءَ ڇيت جو فراڪ پايو سفيد تارن جهڙي موتئي جي گلن جي جُهڳٽن ۾ ويٺي هئي. هيءَ عجيب ڳالهہ آهي، جو وردي پاتل ڇوڪري، جنهن جون اکيون ٽڪل ٿي لڳيون ۽ جنهن کي هن ڪڏهن انهيءَ انداز ۾ ڏٺو به ڪين هو، ڪيس ڇيت جي فراڪ واري ڇوڪريءَ کان وڌيڪ پياري ٿي لڳي. نئين تصوير جي پٺيان لکيل هو: "سدائين ياد رکجانءِ."

خط مختصر هو پر بامقصد هو. هاڻي هيءَ ڇوڪري انجنيئرنگ پلٽڻ جي ڪمانڊر هئي. ها، پر اها پلٽڻ هاڻي جنگ جي ميدان تي وڙهي ڪانہ پئي ۽ هاڻ پرامن تعمير جو ڪم ڪري رهي هئي. هيءَ استالن گراڊ جي ٻيهر تعمير ۾ هٿ وندائي رهي هئي. هن پنهنجي باري

۾ بنھ گھٽ لکيو ھو، پر ھوءَ ھڪ عظيم شھر جو ذڪر ڪندي جذبات ۾ بلڪل وھلورجي ويئي ھئي. ھن ان جي مٽيءَ جي ڏيرن ۽ ڪندرن جي باري ۾ لکيو ھو، جن ۾ نئون پساھ پئجي رھيو ھو. ھن عورتن، ڇوڪرين ۽ نوجوانن جي باري ۾ لکيو ھو، جيڪي ملڪ جي سمورن حصن مان شھر جي اڏاوت لاءِ آيا ھئا. ھو خندقن، تھ خانن، سرنگن ۽ غارن ۾ رھيا پيا ھئا، جيڪي جنگ کان پوءِ ائين خالي پيون ھيون. ھو ريل گاڏيءَ جي ڊبن ۽ ڪکائن جھوپڙين ۾ رھندا ھئا. ھن لکيو ھو تہ ماڻھو چون ٿا تہ ھر ان شخص کي ھڪڙي جاءِ ملندي، جن شھر جي تعمير ۾ پرپور حصو ورتو ھوندو. جيڪڏھن اھو سچ آھي تہ پوءِ اليڪسي کي بہ يقين اچڻ گھرجي تہ جنگ کان پوءِ کين ھڪڙو گوشو ضرور ملي ويندو.

انڊيرو چانئجي ويو ھو. اليڪسيءَ خط جون آخري سٽون ھٿ بتيءَ جي روشنيءَ ۾ پڙھيون. جڏھن ھن خط پڙھي ورتو، تڏھن وري تصوير تي روشني وڌائين. ھوءَ وردي ۾ پنھنجي تيز ۽ پُرخلوص نظرن سان کيس گھورڻ لڳي. ”منھنجي منڙي! مون کي خبر آھي تہ توتي ڏاڍو ڪٺن وقت آيو آھي..... ھن ظالم جنگ توکي بہ بخش ڪونہ ڪيو، پر اھا تنھنجي ھمت ۽ حوصلو ڦُري ڪونہ سگھي آھي. ڇا تون منھنجو اوسيئڙو ڪري رھي آھين؟ تون انتظار ڪر، آئون ايندس، ضرور ايندس. تون مون سان محبت ٿي ڪرين؟ ڪندي رھج، منھنجي منڙي! تون ھميشہ مون کي پيار ڪندي رھجان.“ پوءِ ھڪدم اليڪسيءَ شرمندگي محسوس ڪئي، جو ھن ارڙھن مھينن تائين ھن کان، استالن گراڊ جي ھڪ مجاھدڻ کان پنھنجي بدقسمتيءَ جي ڳالھ لڪائي رکي ھئي. ھن جي دل چاھيو تہ ھو ھڪدم خندق اندر وڃي ۽ اوليا کي ھر شيءِ جي باري ۾ صاف صاف لکي ڇڏي. پوءِ ھوءَ پاڻ فيصلو ڪري ۽ اھو ڪم جيترو جلدي ٿي سگھي، !وترو ئي سٺو آھي. سپ ڪجھ طئي ٿي وڃي تہ ٻنھي لاءِ سھوليت ٿي پوي.

ان ڏينھن جي ڪارنامي کان پوءِ ھاڻ ھو ھن سان اکيون اکين ۾ ملائي ڳالھائي سگھيو ٿي. ھاڻي ھو نہ رڳو ھوائي جھاز اڏائي رھيو ھو، پر وڙھي بہ رھيو ھو. ڇا ھن عھد ڪونہ ڪيو ھو تہ جڏھن يا تہ سندس سموريون اميدون ۽ آسرا، جاکوڙ ۽ جدوجھد بنھ ڇيھون ڇيھون ٿي

ويندیون، يا وري هو پين سپاهين جي صفن ۾ برابريءَ جي حيثيت ۾ شامل ٿي ويندو، تڏهن هو ڪيس پاڻ متعلق سڀ ڪجھ ٻڌائي ڇڏيندو؟ هاڻي هن پنهنجو مقصد حاصل ڪري ورتو هو. هن جيڪي ٻه هوائي جهاز ڪيرايا هئا، تن کي سيني ڏنو هو. ان ڏينهن ڊيوٽيءَ تي موجود آفيسر دستي جي روزنامچي ۾ ٻه داخل ڪيا هئا ۽ انهيءَ جي رپورٽ ڊويزنل فوجي هيڊ ڪوارٽر ۽ ماسڪو پڻ موڪلي وئي هئي.

هي سڀ ڪجھ سچ هو. هن پنهنجو واعدو پاڙيو هو ۽ هاڻي هو اوليا کي سڀ ڪجھ ٻڌائي سگھيو ٿي، پر ٿورو سوچيو ته سهي 'جھرڪيءَ' جھڙو جهاز اسان جي ويڑهو هوائي جهاز جي شاني شريڪ آهي؟ هڪ قابل توپچي پنهنجي ڪمال جو ثبوت اهو ته پيش ڪونہ ڪندو ته مون سهو ماريو هو. ڪيئن؟

اليڪسي اڃا تائين برج جي وڻ هيٺ نرم ڇهر تي ويٺو هو، جنهن کي ماڪ پُسائي ڇڏيو هو. هن هڪ پيرو وري تصو.ر ڪيسي مان ڪڍي ۽ ان کي هنج ۾ رکيو ۽ چندڇ جي چانڊوکيءَ ۾ ان تي نظر جمائي، خيالن ۾ گم ٿي ويو. ڪجھ دير کان پوءِ اليڪسيءَ هڪ ٽڏو ساهہ پريو ۽ تصوير کيسي ۾ وجهي ٽپ ڏيئي اٿيو ۽ خندق ۾ هليو ويو، جتي پتروف سنئون ڏگھو ٿيو پيو هو ۽ اگھور ننڊ ۾ زور زور سان کونگھرا ھڻي رهيو هو.

[5]

پرهہ ڦٽيءَ کان اڳ ۾ ئي هوابازن کي جاڳايو ويو. هيڊ ڪوارٽر کي اطلاع مليو هو ته ان علاقي ۾، جتي روسي ٽينڪن دشمن جي لائين ٽوڙي آهي، جرمن هوائي فوج جو هڪ زبردست دستو اچي ويو آهي. زمين جي نشانين ۽ مُخبرن جي اطلاعن ان خيال جي تصديق ٿي ڪئي ته جرمن اڳواڻ ان خطري کي محسوس ڪري ورتو هو، جيڪو ڪورسڪ جي مورچي کي ٽوڙي، روسي ٽينڪن جي اندر گھڙي اچڻ جو سبب پيدا ٿيو هو. انهن "ريختگوفن" هوائي ڊويزن کي گھرائي ورتو هو، جنهن ۾ جرمنيءَ جا بهترين هواباز شامل هئا. ان ڊويزن کي آ ري پيرو استالن گراڊ جي ويجهو پڄائي ڪڍيو ويو هو، پر جرمن محاذ جي پٺيان ڪٽي هن ڊويزن جي پيهر نئين سر تنظيم ڪئي ويئ هئي.

رجمينٽ کي خبردار ڪيو ويو هو تہ دشمن جو تعداد بہ گھٽو آهي ۽ وٽن جديد ترين هوائي جهازن 'فوڪي رولف ــ 190' بہ موجود آهن ۽ جنگ جو بہ تمام گھٽو تجربو اٿن. حڪم جاري ٿيو تہ پيادل فوج جي ٻئي جٿي جي پوري پوري حفاظت ڪئي وڃي، جيڪو ان رات ٽينڪن پنيان دشمن جي صفن ۾ پيل ڏار ۾ اندر گھڙڻ جي لاءِ روانو ٿي چڪو هو.

"ريختگوفن!" هي نالو تجربيڪار هوابازن کي چگيءَ طرح ياد هو ۽ هنن کي خبر هئي تہ ان ڊويزن کي هرمين گوئرنگ جي خاص رهنمائي حاصل آهي. جڏهن بہ ڪٽي جرمن تي گھٽو دٻاءُ ٿي پيو تہ هو هن ڊويزن کي اوڏانهن روانو ڪندو هو. هن ڊويزن جا هوباز، جن مان ڪجھ اسپين ۾ پنهنجي وحشت پٽي جو مظاهرو ڪري چڪا هئا، ڏاڍا مضبوط ۽ جاٽو هوباز هئا ۽ خطرناڪ دشمن جي حيثيت ۾ سندن ڏاڍي هاڪ هوندي هئي.

"ماڻهو ٿا چون تہ اسان جي لاءِ ڪو 'ريختگوفن' موڪليو ويو آهي. ها! آئون چاهيان ٿو تہ جيترو جلد ٿي سگھي، ان سان ملاقات ٿي وڃي. اسين ان ريختگوفن جي چگي طرح سان سارَ لهنداسين." ڪاڏي واري ڪمري ۾ پتروف تکڙا تکڙا گرھ ڇڙڪائيندي ڪليل دريءَ ڏانهن نهاريندي اعلان ڪيو. اتي ماني کارائڻ واري 'رايا' بينل هئي. ظاهر آهي تہ پتروف 'ريختگوفن' تي جيڪي ڇوھ چنڊيا هئا، سي ڪي اليڪسيءَ کي ٻڌائڻ لاءِ ڪونہ هئا، جيڪو ڪافيءَ جو ڪوپ خالي ڪري چڪو هو. اها ڳالھ تہ ان ڇوڪريءَ کي ٻڌائڻ لاءِ چئي هئائين، جيڪا گلن سان کيڏي رهي هئي ۽ جيڪا وَر وَر ڏئي آڏيءَ اک سان خوبصورت ۽ ناهوڪڙي جوان پتروف ڏانهن نهاري رهي هئي.

ميريسئف کين شفقت واري مسڪراهٽ سان ڏسي رهيو هو، پر سنجيده ڳالهين ۾ کيس کل يوڳ اصل ڪونہ وٽندو هو. هن چيو:

"ريختگوفن، ريختگوفن پيو ڪرين. خبر بہ اٿئي تہ ان جو مطلب ڇا آهي؟ ان جو مطلب آهي تہ جيڪڏهن تون اڄ جهنگل ۾ سڙي مرڻ نٿو چاهين تہ پوءِ پنهنجيون اکيون کليل رک، پنهنجا ڪن سَرلا رک ۽ لاڳاپو ٽٽڻ نہ ڏج. سائين منهنجا! ريختگوفن اهڙا وحشي بگھڙ آهن، جو

هو پنهنجا نيش تنهنجي گوشت ۾ ٽنبي ڇڏيندا، پر توکي ڪڙڪ ئي ڪانه پوندي."

صبح جو سوير، خود ڪرنل جي اڳواٽيءَ ۾ پهريون جٿو اُڏاٽو. ايا اهو مٿي ئي هو ته پارنهن جڻن جي پي ٽولي اڏامڻ لاءِ تيار ٿي وئي. ان جي اڳواٽي گارد ميجر فيدو توف ڪري رهيو هو. هو روس جو هيرو هو ۽ ڪرنل کي ڇڏي باقي رجمينٽ ۾ سيني کان تجربيڪار هواباز هو. هوائي جهاز تيار هٿا. اليڪسيءَ ڪاڪ پٽ مان ڏنو ته پهرين ٽوليءَ جا هوائي جهاز مٿان کان هيٺ بلڪل سڌا پئي لٿا، جهڙوڪر آسمان مان وسندا هجن. هن غير ارادي طور کين ڪُٽڻ شروع ڪيو. ڪيس ڏاڍي ڪُٽڻي ٿي پئي، جيستائين وڃي ۽ آخري جهاز ۽ هيٺ نه لٿا، جن کي لهڻ ۾ ٿوري دير ٿي وئي هئي.

ايا پهرين ٽوليءَ جو آخري جهاز ميدان تان موٽيو ئي ڪونه هو، تيستائين فيدو توف جو "نمبر هڪ" زمين کان الڳ ٿي اڏاٽو. سندس جٿو ٻن ٻن جي ٽولين ۾ هوا ۾ بلند ٿي ويو. هي جٿو آسمان ۾ اڏندڙ لغڙن وانگر لڏندو لَمندو واپس وريو. عين ان گهڙيءَ اليڪسيءَ کي افق تي هڪ ٽڪو نظر آيو ۽ پوءِ اهو سمورو ولر، جيڪو بنهه هيٺ زمين کي ويجهو اڏامي رهيو هو. جرمن! سي ۽ بنهه هيٺ اڏامي رهيا هٿا ۽ سندن رخ ان دونهين ڏانهن هو، جيڪو پنين مٿان تري رهيو هو. هن بي اختيار مُڙي ڏنو. سندس پيچي سندس پٺيان هو ۽ جيترو ممڪن هو، اوترو هو ساٽس گڏ گڏ اڏائي رهيو هو.

هن ڪنن تي زور ڏنو ۽ ڪيس پري کان هڪ آواز ٻڌڻ ۾ آيو: "آئون سامونڊي ٻگهه نمبر ٻه فيدو توف آهيان. آئون سامونڊي ٻگهه نمبر ٻه فيدو توف آهيان. هوشيار! مون سان گڏ اچو."

گوڙ ۽ شور ۾ ٻيو حڪم ختم ٿيڻ شرط ئي سموري ٽوليءَ ٻن ٻن جي جوڙي ناهي، پنهنجو رُخ بدلايو ۽ هڪ ٻئي کي بنهه ويجهو ويجهو، اڏامندي جرمن جو مقابلو ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌيا. نظر، ڪن ۽ دماغ انتهائي شدت سان هڪ ئي نقطي تي جميل رکيائون. اليڪسيءَ کي دشمن جي جهازن کان سواءِ ڪجهه ٻه نظر ڪونه ٿي آيو، جيڪي سندس اکين اڳيان ڏاڍو تيزيءَ سان وڌا ٿيندا پئي ويا. ڪيس آواز ۾ ٻئي

حڪم جو انتظار هو، پر ان حڪم جي بدران هن چٽيءَ طرح جرمن پوليءَ ۾ وهلور ويل آواز ٻڌو: "خبردار، خبردار! 'لا – 5' خبردار!" هي آواز ضرور جرمن جي زميني ڪنٽرول طرفان پنهنجي هوابازن کي چتاءُ ڏيڻ جو حڪم هوندو.

جيئن ته ان مشهور هوائي ڊويزن جو قاعدو هو، هنن جنگ جي سڄي ميدان ۾ ڏاڍي احتياط سان چوڪيدارن ۽ مشاهدو ڪندڙن جو جار وڇائي ڇڏيو هو، جن کي ريڊيو، وائرليس ۽ زميني ڪنٽرول جون ٻيون سهوليتون پڻ مهيا ڪري، گذريل رات جي متوقع جنگي ميدان ۾ هوائي چٽين ذريعي لاٽو ويو هو.

پوءِ ڪجھ گھٽ واضح آواز ۽ جرمن پوليءَ ۾ هڪ رڙ ٻڌڻ ۾ آئي: "لعنت هجي اوهان تي." 'لا – 5' کاپي طرف، 'لا – 5' ان آواز ۾ بيزاريءَ کان سواءِ پريشاني پڻ شامل هئي.

"'ريختگوفن' چا توهان اسان جي 'لا -5' کان ڊجو پيا؟" ميريسئف پنهنجي منهن پُڻ پُڻ ڪئي. هو ويجهو ايندڙ دشمن جي صفن کي ڏسي رهيو هو. هن جي نس نس ۾ عجيب خوشيءَ جي لهر ڊوڙي وئي.

هاڻي دشمن صاف نظر اچي رهيو هو. اهي هڻا جنگي هوائي جهاز "فوڪي وولف 190" اهي تمام مضبوط ۽ تيز رفتار هوائي جهاز هئا، جيڪي بنھ هاڻ استعمال ۾ اچڻ لڳا هئا.

انهن جو ڳاٽيتو فيدوتوف جي ٽوليءَ کان ٻيٽو هو. هو نهايت سخت پابنديءَ سان صفون ٺاهيو اڏامي رهيا هئا، جيڪا انهن جي بهترين صفت هئي. هي ٻن جي جوڙي ٺاهي هڪ ٻئي پٺيان هيٺ مٿي چاڑهيءَ جي ترتيب ٺاهي اڏامي رهيا هئا، اهڙي انداز سان ته جيئن هر جوڙي پنهنجي اڳيان واري جوڙيءَ جي پٺئين حصي جي حفاظت ڪري سگھي. فيدوتوف پنهنجي بلنديءَ جو فائدو وٺي دشمن تي حملو ڪيو. اليڪسيءَ پهريائين ئي پنهنجي نشاني جي چونڊ ڪري ڇڏي هئي ۽ ساڳئي وقت هو ٻين جهازن کان پڻ بي نياز ڪونہ هو۔ هو پنهنجي شڪار ڏانهن وڌيو ۽ ڪيس نظر کان پري ٽيڙ نہ ڏنائين، پر ڪنهن ٻئي و ٽانئس نمبر ڪٽي ورتو. 'ياڪ' هوائي جهازن جي هڪڙي

تولي ٻئي طرف کان آئي ۽ انهيءَ مٿان ئي مٿان جرمنن تي حملو ڪري ڏنو. هي وار ايترو تہ ڪامياب ويو، جو ان دشمن جي صفن کي صفا توڙي ڇڏيو. ان گھڙيءَ ۾ فضا ۾ هڪ قسم جو هنگامو ۽ افراتفري پکڙجي وئي. ٻئي ڏريون پن پن ۽ چئن چئن جي تولين ۾ ورهائجي ويا ۽ چتي ويڙھ وڙھڻ لڳا.

ميريسئف جيڪو شڪار پنهنجي لاءِ چونڊيو هو، سو سندس نظر کان پاسيرو ٿي ويو هو. هن مُڙي ڏنو تہ ڪٿي هنگامي ۾ سندس ساٿي ڪيڏانهن رُلي تہ ڪونہ ويو. نہ! هو بنھ سندس پاسي ۾ اڏامي رهيو هو.

"يار، ڪٿي رهجي نہ وڃجانءِ." اليڪسيءَ ڏند ڪرٽيندي چيو. سندس ڪنن ۾ گوڙ گھمسان ۽ ڳائڻ جو آواز ٻئي آيو ۽ سندس ڪنن فتح جي نعرن، دهشت پريل رڙين، گارين ۽ وڏن وڏن ساه ڪٽڻ جو آواز، پنهي زبانن ۾ صاف صاف ٻڌڻ ۾ ٻئي آيو.

ميريسئف اُتلي دشمن کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي. اوچتو هن کي پگھر اچي ويو؛ بلڪل سندس هينان هڪ 'لا – 5' تي هڪڙو 'فوڪي' لامارو ڏيئي رهيو هو. هن روسي جهاز جو نمبر تہ ڪونہ ڏنو، پر سندس دل چيو تہ اهو پتروف هوندو. "فوڪي وولف" پنهنجي سمورين مشين گنن سان ان تي گوليون وسائي رهيو هو. پتروف جي زندگي بس هڪ پل کان وڌيڪ ڪانہ رهي هئي. هو ٻئي ايترو تہ هڪ ٻئي کي ويجها هئا، جو جنگ جي عام قاعدي موجب اليڪسي پنهنجي ساٿيءَ جي ڪابہ مدد ڪري ڪونہ ٿي سگھيو، پر سندس ساٿيءَ جي زندگي خطري ۾ هئي، تنهن ڪري هن هڪ غير معمولي قدم کڻڻ جو عزم ڪيو. هن پنهنجي هوائي جهاز کي سڌو هيٺ ڪيرايو ۽ گيس تيز ڪري ڇڏي. جهاز پنهنجي وزن ۽ گڏوگڏ انجڻ جي سموري سگھ سبب غير معمولي ڏکيائيءَ سان بنھ پٽر وانگر نندڻ پرن واري 'فوڪي' تي ڪريو. پٽر وانگر نہ، راکيٽ وانگر. هن "فوڪي" کي وسندڙ گولين جي منهن ۾ گھيريو. هن محسوس ڪيو تہ تيز رفتاريءَ سان هيٺ ڪرڻ جي ڪري سندس مٿو ڦري رهيو هو ۽ هو بيهوش ٿيڻ تي هو. هو هيٺ ڪرندو رهيو ۽ هن فضا ۾ چانيل ڏنڊ ۾ فقط ايترو ڏنو تہ سندس پنکي جي بلڪل سامهون 'فوڪي' ڏماکي جي

دونهين ۾ گم ٿي ويو. پر پتروف جو چا ٿيو؟ هو غائب ٿي ويو هو، هو ڪٿي هو؟ چا ڪري پيو؟ چا هو چٽيءَ وسيلي لهي ويو؟ چا هو بچي ويو؟

چئني طرفن فضا خاموش هئي. خاموش هوا ۾ ڪنهن اڻ ڏٺل هوائي جهاز جو پري کان آواز ٻڌڻ ۾ آيو.

"آئون ساموندي بگھڙ نمبر 2 فيدوتوف آهيان، آئون ساموندي بگھڙ نمبر 2 فيدوتوف آهيان، صفون درست ڪريو، منهنجي پٺيان اچو، گھر واپس هلو. آئون ساموندي بگھڙ نمبر 2....."

ظاهر هو ته فيدوتوف پنهنجي ٽولي کي واپس وٺي وڃي رهيو هو.

'فوڪي وولف' کي نشانو بنائڻ ۾ پنهنجي جهاز کي لامارو ڏيئي سڌو ڪرڻ بعد پنهنجي جاءِ تي اليڪسي وڏا وڏا ساهه کڻي رهيو هو. ڪيس خطري جي ٽري وڃڻ ۾ پنهنجي سوپ جو احساس هو. واپسيءَ جي ڏس جو اندازو ڪرڻ لاءِ هن هر طرف ڏسٽيءَ تي نظر وڌي ۽ پوءِ پارڻ جي ڪانٽي کي ڏٺو، سندس پيرون تاڻجي ويا. پارڻ تمام ٿورو وڃي بچيو هو ۽ هوائي اڈي تائين مشڪل سان پهچي سگھيو ٿي. ليڪن ٻئي لمحي هن ٻڙيءَ تائين تائين پهچندڙ ڪانٽي کان به وڌيڪ خطرناڪ شيءِ ڏٺي. وڏن وڏن ڪڪرن جي پٺيان اوچتو ڪنهن نازل ٽيندڙ آفت وانگر هڪ 'فوڪي وولف 190' سڌو ڏانهس اڏامندو پئي آيو. سوچڻ سمجھڻ جو ڪو رستو ڪونه بچيو هو. بچي نڪرڻ يا پڄي وڃڻ جو باقي ڪو رستو ڪونه بچيو هو ۽ پوءِ هو تيزيءَ سان دشمن جو مقابلو ڪرڻ لاءِ مُڙيو. ■

[6]

جن رستن تان حملو ڪرڻ وارين فوجن جي پٺيان انتظام سنيالينڊڙ ڪاروان اچي رهيو هو، انهن رستن مٿان فضا جي وسعتن ۾ لڙي ويندڙ جنگ جو گوڙ گھمسان نه فقط وڙهندڙن هوائي جهازن جي ڪاڪ پٽ ۾ ويٺل هواباز ٻڌي رهيا هئا، پر اهو آواز گارد ويڙهو جٿي جي اڳواڻ ڪرنل ايوانوف به پنهنجي هوائي اڈي تي ويٺو ريڊيو تي ٻڌي رهيو هو. هو پاڻ به تجربيڪار هواباز هو، تنهن ڪري آواز مان ئي هن اندازو پئي لڳايو ته ويڙهه ڏاڍي زور شور سان ٿي رهي هئي. دشمن

ڏاڍو مضبوط ۽ سخت جان هو ۽ هو آسمان مان هٿ لاءِ تيار ئي ڪونہ هو. اها خبر سڄي هوائي اڈي تي باهہ وانگر پکڙجي وئي تہ فيدوتوف کي پاڻ کان ٻيڻي سگهہ سان وڙهڻو پيو پوي. جنهن کي بہ موقعو مليو، سو جهنگل مان نڪري ميدان ۾ اچي بي چينيءَ سان ڏکڻ طرف تکڻ ٿي لڳو، جتان هوائي جهازن کي موٽڻو هو.

سرجن مانيءَ جو گرهہ چهاڙيندي ۽ چادر ٺيڪ ڪندي کاڈي واري ڪمري مان ٻاهر نڪتو. ايمبولينس جون گاڏيون، جن جي ڇتين تي ڳاڙهي منڊيءڙي (ريڊڪراس) جو نشان لڳل هو، وٽن مان نڪتيون ۽ انجڻ چالو ڪري وقت جو انتظار ڪرڻ لڳيون.

سپ کان پهريائين نمبر هڪ ۽ نمبر ٻہ هيٺ لٿا ۽ پوءِ آهستي آهستي هڪ ٻئي پٺيان ستون، انون، نائون ۽ ڏهون نمبر بہ لٿا. ٻہ هوائي جهاز اڃا غائب هئا. دلين ۾ خبر ناهي ڪهڙن وسوسن ۽ اندیشن جنم ورتو ۽ انتظام ڪندڙ هجوم تي خاموشي ڇانئجي ويئي. ڏاڍي تکليف واري سستي سان گهڙيون گذري رهيون هيون.

"ميريسئف ۽ پتروف!" ڪنهن خاموشيءَ سان چيو. اوچتو هڪ خوشيءَ سان پريل عورتاڻو آواز ٻنين مان ايريو:

"هڪڙو هوائي جهاز هو پيو اچي."

هڪ هوائي جهاز جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. 'نمبر 12' برچ جي وٽن کي ڇُهندو هيٺ لٿو. هوائي جهاز کي نقصان پهتو هو. کاپي پر جو هڪ حصو ڪٽجي چڪو هو ۽ ڪنهن تار سان ٻڌو لڙکي رهيو هو. لهڻ کان پوءِ جهاز عجيب نموني ۾ ڏڇڪا کائيندو، هيٺ مٿي ٽيندو، ميدان جي ڪناري تائين هليو ويو ۽ اتي هڪدم پڇ مٿي کڻي بيهي رهيو. ايمبولينس جون گاڏيون، جن جي فٽ پيريءَ تي سرجن بينا هئا، ڪيتريون جيپون ۽ سمورو هجوم، جيڪو انتظار ۾ بينو هو، سو هوائي جهاز ڏانهن ڊوڙيو. چٽ هٽائي وئي. پتروف پنهنجي جاءِ تي رت ۾ ڳاڙهو ٽيو پيو هو. سندس مٿو انتهائي مايوسيءَ جي عالم ۾ سندس چاتيءَ تي لڙکيو پيو هو. سندس چهرو پنل سونهري وارن جي چڳن ۾ لڪو پيو هو.

سرجنن ۽ نرسن پتروف کي ڪاڪ پٽ مان ٻاهر ڪڍيو. سندس

پانھن ۾ ٽنگ زخمي ٽيون هيون. هو بي سُڌ پيو هو؛ ڪيس شروعاتي ملم پٽيءَ کان پوءِ استريچر تي ليٽايو ويو ۽ جيڈي مھل ڪيس ايمبولينس گاڏيءَ ۾ ليٽايو پئي ويو، اوڏيءَ مھل ھن اکيون کوليون. ھن چپن چپن ۾ ڪجھ چيو، پر ايترو ته آھستي ڳالھايائين جو سمجھ ۾ ڪونہ آيو؛ ڪرنل مٿس جھڪيو.

"ميريسئف ڪٿي آھي؟" زخميءَ پڇيو.

"اجا تائين ڪونہ لٿو آھي."

استريچر ٻيھر کنيو ويو، پر زخميءَ زور زور سان ڪنڌ لوڏي ڪيڏانھن وڃڻ کان انکار ڪيو ۽ استريچر تان ھيٺ لھڻ جي ڪوشش ڪيائين.

"نہ نہ! مون کي نہ وڃو. آئون ڪيڏانھن بہ وڃڻ نٿو چاھيان. آئون ميريسئف جو انتظار ڪندس ھن منھنجي حياتي بچائي آھي."

ھواباز ايترو ته زبردست احتجاج ڪيو ۽ پنھنجي ملم پٽي لاھي اچلائڻ جي ڌمڪي ڏنائين جو ڪرنل کين ھٿ سان اشارو ڪري، منھن ڦيري ۽ ڏند ڪرٽيندي چيو: "چگو چگو، ھن کي ڇڏي ڏيو. مرڻ کان ته بچي ويو آھي. ھاڻي ميريسئف بہ اچڻ وارو آھي. سندس جھاز اچڻ ۾ باقي ھڪ منٽ جو تيل آھي."

ڪرنل استاپ واچ تي اکيون جمائي چڏيون ۽ سيڪنڈ واري ڳاڙھي ڪانٽي کي چڪر ڪاٽيندو ڏسڻ لڳو. باقي ٻيا سڀ ماڻھو سُرمائي جھنگل ڏانھن ڏسندا رھيا، جنھن جي مٿان آخري جھاز اچڻو ھو. سيني جا ڪن پڙ اوڏانھن لڳل ھئا، پر ڏور ڏور تائين صرف توپن جو ئي گوڙ شور پڌڻ ۾ پئي آيو ۽ ويجھو ئي ڪٿان "ڪاڪ ڪُٽي" جي ڪٽ ڪٽ جي آواز کان سواءِ ٻيو ڪجھ بہ پُڌڻ ۾ نٿي آيو.

واقعي ڪڏھن ڪڏھن ھڪ پل بہ ڇڪجي ڪيترو نہ ڏکھو ٿي پوندو آھي، جو ڪٽڻ جو نالو ئي ڪونہ وٺندو آھي. ■

[7]

ـــ ميريسئف دشمن جو مقابلو ڪرڻ لاءِ مُڙيو.

'لا – 5' ۽ 'فوڪي وولف 190' ڏاڍا تيز جھاز ھئا. ٻئي بجليءَ

جھڙي تيزيءَ سان ھڪ ٻئي کي ويجھا ٽيندا ويا. اليڪسي ميريسئف ۽ مشھور "ريختگوفن" جو اٽڄاتل جرمن ھواباز ھڪ ٻئي جي بنھ آمھون سامھون ھئا. اھڙي طرح سامھون وارو ٽڪر- ڪن پل ۾ قصو ختم ڪريو ڇڏي. ھيءُ بنھ مختصر گھڙي ٽئي ٽي، پر اھو ھڪڙو پل ب اھڙي اعصابي ڇڪ پيدا ڪريو ڇڏي، ھڪ مجاھد جي حيثيت ۾ ھواباز جي اعصابن کي ھڪ اھڙيءَ آزمائش ۾ وجھيو ڇڏي، جنھن جو تجربو زمين تي سڄو ڏينھن وڙھندڙ سپاھيءَ کي ب نٿو ٽئي.

ٽورو سوچيو تہ سھي تہ ھڪ ٻئي تي آمھون سامھون حملو ڪندڙ ٻن ھوائي جھازن مان ھڪ ۾ توھين آھيو، ٻئي جھاز ھڪٻئي تي بجليءَ جھڙي تيز رفتاريءَ سان حملو ڪري رھيا آھن. دشمن جو جھاز توھان جي اکين جي سامھون وڌو ۽ وڌو ٽيندو پيو وڃي. پوءِ ھڪدم اھو پنھنجي سموري ساز ۽ سامان سميت سامھون اڇي وڃي ٿو. سندس پر، نچندڙ چرخي جو چمڪندڙ، گول ۽ ڪارا ڪارا توپن جا منھن - بس ھڪ ڪن پل ڪان پوءِ ٻئي ھوائي جھاز ھڪ ٻئي سان اھڙي طرح ٽڪرائجي پسم ٿي ويندا جو ھوائي جھازن جي تباھ ٽيل باقيات مان ھوابازن جي جسمن جي ٽڪرن کي جدا ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پوندو. بس انھيءَ ئي ھڪڙي پل ۾ ھواباز جي نہ رڳو قوت ارادي جو، پر اخلاقي جرئت جو پڻ امتحان ٿي وڃي ٿو. ڪمزور اعصابن وارو شخص انھيءَ ڪشمڪش کي برداشت نٿو ڪري سگھي. ھڪ اھڙو ماڻھو، جيڪو آزاديءَ لاءِ مرڻ نہ چاھيندو ھجي، سو بي اختيار استيئرنگ گيئر ڇڪي ونندو ۽ پاڻ ڏانھن وڌندڙ موتمار طوفان جي مٿان پاسو ڏيئي ھليو ويندو ۽ ٻئي لمحي سندس ھوائي جھاز پنھنجي پرڻ ٽيل پيٽ يا پڳل پر سان ھيٺ ڪرندو نظر ايندو. ڪابہ طاقت کيس بچائي نہ سگھندي. تجربيڪار ھواباز اھا ڳالھ خوب چگيءَ طرح ڄاڻن ٿا ۽ فقط اھي ئي پنھنجي جان جي پرواھ نہ ڪندڙ، آزاديءَ جا متوالا، وطن دوست، اڻ موت انسان ئي آمھون سامھون ائين وڃي ٽڪر ھڻن ٿا.

ٻئي ھوائي جھاز ھوا ۾ تير جيان ھڪ ٻئي طرف وڌي رھيا ھئا.

اليڪسيءَ کي خبر ھئي تہ سندس سامھون جيڪو ھواباز اڏامندو پئي آيو، سو ڪو اناڙي ڪونہ ھو. پر ھي 'ريختگوفن' ڏويزن جو مڃيل

۽ سُلجھيل هواباز هو. هو هڪ اهڙي هوائي جهاز ۾ سوار هو، جنهن جي پاسن کان فضائي جنگين ۾ حاصل ڪيل هنن جا ڪيترا ئي نشان لڳل هئا. هي هواباز نہ گھبرائيندو ۽ نہ ئي پنهنجي رستي تان هٽندو ۽ نہ ئي ويڑھ کان ڪترائيندو.

"هوشيار 'ريختگوفن' هوشيارا!" اليڪسيءَ ڏند ڪرٽيندي چيو. هو ڏندن سان چپ ڪاٽي رهيو هو، ايتري قدر جو انهن مان رت نڪرڻ لڳو. هن پنهنجو بدن سيٽي ڇڏيو ۽ اکيون نشاني واري سوراخ تي جمائي ڇڏيون ۽ اهڙي طرح هن ننهن چوٽيءَ جو زور لڳايو تہ جيئن سامهون کان حملو ڪندڙ دشمن جو مقابلو ڪندي سندس اکيون پورجي نہ وڃن.

هن پنهنجي احساسن کي ايترو تہ تيز ڪري ڇڏيو، جو کيس محسوس ٿيو تہ گھمندڙ چرخيءَ جي پردي مان کيس دشمن جي ڪاڪ پٽ جو شفاف پردو نظر اچي رهيو هو. پردي جي پٽيان ۾ اکيون کيس گھوري رهيون هيون ۽ اهي اکيون انتهائي نفرت کان جلي رهيون هيون. هيءَ تصوير اعصابي ڪشمڪش يا وهلورجي وڃڻ جو نتيجو ڪانہ هئي، پر اليڪسيءَ کي پختو يقين هو تہ هن اهو سڀ ڪجھ سچي پچي ڏٺو آهي. "چگو، معاملو ختم ٿيو." هن مشڪن ۾ اڃا بہ وڌيڪ چڪ پيدا ڪندي سوچيو. "پانيان ٿو تہ معاملو ختم ٿيو." کيس سامهون وڌندڙ هوائي جهاز نظر آيو. اهو ڏانهس هوا جي جھوٽي وانگر وڌي رهيو هو. "نہ، جرمن بہ رستو ڪونہ ڇڏيندو. بس ڪم پورو ٿيو."

هو انهيءَ لمحي مرڻ لاءِ تيار ٿي ويو، پر بنھ انهيءَ گھڙيءَ، جڏهن کيس محسوس ٿيو تہ جرمن هوائي جهاز صرف هڪ هٿ جي پنڌ تي رهجي ويو آهي، جرمن هواباز جي همت جواب ڏيئي وئي ۽ سندس جهاز متئين پاسي ٽپ ڏنو. جرمن هوائي جهاز جو اُس ۾ چمڪندڙ نيرو پيٽ سامهون نظر آيو. انهيءَ لمحي اليڪسيءَ پنهنجي سيني گھوڙن کي دٻائي ڇڏيو ۽ دشمن جي جهاز ۾ گولين جون قطارون ٽنبي ڇڏيون ۽ پنهنجي جهاز کي لامارو ڏياريو.

"اوليا!" هن فتح جي احساس جي انتهائي شادمانيءَ ۽ سرشاريءَ واري جذبي سان نعرو بلند ڪيو ۽ سڀ ڪجھ وساري هو هڪ تنگ

گولائيءَ ۾ چڪر کائيندو، جرمن هوائي جهاز جي آخري سفر ۾ گڏ هلڻ لڳو. تانجو جرمن هوائي جهاز گاهه سان ڀريل ڳاڙهي زمين تي وڃي ڪريو ۽ ان مان دونهين جا آسمان ڏانهن اڏامندڙ سڌا ڪڪر بلند ٿيڻ لڳا.

تڏهن مس مس وڃي سندس اعصابي ڇڪ گهٽ ٿي ۽ سندس مَشڪون ڍريون ٿيون. کيس ٽڪاوٽ جي زبردست احساس اچي ورايو. هن تيل جو کانٽو ڏنو. کانٽو هڙيءَ جي بنهه ويجهو ڏکي رهيو هو.

تن يا وڌ ۾ وڌ چئن منٽن جو ٻارڻ باقي بچيل هو ۽ هوائي اڈي تائين پهچڻ ۾ کيس گهٽ ۾ گهٽ ڏهه منٽ لڳندا ۽ پوءِ ٽورو وقت ته مٿي چڙهڻ ۾ به لڳندو. واقعي، هن کان بيوقوفي ٿي ويئي جو هو ڪرندڙ جهاز سان گڏ هيٺ لٿو هو. بنهه هڪ بيوقوف ٻار وانگر هن پاڻ ئي پاڻ کي چينيپو.

جيئن هڪ بهادر ۽ ٽڏي دل ۽ دماغ وارن ماڻهن سان خطري جي گهڙين ۾ ٽيندو آهي، هن جو ذهن بلڪل صاف هو ۽ بلڪل گهڙيءَ وانگر صحيح صحيح ڪم ڪري رهيو هو. پهرين ڳالهه ته کيس بلنديءَ تي پهچڻو هو، چڪر ڪاٽيندي نه پر سڌو هوائي اڈي ڏانهن اڏامندي.

هن پنهنجي هوائي جهاز کي ان طرف موڙيو ۽ ٽڏيءَ دل سان غور ڪرڻ شروع ڪيو. جيڪڏهن ٻارڻ ڊيڪاريندڙ ڪانٽي ۾ ڪٽي ڪا غلطي ٻه هجي، ته ٻه اهو هوائي اڈي تائين پهچڻ لاءِ ناڪافي هو، تنهن ڪري ٻارڻ تي پروسو ڪرڻ فضول هو.

چا هوائي اڈي تي پهچڻ ڪان اڳ ۾ لهي پئجي؟ پر ڪٽي؟ هن دل ئي دل ۾ مختصر رستي جو حساب لڳايو: جهنگل، اڻ سڌي ڊهڻ، مستقل مورچن جي ڪڏن سان ڀريل ٻنيون، جن ۾ آڏا ابتا هر ڏنا پيا هئا، جتي بم گولن سان ڪڏون ٿهي پيون هيون ۽ جتي ڪنڊن واريون تاريون وڇايون پيون هيون.

"نه! جيڪڏهن آئون ڪٽي لٽس ته مارجي ويندس" ته پوءِ چا ڇٽيءَ وسيلي ٽپو ڏيان؟ ها، اهو ممڪن آهي. هاڻي ئي ڪاڪ پٽ جي چٽ کوليو، هوائي جهاز جو رخ موڙيو، بٽڻ دٻايو ۽ بس. پر هوائي جهاز جو چا ٽيندو؟ هن شاندار، بجليءَ وانگر تيز رفتار ۽ چوڪس پکيءَ جو

چا ٿيندو؟ ان جي جنگي خوبين جي صلاحيتن اڃوڪي ڏينهن ۾ ٿي پيرا سندس جان بچائي هئي. ان کي ائين چڏي ڏيان، ان کي ائين پور پور ڪري چڏيان، ان کي ٽٽل ڦٽل لوه جي ڍڳ ۾ تبديل ڪري چڏيان؟ ائين ٻ ڪونہ هو تہ ڪو ان ڳالھ جو مٿس الزام مڙهيو ويندو. ڪيس ان ڳالھ جو ذرو ٻ ڊپ ڪونہ هو، پر حقيقت تہ قاعدي موجب اهڙيءَ صورتحال ۾ ڪيس چٽيءَ وسيلي ٽپي پوڻ جو بنھ پورو پورو اختيار ۽ حق هو. پر تنھن وقت ڪيس هي هوائي جهاز هڪ مضبوط ۽ ڪشادي دل وارو، جيئرو جاڳندو لڳي رهيو هو. نہ، ان کي ائين چڏي ڏيڻ دغابازي ٿيندي ۽ پوءِ ــ پنھنجي شروعاتي اڏامن ۾ بنا جهازن جي موٽان ۽ واندو ويٺو واري اچڻ جو انتظار ڪريان؟ هن وٽ پڪڙ جي عرصي ۾ آئون هٿ هٽ تي رکيو ويٺو هجان؟ جڏهن محاذ تي عظيم الشان سوپ جي شروعات تي رهي آهي ۽ آئون اهڙي وقت ۾ بيڪار بيٺو رهان؟ اهو مون کان ڪونہ پڇندو.

"نہ، ائين ڪم ڪونہ هلندو." ايڪسيءَ زور سان چيو، جهڙوڪر ڪنھن ٻئي جي صلاح مڃڻ کان انڪار ڪري رهيو هجي. ان وقت تائين اُڏامندو رهہ، جيسين انجڻ بند نہ ٿي وڃي ۽ پوءِ؟ پوءِ ڏٺو ويندو.

هو اڳيان اڏامندو رهيو. پھرين تہ ٽن هزار ميٽرن جي بلنديءَ تي ۽ پوءِ چئن هزار ميٽرن جي بلنديءَ تي. هو هيٺ زمين جي ٻ جانچ ڪندو ٻئي ويو تہ شايد ڪٽي ڪو سڏو ميدان نظر اچي وڃي. اهو جهنگل، جنھن جي پنيان هوائي اڈو هو، هاڻي پري اُفق کان نظر پئي آيو، اهو اٽڪل پندرهن ڪلوميٽر پري هو. تيل جي ڪانٽي جي ڏڪاڻي بند ٿي چڪي هئي. هاڻي اهو آخري نقطي تي اطمينان سان بيٺو هو، پر انجڻ اڃا ڪم ڪري رهي هئي. هو ڪهڙي شيءِ جي ڏيڍ تي اڏامي رهيو هو؟ مٽي، اڃا مٽي..... صحيح آهي!

اوچتو هوائي جهاز جو هڪ جهڙو آواز تبديل ٿي ويو. آواز جي اها هڪ جهڙائيءَ هواباز محسوس ٻ ڪونہ ڪندو آهي، جيئن هڪ صحتمند ماڻهو پنھنجي دل جي ڏڙڪڻ جي آواز کان بي نياز رهندو آهي. ايڪسيءَ انهيءَ تبديليءَ کي هڪدم سمجهي ورتو. جهنگل

هاڻي صاف نظر اچي رهيو هو. جهنگل ست ڪلوميٽر اڳيا پري هو ۽ اٽڪل ڪري چار ڪلوميٽر ويڪرو هو. هي پنڌ کو گهٽو ڪوڙ هو، پر انجڻ جي ڏڙڪڻ ۾ اها خوفناڪ تبديلي اچي چڪي هئي، جنهن کي هواباز جو سمورو وجود محسوس ٿو ڪري، جڏ ته اها انجڻ ڪاڙ هئي پر خود هو پاڻ ساڻ ڪٽڻ لاءِ ڦٽڪي رهيو آهي. آخر ڪاراهو ئي هيبتناڪ "چڪ، چڪ، چڪ" جو آواز اچڻ شروع ٿيو، جيڪو سنڊس سموري جسم ۾ درد ۽ پيڙا جي اذيت ڏينڊڙ سوٽ پيدا ڪري ٿو وڃي.....!

"نه، نيڪ آهي، ڪا ڳالهه ڪانهي. جهاز صحيح نموني ۾ ڪم ڪري پيو. اڙي، هي ته ڪم ڪري پيو. نيڪ آهي، هاڻي ٿيو نه مزو ۽ جهنگل ۾ اجهو هي پهتو." ڪيس برچ وٽن جون چوٽيون سمنڊ وانگر چوليون هڻنديون محسوس ٿيون. ها، جهنگل! هاڻي هوائي اڈي ڪان سواءِ ٻئي هنڌ ڪٿي به لهڻ ممڪن ڪونهي. هاڻي فقط هڪڙو ئي رستو هو ته اڳتي وڌ ۽ اڳتي وڌ.

چڪ، چڪ، چڪ.....!

انجڻ ۾ ٻيهر شور پيدا ٿيو. ڇا اهو گوڙ ڳچ دير تائين جاري رهندو؟ هو جهنگل مٿان اڏامي رهيو هو. چڪ، چڪ، چڪ! ۽ اوچتو خاموشي ڇانئجي ويئي. هيءَ ماڻ ايتري ته گهري هئي جو ڪيس ايريل جي تار جو هوا ۾ پيدا ٿيندڙ سُوسٽ پڏڻ ۾ آيو. ڇگو، معاملو پورو ٿيو. ميريسئف جي جسم ۾ سيڙاندڙو ڏوڙي ويو. ڇا ڇَتي ڪٽي ٽپي پوان؟ نه! ٿورو اڳيان هل. هن هوائي جهاز جو رخ لاهيءَ طرف موڙيو ۽ پاسيرو هيٺ ترڻ لڳو. هو ڀرپور ڪوشش ڪري رهيو هو ته جيستائين ممڪن ٿي سگهي، توازن قائم رکي ۽ هوائي جهاز ڪنهن ڇڪر ۾ ڦاسي نه پوي.

هوا ۾ هيءَ موت جهڙي ماڻ ڪيڏي نه اذيت ناڪ هئي. هيءَ ايڏي ته گهري ماڻ هئي، جو ڪيس ٽڏي ٽيندڙ انجڻ جي ٽڙڪاٽن جو آواز، پنهنجي ڪنن جي پاڙين جي ڏڙڪڻ جو آواز ۽ تيز غوطو کائڻ جي ڪري سنڊس ڪنن ۾ سُوسٽ پڏجي رهيا هئا. زمين ڏاڍو تيزيءَ سان ڪيس گلي لڳائڻ لاءِ مٿي ايري رهي هئي، جهڙوڪر هڪ زوردار چقمق

کيس هوائي جهاز ڏانهن ڇڪي رهيو هو.

جهنگل جو ڪنارو ويجهو پهچي ويو ۽ ڪيس هوائي اڈي جو ميدان ڏسڻ ۾ آيو. تمام گهڻي دير ٿي چڪي هئي؟ پنڪو هڪ طرف جهڪي بيهي رهيو. ان کي هوا ۾ ائين بيٺل ڏسڻ ڏاڍو پيانڪ هو. ڇا هيءَ پڇاڻي هئي؟ ڇا اوليا کي ڪڏهن به خبر پئجي سگهندي ته هن جو انت ڪيئن آيو؟ گذريل ارڙهن مهينن ۾ هن ڪيتري نه زبردست ناقابل يقين محنت ڪئي هئي ۽ هن آخرڪار پنهنجي منزل ماڻي هئي. هو هڪ سچو، ها واقعي هڪ سچو انسان بنجي ڇڪو هو ۽ هي سڀ ڪجهه حاصل ڪرڻ کان هڪدم پوءِ ڇا هن کي ائين ڪِري فنا ٿيڻو هو؟

ڇَتي ڪٽي ٽپي پوان؟ وقت هٿان وڃي ڇڪو هو! هوائي جهاز هينان جهنگل تيز تيز ترندي پئي نظر آيو. ان طوفاني ڊوڙ ۾ وٽن جون چوٽيون هڪ هموار ۽ سلسليوار ميدان وانگر نظر اچي رهيون هيون. هن پهرين به ان قسم جو نظارو ڏٺو هو. ڪڏهن؟ بيشڪ بهار جي موسم ۾ پنهنجي خوفناڪ حادثي وقت! هن آخري ڪوشش ڪئي ۽ استيئرنگ گيئر ڇڪي ورتو. ■

[8]

گهٽو رت وهي وڃڻ جي ڪري پتروف کي ڪنن ۾ سيٽيون وڄنديون پئي ٻڌڻ ۾ آيون. هر شيءِ ــ هوائي اڈو، جاتل سجاتل چهرا ۽ ٽپهريءَ جا سونهري بادل ــ ها، هر شيءِ اوچتو غائب ٿيڻ لڳي. آهستي آهستي بنهه گم ٿي ويئي ۽ پوءِ جهڙوڪر ڏُنڊ ڇانئجي ويئي. هن پنهنجي زخمي تنگ چوري ۽ درد جي اذيت ۽ شدت کان هوش ۾ اچي ويو. "ڇا هو اجا تائين ڪونه آيو آهي؟" هن پڇيو. "نه، اجا ڪونه پهتو آهي. پر تون ڳالهاءِ نه." جواب مليو.

اهو ڪيئن ٿو ممڪن ٿي سگهي ته ان ڏينهن بنهه ان گهڙيءَ، جڏهن پتروف جي سامهون موت جو فرشتو ناچ ڪري رهيو هو، تڏهن ميريسئف عقاب وانگر جرمن جهاز تي اچي ڪڙڪيو هو ۽ ڪيس موت جي منهن مان ڇڪي ڪڍي آيو هو، سو هينئر اهو ساڳيو ميريسئف پاڻ

سڙيل گوشت جي ڍڳ کان سواءِ ڪجھ بہ ڪونہ هوندو — گوشت جو ڍڳ، جيڪو بم گولن سان چيهون چيهون ۾ پرڻ ٿيل زمين تي، خبر ناهي ڪٿي پيل هوندو؟ چا سرجنٽ ميجر پتروف پنهنجي مهندار جون ڪاريون، وحشت پريل وٽندڙ ۾ ڪلندڙ اکيون وري ڪڏهن بہ ڏسي ڪونہ سگهندو؟ ڪڏهن بہ نہ؟ چا اهو ئي انت آهي؟

ونگ ڪمانڊر پنهنجي پانهن هيٺ ڪري چڏي. هاٿي ڪيس گهڙي ڏسڻ جي ضرورت کانہ رهي هئي. هن پنهنجي هموار وارن کي ٻهي هٿن سان ٺيڪ ڪندي چيو.

"بس!"

"چا هاٿي کابہ اميد کانهي؟" ڪنهن پڇيو.

"نہ، تيل ختم ٿي چڪو. شايد هن ڪٿي هوائي جهاز لاٿو هوندو يا چٽيءَ وسيلي لهي ويو هوندو..... هاٿي هي استريچر هتان کڻي وڃو."

ڪرنل مُڙيو ۾ بي سُري انداز ۾ ڪنهن ڏُن تي سينڊ وجائڻ لڳو. پتروف کي پيهر کا شيءِ نڙيءَ ۾ ڦاسندي معلوم ٿي، جيڪا ايڏي تہ وڏي ۾ گرم هئي، جو سندس نڙي گُهٽجڻ لڳي. ڪنگھ جو هڪ عجيب قسم جو آواز پڌڻ ۾ آيو. هوائي اڈي جي وچ تي ايجا تائين سيئي ماڻهو سانت ۾ بينا هئا. انهن مُڙي ڏنو ۾ هڪدم ڪنڌ ڦيرائي چڏيائون. زخمي هواباز ميجر پتروف استريچر تي سُڌڪا پري روئي رهيو هو.

"هن کي کڻي وڃو. چا ٿي ويو آهي توهان کي.....؟" ڪرنل گهٽيل آواز ۾ رڙ ڪري چيو ۽ وڃڻ لڳو. هو هجوم کان نظر بچائيندو وڃڻ لڳو ۽ اکيون چنجهيون ڪري چڏيائين، جڏهن تيز هوا کان بچڻ جي ڪوشش ڪندو هجي.

ماڻهو چڑوچڑ ٽيڻ لڳا، ليڪن بلڪل ان سمي جهنگل جي ڪناري مٿان لومڙيءَ جهڙي خاموشيءَ سان هڪ هوائي جهاز ترندو نظر آيو، جنهن جا ڦيٽا وٽن جي چوٽين کي ڇهندا ترکي رهيا هئا. هڪ جادوءَ جي جهاز وانگر اهو ماڻهن مٿان ترندو هليو ويو ۽ ان جا ٽيئي ڦيٽا هڪ ئي وقت زمين تي لڳا، جڏهن ڪنهن شيءِ کيس پاڻ ڏانهن ڇڪي ورتو هجي. گُهٽيل ڪڑ ڪڑ جو آواز ايريو. بجريءَ جي چر

چر ۾ گاھ جي سُر سُر جو آواز پڌڻ ۾ آيو. هيءَ ھڪ غير معمولي ڳالھ ھئي. ڇو تہ جڏھن ھواباز لھندا آھن، تڏھن انجڻ جي گوڙ ۾ ھي آواز ڪڏھن بہ پُڌڻ ۾ ڪونہ ايندا آھن. ھي سڀ ڪجھ ايترو تہ اوچتو ٿيو، جو ڪنھن کي سمجھ ۾ ئي نٿي آيو تہ ڇا ٿيو آھي؟ حالانڪ معاملو انتھائي معمولي ھو؛ ھڪ ھوائي جھاز لٿو ۽ اھو ھو نمبر 11. اھو ئي ھوائي جھاز، جنھن جو سڀ ايتري دير کان انتظار ڪري رھيا ھئا.

"ساڳيو آھي." ڪنھن بنھ جنوني ۽ غير فطري آواز ۾ رڙ ڪئي، جنھن سان سمورن جي خاموشي ٽٽي پئي.

ھوائي جھاز ڊوڙڻ بند ڪيو ۽ ھوائي اڈي جي ڪناري سان بيٺل سفيد ڪل واري برج جي نَون ۽ گھاٽن وٽن جي سامھون اچي بيھي رھيو.

ڪاڪ پٽ مان ڪير بہ ٻاھر ڪونہ نڪتو. ماڻھو بي اختيار ھوائي جھاز ڏينھن ڊوڙڻ لڳا. دل ۾ ھر قسم جا انديشا ڪنيو ڊوڙندا ويا. ڪرنل انھن جي اڳيان اڳيان ڊوڙي رھيو ھو. ھو ٽپ ڏيئي پَرَ تي چڙھي ويو ۽ ھن ڇت ھٽائي ڪاڪ پٽ ۾ ليئو پائي ڏنو. ميريسئف اڳھاڙي مٽي سان ويٺو ھو. سندس چھرو اونھاري جي ڪرن وانگر سفيد ٿي چڪو ھو، سندس رت کان خالي سانواڻ مائل چپن تي ھلڪي مسڪراھٽ پکڙيل ھئي. ڏندن سان چھيل چپن مان رت جون ٻہ سيرون سرڪي رھيون ھيون.

"جيئرو آھين؟ ڏَڪَ تہ ڪونہ لڳا اٿئي؟"

ميريسئف انتھائي ھيٺائيءَ سان مسڪرايو ۽ بنھ ٽڪل اکين سان ڪرنل ڏانھن ڏسڻ لڳو ۽ چيائين:

"بنھ ٺيڪ آھيان. ٿورو ھراسجي ويو ھيس.... اٽڪل ڇھن ڪلوميٽرن کان ھوائي جھاز ۾ ھڪ ڦُڙي بہ تيل جي ڪانہ ھئي."

ھوابازن جو ھجوم اليڪسيءَ جي چوڌاري گھيرو ڪري بيھي رھيو ۽ ڪيس زور زور سان مبارڪون ڏيڻ ۽ ساٿس ھٿ ملائڻ لڳا.

"يارو ٿورو سنياليو تہ سھي. مون کي نڪرڻ تہ ڏيو. ائين تہ توھان ھوائي جھاز جو پر جھوري وجھندؤ. خدا جي واسطي ائين نہ ڪريو."

ٺيڪ انھيءَ مھل ھن پنھنجي مٿان جُھڪيل ھجوم مان ھيٺان

کان کو جاتل سجاتل آواز ٻڌو. پر هي آواز ايترو ته جهيڻو هو، جهڙوڪر گهٽو پري کان اچي رهيو هجي.

"اليوشا! اليوشا!"

ميريسئف جي سگهه يڪدم ٻيهر بحال ٿي وئي. هو ٽپ ڏيئي اٿي بيٺو. هن پاڻهن جي سهاري زور ڏئي پاڻ کي مٿي کنيو ۽ پنهنجي پيرن کي ڪاڪ پٽ کان ٻاهر ڪڍيو. پَر ٿي بيٺل ڪنهن ماڻهوءَ سان ٽڪرائجندي مس مس بچيو ۽ ٽپ ڏيئي هيٺ لهي ويو.

ان وقت تائين پتروف جو زخمي چهرو سُڄي ڏڙو ٿي ويو هو ۽ سندس وڏين گهرين اکين مان لڙڪ لارون ڪري وهي رهيا هئا.

"اڙي يار! تون جيئرو آهين. تون..... اڙي بدمعاش!" اليڪسيءَ گوڏن پر استريچر جي هڪ پاسي ڪِرندي دانهن ڪئي. هن پنهنجي ساٿيءَ جو بيوسيءَ ۾ پيل مٿو پنهنجن هٿن ۾ جهليو ۽ سندس ايڏاءُ کان بي چين ۽ مسرت جي چٽڪن سان روشن اکين ۾ اکيون وجهي ڏٺو.

"تون جيئرو آهين!"

"تنهنجي مهرباني اليوشا، تو منهنجي جان بچائي. تون..... اليوشا..... تون.....!"

"بس هاڻي گهٽو ٿيو. زخميءَ کي هتان کڻي وڃو. اُتي چرين وانگر وات ڦاڙيو چا پيا ڏسو؟" ڪرنل گجندڙ آواز ۾ چيو.

"سينيئر ليفٽيننٽ ميريسئف، پنهنجي اڈام جي باري ۾ رپورٽ ڏي. کو جهاز ڪيرايئي ٻ؟" ڪرنل آفيسراڻي لهجي ۾ مطالبو ڪيو.

"جي ها ڪامريڊ ڪرنل، ٻ فوڪي وولف."

"ڪهڙي نموني؟"

"هڪ آڏي پاسيري حملي ۾، اهو جهاز پتروف جو پيڇو ڪري رهيو هو ۽ ٻيون آمهون سامهون واريءَ جهڙپ ۾. هي واقعو عام لڙائيءَ واري علائقي کان اٽڪل ساڌا ٽي ڪلوميٽر ڏکڻ طرف ٿيو هو."

"مون کي خبر آهي. زمين تان نظرداري ڪندڙ هينئر هينئر مون کي اطلاع ڏنو آهي.... ٺيڪ آهي، مهرباني....."

"آئون اوهان جي خدمت ۾ ڪجهه....." اليڪسيءَ فوجي قاعدي موجب چوٽ چاهيو، پر ڪرنل کيس روڪي ڇڏيو، توڙي جو

قاعدي ۾ ضابطي واري معاملي ۾ هو ڏاڍو سخت هو، پوءِ به هن غير رسمي لهجي ۾ چيو:

"تمام سنو! سپاٽي توهان ڪمانڊر ٽيندؤ..... ٽئين جٽي جو ڪمانڊر هوائي اڈي تي ڪونہ پهتو آهي."

هو گڏجي ڪمانڊ پوسٽ ڏانهن وڃڻ لڳا. ان ڏينهن جون اڏامون پوريون ٿي چڪيون هيون، تنهن ڪري سمورو هجوم انهن جي پٺيان هلڻ لڳو. هو اڃا ڪمانڊ پوسٽ وٽ پهتا ئي مس تہ اتي ڊيوٽيءَ تي موجود آفيسر ڊوڙندو آيو. هو تيزيءَ سان ڪرنل جي اڳيان سڏو بيهي رهيو. هن جو مٿو اگهاڙو هو ۽ هو بنهہ خوش هو ۽ وهلور پٽي ويو. هُن اڃا ڪجهہ چوڻ لاءِ وات کوليو ئي مس تہ ڪيس ڪرنل رُکي ۽ سخت آواز ۾ روڪي ڇڏيو.

"تنهنجي مٿي تي ٽوپي چو ڪانهي؟ تون پاڻ کي سمجهين ڇا ٿو؟ ڇا تون شاگرد آهين ۽ وچ واري موڪل جي ڪلاڪ ۾ مزا پيو ماڻين؟"

"ڪامريڊ ڪرنل! مون کي اطلاع ڏيڻ جي موڪل ڏيو." جوش ۾ پريل ليفٽيننٽ جي وات مان نڪتو ۽ هو سڏو ٿي بيهي رهيو ۽ سهڪي رهيو هو.

"ڇا آهي؟"

"اسان جي ير واري ڪمانڊ پوسٽ جو ونگ ڪمانڊر توهان سان ٽيليفون تي ڳالهائڻ چاهي ٿو."

"اسان جي پاڙيوارو؟ ان کي ڇا کپي.....؟"

ڪرنل تکا تکا قدم کڻندو خندق جي چاڙهيءَ تان لهڻ لڳو.

"ضرور ڪا تنهنجي باري ۾ ڳالهہ آهي..... ليفٽيننٽ اڃا اليڪسيءَ کي چوڻ شروع ئي مس ڪيو تہ هيڻان ڪرنل جو آواز آيو: "ميريسئف کي مون ڏانهن موڪليو."

جڏهن اليڪسي ضابطي تحت سڏو ٿي، سندس سامهون بيٺو، تڏهن هن آواز جهٽڪي تي هٿ رکيو ۽ غصي مان گرجيو: "تو مون کي غلط اطلاع ڇو ڏنو؟ اسان جو پاڙي وارو پڇڻ ٿو چاهي تہ 'يارهون نمبر' ڪير اُڏائي رهيو هو؟ مون جواب ڏنو تہ سينيئر ليفٽيننٽ ميريسئف.

وري هن پڇيو ته تو اڄ سندس هٿان ٽيل گهٽا شڪار لکيا آهن؟ هون ڇيو ٻه، پر هو چوي ٿو ته هن جي نالي وڏيڪ هڪ ٻيو ٻه لکج. هن هڪ ٻيو ٻه "فوڪي وولف" ڪيرايو هو، جيڪو منهنجي پٽيان پيو هو. مون خود پاڻ ان کي ڪرندي ڏٺو هو. ها؟ خاموش ڇو آهين؟ ٻڌاءِ اهو سڀ ڪجهه سچ آهي؟" ڪرنل جا پرون تاٽجي ويا ۽ هن ڪاوڙ پريل نگاهن سان اليڪسيءَ کي ڏٺو. اهو چوڻ ڏاڍو مشڪل هو ته هو پوڳ ڪري رهيو هو يا سنجيدگيءَ سان چئي رهيو هو؟ "ڇا اهو صحيح آهي؟ هان وٽ، تون پاڻ ڳالهائي ڏس. . هيلو! ڇا تون آهين؟ ميريسئف هتي موجود آهي، ساٿس ڳالهاءِ."

ٽيليفون مان هڪ اٽڄاتل ڳرو آواز آيو:

"تنهنجي مهرباني سينيئر ليفٽيننٽ! توهان ته ڪمال ڪري ڇڏيو. توهان کي شابس هجي، توهان منهنجي جان بچائي آهي. ها، آئون ان سان گڏ زمين تائين ويو هوس. مون کيس زمين تي ڪرندي ڏٺو هو. ڇا تون پيئندو آهين؟ تون مون وٽ اڄ، تنهنجي نالي جي بوتل مون وٽ آهي. اڄ ته گڏجي پيون. چگو، هڪ پيرو وري ٻه تنهنجي مهرباني، باقي جڏهن روبرو ملنداسين ته پاڪر پائينداسين، چگو پنهنجي مهم جاري رک."

ميريسئف فون رکي ڇڏي. ان ڏينهن هو جن تجربن مان گذريو هو، تنهن کان پوءِ هو ٽڪجي بنهه چُور ٿي چڪو هو. کيس فقط هڪڙو خيال ذهن ۾ هو ته هو ڪنهن نه ڪنهن طرح خندق تائين پهچي ــ هو نقلي پير لاهي پري اڇلي ۽ ٽنگون ٽيڙي سنئون ڪري ٿي سمهي پوي ۽ پوءِ ٽيليفون رکي آهستي آهستي دروازي ڏانهن وڃڻ لڳو.

"ڪيڏانهن پيو وڃين؟" ڪرنل سندس رستو روڪي ڇڏيو. هن ميريسئف جو هٿ پنهنجي هڏائين هٿ ۾ ورتو ۽ ايترو ته زور سان دٻايائينس جو سندس هٿ ڏکڻ لڳو.

"چگو، مون وٽ تنهنجي واکاڻ لاءِ لفظ ڪونهن. سواءِ ان جي ته بس تون انتهائي پلو ماڻهو آهين. مون کي فخر آهي ته تو جهڙا ماڻهو ٻه منهنجا ماتحت آهن..... ان کان وڏيڪ آئون ڇا چوان.....؟ تنهنجي مهرباني ۽ ها، هو تنهنجو يار، منهنجو مطلب آهي پتروف، اهو ٻه ڏاڍو

سنو چوڪرو آهي ۽ ٻيا ب..... آئون چوان ٿو ته اسان وٽ جيسين توهان جھڑا سرويچ موجود آهن، اسين هيءَ جنگ هارائي نه ٿا سگھون."

۽ هن ٻيهر زور سان ميريسئف جو هٿ دٻايو.

ميريسئف پنهنجي خندق ۾ پهتو ته رات پئجي چڪي هئي، پر هو سُمهي نه سگھيو. هن وهاٽي کي اٽلايو پٽلايو، هزار تائين انگ ڳڻيائين ۽ وري ابتڙ ڳڻپ ڪيائين. هن پنهنجي سمورن سڃاڻو ماڻهن جا نالا ياد ڪيا، جن جا نالا الف ۽ ب سان شروع ٿيندا هئا ۽ ٻيو گھڻو ڪجھ..... ۽ پوءِ هن ٽِڪَ ٻڌي گاسليٽ جي پرندڙ چمنيءَ کي گھورڻ شروع ڪيو، پر نند جي ديويءَ کي ريجھائڻ ۾ ڪامياب ڪين ويو. اکيون بند ڪرڻ سان ئي مختلف جاتل سڃاتل چھرا، ڪي چٽا ته ڪي ڌُندلا سندس سامھون اچي ٿي ٻينا. ڪن کي ته سڃاڻڻ ۾ مشڪل ٿي پيس ــــ چاندي جھڙن اڇن وارن جي چڱن مان لياڪا پائيندڙ ۽ فڪر ۾ ٻڏل نانا ميخائل جون اکيون، آندرئي ديگتيارنيڪو جون وڏيون وڏيون پکڙيل پکڙيل اکيون، جيڪي هميشه پٽبيون ۽ پوربيون رهنديون هيون، واريا جون پنهنجي وَرَ لاءِ منتظر اکيون، واسيلي واسيلي وچ، جنهن جا گھاٽا وار هميشه لڙکندا رهندا هئا ۽ هو هميشه ڪنهن نه ڪنهن کي دڙڪا ڏيندو رهندو هو، هو پوڙھو نشاني باز، سندس سپاهين جھڙو چھرو، جنهن تي مسڪراهٽ سان گُھنج پئجي ويا هئا، ڪيس ڪميسار وروبيوف جو ميڙ جھڙو چھرو نظر آيو، جيڪو وهاٽي تي رکيو هو ۽ هو پنهنجي ڏور رس، چُبندڙ ۽ دل تي پھو رکندڙ مرکندڙ اکين سان گھوري رهيو هو. ڪيس ڪلاوديا ميخائيلونا 'سوويت حور' جو چھرو نظر آيو. سندس اکين ۾ زينوچڪا جا ڳاڙھا وار تري آيا. تصور ئي تصور ۾ ننڍي قد واري جوشيلي استاد نائوموف مسڪرايو ۽ سندس دل جي ڳالھ سمجھندي، ڪيس اک ڇڪائين. تمام گھڻن شاندار ۽ پنهنجائپ وارن چھرن ڪيس ڏنو ۽ اونده مان لياڪا پائيندي مسڪرايو. انهن چھرن ڪيترين يادگيرين کي تازو ڪري وڌو ۽ سندس دل کي، جيڪا پھريائين ئي جذبات کان وهلور پئي وئي، خوش ڪري وڌو. پر پوءِ انهن سمورن دوستاڻن چھرن جي وچ مان اوليا جو چھرو اُبريو ۽ ٻيا سڀ چھرا آهستي آهستي گم ٿي ويا. سنھڙو

چھرو، آفيسر جي فوجي ورديءَ مان ليلڪا پائيندڙ، چوڪرن جھڙيون وڏيون وڏيون ۽ ٽڪل ٽڪل اکيون. اھي اکيون ڪيس ايتريون تہ صاف ۽ چٽيون پئي ڏسڻ ۾ آيون، جڏھ ھوءَ واقعي سندس سامھون اچي بيٺي ھجي ۔ ۽ ڪجھ اھڙي انداز سان جو ھن زندگيءَ ۾ ڪڏھن بہ ڪيس اھڙي انداز ۾ ڪونہ ڏٺو ھو، تصور جا خواب اھڙا تہ روشن ۽ واضح ھئا جو ھو چرڪي پيو.

سمھڻ جي ڪوشش بيڪار آھي. ھو خوشيءَ ۽ سرشاريءَ جي مستيءَ ۾ جُھومندو اٿيو ۽ چمنيءَ جي وَٽِ صاف ڪري ھن اولیا کي خط لکڻ شروع ڪيو.

"منھنجي پياري!" ھن خط صاف صورتخطيءَ ۾ لکيو. ھو انھن خيالن کي مشڪل سان سميٽي پئي سگھيو، جيڪي سندس ذھن ۽ دماغ ۾ گردش ڪري رھيا ھئا. "اڄ مون تن جرمن جنگي ھوائي جھازن کي ڪيرايو آھي، پر اھا ڪا خاص ڳالھ ڪانھي. روزانو اسان جا ساٿي اھو ئي ڪجھ ڪري رھيا آھن. منھنجي جند، منھنجا روح! اڄ آئون چاھيان ٿو ۽ اڄ مون کي اھڙو حق پڻ حاصل ٿي چڪو آھي تہ آئون توکي ٻڌايان تہ ارڙھن مھينا اڳ مون تي ڪھڙي قيامت ڪِري ھئي ۽ جنھن لاءِ مون کي معاف ڪجانءِ، خدا جي واسطي مون کي معاف ڪجانءِ، جنھن کي مون توکان لڪايو ھو؛ پر اڄ مون فيصلو ڪري ئي ورتو آھي....."

۽ اليڪسي پنھنجن خيالن ۾ گم ٿي ويو. ڪليل دروازي مان ٺڏڙي ھوا سان گڏ گاھن ۽ گلن جي سرھاڻ اندر پئي آئي. سڳنڌ سان گڏ پکين جو آواز پڻ آيو پئي. ڪتان پري ڪان گھاٽيءَ جي ٻي پار ڪان، شايد آفيسرن جي ڪاڌي واري ڪمري ڪان ٻاھر ڪنھن مرد ۽ عورت جي آواز ۾ "ربيي نا" جي وڻ واري گيت جا ٻول جھونگارجي رھيا ھئا. ڏوريءَ ان گيت جي ڌُن ۾ ھڪ عجيب ڏيرج پيدا ڪري ڇڏيو ھو ۽ ان ڏيرج رات جي وقت ان گيت ۾ ھڪ انوکو لطف ۽ جادوءَ پريو رس پري ڇڏيو ھو. گيت اليڪسيءَ جي دل کي ھڪ مٺاس پري اداسي ــ انتظار، اوسيئڙي ۽ اميد سان مالا مال ڪري ڇڏيو ھو.....! ■

پچاڙي

- اوريل واري ويڑھ پنھنجي سوپ کي بنھ ويجھي پھچي چڪي ھئي. اتر کان وڌندڙ فوجن جي آس پاس واريون خبرون پھچي رھيون ھيون تہ ڪواسو گورسڪ ٽڪرين تان ھرندڙ شھر نظر اچي رھيو آھي ۽ اھڙيءَ صورتحال ۾ ھڪ ڏينھن بريانسڪ محاذ جي ھيڈ ڪوارٽر ۾ اطلاع پھتو تہ گذريل نون ڏينھن ۾ روسي ھوابازن دشمن جا 47 ھوائي جھاز تباھ ڪيا آھن ۽ سندن فقط پنج ھوائي جھاز تباھ ٿيا آھن ۽ رڳو ٽي ھواباز مارجي ويا آھن. ۽ ھواباز چٽين وسيلي لھي پيرين پنڌ پنھنجي ھوائي اڈي تي پھچي ويا ھئا. روسي فوجن جي تڪڙي پيش قدميءَ واري ڏينھن ۾ ھي ھڪ غير معمولي واقعو ھو آئون رابطو ڪندڙ ھڪ ھوائي جھاز ۾ چڙھي ويٺس، جيڪو ان رجمينٽ ڏانھن ئي پئي اڏاٽو. منھنجو ارادو ھو تہ اتي وڃي ان دستي جي ھوابازن جي جانبازي ۽ بھادريءَ جا داستان معلوم ڪريان ۽ "پراودا" (روسي قومي اخبار) لاءِ مضمون لکان. ھي ھوائي اڈو ۽ انھن ميداني ھوائي اڈن مان ھڪ ھو، جيڪي جنگ جي قيامت خيز ڏينھن ۾ عام ھئا. ھواباز ۽ ھوائي جھاز برج جي وٽن ۾ قطارون ڪريو ائين لڳا ٻيٽا ھئا، جيئن تتر مادي پنھنجي ٻچن جي ولر سان پوڙن ۾ لڪندي آھي.

اسين پوئين پھر اتي لٽاسين. رجمينٽ جو مصروف ۽ ھنگامو برپا ڪندڙ ڏينھن ختم ٿي رھيو ھو. اوريل جي علائقي ۾ جرمن ھوائي جھاز ڪجھ وڌيڪ جوش ۽ جذبو ڏيکاري رھيا ھئا ۽ ان ڏينھن ھر ويڑھو ھوائي جھاز ست اڏامون ڪري چڪو ھو ۽ سج لٿي ڏاري ھوائي جھاز پنھنجي ائين اڏام تان واپس موٽي رھيا ھئا. ڪرنل ننديءَ قد وارو ماڻھو ھو. سندس چھرو سانورو ھو ۽ ھن سينڊ ڏاڍي صفائيءَ سان ڪيڊي

هئي. ڪيس نئون نئون نيرو هوائي لباس پاتل هو. هن صاف انڪار ڪندي چيو ته هو ان ڏينهن جي باري ۾ ڪابه ڪهاڻي نٿو ٻڌائي سگهي. هو صبح جو ڇهين وڳي ڪان هوائي اڈي تي موجود هو ۽ ٽي پيرا پاڻ ۾ اڏامون ڪري چڪو هو. هو ايترو ته ٽڪل هو جو ٽيڪ بيهي به نٿي سگهيو. ٻيا آفيسر پڻ ان ڏينهن اخبار وارن کي انترويو ڏيڻ لاءِ تيار نه هئا. مون سوچيو ته مون کي سپاٽي تائين ترسٽو پوندو. ويٽر، دير ۾ ايتري ٽي چڪي هئي جو واپس موٽڻ ۾ مشڪل هو. جهاز لهندا پئي ويا. سيني کان آخري هوائي جهاز دستي نمبر3 جي ڪمانڊر جو هو. ڪاڪ پٽ جي شفاف ڇت مٿي ڪنئي ويئي. سيٻ کان اڳ جهاز مان عاج وارو آبنوسي لڪڻ زور سان ٻاهر نڪتو، جنهن تي سونهري گلڪاري ٽيل هئي. لڪل گاه تي ڪري پيو. پوءِ سانوري رنگ جي ويڪري ڇهري ۽ ڪارن وارن واري ماڻهوءَ پاڻ کي پنهنجي مضبوط ٻانهن جي زور تي مٿي کنيو، ڦڙتائيءَ سان پنهنجي جسم کي هڪ طرف ڪڍيو ۽ پر تي لٿو ۽ پوءِ زور سان زمين تي ٽپ ڏنائين. ڪنهن مون کي چيو ته اهو رجمينٽ جو سيني کان سٺو هواباز آهي. مون سوچيو: اڄوڪي شام اجائي ڇو وڃي؟ ڇو نه ان سان ئي ڳالهه پولهه ڪري ونڃي. مون کي چگي طرح ياد آهي ته هن ڪلنڊڙ جوشيلي جوان، ڪارين اکين سان مون کي گهوري ڏٺو هو. سندس اکين ۾ چوڪرائپ جو اڻ مٽ اٻالوپڻ موجود هو، جنهن ۾ اهڙي ماڻهوءَ جي ٽڪل ٽڪل دانشمندي جو ميلاپ به موجود هو، جنهن سان گهٽو ڪجهه وهي واپري چڪو هجي. هن مسڪرائيندي مون کي چيو:

"اڙي بندا خدا جا! آئون ايڏو ته ٽڪل آهيان جو ڳالهه ئي نه پڇ. خبر ناهي ڪيئن پنهنجا پير گهليندو پيو هلان ۽ مٿي ۾ چڪر پيا اچن— پر خير، تو ماني کاڌي آهي؟ نه! چگو، پاڻ ماني کائڻ واري ڪمري ۾ گڏجي ماني ٿا کائون. کاڌي ۾ اسان کي هر ڪيرايل جهاز جي انعام ۾ ٻه سؤ گرام وودڪا شراب ملندو آهي. اڄ آئون ڇهه سئو گرامن جو حقدار آهيان جيڪو پاڻ پنهي لاءِ کوڙ آهي. ته پوءِ هلين ٿو نه؟ جيڪڏهن تون ڪهاڻي ٻڌڻ لاءِ ايترو بيقرار آهين ته پوءِ اڇ ته هلون، گڏجي ماني به کائينداسين ۽ ڪچهري به ڪنداسين."

آئون راضي ٿي ويس. مون کي هي سڄ ڳالهائيندڙ ۽ کل مک آفيسر ڏاڍو پسند آيو. اسين ان گس تان وياسين، جيڪو جهنگل مان هوابازن جي هلڻ ڪري پيچرو نٿي پيو هو. منهنجو نئون دوست تکو تکو هلندو ۽ هر هر ڪو نہ ڪو جهنگلي ميوو پٽڻ لاءِ هيٺ ولين ڏانهن جهڪي ٿي ويو. واقعي، هو ڏاڍو ٽڪل هو، چو تہ سندس قدم مس ٿي ڪنيا. پر هن عجيب قسم جي لڪڻ جو سهارو ڪونہ ٿي ورتو. اهو بس سندس ٻانهن ۾ لڙڪيل هو. جڏهن اسان نالي پار ڪري ترڪٽيءَ چڙهائيءَ تي مٿي پئي چڙهياسين، تڏهن بہ هن پاسي ۾ بينل پوٽن جي تارين کي جهلي چڙهڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي، پر لڪڻ جو سهارو ڪونہ پئي ورتائين.

کاڏي واري ڪمري ۾ پهچڻ شرط سندس ٽکاوت هڪدم اڏامي وئي. هن دريءَ جي پاسي ۾ پيل ميز ويهڻ لاءِ چونڊي، جتان اسين لهندڙ سج جي لالاڻ جو نظارو ڪري پئي سگهياسين. هن ڏاڍي شوق سان پاڻيءَ جي پريل چَل ڏوڪ ڏوڪ ڪري پيتي. پوءِ خوبصورت ۽ گهنڊيدار وارن واري ماني کارائيندڙ چوڪريءَ سان اسپتال واري دوست جي باري ۾ پوڇ ڪيو. هواباز ٻڌايو تہ هن چوڪريءَ ان زخمي هواباز جي ڪري کاڏي ۾ ايترو تہ لوڻ وجهڻ شروع ڪيو آهي، جو سيني جو جيئڻ حرام ٿي پيو آهي. هو ڏاڍي شوق سان ماني کائيندو رهيو ۽ چانپ جي هڏيءَ تان ڏندن سان گوشت پٽيندو کائيندو رهيو ۽ ٻين ميزن تي وينل دوستن سان کل پوڇ بہ ڪندو رهيو. هن مون کي چيو تہ ماسڪو جون تازيون خبرون ٻڌاءِ. اهو بہ پڇيائين تہ ڪهڙا ڪهڙا نوان ڪتاب ڇپيا آهن ۽ ٿيٽرن ۾ ڪهڙا نوان ڊراما پيا هلن ۽ انهيءَ ڳالهہ تي افسوس ظاهر ڪيائين تہ هو هڪ پيرو بہ ماسڪو آرٽ ٿيٽر ۾ ڪونہ ويو آهي. جڏهن اسان آخري گرهہ کڻي رهيا هئاسين، تڏهن مون کان پڇيائين:

"چا تو رات گذارڻ جو بندوبست ڪيو آهي؟"

مون چيومانس تہ "نہ!؟"

"تہ پوءِ اڄ تہ هلي منهنجي خندق ۾ ٿا سمهون." هن پنهنجا پرون تاٽيا ۽ چيائين تہ "اڄ منهنجو ساٿي ڪونہ موٽيو آهي.... تنهن ڪري

هڪ تختو خالي پيو آهي. آئون ڪٽان ڪا صاف چادر ڪڍي وڇندس تہ پوءِ اچ تہ هلون."

سا ڳالھ پڌري پَٽِ هئي تہ هو انھن ماڻھن مان ھو، جن کي ماڻھن سان ڏاڍو لڳاءُ هوندو آهي ۽ جن کي نون مھمانن سان ڪچھري ڪرڻ ۾ ڏاڍو مزو ايندو آهي. آئون راضي ٿي ويس. خندق ايڏي تہ ٽڏي هئي ۽ ٻاھر جھنگلي جيتن جي سريلي آوازن جو سلسلو ايترو سُڪون بخشيندڙ ھو جو اسان ٻنھي کي نند جا گھيرت اچڻ لڳا ۽ اسان ڪچھري ڪرڻ ۽ پيئڻ جو پروگرام ٻئي ڏينھن لاءِ ملتوي ڪري ڇڏيو.

هواباز ٻاھر ويو ۽ مون زور زور سان ڏندڻ ڪرڻ ۽ ٽڏي پاڻيءَ سان منھن ڌوئڻ جو آواز ٻڌو ۽ سندس کنگھار جو آواز پري پري جھنگل تائين ھليو ويو. ھو ڏاڍو خوش خوش ۽ تازو توانو ٿي اندر آيو. سندس وارن ۽ پُروئن تي پاڻيءَ جا ڦڙا چمڪي رھيا ھئا. ھن ڏيئي جي جھڪي روشنيءَ ۾ ڪپڙا بدلايا. ڪا شيءِ ڪاءُ ڪري پٽ تي ڪري. مون ھيٺ ڏٺو ۽ مون کي پنھنجي اکين تي اعتبار ئي ڪونہ آيو. سندس پير وڃي پٽ پيا ھئا! بنا پيرن وارو هواباز! ۽ سو بہ هڪ جنگي هوائي جھاز جو هواباز! جنھن ان ڏينھن ست اڏامون ڪيون ھيون ۽ دشمن جا ٽي هوائي جھاز ڪيرايا ھئا!! سا ڳالھ سمجھ ڪان ٻاھر هئي.

پر حقيقت هيءَ هئي تہ سندس نقلي پير، جن تي بنھ ٽيڪ فوجي بوٽ پاتل ھئا، پٽ تي پيا ھئا! حيرانيءَ مان منھنجو وات پٽيو پيو ھو. منھنجي ميزبان خوش مزاجيءَ مان ڏاڍي شرير مسڪراھٽ سان چيو تہ:

"ڇا توکي پھرين خبر ڪانہ هئي؟"

"منھنجي خواب خيال ۾ بہ ڪونہ ھو تہ ڪو....."

"مون کي اھو ٻڌي ڏاڍي خوشي ٿي آهي. مھرباني! پر آئون حيران آھيان تہ ڪنھن توکي ايڏا ٻڌايو ڇو ڪونہ؟ اسان جي رجمينٽ ۾ ماڻھو جيترا سڀ هواباز آھن، اوترا ئي گھٽا ڳالھيرا!. ويتر دلچسپ ڳالھ اھا آهي تہ هڪ نئون ماڻھو اچي، سو بہ 'پراودا' جو خاطو ھجي ۽ ھو ڏوڙي ڪيس اھو نہ ٻڌائين تہ انھن وٽ هتي هڪ عجيب شيءِ آهي. واقعي، حيرت جھڙي ڳالھ آهي."

"پر هيءَ ته آهي ئي هڪ غير معمولي ڳالهه، سو ته تون به مڃيندين. بنا پيرن جي جنگي هوائي جهاز اڏائڻ! ڏاڍي دليريءَ ۽ مڙدانگيءَ جو ڪم آهي. مون کي ته هوابازيءَ جي تاريخ ۾ ڪٽي به اهڙو مثال ڪونه ٿو سُجهي."

هواباز ڏاڍي لئي سان سيندو وڃائي.

"هوا بازيءَ جي تاريخ! تاريخ کي انهن تمام گهٽين ڳالهين جي خبر ڪانه هئي، جيڪي ان هن جنگ دوران اسان هوابازن کان سکيون آهن، پر ان ۾ خوش ٿيڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي؟ تون يقين ڪر ته هنن پيرن بدران آئون پنهنجي اصلي پيرن سان هوائي جهاز اڏائڻ کي هزار پيرا وڌيڪ سمجهان ٿو. پر هاڻي پيو کو چارو به ته ڪونهي. جيڪو ٽيڙو هو، سو ته ٽي ويو." هواباز ٿڌو شوڪارو ڀريو ۽ چيو: "ءِ سچي ڳالهه اها آهي ته هوابازيءَ جي تاريخ کي اهڙن واقعن جي اڳواڻ خبر آهي."

هن رسالي جو اهو ورق ڏيکاريو، "پر هن جو ته هڪڙو پير اڃا سلامت هو ۽ پيو ته هو جنگي هوائي جهاز ڪونه اڏائيندو هو. هو ته پراڻو 'فارمين' اڏائيندو هو." مون وراڻيو.

"پر آئون ته اشتراڪي هواباز آهيان. ها، اهو نه سمجهجانءِ ته آئون کو ٻڌاڪ پيو هڻان. هي لفظ منهنجا چيل ڪونهن. هي لفظ هڪ مون کان تمام پلي ۽ سچي انسان چيا هئا..... (هن لفظ 'سچي' تي خاص زور ڏنو) جيڪو هاڻي مري چڪو آهي."

هواباز جي ويڪري ۽ جوشيلي چهري تي دلڪش ۽ وٽندڙ اداسيءَ جي ڪيفيت ڇانئجي وئي. سندس اکيون چمڪڻ لڳيون ۽ سندس مهانڊو پنهنجي عمر کان ڏهه سال گهٽ ڏسڻ ۾ پئي آيو. بنهه نوجوان جهڙو ۽ آئون اهو ڏسي حيران ٿي ويس ته هي ماڻهو، جنهن کي ٿورو اڳ آئون ڪرڙوڌ سمجهيو ويٺو هوس، سو ته ٽيويهن سالن جو مس ٿيندو.

"مون کي ان ڳالهه کان نفرت آهي ته ماڻهو مون کان پڇن ته 'ڇا'، 'ڪڏهن' ۽ 'ڪيئن' ٿيو؟ پر هن وقت مون کي سڀ ڪجهه ياد پيو اچي..... تون منهنجي لاءِ بلڪل نئون آهين..... سياڻي اسين هڪٻئي

کان موڪلائيندا سين ۽ شايد وري ڪڏهن به نہ ملي سگهون ..... تنهن ڪري جيڪڏهن تون پڌڻ چاهين تہ آئون توکي پنهنجي پيرن جي ڪهاڻي ڪٽي پڌايان.....“

هو پنهنجي هنڌ تي ڪمبل ويڙهي ويهي رهيو ۽ پنهنجي ڪهاڻي شروع ڪيائين. ائين پئي لڳو جڻ هو پنهنجو پاڻ سان ڳالهائي رهيو هو ۽ جڻ هن منهنجي موجودگي وساري ڇڏي هئي. پر هو پنهنجي ڪهاڻي ايڏي تہ سهڻي انداز ۾ ۽ ايتري تہ صفائيءَ سان پڌائي رهيو هو جو مون محسوس ڪري ورتو تہ آئون هڪ انتهائي اهم ۽ هڪ بي نظير قصو پيو ٻڌان ۽ اهڙو قصو شايد آئون ٻيهر ٻڌي نہ سگهان. سندس حافظو ڏاڍو تيز هو، ذهن ڏاڍو سٿو هئس ۽ سندس دل ڏاڍي ڪُشادي هئي. مون ميز تان اسڪول جي ڪاپي ڪڍي، جنهن تي لکيل هو: ”اسڪواردن نمبر3 جو روزنامچو.....“ ان ڪاپيءَ ۾ مون ڪهاڻي لکڻ شروع ڪئي.

هُو جيڪا ڪهاڻي پڌائي رهيو هو، سا ايتري تہ حيرتناڪ هئي جو مون وڌ کان وڌ تفصيل سان لکڻ ٿي چاهي. هڪڙي ڪاپي ڀرجي وئي. مون ڪي ٻي ڪاپي طاق مان ملي ويئي. سا بہ ڀرجي وئي. ميريسئف ڪهاڻي پڌائڻ ۾ ۽ آئون لکڻ ۾ ايترو تہ محو هئاسين، جو اسان کي ڪا خبر ئي ڪانہ پئي تہ رات اڇ هٽي چڪي آهي. اليڪسي ميريسئف جي ڪهاڻي ان موڙ تائين پهچي وئي هئي، جڏهن هن ’ريختگوفن‘ ڊويزن جا ٽي هوائي جهاز ڪيرائڻ کان پوءِ اهو محسوس ڪيو هو تہ هاڻي هو ٻيهر هوابازن جي قطار ۾ شامل ٿي چڪو آهي.

اسين ڪچهري ڪندا رهياسين ۽ رات ماڻ ميڙ ۾ گذري ويئي.

”مون کي صبح جو سوير هوائي جهاز اڏائڻو آهي. مون توکي ٽڪائي وڌو آهي. اڇ تہ ٿوري دير اڪ پوري ونون.“ هن ڪهاڻي جو سلسلو ختم ڪندي چيو.

”ليڪن اوليا جو ڇا ٿيو؟ هن خط جو ڪهڙو جواب ڏنو؟“ مون پڇيو ۽ پوءِ پاڻ کي روڪي چيم: ”معاف ڪجانءِ، شايد هي سوال مون کي نہ پڇڻ ڪپندو هو. جيڪڏهن جواب نہ ڏين تہ بہ خير آهي.....“

”چو؟“ هن ڪلندي چيو. ”اسان پئي پاڳل هئاسين. مون کي پوءِ خبر

پئي تہ اولیا کي سڀ ڪجھ اڳ ۾ ئي معلوم ھو. منھنجي دوست آندرئي ديگتيارينڪو ڪيس اڳواڻ سڀ ڪجھ لکي ڇڏيو ھو. پھريائين جھاز ڪرڻ جي خبر ۽ پوءِ پيرن وڃڻ جي، پر جڏھن اولیا ڏنو تہ آئون ڪانئس ڳالھ لکائي رھيو آھيان تہ ھوءَ بہ منھنجي لاءِ اڻ ڄاڻ بنجي وئي. اسين ھڪ ٻئي کي دوکو ڏئي رھيا ھئاسين. خبر ناھي ڇو؟ ڇا تون ڪيس ڏسڻ چاھين ٿو؟"

ھن ڏيئي جي وٽ ڇاڻي، جھڪي روشنيءَ ۾ مون کي ٻہ تصويرون ڏيکاريائين. ھڪ تصوير ۾ ھوءَ ڇيت جو فراڪ پايو، گلن ٻوٽن جي وچ ۾ ويٺي ھئي ۽ بي فڪريءَ سان مسڪرائي رھي ھئي ـــ ٻيءَ تصوير ۾ ساڳي ڇوڪري جونيئر ليفٽيننٽ ٽيڪنيشن جي ورديءَ ۾ نظر اچي رھي ھئي. سندس ڇھرو تکو ۽ سنھڙو ھو ۽ اکين ۾ غور ۽ فڪر جي ڪيفيت جھلڪي رھي ھيس. ھوءَ ايتري تہ ننڍڙي ھئي، جو ھوءَ فوجي ورديءَ ۾ بہ ھڪ خوبصورت ڇوڪري لڳي رھي ھئي. پر ان ڇوڪريءَ جون اکيون ٽکل ۽ دل ۾ پيھي ويندڙ ٻئي محسوس ٿيون. اھڙيون اکيون جن مان چڙو اڳي غائب ٿي چڪي ھئي.

"ڇا تو کي وٽي ٿي؟"

"تمام گھٽو." مون پرپور خلوص سان چيو.

"مون کي بہ وٽي ٿي." ھن خوشگوار مسڪراھٽ سان موٽ ڏني.

"۽ استرو چڪوف ھاڻي ڪٿي آھي؟"

"خبر ناھي. مون کي سندس آخري خط گھڻو اڳ مليو ھو. جيڪو ھن 'اليڪسي لوڪي' وٽان ڪتان موڪليو ھو."

"۽ ھو ٽينڪ مين، ڇا نالو اٿس؟"

"تنھنجي مراد گريشا گووزديف مان آھي؟ ھو ھاڻي ميجر آھي. ھن 'پروخوروووکا' وٽ مشھور ويڙھ ۾ حصو ورتو ۽ پوءِ 'ڪورسڪ' وٽ ٽينڪن جي حملي ۾ بہ حصو ورتائين؛ توڙي جو اسان ٻئي ساڳئي علاقي ۾ وڙھي رھيا ھئاسين، پر ھڪ ٻئي سان ملي ڪونہ سگھياسين. ھو ھڪ ٽينڪ رجمينٽ جو ڪمانڊر آھي. خبر ناھي ڇو ھن ڪيترن ڏينھن کان مون کي خط نہ لکيو آھي. پر خير، پرواھ ناھي. جي زنده رھياسين تہ جنگ کان پوءِ ھڪ ٻئي کي ڳولي لھنداسين. پر ٻلا زنده ڇو

ڪونہ رهنداسون.....؟ چگو هاڻي ٿوري دير لاءِ سمهي وٺون. رات ٿہ ختم ٿي ويئي.....!"

"ائون تنهنجي باري ۾ 'پراودا' ۾ لکڻ چاهيان ٿو." مون چيو.

"آن جو فيصلو توکي ڪرڻو آهي." هواباز کا خاص گرمجوشي ڏيکاريڻ کان سواءِ ئي چيو. پوءِ نند هاڻکي آواز ۾ چيائين: "پر بهتر ٿيندو ٿہ تون نہ لک. گوئبلز سڄي دنيا ۾ هن ڪهاڻي جو پڙهو ڏيندو ٿہ ڏسو، روس وارا بنا پيرن جي هوابازن کي بہ جنگ ۾ وڙهڻ لاءِ مجبور ڪري رهيا آهن ۽ ان قسم جون ٻيون بہ واهيات ڳالهيون ڪندو..... توکي خبر آهي ٿہ فاشسٽ ڪهڙا نہ گنديءَ ذهنيت وارا هوندا اهن."

ٻئي پل هو زور زور سان کونگهرا هڻي رهيو هو. پر آئون سمهي ڪونہ سگهيس. هن ڪهاڻيءَ جي سادگيءَ ۽ عظمت منهنجي نس نس ۾ اهڙو ٿہ وجدان پيدا ڪري ڇڏيو هو، جو هي ڇڻ ڪو تمام خوبصورت ۽ خيالي داستان معلوم پئي ٿيو. جيڪڏهن ان جو هيرو منهنجي سامهون نہ هجي ها ۽ سندس نقلي پير اکين اڳيان فرش تي پيل نہ ڏسان ها ٿہ شايد ئي اعتبار ڪري سگهان ها.

ان کان پوءِ آئون اليڪسيءَ سان تمام گهڻي وقت تائين ملي ڪونہ سگهيس. پر جنگ جون موجون مون کي جيڏانهن بہ گهلي ڪڍي ٿي ويون، اهي ٻئي ڪاپيون مون سان گڏ هونديون هيون، جن ۾ مون 'اوريل' جي ويجهو هڪ هواباز جو ناقابلِ يقين داستان لکيو هو. جنگ جي زماني ۾، طوفان کان اڳ گهٽ ۽ وري زبردست جنگ وارن ڏينهن ۾ مون آزاد يورپ وٽان لنگهندي ڪيترا ئي پيرا هن جي ڪهاڻي لکڻ چاهي، پر هر پيري لکي نہ سگهيس، ڇاڪاڻ ٿہ جيڪو ڪجهہ آئون لکي ٿي سگهيس، سو هن جي حقيقي زندگيءَ کان ڪيترا پيرا ڦڪو ۽ بنهہ گهٽ ٿي لڳو.

آئون نورمبرگ جي هڪ بين الاقوامي فوجي عدالت جي هڪ اجلاس ۾ موجود هيس. هي اهي ڏينهن هئا، جڏهن 'هرمين گوئرنگ' کان آڏي پڇا جو سلسلو ختم پئي ٿيو. لکت ۾ ثبوت کان ڇڪرائجي ۽ روسي وڪيل جي سوالن کان مجبور ٿي "جرمن جي ٻئي نمبر نازيءَ" هيڪندي ۽ ڏند ڪرٽيندي عدالت کي ٻڌايو ٿہ ڪهڙي طرح روس جي

وسعتن ۾ ويڙھ وڙھندي روسي فوج جي ٻرپور ۽ ماھراڻن حملن جي ڪري فاشزم تباھ ۽ برباد ٿي ويو. پنھنجو پاڻ کي صحيح ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي ھن اکيون مٽي ڪٽي آسمان ڏانھن نھاري چيو تہ: "خدا جي اھا ئي مرضي ھئي."

"ڇا تون ھن ڳالھ جو اعتراف ڪرين ٿو تہ دغا بازيءَ سان روس تي حملو ڪري، جنھن جي نتيجي ۾ جرمنيءَ کي شڪست کائڻي پئي، تو ھڪ شرمناڪ ڏوھ ڪيو ھو." روسي وڪيل 'رومن رودينڪو'، 'گوئرنگ' کان پڇيو.

"ھي ڏوھ ڪونہ ھو. ھيءَ ھڪ تباھ ڪندڙ غلطي ھئي." گوئرنگ ٻُرون تاڻي، اکيون جھڪائيندي ٻنھ آھستي چيو. "آئون فقط ايترو چوندس تہ اسان اُبھرائيءَ ۽ بي پرواھيءَ وارو قدم کنيو ھو، ڇو تہ جيئن جنگ دوران واضح ٿيو تہ اسين گھٽين ڳالھين کان بي خبر ھئاسين. اسان کي گھٽين ڳالھين جي خبر ڪانہ ھئي. بنيادي ڳالھ اھا تہ اسين روسين جي ڪردار کان بلڪل اڻ واقف ھئاسين ۽ کين سمجھي ڪونہ سگھياسين. روسي ــ ھڪ ڪجھارت ھئا ۽ اجا بہ آھن. دنيا جي بھترين جاسوسن جو ڇار بہ روس جي اصلي جنگي قوت جي سُڌ رکي نہ سگھيو. منھنجي مراد ٽينڪن، ھوائي جھازن ۽ توبن جي تعداد مان ڪانھي. ان باري ۾ تہ اسان کي ٿلھي ليکي خبر ھئي. منھنجي ذھن ۾ انھن جي صنعت جي وسعت ۽ صلاحيت آھي. منھنجي ذھن ۾ اتي جا ماڻھو آھن. پرديسين لاءِ روسي ھميشہ ھڪ ڪجھارت رھيا آھن. "نپولين" پڻ انھن کي سمجھڻ ۾ ناڪام رھيو ھوــ ۽ اسان محض نپولين جي غلطي کي ڏھرايو."

"روسين جي ڪجھارت" ھجڻ جو ۽ اسان جي ملڪ جي اڻ ڄاتل 'جنگي قوت' جو مجبور ٿي اعتراف ڪرڻ سان اسان جون دليون فخر جي احساس سان ڀرجي ويون. اسان کي پورو يقين آھي تہ سوويت عوام، انھن جون خوبيون، انھن جون صلاحيتون، انھن جي ھمت ۽ بي لوث قربانيون، جن تي جنگ دوران سڄي دنيا دنگ رھجي ويئي، 'گوئرنگ' جھڙن ماڻھن لاءِ ڪجھارتون ئي ھيون ۽ آھن. واقعي جرمنن کي 'فوق البشر' ھجڻ واري 'نظريي' کي جنم ڏيندڙ ھڪ اھڙي قوم

جي روح ۾ طاقت کي سمجھڻ جي صلاحيت ڪٿان آئي، جيڪا هڪ اشتراڪي ديس ۾ پلجي نپجي تيار ٿي هجي؟ ۽ مون کي هڪدم الیکسي ياد اچي ويو. شاه بلوط جي ڪاٺ مان ٺهيل ان اونداهي ۾ اداس ڪمري ۾ سندس ڏنڏلي تصوير ايري ۽ بنھ اتي فاشزم جي اڏي 'نيورمبرگ' ۾، منھنجي دل ۾ زبردست خواهش پيدا ٿي ته انھن ڪروڙين سوويت ماڻھن مان هڪ جي ڪھاڻي ڪٽي ٻڌايان، جنھن ڪيترن ئي مورچن تي دشمن جي منھن تي دانگي ملي چڏي هئي.

نيورمبرگ ۾ هيبي جلد واريون ڪاپيون مون سان گڏ هيون. انھن مان هڪ تي خود الیکسيءَ جا هٿ اکر لکيل هئا: "اسڪواڊرن نمبر3 جي وڙهندڙ دستي جو روزنامچو" فوجي عدالت کان موڪي پنھنجي رهائش گاه تي پھچڻ کان پوءِ مون ڪاپيون پڙهيون ۽ پيھر لکڻ شروع ڪيم ۽ الیکسي ميريسئف جي باري ۾ بنھ سچائيءَ سان داستان لکڻ ويٺس، جيڪو هن مون کي ٻڌايو هو.

- هن جيڪي ڪجھ چيو هو، ان مان گھڻو ڪجھ آئون لکي ڪونہ سگھيو هيس ۽ انھن چئن سالن جي عرصي ۾ ان مان ٻه گھڻو ڪجھ مون کان وسري ٻه ويو هو. حجاب کان الیکسيءَ پنھنجي باري ۾ تمام گھٽ ٻڌايو هو ۽ مون کي پنھنجي تصور سان خانہ پُري ڪرڻي پئي هئي. ان رات هن جنھن خلوص ۽ تفصيل سان پنھنجي دوستن جا مھاندا چٽيا هئا، سي مون کي ياد ڪونہ رهيا هئا ۽ مون کي پنھنجي تصور جي مدد سان انھن جا نقش اپارٽا پيا. آئون ان سلسلي ۾ حقيقت جي ٽيڪ ٽيڪ عڪاسي ڪري نہ سگھيس، تنھن ڪري مان 'هيري' ۽ سندس ساٿين ۽ مددگارن جي نالن ۾ بنھ ٽورڙي ڦير گھير ڪئي آهي. جن ٻ ماڻھن کي ڪردارن جي تصوير ۾ پنھنجي جھلڪ ڏسڻ ۾ اچي ته مون کي اميد آهي ته اهي مون کي معاف ڪري چڏيندا.

مون هن ڪتاب کي "ڏونگر منجھ ڏيئو" جو نالو ڏنو آهي، چو ته منھنجي نظر ۾ الیکسي ميريسئف هڪ ڏيئو آهي، هڪ سچو انقلابي روسي انسان، هڪ اهڙو انسان، جنھن کي 'هرمين گوئرنگ' پنھنجي انتھائي شرمناڪ موت و اري ڏينھن تائين ٻ سمجھي نہ سگھيو ۽ اهڙا سمورا ماڻھو اڄا تائين ٻ ڪيس نٿا سمجھي سگھن، جيڪي تاريخ جو

سبق وساريڻ چاهين ٿا. اهي سمورا ماڻهو، جيڪي اڄ به 'هيپولين' ۽ 'هٽلر' جي رستي تي هلڻ جا خواب ڏسي رهيا آهن.

ائين ئي 'ڏونگر منجھ ڏيئو' ڪتاب جنم ورتو. جڏهن مسودو تيار ٿي ويو، تڏهن مون چاهيو ته هن ڪهاڻيءَ جو خاص هيرو هڪ پيرو مسودي کي ڏسي وٺي، پر ڏاڍي ڪوشش جي باوجود مون کي همراه هٿ اچي نه سگهيو.

ڪهاڻي رسالي ۾ چپجڻ لڳي ۽ ريڊيو تي پڻ پڙهي پئي وڻي. هڪ ڏينهن صبح جو سوير فونَ جي گهنٽي وڳي. مون فون کنيو ته مون کي هڪ گهٽيل گهٽيل مرداڻو آواز ٻڌڻ ۾ آيو، جيڪو ڪجھ ڪجھ جاڻل سڃاڻل پئي لڳو.

"آئون توسان ملڻ چاهيان ٿو."

"ڪير ٿو ڳالهائي؟"

"گارد مينجر ايڪسي ميريسئف."

ڪجھ ڪلاڪن کان پوءِ ايڪسي منهنجي ڪمري ۾ داخل ٿيو. ساڳي چال، ساڳي تيزي، اهو ئي هَشاش بُشاش چهرو ۽ ڏسڻ ۾ ڏاڍو متو. جنگ جي چئن سالن ۾ منجھس مشڪل سان ڪا تبديلي آئي هئي.

"مون گهر ويڻي ڪتاب پڙهيو. ريڊيو وڄڻ لڳو، ليڪن آئون پڙهائيءَ ۾ ايڏو غرق هيس جو منهنجو ڏيان ريڊيو ڏانهن ڪونه ويو." اوچتو امان جي وات مان نڪتو:

"ٻڌ پٽ! هي تنهنجي باري ۾ چيو پيو وڃي." منهنجا ڪن ايا ٿيا. واقعي، منهنجو داستان ٻڌايو پئي ويو. منهنجي حيرتناڪ تجربن جي باري ۾. آئون حيران ٿي ويس. ڪنهن لکيو هوندو هي داستان؟ مون کي ياد ڪونه پئي آيو ته مون ڪنهن کي اها ڪهاڻي ٻڌائي هئي ۽ پوءِ مون کي هڪدم ياد آيو ته 'اوريل' جي ويجهو تنهنجي ۽ منهنجي ملاقات ٿي هئي، جيڪا ان خندق ۾ ٿي هئي ۽ ڪيئن نه مون پنهنجا تجربا ٻڌائيندي، توکي رات جاڳڻ تي مجبور ڪيو هو. پر هي ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ مون سوچيو. پر ڳالھ ڪيڏي نه پراڻي ٿي چُڪي آهي. اٽڪل پنج سال ڪن ٿي چڪا آهن. ڪهاڻي پڙهڻ واري

پڙهڻ بند ڪيو ۽ ليڪڪ جو نالو ورتائين. اهڙي طرح مون توکي ڳولڻ شروع ڪري ڏنو."

هن اهو سڀ يڪساهيءَ ۾ چئي چڏيو. سندس چپن تي اها ئي مُسڪراهٽ پکڙيل هئي، ٿورڙي شرمايل بلڪل اها ئي اليڪسيءَ جي مسڪراهٽ، جنهن کي آئون پهرين ۽ ڏسي چڪو هوس.

گهڻن ڏينهن کان پوءِ پن سپاهين جي ملاقات جي وقت هميشہ کان جيئن ٿيندو آهي، اسان ٻئي ٻيهر جنگ جي سمورن مرحلن مان لنگهياسين. انهن آفيسرن جي باري ۾ ڳالهايوسين، جن سان اسان ٻنهي جي واقفيت هئي ۽ انهن ماڻهن کي نيڪ تمنائن سان ياد ڪيوسين، جيڪي فتح جو ڏينهن اکين ڏسي نہ سگهيا هئا. پهرين وانگر هينئر ۽ اليڪسيءَ پنهنجي باري ۾ ٻڌائڻ ۾ ڪجھ هٻڪيو پئي، پر مون کي ايتري تہ خبر پئجي وئي تہ هن اسان جي ملاقات کان پوءِ ۽ ڪيترين ئي ڪاميابيون حاصل ڪيون هيون. هو پنهنجي گارڊ رجمينٽ سان گڏ 1943ع کان 1945ع واري مهم ۾ شامل رهيو. منهنجي وڃڻ کان پوءِ اوريل جي ويجهو هن پيا ۽ تي هوائي جهاز ڪيرايا هئا ۽ پوءِ بالتڪ ساگر جي ڪناري وارين لڙائين ۾ هن ۽ پيا ۽ هوائي جهاز ڪيرايا هئا. مختصر هي تہ هن دشمن کان پنهنجي پيرن جي ڏاڍي ڳري قيمت وصول ڪئي هئي. حڪومت کيس 'سوويت يونين جو هيرو' جو خطاب ڏنو.

اليڪسيءَ پنهنجي ذاتي زندگيءَ جي باري ۾ ۽ ٻڌايو. مون کي خوشي آهي تہ منهنجي ڪهاڻيءَ جو خاتمو ڏاڍو پُرمسرت ۽ خوشگوار ٿيو. جنگ کان پوءِ هن ان چوڪريءَ سان شادي ڪئي، جنهن سان کيس محبت هئي ۽ هاڻي کين وڪٽر نالي هڪ پٽڙو ۽ آهي. سندس ماءُ 'ڪامي شين' چڏي هينئر ساٺن گڏ رهي تي ۽ پنهنجي پوٽڙي وڪٽر سان وندري وينِي آهي.

اڄ ڪلھ اخبارن ۾ گهڻو ڪري منهنجي ڪهاڻيءَ جي هيري جو نالو پيو چپبو آهي. هن سوويت آفيسر، جنهن پنهنجي ڊرتيءَ تي حملو ڪندڙ دشمن جي خلاف جدوجهد ۾ سرفروشي ۽ بهادريءَ جو مثال قائم ڪيو، سو هاڻي امن جو مجاهد آهي. 'ٻدا پيسٽ' ۽ 'پراگ'، 'پيرس' ۽ 'لنڊن'، 'برلن' ۽ 'وارسا' پورهيت عوام کيس ڪيترا ئي پيرا

ڪانفرسن ۾ اجلاسن ۾ ڏٺو آهي. هن سوويت سپاهيءَ جو حيرت ڪندڙ داستان سندن پنهنجي وطن جون سرحدون اورانگهي پري پري تائين پکڙجي چڪو آهي ۽ سچ ته امن جو نيڪ ۽ مقدس مطالبو ان وقت سڏو دل ۾ لهي ٿو وڃي، جڏهن اهو هڪ اهڙي ماڻهوءَ جي چپن مان ڦٽي نڪري ٿو، جيڪو وڏي همت ۽ بهاديريءَ سان جنگ جي سخت آزمائشن وقت مڙس ماڻهو ٿيو ٻيٺو رهيو.

عظيم ۽ آزاديءَ جي متوالين عوام جو هيءَ سپوت اليڪسي ميريسئف امن لاءِ پڙ انهيءَ ئي لڳاءَ، ڏُن ۽ سوءَ جي انهيءَ ئي پراعتماديءَ سان وڙهي رهيو آهي، جنهن سان هو جنگ دوران دشمن سان وڙهيو هو.

سچي سوويت انسان– اليڪسي ميريسئف جي ڪهاڻيءَ جا ايندڙ باب خود زندگي لکي رهي آهي.

ماسڪو، 28 نومبر 1950ع

(ترجمو مڪمل ٿيو صبح جي 3 لڳي چاونجاهه منٽن تي، تاريخ 10 مئي 1989ع ــ پرويز)

سنڌي ساهت گهر جا چپايل ڪتاب


1.	علام- اءِ- آءِ- قاضي (ٻيو چاپو)	قاضي فيض محمد	25/=
2.	ڏکيون جان نہ مڙن (ٻيو چاپو)	ناز سنائي	75/=
3.	ڪُجان تان ڪافر	ناز سنائي	ختم ٿيل
4.	ماءُ ڪاهوڙي هليا	ناز سنائي	ختم ٿيل
5.	رڃي جي ريٽو ٽيا	ناز سنائي	ختم ٿيل
6.	هاري ڪميٽي ۽ الائي تحريڪ	قاضي فيض محمد	ختم ٿيل
7.	ڏونگر جن ڏوريا	ناز سنائي	ختم ٿيل
8.	چانڊوڪي ۽ زهر	موهن ڪلپنا	ختم ٿيل
9.	زندان جي جهروڪي مان	ڪامريڊ غلام محمد لغاري	ختم ٿيل
10.	زندگي	موهن ڪلپنا	ختم ٿيل
11	منهنجي آڪاٿي	ڪامريڊ غلام محمد لغاري	ختم ٿيل
12.	حفيظ شيخ	ناز سنائي	10/=
13.	قيد جي ڪهاڻي	ناز سنائي	20/=
14.	دادر پل جا ٻار	ڪرشن چندر/ناز سنائي	ختم ٿيل
15.	سون ورني ڏرتي	ڊاڪٽر سليمان شيخ	ختم ٿيل
16.	وشواس	موهن ڪلپنا	ختم ٿيل
17.	ايوريسٽ تي چڙهائي	عبدالقادر جوٽيجو	ختم ٿيل
18.	انٽرويو	طارق اشرف	30/=
19.	تصوف جي چير ڦاڙ (ٻيو چاپو)	نجم عباسي	50/=
20.	سندي ذات هنجن	رسول بخش پليجو	ختم ٿيل
21.	ڏئہ اڻ ڏٺل	نجم عباسي	20/=
22.	مائوءَ جي ملڪ ۾	عبدالجبار جوٽيجو	20/=
23.	مٺي سنڌ سڪار	نجم عباسي	ختم ٿيل
24.	سچ سان دوکو	ناز سنائي	15/=
25.	نوان چار درويش	ناز سنائي	25/=
26.	سوچون پُٽڪا واڪا (ٻيو چاپو)	استاد بخاري	45/=
27.	ٻہ ناول	موهن ڪلپنا	ختم ٿيل
28.	سوپ سدائين سچ جي	آزاد قاضي	20/=
29.	غلام جا ٽهڪڑا	غلام حسين رنگريز	20/=
30.	چولو منهنجو چڪَ ۾	هري دلگير	30/=
31.	سدا سرها گل	يوسف سنڌي	16/=
32.	ڪاري ڪکر هيٺ (ٻيو چاپو)	استاد بخاري	45/=
33.	بند دروازو	امرتا پريتم/ولي رام ولپ	ختم ٿيل
34.	اسين مسافر پيار جا	ادل سومرو	ختم ٿيل
35.	اوهان جي پچاڻان	رسول بخش پليجو	ختم ٿيل
36.	ساگر جي لهرن تي	حفيظ شيخ	25/=
37.	سنڌين جو اتحاد ۽ شرپسند ٽولا	آزاد قاضي	25/=
38.	ڪنوار جي سيج	خليل جبران/ م. ن. محزون	ختم ٿيل
39.	بغاوت ۽ آزادي	خليل جبران/ منصور قادر جوٽيجو	ختم ٿيل
40.	ڏرتي سرتي (ٻيو چاپو)	استاد بخاري	100/=
41.	پليجو چاهي چا ٿو چاهي؟	ابو جبران	30/=
42.	جڏهن ڏرتي جاڳي	ڪرشن چندر	25/=


43. موهن جو دڙو	علي بابا	ختم ٿيل
44. حليم شو	حليم بروهي	30/=
45. مون توکي پيار ڪيو	پوپٽي هيرا ننداڻي	ختم ٿيل
46. باهيون بيراڳين جون	تاج جويو	25/=
47. پيغامبر/ پيغامبر جو باغ (پيو چاپو)	خليل جبران/م.ن محزون	50/=
48. پياسي ڌرتي پياسي دلڙيون	ڪرشن چندر/ سندري اتمچنداڻي	30/=
49. شرم هوڻي	گوبند مالهي	30/=
50. زندگي زندگي	أستاد بخاري	75/=
51. زوال	البرٽ ڪامبو/ قاضي خادم	30/=
52. مان ڏوهي هان	عزيز پنگوار	50/=
53. تاريخ جا وساريل ورق	سوپو گيانچنداڻي	45/=
54. ڪنڈيءَ اڪ ڏلاريا	تاجل بيوس	60/=
55. ادبءِ روايتون	قاضي خادم	60/=
56. مجتا جي رڄ ۾	آسي زميني	60/=
57. قوم چوي ٿي هول	تاج جويو	20/=
58. منهنجي حياتيءَ جا سونا روپا ورق	پوپٽي هيراننداڻي	60/=
59. پرنس	ميڪاولي/ م.ن. محزون	40/=
60. پڳل ڪنيڙاتيون (پيو چاپو)	خليل جبران/ م.ن. محزون	40/=
61. اڻ ڄاڻ	قاضي فيض محمد	40/=
62. مرشد جو نينهن ۽ نياپو	خليل جبران/م.ن. محزون	30/=
63. ابابيل جي آخري اڏام	رسول ميمڻ	40/=
64. جستجو لا تقنطو	استاد بخاري	ختم ٿيل
65. ڏڪ سکن جي سونهن	گل ڪونڈر	ختم ٿيل
66. ڏکي انسان	وکٽر هيوگو/ موٽو مل منگهارام	25/=
67. ساپيائن کان رڻل سپنا	الطاف ملڪاڻي	30/=
68. اوتون جوتون (پيو چاپو)	استاد بخاري	125/=
69. لڙڪ ۽ مُرڪ	خليل جبران/م.ن. محزون	ختم ٿيل
70. گيت اسانجا جيت اسانجي (پيو چاپو)	استاد بخاري	100/=
71. هوهيي جون تحريرون-1	مرتب: ناز سنائي	75/=
72. تاريخ ڪالهائي ٿي	سوپو گيانچنداڻي	45/=
73. زندگي ڪيئن گذارجي؟	ڊيل ڪارنيگي/غلام محمد شاهواڻي	60/=
74. اکين ۾ ٿي ويهه	مقبول مارو	35/=
75. الا ڏاهي م ٿيان	عثمان علي انصاري	35/=
76. لهر لهر دريا	استاد بخاري	45/=
77. هرڻ هنيلا ٻينا سوچن	رسول بخش پليجو	45/=
78. سنڌي ڪهاڻيءَ جي اوسر	جڳديش لچاڻي	50/=
79. ٿي عظيم شاعر	هولا رام هنس	70/=
80. تلسين جي سرهاڻ	تاج جويو	75/=
81. انڌا اونڌا ويچ	رسول بخش پليجو	40/=
82. زميني ديوتا	خليل جبران/م.ن. محزون	30/=
83. پهاڙن ۾ پڪار	خليل جبران/نجم عباسي	35/=
84. اڳواڻ	خليل جبران/م.ن. محزون	30/=


.85	بلنديون	نجم عباسي	40/=
.86	سڏن مٿي سڏڙا	علي احمد بروهي	70/=
.87	پيار کهاڻي	نجم عباسي	100/=
.88	هڪ اداس چوکري	امرتا پريتم/ عرفان مهدي	40/=
.89	تلاش	نجم عباسي	60/=
.90	ماستريائي	نجم عباسي	40/=
.91	تارچر سيل جي شاعري	اديب انقلابي	100/=
.92	ڪڪ پن	علي احمد بروهي	45/=
.93	مجنون	خليل جبران/م.ن. محزون	30/=
.94	زندگيءَ جو جلوس	خليل جبران/م.ن. محزون	30/=
95	يادن جي ويڑ	غلام رسول ڪلهوڙو	40/=
.96	انسان ۽ شيطان	خليل جبران/م.ن. محزون	40/=
.97	نيٺ سفر ۾	سعيد ميمڻ	80/=
.98	ڪن پل جو چانورو	ممتاز بخاري	40/=
.99	ڪبير - ميران	مرتب؛ ناز سنائي	80/=
.100	مان پڑاڏو سڏ جو	ناز سنائي	100/=
.101	پياسي ساڃيان جل ٽل خواب	رخسانہ پريت چنڙ	100/=
.102	تو پُڃاڻان سُپرين	ناز سنائي	100/=
.103	آخري پنا	هري موٽواڻي سنڌي	100/=
.104	ڪوڪڙ يا ڪلياڻ	استاد بخاري	150/=
.105	موهن ڪلپنا جون تحريرون 1-	مرتب؛ ناز سنائي	100/=
.106	هڙئي هيج وطن جا	استاد بخاري	100/=
.107	شيخ اياز- هڪ شاعر، هڪ عاشق	مرتب : ناز سنائي	100/=
.108	مسڪين جهان خان کوسو	محمد بخش مجنون بلوچ	80/=
.109	عاشق زهر پياڪ	رشيد پٽي	40/=
.110	ٻيو چنڊ ٻہ ٻُڌي ويو	ممتاز بخاري	50/=
.111	سنڌي نثر جي تاريخ	غلام علي الانا	150/=
.112	منهنجو سفر	قاضي فيض محمد	250/=
.113	سرد هوائون	فاروق سولنگي	80/=
.114	محبوبہ ڏي خط	خليل جبران / راحيلہ ناز	50/=
.115	ٽي چٽنگ ڪري چمڪات اجان	ناز سنائي	50/=
.116	بخاريءَ جا قطعا	استاد بخاري	100/=
.117	همسفر / شرابي نگاهون	امرتا پريتم	50/=
.118	مشرق جو درويش - گوتم ٻُڌ	محمد حفيظ سيد / منير سولنگي	50/=
.119	گانڊي	لوئي فشر / نجم عباسي	60/=
.120	سڌارٿ	هرمن هيس/منير سولنگي	60/=
.121	پونءِ مان نڪتل ماڻهو	ظفر	50/=
.121	مجاز کان حقيقت تائين	گرو رجنيش/ منير سولنگي	100/-
.123	زندگيءَ جو سفر	ديل ڪارنيگي/ راحيلا ناز	80/-
124	زندگي هڪ ناچ، هڪ نغمو	گرو رجنيش/منير سولنگي	60/-
125	قرآن ۽ سنڌي ورجيسون	نياز سرڪي	100/-


ڪمپائيلر لائبريري


سنڌي ساهت گهر - پوسٽ باڪس نمبر 58 جنرل پوسٽ آفيس حيدرآباد سنڌ.
































سنڌ لوڪ ادبي سوسائٽي
حيدرآباد سنڌ
Rs:00/=